مُنظومِ مُحمّدي

ڪلام

حضرت مُحمّد فقير گھوٽو

مُرتب: ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

"اسان ساڳي سِر سُلطان آهيون،
پڙهي آيت اَلْاِنْسَانَ آهيون"

مَنظُومِ مُحمّدي

ڪلام

حضرت مُحمّد فقير گهوٽو

درگاهہ ڳوٺ حُسين پيلي شريف
تعلقوءِ ضلعو گهوٽڪي، سنڌ

مُرتب:

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: **منظوم محمدي**

[ڪلام حضرت مُحمّد فقير گهوٽو]

درگاهه ڳوٺ حُسين ہيلي شريف ضلعو گهوٽڪي

مرتب: ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر 03332853386

ڇپائيندڙ: مولوي عبدالغني گهوٽو

ايڊيشن: پهريون

تعداد: 500

سال: 2016ع

ڇپيندڙ:

ڪمپوزنگ: سخاوت علي جتوئي 03003067747

ٽائيٽل: اسد الله پنهور

هديه: 700 روپيا

ملڻ جو رابطو:

درگاهه مُحمّد فقير گهوٽو ڳوٺ حسين ہيلي شريف،

تعلقو ضلعو گهوٽڪي، سنڌ

مهتمم: سائين صادق علي عرف اقبال فقير گهوٽو

موبائل نمبر: 03363441083

حضرت مُحمّد فقیر گھوٹو رحمۃ اللہ علیہ

سٽاءُ

سيريل	عنوان	صفحو	سيريل	عنوان	صفحو
1	ڇپائيندڙ پاران	04	28	بيدار ٿي - هوشيار ٿي	226
2	مهاڳ	08	29	پاڻُ سُڃاڻُ	242
3	سوانح حيات	11	30	اسرارِ خودي (پاڻُ سُڃاڻُم)	275
4	حصو پهريون ڪلام :	19	31	سيني منجهه سُروپ (ديهيءَ ۾ درشن)	301
5	شانِ مصطفيٰ ﷺ	21	32	هَمہ اُوست (وحدت الوجود)	331
6	شانِ علي (عليه السلام)	46	33	بحرِ توحيد	406
7	شانِ دستگير (رحمة الله عليه)	47	34	ديدون - نيڻ - اکيون	411
8	ڏمال قلندر	49	35	حُسن حقيقي - جمالِ يار	433
9	شانِ مرشد	50	36	عشق الاهِي - بره بهادر	457
10	سَسُئِي پُنهون	71	37	عاشق حقيقي - صوفي سرمست	574
11	عمر مارئي	93	38	سَوزِ عشق	629
12	هير رانجهو	112	39	جامِ عشق	712
13	سهڻي ميهار	126	40	مامِ منصوري	722
14	مومل راڻو	129	41	فَنائي هَستِي وَ نفس	764
15	ڪاپائتِي	132	42	بَقائي هَستِي	778
16	ڪيڏارو	135	43	دنيا دورنگي	782
17	سورَٺِ	136	44	مُلان قاضي	786
18	سارَنگ	137	45	حُورَن جا هيراڪ	791
19	رامَڪَلِي	138	46	عاجزي	792
20	رَمز رازُ رِندِي	160	47	محبوب آيا	797
21	راهَ رِندِي	178	48	بِرهَ بَهارِي	798
22	مَعرفت مَنزلون	190	49	هندي ڪلام	800
23	مقامِ دل	192	50	ڪلامِ اردو	803
24	حالِ دل	194	51	ڪلامِ فارسي	817
25	رُوحانِي رازُ	196	52	مدح شريف (غوثِ اعظم)	828
26	پَرم پَروازُ (اُچي اُڏام)	206	53	معنائون مدح شريف	836
27	عهدِ اَلست	214	-	-	-

ڇپائيندڙ پاران:

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْم

سچ لهي سانجهي ٿي، پکي ويا پيهي،
پرين پرڏيهي، حال ڳرهيان ڪنهن سين.

حضرت سائين صوفي محمد فقير گهوٽو رحہ جن منهنجي والد حاجي عبدالرحمان گهوٽو رحہ جا سڳا ڀاڻيجا هئا ۽ مٿئين حسب نسب ۾ پيڙهي ڏاڏنگ سان بہ ملي ٿي.

فقير سائين رحہ جن ديني تعليم لاءِ شڪارپور ضلعي جي مدرسي ”قُبو جامِي شريف“ پڙهڻ ويا تہ اُتي سندن استاد ۽ صدرِ مُدرس مولانا نظر محمد اِنڍڙ رحہ (ڀُنگ شريف وارا) هئا جيڪي پاڻ صاحب ڪرامت هئا ۽ سندن ڪيئي ڪرامات مشهور آهن.

فقير سائين جن عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪرڻ بعد پنهنجي ڳوٺ حسين ٻيلي جي جامع مسجد (مياڻڻَن واري مسجد) ۾ ڏهن سالن تائين قرآن شريف جي تعليم ڏيندا رهيا ۽ پيش امام بہ رهيا. ان دوران پنجاب کان آيل هڪ صوفي بزرگ جي صحبت نصيب ٿين ۽ باطني علم حاصل ڪرڻ لاءِ ان وقت جي وليءَ حضرت ميان شمس الدين اِنڍڙرحہ جن سان بيعت فرمائي ۽ ڪافي سال سندن صحبت ۾ رهي روحاني فيض حاصل ڪيائون. ”صلواة تُنجِينا“ جو ورد ۽ مراقبي ۾ ذڪر قلبي ڪندا رهيا. پوءِ مرشد ميان صاحب رحہ جن فرماين تہ پراڻي سکر ۾ خيرالدين شاہ جيلاني رحہ (جيئي شاہ بادشاہ) جي درگاہ تي وڃو توهان جو فيض اتي رکيل آهي. فقير سائين جن جيئي شاہ رحہ جي درگاہ تي ڪيترائي سال رياضت ۽ ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهيا ۽ باطني فيض ماڻيا. پوءِ روحاني طرح امر ٿين تہ هاڻي پنهنجي ڳوٺ ۾ وڃي آستانو قائم ڪريو ۽ خلقِ خدا کي فيض ڏيو. فقير سائين رحہ جن مرشد جي امر مطابق ڳوٺ آيا ۽ اچي فقيراڻو آستانو قائم ڪيائون جيڪو اڄ بہ قائم آهي ۽ مرڪزِ فيوض وَ برڪت آهي. مرشد سان ڪيل وعدي مطابق رياضت ڪندا رهيا ۽ سندن فيض جي بدولت ڪيترائي رهزن رهبر بڻجي ويا. فقير سائين جن جا سوين عقيدتمند ۽ ڪئين طالب ٿيا. طالبن جا نالا ۽ ذڪر اڳتي تفصيل سان آيل آهي. فقير سائين رحہ جن جي ڪلام ۽ رسالي بابت لکڻ کان اڳ هتي سائين رحہ جون چند ملفوظات ۽ ڳالهيون پيش ڪجن ٿيون.

(1) پاڻ سائين جن جڏهن مدرسي ۾ پڙهندا هئا تہ صرف استاد کان سبق وٺي ڪتاب ٽپي رکندا هئا. مدرسي جي ٻين طالبن استاد سان شڪايت ڪئي تہ سائين هي شاگرد سبق ۽ ڪتابن جو مطالعو نہ

ٿو ڪري پوءِ بہ هن جو سبق پڪو هوندو آهي. استاد صاحب انهن کي چيو تہ هن شاگرد جي توهان کي خبر نہ آهي تہ هي ڪير آهي تنهن ڪري ان کي پنهنجي حال تي ڇڏيو ۽ ان سان رِيس نہ ڪريو ۽ پنهنجو سبق ياد ڪريو.

(2) سائين جن پاڻ هر وقت باوضو رهندا هئا. "صلواة تُنجِينا" جو گهڻو ورد ڪندا هئا ۽ مرشد جو ڏسيل مخفي ذڪر اذڪار ۽ مراقبو رات جو تهجد مهل ڪثرت سان ڪندا هئا. هر وقت صبر ۾ رهندا هئا ۽ طالبن کي بہ صبر جي تلقين ڪندا هئا.

(3) سائين رحہ جن دعا ڏاڍو ۽ شِفا لاءِ تعويذ بہ ڏيندا هئا. هڪ دفعي هڪ ماڻهو پنهنجي پٽ کي دعا لاءِ وٺي آيو جنهن کي دمي جو عارضو هو. سائين جن ان ننڍڙي جي مٿي تي هٿ رکي صلواة پڙهي دم ڪيو تہ ان مهل ئي ان کي دمہ ڇڏي ويو ۽ شفا ٿي ويئي.

(4) فقير سائين جن کان هڪ طالب پڇيو تہ سائين توهان وٽ پري پري کان ماڻهو اچن ٿا ۽ طالب ٿين ٿا پر هتان جا ويجها ماڻهو گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پري وارا فيضياب ٿين ٿا ۽ ويجهي وارا فيض کان محروم آهن. پاڻ فرمايائون تہ درياهہ هميشہ ڏورانهن علائقن کي سرسبز ڪندو آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ غيرآباد علائقو هوندو آهي. جيئن لطيف رحہ فرمايو آهي تہ :

"پاڻيءَ مٿي جُهوپڙا، مورک اُڃ مرن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مُنَن جيئن."

(5) فقير سائين جن وٽ جيڪي بہ بيعت ڪرڻ لاءِ خدمت سڳوريءَ ۾ ايندا هئا تہ انهن طالبن کي تلقين ڪندا هئا تہ "اوهان اڄ پنهنجي دوست رَبَ سائينءَ کي پرچائڻ جو وچن ۽ وعدو ڪيو آهي تہ ان کي نہ رُسائيندَو ۽ ان جي مخلوق کي نہ رنجائيندَو. رياضت ۽ خدمت بہ ڪندَو، پنهنجي نفس کي مارينَدو باقي صلواة تُنجِينا شريف جو ورد ۽ ڏسيل ذڪر اذڪار جي بہ پابندي ڪندَو."

(6) هڪ دفعي پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ جمعي ڏينهن جماعت سڳوري نماز لاءِ گڏ ٿي ويئي پر پيش امام صاحب ڪو نہ هئو. ڳوٺ جي هڪ معزز شخصيت منهنجي نانا سائين سردار صاحبڏنو خان جن نماز پڙهائڻ لاءِ فقير سائين ڏانهن پنهنجو ماڻهو موڪليو، فقير سائين جن هر وقت باوضو رهندا هئا تنهن هوندي بہ نئون وضو ساري مسجد شريف ۾ اچي نماز پڙهائي ۽ دعا گهري هليا ويا. بعد ۾ جماعت وارا پاڻ ۾ تبصرا ڪَرِن پيا تہ اسان زندگيءَ ۾ اڄ صحيح نماز پڙهي آهي جنهن سان دل کي راحت ۽ سُرور مليو آهي.

(7) اسان جڏهن ننڍا هوندا هئاسون ته فقير سائين جن جي آستاني تان گل پٽڻ ويندا هئاسون ته اتي مالهي شير فقير درگاهي اسان کي روڪيندو هو. اهو ڏسي فقير سائين ان کي منع ڪئي ته هي ٻار گل مثل آهن. گل گلن ڏانهن ايندا رهندا آهن تنهن ڪري هنن کي منع نه ڪندا ڪريو ڀلي گل پٽي وڃن.

(8) فقير سائين اسان جي والد صاحب حاجي عبدالرحمان رحه جن جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا ۽ پاڻ سان گڏ کٽ تي ويهاريندا هئا ۽ فقراءَ کي فرمائيندا هئا ته هيءُ منهنجو مامو آهي ۽ وڏو آهي توهان به هن جي عزت احترام ڪندا ڪريو.

(9) هڪ دفعي فقير سائين جن پنهنجي فقراءَ سميت جهوڪ شريف جي درگاه تان واپسيءَ تي صوفي مُحمد فقير ڪتياڻ جي درگاه تان ٿيندا هالن ۾ درگاه مخدوم نوح رحه جي حاضري ڀرڻ آيا. اُتي خليفن کي چيائون ته مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ کي ٻڌايو ته محمد فقير گهوٽو جن توهان سان ملڻ آيا آهن ۽ ملڻ جي اجازت چاهين ٿا. مخدوم صاحب فقير سائين جن جو نالو ٻڌي بنگلي کان ٻاهر نڪري آيا ۽ فقير صاحب سان ڀاڪر پائي مليا ۽ هٿ چميا ۽ فرمايائون ته "ابا منهنجي اڱڻ تي اڄ مرشد هادي آيا آهن". (هي شعر به چيائون ته: آيا اڱڻ عجيب نصيب ڀلا. اهو اڱڻ چُمان يا عجيب چمان) اِهو چئي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويا ۽ فقير سائين کي پاڻ سان گڏ ويهاريائون. ڪافي وقت پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪيائون ۽ فقير سائين جي فقراءَ کان مُحمّد سائين جن جا ڪلام ٻڌائون. ڏاڍا متاثر ۽ خوش ٿيا. سائين جن کي فقراءَ سميت ننگر ڪرايائون. موڪلائڻ وقت پاڻ ٻاهر اچي فقير سائين جن کي رخصت ڪيائون. مخدوم صاحب پنهنجي ڪتاب "يادِ رفتگان" ۾ به مُحمّد سائين جن جو ڪلام شامل ڪيو آهي.

فقير سائين جن کي نرينه اولاد مان صرف هڪ فرزند (عبدالحق) پيدا ٿيو جيڪو ڏهن مهينن جي عمر ۾ وصال ڪري ويو. فقير سائين جن جي وصال بعد سندن ڀاڻيجي ۽ منهنجي ڀائٽيي سائينڏنو فقير کي فقراءَ ڀاران دستاربندي ڪئي ويئي. انهن جي وصال بعد سندن وڏي فرزند صادق علي عرف اقبال سائين کي فقراءَ گادي نشين ڪيو آهي. مُحمّد سائين جن 5 آگسٽ 1959 بمطابق 21 صفر 1379 هه وصال فرمايو. سندن ساليانو عرس مبارڪ 21، 22 ۽ 23 صفر تي ملهايو ويندو آهي جنهن ۾ ڀري ڀري جا عقيدتمند فقراءَ ۽ طالب شريڪ ٿيندا آهن. ميلي ۾ صوفيانه ڪچهريون ۽ راڳ ويراڳ به ٿيندو آهي. مزار شريف تي طالبن ۽ عقيدتمندن روضو به ٺهرايو آهي.

ڪلام ۽ رسالو: فقير سائين رحه جن جي صوفيانه ڪلام ۾ درسِ توحيد به آهي ته شانِ رسالت، شانِ اهلبيت، شانِ صحابه ڪرام به آهي. سمجهائڻ لاءِ مثال ۽ تشبيهون به آهن ته عربيءَ ۽ فارسيءَ جا قول به آهن. بقولِ شيخ سعدي رحه:

"بـــرگِ درخـتان سبز در نظر هوشيار،
هر ورق دفتري ست معرفتِ کردگار."

حديث پاڪ ۾ ارشاد مبارڪ آهي تہ: "خَيْرُ النَّاس مَنْ يَنفَعُ النَّاس" معنيٰ: "ڀلي ۾ ڀلو ماڻهو اهو آهي جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي" انهن مڙني ڳالهين کي نظر ۾ رکندي ۽ پنهنجائپ جي حق کي ادا ڪندي فقير سائين رحہ جي پوري ڪلام کي ڇپرائڻ جو خيال بار بار ايندو رهيو پر حال محال هجڻ ڪري انهيءَ سعادت کي پهچي ڪونہ سگهيو. (اين سعادت بزورِ بازُو نيست) فقير سائين جي ڪلامن جو رسالو اڳ ۾ لٿو (Litho) پريس مان ڇپيل هو پر اهو بہ نامڪمل هو ۽ هن وقت اڻلڀ بہ ٿي ويو آهي. هن وقت ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر رسالي کي نئين سر ترتيب ڏنو آهي ۽ ان ۾ ڪلام، مدح شريف، بيت، دوهيڙا، سہ حرفيون ۽ ڏکين لفظن جون معنائون شامل ڪري مڪمل ڪيو آهي. فقير سائين جن وڏي پائي جا صوفي شاعر ۽ درويش هئا، هن رسالي جو جيڪو بہ دل جي اونهائيءَ ۽ صدق سان بغور مطالعو ڪندو تہ انشاءَ الله ضرور فيضياب ٿيندو. هاڻي رَب پاڪ جي ڪرم سان رسالي ڇپرائڻ جي استطاعت ملي آهي، جنهن بہ ساٿيءَ فقير سائين جن جي رسالي ڇپرائڻ جي ڪارِخير ۾ حصو ورتو آهي اسان جي دلي دعا آهي تہ رَبُّ سائين انهن کي اَجرِ دارين عطا فرمائي. آمين ثم آمين.

يار زنده صحبت باقي.

خادم الفقراءِ

مولوي عبد الغني گهوٽو

ڳوٺ حسين ٻيلي، ضلعو گهوٽڪي

2015-12-5ع

مُهاڳُ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلسلام عليڪم! حق موجود.

معزز قارئين ۽ فقراءَ ڪرام جي خدمت ۾ حضرت مُحمّد فقير گهوٽي رحمة الله عليه جو ڪلام پيش ڪري رهيو آهيان اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو اهڙي عظيمُ المَرتبت هستيءَ جو ڪلام سهيڙڻ ۽ مرتب ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي. منهنجي اها به خوش بختي آهي جو روبرو سندن ديدار نصيب ٿيو ۽ منهنجي مٿي تي پنهنجو دستِ مبارڪ به رکيائون. حضرت محمّد سائينّ جن اسان جي هادي پاڪ بابا مُحبَ عليٰ سائين جن جا پيرِ مغان ۽ مرشد آهن. اهڙي طرح اسان به هن در جا خادم آهيون. پاڻ سڳورا بي بَها صوفي ۽ عظيم توحيدي شاعر آهن. ظاهري علم سان گڏ لدني علم جا به مُخزن هئا. سندن زندگيءَ جو احوال سندن خود نوشته سوانح حيات ۽ بابا محبّ سائينءَ جي سارُوٽين ۾ تفصيل سان ڏنل آهي جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل آهن تنهنڪري آئون هتي فقط سائين جن جي ڪلام ۽ ڪتاب جي ترتيب بابت ڪجهه عرض ڪندس. سائين جن جو ڪلام ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪ حصي ۾ ڪافيون، ڪلام ۽ غزل آهن ۽ ٻئي حصي ۾ بيت، دوهيڙا، ٽيهه اکريون ۽ هفتي وار بيت وغيره آهن. پهريون ڪافين وارو حصو پراڻي زماني ۾ قاسم فقير ڀُٽي سکر واري لِٿو (Litho) پريس مان ڇپرايو هو جيڪو هن وقت ناياب ٿي چڪو آهي ۽ ان ۾ لکڻيءَ جون به ڪافي غلطيون آهن. ٻيو بيتن وارو حصو قلمي صورت ۾ آهي جيڪو پڻ زبون ٿي چڪو آهي. بيتن واري حصي کي مون 1997ع ۾ نئين سر لکي مرتب ڪيو هو پر اُهو به ڇپجي نه سگهيو هو. ٻيو ته سائين جن جي وسيع علم جي ڪري ڪلام ۾ ڪيترائي ڏکيا لفظ، آيتون، احاديث به شامل آهن جن جي معنيٰ مفهوم سمجهڻ به ضروري آهي، تنهنڪري مون ڪافين واري رسالي کي نئين سر لکيو آهي ۽ ڏکين لفظن جي مٿان نمبر لڳائي هيٺ حاشيه ۾ انهن جون معنائون به لکيون آهن. سائين جن جي ٻوليءَ جو لهجو ماٿيلي، اوڀاوڙي ۽ گهوٽڪيءَ واري علائقي جو آهي اُن جي به اڪثر لفظن جي معنيٰ عام رواجي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي اٿم. بيتن واري حصي "ابياتِ مُحَمَّدي" جون معنائون ڪنهن ٽيڪنيڪي (Technical) مجبوريءَ سبب حاشيه ۾ نه لکي سگهيس تنهنڪري اُن حصي جون معنائون رسالي جي آخر ۾ "لُغات اَبياتِ محمّدي" جي عنوان هيٺ الف-ب وار ترتيب ڏنيون آهن. بيتن واري حصي ۾ آيل آيتون ۽ احاديث به الڳ معنيٰ سان لکيون آهن. هاڻي ڪافين، ڪلامن ۽ ابيات وارا ٻئي حصا يڪجا ڪري ڇپايون ٿا. رسالي جو اصلي نالو

"منظوم مُحمّدي" برقرار رکيو آهي. ٻيو تہ سائين جن جون ڪافيون توڙي اَبيات ڪي موضوع جي لحاظ سان مختلف داستانن ۾ مرتب ڪيو آهي. سائين جن جون تقريباً اَٺ سؤ ڪافيون آهن ۽ هر هڪ ڪافيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ موضوع سمايل آهن، تنهنڪري مون لاءِ هي مرحلو ڏاڍو مشڪل هو. بهرحال مون پنهنجي سمجهہ مطابق ڪافين کي زياده موزون ترين عنوان هيٺ سهيڙيو آهي. اُنهيءَ هوندي بہ موضوع ۽ داستان جي چونڊ ۾ ڪا غلطي محسوس ٿئي تہ پڙهندڙ هن ناچيز کي معاف ڪري ڇڏيندا. حضرت مُحمّد سائين جن راڳڻين ۽ گائڪيءَ جي سُرن جا بہ ماهر هئا. پاڻ سڳورن هر ڪافيءَ جي مٿان راڳڻي سُر جو نالو بہ لکيو آهي، تنهنڪري مون بہ هر ڪافي جي مٿان اُن سُر جو نالو برقرار رکيو آهي تہ جيئن فقراءَ کي ڳائڻ ۾ آساني ٿئي. سائين جن جو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي ۽ ڪجهہ فارسيءَ ۾ آهي، فارسي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ مون اُنهن جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو بہ ڪيو آهي. اُن ۾ ڪا غلطي محسوس ٿئي تہ معاف ڪندا.

سائين جن پنهنجي ڪلام ۾ عهدِ الست کان وٺي وصال حق تائين جو بهُترين نقشو چٽيو آهي. پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين، فنائي نفس وَ هستي، منصوري مقام، حق کي همہ اُوست ڪري ڄاڻڻ، پنهنجي خوديءَ کي بلند ڪري اَناالحق جو نعرو هڻڻ، رندي راهہ رمز تي هلڻ، دل جو مقام سڃاڻڻ، معرفت منزلون ماڻڻ، روحاني راز کي ڄاڻڻ، شانِ مصطفيٰ ﷺ ۽ شانِ مرشد سڃاڻڻ ۽ فنائي هستيءَ کان پوءِ دائمي بقا حاصل ڪرڻ ۽ ان کان علاوه بہ ڪئين رنگ آهن جيڪي ڪلام پڙهڻ سان معلوم ٿيندا، سَمُنڊ کي ڪُوزي ۾ بند ڪرڻ مشڪل آهي، سائين جن جي ڪلام ۾ پراڻي ٺيٺ سنڌي، سرائيڪي، عربي، فارسي، اردو، سنسڪرت، هندي ۽ ماٿيلي اوڀاوڙي جي ٻولي شامل آهي، معنائن مرتب ڪرڻ ۾ هيٺين ڪتابن مان مدد ورتي:

(1) قرآن شريف با معنيٰ
(2) لُغات القرآن - مصنف: غلام اصغر ونذير رحہ - مولوي صَبغتہ اللّٰه پنّور رحہ
(3) جامع سنڌي لغات (جلد 3): ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب
(4) سنڌيڪا لُغت (هڪ جلدي): عبدالستار بلوچ
(5) اردو لُغات: اَظهر اللغات (جديد) - جواهر للغات - فيروز اللغات - آدم اللغات
(6) هندي - انگلش ڊڪشنري: Prof. R.C Pathak
(7) آموزگارِ فارسي - مصنف: حضور احمد سليم
(8) مثنوي مولانا رومي بامعنيٰ.

اُن کان علاوه سپ کان وڏي مدد هادي پاڪ بابا مُحبَ سائين جن جون ڀاروٽڻ کان وٺي تعليمات جن ۾ تصوف، سنڌي، هندي، اردو، فارسي، ۽ عربي شامل آهن، تن ڏني. گهوٽڪيءَ وارن سان صحبت جي ڪري اُتي جو لهجو ۽ ٻولي سمجهڻ ۾ مدد ملي. حضرت مُحمّد سائين جن جي روحاني رهنمائي بہ شامل حال رهي نہ تہ ايڏو وڏو ڪم منهنجي وس جو نہ هئو. فقير اعجاز علي ٽالپر، فقير ولي محمّد ٽالپر ۽ صادق علي (اقبال) سائين جن جي علمي مشاورت ۽ رهنمائيءَ جو بہ مشڪور آهيان. فقير جان محمّد گهوٽو سائين ۽ لال ڏنو خان گهوٽو جن جو بہ ممنون آهيان جن هن ڪم لاءِ گهڻو همٿايو. اُهي فقير بہ جَس لهڻن جن ابتدائي طور سائين جن جو ڪلام سهيڙيو ۽ قلمي نسخا لکيا. اُنهن ۾ مولوي غلام رسول گهوٽو (جنهن ڪافين وارو رسالو لِٿو Litho ڇپائيءَ لاءِ لکيو)، مِينُهون خان ڪانسٽيبل سکر وارو ۽ استاد محمد عيسيٰ سومرو قابلِ ذڪر آهن. (جن بيتن وارو حصو لکيو). آئون "سنڌي لئنگئيج اٿارٽي" جي ٻن دوستن جو بہ ٿورائتو آهيان جن هن ڪم ۾ ڀرپور مدد ڪئي، هڪ جناب سخاوت علي جتوئي جنهن سهڻي ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ڪئي ۽ ٻيو محترم خان محمد جروار جنهن ٽيڪنيڪل مشاورت ڏني.

صد آفرين آهي محترم مولوي عبدالغني گهوٽو صاحب کي جن هن نيڪ ڪم لاءِ مڪمل مالي مدد ڪئي آهي ۽ ڇپائيءَ جا سمورا اخراجات خلوصِ دل سان ادا ڪيا آهن. رب پاڪ کين اجرِ عظيم عطا فرمائي. آمين. (مولوي صاحب جن ديندار، فقير طبع ۽ شريف النفس انسان آهن، پاڻ مُحمّد سائين جن جا سڳا ماروٽ بہ آهن). آئون مولوي صاحب جي فرزند جاويد حسين جو بہ مشڪور آهيان جنهن هن ڪم ۾ خصوصي دلچسپي ورتي آهي ۽ هر قدم تي مدد ۽ تعاون ڪيو آهي.

شال مُحمّد سائين جن جي حضور ۾ مون ناچيز جي هيءَ ڪاوش قبول پوي. آمين

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر
حيدرآباد

25 آگسٽ 2013ع
(17 شوال 1434 هه)

"سوانح حيات"

[محمّد سائين جي خود نوشته داستانِ حيات مان اقتباس]

اسان جا وڏا ڪيچ مڪران کان سنڌ ۾ آيا، زمين جون ڍهُون خريد ڪري اچي ويٺا. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ "ٻاڙهي پٽ" ڪري چئبي آهي ۽ اُتي "گهوٽي جي واهِي" اچا تائين مشهور آهي، وري اُهي زمينون وڪڻي ڪيچ مڪران موٽي ويا. اهڙي طرح ٻه ٽي ڀيرا آيا ويا، پوءِ اچي جاءِ ڪيائون ۽ هي ڳوٺ ٻڌائون جيڪو اسان جي وڏي "حُسين خان" جي نالي سان "حُسين ٻيلي" سڏجڻ لڳو ۽ اچا تائين قائم آهي. هي ڳوٺ سن 700 هجري جو ٻڌل آهي، گهوٽڪيءَ جو شهر به اسان جي وڏن جو ٻڌل آهي، حسين خان جي اولاد مان شهاب الدين فقير پيدا ٿيو، جيڪو عالم فاضل حافظ اهل الله ٿي گذريو آهي. شهاب الدين فقير صاحبِ ڪرامات به هيو.

هڪ تاريخي واقعو: اُن وقت هن ملڪ جا ماڻهو بادشاهي قانون تحت دهليءَ ڏي پريندا هئا، عادلپور جي ڏاريجن جو وڏو "ڄامُ ڄَهلُو" دهلي ڏي پرڻ ويو ته هُن جي ڏي ڪُتي پئي ۽ هن کي نظربند رکيائون. تمام مجبور ٿيو ۽ خيال ڪيائين ته ڪنهن اَهل الله فقير کي ڏسجي نه ته بچاءُ ڪونهي. تلاش ڪيائين ته هڪ فقير ڏسڻ ۾ آيس. هڪدم وڃي قدمن تي ڪِريو ۽ اسم الله جو وڏائين ته مون کي هن مصيبت کان ڇڏاءِ. فقير کي رحم پيو، ڄام ڄَهلُو کي چيائين هن شرط سان فقير توکي ڇڏائيندو ته تون مون کي نياڻيءَ جو سَڱ ڏيندين- ڄام ڄهلُو اهو شرط قبول ڪيو. پوءِ فقير صاحب بادشاه کان معافي وٺي ڏنس ۽ چيائينس ته هاڻي تون پلي پنهنجي ملڪ وڃ، مان پاڻهي توکي ڳولي لهندس. منهنجو نالو "مبارڪ شاه جيلاني" آهي ۽ بغداد شريف کان آيل آهيان. ڄام ڄَهلُو ڳوٺ موٽي آيو، سال يا ٻه سال گذريا ته فقير صاحب اچي نڪتو ۽ سڱ جي گهُرَ ڪيائين، ڄام ڄَهلُو ۽ ان جي مائٽن انڪار ڪيو، چيائون ته اسان سردار ماڻهو ۽ هي گداگر فقير آ. آخر جواب ڏنائونس. فقير صاحب جوش ۾ اچي ويا. ڪوٽ تي چڙهي ڪاريهرَ نانگ هٿ ۾ ڪري، ڪوٽ کي اَمرُ ڪيائون ته "هَلُ مديني شريف" ته ڪوٽ هَلڻ لڳو. اٽڪل ميل پنڌ ڪيائين ته ڏاريجن آزي ڪئي ۽ معافي ورتائون ۽ ان وقت سڱ ڏنائون. مبارڪ شاه صاحب ڪلام ڪيو ته "منهنجي اولاد مان جيڪو ڏاريجا قوم مان شادي ڪندو سو ايئن سمجهي ته ڏاڏي پوٽيءَ سان شادي ڪيائين".

مبارڪ شاه بغدادي وري ڪنهن وقت پنهنجي شوق سان شهاب الدين فقير گهوٽي کي فرمايو ته "مون کي پنهنجي نياڻيءَ جو سَڱ ڏي" فقير صاحب فرمايو ته "لِڪَ ڇُپَ" راند ڪيون. اول تون لِڪُ جي مان لهي ويس ته سڱ نه ڏيندس ۽ نه لڌم ته سَڱ ڏيندس ۽ وري مان لڪان توجي تو لڌو ته سڱ ڏيندس ۽ جي نه لڌو ته سڱ سگهيس. اول مبارڪ شاه لڪو ته فقير صاحب لهي ويس ۽ وري فقير صاحب لڪو ته مبارڪ شاه نه لهي سگهيس. ان وقت فقير صاحب ڪَئُنري جي ٿُنَ مان نڪري آيو جيڪو ٻنهي جي وچ تي رکيل هو. مبارڪ شاه سائين فرمايو ته مان ڪلام ٿو ڪريان ته: "قوم گهوٽي جي ڄائي قيامت تائين سيّد جي ڪوٽ ۾

شاديءَ جي رستي نہ ايندي" (سائين مبارڪ شاھ جيلاني جو روضو مبارڪ عادلپور شهر جي ويجهو اُتر طرف آهي) وڏي شهاب الدين فقير جي مزار شريف رحمو واري پرسان اوير پاسي "خاڪي شاھ" مقام ۾ آهي.

وري هيو "شهاب الدين فقير" وڏي شهاب الدين فقير جو پوٽو بہ وڏي رمز وارو فقير ٿي گذريو آهي ۽ وري ان جو پوٽو "عبدالحليم فقير" بہ صاحبِ امانت ٿي گذريو آهي. هو ميان مُستقيم انڍڙ فقير جو طالب هيو. تارڪ الدنيا هيو. ڇَڙي گوڏ ٻَڌندو هيو ۽ مٿي اُگهاڙو رهندو هيو ڪير بہ نوان ڪپڙا پارائيندو هيس تہ ڳوٺ کان ٻاهر وڃي خيرات ڪري ڇڏيندو هيو ۽ گهر ۾ بہ جيڪي هوندو هئس لُٽائي هليو ويندو هو. اڪثر مرشد وٽ رهندو هيو. سندس جوان پٽ داد محمّد کان جوانيءَ ۾ ڪا خطا ٿي پئي. فقير کي جلالي آئي ۽ فرمايائين تہ "اهو هوندو ئي نہ اهڙو پُٽ نہ گهرجي" اهو نينگر اُن دم ئي فوت ٿي ويو. پاڻ ئي فقير صاحب پنهنجي پيڙهي ختم ڪئي. اهو عبدالحليم فقير منهنجو پڙ نانو هيو ۽ صاحبِ ڪرامات هيو. سندس مزار ڇيڇڙي شهر پرسان "پِيرَ باعد" جي مقام ۾ آهي.

عبدالحليم فقير جو سڳو سؤٽ "عبدالرحمان فقير" بہ ڪرامت جو صاحب هيو. مال چاريندو هو. گهوٽڪي جمعي نماز پڙهڻ ويندو هو مال کي چوڌاري ڪڙو چاڙهي ويندو هيو. شام جو موٽندو هيو تہ مال اُتي ئي بيٺو چَرندو هيو.

اُن کان پوءِ منهنجو ڏاڏو ٿيو "محمّد" سو بہ فقير ٿي گذريو. هڪ پٽ ٿيس "عبدالحق" منهنجو بابا سائين. منهنجو بابو اجا عاقل هيو تہ ڏاڏو فوت ٿيو. منهنجو بابو ڍور چاريندو هو. هڪ دفعي خيال ٿيس تہ مديني وڃان پوءِ مال جهنگ ۾ ڇڏي چوريءَ هليو ويو. آخر رتي ديري ۾ پڙهڻ ويٺو ۽ فارسي علم پڙهيو. اتان وري ڪراچي ويو ۽ عربي علم پڙهيو. دستاربند علماءُ ٿيو. ڪجهہ وقت بمبئيءَ ۾ بہ رهيو. جواني کان موٽيو تہ پنهنجي وطن وري آيو ۽ شادي ڪيائين پهريائين مان پيدا ٿيس. ٻيا ٻار بہ ٿيا پر ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. مان بہ يارهن سالن جو ٿيس تہ منهنجو والد بہ فوت ٿي ويو. انهيءَ وقت ڪلام الله شريف. چار درجا سنڌي ۽ هڪ فارسي ڪتاب پڙهيم. دنيا جو ڪاروبار سر تي اچي ويو. ڪجهہ وقت ٻڪريون ۽ ڍور چاريم ۽ کيتيءَ جو ڪم ڪيم. پندرهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪيم. سال کان پوءِ گهرواري گذر ڪري وئي پوءِ راڻيپور ۾ پير صالح شاھ سائين سان ملاقات ڪيم. اُتان شاھ عبداللطيف ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاھ تي رهيس ۽ چِلو ڪڍيم. اُتان لعل شهباز جي درگاھ تي ويس ۽ چِلو ڪڍيم. پوءِ وري علم جو شوق ٿيم. پنهنجي عاقل پرسان ٺٽيمَن جي شهر ۾ فارسيءَ جو علم پڙهيم. مولوي محمّد حسين وٽ ڪجهہ وقت رهيم. اُتي هڪڙي رات خواب ۾ ڏسان پيو تہ منهنجو والد شريف آيو. ڪتابَ مٿي تي رکيل هيس. اُهي ڪتاب مون کي ڏنائين ۽ چيائين تہ "پُٽَ پڙهہ" ۽ پاڻ هليو ويو. اهڙي طرح ظاهر علم جو فيض والد صاحب کان مليو. مولوي محمد حسين کان پوءِ عادلپور ۾ مولوي نور محمّد وٽ پڙهيم. اُتان شيخاڻيءَ جي شهر ۾ مولوي احمد وٽ پڙهيم.

هڪ سال بعد پنهنجي شهر "حُسين ٻيلي" ۾ مدرسي جي تعليم شروع ڪيم، هڪڙي وقت دل ۾ خيال ڪيم تہ ظاهر علم نصيب ٿيم، باطوني علم جي ڳولا ڪجي، اوچتو اسان جي ملڪ تي حاجي عبدالله شاهہ جيلاني اچي نڪتو، وڏي رمز وارو بادشاهہ هيو، تنهن ڪنئون ظاهر ذڪر قادري پڇيم، ڪجهہ وقت اُهو ذڪر ڪمايم، تنهن کان بعد "شمس الدين صاحب اِنڊڙ" عارف بالله کان سهروردي طريقو "صلواة تُنجينا" جوڏَس پڇيم. ڪيترا سال ان جي حاضريءَ ۾ رهيم، شريعت جي پابندي ۽ پرهيزگاريءَ ساڻ گذاريم. فقہ جو علم ياد ڪيم، وري اهو بہ ڇڏيم، پوءِ تصوف ڪي ڏنم، وڏي فيضيابي حاصل ٿي. پوءِ مرشد شمس الدين صاحب فرمايو تہ: "ابا هاڻي پراڻي سکر وچ سائين خير الدين شاهہ جي درگاهہ تي" اُتي ويس درگاهہ شريف تي شهنشاهہ سردار صوفيانو راز سمجهايو. ذاتي ذڪر مليو. شعر گوئيءَ جو راز کليو. [ٽي سال سکر بازارِ حسن ۾ نظارو ڪيم- پنج سال پنهنجي شهر ۾ نظارو ڪيم ۽ ٽي سال بهشتي شهر ۾ نظارو ڪيم- ڪيترو وقت جبلن ۽ ٻَرن ٿَرن جو سير ڪيم].

سائين خيرالدين شاهہ جي درگاهہ تان حڪم مليو تہ "ميخاني منجهہ ويهہ" اُتان هلي پنهنجي شهر جي ٻاهران ويٺو آهيان، مرشد سائين هاٿيءَ تي سواري ڪندو هو. "صاحب جي لوءِ" (گهوٽڪي شهر) کان واڳان هٽ ۾ ڪري پنڌ ايندو هو حسين ٻيلي ڳوٺ کان پوءِ هاٿيءَ تي ويندو هو. هڪ ڀيري هتان لنگهيو تہ ڪپڙ جو ڏنڊڻ هٽ ۾ هيو. پوءِ مان واڳن مان وٺي آيم، پوءِ ڏنڊڻ ڪوڙيائين ۽ چيائين تہ "هتي قلعو قيامت تائين قائم هوندو". قلعي وارو ميدان سارو ڳوٺ جو ڪاڪوس هيو پوءِ مان اڪيلي سرجهنگ ماريم، هڪ ڪوهہ ڏکڻ طرف تي آهي اُتان مَٽِي پري ڪُلهن تي کڻي ڏنڊڻ کي بہ پاڻي ڏيندو هيم ۽ نمون ٽاريون ۽ سَرينهَن کي بہ پاڻي ڏيندو هيم، پوءِ طالبن جو راز کوليم. ڪچيون سِران وجهايم، جايون ٺهرايم، فقير مَٽي ڪلهن تي کڻي وڻن کي پاڻي ڏيندا هئا. پوءِ حاجي نظرمحمد سُندراڻي آيو. فقير کي ڏنئين، مَٽِي ڪلهي تي ڏنئين چيائين "سائين اتي کُهي هٽايو خرچ مان ڏيندم" پوءِ قندر ۽ سارو خرچ مير صاحب ڏنو. هاڻي کُهي بہ هلي ۽ سئو ماڻهو ڪپڙ هيٺان بہ ويهي ٿو. پوءِ باغ رکايم، باغ جو مالهي لاڙڪاڻي ضلعي جو "شير فقير" آهي. شريعت وارن جا مقابلا شروع ٿيا سي بہ اجا پيا هلن پيو دم گذر ٿو ڪريان. ڪهڙي سورن جي خبر ڪريان، ڳالهہ مُڪَڻ جي ناهي.

بي اَنت بحر آ، بيحد بي حساب،
جي راز کولجي بنجي وجي،
وڏو ڪتاب - هاڻي ختم ڪجي بره باب.

[سائين بابا محبّ علي ٽالپر جُون سارو ٽيون]

اسان جا هادي پاڪ حضرت محمّد سائين جن گهوٽا قبيلي جي سرداري گهراڻي ۾ 1896ع ۾ مولوي عبدالحق جي گهر ۾ تولد ٿيا. ڳوٺ "حسين ٻيلي" تعلقو گهوٽڪي ضلعو سکر (هن وقت گهوٽڪي) ابتدائي سنڌي چار درجا. قرآن شريف ۽ هڪ ڪتاب فارسي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پڙهيا. والد صاحب جي وفات بعد گهَرجي ذميواري بہ مٿن اچي وئي. ڪجهہ وقت اها بہ نباهيائون. پوءِ وري علم جو شوق ٿين تہ عربي فارسي ۽ فقہ جي تعليم مختلف جاين تي پرايائون ۽ دستاربند عالم ٿيا. پر هن رنگ ۾ ڪين قرار نہ آيو ۽ معرفت جي جُستجو ۾ لڳي ويا. سائين شمس الدين انڍڙ وٽ ويا جيڪو صاحب فضيلت اولياءُ هو. ڪافي عرصو سندن خدمت ۾ گذاريائون. ذڪر و اَذڪار ۾ مشغول رهيا. پوءِ سائين جن فرماين تہ "ابا پراڻي سکر ۾ سائين خيرالدين شاهہ جي درگاهہ تي وڃو توهان جو فيض اُتي رکيل آهي" سائين جن اُتان هلي خير الدين شاهہ (عرف جيئي شاهہ) جي درگاهہ تي آيا. (سائين خيرالدين شاهہ جيلاني بادشاهہ پير دستگير حضرت عبدالقادر غوث اعظم جي اولاد مان آهن). محمّد سائين جن اُتي درگاہ تي مٿيون پرڻ. رياضت ڪرڻ ۽ ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهيا. تقريباً ست سال اُتي رهيا تہ مٿن مهر جي نظر ٿي ۽ سائين جن فرمائيندا هئا تہ "سائين خيرالدين شاهہ مون کي صفاتي جامي ۾ اچي دست بيعت ڪيو ۽ پوءِ وڏو فيض حاصل ٿيو" ڪجهہ وقت بعد سائينءَ اَمُر ڪين تہ هاڻي وڃي پنهنجو ميخانو وسايو ۽ فيض جاري ڪيو. پوءِ سائين جن پنهنجي ڳوٺ حسين ٻيلي موٽي آيا ۽ ڳوٺ جي ٻاهران ڪٻڙن ۾ اچي، وڻا ۽ جهنگ وغيره وڍي ميخانو آباد ڪيائون جو اڄ بہ قائم آهي ۽ هميشہ قائم رهندو. هڪ ڏينهن سائين خيرالدين شاهہ بادشاهہ خيال ۾ اشارو فرماين تہ "محمّد تو ۾ اجا بہ ڪجهہ اَنا باقي آهي سابہ ختم ڪر" محمّد سائين جن جيئن تہ سرداري گهراڻي جا هئا ۽ خان سڏبا هئا تہ سائين جن پنهنجي اُن خانيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ گدائي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پهريائين ئي پنهنجي گهر جي در تي صدا ڏنائون. اهڙي طرح نفس جي اَنا کي ماري مات ڪيائون. اُن لاءِ ئي سائين جن پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو تہ:

"خانيءَ وارا خيال ڪڍي ڇڏ تون قلب مٿون"

پوءِ طالبن جو راز ظاهر ڪيائون ۽ ڪيترائي طالب فيضياب ٿيا. سائين جن سڀ مسڪين طالب ڪيا. اميرن تي توجهہ نہ ڪيائون فرمائيندا هئا تہ ابا، امير ماڻهو وري اسان جي مسڪين فقيرن کي گهٽ سمجهندا. هڪ روينيو آفيسر ڪين زمين جي آڇ ڪئي تہ سائين جن فرمايو تہ "ابا اسان پنهنجي مال ملڪيت ئي ڇڏي ڏني آهي تہ تنهنجي زمين کي ڇا ڪنداسين" پوءِ بہ اُن آفيسر هڪ مسڪين فقير کي زمين جو ٽڪرو ڏنو.

پاڻ فرمايائون تہ ابا مان ڪو وقت مستيءَ ۾ الاهي عشق ۾ جهنگ جَهر ۾ جبلن ۾ بہ ڀٽڪندو رهيس. ڪنهن وقت اهڙو جوش چڙهي جو چوان تہ "محمّد! هن جبل تان ڪٽي پاڻ سَٽِ تہ پرزا پرزا ٿي پوين" پر روري هوش اچيو وڃي تہ "نہ محمّد ائين نہ ڪبو".

پاڻ سگهورا صاحبِ ڪرامات بہ هئا. ڪنهن دفعي ڪي ماڻهو سائين جن سان وڙهڻ جي خيال سان آيا. ڇا ڏسن تہ سائين جن جو جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿيو پيو آهي وٺي پوئتي ڀڳا. ڪجهہ دير ڪان پوءِ خبر پين تہ محمّد سائين جن تہ زنده وينا آهن. پوءِ اُهي ماڻهو توبهہ تائب ٿيا ۽ سائين جن جي قدمن تي اچي ڪريا. هڪ دفعي گهوٽڪي شهر جي ڪنهن ماڻهوءَ جو ڇوڪرو گم ٿي ويو. ڪافي تلاش باوجود نہ مليو. اُن جي پيءُ کي ڪنهن ڏس ڏنو تہ محمّد سائينءَ جي درگاهہ تي وڃ پوءِ ان اچي درگاهہ تي دعا گهري. چند ڏينهن ۾ اهو ڇوڪرو پنهنجي گهر جي دروازي تي مليو. پڇيائونس تہ تون ڪٿي هئين ۽ هتي ڪيئن پهتين. ڇوڪري ٻڌايو تہ مان ڀٽڪي ڪنهن انڊيا جي شهر ۾ وڃي پهتو هئس. اُتي سائي لباس ۾ ڪو فقير آيو جيڪو مون کي هٿ ۾ پڪڙي هتي ڇڏي پاڻ غائب ٿي ويو. هن جو پيءُ سمجهي ويو تہ اها ڪرم نوازي محمّد سائين جن ڪئي آهي. پوءِ ان شخص عقيدت وچان سائين جي مقبري لاءِ سِرُون بہ ڏنيون ڪيئي ڪرامات آهن. هن بيان کي مختصر ڪجي ٿو.

پاڻ سگهورا انتهائي سادگي پسند هئا. سائي رنگ جو پهراڻ. سائي رنگ جي دستار مبارڪ. نيري رنگ جي شنوار ۽ پيرن ۾ گهيتلو جُتي پائيندا هئا. ظاهري ڏيکاءَ لاءِ ڪڏهن بہ گيڙو ڪپڙا نہ پاتائون. پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن تہ:

"صوفي ٿيڻ نہ سُترو، ٿو سڏائي سَيڪو،
سِيٽيا وَتن سِيتَ ۾، نہ پائن تا مَٹُ ڪو،
مُوڙهن ٻَڌو مٿي تي، ڪٿي گيڙُوَ جو پَٽڪو،
ناحق جو نَٽڪو "محمّد" مارائيندو موچڙا"

پاڻ سگهورا وڏن اوليائن جا همعصر ۽ صحبتي رهيا. پنهنجي طالبن سان گڏ ڪافي سير سفر بہ ڪندا هئا. سندن طالبن ۾ ڪيترائي راڳي ويراڳي بہ شامل هئا. سائين جن پاڻ بہ راڳ ۽ راڳڻين جي سڃاڻ رکندا هئا. جهوڪ شريف جو ان وقت جو گادي نشين سائين عبدالستار بہ سندن صحبتي هئا جن ڪين درگاهہ تي ڪافي ٺاهڻ لاءِ جاءِ عنايت ڪئي. پوءِ سائين جن طالبن سان گڏجي اُتي ڪافي ٺاهي جيڪا اڄ بہ لڪي دروازي جي ڀرسان موجود آهي.

پاڻ سگهورا "وحدتَ الوجود" ۽ "همَہ اُوست" جا قائل هئا ۽ قادري قلندري طريقو رکندا هئا. سندن شاعري بہ

آفاقي ۽ وحدانيت واري آهي.

سائين جن هر ڪنهن سان وڏي پيار ۽ پاٻوهه سان ملندا هئا. سائين جن جو ياڪر پائڻ ايڏو ته سهڻو ۽ پيار ڀريو هوندو هو جو ڪڏهن نه وسري سگهندو. ملنسار ۽ تمام مٺي طبيعت جا مالڪ هئا. آهستگيءَ سان ڪلام ڪندا ۽ مسڪرائيندا هئا. سندن سمجهائڻ جو طريقو به تمام بهترين هوندو هو. هڪ دفعي مون تجاهِل عارفانه سان سائين جن کان با ادب نموني پڇيو ته "سائين اگر اسان جي ڪنهن سان پاڪ محبت هجي ته اُن کي چُمِي ڏيڻ ۾ ڪو حرج ته ڪونهي؟" سائين جن مون ڏي مسڪرائي ڏٺو ۽ فرمايائون ته "ابا اسان ڪباب جون به سيخُون پچايون ٿا. هڪ کي ٿانڊن تي ٿا رکون ۽ ٻيءَ کي پري سيڪَ تي ٿا پچايون، پڇي ته ٻئي ويندیون. پر جيڪا ٿانڊن تي رکيل سيخ ڪٿان سڙي ويندي ته ڪٿان صحيح پچندي پر صرف سيڪ تي پڪل سيخ بلڪل صحيح پچندي. اهڙي طرح مجاز به پري کان پچائڻ صحيح آهي" اسان سائين جن وٽ جڏهن به حاضر ٿيندا هئاسين ته پڇندا هئا ته "ابا پوئٽي ٻچن ٻارن جو خيال ته رکي آيا آهيو يا نه؟" اگر انهن کي ناراض ڪري آيا آهيو ته پوءِ مان به توهان کان راضي نه ٿيندس. چو ته انهن جو به اسان تي فرض رکيل آهي، انهن جي خدمت ڪرڻ به الله ڏي قدم آهي. پاڻ ائين به فرمائيندا هئا ته "ابا ڪو لک روپيا به منهنجي اڳيان رکي ته به آئون خوش نه ٿيندس پر آئون ان مان خوش ٿيندس جيڪو منهنجي ڏسيل راهه تي ثابت قدم رهي ۽ پنهنجي دم قدم جو خيال رکي" فرمائيندا هئا ته طالب کي مرشد تي ويساهه ئي منزل تي پهچائي ٿو جيئن هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن ته:

"نڪو اسين نڪو الله، نڪا ٻيڙي نڪو مَلاحُ،
وچ تي ويساهُ، "محمّد" تاري تارَ مَئُون".

محمّد سائين جن جليل القدر اولياءَ هئا، سندن روحاني فيض ۽ تعليمات جو احاطو ڪرڻ مشڪل آهي.

وصال: پاڻ سڳورن 5 آگسٽ 1959ع بمطابق 21 صفر 1379 هجري بروز اگارو سکر ۾ "وارِي تَڙ واري ميخاني" تي وصال فرمايو وصال وقت سندن عمر 63 سال هئي. سندن درگاهه گهوٽڪيءَ کان چار ڪلو ميٽر اولهه طرف ڳوٺ "حسين ٻيلي" ۾ مرڪزِ رجوعات آهي. جتي هر سال 21-22 ۽ 23 صفر تي ساليانو عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. هر جمعي جي رات تي به ڏهاڙو ٿيندو آهي. ۽ راڳ ويراڳ به ٿيندو آهي. (بابا مُحبّ سائين جن جي مجالس مان ورتل).

"خاص صحبتي ۽ همعصر":

سائين وارث شاهه (جهوڪ شريف وارا)، سائين عبدالستار شاهه (جهوڪ شريف وارا- اُن وقت جا گادي نشين)، سائين چيزل شاهه (فتحپور بلوچستان وارا)، سائين داتا ولايت شاهه (اَنباهَه شريف وارا)، سائين

انور علي شاهه (جهانپور- گهوٽڪي)، سائين سلطان شاهه (ٻاروچو ڳوٺ، نزد آگاٽي، ضلع لاڙڪاڻو)، سائين گنبل شاهه (ناري وارو)، سائين عاليشاهه ۽ سائين پير شاهه (سَهڪجيءَ وارا)، سائين محمد فقير ڪٽياڻ ۽ دوست علي فقير ڪٽياڻ (گادي نشين)، "غمدل" فقير (فقير عبدالخالق دايو)، مخدوم محمّد زمان "طالب المولیٰ" (هالا وارو)، فولاد فقير شر، فقير هدايت علي جيهو، سردار محمود فقير گهوٽو (محمّدڻ فقير، حسين ٻيلي وارو)، پيرل فقير دائود پوٽو، (صادق آباد وارو)، سائين مولوي اَحمَد مَهَر (خانگڙهه شريف)، مولانا تاج مَحمود شاهه اَمروٽِي، (اَمروٽ شريف)، مولانا حمادُ الله هاليجوي، (هاليجي شريف)، سيد محبوب شاهه (رلوءِ صاحبان-گهوٽڪي)، سيد ابراهيم شاهه مست (گهوٽڪي)، غلام قادر وَسِيَرَ ۽ بَنگل فقير وسير (گهوٽڪي)، اسرار فقير (شيطان فقير- محمد فقير ڪٽياڻ جو طالب)، امام علي فقير (محمّد فقير ڪٽياڻ جو طالب)، سائين جهنگل شاهه مست (سيّد عظيم شاهه جو والد)، جهنگل فقير گهوٽو- ٻيا بہ ڪيترائي اَهل الله سائين جن جا صحبتي رهيا جن جا نالا معلوم ناهن.

"حضرت محمّد فقير گهوٽو جا طالب":

ضلعو گهوٽڪي: حاجن فقير ڪَٽِي، سومر فقير مَلڪُ، قاسم فقير مَلڪُ، ڪوڙو (ڪريم بخش) مَنگي، مزاري فقير مَنگي، محراب فقير (مهراج) گهوٽو، نُورَل فقير گهوٽو، الهرکيو خان گهوٽو، سائين ڏنو فقير گهوٽو، موالي فقير ڪولاچي، محمّد حارف ڪولاچي، محمّد صالح ڪولاچي، الهڏيوايو ڪولاچي، ڏتي بخش ڪولاچي، محمّد مُراد ڪولاچي (بهشتي لشڪر)، محمد مُراد ڪولاچي (دُدي وارو)، خميسو فقير ڪولاچي، لعل بخش ڪولاچي، سَنجر فقير وَسِيَرُ، الله بخش وَسِير، علي شير فقير ڪولاچي، شير فقير عارباڻي، (ڏيئر ڳوٺ)، شير فقير عارباڻي (ڳوٺ ٽبِي)، عبدالله فقير عارباڻي، سائينداد فقير عارباڻي، ذؤنق علي فقير گهوٽو (ذوق)، محمّد اَمين گهوٽو، بچل فقير دِڪڻ (سومرو)، شهيد غوثل فقير دِڪڻ، بخش علي فقير دِڪڻ، گُلڻ فقير دِڪڻ، عثمان فقير دِڪڻ، محمّد بخش دِڪڻ، نَبن فقير مَلڪُ، محمّد صديق مَلڪُ، جلال فقير مَلڪ، صاحب ڏنو گهوٽو (مَلائڪ فقير)، اَحمد فقير گهوٽو، مُلا جُمعو فقير، نَبن فقير ڪوش، مَهَرُ، پيرل فقير ميربحر، ٻُڍو فقير مير بحر- خان محمّد قاضي، ولي محمّد قاضي، مَجَن فقير گهوٽو، ڳهٽو فقير فقير گهوٽو، قاضي رمضان گهوٽو، قاضي خاوَند بخش گهوٽو، مولوي غلام رسول گهوٽو، قاضي الله بخش گهوٽو، عُمر ڪولاچي، ارباب فقير شيخ، رَبن فقير گهوٽو، الهه بخش شاهاڻي، سيد عظيم شاهه، نانگري فقير بوزدار، اسماعيل مَگٽهار، ميول فقير موچي، ڪريم بخش گُجَر، پُنهل فقير گُجَر، قادر بخش گُجَر، لَڏل فقير ڪوڪر (نانڪ فقير)، بَنگُل فقير گهوٽو (جلال ڳوٺ)، جيوڻ مگسي، بخشڻ مگسي، يار

محمّد مگسي، دائم فقير مگٹھار، حاجي ادريس گهوٹو، مُلا ابراهيم فقير گهوٹو، خدا بخش فقير گهوٹو، عظيم فقير ميربحر، شير علي فقير ميربحر، مِهر فقير گبول، بَهرام فقير لُنڊ (نانگو)، رمضان مَنگي، اُٺ فقير مَنگي (مُتو)، ڄُھٽو ميربحر، گَنهوَرُ چانڊيو، موالي گهنجُو، محمّد صالح چارڻ، يار محمد چاچڙ، نور محمّد گهوٹو (ٻَنڊيءَ وارو)، صابل فقير - حڪيم مگسي، عَبداللطيف ڪولاچي، الهڏتو فقير وَسِيَر، غلام محمّد ڀَيو، دوسنُ پناڻ، سومر فقير ڊکڻ (پاڙَن ڀَٽيو)، سومر چاڪِي، نُورل چاڪي، سچل فقير پناڻ، جان محمّد ڪُنير (جاڻو)، خاوند بخش ڊکڻ، امير بخش چارَڻ، خان محمّد چارَڻ، غلام محمّد گهوٹو، عبدالرحيم فقير دايو، خان محمّد ڪُنير، محمّد سچل ڪولاچي.

ضلعو ڪَشمور- ڪَنڌڪوٽُ: مير نظر محمّد خان سُندراڻي، مير زينڊي خان سُندراڻي

ضلعو لاڙڪاڻو: بچل فقير شيخ، نَبن فقير ڪُوڪارِي، نازل فقير آگاڻي، اختر علي آگاڻي، رسول بخش آگاڻي، حاجن ڀُٽو، محمّد قاسم ڀُٽو، تڳيل ميربَحر، لَڏل فقير مِيربَحر، نُور محمّد مير بحر، ارباب فقير مِير بَحر، شير فقير ڪلهوڙو (باغ جو مالهي).

ضلعو سکر: غلام رسول سومرو، بهرام فقير سومرو، محمّد عيسيٰ سومرو، دين محمّد قريشي، علي نواز قريشي، محمّد قاسم ڀٽو، غوثل ڀٽو، رَبن فقير ڀٽو، نازل ڀٽو، حُسين بخش ڀٽو عبدالله فقير انصاري، محمّد عالم انصاري، مومن منگي، سيّد عيدن شاھ، سيد ابراهيم شاھ، ارباب علي شاھ، محمّد فاضل شيخ، منشي فقير شيخ (دين محمّد وارو)، مِينهُون خان ولد جانب خان (پوليس ڪانسٽيبل)

ضلعو شڪارپور: نازل فقير انصاري، نازل فقير ٻُرڙو

ضلعو خيرپور: دين علي فقير ٻرڙو، پُنهل فقير ٻُرڙو، سليمان فقير ٻرڙو، (ڪِڪو فقير).

ضلعو نوشهرو فيروز: سارنگ فقير چانگ، غلام علي فقير چانگ.

ضلعو سانگهڙ: محبّ علي فقير ٽالپر، محمّد ابراهيم ميمڻ

ضلعو ٺٽو: (جهوڪ شريف): رام فقير (هندو)، رحيم فقير (هندو)

سائين جن جو اولاد: پاڻ سڳورن چار شاديون ڪيون، وڏي گهر مان هڪ نياڻي ٿي ۽ ننڍي گهر مان هڪ شهزادو (عبدالحق) ٿيو جيڪو ڪَمسنِي ۾ ئي وصال ڪري ويو. نياڻي پاڪ جنهن کي سيئي ”جِيجي صاحبہ“ سڏيون ٿا، ساڀ وڏي منزل ۽ معرفت جي مالڪ هئي، جيجي صاحبہ سردار مَحمُود خان (مَحمّدڻ فقير) گهوٹو جي زُوجيَت ۾ آيون پر ڪين ڪوبہ اولاد نہ ٿيو، مَحمّدڻ سائين جن کي ٻئي گهر مان اولاد ٿيو. جيجي صاحبہ 2004ع ۾ تقريباً 80 سالن جي عمر ۾ وصال فرمايو، سندن مزار درگاھ تي روضي پاڪ جي اتر طرف الڳ ڪمري ۾ آهي، ننڍڙي شهزادي جي مزار روضي اندر سائين جن جي

پيرانديءَ ۾ آهي.

درگاهه جي سرپرستي: 1959ع ۾ سائين جن جي وصال کان پوءِ "جيجي صاحبہ" جن تاحيات حقيقي سرپرست رهيون. ٻاهر درگاهه تي سائين مَحمدڻ فقير گهوٽو بہ ڪجهہ وقت سار سنڀال ڪئي، سائين ڏنو (سائينل فقير) گهوٽو جن بہ رياضت ڪندا رهيا. ان کان علاوه شهيد غوثل فقير ڍڪڻ (سومرو) جنهن کي سائين جن ٻاروتڻ کان وٺي خود پاليو هو تن بہ درگاهه جي خدمت ۽ رياضت ڪئي پر 1976ع ۾ مشيعتِ ايزديءَ سان پاڻ شهيد ٿي ويا. اُن بعد سائين ڏنو (عرف سائينل) ولد صادق علي گهوٽو جن جيجي صاحبہ جي سرپرستيءَ ۾ گادي نشين ٿيا، پاڻ تقريباً 1947ع ۾ تولد ٿيا ۽ مُحمّد سائين جن جا ڀاڻيجا هئا. مُحمّد سائين جن جو مَتن خاص راز ٿيو جو ڪين ننڍپڻ ۾ ئي طالب ڪيائون ۽ تربيت بہ ڪيائون. سائين جن جي وصال وقت سائينل سائين جن جي عمر تقريباً ٻارهن سال هئي، پاڻ ڇهہ درجا سنڌي ۽ ناظره قرآن شريف پڙهيل هئا. سڄي زندگي درگاهه ۽ فقراءَ جي خدمت ڪيائون. سائينل سائين جن سادگي پسند، ماڻهپا ۽ پُر معرفت هئا. پاڻ تاريخ 27 جمادي الثاني سن 1433 هہ بمطابق 18 مئي 2012ع بروز جمعة المبارڪ مغرب وقت وصال فرمايائون سندن مزار سائين جن جي روضي اندر اوڀر طرف آهي، روضي اندر اولهہ طرف سردار مَحمّدڻ فقير جي مزار آهي.

بابا سائينل سائين جن جا ٽي فرزند آهن:

(1) صادق علي (عرف اقبال، سائين (M.Sc. (Math's ۽ ايم. اي (سنڌي) ڪيائون، هن وقت استاد آهن ۽ درگاهه جا سرپرست بہ آهن.

(2) احمد علي سائين .B.Sc ڪئي اٿن، هن وقت استاد آهن، درگاهه ۽ فقراءَ جي تمام گهڻي خدمت ڪندا آهن.

(3) طالب حسين سائين (:B.E (Mech ڪئي اٿن. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي خيرپور ڪئمپس ۾ ليڪچرار آهن. صدقِ دل سان درگاهه جي رياضت پڻ ڪندا آهن.

مَحمدڻ سائين جا فرزند ارشاد علي سائين، گهوٽا برادري، درگاهه جا طالب ۽ ٻيا عقيدتمند فقراءَ بہ رياضت ڪندا آهن. چند سالن کان منظور احمد خان گهوٽو، عبدالرؤف "پارس" دايو ۽ ٻين دوستن جي ڪاوش سان ميلي جي موقعي تي هڪ روزه ادبي ڪانفرنس "صوفي مُحمّد فقير فائونڊيشن" جي زيرِ اهتمام منعقد ڪئي ويندي آهي.

مالڪ سائين سڀني رياضت ڪندڙن کي جزائي خير ڏئي – آمين.

”مَنظُومِ مُحَمَّدِي“

[حصو پهريون]

(ڪافيون، ڪلام ۽ غزل)

شانِ مُصطفيٰ ﷺ

ڪافي-1

(سُر تِلنگُ)

چڙهيو اڄ سيج تي بَنرو[1]، مُنور مَه لَقا[2] مُربِي[3]،
تيون شاديون ۽ شُڪرانا، اَجهو آڌار آ عربِي.

پهري پوشاڪ سِر لَوۡلَاڪَ، دُرُ[4] دَستار بِڌي آيو،
جامي جَهلڪار سُتَڻ سَلوار، چادر چوڌار بِي چٽبِي.

لُونگيءَ جي لذت زَرِي زَربَفتُ[5]، ڪُليو اڄ بخت بيحد آ،
جُتِي جِنسار پِرين پَيزارَ[6]، چُميان لک وار هَر هَر بِي.

مُزَّمِلُ موڙَ جانب جوڙ، طٰهٰ توڙ توحيدي،
پَڪِي يٰسٓ ساڻ يقين، پَڙهه مُبِينُ بَرسَر بِي.

بَڏِي ڳانا تيا شادانا، مَلڪَ مَستانُ مُرسل تي،
هَنسِي[7] حُوران ڪري گهُوران، لاوان ڏِنِ[8] گهوٽ کي گَهر بِي.

دائـم دارين قَابَ قَوۡسَيۡنِ[9]، داوَرَ دامـن گُـهران تـو مـان،
”محمّد“ مشتاق، تون آنُ حق پاڪ- اعليٰ عين اَنور بِي.

---

(1) گهوٽ، (2) چنڊ جهڙو، (3) پالينڊڙ، نگهدار، (4) سچو موتي، (5) ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم، (6)پير- قدم - پيرن جا نشان، (7) ڪِلِي، (8) ڏِين، (9) ٻن ڪَمانَن جو مفاصلو (معراج جي واقعي ڏانهن اشارو آهي).

نوٽ: =طٰهٰ، يٰسٓ، مُزَّمِلُ- حضور پاڪ جا لَقب آهن، آيتن جا نالا بہ آهن.

ڪافي-2

(سُر تِلنگ)

صنم سردار سرور جو، ثَناگَر تو سڏايان مان،
دائم داوَر سندي در تي، صحي سِهرا سڻايان مان.

شهنشاه شَفِيع جي شادي، مُلڪن ۾ مُنادِي،[1]
عاشقن کي آزادي، ڳَلِي ڳَلِي ڪري ڳايان مان.

محڪم مير مُرسَل کي، موڙَ ٻڌا ها مَلڪَن،
حوُرن ساڻ هڪ تي، ڏاوَڻَ[2] ڏايان مان.

چڙهي بُراقَ[3] تي چئنچَل، سرور سَير ڪيو سارو،
مُشڪ عطر ڪَستُوريون، واسَ وَسايان مان.

هٿن پيرن جي مينديءَ لَئہ، ساهيڙين کي سَڏايان مان،
نئين تنهن گهوٽ کي گهر ۾، ڳاڙهو ڳانو ٻَڌايان مان.

اديون اڄ گهوٽ بَنري لَئہ، سُرهِي سيج وِڇايان مان،
مَڏيُون هي مال سڀ تنهن تئون، "محمّد" گهوري گهُمايان مان.

---

(1) پَڙهو ڏيڻ، خوشخبريءَ جو اعلان. (2) گهوٽ کي سُٽَ جو ڌاڳو يا ريشمي ڌاڳو ٻڌڻ. (3) اها سواري جنهن تي حضور پاڪ ﷺ جن معراج تي ويا هئا.

ڪافي -3

(سُر توڙي)

ويڪو عالي تاب حُسن دا هئي، ڪباب جگر ڪريندا هئي.

’لَوْلاَكَ لَمَا‘[1] لقب شاهي دا، اَنوارُ ’اَنااَحَدُ‘[2] اِلاهِي دا،
مهتاب[3] روشن رُخ ماهي دا، ”ڪُنتُ ڪَنزٌ مَخْفِيًا“[4] دا هئي.

يٰسٓ طٰهٰ تَبارَ مُزَّمِلُ، شان تيڏي وچ هوئي نازل،
”وَالَّيْلِ وَالضُّحىٰ“ تو تجمّل[5]، گُفتا گُوناگُوني گُن دا هئي.

اعليٰ عين عجيب واه عربي هئي، محبوب مُنور مُرَبِّي هئي،
جابر جنگي جَوشِي جَذبِي هئي، فالم فوج فڪر هر فَن دا هئي.

اِتان آوڻ سِيتي[6] آزاد ڪُلِي، هويا شَمس قَمر شَمشاد[7] ڪُلِي،
”محمّد“ ويراني آباد ڪُلِي، مالڪ بَر بَحرين[8] بَن[9] دا هئي.

---

(1) ’اجا تائين نہ هجي ها‘، (2) ’آئون اڪيلو (الله) آهيان‘، (3) چنڊ، (4) ’آئون هڪ لِڪل خزانو هئس‘- ق-ش، (5) زيبائش، شان شوڪت، (6) ساڻ، سُوڌو (حرف جر)، (7) هڪ خوبصورت وڻ جو نالو، (8) سمنڊ، (9) جهنگل – ٻيلو- ٻر= رڻ پٽ.

نوٽ: يٰسٓ، طٰهٰ، تبارَ (تَبَارَكَ الَّذِي)- مُزّمِلُ، وَالَّيلِ وَالضُّحىٰ - هي سڀ قرآن شريف جي آيتن جا نالا آهن.

ڪافي-4 (سُر توڙي)

لاڏو آيو اڱڻ شُڪر شادي تي،
ويـــڙهي ويـــڙهي مبارڪبادِي تي.

جنهن ڏينهن لاڏل ڄايو هو، باغ حُسن بَرسايو هو،
مُلڪان مُلڪِ شهر مُنادِي[1] تي.

"وَالَّيۡلِ وَالضُّحیٰ"[2] وصف ولايت، هر دو جهان ۾ عَينُ عنايت،
عشق وارن اِمدادِي تي.

ڄَـــڻُ لَـوۡلَاڪِي شاهنشاهي، "اَنَـــا اَحۡـمَـدُ" راز اِلاهِـي،
"محمّد" عالم ساري آزادي تي.

(1) خوش خبريءَ جو اطلاع، (2) قَسمُ آ "رات ۽ ڪَچِڙِي منجهند" جو (ق-ش).

ڪافي - 5

(سُر ڪسوري)

شـاهہ حُـسن شَهزادو آيـو، پِـرتِ وَنـدو ٿي پـيـرَ پَـري.

پنهنجي پاڻَ پَسڻَ جي خاطر، اَلاِنْسَانِ رُوپُ ڪري.

”لَوْلَاكَ لَمَا“[1] جو تاج پائي، دُرسُ دِلاوَر ڏيان ڏَري.

سڪ وارن کي سهڻا سائين، ماريو تُنهنجي ذَوقَ ذَري.

نازڪ ناتي نيڪ نظر سان، مَڃُ مُدامِي مَنجهہ ٻَري.

دم دم ۾ آ داتا دائم، ”محمّد“ تو ڪئون نانهہ پري.

---

(1) ”اجان تائين ساروئِي نہ هجي ها- ”اللهؔ فرمايو تہ ”اي محمّد ﷺ “- جيڪڏهن توهان نہ هجو ها تہ هي آسمان يعني دنيا پيدا نہ ٿئي ها“.

نوٽ: اللهؔ فرمايو تہ: ”لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ“ ان حديث پاڪ ڏانهن اشارو آهي.

(سر جَهنگلو)

ڪافي-6

دَرِ اوهان جي داتا، آهيان مان پيناري.[1]

ڪاڻي چڏ تون غَيرُ، فَڪلُ[2] قَندُ قيرُ،
سَروَرَ صفا سَيرُ، بخشين برهه بهارِي.

دل جي درِي ڪولِ، قورا[3] نه ٻيا قولِ،[4]
قادر ڪَجانءِ ڪولِ،[5] ننگَ پالين نِڪارِي.[6]

دَڙِي لاهج دِڪَ، پرين پيارج پِڪَ،
هردم هِڪا هِڪَ، ٻيائيءَ ڏي ٻهارِي.

شُغل شَوقُ شاهي، اندرِ مَنَ ماهِي،
بيواهن جو واهِي، سَتُر ڪر سَتارِي.

عربي اَحْمَدُ جامَ، آهيان تُنهنجِي سامَ،
"محمّد" ڏي تون مامَ، تڳان تُنهنجِي تارِي.[7]

---

(1) پينُو- پِنڻ واري، (2)، دوڪو- ٺڳي، (3) سُتَ جا ويڙها، (4) ڪول، [قورا قولهڻ = راز ڪولڻ- عيب ڳولڻ]
(5)

ڪافي - 7

(سُر پيلو)

يا شَفِيع يا شَفِيع!، يا شَفِيع يا شَفِيع! [1]

در تہ تنهنجي تي مشتاق ماندا، عاقل اَڪابَر سوين خانَ خانُدا،
اُمالڪَ اَري عشق جي ۾ تو آندا، يا شفيع يا شفيع!

لڳي نوڪَ نينهن جي جنهن ڪي جِگر، ساڙي سوزُ تَنهنجو هِي سارو صَدر، [2]
جَلائي جسم ڪي مِٽيءَ جان مگر، يا شفيع يا شفيع!

جمالِ حُسن جي هَئي هَئي آ حيرت، قادر قديمي تُنهنجي آ قُدرت،
شَب روز رهبر سَندي تو آ رحمت، يا شفيع يا شفيع!

ضَعِيفَن جو ضامن ازل کان بہ تون، "محمّد" ڪي پيارينِ ڪَوثَر بہ تون،
پڙهان پرت مئون تو "لَاتَقْنَطُوْا"، [3] يا شفيع يا شفيع!

---

(1) شفاعت ڪندڙ- بَخشائيندڙ. (2) سِينو – ڇاتي، (3) "الله مان آسرو نہ لاهيو" (ق.ش)

(سُر پيلو)

ڪافي-8

حق حقيقت سِرُ صَحِي، اَحمَدِي اَنوار آ.
بي مِثل بيچِگُونہ(1)، اِبتدا اِسرار آ.

حسن واري باغ ۾، مان سَير ڪَيُم ثابت صحِي،
پـارس پـرين پـيارو پـنجـن ۾، گـوهَـرِ گُلـزار* آ.

عشق مئون پيدا الف ڪيو، واسطي پنهنجي پَسَڻَ،
مِيمُ مُرڪِي آيو، سو سين سينگار آ.

مُشڪ عَنبر هِيچ پانيان، عطر ۽ ڪَستُوريُون،(2)
ڪامِلَ سندو ڪونين(3) ۾، واهُ عجب هُبڪار(4) آ.

جانُ نهاريان مانِ نيڻن سان، چؤ طرف چمڪار آ،
”محمّد“ چوي اَحمَد سندو، دائمِي ديدار آ.

---

(1) جنهن جي خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي، (2) مُشڪ- ڪتُوريُون، (3) ٻنهي جهانن، (4) خوشبوءِ
* باغ جو موتي.

ڪافي-9

(سُر پيلو)

نَينان نِسَنگَ[1] خوب خَتنگَ[2]، ميڏي دلبر يار دي نِي،
اَبُرو[3] آر تيز تلوار، مُزگانِ[4] مَينُون ماردي نِي.

لَبان [5] لعل رُخ[6] تي خالُ،[7] پَئونري پَئي پَٽڪاردي نِي،
موتي دَندانِ[8] چَمڪ چَندانِ،[9] لِسان[10] لُطف دار دي نِي.

بَر سَر بِيني[11] رنگ رنگيني، گوشُ[12] گُلزار دي نِي،
زَنخدان[13] شمع دان، ڀَهڳڻ پَئي ٻارِدي نِي.

نُورِي نافَ[14] صَدر[15] صاف، ڪامل قُربدار دي نِي.
بيشڪ بِيهَڪ، چَهبُڪ چاهَڪ، قامَت[16] بَرقرار دي نِي.

حُسن حيرت، صاف صُورت، جهَڳَ مَڳَ جَهلڪاردي نِي،
"محمّد" مورت، سُهڻي سِيرت، صِفتان[17] ساريان سردار دي نِي.

---

(1) ظاهر، (2) تيز- چالاڪ، (3) ڀِرُون، (4) ڀنبڻيون- اک جون پَلڪون، (5) چَپَ، (6) مُنهَن – چِهرو، (7) تِـر، (8) ڏند، (9) چَندن جهڙي، (10) زبان، (11) نَڪُ، (12) ڪَنَ، (13) ڪاڏِي، (14) دُنَ، (15) سِينو- ڇاتِي،

ڪافي-10 (سُر پيلو)

صَلِّ عَلٰی[1] صَلِّ عَلٰی، صَلِّ عَلٰی صَلِّ عَلٰی.

هَر دو جَهان ۾ سُنهين[2] سَرور، تارن چنڊ ۾ آفتاب اَنور،
باقي بلند آهين، بالا بَرتر، صَلِّ عَلٰی صَلِّ عَلٰی.

اَجهو اَڙيَن آڌارُ تون عربي، هيڻن جو همراه تون حَسبِي،[3]
آهي روحاني راز تو رَبِّي، صَلِّ عَلٰی صَلِّ عَلٰی.

صِفَتِ ثَنا ڪرڻ جي طاقت، نانهه زبان کي ڪائِي هِمت،
بس فقط تي گُهرجي رحمت، صَلِّ عَلٰی صَلِّ عَلٰی.

اَنَا اَحۡمَدُ اِرشاد ڪرين تو، عشاقن اِمداد ڪرين تو،
"مُحمّد" تي مِيعادُ[4] ڪرين تو، صَلِّ عَلٰی صَلِّ عَلٰی.

---

(1) "درود پڙهو حضور ﷺ تي"، (2) سُونهين- سهڻو لڳي- وڻي، (3) خانداني شرافت ۽ بزرگيءَ وارو،
(4) وعدي جي وقت تي قائم رهڻ.

ڪافي-11 (سُر ڪَنياتِ)

مُرسَلَ مِيرَ مَدني لاڏا، تُنهنجي صِفتِ ثَناءَ ڪيان.

مَلڪَ[1] فَلڪَ[2] جِنَ اِنسَ[3] بَهائِم[4]، سجدا ڪَيَئِي زمينَ.

عربَ عَجم[5] ۾ مَٽ ناهي تُنهنجو، توڙي گهمان مُون[6] چين.

سَيرُ "سُبحانَ الَّذِيٓ"[7] تيو واه قُرب "قَابَ قَوْسَيْنِ[8]".

گهوڙو آندائون گهوٽ لئي اديون، مٿئون ذِي نُور[9] زِينَ[10].

نازل نُور تَبارَ مُزَّمِلُ، تَعريف طٰهٰ يٰسٓ.

"محمّد" تي ڪر مِهر مدامِي، اُمت جا تون اَمِينَ[11].

---

(1) ملائڪ- فرشتا، (2) آسمان، (3) انسان جو جمع- اِنسانَ، (4)، حيوانات- جانور، (5) عربستان کان سواءِ ٻيا مُلڪَ، (6) مان- آئون. (7) "جنهن هڪ پاڪَ جو"، (8) "ٻن ڪَمانِن جيترو"، (9) نُورانِي، (10) گهوڙي جي پُٺيءَ تي رکڻ وارو هڪ سَنجُ، (11) امانت رکندڙ-تياڪِڙي ڪندڙ- حضور پاڪ ﷺ جو لقب.

نوٽ: نُورُ، تَبارَ (تَبٰرَكَ الَّذِيٓ)-مُزَّمِل، طٰهٰ-يٰسٓ- قرآني آيات آهن -نُورُ-مُزَّمِل، طٰهٰ-يٰسٓ- حضور پاڪ ﷺ جا لقب آهن.

ڪافي- 12 (سُر بَسَنتُ)

بادِ[1] خزان[2] دِي گُذر گِئِي هُڻ، آيا بَسنتُ بهاران جِي.

"لَوۡلَاكَ لَمَاخَلَقۡتُ الۡاَفۡلَاكَ"[3]، تاج پايا سرداران جِي.

"خَلَقَ الۡاَشۡيَآءَ وَهُوَ عَيۡنُهَا"[4] هَرجا حُسن هزاران جِي.

گُوناگُوَن[5] هويا گُل پيدا، بُلبُلان چِٽڪاران جِي.

هر دو جهان وچ هر دم هوئي، "مُحمّد" مِينگهہ مَلهاران جِي.

(1) هوا. (2) سَرءُ جي موسم. (3) الله ؑ فرمايو تہ: "اي محمّد ﷺ! اگر آئون توهان کي نہ خلقيان ها تہ سارو جهان نہ خلقيان ها" - (4) "سيني شين جي تخليق، اُن حقيقي وحدت مان آهي". (5) طرح طرح جا- قِسمين قِسمين.

ڪافي -13 (سُر ويهاڳُ)

مَٺن ٻلهارِي[1] تيرِيان، مَهراجا راجا راجا.

تيري سِوا مُجهي ڪوئي نا ياوِندا، تون جلدي آجا آجا آجا.

دم دم داتا دير نہ ڪَرنا، پيچ پرِيتِي پاجا پاجا پاجا.

"لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ"[2] دو جگ[3] بارا[4] چاجا چاجا چاجا.

راز نِهانِي[5] دَئو[6] دَرُونِي[7]، برهہ بَجاوِين باجا باجا باجا.

"محمّد" نال مُدامِي هووين، 'خَيرُ الوَراءِ'[8]، خواجا[9] خواجا خواجا.

---

(1) قربان ٿيان- صدقي ٿيان، (2) "الله جي رحمت مان آسرو نہ لاهہ". (3) ٻنهي جهانن جو (4) بار- وزن، (5) لڪل- ڳجهو (6) روشني- سوجهرو (7) اندروني، (8) خلق ۾ سڀ کان چڱو- (حضور پاڪ ﷺ جو لقب آ). (9) مالڪ- آقا.

(سُر لوڙائُو)

ڪافي- 14

عشق عطا ڪر معاف خطا ڪر، مَدني مِيرَ مُدامُ،
تون جلد پيارج جامُ.

سائل جي سڪ پوري ٿي، تُرتُ تڪڙ سان تمامُ،
ٻولَ ٻَڌو ٿِي ڳُڻن ڳِڌو ٿِي، پاڙج قولُ اَنجامُ.

ويهي ڪيئن وساريان، تنهنجي ناتي نِوايو[1] نامَ،
گهُورَ گهايو آ سور سَتايو، سَيّد تُنهنجي سامَ.[2]

لال لطيفي لَوَندُ[3] هَنيو ٿِي، لُونءَ لُونءَ[4] منجهه لَغامُ،
ياد اُهو آ روحَ رهيو آ، پرين تُنهنجو پَيغامُ.

خواب خوشي ٿي مُورُ[5] نہ پانئين[6]، نيڻن ننڊ حرامُ،
روئڻ راڙو ساهه کي ساڙو، "محمّد" آ ماتامُ.

---

(1) جُهڪايو (2) امانت. (3) گهوڙي جي سَنجن ٻَڌڻ جو هڪ رَسو (4) وارَ وارَ. (5) هرگز (6) وٺي.

ڪافي-15 (سُر ڪانرو)

داتا دلاور اگھ منهنجي ايندين،
مريضن جو مؤلا دوا دارُون ڏيندين.

تنهنجي در تي دانهون ۽ آهون ڪيان ٿو،
ڏسڻ رِيءَ تنهنجي ٻيو نا گهُران ٿو،
قربدار قادر، غمڙا ڪَٽيندين.

سوالي نہ خالي ورائين ٿو ڪڏهين،
ڏُکيَن دانُ[1] داتا ڏيارين ٿو تڏهين،
رُليَن راهہ رهبر، رفاقت[2] رسائيندين.

مُلڪ[3] و فَلڪ[4] تي تنهنجو نغارو،
ديوَ پَرِنِ ۽ بَشَر تي نظارو،
تون ديوانِ دفتر[5]، عيبدارَ اَڏِيندين.

مُغان پِيرَ مائِلُ[6] "مُحمّد" مدامِي،
سردار سائين سدائين سَلامِي،
حامي روز محشر، وچ ۾ ويهائيندين.[7]

---

(1) خيرات – بخشش، (2) ساٿ ڏيڻ – همراهي ڏيڻ، (3) دنيا-زمين، (4) آسمان، (5) عدالت جو آفيس، (6) مُتوجہ –شائق، (7) ويهاريندين.

ڪافي- 16 (سُر توڙي)

نالو تُنهنجو نُور نُمايان، مُلڪَن ۾ مشهور.

هِردي اندر هردم هادي، حاصل حال حضُور.

جِنَ مَلڪَ اِنسانَ اَمر[1] ۾، جنت حُور قَصُور.[2]

چوڏهن طبق سجود[3] ۾ ساجِد،[4] ون ٽڻ ٿيا وَهلُور.[5]

تابش تنهنجي تيز تجلي، ڪجهہ ناهين ڪوهُ طُورُ.[6]

رڳ رڳ ۾ آ رهبر سائين، برهہ سدا پَرپُور.

در تنهنجي تي داوَر[7] داتا[8]، "مُحمّد" ٿيو مَعمُور.[9]

---

(1) حُڪم. (2) قَصر جو جمع- معنيٰ محلاتون. (3) سجدو. (4) سجدو ڪندڙ. (5) بي چين- اُداس. (6)جبلِ طور جنهن تي رب پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام لاءِ پنهنجي تجلي وڌي تہ جبل سڙي پيو ۽ حضرت مُوسيٰ بيهوش ٿي ويو. (7) عادل —اللهؐ جو صفاتي نالو (8) ڏاتار- سخي. (9) آباد- پُر- پرپور

ڪافي-17 (سُر آسا)

آيا ميڏا يار، قربئون ڪَردا ڪافُ[1] ڪَشالا.[2]

”لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ“[3] سُهڻل دا سينگار،
ڏَردا دورَنگي، سِر دوشالا.

”خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلىٰ صُوْرَتِهٖ“[4]، دم دم دا ديدار،
هَر جا حاضر، حُسن ڪَمالا.

”اَنَا اَحْمَدُ بِلا مِيْمِ“[5] وحدت دا واپار،
قول قديمي، قِيل مَقالا.

خُمْرَ(6) خوراڪِي ڪِينَ ڪَڪوريا(7)، مستو مست خُمار،
مانجهِي متارا، مئي متوالا.

”لَيْسَ كَمِثْلِهٖ“[8] مامَ محبوبي-”مُحمّد“ دا منٺار،
نئين نئين رنگ، ناز نرالا.

---

(1) جبل- بيابان. (2) تڪليفون. (3) ”اي پيغمبرﷺ اگر تون نہ هجين ها تہ آئون زمين و آسمان ڪڏهن نہ ٺاهيان ها“ (رب پاڪ). (4) ”مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي“ (رَبّ پاڪ). (5) آئون اَحمد آهيان بنا مِيم جي“ يعني اَحد= الله- (حديث نبوي). (6) شراب. (7) نشي ۾ اکيون ڳاڙهيون ڪرڻ. (8) ”ڪابہ

(سُر پيروي)

ڪافي-18

تُنهنجي اچڻ سان جابَجا[1]، وڻ ٽڻ باغَ بَهاريا،
بُلبُلا خوشبُوءِ تي، ڀَؤنر وتن ٿا بانوِريا.[2]

سڪ ۾ سدائين ٿا رهن، مورَ ڪَبَڪانُ[3] ۽ مِرگهہَ،[4]
طوطا مَينا[5] گفتار ڪَن، خُمريون[6] خُمرَ[7] ۾ خُماريا.[8]

رفتار رهبر جي ڏسي، حيوان ڪُل حيران ٿيا،
تُنهنجي قرب ۾ قابُو ڪَڙيا، سڪ ۾ وتن سِينگاريا.

تنهنجي حُسن جو جن ڏٺو شعلو عجب هِي شور سان،
صُنعان جهڙي سالڪن، تقويٰ[9] جا ورق وساريا.

دارين ۾ دلبر اوهان، رَهبرَ آهيو روشن ضَمِير،
تنهنجي ثَناخُوانِي[10] ۾ متا، "مُحمّد" دمَ گُذاريا.

---

(1) هَر هَنڌ. (2) مست ٿيا- ديوانا ٿيا. (3) چَڪورَ پکي. (4) هَرڻَ. (5) ڪاري رنگ جو ٻوليندڙ پکي، (6)دراصل هي قُمريون لفظ آهي- معنيٰ، ڳيرئُون يا ڪَبُوتريون. (7) شراب. (8) نشي ۾. (9) پرهيزگاري، (10) تعريف ڪرڻ.

ڪافي- 20

مِــيــم دا بُرقعا پايا، اُلــٽا پــيــرُ[1] بَــتايــا،
عالم وچ اِها عبرت هوئِي، لوڪئون لِڪڙا[2] لڪايا.

اَحد وچون چا اَحُمَدُ بن ڪر، واه جو ڇپَن ڇپايا،
ظاهر باطن حاضر هوندا، رَبِي راز رَلايا.[3]
موج اِهين مستانا جو ڪِيتا، بيرنگي رَنگ لايا.

وَل ڇَل[4] ڏي نا ڪَل[5] ڪَنهين ڪُون، بازي جوڙ بَنيندا،
لک لک بيک[6] بناڪي يارو، اَصُلِي نا ڏَسيندا،
ڳالھ ڳُجِهي نُون سَمجهين سالڪ، روحي رُتبا چايا.

عرش زمين اَفلاڪان اُتون، بالا[7] هي بادشاهي،
ديو، مَلڪ،[8] جِن، اِنس،[9] بَهائم،[10] در تيڏي دي سپاهي،
حُــوران ڪُــل قــربــان ٿِــيــوَن، رَل مِــل سـهــرا ڳـايــا.

صفت ثنا دِي طاقت ناهين، ڪِيوين ڪَران مَئَن پُوري،
اَنت[11] ڪَنُون بي اَنت[12] ويکيو سي، دُور ڪَنُون هي دُوري،
قُلزم[13] ڪِين ڪنارو ناهين، "مُحمّد" هي بي پايان.[14]

---

(1) نمونو (2) ڳُجهَہ (3) مِلايو (4) انداز- نمونو (5) خبر (6) بهروپ- نمونو (7) مٿاهِين، (8) ملائڪ، (9)انسان (10) حيوانَ، (11) حد، (12) بيحد، (13) وڏو بَحر (14) جنهن جو ڪنارو نہ هجي- نہ ختم ٿيڻ وارو.

ڪافي-21

(سُر پيربروي)

اَجهو[1] آرياڻي[2] عَربي، واهَر[3] وِيرُ وِلهَن،[4]
معاف مَدائُون[5] ڪندين تون، آڌَر[6] آهين اَڙِيَن.[7]

تو ڪئون سوا ٻيو ڪِينڪي، مون پانيان وَسِيلو،
ويچاريءَ جو واٽ تي، ٻيو هلي نا حِيلو،[8]
قرب ڪندين اچي قادري،[9] شل ڏِسِين ناعَيبَن.

سِڪَ تنهنجي ۾ سائل[10] ڪيئي، درد ڪيا ديوانا،
مرد مُدامِي مائِل[11] تيڙا، محبت ۾ مستانا،
دَرَ تُنهنجي تي دادِلا، بيٺا رَتُ رَڙن.

برهَ بِشارَتَ[12] ڏي اِشارَتَ، هردم هوتَ اِچي،
مون نماڻيءَ نظر ڪر، مانجهِي مرد مَچي،
تون اَٻوجَهن آسرو، اَحُمَّدُ مون عاصِن.[13]

قدم قدم تي قائم رک تون، گهوٽ نہ وجهجانءِ گهارِي،[14]
اِسمُ اِلاهِي عَينُ اندر ۾، قَلبُ ڪجانءِ جارِي،
"مُحمّدُ" جي سِڪَ پورِي ڪر تون، حامي آنّ هِيڻَن.

---

(1) اوٽَ- پناهہ. (2) معزز. (3)مدد. (4) نڌڪن- سُڃَن- محتاجن. (5) گناه- بُرايون. (6) آڌار- سهارو. (7)مصيبت ۾ ڦاٿل. (8) اَٽڪل (9) شيخ عبدالقادر جيلاني، بادشاه پير دستگير سان نسبت رکندڙ. (10)سُوالِي. (11) خواهش رکندڙ. (12) خوشخبري. (13)گناهگارن. (14) جُدائي.

ڪافي-22 (سُر ڪوهياري)

ڏَر داتا جي دَم دَم، عاشق ايلاھُون.[1]
ايندين مون اَڀوجَھ ڏي، عربي ايڏاھُون.
ٻُڌِي ٻاجھارا ٻاجَھ ڪر، ڏُکِيءَ جون دانھُون.
بيرنگيءَ ڪي ٻَر ۾، رهبر ڏَسِ راھُون.
ڪَستڻُون[2] قربدار ٿي، ڪندين تون ڪاھُون.
"مُحمّد" جو مَذڪُورُ[3] ھِي، ٻَڌي ٻئي ٻانھُون.

ڪافي-23 (سُر پَهاڙِي)

وارثُ وِلَهن[1] جو واهَر،[2] والِي وفا وَسيلو،
هَر دو جَهان هردم، هادي حَقِيقُ[3] حِيلو.[4]

روزِ اَزل کان آهي، اِمداد عاجزن تي،
همراهہ هر گَهڙِي آ، اِرشاد[5] عاشقن تي،
لُطف و ڪَرمُ لياقت، رهبر رضا[6] رَسِيلو.[7]

ديدار دلربا جو، معراج مَعنوِي آ،
اِسرار سِرُ[8] اِلاهِي، قائم قدم قَوِي[9] آ،
بالا بلند بَقائِي،[10] اَحسَن[11] اَعليٰ اَصِيلو.[12]

---

(1) نِڌَڻڪَن- سَجَن – بي سهارا، (2) مدد، (3) لائق، (4) بَهانو- تدبير، (5) نيڪ هدايت، رَهنُمائِي، (6)اجازت- خوشنُودِي، (7) رَس وارو- ملو (8) راز، (9) سَگهو- طاقتور، (10) قائم رَهندڙ، (11) سُٺو- خوبصورت، (12) سُٺي اَصُل وارو- شريف.

كعبو قُدسِي[13] قِبلو، قادر قديم قدرت،
هر حال ۾ هميش، هَئي هَئي رُڳِي آحيرتَ،
جوشِي جَلالُ جَذبو، بيرنگ جو رَنگ رَنگِيلو.

اِبتدا[14] نہ اُن جِي، نہ انتها[15] بہ اَكثر،
بيچُون[16] بيمثالِي، بَندو، ناهين بَشر،[17]
ذات خود ظَهُورو، كُڙمُ[18] نہ قَبِيلو.

اَحدَئُون[19] اَللّٰه مان ٿيو، اَنوارُ[20] عَينُ[21] اَحمَدُ،
مشهور مُلڪَ ماهِر، مَهندار[22] آ "مُحمّدُ"
پڳدارُ پيشوا[23] ٿيو، صاحب صفا سَبِيلو.[24]

---

(13) پاڪُ- نيڪُ. (14) شروعات. (15) پڇاڙِي- خاتمو. (16) جنهن جو مثال نہ ڏئي سگهجي تہ هُو ڪيئن آهي. (17) انسانُ. (18) ڪُٽنبُ- خاندان. (19) وحدانيت مان- اڪيلائيءَ مان. (20) نُورَ جو جَمعُ آ- روشنيون- چمڪَ. (21) اَصُل وارو عمده. (22) اڳواڻ-رهبر. (23) اڳواڻ. (24) وسيلو پيدا ڪندڙ- تدبير ڪندڙ.

ڪافي -24

مَٿن سِهرا[1] ڳاوان سردار دا، مدني مير مختيار دا،

شان لَوۡلاَڪَ لَمَا خَلَقۡتُ[2]، عالِي[3] عربي انوار[4] دا.

حُوران ملائڪ ڏيوَن مبارڪ، صاحب سِر سَنسار[5] دا.

گهوٽ مُحمّد تي اَنبياءَ جاڃِي، ڪاڄ[6] عجب ڪَلتار[7] دا.

"مُحمّد" مَنگتا[8] در مُدامِي،[9] مُحمّد هَي مَنتار دا.

---

(1) ڳِيچ – ڳِيتَ، (2) رب پاڪ فرمايو تہ "اي نبي ڪريم ﷺ جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ آئون هي جَهان نہ خلقيان ها" (3) مٿاهون، مان وارو، (4) نُور جو جمع – نُوراني – روشنيءَ وارو، (5) دنيا، (6) شادي، (7) خالق، اپائڻهار (8) منگتو-سوالي (9) سدائين

داستان: شانِ علي (عليه السلام)

ڪافي -25 (سُر لوڙائو)

علي گُل علي خود، اِسرارُ علي آ،
وارث وَلِي وَرُ، اَنوارُ علي آ.

بشري بهانو رکي آيو رهبر، ڪاٽيائين ڪفر کي هَڪَل سان حيدر،
هٽي نعرو نادر، نروار علي آ.

حَلاجُ[1] حُسيني، آيو هار پائي، حَسَنُ مُجتَبائِي[2] قدم ڪُڏائي،
قَدح[3] سبز رنگي، سِينگار علي آ.

شَهادت سَعادت[4] سَخاوت شُجاعت[5]، لياقت لَطافَت[6] مُروَت[7] مُدامَت[8]،
عنايت شَفاعت،[9] شاهہ هَسوار علي آ.

مُنڪِر مؤلا جو ڪڏهن ڪِينَ تَڳندو، وِساميل وِسريل توڙي وائڙو وَڳندو،
ڪُوڙَن ڪمزورن تي، قهارُ علي آ.

مختيار مڙني مهندار علي آ، مالڪ "مُحمّد" مننار علي آ،
ياوَرَ[10] يتيمن، سدا يار علي آ.

---

(1) منصور حَلاج- جنهن اَنَاالْحقَ جو نعرو هنيو هو (2) مجتبيٰ معنيٰ چونڊيل- پنسديده- حضور پاڪ جو لقب- يعني حضور پاڪ سان نسبت رکندڙ (3) پيالو- جام، (4) نيڪي، (5) بهادري (6) نرمي، (7) اخلاق سان پيش اچڻ، (8) هميشگي- سدائين (9) جو ٽڪار و ڏيارڻ (10) مددگار

داستان: شانِ دستگير

ڪافي-26 (سُر پيلو)

شاهِ مِيرانُ ڏي سُڌِيران،[1] دلربا اي دستگيرَ،
در سوالي ڪِينَ خالي، دائما تون دستگيرُ.

صاحب حُسن جمال جو، قائم قرب ڪمال جو،
عاشقن احوال جو، ثابت سَمِيعُ[2] آن بَصِيرُ.[3]

تون دادلو داورَ سَندو، پيارو آهين پَروَرَ سَندو،
توتي قدم سَروَرَ سَندو، تُنهنجو قدم ڪُل تي قَدِيرُ[4].

بينَڪ ڪرين بغداد ۾، اعليٰ عجب اِرشاد ۾،
واصل ويران آباد ۾، بالا بِلاشَڪ بي نَظِيرُ.

ڪيئي ٿَناگَر سَير ۾، خاطر اوهان جي خَير ۾،
توڙي بُڏل ڪو غَير ۾، باندِي بندو عاجز اَسِيرُ.[5]

"مُحمّد" مدح تنهنجي ڪري، ساعت گهڙِي هڪ نا سَري،
تارِي تڳا تنهنجي تري، وَرنَہَ[6] وَسِيعُ[7] واهر تون وِيرُ.

---

(1) هوشياري- سجاڳي- آٿَتُ (2) ٻُڌندڙ (3) ڏسندڙ (4) قدرت رکندڙ- طاقت رکندڙ (5) گرفتار- ڦاٿل (گناهن ۾). (6) سهڻو جوان، بهادر، طاقتور، (7) ڪشادو، خلاصو.

ڪافي- 27 (سُر ڪوهياري)

صوفي ٽِيس سپ سانگَ[1] سَتي، سَچو سَيّد جو سِيرُ[2] ڏنم،
وهم وجودي وافِـرُ[3] ويڙا، ڪُل پِيرَن جو پِيرُ ڏنم.

درست آهي دارَينَ[4] ۾ داتا، اعليٰ عَينُ اَڪسِيرُ[5] ڏنم،
علم عقل جي پاڙَ پٽيائين، عشق سندو مان اَمِيرُ ڏنم.

نازڪ نينهَن ۾ نادر نيهي، ناز پريو نَظِيرُ[6] ڏنم،
واصِل بِاللّٰه[7] وحدت اندر، واهَر وَسِيلو وِيرُ[8] ڏنم.

ساقي سرور ثابت سيني، ساڄن ساهَ سُڌِيرُ[9] ڏنم،
مُحڪَم ماهر مرشد مولا، مُحبُ ماهُ[10] مُنِيرُ[11] ڏنم.

حد بيدار[12] جيلاني جابِر، قائم قرب قَدِيرُ[13] ڏنم،
پولَ پڇي ويا بيشڪ بَرحق، "مُحمّد" مرد فَقِيرُ ڏنم.

---

(1) ٻَهُروپ- نمونا، (2) پاڪائي (3) گهڻا، (4) ٻئي جَهانَ، (5) ڪيميا- اثر رکندڙ دوا، (6) مثال- جهڙو (7) الله سان مليل، (8) بهادر، (9) هوشيار- هوشياري ڏيندڙ- آٿت ڏيندڙ، (10) چنڊ، (11) روشن، (12)سجاڳ- هوشيار، (13) طاقتور- قدرت رکندڙ.

ڏَمالِ قلندر

ڪافي-28 (سُر پيلو)

مَست و مَستُ قلندر لعل چوان، حاصل حال حُسيني خيال چوان.

مؤج مستيءَ ۾ تا ملنگَ مَچن، هٽي نعرا نينهن جا نانگا نَچن،
لڪين در تنهنجي تي چاچِي اَچن، شوق شاديءَ جو هَر سال چوان.

تنهنجي عشق جي آتش بازي آ، آهي رنج نہ هرڪو راضي آ،
واهُ پَتريَل برهہ جي بازِي آ، قصو قرب وارو ڪمالُ چوان.

وَقتِ ميندِيءَ جي معراج ڏسو، ڪانڊِيا[1] ڪُل ٿِي اچي ڪاڄُ ڏسو،
پيرِن[2] پَر تِي جو باڄُ[3] ڏسو، دائم درد وارو ڏَمالُ چوان.

اَللّٰهَ اَحمَدؐ جو هٿ اٿئي، بيچُون بَحر بَندوبَست اٿئي،
حُسين حَسن اَلست اٿئي، مُرشدَ مؤلا عليءَ جو ٻالُ چوان.

عرضدارن عرض پيش پرين، مرضدارن مرض ميٽ پرين،
قرضدارن قرض ڪاٽِ پرين، معاف "مُحمّدؐ" مُونجهہ مَلالُ[4] چوان.

---

(1) دعوتي- ڪوئيل، (2) نَغارَن، (3) واڄو، وَڄتِ، (4) ڏک-ڳڻتي.

داستان: شانِ مُرشد

ڪافي-29

(سُر جوڳ)

جانب جي جَمال[1] جو جِنسارُ[2] جُوبَجُو،[3]
حامِي،[4] هَردو جَهان ۾، هُبڪارُ[5] هُوبَهُو.

وِٽِي نہ هڪڙو وارُ آ، سُونهَ ڀَريو سردارُ آ،
سَروَرِي سالارُ آ، مَهندارُ[6] مُوبَمُو.[7]

منجهہ وُجودَ ويهاريان تو، پلپل پرين پيهاريان[8] تو،
راتيون ڏِينهان نهاريان تو، سِينگارُ سُوبَسُو.[9]

ٻولِي اِهائي ٻوليان تو، راز اِلاهِي کوليان تو،
ڳَلِي ڳَلِي ۾ ڳوليان تو، ڪَلتارُ[10] ڪُوبَڪُو.[11]

وَصفَ واکاڻِ وِردُ آ، دَم دَم ديهِي درد آ،
مرشد مَهدِي مرد آ، خُنڪارُ[12] خُوبَخُو.[13]

"مُحمّد" ۾ موجود آ، صداقت[14] سجود آ،
مَعنيٰ ۾ موجود آ، ديدارُ دُوبَدُو.[15]

---

(1) حُسن، (2) سِينگارُ- ناهَ نُوهَ، (3) هَرهَنڌ، (4) مددگار، (5) خوشبُوءِ (6) اڳواڻ – رهبر، (8) مڪمل- وارَ وارَ سان، (8) اندر ۾ ويهاريان، (9) هر طرف، (10) خالق- اُپائڻهارُ، (11) ڳَليءَ ڳَلِيءَ، (12) ٺَڏاڻِ، (13) سُٺِي خصلت وارو، (14) سَچائِي، (15) مُنهَن سامهون- روبَرو

ڪافي - 30

(سُر بَنسُ)

يا سَروَرِي شاهُ تون، مرشدا ماهُ[1] تون، هيٺن همراهُ تون، ڪر مِهر،
دوجهَان سردار آن، اي مِٺا مهندار[2] آن، غمگِينَ جو غمخُوار آن، غَورُ ڪر.

تنهنجي هِجر ۾ ويئو ٻاڏايان، دل جِي دل ۾ ڪنهن کي ٻُڌايان،
پلپل اِهي پُورَ پَهَ تو پَچايان، ڏکڙا سيئي نيهِي[3] نِيايان،
هن منهنجي حال جِي، قِيل و مَقالَ[4] جِي، اندروني احوال جِي، خاوَند[5] خبر.

دانهن ڪري دلبر مري ويندس، سئو ڀيرا سِرڙو قربان ڪندس،
جَهلي ڪنهن جي مان ڪِينَ جَهلبُس، هيڪَلُ[6] هسوار تي، هيجئُون[7] هَلندس،
نيزي نيشان تي، جُنگ جوان تي، پڙ ۾ پهلوان تي، زورِي زبَر.[8]

سَنڏِيا ڪيئي سَنبرِيا اچن، ڏسي داٻ دهشت موٺيا وڃن،
نِسَنگ[9] نانگا ناتَ نَچن، پتنگ پروانا پاڪ پَچن،
ڪَلَ ڪَنهين نا ڏين، وِجي مَچ مَرن، ڪُوري منجهه ٻَرن، سَربَسر.

پنهنجي ڏِيلِ[10] ۾ پيا ٻارن ڏِيئو، لوڪَئون لِڪي پائن تا لِيئو[11]
خيال خدائي رکن ڪِيئو[12] حق سان هڪ تي نہ پائن ٻيو،
قائم اِنهيءَ قول تي، ٻَهگِڻ[13] اِنهيءَ ٻول تي، ڳاٽو[14] اِنهيءَ ڳولَ[15] تي، "مُحمّد" مگر.

---

(1) چنڊ. (2) اڳواڻ- رهبر. (3) عاشق (4) ڳالهه ٻولهه. (5) مڙس- مالڪ (6) اڪيلو (7) شوق سان،
(8) زبردست- طاقتور. (9) ظاهر (10) بدن. (11) جهاتي. (12) خُماريل- خوش (13) سياڻو (14) ڳڻ رکندڙ- خيال رکندڙ. (15) تلاش- ڳولا.

ڪافي - 31

(سُر ڪوهياري)

ڏکَ ڏولائي جا ڏينهن، ڪامِل ڪُل تہ ڪَٿي ڇڏيا.

عاشقن کي آسُودگِي،[1] رِندَن راتيون ڏينهن،

بانڪا[2] برهہَ بَهارِيا، نانگا نادر نِينهَن.

جوڳِي پنهنجي جُوءِ[3] ۾، شورِيا[4] وَتن شِينهَن.

"مُحمّد" مرشد جا وَسن، متان محبت مِينهَن.

---

(1) راحت، آرام، چَينُ، (2) بهادر، (3) علائقو، (4) مَچريل- مَستُ.

ڪافي - 32

(سُر تلنگ)

هٽي جوڳي ويو جاتان،[1] اندر ۾ اوڙَ[2] اُلفت جي،
محويت ميخ مقرر ڪيائين، ڪُنجِي ڪاتيائين ڪُلفت جي.

الستي راز رهبر جو، رهان طالب تَصور جو،
ڪيائين واقف ساري سِرَ جو، نانهين ڪا ڪاڻِ ڪثرت جي.

زُهد تقويٰ تَرڪ ڪـئي سي، هُنرِ حِـرفَـت هٿئون وئـي سي،
پَـچَـر پـِـرَ جـي پَـلـئِـ پئي سي، سـدا وائـي آ وحـدت جي.

حُسن حيرت حيراني آ، نينهن وارن نيشاني آ،
صَحِي صورت سُبحانِي آ، ڪُلي آ عَينَ[3] عبرت جي.

بيراڳن جانِ بيوس آهيان، لاڳاپا لوڪَ جا لاهيان،
"مُحمّد" تن جي تَڏي ڪاهيان، وُڙهِي آ قَلمُ قدرت جي.

---

(1) هَرَ ڪيڙڻ واري جاتَ، (2) ڪيڙيل هر جي لائين، (3) اک.

ڪافي - 33

(سُر پيروي)

دامَن لڳڙي آهيان، ننگ نماڻيءَ جو پالِ.

دلبر نا دَمُ ڏار تي، جانب مون سان جالِ.[1]

آقا اوجهڙ راهَ ڪئون، سائين پاڻَ سَنيالِ.

معلوم توکي آهي مڙيئي، ڳُجهَه اندر جي ڳالهه.

بِرهُ سدا بَرحال[2] ڪر، بيحد بي تہ مثالِ.

”مُحمّد“ کي پِيرِ مُغان، ساڻ پَلائي پالِ.

ڪافي -34 (سُر ڪسوري)

مشتاقان نُون مهر ڪرين، ڳُڻ تُساڏي ڳُتيان[1] مَئن.

پِرت مَنجهارئون پارَس پاوين، پير تيڏي دِي جُتيان مَئن،

مُئي دل نُون يار جاڳاوِين، سَنجهي ڪَنون چا سُتيان مَئن.

روز ازل ڪنون سهٺا سائين، دَر تيڏي دِي ڪُتِيان مَئن.

دم دم دي وچ داتا سائين، رمز تُساڏي رُتيان[2] مَئن.

"مُحمّد" نال نہ ماڻ[3] ڪرين، جهوڪَ[4] تُساڏي جَهتِيان[5] مَئن.

(1) ڳَنديل- جُڙيل، (2) رُدَل آهيان- مشغول آهيان، (3) ناز- نخرو، (4) بيٺڪ، ويهڻ جي جاءِ - هيٺاهين زمين- اُئن جي ويهڻ جي جاءِ، (5) جَهتِ- نندڙين ڪندين يا ڇارين جو ڳتل جُهڳٽو-"جهوڪ تُسادي جَهتِيان مئن" = معنيٰ: مان توهان جي اُئن جي ويهڻ واري جاءِ تي ڇارين جو جهڳٽو آهيان.

ڪافي-35

(سُر بلاولي)

مَٺِن هادي دي نال وي، هادي ميڏي نال وي.

رِندان والِي عجائب چالِي، مست موالي ڪَڏهان نہ خالِي،
حاصل حال حقيقت والِي، بِره ڪِيتِي بَحال وي.

سالم سَجدا پولا پَجدا، گاجا[1] گَجدا[2] روح نہ رَجدا،[3]
واه وجودي واڄا وَڄدا، دائم درد دَمال وي.

رَڱين رِيهان راتيان ڏينهان، ڪُوڪان ڪِيهان چُٺاتيان[4] چِيهان،[5]
بيوس باتيان وِيهان ٽِيهان، جذبي دار جَلال وي.

اعليٰ اؤجان فالم فوجان، پِرتئون پؤجان مُول نہ مُڙجان،
"مُحمّدن" مام محبت موخان، ڪِيتُس قرب ڪَمال وي.

---

(1) ڪڪرن جي گجگوڙ، (2) گوڙ ٿئي ٿي، (3) پَرچي- خوشي پوري ٿئي، (4) باه جون چُوچڙيون- سَنهي برندڙ ڪاٺي، (5) وَڍَ، زخم- دانهن- رڙيون.

(سُر جوڳ)

ڪافي- 36

سَتگُر ميرا دينَ دَيال،[1] پڇي پير نہ ڏَرتا هُون،

سَتگُر سامِي پيد بتايا، رنگ اُنهِين عجب وِڪايا،
هَٽِ گيا سبِ جَنجال، شُڪر اِلاهي ڪَرتا هُون.

علم عقل دِي جاءِ نہ ڪائِي، برهہ اَسان نُون بات سُنائِي،
ڪَيفي ڪَيف ڪَلال، مام اِنهِين وچ مَرتا هُون.

”مُحمّد“ اَيسا مذهب ڪِيا، ڪَب سُنِي هَئي ڪَب شِيعا،
هر جاءِ ويڪا حُسن ڪمال، رنگ اِنهِين وچ رَهتا هُون.

---

(1) دَيالوُ- سَخِي – رحمدل.

ڪافي- 37 (سُر ويهاڳُ)

هِيڻن جا همراهَہ، ڪر مدد تون مرشد سائين.

درد ڏکايا ڏونهان دمر دمر، پَيئَڙ پڙڪي باھِہ.

اچي اُليلَ[1] اندر ۾ پيڙا، تڏي نڪري آهَہ.

سبقَ سور جا ڪِينَ وساريان، سي سِيباٽا[2] ساهَہ.

هتئون هلندس ڪِينَ مُڙندس، ڪندس ڪاهو ڪاهَہ.

مَڄ مدامي ڪِينَ اُجهامي، عشق سندو آڙاهُہ[3]

"مُحمّد" سان ڪئي مِهر پَلائِي، هادي شَهنشاهَہ.

---

(1) اُڪيرَ

ڪافي-38 (سُر ڪوهياري)

حق هادي همراهه ٿيو، راهه مِڙئِي ٿيا رَدَ ميان،

پيالو پياريائين پرت سان، مست مَيخاني مَدَ[1] ميان،

جُنبش[2] ساري جان ۾، ذوق جو ٿيڙو زَدَ[3] ميان.

ڪونہ بَڌي تو ڪڏهن، ڪوهيارل سان قَدَ[4] ميان،

"مُحمّد" ڪي ميثاق ڪئون، يار ڏنو آ يَدَ[5] ميان.

(1) شراب، (2) چُرپُر- هلچل، (3) چوٽَ- نشانو (4) قَدَ بَڌڻ= هوڏ ڪرڻ، ضد ڪرڻ، (5) هَٿُ

ڪافي-39

(سُر پيرُو)

اک ڏيڪارِيَئِہِ اوچتو، اکڙِي کُلِي وئي،
رَسمَ رِيتِ رِياءَ جي، بازِي ٻِلِي وئي.

حُسن واري هاڪَ[1] جي، هولِي هُلِي[2] وئي،
وڻ ٽڻ کي واسُ آيو، واءُ گُهلِي[3] وئي.

ڇاتِيءَ اندر ڇوهَ[4] مٿون، ڇولي ڇُلِي[5] وئي،
ويراني آباد ڪيائين، ڪاهِڙِي کُلِي[6] وئي.

اَصُلَئُون روز ازل کان، ٻولي ٻَلِي وئي،
سِڪَ سچي سردار جي، جهولِي جُهلِي وئي.

رهبر واري راز سان، روڳِي[7] رُلِي وئي،
"مُحمّد" مُغان جاڻ سان، بيڃاڻِي[8] ڇُلِي[9] وئي.

---

(1) مشهوري، (2) ڦِڪڙجِي- مشهور ٿي، (3) لڳِي – مِلِي، (4) تيزيءَ سان، (5) ڪنارن تان اُٿلي پئي؛ (6)سيئي، (7) بيمار- بيماري- اندر جي خرابي، (8) لاعلمي، (9) هلي وئي

ڪافي-40 (سُر پيرُو)

هادي آ منهنجو حالُ، قالُ[1] مڙوئي ڪوتَهہ[2] تيڙو.

هَرجا تي آ حاضر ناظر، جانيءَ جو تہ جمالُ،
قرب قديمي قائم ڪَيَڙو.

شورَ مَنجهئون شهباز تي آيو، جذبي دار[3] جَلالُ،[4]
جوشَ جَلايو سارو جيئڙو.

وَجد وجودِي واجب والي، واحد وَصُل وِصالُ،
رڳَ رڳَ ۾ آ راضي رَهِيَڙو.

سُرڪَ ڏي تو ساقي ساغر، ڪَيفِي[5] ڪَيف[6] ڪَلالُ،[7]
نِينهَن نشي تنهنجي نِيَڙو.

"مُحمّد" جو آ مهدي مؤلا، هردم حُسن ڪمالُ،
پيچ پريمي جنهن سان پيَڙو.

---

(1) ڳالهہ ٻولهہ، (2) گهَٽ، (3) جوشيلو (4) رعب- وڏائي — بزرگي، (5) نشي وارو- خُماريل، (6) نشو- خُمار، (7) شراب ناهيندڙ ۽ وڪڻندڙ- ساقي، اصطلاحًا- مرشد.

(سُر ڏَناسِرِي) كافي-41

شاهه شهيد تون شير هادي، معاف ڪراءِ مشڪل منهنجي.

هر درد جي دوا آهين داتا، ڪَل[1] لهي ٻيو ڪير هادي،

عرش فرش تي طَبلُ توحيدي، پئي وڄي ٿي پيرِ[2] هادي.

پائي آيس پاند ۾ مُون، معاف ڪراءِ مَندَ[3] ميرَ[4] هادي.

ڇُميان چشمان[5] چاهه منجهارئون، سِرَ ڪان وٺي پئي پير هادي.

"مُحمّد" گدا آهي دَرَ اوهان جو، عشق جا بَخشو اَٽيرَ[6] هادي.

---

(1) خبر- سُڌِ. (2) وڏو نغارو. (3) مَندائي- بُرائي، (4) ميراڻ- خرابي، (5) اکين سان. (6) سَٽَ جا ويڙها يا ڍيريون (اصطلاحًا- گهڻائي)

(سُر پيلو) كافي-42

ڇاهي اَڱيئون منهنجي پيرَ، ماڪِي مِصرِي کَنڊ ۽ کيرَ.

جاني هٽي ويو جان ۾، تَن مَن تِکا تِيرَ.

کَپي ڪوري وَڍي ڇِڇري، ڇاهئون ڏنائين ڇيرَ.

بَس روئڻ ڪان ڪِينَ اچي ٿي، نيڻن وَهايان نِيرَ.[1]

آهي اَصُل ڪان آسري، واهِي[2] وارِثَ[3] وِيرَ.[4]

"مُحمّد" کي ميثاق ڪان، سَچي ٿِپائي سِيرَ.

---

(1) پاڻي- ڳوڙها. (2) واهَر ڪندڙ- سنڀال ڪندڙ. (3) سنڀاليندڙ. (4) بهادُر.

ڪافي-43 (سُر پيرُو)

منهنجو مالڪ تون، تو بنا ٻي واهَه نه ڪائِي.

ٻيا سڀ وارِيَم[1] واهَر وَسيلا، راهَ جو رهبر تون.

هِيڻَن تي هَٿڙا رکين ٿو، درد جو دارُون[2] تون.

عَيبن ڏي ڏِسُ ڪِينڪِي سائين، ميرا ڌوئندين تون.

حُجتَ منهنجي تو سان ناهين، ڪَرم ڪندين اچي تون.

دَمَ قَدمَ تي دائم دلبَر، قائم رکندين تون.

"مُحمّد" تُنهنجو ناهين ٻي جو، هِتِ هُتِ حامِي[3] تون.

---

(1) ڇڏي ڏنم، (2) دوا، (3) حمايت ڪُندڙ، مددگار

ڪافي-44 (سُر جوڳُ)

آهيان اَبوجھ[1] عاجز،[2] هيٺو آ حال منهنجو،
ڳَنديُون پيو ڳَنڍيندين، ناهين ڇنَڻُ شانُ تُنهنجو،

عيبن ڏي نہ ڏِسُ تون، گولِيءَ[3] ساڻ ڳَسُ تون،
رهبر اچي رَسُ تون، وارثُ وَصِي[4] تون منهنجو،

لڳِسِ تنهنجي لاري،[5] پَئِي آهيان پَناري،[6]
ڇڏج نا وساري، تو دَرِ سوال منهنجو،

ڪيو فراق فانِي، جُنبش لڳي آ جانِي،
پَسان پاڪُ پيشانِي، جَلوو جَمالُ تنهنجو،

"مُحمّد" تنهنجو مَداحِي،[7] سَيّدَ سَدا سپاهِي،
گاهِن[8] سندو آ گاهِي،[9] هردم خيال تنهنجو،

---

(1) بي سَمجهُ، (2) مجبور، (3) ٻانهِيءَ، (4) وَصيت ڪَيل- وارث، (5) پيار محبت- آسري، (6) پَناهہ ۾،
(7) تعريف ڪندڙ، (8) گاهہ ڪندڙن- يعني نوڪَرن، (9) گاهہ ڪندڙ- نوڪر- غلام.

ڪافي-45

(سُر آسا)

هادي شاهَنشاهُ آهين، مُنَورُ[1] مِيرُ مَلاحُ آهين.

وارثُ وِيرُ ولايت تون، سالڪ ساقي سَخاوت تون،
اعليٰ عشق اَمانت تون، بيواهَن بادشاهُ آهين.

خواهش خوشي غم تون، ماسُ هڏو چَمُ تون،
دُولَهُ[2] دَرازُ[3] دَمُ تون، سيني ساهُ پَساهُ آهين.

قادر قرب ڪَريم تون، رازق راز رحيم تون،
اَفضل[4] عَزمُ[5] عظيم تون، بيشڪ بَقا بِاللهُ[6] آهين.

ثابت سَمِيعُ[7] بَصِيرُ[8] تون، ”ڪُلِّ شَيءٍ قَدِيرُ“[9] تون،
فاقو فَقَر فقير تون، اَزلِي ”اِلاَّاللهُ“[10] آهين.

معنيٰ ۾ مُختيار تون، صاحب سِرُ سردار تون،
”مُحمّدُ“ جو مهندار[11] تون، جَذَبُ[12] جَلالُ اللهُ[13] آهين.

---

(1) روشن، (2) گهوٽ- سخي، (3) ڊگهو- پُهچ وارو، (4) بزرگ- بَرتَر، (5) ارادو، (6) الله جي ذات سان باقي- الله سان مليل، (7) ٻڌندڙ، (8) ڏسندڙ، (9) ”هرشيءِ تي قدرت (طاقت) رکندڙ“، (10) سواءِ الله جي پر آهي الله (الله جِي اثبات ڪرڻ) (11) اڳواڻ- رهبر، (12) ڪشش-ڇڪَ، (13) اَلله جي بُزرگي.

(سُر تِلنگ)

ڪافي-46

هادي منهنجي حال جو، فائِقُ[1] فَيض رَسانُ،[2]

ڪِينَ ڇڏيندو ڪڏهين، جُنگ[3] جِيلانِي جُوانُ.

دائم داتا دَردَن جو، دارُون[4] آ دَرمانُ،[5]

وارث وسيلو آ وِلهَن[6] جو، حامي هَر دو جَهانُ.

وِيتو آهي وُجود ۾، مَلهائي مَئيخانُ،

عاشق اَزلِي عشق ۾، "مُحمّد" آ مَستانُ.

---

(1) اعليٰ- مٿاهون، (2) فَيض رَسائيندڙ- فائدو رسائيندڙ، (3) وڏو- بهادر (4) دوا، (5) علاج، (6)ڪمزورن- بي سَهارَن

ڪافي-47 (سُر ڪوهياري)

سَيّد تُنهنجي سارَ اَٿم، پلپل پِـرين پُڪارَ اَٿم.

دَم دَم دلبر ڪِينَ ٿو وسرين، سيني ساهَ سَنيارَ[1] اَٿم.

"فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ"[2]، گويا اِها گُفتارَ اَٿم.

اصل روز اَلستَ کان، لُونءَ لُونءَ[3] ۾ لَنوارَ[4] اَٿم.

راتيون ڏِينهان روح ۾، پِرت واري پَچارَ اَٿم.

"مُحمّد" مَخفِي موُج ۾، معنيٰ مينگهہَ مَلهارَ اَٿم.

---

(1) يادگيري (2)

ڪافي-48 (سُر پُوريا)

گُم ٿيو غَيرُ خيال، حال حَقِيقِي عَينُ عنايَتَ.

پيچ پريمي پارَس پيرِو، حَرفُ حقيقي حاصل ٿِيَرو،
اَحديَتَ اَحوالُ، هِردي هادي ڪئي هدايَتَ.

گُفتگو گِيانُ[1] گُـرون[2] جو گُونِي[3]، بيرنگ بالا[4] باتِ بيچُونِي،[5]
جوشِي جَذبُ جَلالُ، شاهِي شَوقَ جِي آهي شَفاعَتَ.[6]

ٿي پُوڄارِي پابَند پِرَ[7] جو، ثابت سؤدو آهي سِرَ جو،
دائم[8] ديهِي[9] دَلالُ،[10] قائم ڪري ڪَيفِي[11] ڪِفايَتَ.[12]

صاف صفا صَحِي آ صُورَتَ، "مُحمّد" مَعنيٰ موهَن[13] مُورَتَ،[14]
هَرجا حُسن ڪَمالُ، حامِي[15] هَردوجَهانُ حِمايَتَ.[16]

---

(1) روحاني علم، لدني علم. (2) گُروءَ- مُرشدَ. (3) رنگ وارو- ڍَنگ وارو. (4) مٿاهون. (5) جنهن جي خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي، (6)گناهن جي معافيءَ لاءِ سفارش- ڇوٽڪارو. (7) پِرينءَ- مَحبُوبَ. (8) سدائين- هميشہ. (9) جسم. (10) علامت- اُهڃاڻ- ثابتي، (11) متوالِي- نشي واري، (12) ڪافي ٿيڻ- ضامن ٿيڻ. (13) حَسِينُ. (14) صورت-بُتُ. (15) مددگار. (16) مدد- حفاظت- طرفدارِي.

ڪافي-49

(سُر آسا)

هِتِ ڪيئن آئين سُهڻا سائين، پارِڙَ [1] پَهري پوشُ.

جهاتِيءَ ۾ جَهلڪارُ پَسائِئِ، حَيرانيءَ ۾ هوشُ،

"مَنْ رَاٰنِيْ فَقَدْ رَاٰءَ الْحَقُ"،[2] گُفتي[3] ۾ آ گوشُ.[4]

پيالو ڏي تون دِلئُون دلبَر، رَهان نوشان نوشُ.[5]

پيئڻ سان پَيماني[6] پُر ٿيان، جِيءَ ۾ جاڳي جوشُ.

"مُحمّد" سان محبوب تون، رَهُ دوست دوشان دوشُ.[7]

---

(1) اڇو شيلاني موتِي، (2) "جنهن مون کي ڏٺو تنهن سچ پچ حق کي ڏٺو"، (3) ٻولَ- چوڻيءَ، (4) ڪَنُ، (5)پرپور طريقي سان پِيتَلُ، (6) شراب جي ماپي- جامَ، (7) ڪُلهو ڪُلهي سان ملائي.

داستان: سَسئِي پُنهُون

ڪافي - 50 (سُر ڪوهيارِي)

بـيراڳِڻ پنـيـورَ ۾، وَتان ويڳاڻِي.[1]

ننڊ نياڳِيءَ نِهوڙيو،[2] نِـڌَر[3] نماڻِي،

ڪاهِيندِيَس ڪيچ ڏي، ڄاڻِي سُڄاڻِي.

وَهائيندِيَس ويساهَ سان، پِنبِڻَن مَئُون پاڻي.

بِرهمَڻِ بلوچ جي، سُورَن ڪئي ساڻِي.[4]

"مُحمّد" اِنهيءَ پنڌ جِي، ناهين ڪا پُڄاڻِي.

---

(1) اُداس، (2) ناس ڪيو، (3) بي پُهچ- بي سهارا، (4) صفا ٿَڪل، صفا ڪمزور.

(سُر ڪوهياريءَ)

ڪافي- 51

ڪوهيارَل سان ڪَم آهي منهنجو اديون.
رهيو روز ازل کان، دوستيءَ وارو دَمُ.
جَتن مون سان جَاڙ[1] ڪَئِي، گوندَر ڏئي ويا غَمُ.
پنيورئون بيزار ٿي، راهَه وٺي تون رَمُ.[2]
گهوريان جان جَتَن تئون، ماسُ، هَڏو ۽ چَمُ.
"مُحمّد" جِي محبوب لَئِ، طلب نہ ٿي آ تَمُ.[3]

(1) جاڙَ= ظلم – بي واجبي، (2) هَلُ، (3) تَمُ= تمام - ختم.

ڪافي-52 (سُر ڪوهياري)

ڪافَ ڪَشالا ڪَٽِجي ويا ڪُل، پُنهون پَڪي[1] پيهِي[2] آيو آيو.

ساڻ ويساهَ جي وَرَ ڪي ووڙِيُم،[3] ٿِيَڙو پنڌ سَجايو سَجايو.

قُربئون ڪاهہ ڪري سائين ڪوهيارَلَ، پيچ پريت جو پايو پايو.

ٻانيڻِ ٻاروچَلُ ٻہ نہ ڀانيو، هِڪو هِڪُ هُلايو هُلايو.[4]

"مُحمّد" ڪي مَهدِيءَ مهر مَنجهارؤن، هاديءَ رنگ رَسايو رَسايو.

---

(1) جهوپڙي- گهَر. (2) اندر اچڻ- اوچتو اچڻ (3) ڳوليم. (4) مشهور ڪيو.

ڪافي-53 (سُر ڪوهياري)

مون کي ڪَلَ[1] نہ ڪا، ڪوهيارل ڪيچ وڃڻ جي.

هلڻ ويل هوتن ڪئي، هِيٺيءَ هَڪَل نہ ڪا.

اديون عشق وارن رِيءَ، جهاڳي جبل نہ ڪا.

قَتيل کي تہ فراق ۾، جهورِي[2] جَهلَ نہ ڪا.

سِڪَ وارن کي سَرتيون، ملڻ منزل نہ ڪا.

"مُحمّد" ٻاروچل جي، شوخِي[3] شلَ نہ ڪا.

(1) خبر، (2) ڳڻتي- پريشاني- سِڪَ، (3) تيزي- شرارت

ڪافي-54 (سُر ڪوهياري)

ڪيچي سُڻندا ڪڏهن، ٻانيڻ[1] جي ٻولي.

ووڙيندي مون شل ڏسان، ٽَڪَر مَٿئون ٽولي.

راتيون ڏينهان روح ۾، هَئي هَئي جي هولي.

دائم درد هِجر[2] ۾، چاڪُ[3] ڪَيَمر چولي.

جان جُسو[4] جانيءَ تَئون، گهولڻ[5] ڪيان گهولي.

"مُحمّد" محبوبن جي، گولن جِي گولي.[6]

---

(1) سَسئيءَ جي اصل ذات، (2) ڏک- جدائي، (3) ڦاڙڻ- ڦاڙي، (4) بدن- جسم، (5) گهورَڻ- قربان ڪرڻ- صدقو ڪرڻ، (6) ٻانهي- ڪَنيزَ

ڪافي-55 (سُر ڪوهياري)

ٻَڌوَ ڪا ٻاروچن ۾، ٻورهيَتِ جي ۾[1] ٻَچارَ.

"قَدْ كُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ"، دَمُ نہ ٿيندس ڌارِ.

سُتي سيجَ پلنگ تئون، جاڳائي ڪنهن جارَ.[2]

سِڪَ اوهان جِيءَ سَسئي، ساڙِيا سڀ سِينگارَ.

راتيون ڏينهان روح ۾، تِکِي طلبَ تَنوارَ.

"مُحمّد" سان جيڪي ڪيائون، پاڙيندا[3] اِقرارَ.

---

(1) ٻہ- ٻِڻ، (2) جوشَ جذبي- ڳُجِهِڙيءَ، (3) نباهيندا- پورا ڪندا.

ڪافي-56 (سُر ڪوهياري)

مون تہ نماڻيءَ نصيب ٿيو، روئڻ ۽ راڙو.
ڦُري دل فقير ويو، ڪري ڏوہڻ سان ڏاڙو.
رَڳُن ۾ رِيهاٽَ پيو، ساہَ اندر ساڙو.
اديون روز اَلست کئون، قربَ سندو ڪاڙهو.
دَم دَم دردوَندِيءَ جو، پرِيَن سان پاڙو.
"مُحمّد" جو محبوبَ تون، ڪر چِڪَڻ[1] مان چاڙهو.

(1) چِڪَڻ= گَپ- ڏُبَڻ.

(سُر تلنگ) كافي-57

ڄَئندي[1] جائِڻ[2] سانُ، سورن جو مان سانڍ سَمايو.

عشق سَندِي اَويڙ[3] ۾، آٽي قاسايم پانُ.
شانُ شَرفُ مان سڀ وڃايو.

اصل هُيس مان ٻانڀياڻِي،[4] هاڻي تيس ڪَتياڻِ،[5]
دَستَئون[6] ڌوٻيءَ دامن لايو.

"مُحمّد" سان اڄي مِلُ تون جاني، ڄام پُنهون ڪر ڄاڻُ،
تورِيءَ سارو جسم جلايو.

(1) ڄمندي، (2) ڄمڻ، (3) سختي، وَڪڙ، ڦيرو، (4) سَسئي اصل ۾ ٻانڀڻ خاندان جي هئي، (5) درياءَ ۾ لُڙهي اچي ڪتيءَ کي ملي ته ڪتياڻي سڏجڻ لڳي، (6) هٿ سان.

ڪافي-58 (سُر پيروي)

پِرين تنهنجي پَسڻ لَئہ، وِندُرَ سڄي مان وڙِيان

سڀ لاڳاپا لوڪَ جا، ٿَڪي[1] ڀَڇرئين سان ٽوڙيان.

نِسَنگَ[2] تُنهنجي نينهن ۾، پنهنجو پاڻ پَتوڙيان.

ڇڏي شهر بازاريون، جَبلن جايون جوڙيان.

وِڪَ نہ وِهَندسِ هڪڙي، لِڪيو لَعلڻ لوڙيان.

"مُحمّد" تنهنجي ميلاپ ڪئون، مُورَئون[3] مُنهُن نہ موڙيان.

ڪافي-59 (سُر جَهنگلو)

سيجَ پلنگَ سپ سا‍ڙي، ڪيچَ ڏَٽِن ڏي ڪَهَندِس

ساهہ سِڪي ٿو سرتيون، دوست پرينءَ لَءِ دَمر دَمر،
لوڪ ساري جا طَعنا، ساهہ مٿي مُون سَهندِس.

اَصل هُيَس اَربيلِي،[1] ڪِيسُ[2] قلمَ هِي ڪَيڙو،
ويچارِي وارث ڏي، هيڪلڙِي ٿِي هَلندِس.

برهہ ڏني بيماري، روز اَلستِي اديون،
پُور پون تا پلپل، راتيون ڏينهان روئندِس.

"مُحمّد" سان شَل ميلو، محبوبن جو ٿيندو،
آڏو عَجِيبَن جي اڳيئون، پاندُ ڳِچي ڳَل پائيندِس.

---

(1) البيلِي – لاڏلي (2) ظلم - قهر.

(سُر پٽ پجري) كافي-60

پنهنجي پُنهل پَسَڻ لئہ جي جاڳنديون،
اُهي دُرسُ دارين ۾ عيد ڪنديون.

ڪَوڙين قرب ڪوهيارل ڳائيندس، سڀ سَرتِن کي مان سُڻائيندس،
نازڪ ناتو نينهن نيائيندس، ڪِينَ وسرن مون کان برهَ بَنديون.[1]

سڪ سيني ۾ سدائين اَٿم، توکئون جانبَ ڪِينَ جدائي اَٿم،
توڙي ڦِريَل ساري خُدائي اَٿم، مُنيُون محبت ۾ سي نا مُڙنديون.

پينر شهر پنيور ۾ بيهڻ، ڪائڻ پيئڻ سڀ وِهُ ٿيو ويهڻ،
روهَہ جبل ڏي راهِي ٿيوَڻ، پرت بنا ڪيئن پهچنديون.

جيڪي قول ڪيچين جا ياد رکن، تَنهنجا ٻولَ ٻَئِي هِتِ هُتِ تا پُڙَن،[2]
"مُحمّد" مؤج مُدامِي مُحبَ مِلن، اُهي مُنُهِنُ[3] محبوبن مَرڪَنديون.[4]

---

(1) چوپڙيون- ڪتاب، (2) تڪميل کي رَسن- پُڄن، (3) مُنهَن سامهون- رُوبَرو، (4) سُرخرو ٿينديون

ڪافي-61 (سُر ڌناسِري)

ڪيچ ڏي ڪاهِيُون ڪاهِ وي ميان، هِتڙي تنهنجو چا وري آهي.

ڪيچ وڃڻ جي ڪر تياري، ڏئي پنهور کي باهِ وي ميان.

اَڙِڪَڙِ[1] ڪئون آزاد ٿي تون، لاڳاپا سڀ لاهِ وي ميان.

هِن گهر کي وساري ڇڏ تون، اَڇها اوڏَهِن ناهِ وي ميان.

ڪَثرت ڪوٽ ڪيرائي ڇڏ تون، ڊِنگَ[2] مڙيئي ڊاهِ وي ميان.

"مُحمّد" تي ٻاجَهه ٻاروچَل، روز اَزلِي آهِ وي ميان.

---

(1) روڪ ٽوڪ- مُونجهارو. (2) طاقتور- (ڊِنگَ ڊاهڻ =پاڻ کان طاقتور کي شڪست ڏيڻ)

كافي -62 (سُر جوڳُ)

كيچ ڏٽين جو قافلو، خانَ ويا كي كَنيُون كَنيُون

ڏکَ ڏولاوا[1] پاھَڻ[2] پَتيون،[3] پَلئِہ نماٽيءَ جي پَيون پَيون.

كَرهَلَ[4] كيچ قطاري هليا، رَندَن[5] جون چُميان رَيُون رَيُون.

"مُحمّد" ذوقَ مَنجهارئون ظاهر، نِيرَ[6] وَهايان نَيُون[7] نَيُون.

---

(1) تكليفُون. (2) پَٿر (3) جبل ۾ سِڌو رستو يا جُوءِ. (4) اُٺَ — كَرها. (5) رستن. (6) پاڻي، لڙكَ.
(7) جبلن تان لهندڙ پاڻيءَ جون تيز وهكري واريون ناليون.

ڪافي-63

(سُر لوڙائُو)

هوتَ ٻاروچَل ٻانيَڻ[1] سان، قولَ پُنهلَ پنهنجا پاڙِيُون وچ.

سَسُئِي سِڪايَل محبت مارِيَل، سُورن ۾ نا ساڙِيُون وچ.

ڏئي آرانِيي[2] عشق واري، عاشِقُ تون نہ اُجاڙِيُون وچ.

ويتر هن وچوڙي ۾، وَنگَ هَنيون نہ واڙيُون وچ.

"مُحمّد" پياسِي آهي اُداسِي، چانگَل[3] تي گَڏُ چاڙِهيُون وچ.

---

(1) سَسُئِيءَ جي ذات، (2) شُعلي- ڄِڀيءَ، (3) چانگو، ڪَرهو-اُٺُ.

ڪافي-64 (سُر ڪوهياري)

سَرتيون ڪونهي ساءُ،[1] رِيءَ پَسڻ پُنهونءَ جي.

ڏني مون کي ڏکن جِي، پِينگهي لولِي ماءُ

هاڙهي هَلندِس هيڪلِي،[2] لَهندِس سُڌِ سَماءُ[3]

جبل جهاڳي جوش مٿون، ويتر سَهندِس واءُ

سُورن ٻائِي ڪونه ڪو، جَمُ نڪوئي چاءُ[3]

ڪڏهن تيندو ڪِينَڪِي، بنا عشق اُپاءُ

"مُحمّد" ڏي مَحبُوبَ تون، اڄ ٻاروچَل آءُ

---

(1) مزو، (2) هيڪلِي-اڪيلِي (3) خبر چار، (4) جمڻ-پوک جو اُسرڻ، چايَل.

كافي-65

(سُر پيروي)

عشق لڳو آ آرِيءَ[1] سان، چو تيون ڏيو دَڙڪا،
ويندِس مائِين مُورَ نہ رَهندِس، ڪانہ رڪان اَڙَڪا.

لُونءَ اندر ۾ لاشڪ لڳي، جانب جي جَڙَڪا،[2]
سِر مَڏِي[3] ۽ حال سَيوئي، ڪانہ چڏيم هَڙَڪا.[4]

دل منهنجي ۾ دُودُ[5] دُکي ٿو، ٻاقَ ڏئي ٻَڙڪا،[6]
صاف سيني ۾ سيڪَ[7] اچن ٿا، سُورن جا سَڙڪا.[8]

ڪنهن ڪئون ڪڏهين ڪِينَ ڏِجان ٿو، خالي هِڻَ ڪَڙڪا،[9]
ڪاهيون ڪاهيان نينهن نيايان، ڪيچ ڪيان ڪَڙڪا.[10]

هادي ڪيڀا قلب منهنجي مئون، ناَهَ نَڳِي ٽَڙڪا،[11]
هر دم آهي هوتَ پُنهل ڪي، "مُحمّد" چئي رَڙڪا.[12]

---

(1) محبوب- پُنهل، (2) پاڙَ- پيار، محبت، (3) مال ملڪيت، (4) مُوڙي- سَرمايو، (5) دُونهون، (6)ٽسڪو- جوش، (7) تپش- گرمي، (8) ساڙُ- جَلن، (9) اجايا دڙڪا، (10) اوچتو وجي پهچڻ، (11) آواز، (12)

ڪافي-66 (سُر لوڙائو)

هيڪَل هل تون هوت ڏي، ڪانه سُجهي سَنگتياڻِي.

ڪاهيون ڪاهج ڪيچ ڏي، رَندَ[1] وٺي راڻِي.

جبل جهاڳي جوش مئون، پير ڪر پاڻِي.

سَچِن ڪي سؤڪو[2] آهي، اڳيئون اجهو آرياڻِي.[3]

متان تون ماندِي[4] ٿئين، ٻاروچي ٻانپياڻِي.

اورِيُون اورِج[5] اؤج سان، عشق سَندِي آڪاڻِي.

"مُحمّد" وِڪَ وِير[6] تو، سَيّد تيندُءِ ساڻِي.[7]

---

(1)رستا، (2) آسان، (3) شريف عورت- معزز عورت- آريہ نَسل مان، (4) بيچين- پريشان، (5) ياد ڪج، (6)بهادر- دلير، (7) ساٿي- همراهہ

ڪافي-67 (سُر رائُو)

سَرتيون مان سائيهُہ،[1] گهوري چڏي آ جان جَتن تئون.

شَهرَ بَحرَ سڀ زَهـر ٿي پانيان، ڏونگـر منهنجو آ ڏيهُہ.[2]

ڪاهي وج تون ڪيچ پُنهَل ڏي، منجهہ پَنيورَ نہ ويهُہ.

دائم رهہ درد فراق ۾، چاتيءَ ڏئي چڏ چيهُہ.[3]

"مُحمّد" جي تون مِهر مَنجهارئون، پَڪي[4] پرين اِچي پيهُہ.[5]

---

(1) مُلڪ- وطن، (2) وطن، (3) چيرو- وَڍُ، (4) ڪڪائين جُهوپڙي، (5) داخل ٿي- اندر اَچُ.

ڪافي-68 (سُر ڪوهياري)

آرِياڻِي[1] اَڳواڻُ، حاضر آ هَر حال ۾.

ڪاهِيندِس ڪيچ ڏي، جاڙِي اِهو جاڻُ.

لڳو لوحَ مَحفوظَ[2] ڪان، ٻاروچَل جو ٻاڻُ.[3]

پينَـُر هوتَ بلوچ لَئہ، پُرزا ڪَندِس پاڻُ.

ڏيندا ڏُڪايَلِ کي، ڏاتَر لڳِ ڪو ڏاڻُ.[4]

ڪندو ڪيچ ڏٽي اچي، "مُحمّد" نا شَل ماڻُ.[5]

---

(1) معزز عورت- ڳُل وڪڻندڙ عورت- (آرِي= مانوارو- خاندانِي- هِي لفظ اڪثر ٻُنهل لاءِ استعمال ٿيو آهي)، (2) اها تختِي جنهن تي اللهﷻ انسانن جي قسمت ۽ اعمال اڳ ۾ ئي لکي محفُوظ ڪيا آهن، (3) تِيرُ، (4) ڏاڻُ- داڻُ- بَخشش- انعام، (5) ماڻُو – ماپو- حساب ڪتاب.

ڪافي-69

(سُر سامُونڊي)

ٻاجھ پَري ٻولي، ٻاروچل ڪٿي ٻي نہ ڪا،

ڪاهيندس مان ڪيچ ڏي، گامَ[1] پري گولي،

ڏونگر[2] ڏاڪا[3] ڏاڪڙا*، جهلي پيا جهولي[4]

ووڙيندس[5] ويساهَ[6] سان، ڳوٺن ۾ ڳولي[7]

جاري ٿيڙي جيءَ ۾، هَٿي هَٿي جي هولي،

"مُحمّد" جي محبوب آ، دل دَري کولي،

---

(1) پيرَ- قدمُ. (2) جبل. (3) چاڙهيون. (4) جهوليءَ جُهلڻ= خودبخود حاصل ٿيڻ- بنا ڪوشش جي ملڻ.
(5) ڳوليندس. (6) يقين. (7) ڳولائُو – ڳوليندڙ.
* ڏاڪڙا= ڏُکيا پنڌ- ڪَشالا.

(سُر جوڳُ) کافي-70

نندِ نِهوڙيو،(1) ويو پُنهَلُ، جهاڳَڻ آيم جَهنگَ جَبلُ.

جاڳِيَسِ ڪِينڪِي جارُ(2) ڪري، ويا پُنهل ڏيرَ ڦُري،
آيَسِ عشق جي يار اَري،(3) سُور ڏئي ويا سمجهي سُتَلُ.

ڪَلَ ڪَنهين مون کي ڪانہ ڏِني، راحت ۾ اچي رات پِني،(4)
هِڪَ ڄَڻِي هُتِ ويا نہ ڳِنهين،(5) ڪيچ ڪاهي ويا ڪَرهَلَ.(6)

پلپل پئي يارُ پُڪاريان، ٻانهِي ٻاروچَل ٻاڪاريان،(7)
سڪ مئون سيئِي پئي سَنياريان، قرب ڪري ايندو ڪوهيارلُ.

ڄَتن مون سان جاڙَ(8) ڪئي آ، وَس منجهان دل نہ وئي آ،
"مُحمّد" پيش پِريَن جي پئي آ، ڪڏهن ملندو وَرُ(9) وِڇڙيَلُ.

---

(1) ناسُ ڪيو- نابُود ڪيو- تباهہ ڪيو، (2) جذبي سان- جوش سان، (3) وَڪَڙ، (4) گهِمِي- ماڪَ پئي- ٺڏاڻ ٿي، (5) وَٺِي، (6) ڪَرها- اُٺَ، (7) رڙيون ڪيان- دانهون ڪيان، (8) ظُلم- جُٺِ، (9) مڙس - محبوب.

(سُر ڪوهياري) ڪافي-71

هيو ناهين ٻاروچل، ڪاڪِيُون ڪيچَ پَنيورَ ۾.

چاڪئون وڃي چو پئي، جهاڳين جهنگ جَبلُ.

ٻاهر ڳولين چو اَجايو، پاڻ ۾ آهي پُنهلُ.

هِڪو هِڪُ هُلاءِ تون، ڪڍي خامُ[1] خَلَلُ.[2]

"مُحمّد" جو محبوب آ، قُربئون ڪوهيارَلُ.

---

(1) ڪَچو- خراب، (2) خرابي

داستان:عُمَر مارئي

ڪلام-72

(سُر پيروي)

الله آڻ اُوهي جنِن ڪاڻ ماندِي،
ادا ڙي عمر ميان ٿيندا ڪُلهي ڪانڊِي.

مارُن اچڻ وايون، ڏيندو ڏيهه واڌايون،
اِيندَمِ شال ايڏاهون، پنهوارن جا پانڊِي.

ايڏا ظلم نہ ڪر، ضعيفَن زوراوَرَ،
ڏٽي پنهنجي ڪان ڏَرِ،[1] قضا ڪوٽَ آندِي.

عُمَر ياءُ منهنجا، اِهي ڪم ڪنهن جا،
ڇڏ ج خيال پنهنجا، نہ ڪر بند باندِي.[2]

"مُحمّد" آ وِڪاڻو نہ ڪر يار ماڻو،
اَوهان پاڻ جاڻو، ناهيان وارُ واندِي.

---

(1) ڊِڄ، خوف ڪر (2) قيدياڻي

ڙي)

ڪافي-73

(سُر پيروي)

الله شال ميلي، ماروئڙا سي مون کي،
ڪونهي حالَ پائِي، ڏيان دانهن ڪنهن کي.

مارُن ڏي جو ويندس، گهَڙِي هِتِ نہ رهندس،
وجي تن سان ملندس، ويڙهيچن وِکين.[1]

مارُو شال ايندا، وٺي نال نيندا،
ڇِنِي نا ڇڏيندا، ڏسان شال اَکين.

عُمَرَ هِيءَ ڇو ڇائِي، سورن ۾ جو آئي،
هجي ها سدائين، پنهوارن پَکين.[2]

"مُحمّد" سان سدائين، ڪيو نا جدائي،
ماريو هيءَ مَدائِي،[3] روليو جنهن اسان کي.

---

(1) وِکون کٽي- پنڌ ڪري، (2) جُهوپڙين ۾ - پَکَن ۾، (3) ...

ڪافي-74 (سُر پيرو)

مارُن جون مُئِيءَ سان، کھڙيون اَٿم ڳالھيون،
پاڙيندا پَنهوارِ سان، اچي مون اوتاري.

بيوس بَند ۾، بَڌِي پئِي پاڌايان،
ويڙھيچن ڏي، وينِي مان واجھايان.
ڪوٽَ ۾ قرار ناهين، هَنجون پيئي هاري.

مُلڪَ ملير جِي، وٺي پيئي وائِي.
وٺي نتي پِي، ڪا پولِي ڪائِي،
راتيون ڏِيهان روح ۾، سَنگھارَ سَنياري.

"مُحمّد" مارن لَئِ، مَنُ آهي ماندو.
تابَ تِڪي سان، عمر تو آندو.
موٽائي مُنج [1] مارئي، وطن تي واري.

---

(1) موڪل اُماڻ

ڪافي-75

آزاد عمر ڪر بانديءَ کي، تون مارُن ملڻ لئہ مانديءَ کي.

تُنھنجي ڪوٽن ۾ مان ڪيئن ٽِڪان، سارِيُون روز سَنگھارن کي ٿِي سِڪان،
پِيان پاڪُ پَنھوارن ساڻ پِڪان، نيٽن نارَ نِڪان، سُھمَن[1] سَھَندِيءَ کي.

بيواھيون بَر جون بند نہ ڪجن، تُنھنجي سيجُن تي سُک ڪيئن سُمھن،
ويھي وارِن تي پَکَن منجھ پَلن، پَلپل پوُرَ پون وارُ نہ وانديءَ کي.

اَباڻن جي اُڪِيرَ[2] گھٽي، جدا جھانگيئڙن ڪئون ھڪڙي جَٽِي،
تون بِي ڳالھ ڳُٽَن واري ڪِين ڳَٽي، خامُ خيال ڪٽي رَساءِ رُئنديءَ کي.

ھار سينگار بِي عارُ اَٿَمِ، مٿان مارُن جو تہ مَيارُ اَٿَم،
”مُحمّد“ کيتَ[3] سندو خُمارُ اَٿَم، قرار ڪِينَ اچي ڪَنبنديءَ کي.

---

(1) طعنن، (2) سِڪَ، (3) مارئيءَ جو مگَيندو.

- نِڪان= نِڪُون- واھيون- ڪَسيُون- نندا واٽر
- عارُ= شرم جي ڳالھ

ڪافي-76

(سُر پيروي)

آنڌءِ خان ڪٽي اوڏهن جلد جِيئين، تَڪڙِي توڙ پُڄائج تُرتُ تِيئين.

زور زَبَر تو زِيان اَتِي، اِهو عَزم اجايو نيباهُ نَتِي،
جيڪا رِتَ رِتي تو ڪَتَ ڪَتِي، پائي گُلَ ۾ ڪَتِي پيالو موتَ پِيئين.

ٻوڙَ پُلاءَ چَهراڻِ چَسُون،[1] وٽن ڪِينَ ويچاريءَ ڪي راڳَ رَسُون،
موٺي ماڳَ ملير تي وَرَ سان وَسُون، ڪجن ڪِينَ ڪَسُون[2] عمر جام اِيئين.

وائي ويڙهيچَن واتِ اَٿم، طلب تانگهَ تِنن جي تاتِ اَٿم،
ڏک ڏاڃَ ڏونگَر ڏِنل ڏاتِ اَٿم، لَئُون لات لڳي هِراسُ هِينئين.

پَجُ قيد ڪَڙولا[3] قُلفَ اچي، ڪر تورو تَرياٽِيءَ تي مردَ مَچِي،
"مُحمّد" سِڪَ سَنگهارن جي آ سَچِي، ڪنڊِي ڪين ڪَچِي پوءِ نماٽِي نِيئين.

---

(1) مزيدار کاڌا. (2) حرڪتون. (3) ڪنگڻ- هَٿَ ڪَڙي.

ڪافي- 77 (سُر بلاولي)

اسان سانگِي جهنگَ جهانگِي، ڪِيئَن رهون تا ڪوٽَن ۾،
پَڌر پَٽيون جُهولا جَهٽيون، ڪِيئَن وِهون تا گُوٺَن ۾.

سُرها تيل نہ پايون، متو ڌوئون نہ ميٽَن ۾،
ڏيئي وَرڙا بہ وارن کي، سَڳيون ڇڙيون ٽِي چوٽَن ۾.

سَگَر ۽ ساڳَ ڏُٿُ ڏوئرا، قَديمِي قُوتُ اسان جو،
پَليُون سِي کِينَ پُلاوَن،[1] لُيَ[2] ناهي لونگَ قوتَن ۾.

مِيرَ عُمرَ تُنهنجون ماڙيون، پانيان تِي مان اُماڙِيُون،[3]
وَڻُ ڏيئي ويڙهه ويڙهِيچا، اَللّٰه جي تيا سي اوٺَن ۾.

بَندياڻِي بَند مَئون ڪڍ تون، "مُحمّد" مارُن لاءِ آ ماندِي،
سُجاڻِي رمز رک رايو، ڪَنندين ڪِينَ ڪوٽَن[4] ۾.

---

(1) پُلائُ (2) تِبَ- خواهش (3) ياهه جا اُلا- شُعلا (4) دو ڪو ڏيڻ ۾.

ڪافي-78 (سُر جهنگلو)

وارين تي ويهي، مالَ چاريندِس مارُن جا.

اديون اَجڙوال[1] جي، دَهڪي[2] تي ديهي،[3]
پَتِ[4] پَڙي پنهوارن سان.

ڳُجهي ڳُجهَ جي ڳالهڙي، سا نہ سَلڻَ جيهي،
سوگهو ساه سَنگهارَن سان.

عُمَر آچ نہ مُئيءَ ڪي، مالَ متاعَ مِڙيئي،
بَدَل هانءُ ٻَڪرارَن سان.

ياد سدائين نہ وسري، رمز تِنين ريهي،[5]
تارَ لڳي آ تَنوارن سان.

"مُحمّد" عَين اباڻن جي، اندر منجهه ايهي،[6]
ٿيان مان تَر وارن سان.

---

(1) ٻَڪرارِ – مالوَندِ. (2) ڏَڪي. (3) جسم. (4) ساکَ- اعتبار- آبرو. (5) ڳَنڍِي- رِيجهائِي (6) اَهڙِي.

ڪافي-79 (سُر جَهنگلو)

مارُو ملائيندو مَولا، ساه سِڪي ٿو سَڄڻن.

سور ٿيا ٿَرِ سُونهان، روز دُکَن پيا دُونهان،
روئان راتيون ڏِينهان، محبت ماڙيچَن.[1]

بُري واتَ وائِي، عُمَرَ چڏ اَجائِي،
آهيون پيڙ پائِي، پُڇو پاڙيچَن.[2]

قسمت قَيْدَالْمَآءِ،[3] هِتڙي آندو آءِ،
سانِگي ساري ساهُ، موٽان آئون ماڳَن.

"مُحمّد" جن جي آهيان، سَگ اُهو پئي ساهِيان،[4]
وَرُ وَسِيلو پانيان، قرب قَدِيمِي ڪَن.

---

(1) ماڙيچا = مارواڙ جي علائقي جي رَهاڪُن جي هڪ ذات. (2) پاڙي وارن. (3) اَن پاڻيءَ جو قيد.
(4) چڪيان – زور ڏيان.

ڪافي-80 (سُر جَهنگلو)

مون کي تن مارُن جون، مارِن مَياران.

مون جيڏيون ملير ۾، ڪيئي قَطاران.

هن قضا جي ڪوٽ ۾، اچن اُوچنگاران.

وطن ڏي تہ وَرڻ جون، موڙي مَهاران.

هونديون تن جون ٿرن تي، هُو هُو هُونگاران.

”مُحمّد“ جون لهندا اچي، سانگي سَنياران.

(سُر جَهنگلو)

ڪافي-81

آئون ڪوٽن ۾ هِتِ هانِ، مارُو منهنجا ڏُور وَسَن.

مارو ئڙن ڪئون جدا، گهاريان هِتِ ڪيئن ادا،
ڪڍ تون بندياڻي بَند مَئون، مِلان وڃي شال مِتَن.

پَتَ پَنِيهَر[1] تنهنجا اصلي ڪِينَ پايان، مارو ئڙن جي ڪيئن لوئي مان لَڄايان،
رِيت اسان جي عُمَرَ آهي، خاص ڪَتَن.

مير عُمَرَ تنهنجون ماڙيون بنگلا ڪِينَ وڻن، پرديسي پکيئڙا پڃري ڪيئن پَون،
ماڙيچَن جو مَـرَڪُ[2] آهي، ڪوٺُ ڪَکَن.

"مُحمّد" سانگِي ساري، ڳوڙها ڳَلِ روز ڳاري،[3]
واڳ ڏٽي شل واري، وڃڙيا مُحبَ مِلَن.

ڪافي-82 (سُر جَهنگلو)

پي ڪي ڪَلَ نہ ڪا، جن لڳي چاٽن اُهي.

پِنُن تي پيرا ڏيُون، جهانِڳين جَهلَ[1] نہ ڪا.

ماڙيچَن ڪي ملير ۾، پَڪَن[2] پَلَ[3] نہ ڪا.

عُمَرَ ايڏي نا ڪجي، هِيڻَن هَلَ[4] نہ ڪا.

پَڪَن[5] رِيءَ "مُحمّد" ناهين، ماڙِي مَحَلَ نہ ڪا.

---

(1) روڪ [illegible] (2) [illegible] (قَ). (3) روڪَ- منع، (4) هَلان- حملو، (5) جُهوپڙين.

ڪافي- 83 (سُر ڪَنيات)

مارُن رِيءَ ماتامُ. عُمَر مون ڪي محلاتن ۾.

ڪائڻ ڪاڄ ماڪِي ۽ مصرِي. ڪِينَ وٽي تُنهنجو طَعامُ.

پيرُون ڇُوندِيندِيَس پاند ۾ پائي. لُڏِي ڪَهڙَن لامَ.[1]

ڇو جَهلِي ٿِي جهنگ جِي جهانگياڻِي. سومرا تو سامَ.

ڪدِي ڇڏ تون وجود پنهنجي مَٿون. خطرا ڪُل ئي خامَ.[2]

"مُحمّد" مُئِيءَ سانَ ڪيتَ[3] جو آهي. اصل ڪٿون اَنجامُ.[4]

) وڻ جي سنهي ٽارِي. (2) ڪچا- خراب- بُرا. (3) مارئيءَ جو مگيندو. (4) وعدو

كافي-84 (سُر مانجهہ)

مارن رِيءَ محلاتن ۾، گهَڙِي هڪ نہ گهاريان، اچن اُوچنگاران.

پرتِ وَندا پَنهوارَ، ڏَڻَ چيڙِيـنِ ڏَنارَ، تـَڙِ تـَڙِ تَنواران.

ادا عُمر جامَ، سِگهو پَچاءِ سامَ، سانگِي تي ساريان.

نگِي چِڏج ناهُ، "مُحمّد" ناهِ ويساهُ، ڳوڙها تي ڳاڙيان.

ڪافي-85 (سُر مانجهہ)

ماڙيچا مُلاقِي، ويڙهيچا وَرن ہر، بينَڪ بَرن ہر.

برهہ باهہ ٻاري، اَندرُ ويا اوجاري،[1] وينا نا وساري،
تَڪِيءَ ڪي ٽَرن ہر.

مارُون مال چارِن، تَـڙِ تَـڙِ تَنوارِن، سانگِي ٿا سَنيارِن،
ڦيرا ڏئي ڦَرن ہر.

تُنهنجون محل ماڙيون، سيپئي ٿا ساڙيون، ٽرن تي ٽِي واڙيون،[2]
گذاريون گهرن ہر.

عُمرَ آڻَ مَنُج تون، دُئي دامُ پيچ تون، پيتَئِہ ماءُ تَنُج تون،
پُجاءِ پَهرن ہر.

"مُحمّد" پَڌر پئو ڪنهن جو ڪرين پئو، چَوڻُو اَتئي چئو،
جهوڪان[3] جَهرن[4] ہر.

---

(1) ترڙ - صاف ڪري. (2) مال ۽ پهارڙن جون جايون (3) منزل- ماڳ. (4) جهنگن.

ڪافي-86

(سُر آسا)

پَلِي نہ آهيان پُلاءَ، ڪِوَ[1] ڪُنيِيُون آ ڪاڄُ اسان جو.

ڪڏهن اچي تو ڪِينڪِي، تو سومرا مون ساءُ،[2]
ريگستانِي راڄُ اسان جو.

زور ظلم چڏ تون زورِي، ڪر عُمَر نا اَتِڪاءُ،
محبت آ ميتاڄُ اسان جو.

سُڪَ سِيبائن[3] عيش نہ عشرت، وٽِي نہ تنهنجو واءُ،
ڏڪَ ڏُهگَ[4] ڏاڄُ اسان جو.

هال هجر ۾ تي حيراني، سانگِي لَهج سَماءُ،[5]
لائقَ پالِين لاڄُ[6] اسان جو.

"مُحمّد" جو روز مِيثاقِي، ڪيتُ[7] مَگِيندو آهِ،
ڪامل ڪَيڙو ڪاڄُ[8] اسان جو.

---

(1) جُوئر جي پوک ۾ ٿيندڙ اچين ڦُولين سان هڪ قسم جو گاهہ (مارو ماڻهو هن کي ڏُتَ طور ڪم آڻيندا آهن)، (2) مزو- قرار، (3) وڻن، (4) ڏهاڳ- نياڳ، (5) سنيال- خبرچار رکڻ، (6) لَجَ- عزت، (7) مارئيءَ جي مگيندي جو نالو (8) شادي.

كافي-87

(سُر ڪوهياري)

مارُون[1] پنهنجي ملڪ جا، سانگيئڙا[2] سارِيان.

رهيا آهن روح ۾، سي ڪيئن وِساريان.

هِن قضا جي ڪوٽ ۾، گهايَل تي گهاريان.

ڏَڻَ ڏنارَن چيڙِيا،[3] چيلا آئون چاريان.

عُمَر اَباڻي پارَ جا، وارثَ ڪيئن واريان.[4]

سَرتين سان ساٽيهَ ۾، هَنجُهون[5] پئي هاريان.

"مُحمّد" پنهنجي مُحبَ سان، گَڏجِي گُذاريان.

---

(1) مارُو- ٿَرِي ماڻهو (2) خانہ بَدوش ماڻهو- سيلاني، مال جي چاري لاءِ گاهہ جي سانگَ تي ويندڙ. (3)مال

ڪافي-88

(سُر جوڳُ)

مارُو مُلڪ مَلِيرَ جا، ڦيرُيون[1] چارِن ڦــر،
وَسَنُوَ[2] نا ويجها ٿيا، پيلِن[3] پيا بَــرَ ٿَــرَ.

پَلنگَ پاسي نہ سُمهِيا، رڻ چڙهيا ريڊَرَ،[4]
ويڙهَن[5] ڪي وَرڙا ڏئي، جوڙِن ڪِينڪِي گهَرَ.

ٻوڙَ پُلاءَ ٻي ٻَرِن[6] پيا، زَردا مثل زَهـرَ،
قُوتُ[7] اسان جو قيام تائين، سَرتيون ساڳَ[8] سِڱَرَ[9]

عُمَرَ تون انصاف ڪر، ڏوٿِن[10] لاهِ ڏَمَــرَ،[11]
پَونڌءِ ڪَمُ ڪَرِيمَ سان، پاڪَ ڏٺي پَروَرَ.

آڄِي اَڄڙوالِ[12] ڪر، اڳِتَئُون مِلندءِ اَجَـرُ،[13]
مارُن سان ميلو ٿئي، ڳَڏجي ڪيان مان ڳُذرُ.

”مُحمّد“ تي مِيثاقَ ڪئُون، ڪندا مِيرَ مِهَرَ،
دَستُ ڏيندا دارَين[14] ۾، وارث وِيرَ واهَـرَ.

---

(1) ڦيرايو- چڪر لڳرايو (2) وَسندِي- آبادي، (3) لَتاڙِين، (4) ريدار- رِڍُون ٻڪريون چاريندڙ، (5)جُهوپِڙِيُن، (6) ڪَڏ ۾، (7) خوراڪ، (8) سَرنهَن جا پَن، (9) ڪَندِيءَ جي وڻ جون ڦرِيُون، (10) مارُو ماڻهن، (11) ڪاوڙ، (12) ٻَڪرارِ- مالوَند (13) عيوض- ثواب، (14) ٻنهي جَهانَن.

(سُر کنيات)

ڪافي-89

آهي اندر ۾ اُڪِيرَ، سانگِي ساريان، ڪيئن وساريان.

بيوس باندِي بَندَ ۾ آهيان، زورِي لاهِ زَنجيرَ.

دَمُ جدا هڪ جالڻ[1] ناهين، عُمَر چامَ اَمِيرَ.

زَردا زهر پانيان تي تنهنجا، هُتِ پيون تا ڪِيرَ.

باغَ باغِيچا بيحد بُچڙا، ڪِرڙَ ڪَندا تِي قَرِيرَ.[2]

"مُحمّد" ماڙيون ڪِينَ ٺيون پائن،[3] پَڪين[4] ٿڌڙي هِيرَ.[5]

---

(1) گُذارڻ، (2) خوش- خوشي ڏيندڙ- قرار ڏيندڙ، (3) وڻن، (4) پَڪن ۾- جُهوپڙين ۾، (5) هلڪِي هوا- صبح واري ٿڏڙي هوا.

ڪافي-90 (سُر ڪَنياتِ)

ماروئڙن جِي مَيارَ، ڪيئن ڪٽان مان خانَ خوشيءَ سان،

پَٽُ پَٽيھَر[1] مُورُ[2] نہ پايان، ڪَتَن منجھ خُمارَ.[3]

مٿو مُورُ نہ ڌوئندِس هِتڙي، مَـرُ[4] هجن اَٽيا[5] وارَ.

دَمر دَمر آهي دل منهنجي ۾، سَنگهارَن جِي سَنيارَ.

هِڪَ چِڏڻ وَرُ[6] واجِبُ[7] ناهين، ٻيو ڪيان ٻِيھارَ.[8]

"مُحمّد" جن جِي آهيان تن جِي، تَن اندر ۾ تارَ.

---

(1) ريشمي ڪپڙا، (2) هرگز (3) نشو- سُرورُ (4) ڀَلي، (5) خشڪ- بنا تيل جي، (6) مُڙس، (7) ضروري،
(8) ٻيو دفعو

داستان هير رانجهو

ڪافي-91

(سُر پيروي)

منهنجي قُرِي دل فَقيرَ، عَينن جي اشاري ڏنا چاڪَ[1] چِيرَ.

راويءَ جي ڪناري رانجهن آيو، جَتُ لولاڪِي مِيمِي پايو،
آيو تہ پُچائيندو سِيالِڻ هِيرَ.

جوڳِي ويس ڪري آيو جانِي، ڪَنين ڪُنڊل پائي ڳَل ڳانِي،
وَنجهلِي[2] وڄائيندو آيو، جهاڳِي جهنگَ جِهيرَ.

روز اَزلِي لَذتِيم لاوان،[3] نيهِي تي ڪري نينهن نيايان،
گَڏجِي گوهر سان، پِيان ڪَندِون کِيرَ.

صورت مرشد معنيٰ الله، بحر توحيدي بَقاباِالله،[4]
بَشرِي بهاني سان، بَڻِي تَصوِيرَ.

"اَنَاَاَحمَدُ" ذات اِلاهِي، "مُحمّد" وَسندا هرجاءِ ماهِي،[5]
جنهن لَئہ وَهايان وِيني، نيڻن نديون نِيرَ.[6]

---

(1) [illegible] (2) [illegible] (3) [illegible] (4) [illegible] (5) [illegible] (6) [illegible]

ڪافي-92 (سُر ٽوڙي)

شاهہ رانجهي لَنوَڙي لائِي آ،
ٻي واتِ نہ ڪا وائِي آ.

ع- عَين عطا اسرار الاهِي، لُونءَ لُونءَ وَسِندا رانجهن ماهِي،
شور مچايا شاهَنشاهِي، باه ٻَيڙ ٻَـڙڪائِي آ.

غ- غَين غُبار غرور وڃائي، خام خودي ڪُل خيال کپائي،
جوش پري ٿو جوت جاڳائي، تَن مَن صاف صفائي آ.

ف- فراق ڪئي دل آ فانِي، رنگپور راڄ رهان ديوانِي،
رانجهن جاني پائي ڳَلِ ڳانِي، روز اَزل آشنائي[1] آ.

ق- قُرابت کان بيزاري، ڏار هُيَسِ ڏُرِ کان ڏارِي،
ڪيڙي خَرجي ناحق خواري، سِر تہ اسان جي آئي آ.

ڪ- ڪِروڙ مَچايو ٿيون- اوهان جيڏيون سَرتيون سَڏايو ٿيون،
سور وارن کي سَتايو ٿيون، ٻي سُورَن سُرتِ نہ ڪائِي آ.

ل- لَطِيفي لُطف لياقت، عين عروج السِتي عنايت،
بَخُشُ[2] گهري سِرَ سِيني صداقت- رمزانهيءَ رِيجهائِي آ.

م- ”مُحمّد“ معنيٰ مظهر، موهيا مشتاق مُرلي منتر،
”لَوْلاَكَ لَمَا“ لقب تاج وَر، وِرهَ وارن واڌائِي[3] آ.

ن- نظر نروار نمايان، مِثلي مان بي مِثلِي ڀانيان،
سارو سِر ۾ سَير سَمايان، مرشد مامَ مِلائي آ.

و- وجودي ورق وصالِي، حالِي ڪالِي هُون بي حالِي،
مست موالي ڪِين ڪِي خالِي، جذبي جوش جلائِي آ.

ھ- هدايت هاديءَ جي، جُنگَ جيلاني گاديءَ جي،
شوق شجاعت[4] شاديءَ جي، اِها ڳُجهڙي ڳالهه ڳالهائي آ.

ي- يقين سدائين ثابت، رهبر ساڻ رهين تون رابطہ،[5]
”مُحمّد“ مؤج مدامي محبت، سِڪَ سَرِيرَ[6] سَوائِي آ.

ڪافي نمبر92- جي ڏکين لفظن جي معنيٰ:
(1) ڄاڻ سڃاڻ – واقفيت، (2) معافي، (3) مبارڪباد، (4) بهادري، (5) رابطي ۾ - لاڳاپي ۾، (6) جسم - بدن

ڪافي-93

(سُر آسا)

چوڙي تخت هزار، جهاڳيم جَهنگ سِيال سارو

خواب منجهان بيدار اسان کي، هِير ڪيو هوشيار،
گهر چُوچَڪَ[1] جي لَڏڙم چارو.

رنگپور جو مان راه سُجاڻان، ڪِين آيو هو قرار،
ڇڏيم لوڪَ ساري جو لارو.

"خَلَقَ الْآدَمَ عَلىٰ صُوْرَةٍ" هي، هر جاءِ حُسن هزار،
پاڪُ پَسيم مان نورُ نظارو.

رکي اوٽ الفَ جي آيس، "مُحمّد" خود مختيار،
نِسَنگُ[2] هنيو اٿم نِينهَن جو نعرو.

(1) هِير جو پيءُ. (2) ظاهِر ظَهور

ڪافي-94 (سُر آسا)

نال اسان هَسُ هَسُ[1] وي جوڳي، هو وي هردم تَينون جَسُ[2] وي جوڳي.

لوُنءَ لوُنءَ[3] دي وچ ماهِي ماهِي، ڪيڙي پئيڙي ڪَنون بس وي جوڳي.

باب بره دا مئن جو پڙهيا، دم دَرُونِي دَرسُ[4] وي جوڳي.

اَنگ اَزلي هئي جو لکيا، نهين ميٹڻ دي مَس وي جوڳي.

اَنهد[5] بِين بجا ڪي باجا، نِينهن والا نَس نَس وي جوڳي.

"مُحمّد" هِير سِيالڻ ڪِيتا، عجب عين عَڪس[6] وي جوڳي.

(1) ڪِلَ- خوش ٿي، (2) شاباش، (3) وارَ وارَ (4) سبق، (5) اندروني- روحاني- مَن جِي، (6) پاڇو- تصوير- پَرتَوو.

ڪافي-95

(سُر پيِم)

ماهي ميڏا مَهمِير[1] لوڪان ڪَل نہ ڪائِي.

جوڳيان والا ويس وَٽاڪي[2] ڪَنوٽيا[3] ڪَن چِير[4]،
محبت مُرلي مِيمِي وجائِي.

اصلي عُشاقان لاشڪ لڳڙا، تيز تکا تن تير،
رڳ رڳ دي وچ رانول رائِي.

چاڪان والي چال چليندا، ساڏا هئي گُر پير،
دم دم دي وچ ياد سدائِي.

تخت هزارا چوڙ ڪَراهين، جهاڳيندا جهنگ جهِير،
ڪِيتُس چا اتان عشق اَدائِي.

”مُحمّد“ ڪُون وَتِ[5] نال نظر دي، سُرڪ ڏِتس اڪسير،
قربئُون ڪرڪي مهر يَلائِي.

---

(1) دلير- بهادر، (2) مَٽائي، (3) وٽيل ڪنن وارا، (4) ڪَنن چِيريَل، (5) وري.

ڪافي-96 (سُر ڪسوري)

عشق ڪڙا هئي ڇُريان چائِي، تُرت ڏيندا تَڪبِير وو سَيان.

نال ڪيڙان دي لڳ پڳ نانُهم، دلڙي ڏُتاري رانجهن چايَم،
جنهن ڪِيتي[1] چايَم تنهن ڪم آيَم، ڪيا ڪري شودي[2] هِير وو سَيان.

جيڏيان سينگِيان[3] متيان ڏيوَن، اَمڙيان مايان چاءِ دَڙڪاوَن،
عشق ديان ڳالهيان مُنڍُون نہ هَنداوَن، توڙئون لِکِي تقدير وو سَيان.

مَئين تي رانجهن هڪ ٿيوسي، روز الستي پَهُ تہ پيوسي،
"مُوتُوا قَبْلَ"[4] مَرِي تہ جِيئوسي، ڪو نہ ڪري تقرير وو سَيان.

"مُحمّد" چوڙان هُڻ نَهين ڇُٽيندا، عاشق پِڇتي مُول نَهين هَٽيندا،
سِڪ دا سَڳڙا ٽُٽِ نَهين ٽُٽيندا، مَئِن تہ پانيان ڪي زنجير وو سَيان

---

(1)واسطي- لاءِ (2) نماڻي، نياڳي، (3) سَڱ واريون- مائٽياڻيون، سهيليون، (4) "موت کان اڳي مرڻ" يعني نفس کي فنا ڪرڻ.

ڪافي-97

(سُر ڪسوري)

آ مِلُ رانجهن سائين مَينون، فَلق[1] فراق دي ڦَٽيان مَئِن.

سِڪَ تُساڏِي هردم هوئي، ذات ڪيڙان ڪنون ڪَٽيان مَئِن.

يَر يَر ڏيوين دَستئون دلبر، وِره واليان هُڻ وَٽيان مَئِن،

جَڏهان تون ماهي مَنجِهيان[2] چيڙين، رَل[3] چَراوان ڪَٽيان[4] مَئِن.

مالڪ مُلڪ لَوِلَاڪَ دا سائين، هِير سِيالڻ جَٽيان[5] مَئِن.

سڀ سَهيليان چا سمجهاوَن، جهُوٽي عشق دي جَهٽيان مَئِن.

"مُحمّد" بَردا[6] تيڏي دَردا، هورُ[7] وَڏايان سَٽيان مَئِن.

---

(1) دراصل- فرق آهي يعني جدائي، (2) مينهُون، (3) ملي ڪري، گڏجي، (4) پاڏيون، وَڇون، مينهون، (5)جَٽِ- جاهل، (6) ٻانهو- غلام، (7) ڳلتي، وهم، وسوسو- پنجابيءَ ۾ هورُ- ٻئي ڪي بہ چئبو آهي- هتي 'هورُ' "ٻِيُون" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي.

ڪافي-98 (سُر ڏَناسري)

رانجهن يار دي آوَڻ ڪِيتي، لک لک شڪر ڪريندِي هان.

جَڏهان داَ جانِي جامُ پِلائِئَہ، تڏهان نشي وچ رَهندِي هان.

زُلف[1] زنجير دا پيچ پيا هئي، هُڻ نا مَئن وَل چِئندِي هان.

”مُحمّد“ ڪيڙا يَئيڙا خارج، رانجهن وِرد[2] ڪَمائيندِي هان.

---

(1) محبوب جا وار. (2) روز جو ذڪر.

كافي-99 (سُر ڏَناسري)

مَئن تانْ برهہ بيراڳڻ ٿئي هان، آني پيش پريان دي پئي هان.

راتيان ڏينهان رانجهي خاطر، ڍُونڊِيان بيلي ٻِيان لَيان.[1]

هِير نِماڻي نُون مَتيان ڏينديان، سينگيان[2] سَهيليان سَيان.

"مُحمّد" تَخت هَزاري[3] دا آيا، هِير سُهاڳڻ ٿيان.

---

(1) لٺيءِ جاوڻ. (2) سهيليون - دوست- سَڱَ واريون. (3) پنجاب جي سرگوڌا ضلع جو تعلقو آهي.

ڪافي-100

اَزلئُون لگ گِئِي نال رانجهي دي،
تُسان ويڻ[1] اَليندِيان سي سِيالِيان.

شاهہ رانجها هئي چورُ دِليندا، دل ٿَڳِدا دامُ[2] دُواليان.[3]
ذوق شوق دا ڪر ظَهُورا، ڦُردا مست مَواليان.

تخت هزاري دا سهڻل سائين، چا ڪَردا عجب چاليان.
رنگ ڍَنگ اُهِين دي ناز نياري، ويکو لاشڪ لاوَباليان.[4]

وَس نهين چلدا بيوس باتيان، ڪَردا بِره بَحاليان.[5]
هِير نماڻي نُون هِردي وَجديان، دائم درد ڏَماليان.

وچ وجود شُهُود[6] شِتابِي، واحد وَصل وِصاليان.
اَوج عُروج اِلاهِي اَڪمل،[7] خاص الْخاص خِصاليان.[8]

وچ مِثلِي دي جاڻِ رهو، هئي "مُحمّد" بي تہ مِثاليان.
"اَنَا اَحْمَدُ بِلا مِيْمِیْ"،[9] قائم قرب ڪَماليان.

---

(1) طعنو- مهڻو. (2) پکين کي ڦاسائڻ واري ڄار. (3) باز کي قابو ڪرڻ لاءِ پيرَ ۾ ٻڌل ڏوري. (4)
سختيءَ جي- بي پرواهہ. (5) قائم- منظور. (6) مشاهدو- گواهي- حاضري. (7) مڪمل-

ڪافي-101 (سُر پيِلو)

آيا ماهِي ساڏي ويڙهي، خارج ڪيڙي پيڙي.

مئن رانجهن دِي رانجهن مَيڏا، وَسندا ساڏي نيڙي[1]،
جيڏيان سينگيان[2] جَنگ مَچاوَن، لتي جهَني جهيڙي.

روز اَزل دِي گولِي هويان، پيار والي هِن پيڙي[3]،
ننگ ڪَنون مئن نانِگي تيان، چَڙهيان عشق دي بيڙي.

چُوچڪَ[4] دا هي چاه[5] نہ مئينُون، چاڪَ[6] چڏيا هي چيڙي[7]،
"مُحمّد" موج مُدامِي هوئِي، محبت والي ميڙي.

---

(1) ويجهو- قريب (2) سهيليون- مائٽياڻيون (3) پيڙا- درد، (4) هِيرَ جو پيءُ، (5) شوق- محبت، (6) زخم رانجهن جو لقب بہ آهي، (7) چيڙائي- ڏُکائي.

ڪافي-102

(سُر پيلو)

رانجهن جوڳي آيا، ڪَن وچ ڪُنڊَلُ[1] پايا.

اَحد وچون چا اَحُمَد بن ڪر، مِيم دي مُرلي وَڄايا،
راز رِندانا رهبر رُوحِي، رَنگپُور راج وَسايا.

شاهِي چوڙ شاهَنشاه، چاهَئون چاڪُ[2] سَڏايا،
هِير ڪِيتي[3] حيران هويا، ماهي مَنجهيان[4] چَرايا.

بَسِي[5] لاڪي[6] ويس وَناڪي[7]، در تي دُونهان لايا،
نينهن نِسَنگ دي ڏَنگ اُتي، محبت مَندُ[8] چا لايا.

چاڪُ دي نال چاهُ لڳا، روزئون روز سَوايا،
شوق دي شُعلي هِير دي اولي، "مُحمّد" مهڻا چايا.

---

(1)چانديءَ جو والو جيڪو جوڳي فقير ڪنن ۾ پائيندا آهن، (2) رانجهي جو لقب، (3) واسطي- لاءِ، (4)مينهِيُون، (5)خاڪ - ڪيرِي - چار، (6) لڳائي، (7) منائي، (8) جادو.

ڪافي-103

(سُر ڌَناسِري)

رانجهن ميڏي سِر دا سائين، ٻَنِ[1] ڪيڙان ڍِي ذات وي ميان.

دم دم ساڏي دل تي ميان، رانجهن وائي وات وي ميان،

رانجهن آوي ڦيرا پاوي، مَٺن مُٺِي[2] محلات وي ميان.

راتيان ڏينهان نِيرُ[3] وَهايان، برهه والِي برسات وي ميان.

اُٺ تُٺ اورَ[4] اَزلي هوئِي، تَن ميڏي وچ تات وي ميان.

نال سُهڻي دي ڪَڏهان ٿِيسي، "مُحمّد" ملاقات وي ميان.

(1) ڪَڏَ ۾ پوي، (2) قاتل- مصيبت ۾ پيل، (3) پاڻي- ڳوڙها، (4) سِڪَ، يادگيري

داستان: سُهڻي ميهار

(سُر جَهنگلو) — ڪافي-104

جنهن جو مَنُ ميهار سان، گهُوران[1] ڏئي تيون گهِرَن[2].

بيوس پنهنجي پاڻ کي، اُمالڪَ اُچلِن.

دهشت دؤر درياهَ جو، چوليون نا تيون چِڏن.

ڪُوڙا ڪيئي موٽي پيا، سچا سِيرَ لَنگهَن.

وِيـرن مٿون واهَر[3] ٿيندا، اَهنجي[4] ڪٿون اُماڻِن.

اَڻَ تارُن کي آسرو، "مُحمّدُ" محبوبَن.

(1) تڪي نظر سان ڏسڻ- گهُورَڻ. (2) گهِڙَن. (3) مدد. (4) ڏُکئي

ڪافي-105 (سُر ڪونسِيو)

مِٺي يار ميهار تئون، گهوريان هِي جِندُڙِي

مال مَڏيُون محبوب تئون، ڪاٺيان هِي ڪَنڌُ ڙِي،

ويھڻ مون کي وِهُ ٿيو، پرِيَن ڏي پَنڌُ ڙِي.

ملڻ رِيءَ منٺار جي، ڪِينَ وٽي ٿو هَنڌُ ڙِي.

اوھان مون کي چو جهليو، ساري ٿو سَنڌُ سَنڌُ ڙِي.

ساهڙ مليو سِيرَ ۾، "مُحمّد" ورتو رَنڌُ[1] ڙِي.

(1) رستو- دڳ

ڪافي-106

(سُر سُهڻي)

روز اَزلِي رُوحَ منهنجي جِي، ميهر سان مُحبتَ.

سرتيون ساهَڙ ڄامَ سان، سَچِي آ سَنگَتِ.

ڏَمُ[1] ڏِهاڙِي تو ڏَنگي، ڪُوڙِي رکِي ڪُلفَتَ[2].

دائم دوُر درياءَ جِي، ڏُمَ وڏي دَهشتَ[3].

سَهجَئون[4] سِرُ نِوايان، نياز ڪري نِوڙتَ.

"مُحمّد" مُغان جي ڪئي، شاهَنشاهَ شَفقتَ[5].

---

(1) شهڻيءَ جي مُڙس جو نالو- (هيرايل- سيڪاريل)، (2) دُشمِني- وير (3) ڊپ- هراس، (4) آسانِيءَ سان، (5) مهرباني- رحم

داستان: مومل راڻو

ڪافي-107

(سُر راڻو)

ناھِ مناسب ميندرا توکي، مُومَل سان ماڻا.

ناحــق نــاھِ چــڱو اوٺان[1] رکــڻ آٽــا[2].

مومل هِت محلات ۾، ڏاتي ڏِٺ سِڌاڻا[3].

هِتئون هلندِس ساڻ همت جي، تاڪَ[4] پُڇائي تاڻا.

جِيءَ جَلائيندِس پنهنجو، متئون تو راڻا.

ڪاڪِ سڄي قربان ڪيان، "مُحمّد" مانداڻا[5].

---

(1) پردو – اولو (2) ناز نخرا. (3) روانا ٿيا. (4) رهڻ جو هنڌ. (5) ناھَ ٿوھ - اڏاوت - محل ماڙيون

ڪافي-108

(سُر راڻو)

ڪاڪِ سڄي قربانُ، سودِل تو تئُون آئون ڪيان.

آسَوَندِ[1] اصل ڪان آهيان، مون وٽ تي مهمانُ.

مال مَڏِي آهي مِلڪَ اوهان جِي، سارو سِرُ سامانُ.

رُسڻ رنجُ رکڻ نا واجب، شاهن سندو شانُ.

وِرهَ مون ويران ڪيو آ، حيرت منجھ حيرانُ.

متئُون "مُحمّد" مِهر مئُون، بِرهه وسي بارانُ[2].

(1) آسائِتي- اميد رکندڙ (2) برسات

ڪافي-109 (سُر راڻُو)

رمز لڳي آ راڻي جِي، مُونجهه مري مُومَل.

سَندَ سَندَ ۾ سارَ سڄڻ جِي، جهورِي[1] ڏي نا جَهل.

اچي اُليلَ[2] اندر ۾ جاڳيا، پُور پون پَلپَل.

روئڻ رِيهان راتيون ڏِينهان، هِيٺِيءَ ڪي هَل هَل[3].

سُکَ نہ سنگِتي ساڻي تيڙا، سُور سوين سَل سَل[4].

اچي ڪر تون اوچتي، مَن مينڌرا محفل.

تو ڪئون سِوا آهي سودِل سائين، "مُحمّد" ڪي مشڪل.

داستان: ڪاپائتي

ڪافي-110 (سُر صُبحي)

ڪر عاشق اسُر[1] اٿڻ جي، ڇڏ ريت رسم تون سمهڻ جي

چوري چَرخو چاهه مان الا، ڪر تون ڪار ڪَتڻ جي

سَنجهي ويا ٿي سُپرين الا، تون تہ ڪانہ ڪئي جاڳڻ جي

سُتَ وارن جي سامهون الا، ٿيندي تورَ تُرڻَ جي

"محمد" پاندي[2] نہ ڪَتي[3] الا، مِهر ڪجانءِ ڪا مَنَ جي

---

(1) فجر جو (2) ڪپهہ جي پوڻيءَ مان نهيل سُٽَ جي ڍيري (جيڪا هڪ ڏَڪَ ٿي چڙهيل هجي - يعني

ڪافي-111 (سُر صُبحِي)

هُتِ ڪانهي ڪاڻِ ڪَتڻ جِي، آهي ناتي نينهَن نِيَڻ جِي.

چَرخو مُئِيءَ کي چَسَ[1] نہ ڏي ٿو، ناهي طاقت تَنَدُ وجهڻ جي.

سَنڌو[2] سورن نا پوي اَلا، راتيون ڏِينهان تہ رُئڻ جي.

ڳُجهي ڳُجَهہ جي ڳالهڙِي اَلا، سَرتيون ناهہ سَلڻ[3] جي.

"مُحمّدؐ" سان ڪئي مرشد سائين، اِها ڳالهہ ڳَنڍَڻ جي.

---

(1) مزو (2) وقفو- فرق- خاتمو (3) راز ٻڌائڻ

(سُر صُبحِي)

ڪافي-112

آيو ڪونہ ڄَرخو، ڄَرِيءَ ڪي ڪَتڻ ۾،
ويو وقت گذري، سَڙِيءَ جو سمهڻ ۾.

اڄ يا سياڻي ويچاريءَ جو وارو،
ڪَتيم پاءُ نہ پورو، نہ ڪِي ڏي اُڌارو،
هٽان هٿ پئي هاٽي، ويو سڄ لهڻ ۾.

اَٽئي پَهر جاڳي، جنين اَٽَ اوريا،
ڪيا جن پِرت مَٽون، سيئي سُٽَ پورا،
يلي سي تہ مَرڪن، آريءَ جي آتڻ ۾.

اَڳيئون سِيرَ سختي، ٻُجهي ڪُن ڪارو،
ڪَشتِيوانُ[1] ڪَرڙو[2]، چلي ڪونہ چارو[3]،
پَلئہ ناهِ پئسو، ڏيان ڇا پتڻ ۾[4].

"مُحمّد" چوي مالڪَ، تُنهنجِي آ ستارِي،
تڳان مير مُرسل، مان تُنهنجِي تارِي،
ڇُٽا جَڳَ جِيهَن ڪئون، ڪلمي جي پڙهڻ ۾.

---

(1) ٻيڙيءَ وارو -ملاح، (2) سخت مزاج، (3)

داستان: ڪيڏارو

(سُر پيلو)

ڪافي-113

دَرد دل ۾ دائمِي، هادي سَندي حَسنين جو،
هردم حمايت هاشمِي[1]، ڪامِلُ سندي ڪونَين[2] جو.

حَسن جي آهي هدايت، مون نماڻي ڪي نصيب،
قَدَحُ[3] ڪوثر[4] ڪان مليو آ، مُرتضيٰ[5] ثَقلين[6] جو.

راز رهبر جو آ رِندِي، رمز وارو رَهنُما،
ذَوقُ زَيــنَ الـعابــديــن، قُــرةُالعَينين[7] جـــو.

باقَر و جَعفر جماعت، ساري جو امام حق،
اَمِين اَڪبر آهي اَصغَر، اصل عاشقينَ جو.

تَقِي نَقِي جو طالب آهيان، مُوسيٰ رَضا جي مامَ ۾،
قرب ڪاظِمَ ڪيو قديمي، داتا دارينَ[8] جو.

مِهر مَهدِي جي مُدامِي، عالم تي احسان ٿي،
ماڻِ[9] ڪندو اچي مُصطفيٰ، "مُحمّد" مُرسَلِين[10] جو.

---

(1) بَنو هاشم قبيلي جو- حضور پاڪ جو لقب. (2) ٻنهِي جَهانن جو. (3) پيالو. (4) جنت جو حوض ڪوثر. (5) پسنديده- مقبول- حضرت عليءَ جو لَقبُ. (6) ٻنهي جَهانن جو. (7) اکين جو ٺارُ- اکين جي ٿڌاڻ. (8) ٻنهي جهانن جو. (9) مِهر- ڪرم. (10) جنهن ڏي موڪليو ويو (قرآن شريف) – حضور پاڪ جو لقب.

داستان: سورَٺِ

ڪافي-114

(سُر سورٺ)

تَندُ ٻَڌِي ڪا تارَ، پنهنجو سر صاف ڏنائون.

محبت ميڇان[1] جن کي آيون، سي تہ هليا هيڪارَ،
وري ورڻ جِي ڪانہ ڪيائون.

راجا راءِ ڏِياچَ جو رايو، ٻيجَل کي ٻيهارَ،
صداقت سِڪَ صدائون[2].

عشق جي منزل بيحد بارِي، ڪٽن بهادُرَ بارَ،
جُمِي سِرَ چاهئون[3] چايُون[4].

سُر پُر ساز آواز جي سيني، لُونءَ لُونءَ منجهہ لَغارَ[5]،
لڳِي لَئُون[6] لَعل لَڏائون.

پُورِيُون ڪر تون پارس پرتئون، "مُحمّد" جا مُختيارَ،
مُنور مِيرَ مُدائُون[7].

---

(1) اِشارا، (2) آواز، (3) شوق سان (4) ڪنيائون، (5) چُٽڪو- گَهِڪو- اثر، (6) عشق- محبت (7) مُرادون- خواهشون.

داستان: سارَنگُ

ڪافي-115

(سُر سارنگ)

سارَنگَ[1] شاهَ سردارَ، قرب ڪُلِي اچي مون سان ڪَيَڙو.

بوند برهہ جي برسي بارِي، گل قل گاهن ڪئي گُلزارِي،
هر جاءِ باغ بهار، راج سجوئِي راضي ٿِيَڙو.

گاجَن[2] گوڙ لائي آ گَج گَج، بادل بِيهَن نا رُڪِي يَج يَج،
ڪِنُوٽِن جي تہ خُمارَ[3]، جِهرمِر مِينهَن جهوريو[4] آ جِيَڙو.

جنهن جي آئي عيدان ٿِيڙيون، ميرَ[5] مَدايون[6] معافي ٿِيَڙيون،
يَوَ[7] لَتا يُلڪارَ[8]، پيچ پريمي آني[9] پِيَڙو.

"مُحمّد" مُونجهہ ناهين ڪا مَلُولَت،[10] وَجِد[11] وجود ۾ واه وَصولت[12]،
سوبَ ڪَتِي آ سَتارَ، لُطفَ پاتو آني[13] لِيَڙو.[14]

---

(1) مِينهن جي موسم- جُهڙ، (2) گجگوڙن- گوڙِن، (3) نشي، (4) ڏُڪايو- زَبُون ڪيو (5) ميراڻ- خرابي، (6) بُرايون، (7) خوفَ، (8)مُونجهہَ — خوف، گمراهي، (9) اَچي، (10) ڏُک- غمگيني- اُداسي، (11) جوش- بي خودي، (12)

داستان: رامَڪلِي

ڪافي-116

(سُر آسا)

ويراڳِن ڪٿون وِيءُ،[1] وحدت وارو مُورُ[2] نـ وسري.

هٿئون هاديءَ جي هدايت وارو، بيخود پيالو پِيءُ،
مست مَحويَت مصري.

"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوا"[3] مَري عاشق جِيءُ،
آفتاب[4] اندر ۾ اُبري.

دم قدم هوشيار هلڻ سان، سدا خُماريَل ڪِيءُ،[5]
نينهُن نهايت نِسري.[6]

"مُحمّد" سمجهِي معنيٰ سارِي، ساڳو سِرُ تون تِيءُ،
غَيرَ غُرُورَ منجهان تون گُذرِي.

---

(1) سؤدو- وٽج واپار، چراگاه، سرسبز ٽُڪرو، (2) هرگز، (3) "موت کان اڳي مَرو" يعني نفس کي ماريو
(4)سج، (5) خوش، (6) [illegible]

ڪافي-117 (سُر ڪسوري)

دُوردَراز سفر آ لَمبو،[1] وِڪَ وَڏائــج وِيــرَ ويـــراڳِي.

پيهِي[2] پَسُ تون پاڪ نظر سان، صَحِي سُڃاڻج صورت ساڳِي.

نِندَ نيڻن جي ناسُ ڪري ڇڏ، جوت جاڳائج جوڳِي جاڳِي.

لُونءَ لُونءَ[3] لاتِ لاثاني آهي، لَئُون[4] لطيفي لاشَڪ لاڳِي.

هيڪَر هَٽُ ڪٽِي تون هِنَ ڪئون، ماڳَ اُنهِيءَ ڪي ماڻين ماڳِي.

"مُحمّد" جِي دل دائم قائم، وحدت ۾ واهُ آهي واڳِي.[5]

(1) ڊگهو (2) اندر داخل ٿي (يعني پنهنجي قلب ۾)، (3) وارَ وارَ (4) محبت، (5) واڳَ ۾ ٻَڌي- جَڪڙِي-

ڪافي-118

(سُر جوڳ)

جوڳِن سان جِيءَ جَڙيُون،[1] اڄي مليا تہ اُهيئي.

لاهُوتي لاشڪ لامَڪاني، ماڳ نہ تِنهِن کي مَڙهيُون،
ويهَڪَ تِن جي ويئي

نِسَنگ نانگا نينهَن ڪيا، چريا پائن ٿا چَڙيُون،
سڪ ساندِن ٿا سيئي

ڪلهيُون ڪوهيارل ڪانڌَ جي، رَندَ وتي ڪن رڙيُون،
پيش پرين جي پيئي

"مُحمّد" سان محبوبَ مِني جون، اکيون اَلستِي اَڙيُون،
پاڃهہ پريون سي پيئي

(1) پاڙُون هَنيون- ڳَنڍِيو- مليو.

كافي-119 (سُر سامُونڊِي)

ڪندا ويا ڪُوڪارَ، ووڪيچ وٽن ڏي ڪاپڙي.

اُنهن ڪي تہ الست ڪان، پِرتئون پِرَ[1] جِي پَچارَ،

ويچارا تہ وَڪوڙيا، عشق سندي آزارَ،

وينا لَڙائي اکڙيون، ڪِينَ تَڪِن[2] ٻيو وارِ.[3]

ديوانن جي دل ۾، ڏاڍي طلب تنوارَ.

"مُحمّد" جا راتيان ڏينهان، نيڻين نمن تا نارَ.

---

(1) پرين- محبوب، (2) تَڪِين- ڏسن، (3) طرف- پاسي.

ڪافي-120 (سُر سامُونڊِي)

جوڳي جَلوي دار، وو مست قِرن تا مُلڪ ۾.

اوتَ رکن تا عام کان، خاصا خبردار.

بَرن ۾ بينَڪ هٽِي، نانگا ٿيا نِروار.

وجي پيا تہ اَجهاڳَ[1] ۾، قُلزَم[2] ڪارُونيار[3].

ڪُل شَيءِ تَرڪي هليا، يگانا ٿيا يار.

هيڪاندا[4] هَمذاتِ[5] ٿي، "مُحمّد" مَنصب دار.[6]

---

(1) جنهن کي جهاڳي نہ سگهجي- پار نہ ڪري سگهجي- تمام اُونهو. (2) وڏو سمنڊ. (3) تمام اُونداهو- تمام گهٽو (4) گَڏيل- گڏجي. (5) هڪجهڙا- يَڪجانِ. (6) عهدو رکندڙ- درجو رکندڙ.

ڪافي-121 (سُر ساموندِي)

آديسِي اَڻ موٽَ، وو اورِن ويتا اَلَڪ[1] سان.

چوڙي جَتائون[2] جُهد[3] مَئون، ڳولي ماريائون ڳوٽَ.[4]

تَرڪُ ڏنائون تَرڪَ کي، ڪا جيءَ لڳڙن چوٽَ.

هيڪڙائيءَ ۾ هڪ ٿيا، ڪَپي دُوئيءَ جا ڪوٽَ.

وڃائِي نہ وجود مَئون، ڪاهوڙن کُل ڪوٽَ.[5]

”مُحمّد“ مِيثاقئون اڳِي، گهايل آهن گهوٽَ.

---

(1) جنهن کي لَکي نہ سگهجي- ذاتِ اِلاهي، (2) ڊگها وار جيڪي ساڌُو ۽ فقير رکندا آهن، (3) ڪوشش- طاقت، (4) سارِي (چوپَڙ يا شطرنج راند جِي). [ڳوٽَ مارڻ=راند کٽڻ- ڪاميابي ماڻڻ]، (5) خرابي.

ڪافي-122

(سُر پيروي)

جوڳِن منهنجي جِيءَ ۾، جَرَ[1] هَنئين جائِي اَلو.

"فَاذْكُرُونِيٓ أَذْكُرْكُمْ"[2]. وسري نہ وائِي اَلو.

"اَلْعِشْقُ نَارٌ"[3] سارِي ٻاري، جان جَلائِي اَلو.

"مَاسِوىٰ اَلْمَحبُوبَ"[4] جي، رهان فِدائِي اَلو.

"هُوَ الظَّاهِرِ هُوَ الْبَاطِنِ"[5]. صَفا صَفائِي اَلو.

"مُحمّد" پنهنجي مَوُج ۾، سَرهو سَدائِي[6] اَلو.

---

(1) محبت جي ميخ، (2) "تون ياد ڪر مون کي تہ مان ياد ڪريان توکي" (3) عشق باھ آهي (4) محبوب کان سوا3، (5) هو ظاهر بہ آهي ۽ لڪل بہ آهي، (6) سدائين

ڪافي- 123 (سُر سامُونڊِي)

سَناسِي سُبحانَ، ساري سبق تا پڙهن.

"فَاذْكُرُونِيْٓ اَذْكُرْكُمْ"،[1] دم جو رکن ڌيانَ،

هردم هِيئين ۾ هٿ ڪيائون، گُـرُؤَ وارو گِيانُ[2].

هڪ ٿيا وڃي حق سان، ڪڍي دُوئِي دامانُ[3].

محويت جي موج ۾، سُلطانِي سامانُ.

"مُحمّد" نعري نينهَن جي، لاشَڪ ٿِي لاثانَ.[4]

---

(1) "تون ياد ڪر مون کي- مان ياد ڪريان توکي" (ارشاد رَباني)، (2) روحاني علم، (3) دامَن، (4) جنهن جو ڪو ثاني يا مَٽ نہ هجي.

(سُر ويهاڳُ)

ڪافي-124

اُتِي جوڳِي جاڳَ وي ميان، نيڻ نہ هيرج ننڊ ۾.

چوهَہ[1] منجهارئون چوڙي چڏ تون، رڳَ رڳَ روحي راڳَ.

پِرت واري پنڌ ڪرڻ ۾، جهاڳڻ پيو تہ اَجهاڳَ.[2]

ثابت صدق يقين سان شامل، ماڻيندين سو ماڳَ.

"فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ"،[3] لاهوتين جو لاڳَ[4].

"مُحمّد" مؤج مَحوبَت ره تون، پلو تيندءِ ياڳَ.

---

(1) تيزِي- جوش، (2) جيڪو جهاڳي نہ سگهجي- وڏو بحر، (3) "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان

ڪافي-125 (سُر بَنسُ)

نِيستِي[1] نند نِينهَن نِي[2]، جوڳِي سدا جاڳيا وتن،
ويڙهہ وحدت جي وَڪوڙيا، وِرهَ ۾ واڳيا وتن.

سرمست صوفي سَير ۾، سالڪ صفا ساڳيا وتن،
جن کي لڳي لَئُون[3] لالَ ٿيا، اُهي لُطف سان لاڳيا[4] وتن.

برسات بادل بيخودي، برهہ ۾ ياڳيا[5] وتن،
دُرسُ[6] دَرُونِي[7] دؤر[8] دائم، درد ۾ داڳيا[9] وتن.

جهانگِي هٽن تا جهوڪَ[10] جهنگ ۾، جَهر[11] مڙيئي جهاڳيا وتن.
"مُحمّد" ڏاهي ڏوهہ[12] سي، ڏپ اندر ڏاڳيا[13] وتن.

---

(1) ڪمزوري- نِستائي، (2) وڻي ويو ڪٽي ويو، (3) عشق- محبت، (4) جُڙيا وَتن انعام يافتہ ٿيا وتن، (5) ياڳَ وارا ٿيا، (6) درست- سچ پچ، (7) اندروني، (8) ذڪر- وِرد، (9) سڙيا وتن (10) ويهڻ جي جاءِ- مال کي ويهارڻ جي جاءِ، (11) جَهنگ، (12) مَڪرَ- فريبَ، (13) ڏُسڙيا واريءَ وانگر پٽجي ٿيا وتن (يعني خوفِ خدا ۾ فنا ٿيا وتن)- [ڏاڳَ= ڏُسِڙيا واري].

(سُر توڙي)

ڪافي-126

جوڳي جِيءَ ڪي جُنگَ جاڳائن تا. واه بَرسَر بِينَ وڄائن تا.

لِڱين خاڪ مَلي آدوتَ[1] اچن، دَر دَر بينا ناچُ نَچن،
پنهنجو پاڻ مِ پُختا ٿي پَچن، دُونهون دل مِ درد دُکائن تا.

صَوْمَ[2] صَلاتانْ[3] تَرڪُ ڪري، وِرد وظيفن ڪئون پري،
دم مِ دم جو ڏيان ڌَري، برهہ جي بانگَ ٻُڌائن تا.

اَڻ لَڪَ[4] آهن ڪير لَکي، خبر لهي جو چاش چَکي،
پوءِ اُنهن سان راز رکي، لِڪِي لوڪئون لِڪُ[5] لِڪائن تا.

هِنَ هُنَ[6] ٻنهي ڪئون ويا، وڃي بحر اُونهي مِ پيا،
حد حجابَ لاهي هڪ ٿيا. "مُحمّد" ماڳ ملهائن تا.

---

(1) آدُو تي- جوڳي-سامِي. (2) روزو. (3) نمازون. (4) سمجهہ مِ نہ اچڻ وارا. (5) راز- ڳُجهہ. (6) هِنَ ۽ هُنَ
جهان- ٻنهي جَهانَن.

ڪافي-127 (سُر پٽ مُجرِي)

سامِي سَباجها سُپرين، حق سان وجي هِڪُ ٿيا.

ذڪر ۾ فانِي فِي الله[1]، واقف ٿيا واصِل بِالله[2].
بيشڪ آهن بَقابِالله[3]، مَرِي جيڪي جائِي[4] جِيا.

جوش جذباتي جاڳيو، سِر سُجاتائون ساڳيو،
خيال وحدت ۾ واڳيو، ڏِيلَ ۾ بارن ڏِيا.

رُوپوش تا رمزان رَکن، چاش چشمن جي چَکن،
ڪنهن کي لَکڻ[5] ۾ نا اچن، لوڪَئُون لِڪِي پائن لِيا.[6]

هاديءَ هَٿارئون تا پِيَن، پُر پريمي پيا ٿِيَن،
مست مَيخاني وَتن، خُمر[7] ۾ خُمارِيا ڪِيا.[8]

شَب روز ڪاهو ڪاهَ ۾، وِڪَ وَحدتِي ويساهَ ۾،
"مُحمّد" صُلحَ صَلاحَ ۾، پيش پِريَن جي پِيا.

---

(1) الله جي ذات ۾ فنا ٿيل، (2) الله سان مليل، (3) الله جي ذات سان هميشه قائم رهندڙ (4)، سچ پچ، (5) سمجهڻ- محسوس ٿيڻ، (6) لِيئا- جهاتيون، (7) شراب، (8) خوش.

ڪافي-128

(سُر مانجهہ)

جوڳِن پنهنجِي جُوءِ، صافِي صاف سُجاتي.

اصل روز الست کئون، خاصِي تن جِي خُوءِ.[1]

وِتِي ناهين هڪ وارَ جِي، مُحڪم[2] مُوبَمُوءِ.[3]

رِند رَسيا وجي راهَ ڪي، رهبر رُوبَــرُوءِ.[4]

ڳولي لڌائون ڳُجهہَ ۾، ڪامل سَندِي ڪُوءِ.[5]

آئي تن کي عجيب جِي، بَرن ۾ ڪا بُوءِ.

"مُحمّد" ڏٺي آهي ڏيهہ ۾، صورت سُو بَسُوءِ.[7]

---

(1) خَصلت- عادت (2) مضبوط- قائم، (3) وارُ وارَ سان- تمام ڪماليت سان، (4) مُنهن سامهون- آمهون سامهون، (5) پاڙو- ڳَلِي- گهر، (6) هر طرف.

ڪافي-129

جوڳي ڪَمائن جوڳ، سامِن سَيرَ ڪيا هِن ساڃا.[1]

اندروني آواز سان، رُوحِي ڪڍيائون روڳ،[2]
وحدت جا وڃائن واڃا.

صحي صاف سُڃاڻِي سِيني، ٻيا ڀانئِن تا ڀوڳ،
ڏُمَ ڏُمَ ڏامَ[3] لڳائن ڏاڃا.[4]

ڄَندي ڄاڻي غَيرَ ڪي، ڦِٽِي ڪيائون ڦوڳ،
ڏِکَ منجهارئون مِليَن ڏاڃا.[5]

”مُحمّد“ هڪ ٿيا هيڪاندا،[6] کَپي ڏُٿِيءَ جا ڏوڳ،[7]
کائن خُوب خُماريل کاڃا.[8]

---

(1) سِڏا- سَنوان، (2) مرض، (3) محفل- مَندلِي، (4) ڏُهل جو واڄو- تَجمل- ٺاٺُ، (5) ڏاجُ- ورثي ۾ مليل شيءِ، (6) مليل- وصالِي، (7) گوشت جا وڏا ٽُڪرَ، (8) کاڏا- طَعامَ.

ڪافي-130

(سُر پيروي)

ننڊ نہ ڪن نيهِي،[1] ڏيئي اَکِن کي عشق اوجاڳا.

ساريُون راتيون سُور ۾، ويراڳن ويهي،
صحيح سُجاتا سپرين ساڳا.[2]

مزو ماڻيائون موج سان، پاڻ منجهان پيهي،
لَڌا لاهوتن لاشڪ لاڳا.[3]

مرداني مجلس ۾، رمز تَنين ريهِي،[4]
سُرت رکي تيا صاف سَياڳا.

هِڪُ تيا وحي حق سان، ڏيهَہ اُنهي ڏيهِي،[5]
ڇِنِي ڇڏيائون دُئِيءَ[6] جا ڌاڳا.

"مُحمّد" مَخفِي مامَ جي، ڳالهہ ڪيان ڪيهِي،[7]
وِيَرَ وحدت ۾ واصُل واڳا.[8]

---

(1) سچا عاشق، (2) ساڳيا، (3) لاڳَ- انعام- بخشش (4) ڳنڍِي، ريجهائِي- سَرچائِي، (5) اُن ملڪ جا رهواسي، (6) ٻيائيءَ (7) ڪهڙِي، (8) واڳيا- ڳنڍيا- مليا.

ڪافي-131

(سُر آسا)

عـــاشــق پُــورَب پار ڏســو، آڏُوتِــن[1] آڌار[2] ســو.

ڪَنتا[3] ڪولا پا[4] ناد[5] نَفِيلان،[6] ڪِستا ڪَڙيُون ڪٺن جَنبِيلان،[7]
پهري اَلفِيُون[8] عشق اَصِيلان، جوڳن جا جِنسار[9] ڏسو.

ڪُويا[10] ڪَستَئُون[11] قدم ڪُڏائن، ويراڳي وِيرانَ وَسائن،
نازڪ ناتو نِينهن نيائن، طَلبَ سچي تن تارَ ڏسو.

راز رِنداني رُوپُ رَحيمِي، پاڙِن پِرتئُون پُور پريمي،
"قَالُوْا" وارو قول قديمي، اَلستي اقرار ڏسو.

اندر آديسي اَلکَ جڳائِن، ثابت سيني صاف سَمائن،
"مُحمّد" مانجهي ماڳُ مَلهائن، بيحد بره جا بارَ ڏسو.

---

(1) سنياسي يا تارِڪ فقير. (2) سهاري- آسري. (3) قيمتي پٿرن وارا هار. (4) ٽامي، لوهه يا شيشي جا ڪنگڻ (جيڪي فقير پائيندا آهن). (5) وڏو سامُونڊي ڪوڏ (جيڪو سامي يا جوڳي فقير وڄائيندا آهن). (6) سَرهَ جانور جو سِڱ (فقير وڄائيندا آهن). (7) ڪِستا. ڳوڙريون. (8) ٻانهن ڪان سواءِ ڊگهو پهراڻ، فقيرن جوجبو. (9) ٺاهه ٺوهه – سينگار. (10) بهادر. (11) جوش مان.

كافي -132

(سُرجوڳ)

لاهُوتِن جِي لَڏَ،[1] لاشَڪ لاَ تہ مَڪانَ ۾.

اورِين يَرِ آواز نا، پَرين يَرِ تي سَڏَ.

سِڪَ ۾ ساهُ پَساهُ آ، هَلن هوتَ ڏي هَڏَ.

پڪو پيچ پِريت جو، رِندَ رَهن تا رَڏَ.[2]

هلي ويا هوشيار ٿِي، متي ٻَڌائون مَڏَ.[3]

پڌرا ٿِي پِرڪارَ[4] ۾، "مُحمّد" تُنهنجا پَڏَ.[10]

(1) بارَ- مَڏِي- ٻَڌل سامان، هَـتَّ- گڏهہ تي لَڏيل سامان. (2) همت وارا، ضِدِي- هوڏ وارا. (3) مُوڙِي- سامان سَڙو- تُرهو. (4) عادتون- لَڇَڻُ- فعل. (5) وڏائي- ٻَٽاڪَ.

ڪافي-133 (سُر بَنسُ)

جوڳن ڪي آ جَسُ،[1] وجي ڪَن وَسُ،[2] ويا واهيري[3] پنهنجي.

چوري چَرخو چاهَ مئون، چائِن[4] اِلاهِي چَسُ.[5]

رِندن جي نہ رهاڻ ۾، راند اِنهين جو رَسُ.

وِرهَ وارِي واتَ جو، غازي لَهندا گَسُ.

لکيو لوحَ قَلم جو، ميڻَ ناهين مَسُ.

پيهِي پنهنجي پاڻ ۾، پَسَن تا پارَسُ.

هاديءَ واري حال ۾، ڪانہ اٿن ڪا ڪَسُ.[6]

"مُحمّدَ" اُنهيءَ ملڪ جو، ڏاهي جو اَٿن ڏَسُ.

---

(1) شاباش، (2) سعيو- ڪوشش، (3) ويهڻ جي جاءِ- آستان، پڪين جي رات جو آرام ڪرڻ جي جاءِ، (4) کڻن- حاصل ڪن، (5) لَذتَ- سوادُ، (6) نقصان.

ڪافي-134

(سُر جوڳ)

ويسائي[1] جِي واٽَ سان، ويراڳِي تا وَجِن.[2]

جائِي[3] اُنهين جُوءِ[4] ڪان، پيرو[5] ڪِينَ پَجِن.[6]

اَلستِي اقرار ڪي، مردانا تي مَچِن.[7]

راهِي تيڙا راز سان، رَهتِ[8] ڪن رُڄِن.[9]

"مُحمّد" مُحڪُم[10] ماڳَ تي، صوفي صاف سَجِن.[11]

(1) اعتبار- يقين- ويساهَ، (2) وَڃن، (3) سچ پچ، (4) علائقو- جاءِ، (5) ڇڪَر- گهُمرو- اچڻ وڃڻ، (6) پَڄن [پيرو ڪِينَ پڄن= مُنهن نٿا موڙِين]، (7) مَچِين، (8) رَهڻِي- رهائش، (9) سُڄ ۾- ويراني ۾، (10) مَضبُوط، (11) اشارو ڪن- نشاندَهِي ڪن- نظر سان تَڪِين.

ڪافي-135 (سُر ڪوهياري)

مَـرُ[1] جـهاڳَ[2] جـهاڳِن پـيا جـوڳيئڙا،
سُونهان[3] سِيرَ اِنهين جا سامِيئڙا.

ڪاهي هليا تِي ڪِينَ ڏي، نازڪ ناتي نيَڙا.[4]

وَسن پيا واحد جا، مَتئُون محبت مِينهَڙا.

اَنئِي پَهَر اَلهُوتَ[5] تَن، پُورَ اِنهين ۾ پيَڙا.

ڪيائون مُنهُن محبوب ڏي، وري وَرڻ ڪان وِيَڙا.

"مُحمّد" جَن جا جي هئا، وجي تَنين جا ٿِيَڙا.

---

(1) بيشڪ- بلي، (2) جهاڳڻ جيئرو ٻاٽي، (3) واقف- سمجهو، (4) وٺي ويا، (5) نشا- خُمارَ

ڪافي-136 (سُر ڪوهياري)

آهي روز اَزل کئون، آديسِن کي اُڄَ.

وَسَنُوَ[1] نا ويـجها ويـا، سامي جهاڳِن سُڄَ.

بُکَ وڏائون بُگلي،[2] جوڳِن ڪيا تِي ڄُڄَ.[3]

مَئي[4] سَندي ئِي مَٽَ تئون، پيالو پِي ڪيائون پُڄَ.[5]

راتيون ڏينهان رمز سان، رِندَ رهن تا رُڄَ.[6]

"مُحمّد" مُغان[7] جي مِهرَ سان، مَنُ ماري ڪيائون مُڄَ.[8]

---

(1) آبادِي – ڳوٺ، (2) فقيرن جي گودڙِي، (3) ڍَئو- ڍَوَ- شاديءَ جو ڪاڄ، (4) شراب، (5) تمام گهڻو مال هٿ ڪرڻ، (6) سَرابُ – ويراني، (7) شراب وڪڻندڙ – ڪَلال- اصطلاحًا- مُرشد، (8) ماري ڪُٽي ناس ڪرڻ- ذريون ذريون ڪرڻ.

ڪافي-137 (سُر ڪوهياري)

سَـناسِي سارِيـنِ،(1) سَدائِين سُبحانَ ڪي.

راتيون ڏِينهان روڄَ ۾، هَنجُهون(2) تا هارِين.

ويهي پنهنجي وُجودَ ۾، باهِه بِرهَ بارِين.

اَلستِي اِقرارَ جون، ڳالهِڙيُون ڳارِين.

"مُوْتُـوْا قَبْلَ اَنْ تَمُـوْتُوْا"(3) مَرڻَئُون اڳي مارِين.

دائم دَمَ قَدَمَ سان، وحدت وَرق وارِين.

"مُحمّد" پنهنجي موج ۾، گهوٽَ سان گهارِين.

---

(1) ياد ڪَن. (2) اکين مان ڳوڙها. (3) "مرو پنهنجي مرڻ کان اڳ ۾" يعني پنهنجي نفس کي ماريو.

داستان: رَمز رازُ رِندِي

ڪافي-138 (سُر تلنگ - سُر پيرِ)

رِندن جي رفتار، اولائتِي آهي عامَ ڪئون.

اچڻ وڃڻ جي سُڌِ نا سڀ ڪَنهِين، ڪامِلن اِها ڪارِ.

ظاهر زُهد ۽ تقويٰ تَرڪي، غَيبِي ڪن گفتار.

بي سِر بي پا[1] ڪَن پروازي، جِسمئون ٿي بيزار.

نِفِيءَ منجهئون اثباتي ٿيڙا، شائق شاهسوار.

مرد مؤجود مُغان سان "مُحمّد"، وِتِ[2] نہ پائِنِ وارَ.

---

(1) بنا پيرن جي، (2) وِٿِي- مفاصلو

ڪافي-139 (سُر توڙي)

لنگهه پَئو تون خوف خطرات وِچون.
ظاهر ضعف ذِلت ظُلماتِ[1] وِچون.

پهلي آڪي اِٿان ايوين ڪرڻا هئي، اَپڻا سِر اَڏِي اُتي ڌَرڻا هئي،
"مُوْتُوْا قَبْلَ مُوْتُوْا"[2] تي مَرڻا هئي، پُر پِي گُهٽُ[3] آب حيات وِچون.

دَم دَم دِي ڪيڏ ڌَمال، نفس اَماره ڪر پائمال،
مؤج ماڻين تڏان وصل وصال، در بَحر حقيقي درجات وچون.

رَحت[4] راز رَموز نِهاني دِي، رَکين ڪَل[5] مُبِين[6] معانِي دِي،
عطا عين عروج عَياني دِي، پيوسي خبر نفي اَثبات وچون.

وچ تارِيڪِي مهتاب روشن، اولي اَبر[7] آفتاب روشن،
عرش ڪرسي اَلقاب[8] روشن، پَسِين "مُحمّد" مشاهده محلات وچون.

---

(1) اونداهي. (2) 'موت کان اڳي مرڻ' يعني نفس کي فنا ڪرڻ. (3) ڍُڪَ. (4) راحت جو مخفف. (5) خبر، ڄاڻ. (6) ظاهر- قرآن شريف کي بہ چوندا آهن. (7) ڪڪر (8) لقب جو جمع

ڪافي-140

(سُر آسا)

ڪُل ڪتاب ڇڏياسي ڇاڪئون، حرف حقيقي پَڙهيل بِي آهيون.

لاإلٰهَ[1] ڪان لنگهي هلياسي، اِلَّاالله[2] ۾ اَڙيل بِي آهيون.

مَردن جيان ميدان ملهائي، صاف سُوريءَ تي چَڙهيل بِي آهيون.

واحد وجودئون وِسريل ناهين، سَوز انهيءَ ۾ سَڙيل بِي آهيون.

همت هادي رهبر جي سان، جُوءِ[3] انهيءَ ۾ جَڙيل بِي آهيون.

"مُحمّد" ساقِيءَ سُرڪِي پِيارِي، مست مئيخاني مَڙهيل بِي آهيون.

---

(1) ناهي ڪوئي مَعبُودُ يا حاجَت رَوا. (2) سواءِ اَلله جي. (3) مَقام - علائقو

ڪافي-141 (سُر پيبر)

رُوپوش رِندن جي رَهتِ، چالِي چَلتِ سِکُ عاشقا،
عام کئون اولي اچڻ، تون وچڻ سِکُ عاشقا.

لاَ نَفِيءَ جي لَتَ سان، هستِي حجابن کي هَٽاءِ،
پُرزا پَٽِي[1] ڪر پانهنجو، پاندو پَچَڻُ[2] سِکُ عاشقا.

عينَ عبرت جي پَٽي پَس، جا بجا حقَ پاڪَ کي،
منجهه رنگ رُوپ جي، بيرنگ ڏِسَڻ سِکُ عاشقا.

سُرتِ ثابت سان قدم کڻ، طالبا تَلقِينَ[3] تِي،
"ثَمَّ وَجْهُ الله"[4] ويسَهَ[5] کي، تون وَٺڻ سِکُ عاشقا.

قال کوتَهَ[6] ڪر "مُحمّد"، هل هميشہ حال سان،
موجود مرشد جي تَصوَر ۾، رَهڻ سِکُ عاشقا.

---

(1) مِٽي- خاڪ. (2) مرڻ- سُجو ٿيڻ (پاندو پچڻ)- هتي نفس کي فنا ڪرڻ ڏانهن اشارو آهي، (3) هدايت،
(4) اُتي آهي الله جو چِهرو"، يعني هر طرف الله ج جو رُخ آهي، (5) اعتبار، (6) مختصر- گهَٽ

ڪافي-142 (سُر ڪسوري)

رهيا رِند رَضا تي راضِي راضِي، جن کي عشق ڪرائي آهي آزي آزي.

مَسئلا مُصلا منجهہ رکيائون، سِڪَ جا سجدا صاف ڏنائون،
وحدت جو واپار ڪيائون، ڪِينَ پُڇن ہيا قاضِي قاضِي.

مذهب دين جا ٿيڙا ڪانئِل،[1] مامَ مرشد جي ڪَيڙا مائِل،
صوفي سدائين رَهڙا[2] سائِل،[3] طلبَ تِنن کي آ تازِي تازِي.

"مُحمّد" عاشق ڪِينَ ڪُڇن ٿا، دل ۾ اندر لُڇون لُڇَن[4] ٿا،
پُورَبَ پنڌ پُڇيُون پُڇن ٿا، نينهن سيکائِي تن نيازِي نيازِي.

(1) ڪانئر- سُستَ، (2) رهيا- رهن ٿا، (3) طلب گار، (4) تڙپن ٿا.

(سُر ڪسوري)

ڪافي-143

رَهُ رضا تي راضي سُهڻا، رِيت رِندن جي رهِڻي اِهائِي.

هر صورت سان صاف سچائي، قرب ڪَمالِي ڪَهڻِي اِهائِي.

لوڪَ جا طعنا تُهمَت تن تي، ساهَ سِيبائي سَهڻِي اِهائِي.

هردم هاديءَ سان هڪ ٿي تون، پِيتِ[1] پِريتِي[2] پَهڻِي[3] اِهائِي

دمَ قدمَ سان دائم دلبر، دِوهُ[4] دُبائِي[5] دَهڻِي اِهائي.

"مُحمّد" مِيرِ مُغان سان مُحڪَم، ٿاهَ ٿِڳي نا تَهڻِي اِهائي.

---

(1) پريت- محبت، (2) پريت- پيار، (3) ريجهائڻي، مچائڻي، پرچائڻي، (4) فريب- دوکو (5) منافقي- بدنيتي- کوٽ - جهالت.

ڪافي-144

(سُر بلاولي)

راز رنداني رمز سان، رُوءِ رهبر راهُ حَقُ،
همت وارن کي هَلائي، شوق شَهنشاهُ حَقُ.

الف جو اولو ڪري، عَين ٿيو ارواحُ حَقُ،
قرب جو قطرو وڌائي، مِيم مظهر[1] ماهُ[2] حَقُ.

ٻول ۾ ڪيئي ٻَلائي، وحدتي ويساهُ حَقُ،
سو سچن سان سَربَسر، سُرت سارو ساهُ حَقُ.

نينهن وارن کي نِپائي، ناز سان نيباهُ حَقُ،
پِرت سان پَهري آيو، ڪَيفِي[3] سِرَ ڪُلاهُ[4] حَقُ.

"مُحمّد" جو محبوب آ، موج زَن[5] ملاحُ حَقُ،
تار مٿون تاري نيندو، بيواهَن جو واهُ حَقُ.

---

(1) نظارو. (2) چنڊ. (3) ڪَيف واري- نشي واري. (4) هڪ قسم جي مَخطروطي ٽوپي (اڪثر درويش پائيندا آهن). (5) ڇوليون هڻندڙ.

ڪافي-145

(سُر پهاڙِي)

عجب راز رندي نِهانِي[1] نِشانُ بَر[2]
عوشاقي پوشاڪي اَلستِي اَڪابَر[3]

وجهي وَنگَ وَچِيرَن، ٿو اَڙٻَنگَ اُمالڪَ،
بِلاشڪ بهادر، نِسنگ نِينهُن نادر.

آيا مرد مُحڪَم، ميدان مَرڪِي،
چڙهيا چوٽَ چَئنچل، نيشان ناظر[4]

هلي دائمي دَمُ، ذِڪر ذؤق ذاتي،
لُدنِي[5] لُغاتِي[6] آ سيني ۾ صادر[7]

"مُحمّد" قول قائم، قديمي آ قادر،
ٿيو ذوق ظاهر، زورئون زور زابِر[8]

---

(1) پوشيده- لِڪَل، (2) جهنڊو ڪٿي هلندڙ- علامت يا نشانيءَ وارو – ظاهر، (3) اڪبر جو جمع- يعني تمام وڏا، (4) ڏِسندڙ – نگهبان (5) الله جي طرفان عطا ٿيل مخفي علم، (6) ٻولي، (7) جاري ٿيندڙ- نڪرندڙ (8) زبردست- ڏاڍو

كافي-146

(سُرويهاڳ

رند روزشَب ٿا رهن، محبوب جي مَيخان ۾،
مَئي مُدامي مست ڪيا، لاهوُت لامڪان ۾.

شهباز دم پرواز ٿيا، ڪاهي منجهارئون ڪِينَ ويا،
جي ڪِينَ ويا سي ڪِينَ ٿيا، وجي پيا اصل اَشيانَ[1] ۾.

موجود حق موجود ڄاڻِي، پاڻَ ۾ پَلپل پَڇاڻِي،[2]
دم ڌار نا گوهَر وجي، پيا گُر سندي گِيانَ ۾.

سِرَ ڪَپي جي صاف ٿيا، معاف ٿيا تن تئون مڙيئي،
خام خطرا خوف خارج، بي رنگي بيان ۾.

"مَاسِوىٰ الله"[3] منجهه محبت، تن کي ٻي ناهي ڪا تارَ،
دارين جون دامانَ[4] ڇنِي، "مُحمّد" اَمن اَمانَ ۾.

---

(1) آشيانو- آستان، (2) سڃاڻي، (3) "الله کان سواءِ"، (4) ڦَندَ، دامَ، جارَ

كافي-147 (سُر سنڌي ڪونسيو)

رِنــدِي مــست خـيال آهـيون، لُـدنِي[1] لازَوال آهــيون.

يَڳتِي[2] ڪر يَڳوَنتُ[3] هُون باقي، گِيان[4] گُـرو گوپال[5] آهيون.

مَحويَت[6] مَئي جامُ[7] صُراحِي،[8] ساقي ڪَيف[9] ڪَلال[10] آهيون.

وَصُل وِصال[11] هُون وَحدۂ[12] واصل، هر حال ۾ قِيل مَقال[13] آهيون.

"مُحمّد" قائم قديمي قادر، بيرنگ بي مثال آهيون.

---

(1) قدرتي - الله جي طرفان عطا ٿيل، (2) يڳن- راڳ ويراڳ، (3) يڳوان- ايشور- ڏڻي- (الله)، (4) روحاني علم، (5) ڳئون پاليندڙ- ڪرشن مهراج جو تخلص، (6) خيال ۾ گم ٿيڻ، (7) پيالو (شراب جو)، (8) گهگهِي – بوتل، (9) نشو، (10) ساقي- شراب ڏاهيندڙ ۽ پياريندڙ- مُرشد، (11) ميلاپ، (12) واحد- اڪيلي سان (يعني الله سان)، (13) ڳالهه ٻولهه (رُوحانِي).

ڪافي-148 (سُر ڪونسيو)

هل هِينئين[1] سان هوت ڏي، همدم نہ وڃ هرگز هَٽِي،
ماڻِ مؤجان مرد ٿي، تون حُسن وارن جِي هَٽِي.[2]

سُرڪَ صافَن صاف ساقي، وِرهَہ جِي ويتر وَٽِي،
پُر پيئڻ پئيماني[3] جي، سِرِي سالڪن پنهنجي ڪَٽِي.

حُسن جي حملي سان هيڪر، جهامَ[4] جهورِيءَ[5] ۾ جَهٽِي،
قابُو قفس[6] ۾ رهي، سا قَرڪَندِي ڪيئن جا قَٽِي.

نظر سان نروار ٿي، اندر جِي اڪڙِي پَٽِي،
وئي وجودئون نڪري، بِيهَر بيائيءَ جِي بِٽِي.[7]

"مُحمّد" دل محبوب ڏانهن، مُور[8] ڪڏهين نا مَٽِي،
سوز ۾ سالم سراسر، گهيڙ[9] گهاڙِيءَ[10] جي گهِٽِي.

---

(1) دل، (2) دوڪان، (3) شراب جو جام، (4) چڪَ- سَٽَ، (5) بيقراري- سِڪَ، (6) پڃرو، (7) بِيڻ- واڌارو
(8) هرگز، (9) رستو- لنگهہ، (10) سنڌو رستو

ڪافي-149

(سُر مانجهہ)

وَڻج وِرهَ ڪي تون، واهر وسِيلو، هلي ڪونہ حِيلو.

مَچِي مرد ٿي تون، آهَہ سرد ٿي تون،
رنگ زرد[1] ٿي تون، مثل زهر پِيلو.

جُهدَئون[2] جاڳ جوڳي، رهج ڪِينَ روڳي،[3]
نہ ڪڻ اوڙَ[4] اوڳِي،[5] رڪج رَس رَسِيلو.

حاصل حال حالِي، رمز رڪ نرالِي،
لاشڪ لازَوالِي، ٿي اَصلئون اَصِيلو.

وحدت وِيرَ وَڙُ* تون، غازي گامُ[6] ڪڻ تون،
هَنسِي[7] هامَ[8] هڻ تون، نيزي نينهن نِـيلو.

"مُحمّد" مُڪو[9] آنْ، پرتئون پَڪو آنْ،
ياور[10] يَڪو آنْ، ڪُڙمُ[11] نا قَبِيلو.

---

(1) ڦِڪو- پِيلو. (2) ڪوشش سان، (3) بيمار- سُست. (4) ڪيڙيل زمين جو سَنڌو. (5) مُنجهيل- موڳي، (6) قدم. (7) کِلِي، (8) ذميواريءَ جي دعويٰ ڪرڻ، هٺاڪَ هٽڻ. (9) موڪليو (10) مددگار. (11) ڪُٽنب- خاندان.

* [illegible]

(سُرسورٺ)

ڪافي-150

جي رهين هن ديس ۾، دَردَ ڏاڍا ڏارِ[1] تون،
هڪ وسيلو هٿ ڪري، ٻيا وسيلا وارِ[2] تون.

پيرَ جي آئين وٽي، پيرَ تون ساڳا سَنيار،
طرف اُن ڏي جي هلين، تُرت پهچين پارِ تون.

گَهر گهِڙي[3] تون گهوٽ سان، گهارِ گهَڙِيون دم گذار،
اندر اورَ عجيب جِي، مچ مَخفِي[4] ٻارِ تون.

حال هستيءَ جا وڃائي، موُج مستي ماڻ تون،
"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"[5]، پاڻ پنهنجو مارِ تون.

صاف سيني رک سچائي، دُرسُ[6] دُئِي[7] کي دَباءِ،
خيال خطرا ۽ خرابي- ڳاراٽي[8] منجهه ڳارِ تون.

مَحويَت[9] موجود ٿي، هاديءَ واري حال ۾،
مست ٿي "مُحمّدؐ" مدامي، ڇڏ اُڏائي جهارِ[10] تون.

---

(1) ڏاڍا ڏارڻ= درويشي ويس ڪرڻ. (2) ڦِٽا ڪر. (3) گهِڙي- داخل ٿي. (4) ڳُجهو. (5) "مر پنهنجي موت کان اڳ" يعني نفس کي فنا ڪر. (6) سچ پچ- صحيح طرح. (7) دُوئي – ٻيائي. (8) جهورِي- اُڪير- فراق.
(9) خيال ۾ گم ٿيڻ (10) ...

ڪافي-151

(سُر تِلنگُ)

رِندن واري رِيت اسان جِي، ڪوڪو سمجهي سالِڪُ سارِي.

پلپل پراڻي ياد اسان کي، پِرتَـئُون پاليُون پيتِ[1] اسان جِي،
بار بِره جو بيحد بارِي.

اُلٽِي چال چَلُون تا چوکِي،[2] نانگن وارِي نيتِ[3] اسان جِي،
دين کُفر کئُون ٿياسي عارِي.[4]

بازيگَر ڪا بازِي پَٽرِي،[5] جُنگَن[6] وارِي جيتَ[7] اسان جِي،
جوش جگر ۾ تيڙو جارِي.

"مُحمّد" روز اَزلِي آهي، يَر جَهلي[8] سان پيتِ[9] اسان جِي،
گهوٽ نہ وڃهندو مُورئون[10] گهارِي.[11]

---

(1) پِريت- محبت، (2) سَئِي، (3) طور طريقو- رسم رواج، (4) خالي- ننگا، (5) پکيڙِي- وِڇائِي، (6)بهادرَن، (7) ڪاميابي، (8)حمايتي- سهارو ڏيندڙ- آڌار، (9) مُوافقت- طبيعت ۽ عادت ۾ هِڪجهڙائِي، (10) هرگز، (11) جُدائي- وِڇِي.

(سُر پيروي)

ڪافي-152

وحدت منجھ واڍوڙيا،[1] وِيرَ[2] وَريامَ[3] اَچن،
غَضنفَرَ[4] غَزالِي،[5] گهِري گامَ[6] ڪٽن.

برھ منجھ بَھاريا، بانڪا[7] ڪِينَ بَچن،
پڙ ۾ پھلوان، نانگا ناتَ[8] نَچن.

مِٺي محبت وارا، مَچڙا پيا مَچن،
پتنگَ پَروازِي،[9] پُختا[10] تي پَچن.

راهِي تيا روانا، رِندِي رمز رَچن،
سُرڪِي سِڪَ وارِي، ملي صاف سَچن.

"مُحمّد" ميدان ۾، ڪم ناهين تہ ڪَچن،
وريا ڪِينَ واسِينگَ، ورتل سي وَچن.[10]

---

(1) گهايَل- زخمي، (2) بهادر، (3) سُورهيہ- بهادر، (4) شِينهَن- شيرَ- بَهادُرَ، (5) هرڻ جهڙين وَڏين اکين وارا- سهُڻا، (6) وِکَ – قدم، (7) بهادر، (8) وڏا جوڳِي، (9) پرواز ڪندڙ- اُڏامندڙ، (10) پَڪا- مضبوط.

ڪافي-153

(سُر پيروي)

وِڪَ وڏائي وچ تون وَحدتَ، تِـرُ[1] نہ هڪڙو تَرسُ،
وچ تي ويهڻ واجب ناهين، وَڙي[2] ڪَجاڻ تون وَسُ.[3]

دَمِ قَدمِ تون دائم ديهِي، پنڌ ڪري پرين پَسُ،
جانب ڏينڊءِ جائي[4] جاريُون،[5] ٻنهي جَهانين جَسُ.[6]

چوري چَرخو چاهَ مَنجهارئون، چال چَڱي وٺ چَسُ،[7]
رمز رنداني راهَ سان، رهبر ڪي وجي رَسُ.[8]

منصوري ميدان ۾، هامَ[9] هٽي تون هَسُ،[10]
وَهمَ وجودي وڃاءِ تون، ڪا ڏُهون ڪانَهين[11] ڪَسُ.[12]

اَصُل روز اَلست ڪان، ڏاهي ڏِنُئِہ اِهو ڏَسُ،
"مُحمّدُ" تون محبوب ڏي، گوڏن ڀَر ٻِي گَسُ.

---

(1) ذرو-ٿوري گهَڙِي، (2) ڳولي، (3) ڪوشش، (4) سَجَ پَجَ، (5) عامَ جامَ، (6) شاباش، (7) مزو- ذائقو، (8) پُهچَ، (9) دعويٰ ڪري، (10) هَنسَ- ڪلُ، (11) ڪانہ اَٿئِي، (12) نقصان.

ڪافي-154

(سُر آسا)

رِندن واري رِيتِ، رَهڻي سِکُ، رَهُ راز اِنهيءَ ۾.

قَالُو وارو قول قديمي، پنهنجِي پالڻ[1] پِيتِ،[2]
اَلستِي آواز اِنهيءَ ۾.

صورت مرشد مَعنيٰ اَللهَ، سِيني منجهه تون سِيتِ،[3]
ثابت سُر ڏي ساز اِنهيءَ ۾.

جوش جاڳائي جِيءَ ۾، گيان گُرون[4] جي گِيتِ،
پَتنگ تي پرواز اِنهيءَ ۾.

”مُحمّدُ“ جو مذڪُور آ، نياز نهايت نِيتِ،[5]
فَرمُودي[6] فَياضَ[7] اِنهيءَ ۾.

---

(1) پالڻ- نپائڻ- سنڀالڻ. (2) پريت- محبت. (3) صاف- ٿڌو- نرم. آسودو (4) گُروءَ- مُرشدَ. (5) طور طريقو- رسم رواج. (6) فرمان- چوڻ. (7) فيض رسائيندڙ- سخي

ڪافي-155 (سُر ڪوهياري)

خيالَ کي ڳولي خيالُ، خيالُ ڪَمائج خيالُ.

ذڪر فڪر بِي خيال، دَم قدم بِي خيال.

وِردَ وَظائف خيال، نَفل نمازان خيال.

دردِ عشق بِي خيال، هِجر وصال بِي خيال.

نازُ نياز بِي خيال، رازُ رَواز[1] بِي خيال.

اُٿڻ ويهڻ بِي خيال، روئڻ کِلڻ بِي خيال.

کائڻ پيئڻ بِي خيال، ڪَتڻُ ڪَمائڻ خيال.

"مُحمّد" موج بِي خيال، جُمل[2] جَهانُ بِي خيال.

---

(1) رواج- رسم. (2) جملي- سڀ- سارو

داستان: راهَ رِندِي

ڪافي-156

(سُر تلنگ)

راهہ رِنديءَ منجھہ رَهِين رَهِين، سَٽِ هستي تون هوشيار ٿي.

هستي ڇڏي وٺ مستي مدامي، بار برهہ جو سَهِين سَهِين.

خوف خراباتِي[1] خَرَ[2] جورک تون، ڪاهوڙِي ٿي ڪَهِين ڪَهِين.[3]

اُونهي هن اسرار جي ميان ڪَلَ اِهائِي ڪَهِين ڪَهِين.[4]

جن سڄاتو سُپرين ميان، سُڌِ سَيائي ٿَنهِين ٿَنهِين.

"مُحمّد" پنهنجو پاڻ ۾ ميان، وؤڙي[5] لالڻ لَهِين لَهِين.

---

(1) خرابي پيدا ڪندڙ، فحاشيءَ تي مائل ڪندڙ. (2) گڏه-هٿ...
جهيڙو ڪرين. (4) ...

ڪافي-157 (سُر آسا)

وهم جن وساريا، اُونهي منجهه اُهيئِي.

هليا هَردو جهان ڪئون، ڪِينَ[1] ۾ ڪاهي ڪيئِي.

گُم ۾ غازي گُم ٿيا وڃي، ڪَل[2] تنِين پيئِي.

سانگو سِر جو لاهِن جيئِي، سُرڪَ چَڪَن سيئِي.

نازڪ ناتو نينهن جو، نيائيندا نيهِي.[3]

تَرڪ وجود وصال فراقِي، "مُحمّد" مَنجهيئِي.

---

(1) ڪجهه [illegible]

ڪافي-158

(سُر ياڳيسري)

قربدارن جي ڪَتَڪ ۾، ڪي ايندا ڪامل ڪَهي،
سِر ڏيندا سُورهيہ سدا، سِيرَ هِنَ جيڪي صَحِي.

حد لنگھي هوشيار ويا، لاحَد ۾ لاشڪ لَهِي،
اُونهي هِن اسرار جِي، سُڌِ سَيائِي تن رَهِي.

وحدت جي درياه ۾، واڪا ڪَيُون وِيَڙا وَهِي،
حق پنهنجي سان ٿيا، ٿاهُ ويو تن جو ٿَهِي.

سُڌِ نہ تن سَنسار جي، ڌاءَ[1] ڌِنگَ[2] ويا سڀ ڌَهِي،
سوجهي لَڌو هن ڳالھ جو، خيال ڪاهوڙِن[3] ڪَهي.[4]

"مُحمّد" هن ميدان ۾، اَمُرُ[5] نَڪو ناهي نَهِي،[6]
واقف نہ ٿيا هِن حال جا، ٿَهڪي[7] ڀَهرئين ۾ ويا ٿَهِي.[8]

---

(1) خوف – اَنديشا. (2) ڌِنگَ ڌاهڻ= پاڻ کان وڏي ۽ طاقتور کي شڪست ڏيڻ. (3) جوڳي نقيرن (4) ڪوشش ڪري. (5) اللهؔ جو حڪم. (6) اللهؔ جي طرفان منع ٿيل ڪم. (7) پڙڪي- ر- جوش ڏيڻ (8) ڌڄي پڄي

(سُر جَهنگلو)   ڪافي-159

متان مُنهن موڙين، رِندن وارِي راهَ ڪئون.

ويهڻ واهيرو[1] ڪري، جِيءَ ۾ جاءِ جوڙين.

تُنهنجو تو سان اَتئي، ٻاهر نا وَوُڙين.[2]

پاهَڻَ[3] وانگي رَڪ پَڪائِي، ڇِرڪُ ڇاتِيءَ ڇوڙين،

"مُحمّد" اِنهيءَ پنڌ ۾، ڪامل ويا ڪوڙين.[4]

(1) پکين جي رات جو ويهڻ واري جاءِ- شام جو سج لٿي مهل ويهڻ ۽ رات جو آرام ڪرڻ جي جاءِ.
(2) ڳوليس (3) [illegible] (4) [illegible]

(سُرويهاڳُ)

ڪافي-160

سَرلو[1] تي تہ سُٽيج وي ميان، ڳُجهہ سندي هيءَ ڳالهڙِي.

ڪُليَل تاڪِيُون بند ڪر تون، پُوريل در پَٽيج وي ميان.

تَرڪُ تَقويٰ[2] مِلتِ مذهب، راهہ رِندِيءَ ۾ رهيج وي ميان.

شوق شمع تي شور مچائي، عاشق تي تہ اَچيج وي ميان.

غير وجودي وهم وڃائي، حقيقت ڏي هَليج وي ميان.

"مُحمّد" پنهنجي پوڪَ تي، واهِي[3] تي تہ وِهيج وي ميان.

(سُر راڻو)

ڪافي-161

ويهہ نہ ويرم[1] ڪا، يَج پيادل پنڌ ۾.

ماري ڇڏ مردُودَ کي ميان، هٽي ڪَنارِي ڪنڌ ۾.

آهي مون تہ عجيب جِي ميان، سڪ سدا سَنڌ سَنڌ ۾.

جبل جهاڳي جوش مئون ميان، هاڙهي[2] هلاڪت[3] هنڌ ۾.

آئون اَزل ڪٺون آهيان ميان، قابُو قيد ڪَمند[4] ۾،

"مُحمّد" کي منٺار تون ميان، رهبر رَسجاڻ رَندَ[5] ۾.

---

(1) ٿوري دير، (2) جبل جو نالو، (3) سخت تڪليف- موت، (4) ڦندو- رَسِي، (5) راهہ- رستو.

ڪافي-162

(سُر جوڳ)

بره جي بازي سمجھ تون سالڪ، اُونهو هي اسرارُ،
عاشق تون عَين عجب اِظهارُ.

نَفِي اوري اَثباتِي اوري، اجا پري تِي پنڌ،
عاشق تون وَٽ رِندانِي رَندُ،[1] فڪر فنا ڪان بعد اَنَا[2] تون،
دائم دم ديدار، عاشق تون قولُ اِهو نہ وسارِ.

مَقصَد لاَمقصُودُ رهين تون، اَمُر ادب ڪُل تَرڪُ،
عاشق تون ڪونہ رکج ڪو فرق، صاف صفائي بحر بَقائي،
ڪَنڌِي نانھ ڪِنارُ، عاشق تون ڏُو[3] ڏوڪارِج[4] پارِ.

ذاتي اولو صفاتي چولو، پَهري ويَس وَڳا،
عاشق تون تُرت رکين تَڳا،[5] خيال نيارو مظهر سارو،
"مُحمّدُ" سِرُ مَهندار، عاشق تون نانهِ منجهئون نِروارُ.

---

(1) رستو- راهَ (2) اَثبات- بقا، (3) سِڏو سنئون، (4) ڪاهي پئج- گهڙي پئج، (5) تڳاءَ- جتا

ڪافي-163 (سُر ڪوهياري)

ڪَٿِين تڏهن ڪِلُ تون، محبوبن سان مِلُ تون.

رِندن واري راه ۾، ٿورَ[1] عجائب ٿِلُ[2] تون.

سچي ساکَ سَلڻ ۾، ڪونہ رکج ڪو اَلُ[3] تون.

محبت جي ميدان ۾، بانڪا هڻ بَلُ[4] تون.

وحدت واري ويڙهہ[5] ۾، تَرسِين[6] نا هڪ تِلُ[7] تون.

"مُحمّد" صافي صاف ٿي، گَم ڪري ڇڏ گِلُ[8] تون.

---

(1) چال – هَلت، نمونو (2) هَلُ، (3) رنڊڪ- عيب، (4) ٽِپو (5) لڙائي، (6) دِڄين، (7) ترِ جيترو- ٿورڙو بہ، (8) مِٽي- خاڪ- يعني هي ظاهري جامُو.

ڪافي-164

(سُر ڪوهياري)

صوفي سچ تي سَڙ تون، چُڪِي[1] عشق جي چڙهه تون.

ڪدي ڪُوڙ قلب مَئون، پيدَ[2] اِنهيءَ ۾ پَڙُ[3] تون.

ڪُل ڪتاب وِساري وافِر،[4] پِرتِ پَنا اچي پَڙهه تون.

منصوري ميدان ۾ ڪاهي، لاهوتي وِجي لَڙُ تون.

مُحڪم ٿي مردانا مانجهي، خيال اِنهين ۾ ڪَڙُ[5] تون.

روحي رمز رکي رهبر سان، راهَ رِنداني رِڙهه تون.

"مُحمّد" وِڪَ وڌائي ويتَر، وِيَر وَحدت ۾ وَڙُ[6] تون.

---

1) نوڪَ- چُهنبَ- جبل جي نوڪدار ڪُندَ. (2) راز. (3) هوشيار- چالاڪُ- بهادر- تَوانُو. (4) گهڻا. (5) بِيهُ. (6) گهِڙُ- داخل ٿِي

ڪافي-165 (سُر ڪوهياري)

سُتَن جِي لَهہُ سارَ، جاڳَڻ جا ڪَن جارَ.[1]

سامِن سِرَ سَنباهِيا،[2] عاشق اَڏيءَ جي آرَ.[3]

چُمِي چشمن تي ڪنيائون، بارِي بِرہ جا بارَ.

رِڙهِي رِندانِي راهَ جا، ويا پُڄائيندا پارَ.[4]

لڳِن لوحَ قَلَمَ ڪان، تَنَ اندر ڪا تارَ.

"مُحمّد" راتيون ڏينهن تا، نيڻين وَهائن نارَ.

---

(1) فڪر- جوش، (2) تيار ڪيا، (3) شوق- ڪشش، ڪَرتَ-ڪارائي، (4) نشانيون- اُهڃاڻ

ڪافي-166

(سُرجوڳ)

وَٽ رِندانيِ راهَ، رَهت(1) ڪر تون رمز اِنهيءَ ۾.

پائي ويھ پِريت سان، قُرباني تہ ڪُلاهَ(2)

پيھِي ڏس تون پاڻ ۾، سوجھي(3) ساهَ پَساهَ.

غَيرُ وجائي غَورُ ڪر، پَسج پاڪ اَللهَ

فڪر فَنا ڪان فارغ ٿي، باقي بَقابِاللهَ(4)

"مُحمّدؐ" هَرجا هڪ وَسي ٿو، هادي شاهَنشاهَ.

---

(1) رَهتِي- شيوو- رَوشِ (2) تاجَ- فقيرن جي مَخروطِي ٽوپي، (3) ڳولي، (4) اَللهَ سان هڪ ٿيڻ- اَللهَ سان هميشگي حاصل ڪرڻ

ڪافي-167 (سُر پيروي)

پاڻ ڪدي چڏ پاسي، راهَ رِندانِي راسي.[1]

هلي پَـــئُـ تون همت سان، خيالَ خُماريَل خاصي.[2]

هاديءَ واري حال ۾، گاسَ[3] گَهِي وج گاسي.[4]

آتش عشق آڙاهُ اندر ۾، لُونجهَ[5] اِنهي ۾ لَهِسي.[6]

دَم دَروني دؤر جِي، باسَ اِها پيو باسي.

"مُحمّد" ٻول ٻيائي ٻوڙي، وحدت وڏو آ واسي.[7]

(1) تيار ڪري- مڪمل ڪري، (2) خاص- سُني، (3) گَسِي وڃڻ، (4) مَنجهَ لَهِي وڃ- دل وَٽ، (5) گهٽو شوق- عشق، (6) سَڙي، (7) واسُ ڏنو آ. خوشبوُ ڪئي آ.

داستان: مَعرفت منزلون

ڪافي 168

(سُر ويهاڳُ)

شريعت طريقت حقيقت حَسبُ[1] تِـي،
معرفت مُسڪِتُ[2] مُقامَتَ[3] مَنصبُ[4] تِـي.

سَخاوت شُجاعَتَ[5] مُروَت[6] مُدامِـي،
لياقت لَطافَت[7] عِنايتَ عَوامِـي،
صَداقت[8] سَلامت اِجابَت[9] عَجبُ تِـي.

ناسُوتُ جَبـرُوتُ مَلڪُوتُ منزل،
لاهوُتُ باهُوتُ هاهُوتُ هر دل،
ساجِد مَسجُود لاحد لقب تِـي.

گُوناگُون بيچُون[10] باطُون[11] بي رنگ،
مجنُون[12] مَفتُون[13] مَسڪُون[14] هر رنگ،
"مُحمّد" اَحُمَدَ اَنـهَـد[15] اَدبُ تِـي.

---

(1) موافق- مطابق، (2) خاموش ڪرائيندڙ، (3) مقام- رهڻ جي جاءِ، (4) درجو- عهدو، (5) بهادري، (6)رواداري- سٺي اخلاق سان پيش اچڻ، (7) نرمي- خوبي، (8) سچائي، (9) قبوليت- مڃتا، (10) جنهن جي خبر نه پوي ته ڪيئن آهي، (11) ڳجهو (12) ديوانو (13)مست- فريفته، (14) محتاج- لاچار، (15)اندروني- رُوحانِي

ڪافي-169

(سُر تلنگ)

بحر بيچُون وچ بانڪا، مارِ ٿبِي موجود ٿِي،

"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"،[1] نابُوديءَ مٿون بُود[2] ٿِي.

وچ ناسُوتئُون نڪري، ثابت سارو سُود[3] ٿِي.

مَلڪُوتئُون پَٽِ منزل ڪي، مَلڪَن جو مَسجُود[4] ٿِي.

جَبرُوتِي تون جُوءِ ڇڏي، وَڃُ وَڃُ جلدي جُود[5] ٿِي.

لاهُوتُ ماٿين تون لاحد، باهُوتِي بَهبُود[6] ٿِي.

هَرجا آهي تُنهنجو جلوو، معرفت مَشهُود[7] ٿِي.

"مُحمّد" مامَ سُچاٽي مُحڪُم، خيال اِنهيءَ خوشنُود[8] ٿِي.

---

(1) "مرو پنهنجي موت کان اڳ ۾" يعني پنهنجي نفس کي ماريو (ح-ش)، (2) هُئڻ- پيدا ٿيڻ، (3) نفعو- فائدو، (4) جنهن کي سجدو ڪجي، (5) تڪڙو ٿي- ڪوشش ڪر، (6) ڀلائي- ڀلائيءَ وارو، (7) ظاهر- ثابت، (8) راضي

داستان: مَقامِ دل

ڪافي-170

(سُر آسا)

دل حاصل حال حضور بِي هئي،
دل مست مَگَهن مَخمُور بِي هئي.

دل ڪعبہ قُدسِي[1] عرش مُعليٰ،[2] دل قائم قرب ڪلامُ الله،
دل وچ وَسدا اَلله اَلله، دل درسَن[3] دا دستُور بِي هئي،

دل تِيرث تڪيا تابُ تجلي، دل روشن راز رَبُوبِي بجلي،
دل "قَابَ قَوْسَيْنِ"[4] ڪارِيهَر[5] ڪَجلي،[6] دل پَرور پاڪ پُر نُور بِي هئي.

دل طالب تي مَطلُوبُ مُدا،[7] دل عابد تي مَعبُود[8] مُدا،
دل ساجد تي مسجُود[9] مُدا، دل ڀيد[10] اِنْهِين پرپور بِي هئي.

دل زڪريا ڪُون ڪَرتَ چِيرائي، دل شَمسُ الْحَق دي ڪَل ڪَلائي،
دل سَرمد دا وَل سِرُ ڪَپائي، دل سُوري اُتي منصور بِي هئي.

دل "مُحمّد" گهوران گهور ڪِيتِي، دل سائيان دي نال سِيتِي،
دل سُرڪِي بيخود والِي پِيتِي، دل مؤج اِنْهِين مَسرُور[11] بِي هئي.

---

(1) پاڪُ، (2) مٿيون – مٿانهون، (3) درشن- ديدار، (4) ٻن ڪَمانين جي وچ وارو مفاصلو، (5) ڪارو نانگ- اَصِيلُ- هڪ قسم جو هرڻ جنهن جي ڏُن ۾ مُشڪ ٿئي، (هتي ڪاري نانگ جي معنيٰ ۾ ناهي آيل)،محبوب جا ڪارا وار، (6) ڪارين اکين واري- سُهڻِي، (7) سدائين، (8) جنهن جي عبادت ڪجي يعني الله، (9) جنهن کي سجدو ڪجي، (10) راز، (11) خوش.

ڪافي-171

(سر آسا)

دل دين بِي هئي ايمان بِي هئي، دل افضل اعليٰ شان بِي هئي.

دل مسجد مندر نُور نيارو، دل گنگا جمنا دَيـر دُئارو،
دل نازڪ نادر ناز نظارو، دل نينهن والا نِيشان بِي هئي.

دل رنگ ويڪو بي رنگ ويڪو، دل صلح ويڪو واه جنگ ويڪو،
دل خاتُوبَندُ[1] خَتنگ[2] ويڪو، دل پِڙ وچ پهلوان بِي هئي.

دل تَپشا[3] ڪرڪي تِلڪ رکي، دل سالڪ والي سِلڪ[4] رکي،
دل محويت دي مِلڪ رکي، دل گَردان[5] گم گَردانُ بِي هئي.

دل مشتاقي مَفتُون[6] بڻي، دل مَجذُوبِي[7] مَجنُون بڻي،
دل چُون چُرا بيچُون بڻي، دل لاشڪ ڦِر لاثان[8] بِي هئي.

دل حد بِي هئي لاحَد بِي هئي، دل جوشِي جَدل[9] جَدُّ[10] بِي هئي،
دل "مُحمّد" عين اَحَد بِي هئي، دل دردان دا داستان بِي هئي.

---

(1) عاج، ڪاٺيءَ يا هڏي تي اُڪَر جو ڪم ڪندڙ ماهر. (2) تيز- چالاڪ. (3) تَپسِيا- نفس کي مارڻ لاءِ رياضت ڪرڻ. (4) سلسلو-سَٽَ-راه. (5) ڦيرو- چڪر. (6) عاشق. (7) خدا جي محبت ۾ غرق- مست. (8)لاجواب- جنهن جو مَٽُ نہ هجي. (9) جَنگ. (10) عزت- شان

داستان: حالِ دل

ڪافي-172

(سُر پهاڙي)

سَيف[1] دل صَياد[2] جي، ريش[3] دل تي ريشُ دل.

بره جا بانشا[4] چُنا، گهائون ڏين گهُوران گهُنا.
قَتَ ڏيئي قُوهان[5] قُتا، ريش دل تي ريشُ دل.

شهباز جي چَنبي پيا، دارَين[6] کئون دُور ٿيا.
وري وَرڻ کئون ويا، ريش دل تي ريشُ دل.

سُوريءَ سندي سانگَ تي، عاشق ويا اٽانگَ تي،
بانڪا بِرهَ بانگَ تي، ريش دل تي ريشُ دل.

سَعدِي، جامِي، نُور نظامِي، تَبرِيزِي شاه شَمس، بُسطامِي،
خيال اِنهيءَ وِڏئون نہ خامِي، ريش دل تي ريشُ دل.

بي درد ڪيئي درد سان، فَرهاد رنگ زرد سان،
"مُحمّدؐ" آهَ سرد سان، ريش دل تي ريشُ دل.

---

(1) تلوار، (2) شڪاري، (3) زخمي، (4) بازَ، (5) تازا ٿي- اوج سان، - نوان ٿي، (6) ٻئي جَهان-ٻنهي جهان

ڪافي-173

(سُر ويهاڳُ)

مَئي ڪَشِي[1] جي محفل، مَستانُ دل بِي آ.
رَنجِيدگِي[2] ۽ راز ۾، شادانُ[3] دل بِي آ.

نيڻن جي نوڪَ نظاري، مُشتاقَ وڏا ماري،
سَيفَن[4] سَندي سُڌاري، دِيوانُ[5] دل بِي آ.

تِيرن جي تيز تابش،[6] آڙاهَ مِثل آتش،[7]
بَرِڇن[8] وَسي بارش، نيشانُ دل بِي آ.

اَبِـــرُن[9] جو اَوجُ اَعليٰ، بيشڪ بلند بالا،
چَلپَل[10] ڏين چالا، وِيرانُ دل بِي آ.

ساقي ڪَلالُ[11] قائم، دُولَهُ دَلالُ[12] دائم،
ناز و نِهال[13] ناعِمُ،[14] خَنداںُ[15] دل بِي آ.

سُورِي سوار ٽِيڙا، هِنَ هُنَ ڪٿون وِيڙا،
پارَسَ پَناري پِيڙا، بي پايانُ[16] دل بِي آ.

عاشق آهَ سَردَن، رُوءِ[17] رَنگ زَردَن،[18]
ڏُمَ ڏامَ ۽ دَردَن، داستانُ دل بِي آ.

"مُحمّد" مَقالُ[19] مَعنيٰ، فَيضُ فَياضُ فَسانا،
راهِي ٿيا رَوانا، رَندانُ[20] دل بِي آ.

---

(1) شراب پيئڻ. (2) رنجش ڏک. (3) خوش. (4) تلوارُن. (5) دِيوانِي-مست. (6) گرمي. (7) باه. (8) نيزَن-ڀالَن. (9)اکين جا ڀرون. (10) يڪدم-جَهٽ پَٽ. (11) شراب ٺاهيندڙ. (12) اُهڃاڻ-نشاني-ثابتي. (13)خوش. (14)نازڪ-نرم، نازنين. (15) کِلندَڙ. (16) جنهن جو ڪنارو نہ هجي- اڻ کُٽ. (17) مُنهن-چِهرو. (18) ڦِڪو-پِيلو. (19) گُفتگو-ڳالهہ ٻولهہ. (20)راهہ تي هلندڙ.

داستان: روحاني رازُ

ڪافي-174

(سُر پيِروي)

خود رهج خاموش، رمز نہ ڏي تون راز جِي.

اولائتي آهي عام ڪان، پِرت پردي پوش.

جسم ڪي جذبات سان، جِيءُ جَلائيندؤ جوش.

راتيون ڏينهان رِندَ رَڪج، گُفتگو ۾ گوش.[1]

هُو جڏهن هموار ٿيو، هِي تہ نيِندو هوش،

"مُحمّد" گُجهي ڳالهہ ڪان، نہ ڪر فَراموش.[2]

---

(1) ڪَنُ. (2) ويسر- ڀُل - وسارڻ.

ڪافي-175

(سُر پيرو)

هَتِ ڪر حال حقيقت وارو، ڪُوڙِي ڇڏ تون قِيل مَقالَ.[1]

گُم ٿي غازي بيخود بازي، ڪيڏ دَرُونِي[2] درد ڌَمالَ.

صاف صفائي بَحر بَقائي، تالان ڪر تون تال پَخالَ.

رنگ رَنگُونِي گُوناگُونِي،[3] بيرنگ آهي بي تہ مِثال.

عام ڪئون اولو پَڄ تون پولو، خاصُ الْخاص خفِي[4] آ خِصال.[5]

حَقُ الْهادِي[6] ڪئي آ آبادي، "مُحمّد" پنهنجي قرب ڪَمال.

---

(1) بحث- تڪرار، (2) اندروني، (3) طرح طرح جا رنگ برنگي، (4) لِڪل، (5) عادتون- رهڻي ڪهڻي، (6) سچي مرشد.

ڪافي-176

سالِڪَ بِن آهي سمجهڻ مشڪل، اُونهُو هِي اِسرار.

گَرد غُبارَ مئون غازي آيو، مِيم اَلف سان جنهن تہ مِلايو،
اَصلَئُون هُيَتُس رُوپِي[1] رايو، آنَا اَحمَدُ تيو اِظهار.

هَستِي مَنجهئون تي مَستِي پيدا، مستي منجهئون تِي هستي پيدا،
شوقَ اِنهيءَ ۾ شائقَ شِيدا، ڪي دَمَ آيا منجهہ اعتبار.

هِيءَ ڳُجهارَتَ جيڪو ڳولي، "وَصَبْرِ صَبْرُڪَ"[2] ٻيو نا ٻولي،
راهَ اجايا روڳِي رولي، هر دم حق جي ڪري تَنوارَ.

جُنگَ جوان ڪو جسم جَلائي، خيال خَفِي منجهہ خيال ملائي،
دَمَ قَدمَ سان اِسم هَلائي، "مُحمّد" مُحڪَم[3] تئي مختيار.

---

(1) روپ جو صورت وٺڻ جو، (2) "تو صبر ڪيو، تو برداشت ڪيو" (3) مضبوط- قائم

ڪافي-177 (سُر ڪسوري)

رُوحي راز ڪوليو آ رهبر، بَس نتي اچي باتِ اِنهِيءَ ڪي،

ڪاهِيُون ڪاهِج قرب مَنجهارئون، طلب تِڪيرِي تاتِ اِنهيءَ ڪي.

سانديُون سانڍِج ساهہ پَنهنجي ۾، سِڪَ سَندِي سوغاتِ[1] اِنهيءَ ڪي.

راتيون ڏِينهان رمز انهيءَ ۾، جهاتِ ۾ پائي جهاتِ اِنهيءَ ڪي.

رڳَ رڳَ ۾ تون راڳَ رَلائج لَئُون لطيفي لاتِ اِنهيءَ ڪي.

"مُحمّد" مامَ محبوبي ماڻين، زابر[2] تي تون ذاتِ اِنهيءَ ڪي.

---

(1) تحفو-سُوکڙي (2) ...

(سُر پهاڙي)

ڪافي- 178

اُونهي اِسرار جي معنيٰ، پَرُوڙن مرد ڪي ڪامِلَ.
سجاڻي سي ويا ثابت، يگانا يار سان شامِلَ.

ٿِيِي ماري رهيا ويهي، پَسن پاتارَ ۾ پيهِي،
وڃائي هِي ويا هُو ڏي، تِنن ڪي تُرتُ آ تَحمّل.[1]

جِنن ڪي جُهدَ[2] مَئون جائِي، لُدني راز ٿيو رهبر،
ازل ڪئون بِي اُهي آهن، عطائِي[3] علم جا عامِلَ.

فَنائِي فڪر فاقي ۾، گُذاريو دم جِنين دائم،
بقائِي بحر بيخود جو، توحيدي طَؤر آ تَجَمّل.[4]

ڪُنا جي قرب جي ڪاڍي،[5] نظر نيڻن جي بِسمِل[6] ٿيا،
تِنن ڪي آ تَنهين ڏينهن ڪئون، "مُحمّد" تارِي[7] تَڳا[8] تهدل.[9]

---

(1) صبر- سَهپَ، (2) ڪوشش، (3) عطا ٿيل- بخشيل، (4) سينگار- شان شوڪت، (5) سِڪ، اُڪ
(6) [illegible] (7) [illegible] (8) تڳا- [illegible] (9) دل جي گهرائيءَ سان.

(سُر جَهنگلو) كافي- 179

پنهنجي موُج مَچاءِ، ڪنهن جِي ٻُڌ تون ڪِينَ ڪِي،

جيڪي پَسِين[1] پاڻ ۾، سيني منجهه سَماءِ.

معنيٰ مَخفِي[2] راز کي، لوڪَن کئون تون لِڪاءِ.

راتيان ڏينهان روح ۾، جوشئون جوتِ[3] جَڳاءِ.

"مُحمّد" چَرخو چورِ تون، تِکِي تَندُ وَهاءِ.

(1) ڏسين. (2) ڳُجهو- لڪل (3) روشني.

ڪافي-180

(سُر پُوريا)

خاصان دا هئي خيال، آگاهِي[1] ناهِين عام ڪُون.

خوابئُون خُوب بيدارِي[2] هوئي، دَمدَم دَمُ دِي سَنڀال.

عين عطا اِلاهي هويا، اندروني احوال.

مَحويَت[3] دي مَتّ تئون، ڏِتڙا ڪَيف[4] ڪَلال.[5]

پِي پيالا مَستِي والا، واحِد[6] نال وِصال.[7]

"مُحمّد" ڪِيتا نال مِهر دي، هادي بِره بَحال.[8]

---

(1) ڄاڻ- خبر. (2) سُجاڳِي. (3) خيال ۾ ٻُڏڻ- سوچ ۾ گُم ٿيڻ. (4) نشو- شراب. (5) شراب ڏيندڙ- ساقيءَ مرشد. (6) اڪيلو- يعني اللهﷻ. (7) ميلاپ. (8) مقرر ٿيڻ- ڪم تي لڳڻ.

ڪافي- 181

(سُر پيِروي)

اوري پري ڪي ڪِينَ تو ڄاڻان، دُرس دَروني ديرو آ،
پير ڪٺي پرين ڪي ڳوليم- پيو پُنهل جو پيرو آ.

اچڻ وڃڻ جو آر[1] نہ اُن ڪي، ايهو پلي جو پيرو[2] آ،
راز ڳُجهي ڪي ڪير سڃاڻي، گهيرَ[3] اِنهين جو گهيرو[4] آ.

علم عقل کان پنڌ نرالو، ايهو رڪيل ڪو قيرو آ،
عشق اُتي وڃي جايون جوڙيون، وحدت جنهن جو ويرو آ.

چاش چَڪي جو چَهرو ٿيَڙو، سدا خُمارَ ۾ ڪيرو[5] آ،
جهڙي تهڙي جي جاءِ نہ ڪائِي، جوش جَلالِي جيرو آ.

ڪِينَ لَکَڻ ۾ ڪنهن کي آيو، ڪامل کُونڌُ[6] کُپيرو* آ،
موج اِنهيءَ ۾ مست جو ٿيڙو، "مُحمّد" مرد مَتيرو[7] آ.

(1) شوق، (2) چَڪَر، (3) گهيڙ- لَنگهہَ، (4) گهيڙو- گهِڙندڙ، (5) ساڻو- بي حس، (6) بهادر، (7) متير- بهّادر- وڏي رُتبي وارو.

* کُپيرو= جنهن جو پير نہ لهي سگهجي.

ڪافي- 182 (سُر پَهاڙي)

درد جو دُودُ[1] دُکي ديهِيءَ،[2] دَوُرُ[3] دَرونِي[4] دَرسَن[5] دائم.

رمز رِندانِي مؤج مَعانِي، ذِڪِر زُبانِي ٽيڙو فانِي،
سَيرُ سَراسَر سِرُ سُبحانِي، قرب قديمي قَلبِي قائم.

راز تي راضي، پاڪ نمازِي، هر دم آزِي، گوهَر غازِي،
قَبۡلَلۡ[6] ناهين مَحضُ ماضي، سَوزُ سيني ۾ سدائين صائِمُ.[7]

•

خيال خَفِي،[8] نابُود[9] نَفِي، راز رَفِي،[10] شانُ شَفِي،[11]
وحدت وارو وِيرُ وَفِيُ،[12] بار بره جو سِرَ تي چايم.

نام "مُحمّد" اَنا اَحۡمَدُ،[13] اَصُلِي اَحَدُ[14] لاشَڪَ لاحَد،[15]
پيد[16] اِهوئي بالا[17] بيحد- نازڪ ناتو نينهن نيائِم.

---

(1) دُونهُون، (2) جسم ۾، (3) گردش- چڪر، (4) اندروني، (5) ديدار، (6) اڳ- اڳي- اڳيان- پهريان
(7) روزيدار، (8) ڳُجهو، (9) ختم، (10) رَفِيع- بلند اُچو، (11) شَفِيع، بخشش ڪرائڻ وارو، (12) ڪامل-
پُورو، (13) 'آئون احمد آهيان'- "اَنَا اَحمَد بِلامِيمي" ڏانهن اشارو آهي، (14) اڪيلو، (15) جنهن جي حد نہ

ڪافي-183 (سُر پيرُو)

صَرافَن سُڄاتو، صاف صَفا تِي سونَ ڪي.

ڪَسوٽِيءَ جي قياسَ سان، ڄاڻُ اِهو ڄاتو.

رِندِي رمز رِهاڻِ ڪي، پاڻ پُرڄِهي[1] پاتو.

خَفِي[2] واري خيال سان، بارُ بِرهَ چاتو.[3]

لاَمَقصُود[4] لَقاءَ[5] جو، لاهُوتِن لاتو.[6]

”مُحمّد“ پنهنجي موج ۾، نيائِن ناتو.

(1) سَمجهِي- سُڃاڻي، (2) لڪل، (3) کَنيو، (4) بنا ڪنهن غرض جي، (5) ديدار، (6) لاتِ- ہولِي.

داستان: پَرم پَرواز (اُچي اُڏامَ)

ڪافي-184

(سُر آسا)

پکيءَ ڪيو پرواز، ڀڄي قيد قَفس ڪُل قاهيون.

اُڏامي عدم ڏي وِيَڙو، شهنشاهہ شهباز،
جُوءِ انهيءَ ۾ جايون ٺاهيون.

لُونءَ لُونءَ[1] پئي لَبّيڪ[2] چوي، اَلستي آواز،
قالُوبَلٰي سان قربئون ڪاهيون.

هَم دَمَ هلي پيو ديهيءَ دائم، دُولَهہ دم دراز،
چُست ڏئي تو چاڙهيون لاهيون.

سَرتيون ساهہ اندر سَمايو، "مُحمّد" سوز گُداز،
ڪِين اُجهامَن بره جون باهيون.

---

(1) وارُ وارُ، (2) حاضِر آهيان

سُر آسا

(سُر کسوري) کافي- 185

پيجري ۾ پرواز ڪرين تون، ياد ڪري اَستانا وچ آسمانا.

اُڏر پکي وڃ ديس پنهنجي تي، ماڳ اُهي تِي مَڪانا، دُرس ديوانا.

صاف صَدر[1] ۾ رک صفائي، گُم ڪر غَير گمانا،[2] تالَ ترانا.

حرف هدايت وارو هٿ ڪر، پرتئون پڙهه پروانا، ڇوڙ بَهانا.

هر دم رک تون هوش هوشياري، ”مُحمّد“ تون مستانا، جوڙ سامانا.

---

(1) سيني ۾، (2) وهم - وسوسا

(سُر پهاڙي)

ڪافي-186

ڪري شورُ شَهبازُ، هَمراز هَمدمُ،
پــــرواز پَــروانُ،[1] ســـوزانُ[2] شَمِ شَمِ[3].

پهلوان پڙ ۾، پيشوازانُ[4] پَهري،
ٻَڌِي چيريون پيرن ۾، چمڪارَ ڇم ڇم.

اَفلاطون طالِيس، بُقراط بَس ٿيا،
لُقمانُ خاقانُ، خود خامُ[5] خَم خَم[6].

رُستَم دَستانُ،[7] شاه بَهرامُ بانڪا،
سڪندر دارا ٿيا، دِيوانُ[8] دَم دَم.

مُدامِي مَهيسِي،[9] مَنگهَن مَوج مَستِي،
"مُحمّد" مَخمُورَ، پيئَن جام جَم جَم[10].

---

(1) پروانو-پتنگ، (2) جَلڻ وارو، (3) تيز روشني-تجلي، (4) پيشواز= عورتن جي لباس جو قسم (پيشوازان=جَمع آ)، (5) ڪچو، (6) جهڪيل- ٽيڙا، (7) رُستم جي پيءُ "زال" جو هڪ نالو، (8) ديوانا-چريا، (9) جوڳين جو هڪ قبيلو، (10) سدائين- هميشه

ڪافي- 187

(سر ڪنيات)

ڪيئن ڪُڪِڙ جان آرو[1] پچائين، تون آهين شَهبازُ.

اُڏر پکي وج اوڏهِين، پرتئون ڪري پَروازُ.

هِي ورد وظيفا صاف سيڙاپو، نينهن جي پڙهه تون نمازَ.

بزرگيءَ ڪان بيزار تي، فائقَ[2] فِڪرُ تِي فَياضُ.[3]

هر جاءِ تي حق پاڪ پَسان تو، نوڙِي ڪيان تو نيازُ.

پانڻ نہ يانئجي پانهِنجو، ”مُحمّد“ غريب نَوازُ.

---

(1) ڪُڪِڙ بيضن تي ويهندي آهي - بچن ڦوڙڻ لاءِ. (2) مٿاهون- اعليٰ. (3) فيض ڏيندڙ- سخي

ڪافي- 188 (سُر ڪامود)

اُڏر پکي وچ واهِرِي[1] پنهنجي، جاتي تنهنجو ديس ميان.

اَصليت اَشِيانَ[2] اُنهيءَ تي، عاشق تو آبيس* ميان.

پَڌ تون سِر تي شاهي شَملو[3] وحدانيت ويس ميان.

بيرنگ بحر بيچُون[4] ۾ بانڪا،[5] گوناگُونِي[6] گيس° ميان.

”مُحمّد“ ماڳ مُدامِي مُحڪم، لاهوتين لَبيس[7] ميان.

---

(1) رات جو آرام ڪرڻ واري جاءِ- آستانو (2) آشيانو- آکيرو، گهَر (3) پَٽڪي جو طُرو (4) جنهن جي خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي، (5) اي بهادُرَ! (6) قِسمين قِسمين (7) لباس- ٻاهريون ڏيک.
* [آبيس= سخت چاهہ ۽ محبت- لاڙو- چِڪَ].
○ [گيس= گيش = ڌَنُ دولت].

ڪافي- 189 (سُر راڻو)

عاشق عرش اُڏامُ، ڪڻ گامُ[1] گُذرگاهَ ۾،

بانڪا[2] تون بَرخِيز[3] ٿي، ڪر ڪايا[4] ڪئون تہ ڪلام.

جاءِ جَنهِين تون هِتڙي آئين، اُتي ڪر آرام.

فَڪَلُ[5] قَنَدُ قاسائڻ جو، دوست اَڏيو ٿِي دام.

خاصُ الْخاصِ خِطابُ سُجاڻِي، عام نہ پائنج خام.[6]

موجود سدا مئيخاني ۾، "مُحمّد" مست مُدام.

(1) قدم - وِکَ، (2) بهادر، (3) اُٿِي - هوشيار ٿي، (4) جسم - صورت، (5) چالاڪي – ٺڳي، (6) ڪچو-ڪُوڙو

[ڪايا ڪئون ڪلام ڪرڻ=وجود وڃائڻ- فنا حاصل ڪرڻ]

ڪافي-190

(سُر بِنس)

ديھيءَ[1] کان دم ڏار رک، شهباز ٿِي شهباز ٿِي،
اُڏُر تون آشيان[2] تي، پرواز ٿِي پرواز ٿِي.

منصوريءَ جي موج ۾، اَنَاالْحَقُ[3] آواز ٿِي،
دم قدم ثابت رکي، همراز[4] ٿي همراز ٿِي.

عشاقن کي اَلست کان، سدا سَوز گُداز[5] ٿِي،
مامَ "مُوْتُوْا"[6] جي ماريا، مَجازُ[7] ٿِي مَجازُ ٿِي.

اَلوهيت اسرار جو، غازين کي تہ غَماز[8] ٿِي،
سالڪن جي صف ۾، سُر سازُ ٿي سُر سازُ ٿي.

گوشُ[9] رک گُفتار[10] "مُحمّد"، بيخودي جو بَياضُ[11] ٿِي،
رمز سِکُ هن راز جي، اَيازُ[12] ٿِي اَيازُ ٿِي.

---

(1) جسم - (2) آکيرو- آستان، (3) آئون حق آهيان "يعني الله آهيان". (4) راز ڄاڻندڙ (5) سَوز گُداز= سڙڻ ۽ پگهرڻ، (6) "مرڻ"- موت کان اڳي مرڻ يعني نفس کي مارڻ ڏانهن اشارو آهي، (7) جائز- اختيار ڏنل (8)اشارو، (9) ڪَنُ، (10) ڳالھ ٻولھ، (11) شعرن يا خاص نقطن جو ڪتاب، (12) سلطان محمود غزنويءَ جو پيارو، وفادار ۽ ذهين غلام.

ڪافي-191 (سُر پَٽ مجري)

وڄ پکي اوڏَهن اُڏامِي، ديس تنهنجو جاڏي اَٿِي.

هتِ آئين تون سَير سانگي، دَمَ بہ ٿي گهارڻ گهڙيُون،
ديس کي وسار نہ وائڙا، وڃڻو توکي ڪاڏي اَٿِي.

جي اَڏين محلات ماڙيون، سڀ ڇڏيندين تُرتُ تون،
تون وڃين جنهن طرف ڏي، طلب تو تاڏي اَٿِي.

قِسمتَ قَيدُالْمَاءَ[1] جي، پڃري اندر پوڳين سزا،
ٻي ڪانِ ڪنهن جي ٿو ڪڍين، آپَر[2] نڪا ٻيءَ ڏاڏي اٿِي.

ٻي ڪارِ ڪَمَ سڀ کي تَرڪ، حُبدار ٿي حُبَ ۾ رهين،
محبوب تنهنجو ٿو چوي، "مُحمّد" مُنهَن ماڏي[3] اَٿِي.

(1) انسان لاءِ هن جهان ۾ اُنَ پاڻيءَ جو قيد. (2) آڪَڙ- پيٽ پرائي، آسرو. (3) مون ڏي- مان ڏي.

داستان: عهدِ اَلست

ڪافي-192

(سُر آسا)

تن وچ تيڏي تارَ، سانُون هر دم هوئي.

"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ"[1] رمز روحاني، "قَالُوا بَلٰی"[2] اِقرار.

"فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ"[3]، گويا ايوين گُفتارَ.

"وَنَحْنُ اَقْرَبُ"[4] وَحدَہ واصل، وِٿ[5] نهين ڪا وارَ.

طعنا تُنڪا سينگِيان[6] سَرتيان، ڏيوَن لک هزارَ.

"مُحمّدؐ" ڪُون وو هادي سائين، سيني دي وچ سَنيارَ.

---

(1) "ڇا آئون توهان جو رَبّ آهيان؟" ازل ۾ اللهﷻ روحن کان پڇيو هو. (2) "چيائون- هائو" روحن جواب ڏنو هو. (3) "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي" – رب پاڪ جو فرمان آهي. (4) "اسان جي ويجهو آهي". (5) وٿي- مفاصلو. (6) دوست- سهيليون- سَنگ واريون.

(سُر جَهنگلو) كافي- 193

وطن وساري ويٺين وائڙا، وري ڪاڏي خيال وَڌائين ٿو

حرص هوا ۾ وقت وڃائيءَ، هِت ڪُوڙا باغ بنائين ٿو.

"قالُوۡبَلىٰ" جا قول جو ڪَيڙَءِ، هِت کهڙا ڪم ڪَمائين ٿو.

هڪ لَپي[1] ۾ هيڪَلُ[2] ويندين، هِت سُورهيہ يارَ سَڏائين ٿو.

"مُحمّد" حال ڏسِي ڇڏ پنهنجا، وري ڇا تي پاڻُ پَڏائين ٿو.

---

(1) دفنائڻ لاءِ کنيل کوڏ ۾ مٽي (2) هڪ ئي پيري- اڪيلو.

ڪافي-194

(سُر جَهنگلو)

درد بنا دَمُ يارَ، گهارڻ هِتڙي ڪجهه بِي ناهين.

اُڻ تُڻ[1] اور[2] اندر ۾ اِها، سانگيُن جي تہ سنيارَ.

مارُو پنهنجي مُلڪ تي، متان ڏين مَيارَ.

دم دم ۾ هوشيار ٿي، غفلت ۾ نہ گُذارِ.

دنيا دَمُ گُذَرُ هِتِ آهي، وحدت کي نہ وِسارِ.

"مُحمّد" پنهنجي مؤج ۾، سدا باغ بَهارُ.

---

(1) گتي (2)

ڪافي-195

(سُر پيلو)

طالبن تَلقِين[1] ٿيو، توحيد وارو هِي تَمامُ،
ترڪ تَجمّل[2] ڪي ڪيائون، ڪَرِ[3] تي ويو سارو ڪِمامُ.[4]

ياد تن آهي سدائين، قَول "قَالُوٓا" جو ڪَلامُ،
پرت مئون پاڙن پريمِي، اَلسّتَ وارو هِي اَنجامُ.

لُنگَ لانگوٽيا هَٽِي، پوءِ عشق جو ٻَڌائون اِحرامُ،[5]
تَن اندر طَوافُ ڪِيائون، موُج مُرسَل[6] جي مُدامُ.

راهَ اِنهي ۾ رِندَ ويندا، گوءِ ڪٽندا غازي گامُ،[7]
ڳُجهِي ڳُجهارت اِها اِشارت، مِليَن مرشد واري مامَ.

ٿَهڪي[8] ڀهرين ٿوڙي ڇڏيائون، درست دُوئِيءَ وارو دامُ،
يَڪ نظر يقين ثابت، مَحَوُ "مُحمّد" خاص و عامُ.

(1) هدايت، (2) شان شوڪت، (3) گَهتِ (4) اڻ ڪُٽ ڪَمُ - ٽڙيل پکڙيل سامان، (5) حج تي ٻَڌِي وڃڻ وارو ڪپڙو يا لباس، (6) رَسولِ پاڪ، (7) قدم، (8) جوشَ - اُڀارَ.

ڪافي-196 (سُر ڪَلياڻ)

مُسافِرُ يار تون جيئڙا، وري ويندين وطن پَنهنجي،

سَمَرُ[1] جو ڪر سُتَتُ سَعيو، اَجل[2] توتي اِجهو آيو،
اِهو تِي مُلڪ پرايو، هَڇين[3] ٿو واسطي ڪَنهن جي.

راتيون ڏينهان گناهن ۾، بُرائيءَ جي صَلاحُن ۾،
دوڙين ٿو تون دَغائُن ۾، نِيندو شل گهيڙ ڏنُهُن سَهِنجي.

"مُحمّد" چوتو هٽين غوطا، پڇي چڏ دُئِيءَ سندا بوتا،
هيڏي هوڏي وجو چوتا، وؤڙي[4] پنهنجي دوست کي لَهِنجي.[5]

---

(1) سامان، (2) موت، (3) ساٺو تِين- گهٽو ڪم ڪرين، (4) گ...، (5) لَ...

ڪافي-197

(سُر راڻو)

ويهي ڪِينَ وسار، ويلَ[1] وڃئِي ٿي ويسلا.[2]

ياد رکين تون يقين سان، اَلستي اِقرار.

سَرتين جِي ساٿيهَ ڏي، هَل هَلان هَلڪار.

ڪَتِين هارائين هنڌ اِهوئي، وري نہ ايندءِ وارُ.[3]

نابود ڪري ڇڏ نيستِي، جاڳڻ سان رکُ جارُ.[4]

"مُحمّد" محبوبن جي ميان، متان اچئِي ڪا مَيارَ.

(1) وقت، (2) وائڙا، (3) وارو- ڀيرو، (4) جوش- جذبو- فڪر

ڪافي-198

(سُر لوڙائو)

مست رهون ٿا يار اوهان ۾، سڀ تہ ڇڏياسي اَمُرَ اَحڪامَ.

" فَاذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُمْ "[1] ميان، واعدي وصل ۾ سدائين گم ميان،
آواز "اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ"[2] ميان، قولَ قَالُوْا وارا پُڙي[3] ويا اَنجامَ.

دم دم دلبر توکي ساريون، راتيون ڏينهان هَنجُون ٿا هاريون،
ٻارَڻُ عشق جو اَندر ۾ ٻاريون، سَوزَ ڦِٽايا اصل عيش آرامَ.

پاڙي واريون پوئتي پُڪارِن، نينهن وارا ڪين ڪاڏي نهارِن،
گهايل گهُورَ ۾ گهڙيون گذارِن، گوءِ ڪٽن غازي گهَري[4] گامَ.[5]

هر صورت سان هڪ هِڪائِي، ٻوڙي ڇڏيائون ٻولي ٻيائِي،
رڳ رڳ ۾ آهي وحدت وائِي، "مُحمّد" مُغان سان مرد مُدامَ.[6]

---

(1) "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي" (رب پاڪ)، (2) "ڇا آئون اوهان جو رَبُ آهيان؟" الله
روزِ ازل ۾ روحن کان پڇيو هو، (3) پورا ٿي، (4) وڏي-اُونهي، (5) قدم سان، (6) سدائين.

ڪافي-199

(سُر پيبروي)

سَنبَتِ[1] ڪيو سَرتيون ويلَ وجي ٿي، قول تہ قديمي مُورُ[2] نہ وِساريو.

ديس جَنهِين جا وِڇڻو اوڏاهِين، دم دم ۾ ڪاهِيُون ڪاهِين،
يلا ياڳَ تنهن جا، جنهن آتَڻُ[3] اُجاريو.[4]

هلڻ رِيءَ هِتڙي ڪجهہ بہ ناهي، لاڳاپا سڀ ڇڏ تون لاهي،
هاديءَ سان هيڪاندو[5] گَڏجي گُذاريو.

مَيارَ ٿِي موٽڻ وِڪَ وَڌائج، ڳالهہ ڳُجهِي تون ڪنهن نہ ٻڌائج،
دل جِي دل منجهہ طلب تَنواريو.

"مُحمّد" مانجهِي ڪِينَ مُڙَن ٿا، جُهدَ[6] وڏي سان جوشِي جُڙَن ٿا،
صدقو سَيّد تئون جنهن سبق سيکاريو.

---

(1) تياري، (2) هرگز، (3) عورتن جي گڏجي سُٽَ ڪَتڻ جي جاءِ، آستان، (4) چمڪايو، صاف ڪيو. (آتڻ اُجارڻ= نيڪ عمل ڪرڻ)، (5) ملي ڪري ميلاپ ڪري، (6) ڪوشش.

(سُر پيرروي)

ڪافي-200

"قَالُوْا" وارو قولُ، ياد ڪيائين يقين سان.

پاڙيائين تہ پريت سان، ڀَھڳُڻ[1] وارو ٻولُ،
اَصلي عشق اَمِينَ[2] سان.

هيڪڙائي حال ۾، پيجي ڇڏيائين پولُ،
دائم داوَرَ[3] دين سان.

ويجهي ڪان ويجهو ٿيو، تِلِي[4] آيو توُلُ،[5]
مَعنيٰ مُحبّ مُبِينَ[6] سان.

مِيمَ جي موجودگِي، رُڳِي اَلِفَ جي اولَ،[7]
ظاهر زيبا[8] زَينَ[9] سان.

"مُحمّد" جي محلات ۾، ڍولڻ[10] آيو ڍولُ،[11]
ڪِينَ سُجاڻِي ڪِينَ سان.

---

(1) گهٽن گٽَن وارو، سياڻو (2) امانت دار- امانت سنڀالي رکندڙ، (3) انصاف ڪندڙ- خدا تعاليٰ، (4) ناز سان هلي، (5) ڪا شئي، (6) ظاهر- روشن، (7) پردو، (8) خوبصورت، (9) سجاوٽ- سينگار، (10)محبوب، (11) محبوب- شهڻو.

(سُر پيروي)

ڪافي-201

دَمَ غفلت ۾ نہ گُذارِ تون، سِڪَ جو سبق سَنيارِ تون.

اَلستِي اقرار ڏِسُ، قَولُ قالُوبَلىٰ نہ وِسارِ تون.

"فَاذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُمْ"[1] سان، اَندرُ پنهنجو اوجارِ[2] تون.

"وَفِيٓ اَنْفُسَكُمْ"[3] وچ وچولي، منجهہ وُجودَ واپار تون.

"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"[4] مَرڻئون اڳي مَنُ مارِ تون.

رَڳَ رَڳَ ۾ رک راز اِلاهِي، تُونهِين تَندُ تَنوار تون.

"مُحمّد" معنيٰ سَمجِهي سارِي، دل پنهنجي کي ڏُتارِ تون.

---

(1) اللہؔ فرمائي ٿو تہ: "تون منهنجو ذڪر ڪر تہ آئون توکي ياد ڪيان". (2) صاف ڪر- چمڪاءِ. (3) "۽ هو توهان جي نفس يعني جان ... آهي" (4) "... ڪان اڳ ۾" - يعني پنهنجو نفس ماريو.

ڪافي-202

(سُرجوڳُ)

”ڪُنْ فَيَڪُوْنَ“[1] ڪان اڳي، لالَڻ سان مون لانُوانُ[2] لَڌيُون.

ڪِينَ وِلايت ڪِينَ هُئِي، دردن وڏو آ دڳي،[3]
رمزِ انهيءَ ۾ رَڳان[4] رَڏيُون.[5]

وَتگي[6] وِرهَ وَڪوڙي وَاڳيو،[7] سِڪَ صَداقت سَڳي،
ڀَهڳڻ[8] سان مُون ٻولان[9] ٻَڌيُون.

ڦُري دل تہ فقير ويو، تاهَ تڳِيءَ سان تَڳي،
ڏک اِنهِيءَ ۾ ڏاڍيون ڏَڏيون.[10]

”مُحمّد“ هَردوَجهانَ ۾، توهَ[11] هاديءَ جي تڳي،
وِيرَ وحدت ڏي وِڪان[12] وَڏيون.

---

(1) اللهؔ ڪائنات جي ناهڻ وقت فرمايو: ”ٿِي پَئُہ“ تہ ”ٿِي پئِي“، (2) لانئُون- شاديءَ وقت گهوٽ ڪنوار جا مَٿا ٽڪرائڻ جي رَسم، (3) قبضو ڪري، (4) رَڳُون- نَسُون، (5) پَچِيُون- پَڪِيُون، (6) ٻَڌِي قابو ڪري، (7) ڳنڍيو- سلهاڙيو، (8) سياڻي- گهڻن گڻن واري، (9) ٻولَ ٻَڌڻ=وعدا ڪرڻ، (10) ڏکايَل ٿيون- هيڻيُون ٿيون، (11) آسري- آڌار، (12)

ڪافي-203 (سُر ڪوهياري)

ساجهُر[1] ڪري وٺ سَعيو[2]، پيغامُ پِرِيَن جو آيو.

ڪيل قول قبوليو، جو رَبانِي رايو.

اَصُل روز اَلستَ ڪان، گهُورَ[3] حُسن جي گهايو.[4]

"فَاذۡكُرُونِيٓ أَذۡكُرۡكُمۡ"[5] هارُ ڳچيءَ ۾ پايو.

"وَنَفَخۡتُ فِيهِ مِن رُّوحِي"[6] ڄاڻَ[7] اِنهي ۾ ڄايو.

"مُحمّد" مُورُ[8] نہ وسري، ڳُڻ[9] هاديءَ جو ڳايو.

---

(1) سويري، (2) ڪوشش- تياري، (3) تيز نظر، (4) زخمي ڪيو، (5) "تون مون کي ياد ڪر تہ آئون ياد ڪريان توکي" (ق-ش)، (6) "۽ جڏهن آئون اُن ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان" (ق-ش)، (7) علم- سَمجهہ، (8) هرگز، (9) صفت- نيڪي- تعريف

داستان: بيدار تي، هوشيار تي

ڪافي-204

(سُرآسا)

سُرتِ رکي هل حق ڏي هردم، جي تون سمجهين سِرَ جو شانُ.

خواب منجهان بيدارِي[1] گُهرجي، حال اِنهيءَ هوشياري گُهرجي،
بات بيهودِي بيزاري گُهرجي، غفلت غير نہ ڪر گُذرانُ.

گِيانَ گُروَ منجهہ گم تي گوهر، جان جَمِعيّتَ[2] جوشِي جوهر،
عَزمُ[3] رکين اهو اندر ٻاهر، مؤج اِنهيءَ ۾ تي مَردانُ.

فِڪر فَتُورَ[4] فنا ڪر فاني، لاَ منجهہ لاَ تي لَعلَ لاثانِي،
رمز ڳُجهي رک راز روحاني، نالو تُنهنجو تئي نِيشانُ.

قُربئون قدم رکج تون قائم، قولَ اَلستِي جو وَتُ تائِم،
"مُحمّد" سالم رہ تون صائم،[5] بيرنگ بهتر بات بَيانُ.

---

(1) سُجاڳي، (2) تسلي-اطمينان، (3) پڪو ارادو، (4) خرابيون، (5) روزيدار يعني پرهيزگار

(سُر ڀيم)

ڪافي-205

دَمِ دَمِ سُرتِ سَنڀالِ، ڳولا ڪر تون ڳالهہ اِنهيءَ جِي.

حال هجر ۾ هردم رهہ تون، وارجِ وَرق وصال،
ڄُرڄُر چِتَ ۾ چالِ انهيءَ جِي.

بيخود ڀولا يار ٿيجي ڇڏ، خام خوديءَ جا خيال،
ڀيتِ پريتِي پالِ انهيءَ جِي.

گهوري ڇڏ تون گهوٽَ مَٿائون، سِرُ مِلڪَ[1] ۽ مال،
قُربئُون ڪامل قالِ[2] اِنهيءَ جِي.

حاصل ڪر تون پاڻ ۾ ڀيهي، اندرُوني احوال،
جِيءَ جَمعيّتَ[3] جالِ[4] اِنهيءَ جِي.

رنگَ ڍَنگَ آهن ناز نرالا، "مُحمّد" بي نہ مثال،
نانهہ نهايت نال اِنهيءَ جِي.

---

(1) ملڪيت، (2) ڳالهہ ٻولهہ، (3) اطمينان- تسلي، (4) جامَ - گهڻي.

ڪافي-206

(سُريم)

بازار بره جي ۾، بيدار ٿي رهجي، بيدار ٿي رهجي،
دم يار کان نہ غافل، هوشيار ٿي رهجي، هوشيار ٿي رهجي.

عاشق اندروني، اسرار ٿي رهجي، اسرار ٿي رهجي،
بي شڪ بَدَنَ[1] بُرن کان بيزار ٿي رهجي، بيزار ٿي رهجي.

سؤدو صَفن صفا، خريدار ٿي رهجي، خريدار ٿي رهجي،
قيمت گِرانَ[2] ڏِسِي نہ انڪار ٿي رهجي، نہ انڪار ٿي رهجي.

دَمَ قَدمَ سان دائم، يَڪتار ٿي رهجي، يَڪتار ٿي رهجي،
وندر وجود واري ۾، نہ ويسار ٿي رهجي، نہ ويسار ٿي رهجي.

"مُحمّد" اِنهيءَ مَوج ۾، مَهندار[3] ٿي رهجي، مَهندار ٿي رهجي،
لاثانُ[4] لاخَوفُ،[5] نہ بيڪار ٿي رهجي، نہ بيڪار ٿي رهجي.

---

(1) بَدڪارَن- بُرن، (2) مهانگي، (3) اڳواڻ، (4) جنهن جو ثاني يا مَٽ نہ هجي، (5) بي ڊَپو- بي خوف

ڪافي-207 (سُر ڪسوري)

سمجھہ بَندا ڇو غافل ٿيو آن،
بارَ ٻَريا ٿي ٻارِي، بيشُماري.

چور ڪَڙا ٿِي چوڪا[1] چارِي،[2] چؤطرفين چؤڌارِي، توبَہ زارِي،

جاڏَهُن آئين اوڏَهُن ويندين، سَنگت سڀي وئي سارِي، بي اختيارِي.

هِتڙي هرگز هيٺو ٿي هل، خودي ڪَپائج سارِي، ڪر بيزارِي.

مُرڪِي بيهہ ميدان محبت، ”مُحمّد“ ٿي نہ عارِي،[3] ڪندو سَتارِي.

---

(1) عمده- خالص (2) [illegible] (3) حجاب ڪندڙ- عيب سمجهندڙ

(سُر جَهنگلو)

ڪافي-208

اوڳا[1] چڏي آرَس،[2] وچ تي ويهُه نه ويسِلا.[3]

تيتَر ويهڻ وِهُه ٿِي، جيتَر پرين تون پَس.

هَٿين پيربن مُونڙين، گوڏن يَر بِي گَس.

اَڪِن يَـرِ بِي اوڏَهين، ويتَر ڪَج تون وَس.

ٿُونٿِن يَر ٿَهڪا ڪَيُون، رَندَ اِنهيءَ ۾ رَس.

محبت منجهه مَرندين ڪٽي، ڪاڏهُون ڪانهي ڪَس.[4]

ڏيهَ ڏٽي ڏيندا اچي، "مُحمّد" توکي جَس.[5]

(1) موڳا- ڪَند ذهن. (2) سُستي. (3) وائڙا. (4) نقصان- ڇيهو. (5) شاباش.

ڪافي-209

(سُر پِيلو)

يار کي تون ياد ڪر، هتڙي نہ هرگز هلندو بَم،*

راتيان ڏينهان رمز ۾ رَهُہ، واٽ وحدت جي ۾ وَهُہ،
سُور سَختيون يار سَهُہ، تون خَوضُ[1] ڪر سارو خَتم.

سينو صفا آگهارِ[2] تون، اَلفَ سان اوجارِ[3] تون،
ڏيئي آرانـيِي[4] ٻارِ تون، ڪُل شَيءِ[5] آ بَسمُ.[6]

"مُحمّد" عاشق هوشُ ڪر، پيرِ مُغان جو پوشُ ڪر،
هردم تون خاموشُ ڪر، هيڪَر ٿيندو هَرڪو هَضم.

(1) سوچ- فڪر، (2) ڏوءِ- صاف ڪر، (3) اُجارِ- صاف ڪر، (4) ٻرندڙ ڪاٺِي- شُعلو، (5) هر شئي،
(6)ڀَسم- خاڪ- رَکَ

* بَمُ= ٻڙاڪ، لاف، جوڳي فقيرن جو نعرو "بَم بَم مهاديوا"، ڍُهل ۽ سازن جو گوڙ.

(سُر سامُونڊي)

ڪافي-210

جاڳين دو جَڳَ جاڳَ، وو جاڳڻ ۾ جَس[1] جانِبَ آهي.

جاڳڻ رِيءَ جانِيءَ جو جلوو، سِيني ناهي سُجاڳَ.

نِينهُن وجائي نِيستِي،[2] توڙي ناقِص[3] نياڳَ.

دليئُون پنهنجي دَستِ[4] ڪر، مُحڪُم مَنوِي[5] مُهاڳَ.[6]

ڏورينڊَن ڪي ڏيهه ۾، ڏيندو ڪِينَ ڏُهاڳَ.[7]

"مُحمّد" ملي مُحِبَّ ڪان، سلطاني تو سُهاڳَ.[8]

---

(1) شاباش، (2) ڪمزوري، (3) بيڪار- خراب، (4) هَٿِ، (5) مَن جو- دل جو، (6) مُنڍَ- شروعات، (7)نياڳَ- وڇوڙو، (8) خوش نصيبي

ڪافي-211

(سُر پِيمُ)

رک تون سُرتِ[1] سَنيالَ، پير نہ پوئتي هَٽُ تون.

ڪڏي ڇڏ تون قلب پنهنجي مئون، دُئِيءَ[2] وارو تہ دَجالُ،[3]
ماري ڪري ڇڏ مَٽُ[4] تون.

بــنــا عــشــق اَلله جــي، ڪُــوڙِي، قِيلَ مَــقالَ،[5]
بره جي بازي ڪَٽُ تون.

ڪُوڙا ڪُوڙَ دَغايون دَکيا،[6] دنيا جوڙ جَنجالُ،[7]
چاهئون ڪري ڇڏ ڇَٽُ تون.

"مُحمّد" هادي حال هِيئين ۾، خاصُ الخاص خيالُ،
ڳَلِ[8] ڳِچِي پائج ڳَٽُ[9] تون.

(1) هوشياري- سُجاڳِي، (2) ٻيائيءَ، (3) مَڪار- ڪُوڙو (4) برابر (5) ڳالهہ ٻولهہ، (6) ٺڳيون- فريب (7)مُصِيبت، (8)گلو- ڳِچِي، (9) ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ زيور.

ڪافي-212

(سُر پيروي)

ٻوڙي ڇڏ تون ٻيائِي، رک خيال هِڪو هيڪڙائِي.

اوريون اورج اِسمُ، جاري ڪر تون جِسمُ،
تَرڪي ڇڏ طِلسِمُ، صوفي صاف صفائِي.

اُتي جوڳِي جاڳَ، سَنجهي تي سُجاڳَ،
ٻلو ٽيندءِ ٻاڳَ، روح ۾ روشنائِي.

غازِن واري گامَ،[1] هڻ تون هيڪر هامَ،[2]
مرشد واري مامَ، جِيءَ ۾ جاڳائي.

سَهي ڪر تون سَيرُ، ٻاڃي[3] ڪڍ تون پيرُ،
گهاٽَن وارو گهيرُ،[4] جاچي ڏس تون جائِي.[5]

سَندرو ٻَڌ تون ساهي،[6] قُربئون وچ تون ڪاهي،
نيهي نينهَن نباهي، "مُحمّد" رمز رَلائي.[7]

---

(1) قدم. (2) دعويٰ ڪرڻ (3) پيري — پير ڪڍندڙ (4) گهيرُ- لَنگهه. (5) سَڄ ٻَڄ. (6) ڇڪي- زور سان
(7) ملائي

ڪافي-213

(سُر ڪوهياري)

پوکَ تنهنجي تي پيلاڙو[1] ٿِي، پِتَيل[2] سان ڪو پاڙو ٿِي.

ڪانءَ ڪَبر چوڌاري چِڙيون، جهارِ[3] هَڪل تون جهاڙو[4] ٿِي.

ننڊ نياڳي ناسُ ڪري ڇڏ، دم دم ۾ ڏاڙو ٿِي.

کيتَ[5] مٿئون ڪانياٺِي[6] ڪڻ تون، راتيون ڏينهان راڙو[7] ٿِي.

چارئي قبلا چاهه منجهارئون گَهٽَ گَهٽَ[8] تي گهاڙو[9] ٿِي.

"مُحمّد" کي آ مُونجهَه اِهائي، ساهَ اندر ۾ ساڙو ٿِي.

---

(1) پيلَ ڪرڻ، جانور ۽ پکين جو پوک ۾ چُوٽ ڇڏي ڏيڻ، (2) بد دعا ڏنل- اصطلاحًا نقصان رسائيندڙ جهارِ (پکي)، (3) پوک کي نقصان رسائيندڙ پکي، (4) جهار هڪلڻ وارو- پکي هڪليندڙ، (5) ٻني- فصل، (6)جهار هڪلڻ لاءِ سُٽَ جي ٺهيل ڏور جنهن ۾ مِٽيءَ جا گولا وجهي پکين ڏانهن اڇلائبو آهي، (7) رڙيون ڪندڙ، (8) رستا- لنگهَه، (9)جانچ ڪندڙ- چوڪسي ڪندڙ.

ڪافي-214

ڪونہ ڪَيُئِي ڪو ڪَمُ تون، ڪَمَ رِيءَ نہ هڻ دَمُ[1] تون.

وِتني وَرهيہ گُذاريَئِي، رَندُ[2] وٺي هِي رَمُ[3] تون.

هلي پَٺُ تون هوت ڏي، طلبَ نہ ڪجان تَمُ[4] تون.

جيءُ جُسو[5] قربان ڪر، ماسُ هڏو ۽ چَمُ تون.

هردم تون هاديءَ هٿان، گُوندَر[6] وَڃَجانءِ غَمُ تون.

"محمد" رِيءَ مَحبُوبَ ڪر، خالي خيال خَتمُ تون.

---

(1) هامِ - وڏائي ڪرڻ (2) رستو (3) هَل (4) ختم - تمام، (5) بدن، (6) ڏُکَ - غَمُ.

ڪافي- 215

(سُر پيروي)

خيال هِڪو هِڪَ ڪوڙ، ڏاڍا ڏُئِيءَ جا ٿوڙ.

هڻ ٿِيءِ هوشيار تي، جِيءَ ۾ جايون جوڙ.

تَوڪَل جو تُرهو[1] ٻَڌِي، هڻ حقيقت اوڙ.[2]

ڪِينَ ڇڏيندُءِ ڪڏهين، تاڻي[3] نِيندُءِ توڙ.[4]

ذڪر ذاتي ذوق جِي، گَجڪاراڻ[5] ۾ گوڙ.

پيهِي پنهنجي وجود ۾، واٽَ وِندُرَ جي ووڙ.[6]

ڳَهِلا[7] اِنهيءَ ڳالهه ڪئون، "مُحمّد" مُنهن نا موڙ.

---

(1) ڪکن ڪانن ۾ رسين سان ٺاهيل ترڻ لاءِ ٻيڙيءَ نموني شيءِ يا تختو [تُرهو ٻَڌڻ=ڪنهن ڪم لاءِ ڪوشش ڪرڻ]. (2) چونيءَ سان ڪيڙيل زمين جو هڪ سَنڌو يا لاٿين. (3) ڇڪي. (4) آخر تائين- پڇاڙيءَ تائين. (5) گَجڪارُون، گوڙ جي ڏَڏڪار. (6) ڳول. (7) اي ڀورڙا- اي سادا انسان.

(سُر جوڳ)

ڪافي-216

ٽِڪ ٽِڪ، ٽِين ٽِين، ڪر نہ ٽَرڙا، بارُ بره جو اَٽائو[1] تِي،
ڏِيانُ ڏَري هَلُ ڏِيرَجَ[2] سان، سَؤکو[3] ڏاڍو سَٽائو[4] تِي.

دُئِي دَبائي دُور ڪري ڇڏ، خيال پنهنجي سان گوهَر[5] کي گڏِ،
اَصُل آڏاٽا[6] اوڏاهِين اَڏِ، جاڏي روح جو رايو تِي.

وِردَ وَظيفا جاڻ تون وافِر،[7] تي سِگهو تون عشق جو ڪافر،
نِينهَن جو نانگو نَـرُ تون نادر،[8] ڪهڙي پولَ پُلايو تِي.

دَمُ سجاڻي دَمَ جو دَرسَنُ،[9] پرتِ پرين سان پُر تِي پَرسَنُ،[10]
عشق اِلاهِي اعليٰ اَحسَنُ،[11] فائِقَ[12] ايئن فرمايو تِي.

خيال اِهو تِي خاصو خاصُل، وحدت سان تي ويجهو واصُل،
همت هادي هردم حاصل، "مُحمّد" مَجُ مَچايو تِي.[13]

---

(1) ڏکيو. (2) صبر – تَحمل. (3) سؤلو- آسان. (4) سؤلو. (5) سچو موتي. (6) ڪپڙي اُٽڻ جو سامان؛ سيٽ اَپ. (7) گهٽا- وڌيڪ (هتي اصطلاحًا- اجايا). (8) ناياب- اٽلپ- قيمتي (9) درشن- ديدار (10)خوش. (11) تمام سٺو- گهٽو وٺندڙ. (12) مٿاهون- ربّ پاڪ. (13) اٿئي

ڪافي-217

(سُر جوڳُ)

دَم دَرُونِي[1] دَوُرَ سان، ورق وحدت وارجان،
غفلت ڇڏي هوشيار ٿي، سبق سُورَن سارجان.

"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ"[2] قول قائم، ويسلا نہ وِسارجان،
"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"،[3] مرڻ کان اڳ مارجان.

"فَاذْكُرُونِيْ"[4] فَهم ڪر، پِرت سان پُڪارجان،
صاف سيني رک صفائي، سُرت سان سَنوارجان.

بره جو بانڪا ٻَيَڙُ، ٻارَڻُ ڏئي تون ٻارِجان،
غَيرَ سڀ ساڙي وري، اَندرُ تون اوجارِجان.[5]

موڳا نہ تون مغرور ٿي، ڏيان ڏُران[6] ئي ڏارجان،
ٻاجهہَ سان ٻيڙو اِهو، تَوڪَل جي تُرهي تارجان.

"مُحمّد" مستي موج ۾، گهوٽَ پنهنجي سان گهارِجان،
نِينهَن جو ناتو نيبَهُ،[7] نياز سان نِهارِجان.

---

(1) اندرُوني، (2) "ڇا آئون توهان جو رب آهيان؟" (الله ج)، (3) "مرو پنهنجي موت کان اڳ ۾" - يعني نفس کي ماريو، (4) "توهان مون کي ياد ڪريو" (الله ج)، (5) صاف ڪجان، (6) اصل کان، (7) حاصل.

ڪافي-218

سوداگَر سَودو ڪَيُون،[1] ويا هليا وَڻاڻَن،
توڪي سَنبِرئي[2] سالَ ٿيا، هِتِ ڪندي صَلاحُن،

سَنجهي سُمهِي جي پِئين، وج تون وڻجارَن،
دَرُ وڻي ويهه ويسلا، وِجي ويهه واپارِن،

جاڳڻ سَندي جارَ[3] سان، وج تون ويراڳِن،
ٻُڏين ٻوڙا ڪِينڪِي، تون ٻولِي ٻاروچَن،

طلب سَچِي سان تَهدِليئُون[4]، ٿا توڪي تَنوارِن،[5]
وِرهَ وارِي واٽ تي، ٿا پَلپَل پُڪارِن،

"مُحمّد" مُڙسِي ڪانہ ڪَيَئِي، توڪي ماريو مُونجهارَن،
تَوڪَل تُرهي تارَ مئون، ٿا هادِي هاڪارِن.[6]

---

(1) ڪريو- ڪيو (2) تياري ڪندي، (3) جوش- جذبي، (4) دل جي گهِرائِن سان، (5) پُڪارِين- سَڏِين-ياد ڪن، (6) هَڪَل ڪن- ٻيڙِي چوڙي رواني ڪَن

(سُر ڀِباسُ)

ڪافي-219

اتي اورِ اَلڪَ سان عاشق، ننڊ اَتِي نقصانُ.

"اَلنَوۡمِ مُحِبَّ حَرامٌ"[1] سُـڻ تـون بـات بـيانُ.

ياد رکين تون يقين سان، گُروءَ[2] وارو گيانُ.[3]

هِتِ وٺي آئين پاڻ سان، سُورن جو سامانُ.

جو دم غافل سو دم ڪافر، ڌِيد رکين تون ڌيانُ.

هَتِ ڪر پنهنجي خيال کي ميان، سُورهيہ تِي سُلطانُ.

"مُحمّد" مزو ماڻ تون ميان، لاشڪ ٿِي لاثانُ.[4]

---

(1) "عاشق لاءِ ننڊ حرام آهي"، (2) مرشد، (3) روحاني علم - لدني علم، (4) بي مثال- لاجواب- انمول.

داستان: پاڻ سُڃاڻ

ڪافي-220

(سُر پيروي)

اصل ماڳ تنهنجو، عَدم تِي،
هُتئون هِتِ آئين، آدم تِي.

ڪري سانگ صورت، ويئين منجهه مُورَت،
پريمي پُورَت، بَزم تِي بَزم[1] تِي.

دَرونِي آن دائم، سِراجٌ مُنيرًا،[2]
اَلْعِشْقُ نَارٌ[3]، يَسم تِي يَسم[4] تِي.

ظاهر ذات آهين، لوڪَئُون چو لڪائين،
سدا پيو سِيبائين، صَنم تي صَنم تِي.

سَرتاج سَروَر، اَللّٰه اَڪبر،
”مُحمّد“ مظهر، مَدَم تي مَدَم[5] تِي.

---

(1) محفل. (2) چمڪندڙ سج. (3) عشق باهہ آهي. (4)

ڪافي-221

پنهنجو پاڻ سُڃاڻُ، ڪيئي اِنهين ڀول ڀُلايا.

"وَفِيۡ اَنۡفُسَكُمۡ"[1] سُڻ فَرمُودو[2] اِهو اَٿئي اُهڃاڻُ،[3]
فُرقانَ اڇي فرقَ وڃايا.

"وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ"[4] وِٿي نہ ڪائِي، اڃا رهين اَڻ ڄاڻُ،
تو وري ڪاڏي خيال ڦيرايا.

"مَنۡ رَاٰنِيۡ"[5] رمز سڃاڻج، ساروئي تو ساڻُ،
لائق آٿي لِڪَ لِڪايا.

ذات صفت ۾ فرق نہ ڪوئي، همدم هِڪو جاڻُ،
روحاني اڇي راز رَلايا.

ڪِينَ منجهارئون ڪجهہ ٿي آيو، مِيمُ ڪري سو ماڻُ،[6]
هر جاءِ تي ڪيلَ ڪِلايا.

"مُحمّد" ڪي لڳو آهي قديمي، ٻاروڇل جو ٻاڻُ،[7]
ٿيا مڙيئي پنڌ سَجايا.

---

(1) "آئون توهان جي جان ۾ آهيان" - (رب پاڪ فرمائي ٿو)، (2) فرمان- حڪم، (3) نشاني، (4) "اسان جي قريب آهي" (رب پاڪ)، (5) "مَنۡ رَاٰنِيۡ فَقَدۡ رَاٰءَالۡحَقُ" حديثِ قُدسي= معنيٰ: "جنهن مون کي ڏٺو تنهن تحقيق حق کي ئي ڏٺو" (6) ماڻو- ناز، (7) تِيرُ.

ڪافي-222

(سُر جوڳ)

نانهِن نَفِي نابود مان نڪري، عاشق سِر اَثباتِي تون،
سَيرُ صِفاتِي سانگ[1] بنائي، ظاهر آهين ذاتِي تون.

جي تون سمجهين ڳالهہ اِهائي، مُورَئون[2] ڪِينَ مَماتِي[3] تون،
"مُوْتُـوْا" واري مامَ سڄاڻي، حاصل حال حياتِي تون.

توڙئون طالب حق جا، تُرتُ رهج تَسلاتِي[4] تون،
يار يقين سدائين ثابت، مُنجهہ نہ ٿِي مَسلاتِي[5] تون.

مرشد مِهر مُغان جي محبت، ڇيهہُ[6] ڏئي ڇڏ ڇاتِي تون،
راتيان ڏينهان وِيرَ وَهائج، قلبَ اندر ۾ ڪاتِي تون.

هيٺ مٿي هر جاءِ تي حاضر، هر شئي جو آن حِمائِتي[7] تون،
دِيدَ ملائي ڏس تون "مُحمّد"، پاڻ ۾ پائي جهاتِي تون.

---

(1) ٻَهروپ- ڍونگ- تماشو. (2) هرگز. (3) مرڻ وارو. (4) تَسلِي. (5) مسئلا. (6) وَڍُ- چِيرُ. (7) مددگار- واهَـرُو.

ڪافي-223

(سُر جوڳُ)

سوچَ سُجاڻَ تي سمجھ رکين، سَير صفا سلطانِي،
"سُبحانِي مَا اَعظَم شانِي"[1] نينھن واليان نِيشانِي.

طالب تقويٰ چوڙ ڪَراھِين، فڪر اِنھِين وچ فانِي،
گُم تي گوھر غازي گُن وچ، گُر[2] دا رَھين گِيانِي.[3]

شَرفُ شھنشاه مليا شاھِي، آعلىٰ "اَلْاِنْسَانِي".[4]
شُبَھا شَڪ نہ آٿين تنھن وچ، ثابت سِرِ سُبحانِي.

دم دِي دؤڙَ دَوامِي[5] دلبر، نا وَتِ[6] ذِڪر زبانِي،
خيال خَفِي قديم تي قادر، عَينُ عطا عَيانِي.[7]

مُنَوّرُ[8] مُطَھَّرُ[9] مَن وچ مُحڪَم،[10] "مُحمّد" مَوج مَعانِي،
لاَ لَطِيفِي لازم لاحد، لاَخَوفُ[11] لاثانِي.[12]

---

(1) آئون پاڪُ آھيان ۽ وڏي شان وارو آھيان (يعني رَبّ پاڪُ)، (2) مرشد- گُرو، (3) گِيان وارو- روحاني علم وارو، (4) اِنسان ھئڻ وارو، (5) ھميشہ وارو، (6) وري- فقط، (7) ظاھر ظھُور، (8) روشن، (9) پاڪ، (10) مضبوط، (11) بنا ڊپ جي، (12) جنھن جي ڪو برابر نہ ھجي.

ڪافي-224

موجودگِي منجهه ماڻِ تون، اَصُلِيتَ اِسرارُ ميان.

”لِي مَعَ اللّٰه“[1] سُخن سُڃاڻي، پاڻَ ۾ پنهنجو پاڻُ پڇاڻي،
ڄاڻِ اِهو خود ڄاڻُ تون، ياوَرُ[2] يڪو يَڪتارُ[3] ميان.

”جِسْمُكَ جِسْمِي، لَحْمُكَ لَحْمِي“،[4] ”دَمُكَ دَمِيْ رُوحُكَ رُوحِيْ“.[5]
ڪنهن جِي ڪڍين تو ڪاڻِ تون، مَحض آهين مُختيارُ ميان.

”اَنَا اَحْمَدُ بِلامِيْمِيْ“[6] قائم قادِر قولُ قَدِيمِي،
اَڻَ ڪُٿ خُدائِي ڪاڻِ تون، اورُ نہ تُنهنجو پارُ ميان.

”سُبْحانِي مَا اَعْظَم شَانِيْ“[7] اَلْاِنْسَانِيْ راز رَبانِي،
طرف نہ ٻي ڪنهن تاڻِ تون، ”مُحمّدؐ“ سِرُ مَهندارُ ميان.

---

(1) ”لِي مَعَ اللّٰهِ وَقتُ...“ مون کي الله جل شانه سان هڪ وقت حاصل هوندو آهي — جنهن وقت ڪنهن فرشتي يا نبيءَ ڏانهن بہ ڌيان نہ هوندو آهي“ (ح-ش). (2) مددگار. (3) اڪيلو- بي مثل لاجواب. (4) ”جسم سان جسم گڏ گوشت سان گوشت گڏ- يعني هڪ جان“. (5) رَتُ سان رتُ گڏ ۽ روح سان روح گڏ“ - يعني يڪ جان. (6) ”آئون اَحمَدُ آهيان بنا ميم جي- يعني اَحد معنيٰ اڪيلو- الله“. (7) آئون پاڪ آهيان وڏي شان وارو“.

ڪافي-225

(سُر سورٺ)

*عَينَ ڪي ڏِس عَينَ[1] ۾، رَهُه عَينَ سان عاشق عَلِيلُ،[2]
غَينَ ڪي منجهه غَيبَ جي ڪر غرق، داناءَ چئہ دلِيلُ.[3]

ف- فڪر جي فهم سان، "فَٰذْ ڪُرْ فَنا فِيْ الله"[4] فَياضُ،[5]
ق- قائم دوُر دائم، جاوداني[6] تِي جَلِيلُ.[7]

ل- لَطِيفي لاتِ ڪر، لُونءَ لُونءَ اندر لاشَڪ لِباسُ،
م- جي موجودگِي، مَعنيٰ اَصل اَعليٰ اَصِيلُ.[8]

ن- نايابِي نظر، نامِيا[9] نِسَنگَ[10] نادر نَجِيبُ،[11]
و- وحدت وَجد[12] واصل، منجهه وجودي واهُ وَڪِيلُ.[13]

ح- حڪايت حق حَقيقي، حال سان هَميشگي،
ي- يُرِيده[14] مست "مُحمّد"، خالِقُ خُلُقُ[15] خَلِيلُ.[16]

---

*عَينُ=حَق- اللّٰه جَل شانه،
(1) اڪِ، (2) بيمار- روڳي، (3) ثبُوت- حُجت، (4) "ذڪر ڪر، الله ۾ فنا ٿيڻ جو". (5) فيض ڏيڻ وارو، سخي، (6) هميشہ لاءِ، (7) بزرگيءَ وارو- اعليٰ، (8) شريف- اعليٰ نسل وارو، (9) اي نالي وارا!، (10) نروار- ظاهر، (11) سُٺو انسان-سپاهي، (12) عشق جي بيخودي، (13) نائب- ايجنٽ، (14) ارادو ڪندڙ، (15) عادت، اخلاق، (16) سچو دوست – حضرت ابراهيم ؑ جو لقب.

ڪافي-226

جهاتِي پائي جهاتِ ۾، پارَس پِرين پُر نُورُ تون،
غَير تَرڪي غور ڪر، بالا بَلند پُرپُورُ تون.

تخت تالان[1] طُورُ[2] تَجمّل،[3] آهين سمورو سُورُ تون،
چاڪُ[4] تِي چاڪَرُ[5] چوائين، چاھ سان چَڪِ چُورُ[6] تون.

آواز اَنَاالْحَقُ چئي، مرد تئين مَغـرُورُ تون،
سيجَ سمجِهي سَر بَسر، سُورِيءَ اُتي منصورُ تون.

تيز تجلِي تاءِ تابش، طالبن طَيُّورُ[7] تون،
"رَبِّ اَرِنِيْ"[8] راز سان، ڪوئلا ڪندڙ ڪوهِ طُورُ تون.

دلربا دُرُ[9] دائما، دلبر دلِي دَستُورُ[10] تون،
ظاهر ظُهُور ذات آنْ، ناهِين مِنا مَستُورُ[11] تون.

حقيقت جو حال حق، حاصل حج حُضورُ تون،
"مُحمّدُ" معنيٰ موُج ۾، مالڪ مُدا[12] مَسرُورُ[13] تون.

---

(1) ناز- نخرو (2) ڍنگ- نمونا، (3) زيبائش- سينگارڻ- سَنوارَڻ، (4) وڍيل- چِيريل، رانجهن جو لقب آهي، (5)نوڪر- خادم ، (6) گهايل- زخمي، (7) ٻکي، (8) "مون کي پنهنجو پاڻ ڏيکار اي رَبّ" حضرت موسيٰؑ اللهﷻ کي عرض ڪيو هو (9) سچو موتي، (10) قانون – اَمِير، (11) لِڪل (12) سدائين (13)خوش.

ڪافي-227

(سُر ڪنيات)

معنيٰ ۾ مَعبُود،[1] ڪيئن اچي تو عَبد[2] سڏايو.

هِتِ ڪيو تو وُجودَ واهيرو،[3] هُتِ هُئين لاوُجود.

هِتِ رهين تو ساجِد[4] سڀ جو، هُتِ هُئين مَسجُود.[5]

هِتِ آهين نابُود[6] ۾ نازل، هُتِ هُئين بَهبُود.[7]

هِتِ رکين تو مقصد ڪيئي، هُتِ تہ لاَمَقصُود.[8]

”مُحمّد“ نانءُ نيشان نظارو، هر جاءِ حق مؤجُود.

(1) عبادت جي لائق، جنهن جي عبادت ڪجي، (2) ٻانهُون- عبادت ڪندڙ، (3) پکين جي ڙات جو آرام ڪرڻ جي جاءِ- عارضِي منزل، (4) سجدو ڪندڙ، (5) جنهن کي سجدو ڪجي، (6) فنا ٿيندڙ، (7) ترقيءَ تي- خيريت سان، (8) بنا ڪنهن غرض يا مقصد جي.

ڪافي-228

(سُر ڪنيا

ڪُوڙيُون پُڇن ڪوهُ طُورُ،[1] نُور نظارو تو ۾ آهي.

"رَبِّ اَرِنِيْ"[2]-"لَنْ تَرانِيْ"[3] حاصل حال حُضُورُ.

"وَنَحْنُ اَقْـرَبُ"[4] ويجهـڙو، دلـبر ناهين دُور.

"كُلِّ رُوْحِ رَبِّيْ"[5] سوچي ڏِس تون، بيو نہ سمجهين مُور.[6]

روز ازل ڪئون اڳ لڳو آ، بِره سدا پَرپُور.

"مُحمّد" پنهنجي موج ۾، ڪونہ ڪيو تِي قصُور.

---

(1) جبل طُور- جنهن تي رب پاڪ حضرت موسيٰ کي پنهنجي نور جو جلوو ڏيکاريو هو. (2) حضرت موسيٰ الله جل شانه کي عرض ڪيو تہ "مون کي پنهنجو پاڻ ڏيکار" (3) ربّ پاڪ فرمايو: "تون مون کي نہ ڏسي سگهندين"- (4) "اسان کي ويجهو آهي" (رَبُ پاڪ). (5) "سڀ روح ربّ پاڪ جي طرفان آهن، سڀ روح رباني آهن". (6) هرگز.

ڪافي-229

(سُر ڪنڀات)

ساڙي ڇڏ تون صِفاتِ، ذات سڃاڻج ظاهر پنهنجِي.

ناز نياز سيوئي تُنهنجو، تون آهين تَجلاتِ.[1]

"خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ عَلیٰ صُورَةِ"[2] دائمي دَرجاتِ.

"وَفِيۡ اَنۡفُسَكُمۡ"[3] سمجهه اشارو، تَحقِيقي تَسلاتِ.[4]

ڪِينَ لَکڻَ[5] ۾ ڪنهن کي اچي ٿي. لاهوتن جِي لاتِ.

"مُحمّد" عين عَيانُ[6] اندروني، مَنجهيئِي موحوداتِ.

---

(1) تجلِي- روشني، نُور، (2) "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (اللهؐ)، (3) "مان توهان جي نفس يعني جان ۾ آهيان" (اللهؐ) (4) تَسلِي- پَڪَ، (5) سمجهڻ- محسوس ٿيڻ، (6) ظاهر.

ڪافي-230

(سُر ڪنڀاٽ

مَنصَبُ[1] دَراز[2] دلبر، تحقيق تون تُرابِي،[3]
آتش[4] ۽ باد[5] خاڪِي،[6] اَنوار[7] تون آن آبِي.[8]

"نَفَخْتُ فِيْهِ رُوْحِيْ"،[9] نروار ناز نوابِي،
اظهار اَحد اُونهي، شائق ڪيئي شتابِي.

صورت مُحمّدي ڏس، سُبحان سِرُ سَيرابِي،[10]
لاشڪ لباس پهري، لاثانُ[11] لاجوابِي.

مَلڪ[12] و فَلڪ[13] مُقرب،[14] مشتاق رُخ[15] نِقابِي،[16]
شمس[17] و قَمر[18] سِتارا، تيزُو ڪَتِي بيتابِي.[19]

موج هر مظهر[20] عَينُ اِنقلابِي،
"مُحمّد" مُدام مُحڪَم، خطرا ويا خرابِي.

---

(1) رُتبو- عهدو، (2) ڊگهو- وڏو، (3) مِٽيءَ وارو، (4) باهه- گرمي، (5) هوا، (6) مِٽيءَ وارو، (7) نُورَ وارو
نورانِي، (8) پاڻيءَ وارو، (9) "آئون پنهنجو روح ڦوڪيان" (ق-ش)، آدم ع کي سجدي ڪرائڻ وقت الله
فرمايو هو، (10) ترو تازه- ڀرپور، آباد ڪيل، (11) جنهن جو مَٽُ نہ هجي، (12) ملائڪ، (13) آسمان
(14) خاص دوست، (15) مُنهن – چهرو، (16) ڍَڪِيل، (17) سج، (18) چنڊ، (19) بيقراريءَ
(20)نظارو- ڏيک.

ڪافي-231

(سُر پيروي)

پهريون پنهنجو پاڻ سُڃاڻ اَدا، پوءِ بيشڪ ڪر تون گامَ[1] گَدا.

مردانو منصور تي، برھ ۾ پَرپُور تي،
مُلڪ اِهوئي ماڻ مِٺا، ڏي سِرُ سينگاري سُورِيءَ سَدا.

"اَلاِنْسَانُ سِرِّیْ"[2] آ سَيرُ صَحِي، ساڳي ذات هِڪائِي رَهِي،
اَعتبار اَزلي آڻِ ڪٿي، ناهين جاني توڪئون مُور جُدا.

خيال پنهنجي ڪي گُر سان گڏي، دُئِي[3] دَخَل[4] دامانُ[5] ڇڏي،
وحدانيت واڻِ ڪٿي، ظاهر ڪر تون نينهَن نِدا.[6]

چؤ طرفين چوڌار ڦِري، گهر گهر ۾ تو گهوٽ گهِري،[7]
وڻ ٽڻ ۾ واکاڻِ[8] وصل، "مُحمّد" ڪي آ موج مُدا.[9]

---

(1) گڏوڻ ۾، (2) "انسان الله جو راز آهي"، (3) دُوئي- ٻيائي، (4) ڪنهن ڪم ۾ مداخلت ڪرڻ، (5) دامن، (6) آواز- سَڏ، (7) گهِڙي، (8) تعريف، (9) سدائين.

ڪافي-232

اُٿِي جاڳ جوڳي تون جِئين جيتَر،
تَرڪ غير وجود تَمامِي تيتَر.

پنهنجي پاڻ ۾ پر ٿئون پيهُ[1] تون، وِڪَ وحدت وڌائي ويهه تون،
ڏس ڏِيل پنهنجي ۾ ڏيهه تون، وصل واحد وَجُهُ اللّٰه[2] ويتَر.

پنهنجي حقيقت ڄاڻ تون، صورت سِري سڃاڻ تون،
رِيءَ ڪاڻِ ٿي ڪيِ ڪاڻِ تون، نِر ٿئون[3] ناميا[4] ڪر تون ناز نظر.

"مُحمّد" مردانو منصور تون، آهين مُلڪ بِمُلڪ مشهور تون،
رهين پيد اِنهيءَ پَرپُور تون، هيءَ خاصن خاص خُمارِي خبر.

---

(1) اندر داخل ٿي، (2) الله جو مُنهن مبارڪ، (3) نظر سان- غور سان، (4) نالي وارا.

ڪافي-233 (سُر تِلنگ)

ساڳِي ذات سڄاڻ، ڇو پاڻ ڪٿون پَلِي پَئين.

وينو آهين وحدت وچ ۾، ڪثرتَ کهڙي ڪاڻِ،
غير غرور ڪان واصل وَئين

حقيقت واري حال ۾، موج مُدامِي ماڻ،
ڇو اجايا، ڏَنڏَر[1] ڏَئين.[2]※

دامَ دُئِيءَ جا دور ڪري ڇڏ، طرف توحيدي تاڻ،[3]
رمز رِنداڻي، راهَ رَئين.[4]

"مُحمّد" محبوبي مامَ پَڇاڻي، اعتبار اِهوئي آڻِ،
سچ سدائين، سالِڪَ چَئين.

---

(1) باهہ جا شعلا- اُلا. (2) ڦوڪِين- هواڏِين، (3) ڇِڪَ رک – ڪشش رک، (4) تڪڙو ڀڄين- ڊوڙين.
※ ڇواجايا ڏَنڏَرَ ڏَئين = ٻرندڙ باهہ جي شعلن کي اجايو ڇو پيو ڦُوڪِين- (نوٽ: ڏَنڏَرَ- هندي لفظ آهي).

ڪافي-234

تون سارِي آن ڪِينَ، ڪِين سڃاڻي ڪِينَ ٿي.

آسڻ[1] عرش اَفلاڪَ[2] تي، تُنهنجو زَمَنَ[3] زَمِين.

مذهب مِلّتِ[4] ۾ وَسين، داخل دنيا دِينَ.

شَرع شريعت ۾ رهين، بِرهَ وڃائين بِينَ.

هر مظهر ۾ هڪ آهين، ٻولِي ٻولِين ٻِي نَہ.

هر ٻولي هر راز ڪي، عاشق ڪر آمِيْن.[5]

"مُحمّد" تون هادي هَتارئون، ڀري پيالو پِي نَہ!.

---

(1) پاٿارِي- ويهڻ جي جاءِ. (2) فَلڪ جوجمع- آسمانَ. (3) زمانو. (4) دين- ڌرم. (5) قبول ڪرڻ.

ڪافي-235

(سُر پيرُو)

دُئِي[1] ڪر تون دُور، وحدت منجھ وَھلُور.[2]

پاڻ سُجاڻين جي تون پنھنجو، ”نُورٌ عَلىٰ نُورُ“.

”قَابَ قَوْسَيْنِ“[3] تون ڪعبو قبلو، ھر دم حج حضُورُ.

سڪ سيني ۾ ياد سدائين، بِرھ اَٽئِي ڀَرپُورُ.

پُر پيالو پاڪ پِيئين ٿو، مرد رھين مخمُورُ.[4]

اَنَاالْحَقُّ آواز ڪرين ٿو، معنيٰ ۾ منصُورُ.

”مُحمّد“ پنھنجي موج ۾، چاھَئون چِڪنا چُورُ.[5]

---

(1) دُوئي- ٻيائِي، (2) ويڳاڻُو- اداس- ھَٿ ڇُھڻ ڪان ٻري، (3) تِير جي ٻن ڪماڻين وارو مفاصلو، (4)خُماريل- نشي ۾ (عشق جي)، (5) ذرا ذرا ٿيل.

(سُر ڪوهياري)

ڪافي-236

سِرُ سُڄاڻج سَچُ تون، رِيءَ سڄاڻ ڪَچُ[1] تون.

ڦُوڪي ٻارِج ٻاڻ ۾، محبت وارو مَچُ تون.

منصوري ميدان ۾، عاشق اَڏِيءَ تي اَچُ تون.

شمع واري شُعاعَ[2] تي، پرواني جان پَچُ تون.

محويت جي مامَ رِيءَ، خامُ[3] خَلَلُ[4] آن خَچُ[5] تون.

رهبر واري راه ۾، رمز رِنداني رَچُ[6] تون.

"مُحمّدؔ" حد حجاب گُم ڪر، نِسَنگ[7] نانگو نَچُ تون.

---

(1) ڪَچو- ناقص، (2) روشنيءَ، (3) ڪَچو، (4) خرابي، (5) خَچَرُ- يعني هڪ جانور، (6) رنگ ۾ رڱجي وڃ، (7) ظاهر- پڌرو.

ڪافي-237

(سُر پيلو)

پاڻَ آهين، پاڻَ آهين، پاڻَ آهين پاڻُ
پاڻ ڪئون ٻِلي ٻَئين، تون پاڻُ سُڃاڻُ.

پاڻ ۾ نُبِي هٽي، تون پاڻ کي پَڇاڻِ،[1]
مَاسِـوِيٰ اللّٰه مُلڪ نـاهين، مــوج اِهـا ماڻِ.

راز رُوحِي رمز سان، رِندن جي رِهاڻِ،
ڪير آهين، ڪنهن کي تو ڳولين، ڪنهن جِي ڪيين ڪاڻِ

واجهائيندي وَرهيہ تيئہ، وِرهَ جِي واڪاڻِ،[2]
وَحدَۃ وصال ۾، ڇاڻُ[3] اِهوئي ڇاڻُ.

"مُحمّد" تون موجود آهين، مَسِيتن[4] مَساڻَ،[5]
اِنتها[6] نہ اِبتدا،[7] اَوُجُ اِهوئِي آڻِ.

---

(1) سُڃاڻِ. (2) هاڪَ- تعريف. (3) سُڌَ- پَــرُوڙَ. (4) مسجدن ۾. (5) هندن جي لاش ساڙڻ وارو مقام. (6)خاتمو- پڇاڙِي. (7) شروعات.

ڪافي-238

(سُرويهاڳُ)

سچاڻي پاڻَ کي پوءِ تون، وري پنهنجو پاڻُ ڪر ظاهِـرُ،
حقيقت حال ڪر حاصُل، وجي تِيءُ موُج ۾ ماهِـرُ.

پائي ڏس پاڻ ۾ لِيئو،[1] خُمارِيَل[2] ڪيپَ[3] ۾ ڪِيئو،[4]
ٻَري تو ڏِيل[5] ۾ ڏِيئو، تِکو آ تيز تَر طاهِـرُ.[6]

همت رک حال حَلاجِي، اَناالُحَقُ مامَ مِزاجِي،
ڪڏين ٿو ڪنهن جي محتاجِي، وڏاءِ وِکَ ٿي نہ تون ڪاهِرُ.[7]

هدايت حق حَقِي هادي، مُدامَت[8] مِير موُلا مَهدِي،
اَنَا اَحُمَد[9] اعليٰ اَحدِي،[10] جوئي اندر سوئِي ٻاهِر.

اندرونِي عَينَ[11] جو ڪولين، لکين ٻوليون ويٺو ٻولين،
ڳُجهي هِن ڳالهہ کي ڳولين، "مُحمّد" موجود ڪُل مَظهَر.[12]

---

(1) جهاتِي، (2) مَخمُور- نشي ۾، (3) نشو، (4) نشي ۾ مست- متوالو، (5) جسم- جان، (6) پاڪ،
(7)سُستُ- ٽوٽِي، (8) هميشہ- سدائين، (9) "آئون اَحُمَد آهيان"، (10) اَحد وارو= اللهﷻ، (11) اکيون،
(12)ظاهر ڏسڻ ۾ ايندڙ شيون، موجوداتِ ظاهِري

ڪافي-239

(سُر ويهاڳُ)

چو ٻُلِي پئين ٻولَ ۾، سِرُ آهين ساڳِي وو يارَ.

راه رِندِي وٺ رمز سان، پير ڪٽي پاڳِي،[1] وو يارَ.

سوجهي[2] لهه تون سوجهرو، جيءَ اندر جاڳِي وو يارَ.

لُونءَ لُونءَ[3] اندر ۾ لاتِ ڪر، لاهوتي لاڳِي[4] وو يارَ.

اَصُل روز اَلستَ ڪان، روحاني راڳِي وو يارَ.

"مُحمّد" تون مَخمُور[5] آن، مَئيخاني ماڳِي[6] وو يارَ.

---

(1) پيرِي- پير ڪٽندڙ، (2) ڳولي، (3) وارَ وارَ يعني جسم جي ذري ذري ۾، (4) انعام وارو- بخشش وارو، (5) نشي ۾ پُر (عشق جي)، (6) ماڳ وارو- ٺڪاڻي وارو- رهندڙ.

ڪافي-240

نانهہ ڪري تون نقل ڪي، عاشق ڄاڻُ اَصُل.

پَرڪي ڏس تون پاڻ ڪي، اَهِين عَينَ اَمُل.[1]

جُزي جائِي نانُهِن تون، قديمي آن ڪُل.

حق حقيقي هر جاءِ تي، ڀولَ نہ ڀي تون ڀُل.

مَنجهيئِي مَڃ مَڃاءِ تون، شاهي شوق شُغل.[2]

آهي هَردوجَهانَ ۾، ”مُحمّد“ تنهنجو مُلهہ.

---

(1) اَملهہ- قيمتي، (2) ڪم ڪار- مصروفيت.

ڪافي-241

(سُرويهاڳُ)

ٻاڻُ ٻنهنجو جي سُڃاڻين، اصل شاهنشاهُ تون،
وِيس وحدت ۾ وَڪوڙيَل، وَجْهُ اللهَ[1] ويساهُ[2] تون.

ٻولَ ڪنهن ۾ ٻيل نہ تون، ٻرتِ وَندو ٻساهُ تون،
روزِ ازل کان اڳي، عاشقن الله تون.

گهر ٻنهنجي ۾ گهٽين، رُوحي رِنداني راهَ تون،
جاچ سان جانب آهين، فرق ڪيو فتاحَ[3] تون.

رمز اُلٽي آ اوٻڙي،[4] مامَ سمجهي ماهَ[5] تون،
هِيءَ حقيقت حال هَٿ ڪر، قرب ڪاهو ڪاهَ تون.

"مُحمّد" پَهري سِرَ ٻنهنجي تي، قدرتي ڪُلاهَ[6] تون،
قلب مئون ڪوري ڪڍي ڇڏ، نِڳيءَ وارو ناهَ تون.

---

(1) اللهَ جو رُخ مبارڪ. (2) اعتبار- يقين. (3) ڪولڻ وارو- اللهَ جو صِفاتي نالو. (4) مشڪل- ڏِنگي.
(5) اي چَندا!. (6) شاهي تاج- ڊگهي مخروطي ٽوپي جيڪا اڪثر درويش پائيندا آهن.

ڪافي-242

عرش فرش دا مالڪ مَولا، پولُ اِهِين ڪِيُون پُلندا هِين.

آپ ڪِيتوئِي پرت پَسارا،[1] هر رنگ دي وچ هُلندا[2] اِين.

وِير وَحدت وچ وَهيري،[3] چوهَئون[4] چولِي چُلندا اِين.

آپ سُجاڻِين غيرُ نہ آڻِين، روهُ[5] جَبل ڪِيُون رُلندا اِين.

گھورُ تيڏي ديان رَمزان غَمزان،[6] تورُ[7] عجائب ٽُلندا[8] اِين.

غَيبُ الغَيبُ[9] دا چوڙ بهانا، گُھونگَھٽ گُھندڙا کُلندا اِين.

"مُحمّد" تيڏا مُلهڙا مَهانگا، تُرمِيزان[10] وچ تُلندا[11] اِين.

---

(1) مشهوري، ڏيک، (2) مشهور ٿين ٿو- پَڪڙِين ٿو، (3) واهيرو- آستان، (4) تيزيءَ سان، (5) پهاڙ- جبل، (6) اکين جا اشارا- ناز، (7) چال- هَلڻِي، (8) ناز نخري سان هلڻ، (9) نهايت گُجهو- صفا غائب، (10)ساهمِي، ترازُو، (11)تُرين ٿو.

ڪافي-243

(سُر سورٺ)

پاڻ کي چوڻو وِسارين، وَجُهُ اللہ[1] ويساهُ[2] تون،
دِيد ملائي دِيد سان، اَندروني اَرواحُ تون.

جي سجاڻين پاڻ کي، پِرت وارو پَساهُ تون،
رَهنُمائِي راز سان، رَلِين[3] رَهبر راهُ تون.

دل سندي درياءَ ۾، قُربَئون ڪاهو ڪاه تون،
ٻاجَھه سان ٻيڙو تارِين، معنوي مَلاحُ تون.

چَؤ طرف چَشمان ڪولين، چؤرَنگي چاهُ تون،
ناز سان نِرمَل[4] نهارين، مست منزل گاهُ[5] تون.

هيث مٿي هر جاءِ تي، "مُحمّد" مَظهر ماهُ[6] تون،
هڪ آهين هَردوجَهانَ، هادي شاهنشاهُ تون.

---

(1) اللہ جو رُخ يا مُنهن (2) يقين، (3) مِلين، (4) پاڪُ، (5) ترسڻ جي جاءِ (6) چَنڊُ.

ڪافي-244

اَڻجاڻ نہ ٿي پنهنجو اَصُل سڃاڻ،
وري ڇو ڪڍين ٿو ڪَنهنِجي ڪاڻِ.

"ڪُلِّ شَیۡءٍ یَرۡجِعُ اِلیٰ اَصۡلِہٖ"[1]، وڃي ويھُ تون وَٿاڻ.[2]

"اَلۡاِنۡسَانُ سِرِّیۡ وَاَنَا سِرُّہٗ"[3]، اعتبار اِهو ئي آڻِ.

"وَنَفَخۡتُ فِیۡہِ مِنۡ رُّوۡحِیۡ"[4]، طرف اُنهين تون تاڻِ.[5]

"خَلَقَ الۡاِنۡسَانُ عَلیٰ صُوۡرَتِہٖ"[6]، پنهنجي ذات پَڇاڻ.[7]

"وَفِیۡ اَنۡفُسِکُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ"[8]، مَنجِهئِي موجان ماڻِ.

"وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ"[9] وَحۡدَہٗ[10]، مَنجِهہ وُجودَ جي واڻ.[11]

"مُحمّد" اَحۡمَد اَحَدۡ هِڪوئي، خُود خُدائِي ڪاڻِ.

---

(1) "هر شيء پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي" (ق.ش). (2) ويهڻ جي جاءِ. (3) "انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون انسان جو راز آهيان" (رب پاڪ). (4) "۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان" (ق-ش). (5) ڇڪَ ڪر- ڪشش ڪ
(6) "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (رب پاڪ). (7) سُڃاڻ. (8) "۽ توهان جي نفس يعني
جان ۾ آهي پوءِ توهان ڇو نٿا ڏسو". (9) اسان جي قريب آهي "(10) واحد- اڪيلو. (11) نندو ڳوٺ يا بستي
(اصطلاحاً- يعني الله جي وجود ...

ڪافي-245

(سُر پيروي)

پاڻ ڪئون پاسي ٿي، پنهنجو پاڻ سڃاڻ،
ٿي ڪاڻانديو[1] ڪِينڪِي، ڪنهن جي ڪيين ڪاڻِ.[2]

هڪ هُئين هڪ آهين، هُوندين هڪ تون هاڻِ،
وحـدتي ويساهُ ڪر، اَوَجُ اِهوئِي آڻِ.

ٻاهر ڳَولج ڪِينڪِي، منجهه وجود وَٿاڻُ،[3]
هڻ ٽُپِي تون پاڻ ۾، وٺنو مزا ماڻِ.

ٻولَ ڪيئي تہ ٻُلايا، وائِڙا ڪن واڪاڻِ،[4]
گهوٽ وٺنو آ گهر ۾، جاڻُ اِهوئِي جاڻ.

ذات صفت فرق ناهين، لوڻ پاڻيءَ مئون ڄاڻِ،
حقيقت جي حال جي، پِـرتَـئُون ڪر پَڇاڻَ.[5]

"مُحمّد" اِنهين مامَ جو، تَندو ڪِينڪي تاڻِ،[6]
خزانو ڳُجهو اَٿئي، منجهه خُدائِي ڪاڻِ.

---

(1) "ڪاڻِ وارو- مُحتاج، (2) غَرَضُ- پَرواهَ، (3) آستان- رهڻ جي جاءِ، (4) مشهوري، تعريف، (5) سڃاڻپ.
(6) ڇڪ [تَندو تاڻڻ= ڳالهہ کي ديگهہ ڪرائڻ].

ڪافي-246

صافُ صَفا جو سَير سجاڻي،[1] اَنڪل ڪم عوشاقن ناهين.

دائم دم جِي ڪيڏُ ڏَمالَ، جاڻُ[2] اِهوئِي اَصُلِي جاٽي.

هاديءَ واري حال ۾ هردم، اعتبار اِهوئي اَزلِي آٽي.

گُم تي وڃ تون گوهَر غازِي، موج اِهائِي مُحڪم ماٽي.

ويهي وڃاءِ وجود پنهنجي ۾، تارَ توحيدي تَهدل[3] تاٽي.[4]

”مُحمّد“ مَخفِي مامَ پَـرُوڙي، داخل تيو منجهہ داٽي.[5]

---

(1) سُجاڻِين، (2) علم - سمجهہ، (3) دل جي گهرائيءَ سان- دل وجان سان، (4) چِڪي، (5) هار جي موتين جو هڪ داڻو يا موتي بڻيو.

ڪافي-247

نُورُ آن حُضورُ، نـرواڻُ نَر نيهي،[1]
پنهنجو پُسج پاڻَ ۾، پارَس پرين پيهي.[2]

سمجهي وج تون سَيرُ، تنهن ۾ ناهي قيرُ،
گُم ڪري ڇڏ غيرُ، دَلالَ[3] دَرڪُ[4] ديهي.[5]

صَحِي سچ ٻڌاءِ، لوڪَئُون ڪِينَ لڪاءِ،
هيٺ مٿي هَر جاءِ، ڏيهُه[6] تنهنجو ڏيهِي.[7]

مزو مؤجَ ماڻج، طرف نه ٻي تاڻج،
اعتبار اِهو آڻج، رمز رنداڻي ريهي.[8]

ٻولَ ٻيائي ٻوڙِ، خيال هِڪوئي ڪوڙِ،
وَهمَ وُجودِي ٽوڙِ، وحدت اندر ويهي.

"مُحمّد" نامُ ڏرائِم، سيني صاف سَمائِم،
ناتو نِينهن نيائِم، ڳالهه ڪيان ڪيهي.[9]

---

(1) عاشق، (2) اندر داخل ٿي، (3) نشاني- اُهڃاڻ- سڃاڻپ، (4) ڄاڻَ، (5) جسم، (6) مُلڪ- ديس، (7) اي مُلڪ جا

ڪافي-248

عَبديَت(1) واري اوٽَ پَجِي، تون اَحديَت(2) اِظهارُ ڪر،
نانهِ(3) منجهان نِسَنگ(4) نڪري، نانگو ٿي نِروارُ ڪر.

هردم حال حقيقت جو، باوَفا بِسيارُ(5) ڪر،
باخبر بَرحال ٿي، بيخَبرُ بيدارُ(6) ڪر.

پاڻَ ۾ پنهنجو پاڻُ پچائي، پُختو ٿي پَسارُ(7) ڪر،
هيڏي هوڏي ڪِينَ نِهارِج، وُجودي واپارُ ڪر.

راتيان ڏِينهان رمز رنداني، گِيانُ(8) گُـرُون(9) گُلزارُ ڪر،
مارِ ٽُبِي دَرُونِي(10) دلبر، دائِمِي ديدارُ ڪر.

بره واري برسات وَسائي، "مُحمّد" مينگُهه مَلهارُ ڪر،
لاثاني آن لاشڪ لاحد، لاهوتِي لَلِڪارُ(11) ڪر.

---

(1) ٻانهپ، (2) وحدانيت- اڪيلائي – توحيد. (3) نَفِي، (4) ظاهر- پڌرو، (5) گهڻو، (6) سَجاڳ، (7) سَيـر، (8) روحاني علم، (9) گُروَ جو- مرشد جو، (10) اندر ۾، (11) هَڪَل- نعرو هڻ.

ڪافي-249

(سُر پيروي)

نُورَ مَئُون نِروارُ تِي، آهين نِسورو[1] نُورُ تون،
پِرتِ واري پيار سان، پارَس پِرين پُورُ[2] تون.

"رَبِّ اَرِنِيۡ"[3] راز سان، "لَنۡ تَرانِيۡ"[4] لاَمَڪانُ،
طِرزَ رک توحيد جِي، آهين تَجلِي طُورُ[5] تون.

مَڪي وارو مَڪَرَ چِڙ، مديني منجهہ مَعمُورُ[6] تون،
حيرت حُڪم جي حال سان، هَر دَمُ حَجُ حضُور تون.

وِردَ وَظيفا وارِ سڀ، ڇهڇِتي ۾ چُورُ[7] تون،
هيڪڙائي حق حقيقي، ڏئِي ڏٻائي ڏُورُ[8] تون.

مِهر مَهدِيءَ جي مُدامِي، "مُحمّد" مَعنيٰ مُوڙُ[9] تون،
مَحوِيَتَ جي مامَ سان، "مُحمّد" سَندو مَذڪُورُ[10] تون.

---

(1) سَمُورو- نِجُ، (2) خيال، (3) حضرت موسيٰ ع اللهﷻ کي عرض ڪيو تہ: "مون کي پنهنجو پاڻُ ڏيکار- اي رَبَّ"، (4) اللهﷻ فرمايو تہ "تون مون کي ڏسي نہ سَگهندين". (5) جبل طُورُ جنهن تي حضرت موسيٰ ع اللهﷻ سان همڪلام ٿيندو هو (6) آباد، (7) مدهوش- گهايَل، (8) پري، (9) مُوڙِي- سرمايو (10) جنهن جو ذڪر ڪجي.

(سُر تِلنگ)

ڪافي-250

ڪِينَ رَسائِيندِي ڪيچ ڏي، قاصداڻِي ڪارِ وي ميان،

پاڻ ٻُوليندڙ پاڻ ڪي ٻُولين، پنهنجو پاڻُ سَنيارِ وي ميان.

"وَنَحۡنُ"[1] واري واٽ وٺ تون، وهم نہ ڪر وِيچارُ وي ميان.

"وَفِيۡ اَنۡفُسَكُمۡ"[2] وچ وِچولي، گُونا گُون گُفتارَ وي ميان.

"مَن خُدايَمُ"[3] موج سان، نِينهَن جو نعرو مارِ وي ميان.

"مُحمّد" تون موجود آنۡ، وحدت کي نہ وِسارِ وي ميان.

---

(1) "وَنحَنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ" يعني "آئون توهان کي ساھ جي رڳن کان بہ ويجهو آهيان" (اَللهﷻ). (2) "وَفِيۡ اَنۡفُسَكُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ" يعني "آئون توهان جي نفس يعني جان ۾ آهيان پوءِ توهان ڏسو ڇو نٿا!" (اَللهﷻ) فرمايو آهي. (3) آئون الله آهيان.

ڪافي-251

(سُر آسا)

اصل هُئين تون ذاتِ، ڪنهن سانگي[1] ساڻ صِفاتِ تي آئين.

الف مَنجهارئون مِيم تي آئين، جوڙ ڪري جِسماتِ،[2]
ويَس وَڳا سڀ پِرتئون پائين.

بادل بنجي بَرسر آئين، تُرت ڪري تَجلاتِ،
بره جون بوندان واه واه وَسائين.

"مُحمّد" خيال هِڪو هِڪُ ڄاڻج، فنا ڪري فڪراتِ،
وحدت ڏي تون وِڪَ وَڌائين.

(1) بهاني- بهُروپ، (2) جِسمَن ۾

ڪافي-252

(سُر پيلو)

پري پاڻ ڪَيو تِي پاڻ کي جُدا، موجود منجهہ[1] آهين مَردَ مُدا.[2]

لِيئو پاڻ ۾ پائي پَس تون پيهي،[3] دلبر آهين دائم تون ديهي،[4]
"وَفِيٓ اَنْفُسَكُمْ"[5] واهيرو[6] ويهِي، خاوند خالق خاص خدا.

هر جاءِ تي آهن تُنهنجا ديرا، وَڻ وَڻ ۾ پيا وَسَنِي ويڙها،[7]
ڳَلِي ڳَلِي ۾ پائين ڦيرا، واه نازڪ تُنهنجِي نِينهَن نِدا.[8]

عام ڪئون اولو ڪري تون آئين، عالِمَ عاقِلَ پولَ پُلائين،
سڪ وارن کي صاف سِيبائين، راز جِي پهرين روحي رِدا.[9]

مامَ اِهائي سمجهن سالڪ، موج اِلاهي مُحڪم مالڪ،
"مُحمّد" پرتِ وَندا سي پالِڪَ،[10] نعرو نانهہ نهايت[11] نُورِ هُديٰ.[12]

---

(1) اندر ۾، اندر، (2) سدائين، (3) اندر ۾ گهِڙي، (4) جسم ۾، جان ۾، (5) "توهان جي نفسن يعني جان ۾ آهي" ق.ش، (6) ويهڻ جي جاءِ- آرام ڪرڻ جي جاءِ- پکين جي رات جو ويهڻ جي جاءِ، (7) پاڙا- ماڳَ مڪانَ- ڪُتنب، (8)آواز- سَڏ، (9) چادر، (10) پَليل- نپايَل، (11) حد- انتها، (12) هدايت جو نور- هدايت جي روشني.

داستان: اِسرارِ خودي (پاڻُ سڃاڻُ)

ڪافي-253

(سُر ويهاڳُ)

چوان تہ پاڻ کي چوان، نہ تہ ٻي کي ڇا چوان.

پاڻ پَنو ناهين، تيتَر پَنوڻ[1] پَنوان،[2]
رڳَ رڳَ اندر رمز سان، وينو ڌَوَڻِ[3] ڌَوان.[4]

هادي تو ڪري ڏنا، سيني ۾ سَيرَ سَنوان،
ويهين ڇو تون ويسلا، رَمجِ[5] راهَ رَوان.[6]

روزئون روز روح ۾، ڏسان رنگَ نوان،
لُطف سان لطيفي لَئُون، لاشڪ لاتِ لَنوان.

گامَ ڪٽي غازن واري، گوءِ[7] منجهہ گَنوان،[8]
هِردي[9] هَتِيڪو هادي آ، "مُحمّد" پيش پَوان.

---

(1) پَٽڪَڻ، (2) رُلان- گهمان- پٽڪان، (3) ڌُوڪٽِي- لوهارن جي ٽانڊن ڌُوڪَڻ وارِي مشين، (4) ڌُوڪيان،
(5) هَلجانءِ- هَلج، (6) جارِي- تيز، (7) راند جو چوگان- راند جو ميدان، (8) گُم ٿيان، (9) دل ۾، مَن ۾.

ڪافي-254

(سُر پيروي)

واتَ اِنهين جو وَرُ، سمجهي ڪوڪو سالِڪُ،
لاَمَقصُود[1] لاشڪ، ڪونہ رکي ڪو تَعلقُ.[2]

خامُ خودِيءَ ۾ رهندو، هر دم سو آ هالِڪُ،[3]
مَئين[4] کي ماري جيڪو، مُلڪَ ساري جو مالِڪُ.

صورت پنهنجي سَمجِهي، خُلقُ[5] رکي ٿو خالِقُ،
"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلیٰ صُوْرَةٍ"[6] پرتِ وَندو[7] آ پالِڪُ.[8]

جوڳي جوڳَ[9] ڪري، جُوءِ اُنَهِين ۾ جالِڪُ،[10]
"مُحمّد" موجَ مَستِيِ، چُستُ رهي ٿو چالِڪُ.[11]

---

(1) بنا مقصد جي- بنا لالچ جي، (2) واسطو- لاڳاپو، (3) هَلاڪ ٿيندڙ- فنا ٿيڻ وارو، (4) خُودِي- تڪبر، (5)عادت- سُٺي خصلت، (6) اللهؔ فرمائي ٿو تہ "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي"، (7)محبت وارو- پيار ڪندڙ، (8) پاليندڙ- پالڻهار، (9) رياضت- تَپسِيا، (10) جالِيندڙ- گذاريندڙ- رهندڙ،

ڪافي-255

(سُر پيروي)

جاڻُ پيو آ مون کي جاڻ[1]، صَحِي سُڃاتُم پنهنجو پاڻُ.

خَويشَ[2] قَبِيلو اوڙو پاڙو، ٻاڻ[3] لَڳل کي آهي ٻاڙو،[4]
سَرتيون ساهَہ اَندر ۾ ساڙو، وسريو ڪِينڪِي واهُ وَٽاڻُ.[5]

حاصل حال حقيقي تيَڙو، شَرم حَيا ڪُل وَهمُ وِيڙو،
پلپل پُورُ پِريمِي پيَڙو، سِڪَ سچائي ثابت ساڻُ.

روز اَزلِي رهبر رايو، عشق اَمِين اسان وٽ آيو،
"قُلْ رُوحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ"[6] مرتبو پايو، اَنَهَد[7] اَوجُ اِهو اُهڃاڻ.[8]

سُرڪِي پيتم صاف صفائي، وئي وُجودئون ٻولي ٻيائي،
راتيون ڏِينهان وحدت وائي، "مُحمّد" موج مُدامِي[9] ماڻ.[10]

---

(1) عِلمُ - سَمجهہ. (2) پنهنجا - مِٽ مائٽ. (3) تيرَ. (4) ڪارو - بي سَوادُ. (5) آستانُ. (6) "چئو تہ رُوحُ اللهٗ جوامر يعني حُڪم آهي". (7) اندروني آواز - روحاني، (8) نشاني، (9) سدائين. (10) حاصل ڪر.

ڪافي-256

اسان ساڳي سِر سلطان آهيون، پڙهي آيت "اَلاِنْسَانَ"* آهيون.

ڪڏهن صاف صفا سَمندر هُون، ڪڏهن مَڙهِي مسجد مندر هُون،
ڪڏهن بره واري اسان بَندر هُون، ڪڏهن مرد مچي مئيخان آهيون.

ڪڏهن ڪانَ[1] شجانَ قلندر هُون، ڪڏهن گورکنات[2] مَڇندر[3] هُون،
ڪڏهن دارا ڪڏهن سڪندر هُون، ڪڏهن شائق شؤق شادان آهيون.

ڪڏهن نازڪ نور نوراني هُون، ڪڏهن پاڪ پَسڻ پيشاني هُون،
ڪڏهن اعظم اعليٰ شاني هُون، ڪڏهن سُبحانَڪ سُبحان آهيون.

ڪڏهن ذات زليخا زَناني هُون، ڪڏهن يوسف مرد لاثاني هُون،
ڪڏهن مصر ڪڏهن ڪِنعاني[4] هُون، سڀ صورت جا سامان آهيون.

ڪڏهن عين علي اظهار آهيون، ڪڏهن حَسن حُسين هَسوار آهيون،
ڪڏهن اڙَين جِي آذار آهيون، ڪڏهن "مُحمّد" مير زمانَ آهيون.

---

(1) هندن جو هڪ گُرو. (2) هندن جو هڪ گُرو. (3) گورک نات جو گُرو هو. (4) حضرت يوسف عليه السلام جو لقب، چو ته پاڻ اصل ڪنعان شهر جا هئا.

* اَلاِنْسَانُ ...

ڪافي-257

(سُر پيروي)

آئون تہ ازل ڪان آهيان، نالي ذات فقيرُ.

بيشڪ بقا بادشاهي منهنجي، ناهيان ڪنهن جو وزيرُ.

فرمايم فُرقان[1] ۾، "كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ".[2]

"وَنَحْنُ اَقْرَبُ"[3] ويجهڙو "قَلْبُ الْمُؤْمِنُ كَبِيْرُ".[4]

وَفِيْ اَنْفُسَكُمْ[5] سَير سڃاڻي، تَن اندر تَحرِير.[6]

ميمُ "مُحمّد" تي ڪري آيس، عشق لڳو اَڪسِير.[7]

---

(1) قرآن شريف، (2) هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو (ق-ش)، (3) اسان جي ويجهو آهي، (4) مومن جي دل بزرگيءِ واري آهي، (5) توهان جي جان ۾، توهان جي دلين ۾، (6) لکيل، لِکَتِ، (7) اثر ڪندڙ دوا، ڪيميا، پارس.

ڪافي-258

صورتَ صَنَمُ[1] هانُ ثابت، ڪعبو مان چو نہ ڊاهيان،
اِسرار سِرُ اِلاهِي، سڀ ٿاهَ پاڻ ٿاهيان.

عرشئون لهي مان آيم، خِرقو[2] خاڪِي پايم،
ڪنهن گهُورَ ساڻ گهايم، سِڪڙِي سيني سَمايان.

مُوسيٰ آواز "اَرِنِيٓ"،[3] واهه لذت "لَنْ تَرانِيٓ"،[4]
تَجِلي آ تيز طُولانـِي،[5] جبل طُورُ جَلايان.

بِلاول گهاٽي پيڙائي، شَمس جي کَل کَلائي،
منصور کي مارائي، صوفيءَ جو سِرُ وَڍايان.

مَجنُون مست مؤلا، عبديت ويا بہ اولا،
يجي مٽيئي يولا، "مُحمّد" تي ماڳ مَلهايان.

---

(1) بُت- محبوب، (2) لباس، (3) حضرت موسيٰؑ- اللهؒ کي چيو تہ "مون کي پنهنجو پاڻ ڏيکار" (4) اللهؒ
فرمايو: "تون مون کي

ڪافي-259

صَحِي سِرُ سجاڻي، هَنسان تو هَنسان[1] تو.
هر ڪنهن هِردي،[2] وَسان تو وَسان تو.

وَفِيۡ اَنۡفُسَكُمۡ[3] سمجهه اشارو.
پنهنجو پاڻَ ۾ پاڻُ پَسان تو پَسان تو.

"اَلۡاِنۡسَانُ سِرِىۡ وَاَنَا سِرَّهٗ"[4]
لوهي ساڻ پارس، گَسان تو گَسان تو.

"اَلۡفَقۡرُ فَخۡرِىۡ وَالۡفَقۡرُ مِنِّىۡ"[5]
ڏاءُ[6] اِهوئي، ڏَسيان تو ڏَسيان تو.

"مُحمّد"مؤلا. مظهر ذاتي،
رنگ راز رَهبَر. رَسان تو رَسان تو.

---

(1) ڪلان- خوش ٿيان. (2) قلب- دل. (3) "توهان جي جان ۾ - دل ۾ آهيان". (4) "انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون ان جو راز آهيان"- (فرمان اِلاهي). (5) "فقيري منهنجو فخر آهي ۽ فقيري مون مَنجهان آهي"-(حديث شريف). (6)اَٽڪل.

ڪافي-260

(سُر ڌَناسرِي)

لَا مَذهب لَا تہ لَقَاءُ[1] آهيان، بي رنگ بَحر بَقاءُ آهيان.

"ڪُنْ"[2] چوڻ سان ڪُل جوڙيندڙ، لَحدُ[3] لَرَضُ[4] سَماءُ[5] آهيان

بازيگَـر تي بازِي پَتريَم، بَشرِي بيکُ بَناءُ آهيان.

هر صورت ۾ سَيـرُ سَمائُيم، راهَبَر راهَنُماءُ آهيان.

قُلزم ڪِينَ ڪنارو ناهين، درياهَن دَباءُ آهيان.

مؤج "مُحمّدؐ" هر مظهر ۾، تِکَ[6] ڏيکائيندڙ تاءُ[7] آهيان.

---

(1) صورت- چهرو - ديدار، (2) "تي پَئہ" اللهؐ ڪائنات خلقڻ لاءِ فرمايو هو. (3) اڪيلو، (4) زمين،
(5)آسمان، (6)تيزي، (7) گرمي- ساڙو.

ڪافي-261

(سُر تورِڙي)

ڪڏهن اؤج رکون امير آهيون، ڪڏهن فاقي[1] فڪر فقير آهيون.

ڪڏهن صاف صفا سالِڪَ سِرَ، ڪڏهن مؤج محويت لِڪَ ماهِرَ،
ڪڏهن پِرتِ وَندا پالِڪَ[2] پِرَ،[3] ڪڏهن ديوانا دلگِير آهيون.

ڪڏهن لا دعويٰ تي دعويٰ رکون، ڪڏهن چاش پريمِي چاڪَ[4] چَکُون،
ڪڏهن بَر ۾ بيراڳِي بَکون،[5] ڪڏهن محلاتين مَهمِير[6] آهيون.

ڪڏهن طالبَ تقويٰ[7] طَؤر[8] ۾، ڪڏهن دم دَرُونِي[9] دؤر[10] ۾،
ڪڏهن شاهه حُسن جي شور ۾، ڪڏهن قيدي زُلفَ[11] زنجِير آهيون.

ڪڏهن پابنديءَ ۾ پُورا رهون، ڪڏهن اَمرَ[12] نَهِي[13] ڪٿون آزاد رهون،
ڪڏهن شاد[14] رهون ناشاد[15] رهون، ڪڏهن "مُحمّد" بَغَل گِيرَ[16] آهيون.

---

(1) ڪوويلو بک تي رهڻ، (2) پاليل، (3) پرينءَ- محبوب، (4) چيرَ- زخم، (5) ٻرون، جَلون، (6) بهادر.
(7) پرهيزگاري، (8) نموني، (9) اندروني، خَفِي، (10) ذِڪر، (11) محبوب جا وارَ، (12) الله جو حڪم ٿيل ڪَمَ، (13) شريعت ۾ روڪيل يا منع ٿيل ڪَمَ، (14) خوش، (15) غمگين- ڏُکويل، (16) ڀاڪُر پاتل.

ڪافي-262

هِي هُو ماڳ اسان جو آ، اسان لاشڪ هُون لاثانِي.

عرش فرش تي سَيرُ ڪريون، واه پِرتِ وَندا تي پيبر پَريون،
وحـــدت آ ويــراڳ اسان، بالا بيشڪ هُون بارانِي.[1]

نازڪ ناتي نِينهَن نَڇون، ڪنهن کي لَکَڻَ ۾ ڪِينَ اَچون،
"لَمۡ يَزَلِيۡ"[2] آ لاڳ[3] اسان، اعليٰ عشق ڪئي آسانِي،

"سُبحَانِيۡ مَا اَعظَمُ شانِيۡ"[4] رمز رَبُوبِي 'اَلِانۡسَانِيۡ'،
سُرتِ سچائي سُهاڳ اسان، صفا صوفي صاف سُلطانِي،

اَحَد منجهارئون اَحۡمَد هُون، بِي مِيمَ سان شامِل "مُحمّد" هُون،
بيخودي آ ياڳُ اسان، نُورِي نيڪ نظر نُورانِـي.

---

(1) برسات وانگر وَسندڙ، (2) لازوال- هميشه رهندڙ، (3) انعام - بخشش، (4) آئون پاڪ آهيان منهنجو وڏو شان آهي" (حضرت بايزيد بُسطامِيءَ جو نعرو).

ڪافي-263

(سُر پُوريا)

ڪير صحي ڪري سَيرَ اِنهيءَ ڪي، بيحد بي پاياںُ.[1]

ڪاٿي حق حقيقت مالڪ، ڪاٿي غَيرَ غَلطانُ.[2]

ڪاٿي دين ايمان رکان ٿو، ڪاٿي بي ايمانُ.

ڪاٿي صافي صُلح ڪيان ٿو، ڪاٿي شَرُّ شيطانُ.

ڪاٿي شڪ گُمانَ ۾ گُم ٿيان، ڪاٿي بي گُمانُ.

ڪاٿي ظاهر ظهورو ذاتي، ڪاٿي غَيبَ غرقانُ.[3]

سَهسين رنگ ۽ رُوپَ رکان ٿو، ڪاٿي بيرَنگ بيانُ.

اَڻ لَکُ آهيان اصل عدم ڪئون، "مُحمّد" نا اِمڪانُ.

---

(1) جنهن جي انتها نہ هجي، (2) چڪر ۾ ڦاٿل، (3) غرق ٿيل- ٻڏل

(سُر کسوري)

ڪافي-264

اسان دانهَ[1] دُرسَ[2] دلير آهيون، شوق اِنهيءَ ۾ شير آهيون.

حق حقيقي حاصل هردم، غافل غفلت غيرَ آهيون.

منجهه وجودي وينا ٻاريون، بيحد بالا[3] پيرَ[4] آهيون.

ڪيچ پنيور ڪَلو[5] آ ڪَيَ ۾، ڪيچ وٽن ڏي ڪير آهيون.

ساعت هڪ ۾ سڀ ڇنيُون سي، ڦَند، فڪر، ڦير، ڦاهِيُون.

خطرا خامَ ڪياسي خارج، ڍَندَ مٽريئي ڍيرَ ڍاهِيُون.[6]

صاف صفائي سيني اندر، سِڪَ جا سَگِڙا سَيرَ ساهِيُون.[7]

"مُحمّد" مظهر سارو سمجهو، وافِر[8] وَڏَ تيا وير[9] واهِيُون.[10]

---

(1) هوشيار، (2) سچ پچ، (3) مٿاهون- اعليٰ، (4) نُورُ-پَرتوو- چمڪاٽ، (5) ننڍڙو ٻچو- سچو
(6)مِٽايون- ختم ڪيون، (7) برداشت ڪيون- تياري ڪيون، (8) گهڻا، (9) ويري- پاٽيءَ جي
(10)پاٽيءَ جِي ڪَسِي يا شاخ.

كافي-265

(سُر بَنسُ)

پَنڌر چَڙهِي مان پاڻُ پَسايان، راز ڳُجهي کي کوليان ٿو.

هَرجا آهيان حق حقيقي، ٻيو نہ ڪُجهہ مان ٻوليان ٿو.

"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلٰی صُوْرَتِهٖ"[1] پاڻ کي پاڻ مان ڳوليان ٿو.

ڪَستَئون[2] ڪاهَ ڪري ڪاهيان، چاڻَ اِنهيءَ ۾ چوليان[3] ٿو.

خطرا خيال خرابي خارج، راهَ رِندِيءَ ۾ روليان ٿو.

"مُحمّد" آهيان ٻيو نہ تہ چاهِيان، چوهَ[4] وڏي سان ڇوليان[5] ٿو.

---

(1) اللهؔ فرمائي ٿو تہ: مون انسان کي پنهنجي صورت تي خلقيو آهي". (2) جوش سان -- ارادي سان، (3)ڳوليان، (4) تيزي- تِکَ، (5) ڇوليون هڻان- مؤج ڪريان.

(سُر جوڳ)

ڪافي-266

آهيان تہ پاڻ آهيان، نہ تہ ٻيو وري مان ڇاھِيان.

حقيقت جي حال سان، ڏَنگَ ڏُئِيءَ[1] جا ڏاهيان.

ڪيچُ ڀَنڀورُ ڪُل ئِي ڪَچَ ۾، ڪاڏي وري تو ڪاهيان.

صورت وارو سانگَ بنائي، چاهَ منجهارئون چاهيان.

خطرا خام خرابي خارج، ڳاهَ[2] ٻِره ڏِي ڳاهِيان.[3]

لاَشَريڪُ لاَثانِي لاَشَڪُ، ثاہَ نہ ٻيو ڪو ثاهيان.

"مُحمّد" پنهنجي مَوجَ ۾، لاڳاپا سڀ لاهيان.

---

(1) ٻيائيءَ، (2) سَنگَن مان اَن ڪڍڻ لاءِ لتاڙڻ، (3) لَتڙڪريان-هَلَرِ ڪاهيان. [ڳاهَ ڳاهڻ=ڪشالا ڪرڻ، سختي سَهڻ].

ڪافي-267

(سُر تِلنگ)

پاڙن پَٽيو آهي پاڻَ، پاڙان ٻين جون پَٽَڻ نہ اَهِنجون.[1]

اَڙِيَل ڪنهن ۾ ڪِينَ ڪِي آهي، ڪنهن جي ڪِي ورِي ڪاڻ،
گهيڙَ گهَٽيون سڀ گهُمڻ ٿيون سَهِنجون.[2]

پاڻ ۾ پيهِي[3] پاڻ ڪري ٿو، رِندِي روح رِهاڻِ،
ڪِينَ ڪري ٻيون ڳالهيون ڪنهن جُون.

صَحِي صورت صاف سڃاڻي، "مُحمّد" ڪري ٿو ماڻ.[4]
رِٿان ڪَتان رکي پارَس پَنهنجُون.

---

(1) ڏکيون. (2) سؤليون- آسان. (3) گهڙي-داخل ٿي. (4) ماڻو- ناز.

(سُر تِلنگ)

ڪافي-268

يار ميڏا سُنو وي سَيان، رَکندا شوق شَهانا.

ڪَڏهان محفل خُوب ڪَريندا، ڪَڏهان يار يگانا.

ڪڏهان سَڏِ ڪول[1] ٻلهيندا،[2] ڪڏهان بيڪ[3] بيگانا.

ڪڏهن مسجد واعظ ڪَريندا، ڪڏهان وڃ مئيخانا

ڪڏهان گَدائِي گُذرُ ڪَريندا، ڪڏهان شاه سُلطانا.

ڪڏهان سالِڪَ سُلوڪَ[4] ڪَريندا، ڪڏهان "مُحمّد" مستانا.

---

(1) پاڻ وٽ- پَرِ ۾. (2) ويهاري ٿو. (3) نمونو (4) سٺو رويو.

(سُر پيرُوي)

ڪافي-269

چورِي چورِي چال چَلان تو، رمز رِندِي رَسماتِ،[1]
اِسم اِلاهِي عين اندر، جوڙ ڪري جِسماتِ.[2]

شاهنشاهِي شوق لڳو آ، شوز شَرَفُ[3] شَفقاتِ،[4]
مِيمَ الف جي مامَ ملائي، مَظهر[5] موجوداتِ.[6]

هِڪو آهيان هِڪو هُوندس، فَرق ڪَڍي فُرقاتِ،[7]
باطِنُ مئونُ ٿي ظاهر آيس، هِڪا ذاتِ صِفاتِ.

عبديت جو اولو[8] رکي، دُور ڪَيَم دَرجاتِ،[9]
بَقا منجهان ٿي فَنا بَقا، بَحر بالا بَرڪاتِ.[10]

مِيمُ "مُحمّدُ" مالڪ مؤلا، مَحويَت مَسلاتِ،[11]
معنويءَ جي موج سان، منجهه آهيان مَحلاتِ.[12]

---

(1) رَسمُون – طريقا. (2) جِسمَ. (3) بزرگِي- خوبي. (4) مهرباني- رحم. پيار. (5) نظارو-ظاهر ٿيڻ. (6)مخلوق، ڪل ڪائنات- عالم، موجود جو جَمعُ. (7) جدائي- علحدگِي. (8) پردو. (9) رُتبو- ڪيفيت- حالت. (10) برڪت جو جَمعُ- گهٽائِي. (11) مسئلي جو جَمعُ. (12) مَحل جو جَمعُ --ماڙيون

ڪافي-270

(سُر پيروي)

اَللّٰه اِسمُ ڪَنيمُ قَسَمُ، رِنڊِي رَسَمُ آ راهُ منهنجو،
لـوحُ قَلـمُ عَيـنُ عـلـم، صَلِّ وَسَلِّمُ آ سـاهُ مـنـهنجو.

ذاتي ذڪر فَهم فڪر، دم گُذر آ گاهُ[1] منهنجو،
اعليٰ اَثر نامُ نَصُرُ،[2] ٿامُ[3] ٽِڪَر آ ٿاهُ منهنجو

بِينُ[4] بَصرتَ[5] ڪم ڪَثرت، وِيـرَ وَحدت آ واهُ منهنجو،
عَينُ عبرت حال حيرت، ڪَرمُ قدرت آ ڪاه منهنجو.

تُرتُ تاسَ[6] عجزُ[7] آسَ،[8] پَرمُ[9] پياسَ[10] آ پاهُ[11] منهنجو،
گُرسان گاسَ[12] رمزراسَ،[13] چُست چاسَ[14] آ چاهُ[15] منهنجو

عشق اَمِينُ، مَهَ جَبِينُ،[16] شوق شَهِينُ[17] آ شاهُ منهنجو،
پارسُ پيرُ سچو سِيـرُ،[18] "مُحمّد" مِيـرُ آ ماهُ[19] منهنجو.

---

(1) جاءِ- ٺڪاڻو، (2) مدد – يارِي، (3) ٺڪاڻو- جاءِ، (4) ڏِسڻ، (5) بِينائِي، (6) اَجَ- اُڪِيرَ- سِڪَ، (7)نوڙت، (8)اميد- خواهش، (9) اعليٰ- بيحد، (10) اَجَ- سِڪَ، (11) سِڪَ- محبت- ماندو ٿيڻ، (12)گَسَڻُ- آهستي دل وَڻڻ، مِلڻ، (13) پوري- مڪمل، (14) چاش- گهاٽِي مِٺي رَسُ، (15) شوق (16)چنڊ جهڙي سُهڻي يا سُهڻو، (17)شاهين...

ڪافي-271

عَينُ[1] عَزمُ،[2] فَيضُ فِلمُ، گُم ۾ گُم، آ گامَ[3] مُنهنجي،
پولُ پِرمُ،[4] مُلڪ عدم، هر شيءِ هَضمُ، آ هامَ[5] مُنهنجي.

آهيان اَصُل ناهيان نقل، لِنوَ[6] لڳل، آ لامَ[7] منهنجي،
پاڪ پِرتِ نيڪ نِرتِ،[8] صاف سُرتِ،[9] آ سامَ[10] منهنجي.

گُوناگوَن،[11] آنَ مَفتُون،[12] ڪُنْ فَيَڪُوْنُ[13] آ ڪامَ[14] منهنجي،
زَنگ[15] زهر، ڪَيفَ[16] قَهر، ماڳَ مِهر، آ مامَ منهنجي.

وِچ وَسڻُ، رنگ رَچڻُ، جهورِي[17] جهجَڻ[18] آ جهامَ[19] منهنجي،
شَهر بَحر، صاف صَدر،[20] دل اَندر، آ دامَ منهنجي

بي مِثالِي هان مِثالِي، جَنگ جَلالِي، آ جامَ[21] منهنجي،
خيالَ پُوري، سِڪَ سوري، منجهه ڪُوري،[22] آ ڪامَ[23] منهنجي.

درد اَلمُ،[24] رک دَم دَم، ٿاهُ ٿم ٿم،[25] آ ٿامَ[26] منهنجي،
"مُحمّد" مَئي،[27] هُو هَئي هَئي، شورُ هَر شئي، آ شامَ منهنجي.

---

(1) هُوبَهُو، اصلي ساڳيو، (2) ارادو، (3) قدم - منزل، (4) شڪ- وهم، (5) دعويٰ ڪرڻ، (6) پيار، (7) آسرو- پناه، (8) نظر، (9) هوشياري، (10) پَناهَ، (11) قِسمين قِسمين، (12) ديوانو، (13) اَللّٰهﷻ فرمايو: "ٿي پئُه- تہ ٿي پئِي (ڪائنات پيدا)" (14) خواهش، (15) ڪَٽُ، (16) نشو-سُرورُ، (17) ڳِٽتي، (18) اندر ۾ ڳرڻ، (19) جَهت، اُلر، حملو، (20) سِينو، (21) گهٽِي، (22) بَٺِي، وڏي باه جو مَچ، (23) سَڙڻ، (24) ڏک، (25) آهستي آهستي سنڀال، (26) ٽڪاڻو - جاءِ، (27) شراب.

(سُر تِلنگ)

ڪافي-272

هستي هامَ[1] ڪري هَضمُ، مَستيِ مامَ[2] آ مَرمُ[3] منهنجو.

عشق جي محفل مُدامي، سجدي جي وئي سَلامي،
غمن سندي غلامي، دين دامُ آ دَرمُ منهنجو.

ڪعبي ڏي ڪيئن مان ڪاهيان، لوڪَ لاڳاپا سڀ لاهيان،
نينهن ڪان نابر[4] نيهي[5] ناهيان، هَردو[6] هڳام[7] آ حَرمُ[8] منهنجو.

ذوق سان هلي ذڪر ذاتي، چوهَ مئون ڇلڪي سارِي چاتي،
جهاتِ ۾ پائي وينُس جهاتي، چانَ چام آ جَرمُ[9] منهنجو.

صورت صَحيءَ جو سَيرُ آ، ويس رهيو نا غَيـر آ.
نورو پرينءَ جو پير آ، شان شام آ شَرمُ منهنجو.

بوڙي ڇڏيس بيائي، هَرجا آهي هيڪڙائي،
بيحد بي زيائي، قرب عام آ ڪَرمُ منهنجو.

وِڪَ وحدت ڏي وڌايان، پير نہ پوئتي هٽايان،
نِسَنگ[10] ناتو نيايان، گهرو گامُ[11] آ گَرمُ منهنجو.

"مُحمّد" مُغان محبوب اڳيان، توهَ[12] هادي جي توڙئون تڳيان،[13]
لڙهہ[14] لاثاني لاشڪ لڳيان، نياز نامُ[15] آ نرمُ منهنجو.

---

(1) دعويٰ ڪرڻ. (2) راز. (3) لَڄ- حَيا- لحاظ. (4) انڪارِي- انڪار ڪندڙ. (5) سچو عاشق. (6) بنهي (7) جهانن. (8) گَهر- چار ديواري. (9) ڄمار- حياتي. (10) پڌرو-ظاهر. (11) قدمُ. (12) ٻاجهہ- سهارو. آسرو. (13) تڳان- جيئان. (14) سهارو...

ڪافي-273

(سُر جوڳُ)

مارِ زُغا[1] شاهِي دا، بيحد بيپرواهِي دا.

هيٺ متي هڪ هِڪوئِي، هَرجا حُسن ماهِي دا.

اَول آخر ظاهر باطِن، شور شاهَنشاهِي دا.

حاصل حال حقيقت هويا، غَمڙا ڳِيا گمراهِي دا.

لاَخَوفٌ[2] دا خِرقا[3] پايم، قائم ڪَج ڪُلاهِي[4] دا.

"مُحمّد" نام ڏر ايم[5] ڏُردا،[6] رمز رَباني راهِي[7] دا.

---

(1) زُگو- دعويٰ-هامَ. (2) "اُنهن کي ڪوبہ خوف ڪونهي" [اَلا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ =انهن کي ڪوبہ خوف ۽ ڏک ڪونهي، ق-ش] (3) درويشي پوشاڪَ. خِلعتَ. (4) ٽيڏِي ٽوپي پائڻ، ايران جي بادشاهن جو لقب. (5) رکرائيم. (6) اَصُل کان. (7) راه ويندڙ- اُن رستي تي هَلندڙ.

ڪافي-274

(سُر تِلنگ)

نِينهَن ڪيو نِيشانُ،[1] نِسَنگ[2] تيس مان نانُوَ[3] اِنهيءَ ۾.

بيرنگ باطن باتِ نہ ڪائِي، ظاهر ڪولي زبان،
ٿَهرِيُسِ[4] اچي ٿانُوَ اِنهيءَ ۾.

ڪُنْ[5] چوڻ سان قُلزم[6] سارو، جوڙي زمين آسمان،
چوهَٽُون[7] چِڳيرو[8] ڇانُوَ اِنهيءَ ۾.

"وَفِيْ اَنْفُسَڪُمْ"[9] وچ وچولي، اَلاَيَم[10] انسان،
رَهت ڪَيَرَم رانُوَ[11] اِنهيءَ ۾.

ڏُرَئُون[12] آهيان دارَينَ[13] ۾، "مُحمّد" مهربان،
گَڏيُسِ اچي گانُوَ[14] اِنهيءَ ۾.

---

(1) نشانو- هَدفُ. (2) پڌرو. (3) نالي. (4) ٽِڪِي بِيٺُس- سمائجي ويس. (5) "ٿي پَئُہ "-تخليق ڪائنات لاءِ رب پاڪ فرمايو هو. (6) وڏو بحر. (7) تيزيءَ سان. (8) سردار- جنهن جي پَڳَ ۾ موڙ ٻڌل هجي- وڏو ٻڳدار. (9) "آئون توهان جي نفسن ۾ آهيان"- (رب پاڪ فرمائي ٿو). (10) چيمُ- چوايُم. (11) سينگارَ- خوشيءَ (12) شروع کان- اصل کان. (13) ٻنهي جَهانَن. (14) ڳوٺ- رهائش واري جاءِ.

ڪافي-275

صاف سيني ۾ سَمائِم سارو، تَن مَن تارَ وَڃايان ٿو.

روز ازل ڪئُون سُڃاتُم سارو، نِسنگ هَنيو تَم نينهن جو نعرو،
هلان چلان پيو اُلَٿ اوپارو، پول نہ ٻيو ڪو پانيان ٿو.

راز ڳُجهي ڪي سمجهن سالِڪَ، علم عمل جا ناهِن تَعلقَ،[1]
مانجِهي مُلڪ ساري جا مالِڪَ، صَحِي سَچُ ٻُڌايان ٿو.

گوءِ ميدان ۾ ڪٽندا غازي، ڪِينَ پُڄَن تا پاڪُ نمازي،
مُلان توڙي سَوين قاضي، قُربئُون قدم وَڌايان ٿو.

سِرُ[2] ڏيئي مان سِرُ[3] وَرتو آ، رهبر وارو رنگ رَتو آ،
پيو پِـرَ[4] جو پاڙهي پَتو[5] آ، "مُحمّد" ماڳ ملهايان ٿو.

(1) واسطا، (2) جان، (3) راز – ڳُجهہ، (4) پِرين- محبوب، (5) ڏَس- خبر.

ڪافي-276

عدم ڪئون اثبات، ذات ظهُورو ظاهر ڪَيڙم.

آدم نانءُ رکي هِت آيم، چولي اندر پاڻ ڇپايم.
عشق سندو اَوقاتُ،[1] پاڻهين پاڻ اچي جي پِيڙُم.

بره جي بانگ صَلواةَ سُڻايان، بيرنگ بازي بيکَ بڻايان،
ترڪ ڪري طاعات،[2] جوئي هُيڙُم سوئي ٿيڙُم.

علم لدني معنيٰ ماهر، حال حقيقي باطِن ظاهر،
قرب قديمي ڪَلماتِ، باب بيخود بيشڪ پَڙهيُم.

ذات صفات ۾ آهيان رَل مل،[3] "لَوْلاَكَ لَمَا" سر تاج تَجَمَلُ،[4]
توحيدي تَجلات،[5] اِسم "مُحمّد" مَن سان مَڙهيُم.

---

(1) وقت جو جمع- پُور- خيال، (2) فرمان برداريون، (3) مِليل، (4) زيبائش- آرائش، سينگار (5) تجليون
روشنيون.

ڪافي-277

ڪاڻِ تہ هُيڙَم ڪاڻ، پر ڪِينَ ڪنهن جي ڪاڻِ اَٿم،
"وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ"[1] ويجهڙو، تُنهِنجو توئِي ساڻُ اَٿم.

وَجِ "وَفِيۡ اَنۡفُسَكُمۡ"[2]، جاڻُ اِهو خود جاڻَ اَٿم،
"خَلَقَ الۡاٰدَمَ عَلٰى صُوۡرَتِهٖ"[3]، پاڻَ ۾ پنهنجو پاڻُ اَٿم.

"اَلۡعِشۡقُ نَارٌ يُحَرِّقُ"[4]، واه واه اِهو وَتاُن اَٿم،
"فَاذۡكُرُوۡنِيۡ اَذۡكُرۡكُمۡ"[5]، ناتو نيبهَہ نواڻِ اَٿم.

"رَبِّ اَرِنِيۡ"[6] "لَنۡ تَرَانِيۡ"[7]، اَحديَت اَهِمياڻِ[8] اَٿم،
"خَلَقَ الۡاَشۡيَآءَ وَهُوَ عَيۡنُهَا"[9]، رِندن اِها رِهاڻِ اَٿم.

"اَنَا اَحمَّد بِلامِيمِیۡ"[10]، باروچاڻو باڻُ* اَٿم،
"اَنَا نُورُ الله، كُلِّ مِنۡ نُورِیۡ"[11]، "مُحمّد" اِهو ماڻُ اَٿم.

---

(1) "اسان جي ويجهو آهي". (2) "توهان جي جانينءَ ۾ آهي". (3) مون آدم کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (اللهؔ). (4) "عشق ساڙيندڙ باه آهي". (5) "توهان مون کي ياد ڪريو تہ مان توهان کي ياد ڪريان" (اللهؔ). (6) "اي منهنجا رب! تون مون کي پنهنجو پاڻُ ڏيکار" (حضرت موسيٰ چيو). (7) "تون مون کي نہ ڏسي سگهندين" (رَبَّ پاڪ جواب ڏنو). (8) اَهمِيتَ-خاصِيتَ-خصُوصيت. (9) "اُن اعتباري ڪثرت (شيءِ) جو وجود. حقيقي وحدت مان آهي". (10) "آئون احمد آهيان بنا مِيم جي" يعني "احد" معنيٰ اڪيلو يا الله (حديث). (11) آئون الله جي نُور مان آهيان ۽ باقي سڀ منهنجي نور مان آهن" (حديث ش). (12) نازَ- ماڻو.

* باڻُ=تيز.

نوٽ: نَواڻِ = نئين حالت ۾ . جِدت سان.

ڪافي-278

(سُر پهاڙي)

عرش تئون فرش تي فائِقُ،[1] تِڪيرِي طلب ڪنهن تايُس،[2]
هُتئون هِتڙي هلي هڪدم، اُڏامي عشق ۾ آيُس.

چارئي قِبلا وٺي وَهلو،[3] پنهنجي مان پاڻ کي پَترِيم،[4]
گُذر ٿيو گِل[5] اندر منهنجو، چوڏهن طَبقن ۾ نا مايُس،[6]

ڪَنيم سامان سُورن جو، سَنيائي[7] سُرت[8] سان سارو،
ٿِيُس گهر گهر سَندو گهورو، غمن جي گهُورَ ۾ گهايُس.

وساري ديس مان پنهنجو، وَتان ٿو راز ۾ رِيذَلُ،
موٺي تنهن ماڳ تي مقرر، اصل جنهن چاڻَ ۾ چايُس.

جدائي دم نٿو چاٽان، پنهنجي مان پاڻَ ڪئون پلپل،
"مُحمّد" موجود ٿي ماهِر، رهبر جي رمز رَلايُس.[9]

---

(1) اعليٰ- معزز- مٿاهون، (2) تپايُس- گرمايُس- جوش ڏياريو، (3) تڪڙو، (4) وِڇايم - پکيڙيُم، (5)مٽي خاڪ، (6) ماپِيس- سَمايُم، (7) تيار ڪري- سَنبرائي، (8) هوشياري، (9) مِلايُس.

داستان: سيني منجھ سُروپ- ديھيءَ ۾ درشن

ڪافي-279

(سُر تِلنگُ)

ڪوھُ ٿو اُڏارين ڪانگَ، سانگَ[1] سَٽي ڪر سفر سيني ۾.

من جي منبر تي چڙھي ميان، بره جي ڏي تون بانگَ،
پنھنجي اعليٰ اندر آئيني ۾.

تسبيح طلسم واري تڪڙي، ڏيھ ڪي ڏيڪارين ڏانگَ،[2]
بينا[3] بَصرت[4] ناحق نابيني ۾.

جيڪا ڏَنارئون ڏار چَري ٿِي، سا چِڏي ڏي چانگَ،[5]
چُڙيَل سدا آھي چِيني[6] ۾،

محبت جي ميدان ۾ ”مُحمّد“، لُنگَ ڪدي بيھ لانگَ،
رھبر واري رَنگَ رَنگيني ۾.

---

(1) ڍونگ، بَھانو- بھروپ، (2) ڊگھي لٺ جيڪا ملان ڪڻندا آھن، (3) ڏِسَندڙ-عقلمند، (4) بصيرت- دانائي، (5) ٽپ ڏيڻ- مَستيءَ ۾ ڪُڏڻ، (6) ڇيھي ۾ - نقصان ۾ - جدائيءَ ۾.

ڪافي-280

(سُر تِلنگ)

ڇاتِيءَ ۾ جن تيو چمڪار، وري وَرڻ ڪٿون وِيَر ويا سي*.

لهر عشق ۾ جيڪي آيا، ظاهر خيال خوديءَ جا ڪپايا،
بيخوديءَ جو پِيَڙُن بار، مؤج مَحويت مست ڪيا سي.

گم ٿي غوطا مارِن غَواصِي،[1] خوب خبر آڻن تا خاصي،
بحر عميق[2] جو اورُ نہ پارُ، اُونهي ۾ اَٿموتَ پيا سي.

جهڙي تهڙي دي جاءِ نہ اُتَهِين، سِرَ سَٽيل ساجاه ٿِي اُتهِين،
عاشق ازلي اقرار، پاڙيندا جي پاڻَ ڇَيا سي.

"مُحمّد" مُحڪَم مِيرِ مُغان، قائم قادر قرب يَري[3] سان،
هادي ڳل ۾ پائي هار، رمز اِنهيءَ ۾ راضي رهيا سي.

---

(1) ٽُٻي هڻندڙ- ٽوبا، (2) گَهِرو –اُونهو، (3) قرب سان پريل- قُربدار

* سي = اُهي.

ڪافي-281

(سُر ڀيروي)

سالڪَ سمجهڻ لُطف لاريبُ،[1] لاشَڪ لَدُني[2] لِسَانُ الْغَيْبُ.[3]

سُرت رکي سَنيالِ تون ساجَنُ، ويجهو وَسَئِي تو وصال وَنَحُنُ،[4]
پاڪ ڪلام اِلاهِي اَحسَنُ، بي بَها ٽيو بيان بي عَيبُ.

ٻاهر وئڙا ڇوٿو ٻاڏائين، واجَهہ وِجهي[5] منجهہ ڇو نہ واجهائين،
سارو سَير سيني تون سَمائين، جاچي ڏِسُ تون جانِبَ جيبُ.[6]

مار اَنَا الْحَقُّ جو تون نعرو، ڪافر ڪارو ڪيهو[7] مونجهارو،
ظاهر وارو ڇڏ تون چارو، ضايع ڪر تون زينت زيبُ.

موجود "مُحمّد" مظهر مولا، پؤ مڙيئي پيچ تون پولا،
اولا ناهِن سپ ٿِي سولا، رهبر وارو وٺ تون رِڪيبُ.[8]

---

(1) بنا شڪ جي، (2) خدا داد، الله جي طرفان ڏنل، (3) ڳُجَهہ جي ٻولي، (4) اسان جي (اصل ۾ وَنَحْنُ اَقْرَبُ= اسان جي قريب آهيون)، (5) واجَهہ وِجهڻ= حيلو ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، (6) کيسو – اصطلاحًا قلب، دل، (7) ڪهڙو، (8) سواريءَ تي چڙهڻ لاءِ لوه جو ٿهيل پير رکڻ لاءِ اوزار- اصطلاحًا- سهارو.

ڪافي-282

(سُر پيروي)

وَجد[1] واجب تي وُجودِي، وِرهَ جون واٽان وَساءِ.
ويهه نه وِچ تي ويسلا، وِڪَ وِير وَحدت ڏي وَڌاءِ.

وصل جي ويچار ۾، واندو ويهڻ وڏي وِيڪَ[2] آ.
واجهَ وِجهُ[3] واقف وري، وَنَحنُ وِتي نا وارُ آ.

وَنَفَخْتُ[4] واحد روح رَبُّ، والي ولايت وَر وَراءِ.
ويجهو وَظيفَن وِردَ جي، وافِر[5] ويهي تون نا وڃاءِ.

وِسواسَ ويسَر ۽ وَهم، "مُحمّد" واري واه وَڃاءِ.
ويساهَ ڪي ويتر وِٺڻ، ووُڙي لَهڻ مَنجهه پاڻ آءِ.

---

(1) عاشق ٿيڻ، بي خود ٿيڻ، (2) عيب، خامي، (3) جِيلا ڪر، ڪوشش ڪر، (4) ۽ پنهنجو روح ڦوڪيو،
(5) گهڻو زياده.

ڪافي-283

(سُر پيرُو)

واهُ گُرو جِي واهُ گُرو جِي، سَيُر سَرِيَر ۾ سِرِي رامُ.

سَتِ گُر سامِي سَنت اوتارا- سَت جڳ وَسِدا سَتِي[1] نامُ.

جهاتِي پائي پاپ مِٽائي، ڪِرپا[2] ساڻ ڪوٽي ڪُل ڪامُ.

تَپسيا[3] تِيرٿ[4] بَندرابَن ڏي، ڪِين ڪٿون تا گنگا گامُ.

ڪعبو قُدسِي دُرسُ دُئارو[5] دل اندر تِي دائم دامُ.

"مُحمّد" ڪي معراج مُدامِي، عشق ٻَڌايو آ اِحرامُ.[6]

---

(1) سچو-پاڪ، (2) رحم، مهرباني، (3) عبادت، (4) زيارت جي جاءِ، (5) آستان، سِڪن جي عبادتگاهه، (6) حج يا عمري ڪرڻ وقت سفيد ڪپڙو چادر طور پائبو آهي.

ڪافي-284

(سُر توڙي)

ويڙهي يار آيو، تصديق تي،
وَئيڙي[1] وهم وجودي ڏانهن وِيڪَ[2] تي.

يار جڏهن ظَهُورُ ڪيو، بره سدا پَرپُور ڪيو،
نَڪو حد حساب حضور ڪيو، لاشڪ لاحد وارِي لِيڪَ تي.

پيو پاڻ ۾ پِـرَ[3] جو پَتو، مَچ محبتَ واهُ جو مَتو،
رُخ رازُ رَبُوبِي رنگ رَتو، اچي وِيَر وحدت وڏيڪ تي.

موهُ[4] مِلّتِ[5] مقصُودَ[6] مڙيئي، نہ ٿيا ثابت سارا سُودَ[7] مڙيئي،
نينهَن نَفِي ڪيا نابُود مڙيئي، زياده زورُ زَبر زِندِيق[8] تي.

آيو اَحمد عليءَ جو ويسُ ڪري، هِردي حَسَن حُسينِي لبيسُ[9] ڪري،
”مُحمّد“ قادر ڪُهنُو[10] ڪيسُ[11] ڪري، رُڳي طلب توحيدِي تَحريڪَ[12] تي.

---

(1) وائڙي، (2) عيب- خامي، (3) پرِين- محبوب. (4) لالچ- چاهُ. (5) مذهب- ميلاپ. (6) مقصد- خواهشون. (7) نفعو- وياج. (8) بي دين- مُشرڪ. (9) لباس- پوشاڪ- ظاهري ڏيک. (10) پراڻو. (11) وارن کي رنگ ڪرڻ (اصطلاحاً

ڪافي-285

(سُر درگاهو)

تَنَ کي طَنبُورُ[1] ڪر تون، تاران رَڳون ٻڌائج،
مَنَ کي ملائي تَن سان، غازي غَزا[2] گَسائج*.

بس ناهين هن بات کي، قرب تونْ ڪَمائج،
لائق لطيف لَهرو،[3] ويهي وَحدۃ وَڄائج

گُم ٿي وڃ تون غَيبَ ۾، ناحق تون نا نِهارِج،
پنهنجو اٿئي پاڻ ۾، سيني اندر سَمائج.

خوف خرابيءَ ڪئون لنگهي، تون وِره کي وَسائج،
بانڪا[4] بحال ڪر تون، مؤج کي مَچائج.

يادگيري يار جي، هڪ دم نہ وِسارِج،
"مُحمّد" پِير مُغان سان، اِنهين رمز ۾ رِيجهائج.

---

(1) تَنبُورو- هڪ قسم جو ساز، (2) جهاد، همت، مُرِسِي، (3) سُـر، (4) اي بهادرَا!
* غزاگَسائج = اصطلاحاً = همت ڪج.

ڪافي-286

(سُر پوُريا)

بُت وِچون چا ڀيد[1] لڌوسي، بُت ڪنون بيزار ٿيا مَئن.

بُت اِهين وچ بيرنگ بازي، ويڪڻ سي هوشيار ٿيا مَئن.

بُت اِهين وچ پاڪر جهاتِي، اَصليت اِسرار ٿيا مَئن.

بُت اِهين وچ مُفتِي قاضي، قربدار ڪُفار[2] ٿيا مَئن.

”مُحمّد“ معنيٰ مِيم مُنور، ”اَنَا اَحمَدُ“[3] اِظهار ٿيا مَئن.

---

(1) راز، (2) ڪافر، (3) ”اَنا اَحمَدُ بِلا مِيمِ“ ڏانهن اشارو آهي تہ ”آئون اَحمد آهيان بنا مِيمَ جي“ يعني اَحد = اَللّٰهُ (ح-ش)

ڪافي-287

(سُر سارَنگُ)

گُم ٿِيوڻ ۾ مَخفِي[1] مُورت، ويکيَم صورت صافُ.

حُجري[2] منجهہ هميشہ هادي، آني[3] ڪئي عَين آبادي،
وجي سَٿيائين مُلڪ آزادِي، سي مَلُولَتَ[4] معافُ.

ٻولِي اِها پيو ٻَهڳُڻ[5] ٻولي، "قَلْبُ الْمُؤْمِنُ"[6] عرش اولي،
گهَر گهِرِي[7] آيو گهُونگَهٽُ کولي، لاهي غَيرَ غِلافُ.[8]

"مُحمّد" عاشق مست ٿيو آ، خوش خَندان[9] نِسَتُ[10] ٿيو آ،
بيکَ[11] اِنهيءَ ۾ بَستُ[12] ٿيو آ، رکيائين قلب ڪَشافُ.[13]

---

(1) لڪل – ڳجهو (2) ڪوٺڙي يعني دل، (3) آڻي - اچي، (4) ڳڻتي - اُداسي، (5) سٺن ڳڻن وارو - بلند اخلاق وارو، (6) "مومن جِي دل"، (7) گهڙي، (8) پردو، (9) کِلندڙ، (10) ڪمزور، (11) ويس - روپ، (12) شئي - وٿ - قابو (13) راز جي ڄاڻ.

ڪافي-288

(سُر ويهاڳ)

ڏاها ڏِسُ تون ڏيهُه، ڇا منجهارئون ڇا تيو.

ٻاهر ڳولين ڳَليُون ڇوٿو. پاڻ ۾ پنهنجي پيهُه.[1]

دَمَ جِي دوُڙ دَوامِي[2] دلبر. ويسلا[3] نہ تون ويهُه.

اندروني احوال صحي ڪر، ڇاتِيءَ ڪي ڏي ڇيهُه.[4]

ذڪرَ ذاتي ذوقَ جو ڏي، روح پنهنجي ڪي ريهُه.[5]

صاف صفائي رک سچائي، تڳِيءَ ڪي ڏي تيهُه.[6]

"مُحمّد" مردَ معلوم سيوئي، سيني منجهہ ساٽيهُه.[7]

---

(1) اندر گهِڙي ڏس، (2) هميشہ- سدائين، (3) اي غافل- بي خبر، (4) ڇِيرو- ٽُڪو، (5) ٽانڪو هڻي ويلڊنگ ڪرڻ (ٻن شين کي ملائڻ لاءِ) (6) تيلهو- ڏڪ، (7) ...

ڪافي-289

(سُر آسا)

وهم سيبئي وسار، معنيٰ مُيّسَر[1] تو مَن ۾ تِي.

دُرسُ دُوارا[2] جاچڻ جمنا، مَترا وڃڻ مَيارَ،
گنگا تِيرٿُ، تو تَن ۾ تِي.

رامُ سِيتا لُڇَ[3] لَڇمڻ راجا، برهه بنا بيڪار،
بَندرا بينڪ، تو بَن[4] ۾ تِي.

"قَالُوْا" قــول وســار نہ هرگز، اَلستِي اِقرار،
ڪُوڪَ قديمي، تو ڪَن ۾ تِي.

لاشڪ لِڪَ لِڪوڻي لاهي، عاشق ٿِي اظهار،
فوج فَقر جِي، تو فَن ۾ تِي.

"مُحمّدا" مِهر مُغان جي مَرڪَبُ،[5] شاهي ڪر تون شڪار،
وحدت سارِي، تو وَنَ[6] ۾ تِي.

---

(1) موجود. (2) هندن جي زيارت گاه. (3) بيقراري- تَـڙپَ. (4) جهنگل- وڻڪار (دل جي). (5) سواري.
(6) وَرَن- رَنگ.
نوٽ: گنگا، جمنا، مَترا، بَندرا، سڀ هندن جون زيارت گاهون آهن. = رامُ، سِيتا، لَڇمَڻ- هندن جا مقدس اوتار يا پيشوا آهن.

ڪافي-290

(سُر پيرويِ)

تون اندريان عَينَ[1] ڪول، اَتِي[2] "نَحْنُ اَقْرَبُ"[3] قَوْل.

پائي ڏس تون جِيءَ ۾ جهاتِي، ٻاهر نا وڃي ڦولِ.

خطرا خيال خرابي خارج، راهَ رِندِيءَ ۾ رولِ.

دائم دم دُئِي نا داخل، حق هيڪڙائي هول.[4]

ويهي ڪر تون وجود واهيرو، ڍارَ[5] ڍولي جِي ڍولَ.[6]

هستي هوڏ هَوَس حيراني، ڄاڻ اِنهيءَ ۾ ڄولِ.[7]

"مُحمّد" مست مُغان تئون مُقرر، گهوريُون سِرڙو گهول.[8]

---

(1) اکيون، (2) اتئِي، (3) "توهان کي ويجهو آهيان"- "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" = "آئون توهان کي ساه جي رڳن کان بہ ويجهو آهيان"، (4) فڪر – انديشو رکو، (5) آڌار- اَجهو- پناهہ، (6) محبوب، (7) ڳولا ڪر، (8) گهورَ ڪر- صدقو ڪر.

(سُر بَنسُ)

ڪافي-291

پاءِ جهاتِي سُهڻا جهاتِ وِچُون، ڏس جانب ڪي جِسمات وِچُون.

آواز صَحِي ڪر تون ڪير آ، صفا سيني اندر تو سَيرُ آ،
جو غَيرُ ڄاڻي سو غَيرُ آ، حق حاضر حَقِيقات وِچُون.

رمز رِندِيءَ جي رهاڻ سان، پَهُ[1] پِيرِ مُغان جي پَڇاڻ سان،
اسرار اَلستِي اُهڃاڻ سان، ڪڍ فرق فَرِيقاتِ[2] وِچُون.

ظاهر ظهور ذات ٿيو، نَفِيءَ منجهئون اَثبات ٿيو،
سِرَ سانگ ڪري صفات ٿيو مَحَو "مُحمّد" موجودات وِچُون.

---

(1) اِرادو-خيال، (2) فَرقا-جماعتون

ڪافي-292

(سُر ڪسوري)

ٻُجهي ڳالهہ ٻُولي ڏس ٻُجهہَ جي، تو منجهہ آهي عَينُ[1] عَيانُ.[2]

اَنتَ منجهارئون بي اَنتُ بِشارَت،[3] بيحد بالا بات بيانُ.

پاڻ ۾ پائي جهاتي پَس تون، تو منجهہ گيت گُرون[4] جو گيانُ.[5]

مامَ محبوبي مَخفِي[6] معنيٰ، سمجهي سالِڪُ سُرتِ سُڄاڻُ.[7]

ظاهر زيب ڇڏي تي يگانو، يڪدم باقي يارَ يَگانُ.[8]

علم عقل ڪوئي ڪم نہ ڏي ٿو، نينهن نِشانبر[9] ٿيو نِيشانُ.

"مُحمّد" ڪولي ڇڏ تون مَن ۾، دائم ديهِي[10] درس دوڪانُ.

---

(1) پاڻيءَ جو چشمو، عمده شيءِ يا ذات. (2) ظاهر- پڌرو. (3) خوشخبري- اِلهام. (4) گُرو- مرشد. (5) لدني يا روحاني علم. (6) ٻُجهي- لڪل. (7) سٺي ڄاڻ وارو- هوشيار. (8) منفرد- لاثاني- اڪيلو. (9) ظاهر پڌرو. (10)بدن ۾ - جسم ۾.

ڪافي-293

(سُر ڪوهياري)

بَس ڪر، بَس ڪر، بَس ڪر، بَڪَ نہ ڪر بَڪواتِي،[1]
هَٿُ پير نہ پوئتي هڪڙو، تون پاءِ دَروني[2] جهاتِي.

ڪاڏَهون جو وري ڪاڏَهون ڪاهين، ذات ظُهورو تو ۾ آهي،
حق بنا ٻيو ڪجهہ بِي ناهين، چو تہ مُنجهين مَسلاتِي.[3]

علم لدني اعليٰ افضل، عشق وارن کي آهي اَڪمَل،[4]
تارَ توحيدي طَورُ[5] تَجمل،[6] ڇيھُ[7] ڏئي ڏِس ڇاتِي.

وِردَ وَظائف وَهمَ وُجودِي، ثابت ڪر تون صاف سُجودِي،
پوءِ ماڻين منجهہ موجُودِي، اَللهُ اَثباتِي.

پِير مُغان پُرجهائِي[8] پَـرِ،[9] گهوٽ ويتو ٿي تنهنجي گهَرِ،
مارِ ٺُپي تون عين اندر، ”مُحمّد“ مُلاقاتِي.

---

[1] بڪواس ڪرڻ وارو (2) اندرُوني، (3) مَسئلن ۾، (4) مڪمل- پورو، (5) طريقو، (6) شان شوڪت،
[7] ڇيرو- وَڍ، (8) سمجهائي، (9) طريقو- رمز.

كافي-294

(سُر جوڳ)

اوريُون[1] اورِج[2] اورَ[3] لوڪئون لڪائي، سيني سَمائي.

ڪو ڪيئن هلي ڪو ڪيئن هلي، تنهن ۾ تُنهنجو چاهي،
پاڻ سَنيارين پنهنجو تون، تو منجهه تُنهنجو آهي،
وينو ڪر تون وِرُونهَه،[4] جِيءَ ۾ جاڳائي

مُورَت مئون تي صافي صورت، پائي ڏس تون جهاتِي،
تي نَفِي نابُود تون هيڪر، عين اندر اَثباتِي،
ساڄَن سارِي سُونهَه، ڪامِلَ تُنهنجي ڪائي[5]

رڳ رڳ رانول رمز لائِي، جان جگر منجهه جائِي،
راتيون ڏينهان روح منهنجي ۾، آهي وحدت وائِي،
دغا وارِي دُونهَه،[6] عشق چڏي آ اُڏائي

هَٽَ بازاريون هَلچل هادي، ڪوليون ڪَشف[7] قَلُوبِي،[8]
رِندن وارو راهُ حقيقي، رهبر راه رَبُوبِي،[9]
ازلي ٿيڙو اڳُونهه،[10] "مُحمّد" مرد ملهائي

---

(1) دل جو مخفي حال ڏج. (2) بيان ڪج، ياد ڪج. (3) يادگيري-دل جو حال احوال. (4) رِهاڻ. (5) شيشي ۾ - آرسيءَ ۾ (ڪائو=شِيشو). قلب جي آئيني ۾ (6) دُونهُون- ڪاراڻ. (7) غيب جون ڳالهيون ظاهر ڪرڻ (8) دل جو. (9) خُدائِي- خدا واري. (10) اڳواڻ- رهبر

(سُر بَنسُ)

ڪافي-295

صاف سيني ۾ سَيرُ سَيوئي، جاچي ڏس تون جارُ[1] ڪري،
ڳالهه اِنهي ڪي ڳولي لهه تون، پاڻَ ڪيو تِي پاڻُ پَري.

چولي اندر جيڪو ٻولي، دانَهه[2] ڏس تون ڏيان ڌَري،
ڪير اُتي تو ڪير ويهي، ثابت سِرَ جو سَيرُ ڪري.

هِڪَ مَنجهارئون ٻَهه[3] جو سمجهي، تارُ ڪَڏاهِين ڪِينَ تَري،
وچ تي آهي وِيرَ وَڪوڙيَلُ، وحدت ڏي سو ڪِينَ وري.

هَستيءَ وارا حال هٽائي، آيَلُ جيڪو عشق اَري،[4]
دم هڻڻ جي جاءِ نہ ڪا، مُوتُوا قَبُلَ[5] ماڳ مري.

آرُ[6] اِنهيءَ ۾ ڪيئي آيا، همت وارا هامَ[7] ڀَري،
"مُحمّدُ" موٽيا مُورُ نہ اُوهي، سّاعت تن جي ڪانہ سَري.

(1) لڪر- جوش جذبو (2) اي سياڻا، (3) ٻَہ. (4) پيچ-وَڪَڙ ۾. (5) "پنهنجي موت کان اڳ مرڻ" يعني نفس کي مارڻ. (6) ڪشش- شوق، (7) دعويٰ ڪري.

ڪافي-296

(سُر مال ڪونسيو)

تَن مَن تَندُ تَنوارَ، تو منجهہ آهي تُونهِين تُون.

"فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ"[1] گويا اِها گُفتارَ.

گُم تي گوهَر پاڻ ۾، وحدت ڪينَ وِسار.

نند نِهوڙي[2] نِيستِي[3] ڇڏ، جاڳڻ سان رک جارُ.[4]

منجهہ مشاهدو ماڻ مؤلا، دائم دم گُذارِ.

روز ازل ڪئون راز اِهوئي، رَڳَ رڳ ۾ رفتارَ.

"مُحمّد" ڪڻ تون خيال سان، بيحد بارِي[5] بارُ.

---

(1) اللهؒ فرمائي ٿو تہ "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي". (2) ناس ڪري- ختم ڪري؛ (3) ڪمزوري، (4) جوش جذبو- فڪر- شوق، (5) ڳرو- ڀارِي.

ڪافي-297

(سُر پيرُو)

گهوٽَ گهرِيو آ تنهنجي گهرِ، چاڻَ اِهو نا چاتُئِہ.

سِڪَ مئون توکي يارُ سَڏي تو، پيچ پرِيمِيءَ پاتُئِہ.

بار برهہ جو بيحد بارِي، چاه منجهارئون چاتُئِہ.

ٻاهر چو تو ڳولين قولين، سِيني صاف سُڃاتُئِہ.

وار ڪئون ويجهو وَنَحُنُ آهي، جنهن سان نِينهَڙو لاتُئِہ.

”مُحمّد“ توسان قُرب ڪيائين، ڳُڻ[1] هاديءَ جو ڳاتُئِہ.[5]

---

(1) ٿورو- احسان- شُڪريو (2) ڳايئہ.

ڪافي-298

گُر تي گُر تي گوهَر غازِي، دَستُ[1] ڪٺي دارَيُنِ.[2]

تن اندر طَوافُ ڪر تون، حاصل حَجُ حَرمَينِ.[3]

غَينُ غرور وڃائي غافل، عَينُ[4] تي وڃ تون عَينُ.

قائم قرب قديم قادر، ڪامل آ ڪَونَينِ.[5]

شَڪ گُمان گَوائي[6] گِيرَبُ،[7] سُبحانِي هَڻ سَيُنَ.[8]

"مُحمّد" پنهنجي ذات مٺائي، داخل ٿي نادَيُنِ.[9]

---

(1) هَٿُ، (2) ٻنهي جَهانن، (3) ٻَئي حَرمَ يعني مسجد الحَرامُ - مڪو شريف ۽ مسجدِ نبوي - مدينه مُنورَه، (4) ساڳيو - هُوبَهُو، (5) ٻئي جَهانَ - ٻنهِي جَهانن ۾، (6) وڃائي، (7) غُرورُ - تَڪبر - وڏائي، (8) صدا - آواز ڏيڻ - خيرات گهرڻ لاءِ آواز لڳائڻ، (9) پڪاريندڙ - صدا هڻندڙ.

(سُر لوڙائُو)

ڪافي-299

گهِندَ گَهڙِيال وَڄن منهنجي اَندر ۾،
بيشڪ بحال آهن بقَائِي بَندرَ ۾.

تـارَ طلب وڄـي، تَـن مَـن تَنواري،[1]
سِينو صاف ڪري، ثابت سَنواري،[2]
رَڳ رَڳ ۾ رَبُّ، محبوبي مَندرَ ۾.

وڏي چوهَ[3] منجهارئون، ڇُلڪي ٿِي ڇاتِي،
هَلي چَلي پيو، ذڪر ذوق ذاتِي،
واه جو وقت گُذري، وحدت وِندُرَ ۾.

"مُحمّد" مُدامِي، ميلو مَنجهيئي،
صبح سدائين، سَويلو منجهيئي،
تُنهنجو آهي تو سان، ڏَوِين[4] جو ڏَنڏَرَ[5] ۾.

(1) ٻولي- جهونگاري، (2) سِينگاري، (3) زور- تيزِي، (4) ڦُوڪِين- هوا ڏِين، (5) باه جو شُعلو = [ڏَنڏَر ڏوڙ= باه جي شُعلن کي اڀارڻ ڦوڪ ڏيڻ]

(سُر پيروي)

ڪافي-300

رهه وُجود ۾ ويهي، پنهنجو پاڻ ۾ پيهي.

روز اَزل کان اَکِهين، ڏيهه پنهنجي ۾ ڏيهي.

نِسَنگ تون نيشان تي، نانگو نينهن ۾ نيهي.

صورت واري سانگَ[1] سان، دائم وَسايَءِ ديهي.[2]

جَتڙ[3] لڳي وئي جان ۾، رمز رِنداني ريهي.[4]

"مُحمّد" مَخفِي مامَ جِي، ڳالهه ڪيان مان ڪيهي.[5]

---

(1) ٻهروپ- نمونو. (2) جسم. (3) محبت جي ميخَ. (4) ٽاڪو لڳو- ڳَنڍِجي وئي. (5) ڪهڙي.

ڪافي-301

(سُر آسا)

رُوحِي هَلُ رَفتارَ، هَٿن پيرن جِي حاجَ[1] ڇڏي ڏي.

مَنجِهه مَنجهيئِي مزا ماڻي، تَنَ اندر جي تارَ،
گوهَر سان دلڙِي گڏي ڏي.

عرش، فرش، اَفلاڪَ[2] اندر تِي، ٻاهر ڪِينَ نِهارِ،
اصلي آڏاڻا[3] اُتي اَڏي ڏي.

گُر تي وچ گُرَ ۾ غازِي، گُوناگُونِي[4] ڪر گُفتارَ،
سِڪَ سِيني ۾ صاف سَڏي ڏي.

صَحِي سَيُر سڄاڻي سارو، "مُحمّد" تون مُختيارَ،[5]
لَعلَ لاثانِي لاشَڪ لَڌي ڏي.

---

(1) گهرج- ضرورت. (2) آسمانَ. (3) ڪپڙن اُٿڻَ جو مانداڻ. (4) طرح طرح جِي - قِسمين قِسمين. (5) اختيار رکندڙ- حاڪم

كافي-302

(سُر پيروي)

مَنَ جِي مالِهانَ[1] ڦيرِ، مَنجهيئِي مَنجِهه موجود ٿِي.

سُڌِ نہ ساهَ پَساهَ کي، هِردي[2] اندر هيرِ.

راز رَلائج[3] روح ۾، دَمُ نہ گهرجي دير.

اَندرُونِي آواز سان، چوهَٺون[4] پائج چير.

کُهني[5] قَلبِي ڪاتَ سان، ڪَدُورَتَ[6] کي ڪير.[7]

"مُحمّد" مَخفِي مامَ جي، گهاتُو[8] ايندا گهيرِ.[9]

---

(1) تَسبيح، (2) دل، (3) مِلائج، (4) تيزيءَ سان (5) پراٺي، (6) ڪِينُو- نفرت دل جِي ميراڻ، (7) ڪيراءِ، (8) ٽوپا- غَواصَ شڪارِي، (9) پاڻِيءَ ۾ گهِڙَڻ جي جاءِ- گهيڙُ.

ڪافي-303 (سُر ڪوهياري)

هادي مَهدِي مُرشد مُربِّي،[1] مَنجِهه وُجودَ ويهارِين تون.

پاڻَ ۾ پيهِي[2] پَسُ تون پارَس، ڏيهَه ڪي نه ڏيکارِين تون،
ذاتي جَلوو جوتِ ٻَري ٿي، اندر ڪي تہ اوجارِين تون.

ساهَ پَساهَ ۾ ساجن سُهڻو، تَڙَ تَڙَ تي نه تَنوارِين تون،
دم دم داتا ديهِي دلبر، ويسلا نه وِسارِين تون.

"فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ"[3] پلپل پاڻَ پڪارِين تون،
مَردانو ٿي "مُحمّد" مُحڪم، گهوٽَ پنهنجي سان گهارِين تون.

---

(1) سرپرست- پالڻ وارو. (2) داخل ٿي. (3) الله فرمائي ٿو تہ: "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي".

(سُر ڪوهياري)

ڪافي-304

رَڳَ رَڳَ منجھہ رَبُّ ٿِي، جي تون سُجاڻي سَبُ ٿِي.

جدا جانب نانھِ تو، مَعنوِي مَطلَبُ ٿِي.

ماهر مَخفِي[1] راز جو، "ڪُنْتُ ڪَنْزٌ"[2] قَلَبُ ٿِي.

حقيقت ۾ هڪ آ، شريعت ۾ شَبُ[3] ٿِي.

"مُحمّد" مَحويَت[4] ۾، معشوقِي مَنصَبُ[5] ٿِي.

---

(1) ڳُجهي، (2) "آئون هڪ خزانو هُئس"، (3) لِڪَ- ڳُجهہ، (4) خيال ۾ گُم ٿيڻ، (5) عهدو-درجو-وڏو مقام

ڪافي-305

(سُر ڪوهيارِي)

ديهيءَ ۾ ديدار سَچو، دائم رک تون دَمُ قَدمُ،
سِڪَ سَچِي سَجُود سَراسَر، ويلَ وَجِئِي تِي وِسارِ وَهمُ.

همت ساڻ هلي پَئُ هَمدم، قائم ٿيندو قُربُ ڪَرَمُ،
حاصل ٿيڙو حال حقيقت، ڀَئُ[1] ڀَڄِي ويو ڀولُ[2] ڀَرمُ.[3]

عشق سَندي اوقاتَ اُمالڪ، دُرسُ ڏيايو دين ڌَرمُ،
هَستِيءَ واري حد هلي وئي، نازل ٿيو آ نياز نَرمُ.

مُغان هٿارئون مُحڪَم مليو، شاهنشاهي شان شَرمُ،
يار سدائين يقين ۾ آهي، گِيانُ[4] گُـرُون[5] گوپال[6] گَرمُ.

غفلت ۽ گُمراهِي مَٽون، ڄامَ وَڏايو ڄاڻَ ڄَرمُ،[7]
ڪٿي هدايت هادي مَهدِي، "مُحمّدُ" مُوتو مامَ مَرمُ.

---

(1) ڀَؤ- خوف، (2) ڀُلَ- غلطي، (3) لَڄَ – شرم، (4) روحاني يا لدني علم، (5) گُروءَ – مُرشدَ، (6) ڳئون پاليندڙ- ڪرشن مهراج کي چوندا آهن جيڪو هندن جو اوتار آهي، (7) ڄمارَ- شرم - حيا، (8) مرڻ کان اڳ مرڻ وارو رازُ (9) لَڄَ- شرم.

ڪافي-306

ڏس گهوٽ وينو تِي گَهرَ ۾،
چو تي سانگَ[1] ڪرين سَفر ۾.

مَنجهيئِي مَنجهه تون موجان ماڻج. اعتبار اَزل ڪان آڻج،
تون طرف نہ ٻي ڪنهن تاڻج،[2] نِروار نُمايان[3] نظر ۾.

ننڊ نياڳَ جِي ڇڏ تون، خيال پُنهل سان گَڏ تون،
رکي سِڪَ سيني ۾ سَڌِ تون، ديد وڏِي جن در ۾.

پري پاڻ ڪئون سمجهڻ ڇاڻَ ڄتِن، ويجهو "وَنَحنُ اَقرَبُ"[4] آهي وَتِـن،
گُم تي غازِي گوءِ[5] ڪتِن، اَتِي اوُج اِلاهِي اندر ۾.

"مُحمّد" مُورَک[6] مُونجهہَ مَرن، تارَ منجهان اُهي ڪِينَ تَرن،
وحدت وارا وِيَر وَرن، موجود تَنين مَندر ۾.

---

(1) ٻِيءَ جُوءِ ڏانهن سفر ڪرڻ-ڍونگ- ٻَهروپُ، (2) ڇِڪَ ڪَج، هَلج، (3) ظاهر-پڌرو، (4) توهان کي ويجهو آهي، (5) بازي-راند-مقابلو، (6) جاهل-اڻ ڄاڻ.

ڪافي-307 (سُر ڪوهياري)

صَحِي ڪَيَمِ ساڳو، سو صاحب آ سُپرين.

مِيمَ جِي موجودگِي، اَلفُ تيو آڳو.[1]

سِيني منجهه سُـرُوپُ[2] تيو، ساجَنُ سَياڳو.

ٻُلو نہ اِنهين ٻولَ ۾، جَوشوَرَ[3] جاڳو.

ٻولَ ٻيائِـي ٻوڙِ، وٺ وحدت واڳو.[4]

"مُحمّد" مُغان ڪان مليو لاهُوتي لاڳو.[5]

---

(1) اڳواڻ-وسيلو، آڌار، (2) سُٺو رُوپُ- سُونهَن- حُسن، سُهڻو، (3) جوش وارا، (4) واڳ- مشغولي، (5)لاڳ- بخشش -انعام

ڪافي-308

(سُر ڪوهياري)

دوستاڻِي دَرٻارِ، مَنجِهہ[1] ڏِسين تان وڃ مَرِي.

پنهنجي اتئي پاڻ ۾، سُونهارِي[2] سَرڪارِ،
ڪولي ڏس دل جي دَرِي.

لِڪو تو لاتِيُون ڪري، وؤڙين[3] چو وٽڪارِ،
لاهي ڇڏ تون پَلَ پَرِي.

ڪِينَ رَسائيندِي ڪيچ ڏي، قاصداڻِي ڪارِ،[4]
وحدت ڏي تون وڃ وَرِي.

"مُحمّد" پنهنجي موج ۾، سالِڪَ پاڻُ بُڌارِ،
خبر اهائِي خاص کَرِي.[5]

---

(1) اَندر ۾، (2) سُونهن وارِي-خوبصورت، (3) ڳولين، (4) نياپي وارو ڪم، (5) سَچِي.

داستان: هَمہ اُوست ـ وَحدت الوجود

ڪافي-309 (سُر تلنگ)

سَناسِي سَير جي سانگي، آيو هن جُوءِ ۾ جائِي،
دُکائي درد جي دُونهِين، ٻَهڳُڻَ[1] ٻاري سو مَچائِي.

توحيدي تاج سِرَ پَهري، سهٽي صورت سينگاري،
اَنَا اَحمَد جي اشاري، معنوي مامَ پُرجهائِي.[2]

پُسائي پِرت جون پُڙيون، وڏي ڪنهن جُهدَ[3] مؤن جُڙيون،
مريضن ڏانهن نہ سي مُڙيون، شتابِي[4] ڪن تيون شِفائِي.

بيحد بيچُون مؤن آيو، بشر وارو بيڪ بنايو،
لاثاني اِهو لِڪَ لِڪايو، آيت اَلاِنسُ[5] تي آئِي.

الف مئون مِيمُ تيو مقرر، عشاقن تي اَعليٰ اَثر،
"مُحمّد" مؤج هر مظهر، رِندِي اِها رمز رَلائِي.

---

(1) گهڻن گڻن وارو، داناءُ، (2) سمجهائِي، (3) ڪوشش، (4) جلدي، (5) "اَلاِنسان سِرِيٌ وَاَنَا سِرّہٗ".

ڪافي-310

معنيٰ مورت، صورت صاف صَنم، خَفِي[1] خيال منجهان اظهار علم.

مظهر موجودات مثل، بيرنگ بحر بيچُون بي مثل،
اعلي افضل اُونِهُون اَحد اصل، لَمْ يَزْلِيْ[2] لاوَبال[3] وَهم،

سَهسين رنگَ بنائي بَرسَر، آدم صورت بيکُ بَشر،
"خَلَقَ الْاِنْسَانُ" اعليٰ اَثر، جُڙيو جُهدؤن جُمل[4] جَهان جنم.

قائم قادر قول قديمي، رهبر تيو آٽي راز رحيمي،
بيشڪ بَرسِيَلُ[5] بِلا مِيمِي، اَنااَحْمَد وارو دائم دم.

اثبات ٿيو اَنوار[6] اِسم، جِندُ جان جَلِي ويو جوڙ جِسم،
مَطلُوب "مُحمّد" طالب تُم، ٿي ويو خيال سارو خَفقانُ ختم.

---

(1) ڳُجهو، (2) جنهن کي تيزي يا لوڏي نہ سگهجي، (3) بنا سختيءَ يا عذاب جي، (4) جملي، سَمورو،
(5) آبادُ- سينگاريل، (6) نُور جو جَمعُ.

ڪافي-311

(سُر پيروي)

شوقئون شاهہ آيو شڪاري ٿِي، منهنجو محبّ متو مَڪارِي ٿِي.

تاج محمّد سِرَ تي پَهري، اَسَدُ اللّٰه[1] علي تو نام ذَري،
حَسنَيُن ۾ پاڪ پورا پنج ڪري، اِها عشق سندي اظهارِي ٿِي.

سَرمد تي ڪري سِـر وَڍائي، شمس تَبريز تي کَل ڪَلائي،
ذڪريا تي پاڻ ڪَرتَ چيرائي، وري ڳَلِ[2] منصور جي ڳارِي[3] ٿِي.

ليليٰ لباسَ ڪري تو اَمُر، مجنون مست بيٺو منجهہ بَر،
شِيرين خاطر شير بهادر، فرهاد وجي ڏونگر ڏارِي[4] ٿِي.

مُعلم حافظَ، ڪاتِبَ قاضي، هر رنگ ۾ آهي رهبر راضي،
مذهبَ مِلّتِ ديد درازِي، مالڪ ملڪ ساري مُختيارِي ٿِي.

سَسُئِي سورن جو تہ سَمَرُ، پنهل پاڻ هُيو پَروَرُ،
سُهڻي سِڪَ ميلاپ ميهر، لُــڙَ لَهرُن منجهہ لَهوارِي ٿِي.

بغداد کان آيو جوڳي جُنگ، لاثاني لائي لاهوتي لُنگ،[5]
مرشد مَستو مست ملنگ، جانب جيئل شاهہ سائين جارِي ٿِي.

خيرالدين شاهہ ڪئي خاص خبر، هر صورت پَس تون پاڪ نظر،
موجود "مُحمّد" هر مظهر، متان ڳالهہ اِها تہ وسارِي ٿِي.

---

(1) اللّٰه جو شِينهَن- حضرت علي ڪرم اللّٰه وَجه جو لقب. (2) ڳچيءَ ۾. (3) ڦاهِي. (4) ڏاريندڙ- ٽڪيندڙ.
(5) لانگوٽي، لباس.

(سُر پيبروي)

ڪري سانگ صورتَ هِتَ آيو آ، هَرجا پاڻَ سَمايو آ.

"قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ اَللّٰهُ الصَّمَدُ"،[1] ثابت صَحِي "لَمۡ يَلِدۡ"[2]

چڻيو نہ ڪنهن ڄايو آ.

"جِسۡمُكَ جِسۡمِيۡ لَحۡمُكَ لَحۡمِيۡ"[3]، "دَمُكَ دَمِيۡ رُوحُكَ رُوحِيۡ"[4]

رهبر رنگ رَسايو آ.

"خَلَقَ اٰلۡاٰدَمَ عَلٰى صُوۡرَةٖ"[5]، مخفي معنيٰ موهَن مُورَتَ،

دلبر ديس وَسايو آ.

اَنَااَحۡمَدُ بِلا مِيمِيۡ"[6] قائم قادر قوُل قديمِي،

"مُحمّد" نام دَرايو آ.

---

(1) "چئو تہ الله اڪيلو آهي ۽ الله بي پرواھ آهي"- (ق.ش)، (2) "هِن نہ ڄڻيو آهي" يعني هي ڪنهن جو ڄڻيندڙ ناهي"-(ق.ش)، (3) جسم هڪ آهي، گوشت هڪ آهي، (4) رَتُ، رَتَ سان مليل آ، روح، روح سان جڙيل آ، (5) آدم کي اللهؑ پنهنجي صورت تي خلقيو آهي، (6) آئون احمد آهيان، بنا ميم جي يعني آئون اَحَد (الله) آهيان، (حديث نبوي ﷺ).

ڪافي-313

(سُر پيرُو)

محبوب مُغان[1] مظهر، ماه[2] وخورشيدِ[3] ڪُجا![4]
هر چيز شُده پيد،[5] ناپَيد[6] ڪُجا!

طالِيس افلاطون، خُسرو خاقان، ذوالقَرنين سڪندر،
جــــامِ جَــــمشــيد ڪُــــجــــا!

نوشيروان، حاتم طائي، لقمان جهڙا لاڏلا،
عطار، حافظ، رُومي، سَعدِي، جامِي، جُنيد ڪُجا!

هِـــيـــرَ رانجهو، سَسئي پنهون، ميهر سُهڻِي سِير ۾،
قَيس لَيلا، فرهاد شيرين، ناگهانُ[7] نالِيد[8] ڪُجا!

دلَق[9] درويشي، خِرقہ پوشِي[10]، جاوِداني،[11] جَوش وَر،
مامَ "مُحمّد" ميم مظهر، مَعانوِي مَزِيد[12] ڪُجا!

(1) شراب وڪڻندڙ، ڪلال، (مرشد). (2) چنڊ. (3) سج. (4) ڪٿي. (5) پيدا، وجود ۾. (6) غائب- عدم ۾.
(7) اوچتو (8) آهون ڀرڻ، روئڻ. (9) گودڙي. (10) فقيرن جو ڦاٽل لباس. (11) هميشہ ڪان، سدائين برقرار.
(12) وڌيڪ.

(سُر توڙي)

ڪافي-314

صوفي سِر دي دعويٰ ڪردي هُون،
لَاخوفٌ تي نا ڏَردي هُون.

ويکو اَزلئون عشق اَويڙا[1] هئي، لڳا جِيءَ اندر وڄ جهيڙا هئي،
ايهو جهيڙا محبت ميڙا هئي، وڄ واٽ وصل دي وَردي هُون.

ڪُل مذهب چوڙ لامذهب هُون، مُحِيطؔ[2] معنيٰ هر مطلب هُون،
اسان محض معشوقي مَنصب هُون، وڄ تار توحيدي تَردي هُون.

خاڪي، بادي، آبي، آتش، چارئي عناصر ختم خواهش،
بي مِثلي بيرنگ بَنائش، اعليٰ عين اَنور دي هُون.

موجودات سَيا سُبحاني صورت، 'اَلَمۡ نَشۡرَحۡ'[3] حُسن حيرت،
"خَلَقَ الۡاَشۡيَآءَ"[4] اظهار آيت، "مُحمّد" ڪُل مَظهر دي هُون.

---

(1) ڏنگو- ڏکيو، (2) گهيريندڙ- گهيرو ڪندڙ، (3) "ڇا اسان نہ کوليو (سِينو توهان جو) (ق-شا)، (4) "خَلَقَ الۡاَشۡيَآءَ وَهُوَ عَيۡنهُاَ". "اُنهيءَ اعتباري ڪثرت (شيءِ) جو وجود، اُنهيءَ حقيقي وحدت مان آهي".

كافي-315

(سُر توڙي)

ڪري ڏِنگَ عجب هي يار آيو،
تي عشق وارن اعتبار آيو.

اُونهو هي اسرار صحت، اعليٰ اَحْمَدِي انوار صحت،
نِينهن وارن نروار صحت، هر درد دوا دلدار آيو.

سَهسين رنگن ۾ سَير ڪري، پرين پاڻ آيو آ پير پري،
ناز نِهاني[1] نظر ڏَري، هر صورت جو سردار آيو.

ڪٿي شاه گدا جو شان رکي، ڪٿي دين ڪفر ايمان رکي،
ڪٿي گيت گُروئن جو گيان[2] رکي، ڪٿي هر معنيٰ مختيار آيو.

ڪٿي طالب ۽ مطلوب ڪٿي، ڪٿي غالب ۽ مَغلُوبُ[3] ڪٿي،
ڪٿي عابِد ۽ مَعبُود ڪٿي، ڪٿي "مُحمّد" سِر مَهندار آيو.

---

(1) لِڪل- ڳُجهو (2) علم، ڄاڻ (3) عاجز- ڏَٻيل- هارايل.

ڪافي-316

(سُر توڙي)

تي ظاهر ذات صفات ساڙي، شهنشاه شهباز اچي.

ڪڏهن ثابت سراسر جوش آهي، ڪڏهن پرور پردي پوش آهي،
ڪڏهن غائب گُفتي گوش[1] آهي، ڪڏهن اظهاري آواز اچي.

ڪڏهن عَبديَت اَمثال[2] ڪري، ڪڏهن اَحديَت احوال ڪري،
ڪڏهن چُونِ بيچُون بحال ڪري، ڪڏهن عين اِلاهِي راز اچي.

ڪڏهن عالم فاضل جو ارادو، هَسوار ڪڏهن آ پيرين پيادو،
ڪڏهن عابد زاهد زور زيادو، ڪڏهن دائم دَردَ دَمساز[3] اچي.

ڪڏهن نياز نهايت نرم هلي، ڪڏهن غازي گَهرو گرم هلي،
ڪڏهن لَڄ شرم ڀَرم هلي، ڪڏهن "مُحمّد" نادر ناز اچي.

---

(1) ڪن ۾ گفتگو ڪندڙ. (2) مثال جي جمع- وانگر. (3) دوست، ساٿي.

(سُر آسا)

ڪافي-317

معنيٰ موجوداتِ، مرد سمجهن ذات حق ءِ جي.

"خَلَقَ الْاَشْيَآءَ وَهُوَ عَيْنُهَا"[1]، اها پڙهي آياتِ.

ڪُلّ شَئ ءٍ يَّرْجِعُ اِلىٰ اَصْلِهَا"[2]، لاهوتن جي لاتِ.

"ڪُلِّ شَئ ءٍ فَانٍ اِلَيْهِ ويَبْقىٰ"[3]، ساڙيائون تہ صفاتِ.

"وَاللهُ بِڪُلِّ شَئ ءٍ مُحِيْطٌ"[4]، طالب ڪر تَسلاتِ.

"قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ اَللهُ"، مُحمّد مُلاقاتِ.

---

(1) "اُنهيءَ اعتباري ڪثرت (شيءِ) جو وُجود، اُن حقيقي وحدت مان آهي". (2) "هر شيءِ موٽندي پنهنجي اصل ڏانهن". (3) هر شئي فاني آهي ۽ صرف هُو باقي رهندو". (4) ۽ الله هر شئي کي گهيريندڙ آهي". (5)چئو تہ هوالله آهي ۽ الله واحد يعني اڪيلو آهي".

ڪافي 318

سِرَ جي سڃاڻ ڪٿون سواءِ، ڳالهين سَندِي ڳِتڪارَ آ،
جو نہ سمجهي صاف سِرَ کي، تنهن قِتل قِتڪارَ آ.

محلات ڄاڻج محض مُورتَ، پرت پاڪَن پاڪُ پُورت،
"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلیٰ صُورَةِ"[1] عين اعليٰ سرڪار آ.

هَستِي جَنين همراه آ، سوئي سدا گمراه آ،
ٺَهہ پَهہ ٺڳِيءَ جو ٺاهُ آ، مُنڪِرَ مٺائون مارَ آ.

هر رنگ ڏِسُ بيرنگَ آ، ڍولي عجب هيءُ ڍَنگَ آ،
نادر نمايان نِسنگَ[2] آ، گوُناگُونِي[3] گُفتارَ آ.

"مُحمّد" معنيٰ مَطلُوبُ[4] آ، غالب[5] مَدا[6] مَغلُوب[7] آ،
قَائِمُ الْقَلُوبُ[8] آ، اِهو دائمي ديدار آ.

---

(1) "انسان کي پنهنجي صورت تي خلقيو آهي" (اللهؔ)، (2) پڌرو، (3) قسمين قسمين، (4) طلب ڪيل، گُهربل- معشوق، محبوب، (5) زبردست- طاقتور- غلبو رکندڙ، (6) مَدا = مَديٰ (ع)=نهايت- انتهائي، (7)ڏٻيل- هارايل، هِيسَيل، (8) قلب ۾ قائم- دل ۾ قيام ڪندڙ.

ڪافي-319

(سُر باگيسري)

عاشق اکيون پَٽي ڏس، موجود مَظهر سارو.
هڪ منجهئون هلي آيو، نروار ٿيو نظارو.

صورت جو سانگ[1] بنائي، رُوپِي[2] رکيائين رايو،[3]
هيڪَل[4] مزو ڪِين ٿي آيس، ڪيائين پِرت پَسارو.

رنگا رنگي راز ڪوليائين، ڪَثرت ڪُل ڪائو،[5]
تنهن ۾ ٻوليون ٻولي هزارين، قادر قُربَ قَرارو.

رمز انهيءَ ڪي رند پروڙن، سالڪ ڪري سعيو،[6]
هن حال ڪئون ٿيا واقف، نينهن هڻن نعرو.

اَحديَت اُهيجاڻ سان، "مُحمّد" رُتبو پايو،
ڏوئِي دغا ڏَهمانُ[7] ويو، مليو سَيّد سويارو.

---

[1] ٻهروپ- ڍونگ، (2) صورت وارو (3) ارادو، (4) اڪيلو، (5) شيشو- آرسي- آئينو، (6) ڪوشش، (7) دٻاءُ- ڌمڪي- دٻپ.

ڪافي-320

(سُر ڪسوري)

هر دم رک تون خيال هِڪو، ٻيا وهم سڀئي وسار ميان.

يار جي صورت تو ۾ آهي، ”وَنَحُنُ اَقُرَبُ“ سيني سَمائي،
ٻاهر وئيڙا[1] چو تو واجهائين، ڇَئو طرفين چوڌار ميان.

سامِن ٻَڌڙا ڇُستئون چوتا، بحر عُمِيق[2] ۾ ماريَئون غوطا،
پَهلي پُورِ وجي اُهي پهتا، ماري تُٻِي تِکَ تار[3] ميان.

رنديءَ وارو راز پروڙي، ”مُحمّد“ چو تو مُنهَڙو موڙين،
ٻولُ ٻيائِيءَ وارو ٻوڙي، ڪر وحدت جو واپار ميان.

(1) اي وائڙا. (2) اوُنهو سمنڊ. (3) تار پاڻيءَ جي تيزي.

(سُر ڪسوري) ڪافي-321

گُم ٿئين تان غير وَڃيئِي، حاصل حق هر جاءِ ڏِسين.

گم ٿيڻ ۾ گوهر غازِي، رُوءِ رهبر جي راهَ رَسين.

محبت جي ميدان ۾ مانجهِي، گوءِ ڪٽين تان گاسِ گَسين.

دُوئِي[1] دَخَلُ[2] دَهمانُ[3] ڇَڏين تون، وحدت وِيرَ ويراڳ وَسين.

بيخود بحر انهي ۾ بانڪا،[4] خامَ خودِيءَ جو خيال کَسين.

"مُحمّد" ره موجود مُغان سان، هر مَظهر ۾ يارَ هَسين.[5]

---

(1) ٻيائي، (2) دست اندازِي- مُداخِلت، (3) رعب تاب- دٻاءُ، (4) اي بهادر، (5) هَنسِين، کِلِين.

ڪافي-322

صَدر ۾ صاف صفائي ٿِي، اِسم الله آيو آ.
بره وارو ٻَيڙُ ٻاري، جِسمُ جَنهن تان جَلايو آ.

وڪوڙي وَئي آهي وحدت، هلي وئي ڪُل هِتئون ڪثرت،
نابوديءَ مئون ملي نُصرتَ،[1] رَبُوبِي رنگَ رَسايو آ.

بيخودي مئون خود ٿيو، ٻول ٻانهَپ جو ويو،
جوئي هُيڙو سوئي ٿيو، "اَنَاالْحَقُ" گيت ڳايو آ.

پَسي ٿو پنهنجي پيشانِي، وَسائي وِرهُ ويرانِي،
آيت پڙهه "اَلْاِنْسَانُ"، سِرُ سارو سَمايو آ.

چَڙهيا جي نينهن نظاري، هليا هاتِڪَ[2] هاڪاري،[3]
"مُحمّد" پاڻ ڪي ماري، مُدامِي مچ مَچايو آ.

---

(1) مدد، (2) سَمجهُو- هوشيار، (3) هڪل ڪري، هائوڪار ڪري.

ڪافي-323 (سُر جَهنگلو)

آهي نِسورو نُورُ، سُورَ پِرائڻَ هِتڙي آيو.

عدم ڪان هن ڪي عشق اُٿاريو، پيس پريمِي پُورُ.[1]

"اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ، قَالُوۡا بَلٰی"[2] جو، دوست رکيو دَستُورُ.[3]

"خَلَقَ الۡاٰدَمَ عَلٰی صُوۡرَةِ"[4]، مرد ڪيو منظُورُ.

"اَنَا اَحۡمَدُ بِلَامِيۡمِ"[5]، مؤج اِنهيءَ مَسرُورُ.[6]

"مُحمّد" ڪَوڙِن[7] مٿون لهي ڪو، مَعنوي[8] مَذڪُورُ.[9]

---

(1) خيال، (2) روزِ ميثاق يا روز ازل — اللهﷻ روحن کان پڇيو تہ "ڇا مان توهان جو ربّ آهيان" تہ ارواحن جواب ڏنو "هائو"، (3) اصول- قانون، (4) "مُون آدم کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (5) "آئون احمد آهيان بنا مِيم جي يعني اَحد (الله) "حضور پاڪ جن فرمايو آهي، (6) خوش، (7) ڪِروڙن مان، (8) معنيٰ وارو، (9)ذڪر- بيان.

(سُر پيلو)

ڪافي-324

عاشق تون بڻجي پاڻ آئين، ڏِين خَرابَت[1] خوارِي هين کي.

آدم حَوا کان ڏار ڪَيُئِي، بهشت ڪئون بيزار ڪَيُئِي،
نِينهَن سان نروار ڪَيُئِي، ٿاهَ پنهنجا پاڻ ٿاهين.

اِبراهِيم، منجهہ آڙاهَ پِيو، نارِ[2] مَئون گُلزار ٿِيو،
اِهو ڪم تو مالِڪَ پاڻ ڪِيو، اولي آدمَ جي لِڪُ لِڪائين.

حَسَن حُسينَڻ کي مارِيُئِہ، مزو شهادت جو ماڻائِيُئِہ،
ڦَهُر ڪُوفِيَن تي وَسائِيُئِہ، بيکَ[3] بارِي تو بنائين.

"مُحمّد" وڏو غَمناڪُ آ، ملڻ لَئِہ مشتاقُ آ،
هر روز مُون فراق آ، سَوزَ سُرڪِي تون چَڪائين.

---

(1) خراب سمجهڻ- شرابي، موالِي سمجهڻ، (2) باهہ، (3) رُوپَ – ڍَنگَ.

ڪافي-325

(سُر پِيلو)

هُو جو نہ ڪر وِسارو، هُو حق حَوالُ هُو هُو،
دم دم ڪَماءِ قَلبِي، واه واه وِصالُ هُو هُو.

نادر نظارو نيهِي، ديهِي دَلالُ هُو هُو،
ظُلماتِ[1] مئون ظاهر ڪر، جوتِي[2] جمالُ[3] هُو هُو.

مخمُور مؤج محفل، بيشڪ بحالُ هُو هُو،
مئيخاني جو آ ساقي- قائم ڪَلالُ[4] هُو هُو.

اَحسَن[5] عُروج[6] اَزلِي، خَفِي[7] خيالُ هُو هُو،
جَلِي[8] آ جَلائيندڙ، جوشي جَلالُ هُو هُو.

تاران طَبل توحيدي، دائم ڌَمال هُو هُو،
"مُحمّد" مَقال[9] مولا، قُربِي ڪمالُ هُو هُو.

---

(1) انڌيرو (2) جوتِ وارو- روشنيءَ وارو، 03) خوبصورتي- حُسن، (4) شراب وڪڻندڙ- ساقي- مُرشد،
(5) سُٺو- خوبصورت، (6) ترقِي، (7) خُفيہ- لڪل (8) ظاهِري- پڌرو، (9) ڳالهہ ٻولهہ.

ڪافي-326

(سُر پيلو)

بِسْمِ اللّٰهِ[1] بِسْمِ اللّٰهِ، بِسْمِ اللّٰهِ بِسْمِ اللّٰهِ

آيو عدم کان اسرار تي، "اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ"[2] اظهار تي،
قول "قَالُوْا بَلىٰ"[3] اقرار تي، بِسْمِ اللّٰهِ بِسْمِ اللّٰهِ.

نامِيان[4] رک تون نُمايان نظر، اَتئي اِهوئي اندر ٻاهر،
"اِنِّيْ مَغْلُوبٌ فَانْتَصِرْ"،[5] بِسْمِ اللّٰهِ بِسْمِ اللّٰهِ.

سَهسين رنگ ۾ سُهڻل سائِين، حاضر ناظر هر هنڌ جائِين،
گُفت[6] رَفت[7] ۾ رمز رکيائين، بِسْمِ اللّٰهِ بِسْمِ اللّٰهِ.

سالِڪُ سمجهي ڪو ساڻُ سُرتِ، پاڪُ پڪو پيوَند[8] پرتِ،
"مُحمّد" قائم ڪامل آ ڪِرتِ،[9] بِسْمِ اللّٰهِ بِسْمِ اللّٰهِ.

---

(1) "شروع اللهؒ جي نالي سان"، (2) يومِ ازل ۾ اللهؒ روحن کان پڇيو: "ڇا آئون توهان جو رَبّ آهيان؟"
(3) روحن جواب ڏنو "هائو"، (4) "اي نالي وارا!" يعني عزت وارا، (5) "آئون هِيسيَل آهيان- تون مدد ڪر."
(6) ڳالهائڻ ٻولهائڻ، (7) هلڻ چلڻ- هَلتِ، (8) لاڳاپو، (9) ڪم ڪار.

ڪافي-327

(سُر پيلو)

دل ۾ درياهُ وَحدتَ، واصُل بِاللهُ وَهي ٿو،
جو گھُورَ سان گھڙِي پيو، سارِي سو سُڌِ لهي ٿو.

برهه جي بِشارتَ،[1] عين ٿي اِشارتَ،[2]
سچي رکي صَداقت، سُورَ سي سَهي ٿو.

مَخفِي پَـُروڙي معنيٰ، نينهَن جا ڪوڙي نيشانا،
پيچي مڙيئي بَهانا، رمز منجهه رهي ٿو.

خطرا خراب ڪائِي، وحدت ڪري ٿو وائِي،
اُها جُوءِ ڏِسي ٿو جائِي، ڪَهڻِي تڏهن ڪَهي ٿو.

غير تَرڪي غازِي، رهي رضا تي راضِي،
نِوڙَت ڪري نيازِي، تاهَ اِنهي نهي ٿو.

"مُحمّد" مُقِيمُ[3] ماهر، طَلبَ تَنَ ۾ طاهِر،[4]
باطن توڙي ظاهر، گاسَ[5] گـَر[6] گَهي[7] ٿو.

---

(1) خوشخبري- اِلهام، (2) اشارو (3) قيام ڪندڙ- رهندڙ- قائم، (4) پاڪ. (5) گاٻِ پيٻِ- خرابي،
(6) جسم تي چنبڙيل مِٽي- خرابي، (7) مهٽي ٿو- صاف ڪري ٿو.

ڪافي-328

(سُر پيلو)

يار جو جلوو جا بَجا[1] آهي، عاشق ڏس تون عَينَ ڪولي،
اُونهي مئون اظهار ٿي آيو، ڪَڪَ پن منجهہ پاڻ ٿو ٻولي.

صورت وارو سانگ بنائي، آدم جي آيو آهي اولي،
سمجهہ نہ آين رمز اِنهي جي، ٻُلي پيا ڪيئي اِنهي ٻولي.

دردن وارو دفتر دائم، تُرمِيزان[2] ۾ وينو تولي،
نِـينهُن نِشانُبَر[3] ماري نعرو، شوق چڙهيو آ شاهي شُعلي.[4]

روز ازلي راز اِلاهِي، فَيضُ فقَر جي آيو ٿولي،
پرت وارو ٿو پيرَ گهُمائي، راهَ اَجايا رَهبر رولي.

حال هِجر ۾ حاضر ناظر، ڳَلِي ڳَلِيءَ ۾ پاڻ کي ڳولي،
اَحد منجهارئون اَحمَدُ ٿي ڪري، مِيمَ جي آيو "مُحمّدؐ" چولي.

---

(1) هر هنڌ. (2) تورڻ واري ساهمِي، (3) پڌرو- ظاهر (4) باه جو اُلو، باهہ جو ڀڙڪو.

ڪافي-329

(سُر پيلو)

ذات صِفتَ ۾ سَيرُ هِڪوئِي، رِياءُ نہ رَکُ ڪولي ٻُڌائِين،
ڳالھ سچِيءَ ڪي ڳِهلا سمجهي، پوءِ وري چو تو چُپائِين.

بي مِثلِي مثون مِثل تون ٻڌجي، ڪهڙي سانگي هِتڙي آئين،
"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلىٰ صُوْرَةِ"[1] قول قُرآني چو نہ هَنيائين.[2]

سُرتِ چڏي وئي ساري توکي، پولَ اِنهي منجھ تو پُلائين،
ڪُوڙ جا مَسلا ناهي توکِين، مَڪر سان تو مُلڪَ مَنائين.[3]

غَينَ جو نُقطو غرق ڪري چڏ، عَينُ عطا اِسرار اَلائين،[4]
هر جاءِ تي تون حق سُجاڻي، سڀ ڪنهن کي تون يارَ سُڃاڻين.

دِيدَ ملائي دِيدَ ۾ ڏس تون، رهبر سان چڏ رمزَ رَلائي،
مامَ سجاڻي "مُحمّد" مَنصَبُ،[5] ڳُڻَ هاديءَ جا لکين ڳائين.

---

[1] "مون آدم کي پنهنجي صورت تي ناهيو آهي" (الله ﷻ). (2) دل سان لڳائين. (3) مڃائين. (4) چوين-ٻڌائين. (5) درجو- عهدو.

ڪافي-330

(سُرجوڳُ)

”تَرَڪُ الدُّنْيَا واجِبٌ“[1] سو موُج ۾ مَردانُ[2] آ.
مُنهن مَٽي جو مرد عاشق، رمز ۾ رِندانُ[3] آ.

خَوفُ و رِجا[4] کان ٻاهر پيو، خوش رُوءِ[5] سو خَندانُ[6] آ.
ويا مڙئِي پولا پڄي، اُهو شوق ۾ شادانُ[7] آ.

حق نہ هر جاءِ تي پَسي ٿو، غَير ۾ غَلطانُ[8] آ.
هيڪڙائِيءَ کان سواءِ، ٻيو دُئِيءَ[9] جو دامانُ[10] آ.

مَحويتَ ميلاپ جو، صِفَ سالِڪَن سامانُ آ.
بحر وَحدتَ ۾ وَڪوڙيَل، غازي سو گردانُ[11] آ.

”مُحمّدؐ“ معنيٰ هِيءَ پَروڙِي، اعليٰ عين انسانُ آ.
قدم تي قائِم رهڻ، اِهو نينهن جو نيشانُ آ.

---

(1) ”دنيا کي تَرڪ ڪرڻ واجب آهي“. (2) همت وارو مرد. (3) رِندُ – اِلاهي عاشق. (4) اُميد- آسرو. (5)خوبصورت. (6) کِلڻ وارو، خوش. (7) خوش. (8) چَڪَر کائيندڙ- ڦاٿَل. (9) دُوئِيَ- ٻيائي (10)دامان=دامن، پَلئُ. (11) ڦِري گهِري پنهنجي جاءِ تي موٽي ايندڙ.

(سُر سورٺ)

ڪافي-331

ڏڪَڙَ ڏُو ڏَڪاءُ، ٿيو آ ٿوڙهه مَٿون ٿَڪاءُ

سِرِي سَيرُ سجاڻج سارو، لاهوتي لَقاءُ[1]

"مُوتُوا قَبلَ اَنْ تَمُوتُوا"[2] باقـي آ بَـقاءُ[3]

"اَنَا اَحمَدُ بِلا مِيمِ"،[4] وحدت گهُلِيو[5] واءُ

روز اَزلِي رهبر ٿيڙو، عشق جو اُپاءُ

"مُحمّد" مست مُدامِي مالڪُ، يَڪو يَڪِ يَڪاءُ[6]

---

(1) ديدار، (2) "مَرو موت کان پهرين" – يعني پنهنجي نفس کي فنا ڪريو، (3) قائم رهڻ- زنده رهڻ،
(4) "آئون اَحمَدُ آهيان بنا مِيم جي" - يعني اَحد- الله (5) هليو، (6) هِڪڙوئي.

(سُر ڪنيات)

ڪافي-332

حُسن جَهلڪار دَمو دَم دار، سِپَه سالار سَروَر ڪا،
بره بازار نِسنگ نِروار، ويکين ديدار دلبر ڪا.

هستي ڪا حال ڪرين پائمال، فارغ فِي الُحال فاحِش[1] سي،
مُوذِي نُون مار تِکي تلوار، رهين هوشيار هَر هَر ڪا.

اکيان نُون ڪول ٻاهر نا قول، تيري هئي ڪولِ[2] قائم بِي،
ڏُرئون نا ڏارِ وِتِي نا وار، عجب اسرار اَنورَ ڪا.

صفت ڪا سَيرَ رهيا نا غَيرَ، وحدت ڪا وير واصل هئي،
"مُحمّد" مهندار صنم سردار، پرين پڳدار پَروَر ڪا.

---

(1) بي حيائي- بدڪرداري، (2) نزديڪ- وَٽِ.

ڪافي-333

(سُر ڪامول)

سانگ صِفاتِي سَير بَنا ڪي، آپ ڪُون ويکڻ آيا هئي.

ڪِيتا ذات ظَهُورا ظاهر، صورت وِچ سَمايا هئي.

هادي مَهدِي هِردي[1] اندر، هُو هُو هُل مَچايا هئي.

دم منصوري دائم ديهي، اَنَا الْحَقُ اَلايا هئي.

"قُمْ بِاِذْنِيْ"[2] دا تَبريزِي، شاهي طَبل وَڄايا هئي.

شاهه صُنعان[3] ڪاڻ يهُودڻ، جَڻيا[4] ڳَل وِچ پايا هئي.

اَحد منجهارئون اَحمَد بن ڪر، "مُحمّد" نام ڌَرايا هئي.

---

(1) دل- قلب. (2) "اُٿِي منهنجي حڪم سان" حضرت شمس تبريزيءَ مُردي کي زنده ڪرڻ لاءِ فرمايو هو. (3) شيخ فريد الدين عطار جي مرشد جو نالو، جنهن يهودڻ ڇوڪريءَ جي عشق ۾ سوئر چاريا ۽ جَڻيو پاتو. شيخ صَنعان بادشاهه پير دستگير جي روحاني توجهه سان بي دين ٽيڻ کان بچي ويو. (4) جڻيو، هڪ هار يا ڌاڳو (جيڪو هندو، يهودي وغيره مذهبي نشاني طور پائيندا آهن).

ڪافي-334

(سُر ٻِباسُ)

هيٺ مٿي هر جاءِ تي حق آ، غَير نہ آٿين سمجھ سُڃاڻِي.

اندر ٻاهر هِڪو ڄاڻين، ماڳ مَحويت موجان ماڻِين.

هر رنگ ۾ تون رَلجي وڃ، طرف توحيدي ڏي تون تاڻِين.[1]

ساهُ پَساهُ صحي ڪر سارو، پِرتِ پيوَندِي[2] تون پَڇاڻِين.

سُڻ تون سالڪ سُخن اِنهي ڪي، صاف ڏيان تو تو سمجهاڻِي.

"مُحمّد" جِي دَر هاديءَ جي، عرضِي[3] اِهائِي اَگهاڻِي.[4]

رين، ڇڪَ ڪرين، (2) لاڳاپو، (3) عرض- درخواست. (4) قبول ٿي.

335-ڪافي

(سُر بَسنتُ)

هر جاءِ پاڪُ پَسڻ ۾ آيو، ڪنهن کي چوان مان پَلِيتُ.

مَڙهيون مَندر دُرس دُوارا، ميخانا ۽ مَسِيتِ.

سُنِي شِيعا صوفي سامي، آديسِي[1] آدُوتَ.[2]

ڪافر مسلم ڍيڍَ شڪاري، هَر دَم هڪ نِيتِ.[3]

هر مظهر ۾ حاضر ناظر، پِرتِ وَندن جي پِريتِ.

"مُحمّد"اَحْمَدُ اَحد عنايت، گيان[4] گُـرو جي گِيت.

(1) سرنماشيندڙ فقير، (2) تارڪ فقير- سنياسي فقير، (3) طور طريقو- چال چلت- ڍَنگ، (4) روحاني علم.

ڪافي-336

(سُر بَسنت)

رھ وحدت وچ وَھلُور[1] ميان، دُور دُئِـي[2] درجات ڪرين.

ظاهر زيب زبانِي وارو، ڇوڙڻ هئي تہ ضرور ميان.

هستي دا تون حال هٽاوين، رھ مَستِي وچ مَخمُور[3] ميان.

نَشا ڪَيف[4] ڪَلال[5] دي ڪولئُون، ڀَر ڀَر گِهن ڀرپُور ميان.

وَتِي وِره وصال دي وچ هئي، نِينهُن نِسَنگ ناسُور ميان.

محبوبِي مَيخان مُدامِي، "مُحمّد" هئي مَسرُور[6] ميان.

س، (2) ٻيائي، (3) نشي ۾ ڀرپور، (4) نشو، (5) شراب وڪڻندڙ- ساقي- مرشد، (6) خوش

ڪافي-337

(سُر ويھاڳُ)

محبوب ماه لَقا[1] تون، مَنُ جَھليُئِي مِلڻ ۾،
رنگَ ڍنگَ ناز نيارا، ٻوليون اچن ٻُڌڻ ۾.

سامان ساز ساري، سُر سان ٻِيٺين سِينگاري،
مشتاق وڌءِ ماري، آواز جي اچڻ ۾.

ڪڏھن سُلطان ھُو سڏائين، ڪڏھن عَبدهٔ[2] اَلائين،[3]
کھڙا بہ لِڪَ لِڪائين، پڌرو آھين پَسَڻ ۾.

درست تون دلاور، آھين بي بھا بھادر،
ڪُل شيءِ تي آنِ تون قادر، وحدت سندي وَسڻ[4] ۾.

موجود معنيٰ مظھر، گُوناگُون[5] غُنچہ[6] گوھر،[7]
"مُحمّد" پاڪ مُنور،[8] اَرض[9] و سَماءُ[10] آسَڻ[11] ۾.

---

(1) چندڊ جھڙي صورت وارو، (2) ٻانھو، (3) چوين- چوائين، (4) آبادي- وَسندِي، (5) طرح طرح جا- قِسمين قِسمين، (6) اَڻ کُليل گُل- مُکڙِي- ڪَلِي، (7) موتي، (8) روشن، (9) زمين، (10) آسمان، (11) ويھڻ جي جاءِ، تکيو [آسڻ ھيٺ اچڻ = تعبيدار ٿيڻ- پيش پوڻ].

ڪافي-338

عاشق ڪر آمينِ،[1] اِنهيءَ ڳالهہ جِي ميان.

هُوَالْظَاهِر هُوَالْبَاطِن[2]، سـالــڪ تـا سَمجِهين.[3]

ذات صفت ۾ فرق نہ ڪوئي، نظر هِڪا تا نِين.

سُڌَ سَيائِي سيني اندر، موج سدا ماڻِــين.

پِيرِ مُغان جي پنڌ جو، اعتبار اَزلَ آڻِين.

"مُحمّد" معنيٰ سمجِهي سارِي، طالبَ ڪر تَسڪِين.[4]

---

(1) "مون قبول ڪيو" مجيو، (2) اللهﷻ ظاهر بہ آهي ۽ لڪل بہ آهي، (3) سمجهن، (4) تَسلِي-اعتبار.

(سُر راڻو)

ڪافي-339

سالڪ سارِي ڳالهه صَحِي ڪر، ذات صفت رَلمِل.[1]

ڪاڪِ ڊِوليو آ ڏَٺُ سڄو، سو راڻو مومل.

شيرين فرهاد لَيليٰ مجنون، سو سَسئِي پُنهل.

رانجهن هِير هِڪو ڪر ڄاڻِين، ڀولَ نہ ٻي ڪنهن ڀُل.

شهر بحر ڳوٺ ڳَليُون، سوئي جَهنگَ جَبل.

هيت هتي هر جاءِ تي حاضر، ٻيو ڪُل خام[2] خَلل.[3]

”مُحمّد“ ڪي محبوب مُدامِي، ڪئي آ عشق اَجَل.

---

(1) مليل- هڪ ٿِي، (2) ڪَچو- ڪُوڙو، (3) خرابي.

ڪافي-340

(سُر ڪونسيو)

اُتان ڇوڙيئہ شهنشاهِي، اِتان ڪريندَئين گدائِي،
تخت تباهي سارا ڪرڪي، سڀ دا ٻڌئين سپاهي.

"اَنَا عَربُ بِلاعَينِِ"[1] عشقئون ڳالهہ اَلائِي،
مِيم دا بُرقعہ مُک تي پاڪي، رانول رمز رَلائِي.

آدم دا آئين اولا ڪرڪي، مَلڪان ڏِتِي گواهِي،
"وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ"[2] رَمزان، آپ ڏيندَئين آگاهي.

جوئي دم گُذارين دَردان، سُولان[3] دِي نا ساهِي،
سوز فراق سَماوين سيني، رهڻا صاف سودائِي.

جائِي صورت ويکين سائِي، هر طرفين هِڪائِي،
ريءَ پروڙڻ اَپڻي ٻاجُهون،[4] ٻِي سڀ هئي گمراهِي.

مَهدِي مِير مُغان دي محفل، "مُحمّد" مام مِلائِي،
"اَنَا اَحْمَدُ بِلامِيمِ"[5] بيحد بي پرواهِي.

---

(1) "آئون عرب آهيان بنا عين جي- يعني رَبّ" (حديث شريف)، (2) "مون ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو" (ق.ش)، (3) سُورن، (4) سواءِ، (5) "آئون احمد آهيان بنا مِيم جي"- يعني اَحد=الله" (حديث شريف)

ڪافي-341

(شر پوريا)

آدم دا رک بيکُ[1] بهانا، مؤلا بن کر آيا هئي.

"اَلَستُ بِرَبِّکُمۡ، قَالُوۡا بَلٰی"[2] هادي حکم هلايا هئي.

"وَنَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِيۡ"[3] رمزان، آپ کُون آپ ڇپايا هئي

"خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ عَلٰی صُوۡرَتِهٖ"[4]، فائق اِيوين فرمايا هئي.

"وَفِيۡ اَنۡفُسَکُمۡ"[5] وچ وَسيندا، همدم آيا جايا هئي.

"اَيۡنَمَا تُوَلُّوۡ فَثَمَّ وَجۡهُ اللهِ"[6]، "مُحمّد" سِر[7] سمجهايا هئي.

---

(1) ويس- ڀروپ- نمونو. (2) اللهﷻ - روزِ ازل ۾ روحن کان پڇيو هو تہ، "ڇا آئون توهان جو ربّ آهيان"- تہ روحن جواب ڏنو: "هائو". (3) "۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو" اللهﷻ- جڏهن آدمؑ جو بت ٺاهيو تہ پوءِ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو. (4) اللهﷻ فرمائي ٿو تہ "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي". (5) "۽ آئون توهان جي نفس يعني جان ۾ آهيان"- اللهﷻ. (6) "توهان جيڏانهن بہ ڏسو اوڏانهن منهنجو مُنهن يا رُخ آهي" (اللهﷻ). (7) راز.

ڪافي-342

(سُر پُوريا)

مَئن وچ ڪِيوُن نهين وو يار، يار تي مَئن هُون يَڪتار.[1]

اَحديَت وچ ڇُپ ڇُپاتِي، نينهَن ڪِيتُس نروار.

"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْا بَلٰى"[2] دا، جوڙُ عجب جِنسار.[3]

آدم دا آيا اولا[4] ڪرڪي، واهه صورت دا سينگار.

ڀول اِهين وچ ڪيئي ڀُلايا، حِرفَت[5] نال هزار.

عَرش فَرش وچ هِڪو هويا، دُئِي[6] نهين درڪار.[7]

مِيم "مُحمّد" اَحد اَللّٰه هئي، وِتِي نهين ڪائِي وارُ.

---

(1) هڪ ٻيل- هڪ ٻئي ۾ سَمايل، (2) روز ازل ۾ اللّٰهؒ روحن کان پڇيو تہ: "ڇا مان توهان جو ربّ آهيان؟" تہ روحن جواب ڏنو "هائو". (3) سينگار- ٺاهہ ٺوهہ. (4) پردو- ڍَڪُ. (5) اٽڪَل. (6) ڏُوئِي- ٻيائي (7)ضرورت- گهُرج.

ڪافي-343

(سُر بَنسُ)

هَر جا حاضر تون هِين تون هِين، هستي هميشہ هَم نَهِين.

نينهن وارن کي نياز نهايت، دُرسُ[1] دَرازِي[2] دَم نهين.

حق هدايت هادي ٻاجهون،[3] بس بيهُودا بَم نهين.

شاه حُسن چا شور مچايا، ڪُوپين[4] بِنا ڪوئي ڪَم نهين.

عشق اَويڙا[5] لاوي جهيڙا، خيال اِهين وچ خَم[6] نهين.

"مُحمّد" ڪُون محبوب مدامي، طلب تُساڏِي تَم[7] نهين.

---

(1) درست- صحيح- سچ پچ، (2) ڊگهو- (وَڏائيءَ وارو)، (3) کان سواءِ، (4) بهادرن، (5) ڏنگو- ڏکيو، (6)ڏِنگائي- ڦڏائي- وَر وَڪڙ، (7) خاتمو- ڇيهُ

ڪافي-344

(سُر ڪانرو)

بالا[1] بَقاءُ[2] برتر[3] بيرنگ بيانَ ۾، نروار ٿيو نظارو اَلاِنسَانَ ۾.

ڪو دم ٿيو آ قابُو چاهِ ڪِنعانَ[4] ۾، ضعيف ذوق زليخا يوسف زِندانَ[5] ۾.

وَهَه واهَه وَليُن وڪوڙيو واقف ويران ۾، اَثر عشقِ ليليٰ مَجني مستانَ ۾.

شاهه شور مئون ٿيو شائق اَنَاحَقُ[6] ايوانَ ۾، منصور ٿيو مقرر سُوريءَ سامانَ ۾.

سانگو رَڪيئين نہ سِر جو نينهن جي نشانَ ۾، هسوار ٿيو حُسينڻ ڪربل ميدانَ ۾.

قادر قَوِي[7] قائم "مُحمّد" مَيخانَ ۾، ظاهر ظهورو ذاتي هِنَ هُنَ جهانَ ۾.

---

(1) مٿاهون، (2) قائم رهندڙ، (3) اعليٰ- تمام سٺو، (4) ڪِنعان شهر جو اُهو کوهه جنهن ۾ پائر يوسف عليه السلام کي اُڇلائي ويا هئا، (5) قيد خانو، جيل، (6) "آئون حق آهيان يعني الله آهيان" (7) سَگهو- طاقتور.

(سُر ويهاڳُ)

ظُهورو ذات جو زابر،[1] معنيٰ مَستُور[2] تي آيو.
بـــرابـــر آ بَقا بِـــالله،[3] بـــره پـــرپـــور تـــي آيـــو.

عدم ڪان چاڻَ ۾ چاتَل، صحيح سِر صاف سُچاتَل،
ظاهر حق آ نانُهِنَ باطِل،[4] اِلاهي نُور تي آيو.

رکائي نام تو آدم، پلائي عام تو عالم،
سُورِيءَ جي سيج تي سالم، مرد منصور تي آيو.

ڪاٿي بڻيو اچي عيسيٰ، رهي پيو مسجدِ اَقصيٰ،[5]
"رَبِّ اَرِنِيٓ"[6] چئي موسيٰ، تجلي طُور[7] تي آيو.

رهي هر کيل ۾ خاوند، پيوَند آ پيچ ۾ پابند،
سراسر سو صَمَدُ[8] اَحد،[9] منگهن مَخمُور تي آيو.

قائم قادر آ قديمي، يگانو يار يَتِيمِي،[10]
"اَنَا اَحمَدُ بِلامِيمِي"[11] "مُحمّد" مَسرُورُ تي آيو.

(1) زبردست- ڏاڍو. (2) مخفي- ڳجهو. (3) اَلله سان باقي ٿيڻ- الله سان هڪ ٿي وڃڻ. (4) ڪُوڙُ- ڪُوڙو. (5) پهرئين قبلي بَيتُ المُقدسُ جي مسجد. (6) "اي ربّ! مون کي پنهنجو پاڻ ڏيکار". (7) جبل طُور. (8) بي نياز. (9) اڪيلو (10) بنا ماءُ پيءُ جي – يتيم، اڪيلو (11) "آئون اَحمد آهيان بنا ميم جي" يعني احد = الله (ح.ش)

ڪافي-346

هر صورت سِر سُبحان اَچي، ڪر ثابت جي تو ڏيان اَچي.

ڪاٿي ڦِري ٿو ٻالُ[1] اَياڻو،[2] ڪاٿي سالڪ صاف سياڻو،
ڪاٿي مُحبُ ڪري ٿو ماڻو، ڪاٿي پيرُ جوان اَچي.

ڪاٿي قاضي مُلاّ ٿِئي، ڪاٿي عشق جا اُلا ٿِئي،
ڪاٿي باهُو بُلا[3] ٿِئي، ڪاٿي شاهه صَنعانُ اَچي.

ڪاٿي جوڳي سُوامِي سڏائي، ڪاٿي اَنگَ ڀَڀوتُ[4] لڳائي،
ڪاٿي لُنگَ لانگوٽي آهي، ڪاٿي بَر ۾ بَيرانُ[5] اَچي.

ڪاٿي سؤدو سُودُ[6] سوداگر، ڪاٿي قائم قرب ڪِيماگَر،[7]
ڪاٿي گُذَرُ ڪري ٿو گداگر، ڪاٿي تخت طُولانُ[8] اَچي.

ڪاٿي مست ميدان ۾ غائِب ڪا... آرِي نيازِي راضِي،
ڪاٿي رنگ بيرنگ جي بازِي، ڪاٿي "مُحمّد" مئيخانُ اَچي.

---

(1) ننڍو ٻار. (2) ناسمجهه- نادان. (3) بُلها شاه. (4) خاڪ- مٽي- ڇارُ. (5) ويران- تباه حال. (6) نفعو (7)سون ٺاهيندڙ- يعني مالدار. (8) گهڻو ساز سامان رکندڙ.

(سُر بنس) ڪافي-347

تون آدم جي اولي، آهي آدم تنهنجي اولي.

"اَلْاِنْسَانُ سِرِیْ وَاَنَا سِرَّہٗ"[1] ڏس فُرقان[2] تون کولي.

"وَفِیْ اَنْفُسَکُمْ"[3] سُر سڄاڻج، سو تہ وَسي وچ ڇولي.

"وَنَحْنُ اَقْرَبُ"[4] واحد ويجهو، ڪير ڳَليون ٿو ڳولي.

"خَلَقَ الْاِنْسَانُ عَلٰی صُورَتِہٖ"[5] ڀِل نہ ڀي ڪنهن ڀولي.

"اَلْعِشْقُ نَارٌ يُّحْرِقُ"[6] يــڪو، شوق چڙهايو شُعلي.

"مُحمّد" سانْ موجود مُدامِي، هَر ڀوليُون ٿو ڀولي.

---

(1) "انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون هُن جو راز آهيان" (رب پاڪ فرمايو آهي). (2) قرآن شريف. (3) "هو توهان جي نفس ۾ يعني جان ۾ آهي". (4) اسين توهان کي ويجها آهيون. (ساهہ جي رڳن کان بہ وڌيڪ)ق.ش. (5) الله جل شانه فرمائي ٿو تہ: "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي". (6) "عشق ساڙيندڙ باهہ آهي" (غير الله کي).

ڪافي-348

بيرنگِي ڪر رُوپ رَنگِينا، بار بره سِر چاوِندا.

جوڳِيان والا ويس وَٽاڪي،[1] دَر دَر اَلڪُ[2] جَڳاوِندا،*
مُڪُ وچ مُرلِي محبت والِي، دَردان دُودُ[3] دُکاوِندا.

ذوق زليخا ظاهر ڪِيتا، عاشق تي وَل آوِندا،
ماهُ ڪِنعانِي[4] يوسف بَن ڪر، بَردا[5] مصر وِڪامندا.

مَجنُون مَحو تيا وچ لَيلِي، بيوس بَـر وَساوِندا،
ڪَرنگھُ[6] سُڪايس اپڻا سارا، مانجهي مُحبُّ مَناوِندا.

سُهڻِي دي سِڪ ميهر ڪُون هئي، لَهرين آپ لُڙهاوِندا،
عاشق تي معشوق مِلاڪر، عَجب ميلُ بناوِندا.

هادِي مَهدِي "مُحمّد" دا هئي، سارا رنگ رَساوِندا،
دم دم دي وچ دائم قائم، آندا وَل وَل جاوِندا.

---

(1) مٽائي- پائي، (2) جنهن کي سمجهي نہ سگهجي يا محسوس نہ ڪري سگهجي يعني الله،
(3) دُونهون، (4) ڪِنعان شهر جو چندُ (يوسف عليه السلام)، (5) غلامُ، (6) پُٺيءَ جو هڏو.

ڪافي-349

(سُر تِلنگ)

يَئو بَشَر بَهانو پولُ پيجي، ”اَلاِنُس“[1] سِر اَللہ چوان.

رکي شوق شتابي شاهہ آيو، واه بَردو[2] تي بادشاهہ آيو،
ساري مُلڪ حُسَن جو ماهُہ[3] آيو، عَينُ اَحمَد عَبداللہ چوان.

”لَوُلاڪَ لَمَا“[4] جو تاج پائي، سُهڻل سيءِ ۾ صاف سِيبائي،
قائم قادر قدم ڪُڏائي، جوش جَذبَ جَلالُ اللہ چوان.

ڪعبو قُدسِي[5] ڪير آهي، هِن جي سِوا ٻيو قِبُر ناهي،
رِيءَ سمجهہ رُڳو انذير آهي، ڏِسُ جاچي ڪَلامُ اللہ چوان.

ڇٽيو نہ ڪنهن جو ڇايو آ، صورت سيءِ ۾ سَمايو آ،
هِتِ رايي[6] پنهنجي آيو آ، ”مُحمّد“ ”قُلْ هُوَ اللّٰهُ“ چوان.

---

(1) ”انسان جو“، (2) غلام، (3) چنڊ، (4) ”لَوْلاَڪَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفلاَڪَ“ يعني ”اي پيغمبر ﷺ اگر تون نہ هجين ها تہ آئون زمين آسمان پيدا نہ ڪيان ها“ (آيت)، (5) پاڪ، (6) ارادي.

ڪافي-350

(سُر پيروي)

ڏِسو يار تہ منهنجو ڇا ٿو ڪري، ڪڏهن ڪَبي ڦِري ڪڏهن سَجي ڦِري.

"اَيْنَمَا تُوَلُّوْ فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰه"[1] جاڏي تاڏي نظر نگاهہ،
آهي هَرجا هادي شهنشاهہ، ڪڏهن ڪبي ڦري ڪڏهن سجي ڦري.

"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلٰی صُوْرَتِہٖ"[2] ظاهر باطن معنيٰ مُورتَ،
پَلپَل پرين پريمي پُورَت، ڪڏهن ڪبي ڦري ڪڏهن سجي ڦري.

"رَبِّ اَرِنِیْ لَنْ تَرَانِیْ"[3] هيت متي آ نُور نُوراني،
لاشڪ لائق آ لاثاني، ڪڏهن ڪبي ڦري ڪڏهن سجي ڦري.

"سُبْحَانِیْ مَا اَعْظَمُ شَانِیْ"[4] اَلانساني راز رَباني،
بيشڪ بالا آ باراني،[5] ڪڏهن ڪبي ڦري ڪڏهن سجي ڦري.

"مُحمّد" کي آ موُج مُدامِي، عشق تُنهنجي ۾ ٿيو آرامِي،
خطرا خيال وڃائي خامِي، ڪڏهن ڪبي ڦري ڪڏهن سجي ڦري.

---

(1) "توهان جيڏانهن بہ نظر ڪَندؤ تہ اوڏانهن الله جو رُخ آهي" (رب پاڪ). (2) "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (رب پاڪ). (3) "مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ" حضرت موسيٰ ع- تون مون کي ڏسي نہ سگهندين" (رب پاڪ فرمايو). (4) آئون پاڪ آهيان ۽ منهنجو وڏو شان آهي" (بايزيد بسطامي جو

ڪافي-351

(سُر پيروي)

هر رنگ ۾ رهين تو، وري پول چو پُلائين،
ازل کان تون اَحد ٿي، لکين بيکَ[1] تو بنائين.

مَن خُدايَم[2] موج سان، عطار تو الائين،[3]
"قُمْ بِاِذْنِيْ"[4] قرب سان، شمس تو سڏائين.

سوريءَ تي هَسوار ٿي، اَنَاالْحَقُ تو ٻڌائين،
عرش فرش تي نعرو هڻي، شاهي طبل تو وڄائين.

"سُبحَانِيْ مَا اَعظَمُ شانِيْ"[5] بُسطامي تي ٻلائين،
ظاهر ڪري ذات کي، لوڪَن کئون لِڪائين.

"مُحمّد" پنهنجي موج سان، حُڪم تو هَلائين،
اَنَا اَحْمَدُ بِلامِيمْ"[6]، راز مَخفِي تو کُلائين.

---

(1) ٻهروپ- نمونا. (2) "آئون خدا آهيان". (3) چوين. (4) "اُٿي منهنجي حڪم سان" (شمس تبريزي مُردي کي زنده ڪرڻ لاءِ فرمايو هو). (5) "آئون پاڪ ۽ وڏي شان وارو آهيان (يعني الله)- "بايزيد بُسطامي رح فرمايو.
(6) "آئون ... حديث شريف.

ڪافي-352

(سُر جوڳي)

سُر سچاڻي سمجھہ رک، آواز تِي اَللہ،
سوز مئون سيني اندر، سُر ساز تِي اَللہ.

سِر نِوائي نوڙت ڪري، نياز تِي اَللہ،
مُحِبّ تو ماڻا ڪري، ناز تِي اَللہ.

عاشق ڪي آزاري، مَجازُ[1] تِي اَللہ،
سَتَ ڏئي سَتي وجهي، شهباز تِي اَللہ.

رِيءَ پَرن پَلپَل ڪري، پَرواز تِي اَللہ،
وارَ جِي وِتِي ناهين، دَمساز[2] تِي اَللہ.

بره جو بيشڪ اِهو، بَياض[3] تِي اَللہ،
صِدقَ مئون سجدا ڪري، اَياز تِي اَللہ.

تو سدائين سُڪَ وٺي، غَماز[4] تِي اَللہ،
سوز منجھہ سَڙي ويو، گُداز[5] تِي اَللہ.

مُنهن نہ ڏي "مُحمّد" ڪَنهين، رَواز[6] تِي اَللہ،
منجھہ رضا راضِي رهي، راز تِي اَللہ.

---

(1) اختيار رکندڙ. (2) دوست. (3) ياداشت جي ڪاپي، شعرن لکڻ جي ڪاپي. (4) اک جو اشارو ڪندڙ
(5)

(سُر سورٺ) 353-ڪافي

سچ ڪي نتو لِڪائجي، ڪولي ڪٺي ٻڌائجي.

ڪَثرت[1] جِي ڪا ڪاڻِ نہ آهي، وحدت وِڪَ وڌائجي.

منصورِي ميدان ۾ ڪاهي، اَنَاالْحَقُ اَلائجي.

هيٺ مٿي هڪڙو آهي، ٻولُ وري ڇو ٻُلائجي.

چولي اندر جيڪو ٻولي، تنهن سان روح رِيجهائجي.

"مُحمّد" موجودي سان ماهر، پاڻَ کي پاڻُ پَسائجي.

---

(1) گهڻائي.

(سُر جوڳ)

ڪافي-354

رَوا[1] اَٿئي رامُ رامُ، توڙي ڏئين تون سَلامُ.

ڪفر ۽ اسلام جو، فرق رکن ٿا عامَ عامَ.

هر جاءِ تي حق ڏسن، ڄنگ[2] پيئن جن جامُ جامُ.

رِندن واري راهه ڪي، خَلقت سمجهي خامُ خامُ.[3]

وِردُ وَظائف اِهوئي آهي، صبح توڙي شامَ شامَ.

آڏارُ اَجهو "مُحمّد" جو آ، عربي اَحمد چامُ چامُ.

---

(1) جائز. (2) وڏو- زبردست. (3) ڪَچو- ڪُوڙو.

ڪافي-355

(سُر پيروي)

سمجهہ صفاتِي آهي ذاتِي، تَنهن ۾ تِــَر جو قيرُ ناهين،
هَر جا ڏس تون حق حقيقي، هيتِ متي ڪو غيرُ ناهين.

"اَلْاِنْسَانُ سِرِیْ"[1] آ ساڳو، سالِڪَ ٻيو ڪو سَيرُ ناهين،
جُوءِ[2] اِنهيءَ ۾ جُوان گَجي[3] تو، شائق ٻيو ڪو شيرُ ناهين.

اُتڻ ويهڻ ۽ گهُمڻ قِرڻ ۾، پارس رِيءَ ٻيو پيرُ ناهين،
جاڻُ اِهوئي جي تون جاڻين، اُبتڙ ٻيو ڪو پيرُ[4] ناهين.

خيال اِهوئي خلقت سمجهي، خالق رِيءَ ٻيو خَيرُ ناهين،
عاشق ڪن احوال سچو تا، محبت وارن ميرُ ناهين.

هَتِ عام ڪي آيو ڪِينَ اِهوئي، گهاتُن[5] وارو گهيرُ[6] ناهين.
"مُحمّد" واهَر والِي هردم، ويرِي[7] ٻيو ڪو ويرُ[8] ناهين.

---

(1) "انسان راز آهي" اَلْاِنْسَانُ سِرِیْ وَاَنَاسِرّہٗ= "انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون انسان جو راز آهيان" (ارشاد رباني). (2)جاءِ- هنڌ- ماڳ. (3) گوڙ ڪري ٿو- (شينهن جو وڏو آواز). (4) نمونو. (5) ٽوٻَن- غوط خورن. (6) گهيرُ- پاڻيءَ ۾ گهِرڻ واري جاءِ. (7) دشمن. (8) دشمني.

ڪافي-356

(سُر ويهاڳ)

يار جو جلوو ڏسان ٿو، صورت سارِي سُو بَسُو،[1]
بيقراري بارُ بارِي، ٿو قِـران مان ڪُوبَڪُو.[2]

پئي واجهائيم مان جَنهِين لَئِ، سو مليو مُحرَمُ[3] اچي،
دِيد[4] ۾ دِيدان[5] اَڙائي، دوست آيو دُوبَدُو.[6]

واٽ ٿو مُوڙهَن[7] ڏيکاري، گهوٽُ گهَٽَ[8] ويرا وَڪَٽ،
رهنما ٿيو رِند رهبر، رمز ۾ آ رُوبَـرُو.[9]

ويو هجر جو حال حيرت، عَينُ عبرت آ اَکين،
جان ڪٿُون ناهين جدائي، مَحُض[10] مَحفل مُوبَمُو.[11]

بره ۾ پرپور بيحد، مست ٿيو "مُحمّد" مَگَهَن،[12]
خيال ۾ خاصو خُلاصو، حال حاصل هُوبَهُو.[13]

---

(1) هر طرف. (2) گهَٽِي گهَٽي- گهر گهر- پاڙي پاڙي، (3) واقف- رازدار. (4) اک- نظر. (5) اکيون (6) آمهون سامهون. (7) ڪم عقلن- مُنجهيلَن، (8) رستا- پيچرا- اَندَرُ. (9) سامهون- مُنهن مقابل (10) فقط- رُڳو. (11) پوري طرح سان.- وارُ به وارُ. (12) خوش- مست. (13) بالڪل هڪ جهڙو.

كافي-357 (سُرويهاڳُ)

مثالي مامَ سان مَهدِي، لکين جاما تون پائين ٿو،
پائي هڪڙا وري هَر هَر، ٻيا سَهسين[1] مَٽائين ٿو.

ڪيئي عاقل ڪيئي عالم، نہ سمجهن راز ڳُجهي ڪي،
بيهاري پولَ ۾ بيشڪ. بيجاڻن کي ڀُلائين ٿو.

عوشاقن کي اَزل کان ئي، سُڃاڻ ۾ آئين سُهڻا،
اَزل کان ئي اَبد تائين. نيهِي[2] ناتو نڀائين ٿو.

لڳِي سِرَ چوٽَ آ جن کي، وسارن ڪِينَ ڪِي دَمُ سي،
ناهِن سي وَحدَتِي وانــدا. وِرهَ وارن وَرائين ٿو.

بره جي باهہ ۾ بانڪا،[3] بَهاريا موؤج مَستِيءَ ۾،
دما دم ديد دَرسَن[4] ۾، "مُحمّد" مُکڙو[5] ويکائين[6] ٿو.

---

[1] ڪيترائي- گهڻا. (2) عاشق، (3) بهادر، (4) ديدار- درشن، (5) مُنهن – پيشاني، (6) ڏيکارين.

ڪافي-358

(سُر بِلاول)

چل وي سَيان چاهَ چَمن وچ، چرچا ويکُ چشمانِي[1] دا،
رنگ بِرنگِي راز رَبُوبِي، رمزان ويکُ روحاني دا.

"اَلْاِنْسَانُ سِرِّیْ وَاَنَا سِرِّہٗ"[2] پوشُ پَهريُس انساني دا،
هــرجائي هي حــاضر ناظــر، جَـلوا نُور نُورانِي دا.

"سُبْحَانِیْ مَا اَعظَمُ شَانِیْ"[3] سبق پڙهين سُبحانِي دا،
چاڻ اِهوئي دل وچ چاڻين، ناز يَري نيشانِي دا.

دَم بَــدم دليري دائم، قدم رکين قربانِي دا،
فَهم[4] فَنائي فکر اِهين وچ، جوڙ چِڏين جِسمانِي دا.

ذوق زليخا ظاهر هويا، ويک حُسن ڪِنعانِي[5] دا،
يوسف يار دي خاطر هويا، مَن سارا مَستانِي دا.

مامَ محبوبي، مَستُ مُقِيمِي،[6] "مُحمّدؐ" موج مَعانِي دا،
لُطفُ لَطِيفِي هي لياقت،[7] لاشَڪ لاَ تہ لاثانِي[8] دا.

---

(1) چشمن وارا- نظرن وارا- يعني نازنين، (2) "انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون انسان جو راز آهيان" (اللهؐ). (3) بايزيد بُسطامي فرمايو تہ "آئون پاڪ آهيان وڏي شان وارو (يعني اللهؐ)، (4) سمجهہ، (5) حضرت يوسفؑ ڏانهن اشارو آهي جو ڪنعان جو رهواسي هو، (6) قائم - محڪم - مضبوط، (7) خوبي، (8) بيمثال.

ڪافي-359

(سُر بَسَنتُ)

حاصل حال حقيقي هِردي،[1] شاهِي شورُ شَهانا وي.

هَر جا هِڪو حاضر ناظر، پولُ ڳيا بَهانا وي.

چوڙ گُمان گَدائِي والا، شوق رکين شَهانا وي.

ڪَل[2] اِنهين دِي، ڪَل ڪَنهين ڪُون، رهبر رمز رِندانا وي.

وچ وجود شَهُود[3] جو ڪِيتا، اَڌُوتِن[4] اَستانا[5] وي.

عوشاقان دا عَين دي وچ، موج مُدا[6] مئيخانا وي.

همدم هويا نال حيرت دي، "مُحمّد" سِر مَستانا وي.

---

(1) دل- قلب، (2) خبر- ڄاڻ، (3) حاضر ٿيڻ- گواهِي، (4) آڌوتين- جوڳي فقيرن، (5) آستانو- ٽڪاڻو، (6)سدائين.

ڪافي-360

(سُر ڪسوري)

شاه حُسن شَهزادا آيا، هادي شاهنشاهُ وي ميان.

اَللّٰه آيا انساني اولي،[1] ڪامل ڪاهو ڪاهَ وي ميان.

هِردي هَمدم ڪُل هَلايا، باقي بقا بادشاه وي ميان.

هَر جا حاضر هَر مظهر وچ، ماهِ لَقا[2] سو ماهُ[3] وي ميان.

گمراهِي ڪُون گُم ڪَراهِين، رهبر ويکايا راه وي ميان.

سِر صَدق قربان سڄڻ تُون، سارا ساهُ پَساهُ وي ميان.

"مُحمّد" رکندا روز اَزلِي، وحدت دا ويساهُ[4] وي ميان.

---

(1) پردي ۾، (2) چنڊ جهڙو چهرو رکندڙ، (3) چنڊ، (4) يقين – اعتبار.

ڪافي-361

(سُر پيرُو)

نازڪ ناز ڪريندا آيا، مُشتاقان دي مَناوَڻ لَئِہ.

پارس پير پرِيتَئون پايا، محبت مَچ مَچاوَڻ لَئِہ.

بِرهين باہ پَيَڙ پَڙڪايا، دَردان دُودُ[1] دُکاوَڻ لَئِہ.

گهُونگهَٽ دي وِچ آپ چُپايا، عاشقان دي آزماوَڻ لَئِہ.

اَرِنِيۡ[2] دي آواز اُٺايا، راز رَمُوز رَلاوَڻ[3] لَئِہ.

ساقي سُراکَر[4] سُرڪ چَڪايا، مستي مؤج مَلهاوَڻ لَئِہ.

"مُحمّد" صاف سيني دي سَمايا، اَپڻي روح رِيجهاوَڻ لَئِہ.

---

(1) دُونهُون، (2) حضرت موسيٰ ؑ اللهﷻ کي عرض ڪيو هو تہ "رَبِّ اَرِنِيۡ" يعني اي رب پاڪ مون کي پنهنجي صورت ڏيکار!، (3) ملائڻ، (4) سوري - ويجهو ڪري.

ڪافي-362

جي ڏِسين هرجاءِ تي، موجود حق موجود آ،
غَيرُ دل تي آڻِ نا، موجود حق موجود آ.

اوجَ 'اَنْفُسَكُمْ'[1] اشارو، سمجھہ سالڪ تون سُرت سان،
'نَحْنُ اَقْـرَبُ'[2] اوڏڙو،[3] موجود حق موجود آ.

چِڏ تارِيڪِي،[4] طور تَجمّل،[5] روز شَب روشن ضمير،
'ثَمَّ وَجْـهُ الله'[6] ويسَهُ،[7] موجود حق موجود آ.

چو مُنجهِين موڳا مُونجهاري، عَين حق اظهار تِي،
جي سُجاڻين سِرُ[8] اِهو، موجود حق موجود آ.

اَحَدُ اَحْمَد هِڪُ هِڪوئي، فرق سڀ فاني ڪرين،
"مُحمّد" صورت صاف تِي، موجود حق موجود آ.

---

(1) "وَفِيْ اَنفُسَكُمْ اَفَلاَ تُبْصِرُوْنَ" = ۽ توهان جي نفسن (جان) ۾ آهي پوءِ ڇا توهان غور نٿا ڪريو. (ق-ش)
(2) "توهان جي ويجهو آهي". (3) ويجهو- قريب. (4) اُونده. (5) شان شوڪت- زيبائش. (6) "هر طرف الله جو رُخ يعني مُنهن آهي" (7) اعتبار- يقين. (8) راز.

ڪافي-363

صورت وارو سانگ[1] بنائي، ڍولڻُ[2] آيو ڍولُ.

حُسن پَرستِي پاڻ ڪيائين، مون ڪي ايهو ڏَسڙو ڏنائين،
مون سُڃاتو ساڳو سائين، متان پانيُون[3] بيو ڪو پولُ.

هُتئون هلي آيو اَلِفُ اوپارو، مُشتاقن تي ڪيائين مارو،
"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ"[4] عين اشارو، "قَالُوْا بَلٰى"[5] جو قولُ.

مامَ اِهائي مَردُ پَڇاڻي، ڪَلَ[6] قديمي ڪو ڪو ڄاڻي،
موج مُدامِي مُحڪُم ماڻي، سو پاڙِيندو ڀَهڳڻُ[7] ٻولُ،

مڇ انهيءَ ۾ جوئي پيڙو، وَس پنهنجي ڪان بيوس ٽِيڙو،
ساڻ خوشيءَ جي "مُحمّد" ڪَيڙو، سِرُ هادي تئون گهولڻ گهولُ.[8]

---

[1] بهروپ- نمونو (2) محبوب- سهڻو (الله ج ڏانهن اشارو آهي). (3) پانيو- سمجهو (4) "ڇا آئون توهان جو رب نہ آهيان" روزِ ازل ۾ رب پاڪ ارواحن کان پڇيو هو. (5) "ڇيائون هائو"- ارواحن جواب ڏنو هو. (6) خبر- ڄاڻ. (7) سنن ڳڻن وارو- داناءُ- سياڻو (8) صدقو ڪرڻ.

ڪافي-364

(شر ڪسوري)

حُسن حقيقي حاضر ناظر، پير پَڌر وچ پايا واه واه،
آدم دا وَل اولا ڪرڪي، بيرنگي رنگ لايا واه واه.

غَيبُ الْغَيبُ[1] دا چوڙ بهانا، صورت وچ سَمايا واه واه.
پا پِشواز[2] پيرين وچ چيريان، گِلِي گِلِي وچ گايا واه واه.

صاف صُراحِي ساغر سُرڪِي، پرتئون پَتُ[3] پِلايا واه واه.
مَئي دي مست مدهوشي معنيٰ، وِير ويڪايا واه واه.

پيوَڻ نال تَهِيندي هويا، سُور درد سَوايا واه واه،
بيخود هوڪي بره ديان باتيان، اُلٽا پيرُ[4] بتايا واه واه.

هادي ساڏي هِردي اندر، هُو دا هُل هُلايا واه واه،
مَنفِي ميدان "مُحمّد"، مَرجِي[5] مَنصَبُ[6] پايا واه واه.

---

(1) غائب ڪان بہ غائب، يعني تمام گهڻو لِڪَل، (2) نَچڻ لاءِ هڪ خاص پوشاڪ، (3) شراب، (4) نمونو، طريقو (5) مري وري جيئڻ، (6) عهدو، مرتبو، درجو.

ڪافي-365

(سُر پيلو)

پهري لباس خاڪِي، باقي بقاءُ[1] آيو.
لاثانُ[2] لاوَبالِي،[3] لاشَڪُ لقاءُ[4] آيو.

لالطيف لامَڪانِي، هر جاءِ تي مَڪانِي،
پاڪِي رکي پيشانِي، پارَس پَساءُ[5] آيو.

ظاهر ظُهورو ذاتِي، ڪري سانگ تو صفاتي،
جهاتِيءَ منجهارئون جهاتِي، طالب تڳاءُ[6] آيو.

مَطلُوبُ مَوج مؤلا، آزاد ڪري اولا،
پيحي مٽيئي پولا، عاشق اُپاءُ آيو.

اِنهيءَ مامَ ڪي سُجاڻِج، رِندي رمز رَلائج،
اڳتي سا وِڪَ وڌائج، نازڪ نُماءُ[7] آيو.

"مُحمّدُ" مثال مُحڪم، مُحم ۾ گُذار گم،
خُمرِي[8] خُمار[9] خُم،[10] اندرئون اَلاءُ[11] آيو.

---

(1) باقي رهڻ وارو- هميشہ قائم رهڻ وارو. (2) جنهن جو ڪو مَٽُ نہ هجي. (3) بغير عذاب يا سختيءَ جي. (4)ديدار. (5) نظارو. (6) جيابو. (7) ڏيک- نظارو. (8) شراب وارو. (9) نشو. (10) شراب جو مَٽُ. (11)آواز.

ڪافي-366

مَعنيٰ ۾ مَقصُودَ،[1] سالڪ سمجهن سِرَ هِي سارو.

ڏورين ڏُونگَرَ[2] ڏيهہ جا تون، مَنجهيئي مَعبُودَ،[3]
وحدت ڏانهُون ٿي نہ وِسارو.

علم عقل جا وهم وڃائي، عشق ۾ رهہ آسُودَ،[4]
چُستَ[5] وٺي هل چاهئون چارو.

ڪيئي ڪاهِلَ[6] پولَ پُلايا، جارَئون[7] ڪيائون نہ جُودَ،[8]
رِيءَ اِسم جي اَندر آنڌارو.[9]

"مُحمّد" ڏس تون نيڪ نظر سان، هَر جا حق موجُود،
پاسي ڪر تون ڪُل پَسارو.[10]

---

(1) مطلب- غرض- ارادو. (2) جبل. (3) جنهن جي عبادت ڪجي (يعني اللهؔ). (4) آسُودو- خوشحال- مُطمئن. (5) گَس- راهہ رستو. (6) سُست. (7) شوق سان. (8) ڪوشش-تڪڙ. (9) اُونداهو. (10) ڏيکاءُ- نظارو.

ڪافي-367

(سُر جوڳُ)

مَحلي[1] منجهہ آيو مِيرُ، سَيرَ ڪرڻ جو سانگ بنائي.

عدم ڪان اوقاتِي[2] تيڙو، سُهڻو رڪيائين سِيرُ،
سالڪ سارو سِرُ[3] سمجهائي.

صُورتَ تي منجهہ مُورتَ جي، پانهَہ[4] پارَس پِيرُ،
لاثاني سپ لِڪَ وڃائي.

خُلقُ رڪي خوشحال خالق، ڪلِيُون پئي تو ڪِيرُ،
دُئِي[5] ديوار ڪي دُرسُ[6] ڏيائي.

اَج ڪَلهہ ناهين اَزلي آهي، "مُحمّد" وارثُ وِيرُ،[7]
وِلها[8] واهَڻ[9] پاڻ وَسائي.

(1) پاڙي- گهر، (2) پُورالو- خيال وارو- مَن موجِي، (3) راز، (4) پهلوان- سُورهيہ- لائق، (5) ٻيائِي،
(6) دُرست- ٺيڪ ٺاڪُ، (7) بهادر، (8) سُجا- ويران، (9) ڳوٺ- بَستيون.

ڪافي-368

(سُر پيروي)

واه عشق ازل اَللّٰه ٿيو، بَحر بيرنگ بقا بِاللّٰه[1] ٿيو.

عدم[2] ڪان پري آيو قدم، ڪثرت ڪُل قُلزم[3] قَلمُ،
سُرسات[4] سَرِي[5] سالار[6] صَنم[7]، وحدت جو ويساه ٿيو.

صورت منجهان مُورت بَڻِي، عَينُ اَمر اعليٰ "اِذۡنِيۡ".[8]
"وَنَفَخۡتُ فِيۡهِ"[9] "اَسۡجِدُنِيۡ".[10] شوق ۾ شاهنشاه ٿيو.

حُسن حَقيقي ڪئي اظهارِي، جوش مئون جانب ٿيڙن جارِي،
"يُحِبُ الۡجَمالُ"[11] جي جِنسارِي،[12] فائق فَنا فِي اللّٰه ٿيو.

"خَلَقَ الۡاِنۡسَانُ عَلٰى صُوۡرَةٖ"[13] پاڻ ۾ پنهنجي ڪيائين پُورت،
صَحِي سڃاڻي معنيٰ مُورتَ، بيخُود بي پرواهُ ٿيو.

"اَنَا اَحۡمَدُ بِلَامِيۡمِيۡ"[14] قائم قادر قول قديمي،
"مُحمّد" کُليو راز رَحِيمِي، رهبر رَسُولُ الله ٿيو.

---

(1) اللهؐ جي ذات سان بقا حاصل ٿيڻ. (2) نه هئڻ واري حالت. (3) وڏو سمنڊ. (4) سَمُر، توشو سيڌو سامان. (5) مِلِي- حاصل ٿي. (6) اڳواڻ- رَهنما. (7) پٿر جو بت- اصطلاحاً- محبوب. (8) "منهنجي حڪم سان". (9) "۽ اُن ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان". (10) "سجدو ڪريو". (11) "خوبصورتيءَ کي پسند ڪندڙ". (12) سينگار. (13) "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺهيو آهي". (14) "آئون اَحمَد آهيان بنا ميمَ جي" يعني اَحد- اللهؐ.

ڪافي-369

ذاتِ صِفَتِ هِڪو هِڪُ ڄاڻي، اِهو اعتبار آڻيندو.

"ڪُلّ شَيۡءٍ يَّرۡجِعُ اِلىٰ اَصۡلِهٖ"[1] ماڳُ سوئي ماڻيندو.

"وَفِيۡٓ اَنۡفُسَڪُمۡ"[2] وچ وِچالي، طرف نہ ٻي تاڻيندو.

"خَلَقَ الۡاِنۡسَانُ عَلىٰ صُورَتِهٖ"[3]، ڄاڻُ اِهوئي ڄاڻيندو.

"وَحۡدَهٗ لَاشَرِيۡكَ لَهٗ"[4]، وِيــر وَحـدت واڻيندو.

"مَاسِوىٰ اَللّٰه"[5]، مامَ پَڇاڻي، "مُحمّدؐ" چاڻُ چاڻيندو.[6]

(1) "هرشيءِ پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي ٿي" - (ق-ش)، (2) "هُو توهان جي نَفسن يعني جان ۾ آهي" (ق-ش)، (3) "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (اللهؐ)، (4) "هو اَڪيلو آهي ۽ ڪوبہ هُن جي برابر ناهي" (ق-ش)، (5) الله کان سواءِ" يعني غَيرُ الله، (6) چندبہ چاڻ ڪندو- تحقيق ڪندو.

ڪافي-370

(سُر ڪوهياري)

رِيءَ اَللہ ٻيو ناهين، سُنِي شيعي سان ڇاهي.

هر جاءِ تي مون حق سڃاتو، لاڳاپا سڀ لاهي.

ساجن ساريان ڪِينَ وساريان، سِڪَ جو سَگِڙو ساهي.[1]

هِڪُ تياسي هِڪَ ۾ هردم، دامَ دَئِيءَ جا ڊاهي.

رمزِ حقيقت ڪير سڃاڻي، فِيلُ[2] لنگهيو منجهہ پاهي.[3]

آدم جو ڪري آيو اولو،[4] ناهُ نَڳِيءَ جو ناهي.

"مُحمّد" ڪي مِيثاقَئون اڳي، ڏَسُ ڏنو آ ڏاهي.

---

(1) ڇِڪي- تاڻي، (2) هاٿِي، (3) ڪهاڙِي يا ڪوڏر جي مٿي ۾ ڳَنَ وجهڻ لاءِ سوراخ- پاهو (4) پردو.

ڪافي-371

(سُر ڳَلياڻ)

هَر جا آهي حَقُ حَقيقِي، دُئِي دغا وارو دامُ ناهين.

پُختو پيچ پَڪو آ پريمي، خارج خالي خامُ[1] ناهين.

خاصُ الخاصِ خيال آ خالق، عَبديَت سان عامُ ناهين.

ظاهر باطن عَينُ عنايت، تاهَ تڳِيءَ جو تامُ[2] ناهين.

"اِلّااللهُ"[3] اَثبات[4] اَزل کان، "لاَاِلـهَ"[5] جو لامُ ناهين.

قائم قادر قول قديمي، "مُحمّدُ" صُبح و شام ناهين.

(1) ڪَچو- غلط. (2) تڪاڻو – هنڌ- جاءِ. (3) "آهي الله" (4) ثابت. (5) "ناهي ڪو معبود يا حاجت روا".

ڪافي-372

(سُر تِلنگ)

صُوفِن وارو سَيرُ، جن ڪيو سُڌِ[1] تن کي سارِي.

حق هيڪڙائِي هڪ ٿيا، ڪاٽي ڪُل ئي غَيرُ،
وحدت تن ڪِينَ وِسارِي.

سامِن سوجهي صَحِي سُڃاتو، اُبَتَڙ اُلٽو پيرُ،[2]
دين ڪفر کان عاشق عارِي.[3]

ڪِينَ لَکڻ[4] ۾ ڪنهن کي آيو، ڪُپيرِيءَ[5] جو پيرُ،
جَنگ جَلالِي جوشُئون جارِي.

قُلزم[6] ڪارُونيار[7] جو، گهاتُو[8] لَهندا گهيرُ،[9]
بحر اُونهي جنهن ٽُبِي مارِي.

"مُحمّد" مُلڪ اُنهي ۾ ماهر، ويرِي[10] ناهين ويـرُ،[11]
يڪدل[12] ياوَر[13] سان يارِي.

---

(1) خبر. (2) سٻرو- ڦيرو. (3) خالي – ننگا. (4) سَمجَهڻ. (5) نياڳِي- بدبخت. (6) وڏو سمند. (7) نهايت اونداهو- تمام گهڻو. (8) ٽوٻا- غوَاص. (9) گهيڙ- پاڻيءَ ۾ گهِڙڻ جي جاءِ. (10) دُشمن. (11) دُشمني. (12)همدم - مُتفق. (13) مددگار.

ڪافي-373

(سُر تِلنگُ)

خاوَند[1] خالق خيال سان آيو، هِتي بڻِي مَخلُوق.[2]

پاڻ منجهان ڪيائين پاڻ کي پيدا، سالِڪ سُلڪُ[3] سُلوڪ.[4]

اَول آخر ظاهر باطن، مَعنيٰ منجهه مَملُوڪ.[5]

"اَلاِنْسَانُ سِرِيْ وَاَنَا سِرَہٗ"[6]، هـرجا حَـق حُقوق.[7]

وَصُل فراق جو فرق رکيائين، "کُنْتُ کَنْزٌ"[8] ڪُوڪَ.[9]

"اَنَا اَحْمَدُ بِلامِيمِيْ"[10]، "مُحمّد" جو معشوق.

---

(1) مالڪ- آقا- مڙس، (2) خَلقيل- پيدا ڪيل، (3) رويو- دوستي، (4) رويو- حق جي ڳولا- تصوف جو طريقو، (5) قبضو ڪيل- غُلام، (6) "انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون انسان جو راز آهيان" (اللهﷻ)، (7) حَقَ جو جمعُ- سَچَ- سَچائي- حَقُ تعاليٰ= الله تعاليٰ، (8) "آئون خزانو هُئس"، (9) صدا- آواز- رَڙِ، (10) حضور پاڪ جن فرمايو ته: "آئون اَحمَدُ آهيان بنا مِيمَ جي يعني اَحد= الله ﷻ"

ڪافي-374

رڪِي آدم جِي اوٽَ،[1] آيو پاڻ اَللهُ ٿِي،

هر طرف حملا ڪري، ڏيئِي نَقاري[2] چوٽَ،
ويجهو وَجهُ اللهُ[3] ٿِي،

عشق اِسلامُ اَصُلِي آهي، ڪيري ڪُفر جا ڪوٽَ،
باقي بَـقا بِاللهُ[4] ٿِي،

ڪدِي چِڏ تون قلب مَئون، ڪاهوڙِي ڪُل کُوٽَ،[5]
ويتر وَريو ويساهُ ٿِي،

"مُحمّد" مَستِي مؤجَ سان، ڳولي مارِي ڳوٽَ،[6]
هادي شاهَنشاهُ ٿِي،

---

(1) آڙَ- پردو. (2) نغارو- وڏو دُهل جيڪو جنگ جي اعلان وقت وڄائيندا آهن، محرم شريف ۾ امام بارگاه ۾ بہ وڄائيندا آهن. (3) اللهؔ جو رُخ. (4) اللهؔ سان باقي ٿيڻ. اللهؔ جي ذات سان ملي بقا حاصل ڪرڻ.
(5) دغائون- خرابيون. (6) شطرنج يا چوپڙ راند جي ساري. گوٽ مارڻ= راند کٽڻ- ڪامياب ٿيڻ.

ڪافي-375

(سُر تِلنگ)

توحِيدِي تَعلِيمَ، طالبن کي آ تَن ۾.

ڳُجِهي اِنهين ڳالهه جِي، توڙَئون تي تَسلِيمَ،[1]

محبت اِهائي مَن ۾.

رِندَ رضا تي راضي ٿيڙا، فائقَ[2] فَيضَ فَهِيمَ،[3]

فوج فڪر جي فَن ۾.

هيڪاندا[4] هَمذاتِ[5] ٿيا، ڪامِلَ قُربَ ڪَليمَ،[6]

ڪُوڪَ قديمي ڪَن ۾.

"مُحمّد" مُحڪَم[7] معنيٰ سارِي، معلوم ڪئي آ مِيمَ،

قائم آ ڪَکَ پَن ۾.

---

(1) منظوري- مجتا- قبوليت، (2) اعليٰ- متاهون، (3) ڏاهو- داناءُ، (4) مليل، (5) هڪ ذات وارا- هڪجهڙا، (6) ڳالهائيندڙ- ڪلام ڪندڙ، (ڪَليمُ الله= حضرت موسيٰ جو لقب- جيڪو رب پاڪ سان ڳالهائيندو هو)، (7) مضبوط- قائم.

ڪافي-376

لکين پوشاڪان[1] پهري آيو، شاه حُسن شاهزادو.

ڪاٿي سوار هلي ٿو حاڪم، ڪاٿي هلي ٿو پيادو.

ڪاٿي غَمزي باز[2] غَمازِي،[3] ڪاٿي هلي سادو.

ڪاٿي هٿي ٿو زُغو[4] ظاهر، ڪاٿي اَندر ارادو.

ڪاٿي پِـدَرِ[5] پيدا ٿِيڙو، ڪاٿي مادَرِزادو.[6]

ڪاٿي مُونجَهه مري "مُحمّد"، ڪاٿي شوقَ ۾ شادو.[7]

---

(1) پوشاڪون- لباس- ويس. (2) ناز ڪرڻ وارو. (3) اک جو اشارو ڪندڙ- ناز ڪندڙ. (4) زُگو- ٻَناڪَ. (5) ٻيءُ
(6) ماءُ جو ڄڻيل. (7) شاد- خوش.

ڪافي-377

(سُر ٻَنسُ)

عدم[1] ڪَنُون چا قدم اَڳاهُون،[2] سَير دي سانگي آيا.

"ڪُنْ فَيَكُوْنُ"[3] دا ڪَلمہ پڙھ ڪي، محبت مَچ مَچايا.

بي صورت وچ يار پيارا، صورت سانگ[4] بَنايا.

"وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُّوْحِيْ"[5] رَمزان، اُلٽا ڀيد[6] بَتايا.

لڪين رنگ ۽ رُوپ رَلاڪي،[7] اِنُهين ٻول ٻُلايا.

"اَنَا اَحْمَدُ بِلاَمِيمِيْ"[8]، "مُحمّدُ" نامُ ڌَرايا.[9]

---

(1) نہ هئڻ- تخليقِ ڪائنات کان اڳ وارو زمانو (2) اڳتي- اڳيرو (3) اللهؐ فرمايو تہ: "ٿي پَئہ- تہ ٿي پئي" (تخليقِ ڪائنات وقت)، (4) نمونو- ٻهرُوپ، (5) "۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان" (ق-ش)، (6) راز، (7) ملائي- گَڏي، (8) "آئون احمد آهيان بنا مِيمَ جي" — يعني اَحدُ = (الله ج)، (9) رَکرايو.

ڪافي-378

رمز ڳجھي دا ڀيد[1] اَويڙا،[2] ڪوئي ڪوئي مزا پاوي.

اول آخر ظاهر باطن، هِڪو هِڪُ اَلاوي.[3]

ايڏون اوڏون هيٺ مٿاهين، هَرجا آوي جاوي.

آپ وچون چا غوطا ماري، سيني يار سَماوي.

دَمُ مَنصُوري مارِ ڪَراهين، سُوري سِر چڙهاوي.

تي نِشانبَرَ[4] "مُحمّد" ڪِيوين، آپ ڪُون آپ لِڪاوي.

---

(1) راز. (2) ڏکيو. (3) ٻولي-ڳالهائي. (4) ظاهر- پڌرو.

ڪافي-379

(سُر جوڳ)

بي مِثل بادشاهُ، معنيٰ منجهه مثال تي آيو.

هجر فراق جو حِيلو هلائي، هادي شاهَنشاهُ،
وارث وِيُر وصال تي آيو.

غيب منجهارئون گوهر غازي، اَزغَيبِي* اَرواحُ،
اَحديَت احوال تي آيو.

بيقراري بار اُٺائي، ٺيڪُ ڪري اِهو ٺاهُ،
لاثاني لِنوَ[1] لالَ تي آيو.

ڪنهن ڪي لَڪَڻ[2] ۾ ڪِينَ اچي ٿو، سِيني ساهُ پَساهُ،
ديهِيءَ[3] دَرڪُ[4] دلالَ[5] تي آيو.

"مُحمّد" نامُ دَرائي[6] دُرِ[7] ڪان، اَصُل ۾ ته اَللهُ،
لدنِي لازَوالَ تي آيو.

---

(1) لَنئون - محبت، (2) سَمجهڻ، (3) جسم، (4) ڄاڻ - پَروڙَ، (5) اُهڃاڻ، نشانِي، دليِل، ثابتي، (6) رڪائي
ڙڪرائي، (7) اصل ڪان.
* اَزغَيبِي=اوچتو - ڳجهي طرح.

(سُر جوڳ)

ڪافي-380

اکيون پَٽي جي ڏسين، حقيقت حَوال،
لاَخَوفٌ (1) لاَثانُ(2) آ، لاشَڪُ لازوال.

پاڻ ڪٿون پري ناهين، ويجهو وڄ وِصال،
بيمِثل بادشاهُ ٿي، موجودِي مِثال.

قادر قربدار ڏس، جذبو جوش جَلال(3)،
جاءِ جماعت ۾ رهي، جانِي جوتِ جَمال(4)،

پُر پياري پرت سان، ساقي ڪَيف(5) ڪَلال(6)،
پيئڻ سان پرواز ٿيو، هِردي حاصل حال.

نِينهَن ۾ نازل نانهِ ٿيو، نُوراني نِهال(7)،
هُتَئُون هِتي جي آيو، ڪري ڪافُ ڪَشالُ(8).

لاَ نَفِيءَ جِي لَتَ سان، پاڻُ ڪري پائمال(9)،
"مُحمّد" مُحڪَم مؤج ۾، هَرجا حُسن ڪَمال.

---

(1) اُن کي کو خوف ناهي، (2) جنهن جو مَٽُ نہ هجي، (3) بزرگي – عظمت، (4) حُسن، (5) نشو، (6) شراب وڪڻندڙ – ساقي، (7) خوش، (8) تَڪلِيفُون، (9) نابُود – تَباه.

ڪافي-381

(سُر تِلنگُ)

هَر جاءِ حق حَقِيقِي، نروار تيو نَظَر ۾،
يَئُو پولُ سڀ پَڄي ويو، پڌار تيو پَڌَرَ[1] ۾.

"اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ"[2] ارادو، قول قَالُو بَلىٰ[3] ڪُشادو،
پَسجي پيو پاڻَ مُرادو، اقرار تيو اڪر ۾.

آدم جي آيو اولي، پاڻ ٻوليُون پيو ٻولي،
دل جون دَرِيُون کولي، اَنوارُ[4] تيو اندر ۾.

لڪين پوشاڪانُ پائي، رُوپِي[5] رمز رَلائي،
ڪيئِي پولَ ۾ پَلائي، سينگارُ تيو سَفر ۾.

اَصلئون اَللّٰه واحد، اظهار "اَنَا اَحۡمَدُ"،
مؤجزَن "مُحمّد"، مَهندارُ[6] تيو مَندرَ ۾.

---

(1) ظاهر، (2) روزِ ميثاق، اللهؐ روحن کان پڇيو تہ " ڇا آئون توهان جو رب آهيان؟" (3) روحن وراڻيو تہ: "هائو" (4) روشن — روشني، (5) صورت جي، (6) اڳواڻ — رهبر.

(سُر پيِروي)

ڪافي-382

دُئي[1] اَٿِي دِگرانُ[2]، حال حقيقت ڪر تون حاصُل.

هيت مٿي هَر جاءِ تي هِڪُ آ، لَعلُ لاثاني لاشَڪ لِڪُ[3] آ،
لاهي شڪ گُمانُ، وحدت وِيءُ[4] ڪر تون واصُل.

علم لدنيءَ جو آن عالِمُ، ثابت سِرُ سِري[5] آن سالِمُ،
تِي تون سُرتِ سُبحانُ، قول قائم ڪر تون ڪامِلُ.

مَستِيءَ واري مَوجَ مَچائج، هَستِيءَ وارو حال هَٽائج،
تَرڪُ ڪري طُوفانُ، شوق اِهوئي ڪر تون شامِلُ.

"مُحمّد" مَعنيٰ مُور[6] مُدامِي، سمجهي ڪرتون صاف سَلامِي،
صورت جو سُلطانُ، مُورَتَ ڪر تون مِيمِي مائِلُ[7].

---

(1) بيائِي، (2) بيائي، (3) راز – گُجهو (4) سؤدو سامان، (5) گُجهو – راز وارو، (6) فقط، بِنه، اَصُل،
(7)چاهيندڙ – لاڙو رکندڙ.

ڪافي-383

(سُر پرڀاتي)

ٻانهَپ وارو ٻولُ، ويو وُجودئون نڪري.

اَحديَت[1] جي اوَٽَ سان، پڄي ويو آ ٻولُ.

هُتئون هِتڙي رکي آيس، آدم وارو اولُ.[2]

"اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ"[3] جي اشاري، "قَالُوۡا"[4] قائم قولُ.

دَم دَم داتا ديهِي دلبر، ڏِلِي* آيو ڏولُ.[5]

"مُحمّدُ" مِٺي محبوب جو، گهايل[6] آهي گهولُ.[7]

(1) هيڪڙائي - اللهؔ جي وحدانيت، (2) اوٽَ - پردو، (3) الله ج روزِ ازل روحن کان پڇيو هو تہ "ڇا آئون توهان جو رَبِ آهيان؟" (4) ارواحن چيو- "بَليٰ - يعني هائو" (5) محبوب – سُهڻو، (6) زخمي ٿيل، (7) گهور ٿيڻ- قربان ٿيڻ - قرباني، * ڏِلِي = هَلِي.

داستان: بَحرِ توحيد

ڪافي-384

(سُر ڪلياڻ)

بَحر توحيد ۾ بيخود، وڃن ٿا ٻانورا[1] بيشڪ،
سامِي سوجهي[2] سَچِي سِپَ مئون، لَهن ٿا لَعلَ سي لاشڪ.

چِڪَڙ ۾ چاھ سان چُهنبان، هڻن ٿا ڪَنگَ ڪُوڙا ڪاذِبَ،[3]
پَسَن پاتارَ نا پيهِي، دَرن ۾ دِيدَ ڪن ناحق.

قديمي "ڪِينَ" قُلزَم ڪي، جهاڳي ويا جوان جوشيلا،
ڪُوڪاران ڪُنَ ڪَپَر ڪَڙڪا، لتاڙي سِيرَ ويا سي لَڪَ.

ٻَڌِي ترهو تَوڪَل جو، "حَسبِي الله"[4] چئي هليا،
جدا سِرَ ڪئون ٿيا جُهدئون[5]، "مُحمّد" هڪ ٿيا وڃي سي حَقَ.

(1) ديوانا – البيلا، (2) ڳولي، (3) ڪُوڙا، (4) "اسان لاءِ الله ڪافي آ-" (5) ڪوشش سان.

ڪافي-385

(سُر سورٺ)

مـوُج زَنَ[1] دريـاه وَحـدت، بـاقي بَـقـا بِـالله آ،
نـا فـنا تـيندو ڪـڏهـن، جـذبـو جَـلالُ الله آ.

وِيرَ وحدت جي وَڏاڻُن،[2] جو اُزَمُ[3] اُدماتُ[4] آ،
لَـسَ لَـهرَ ڪُـنَ ڪَـڙڪَـن، اوُجَ اِلاَّللهُ آ.

بي رِيا بانڪو بهادر، نِينهُن نادر نامَوَرُ،[5]
ظاهـر ظَـهُرو ذوقُ زابِـرُ،[6] قائـم ڪَليِمُ الله[7] آ.

"ڪُلِّ شَاعِرٍ صَادِقٌ"،[8] صِدِقُ ثابت سَربَسر،
گَـنـجُ مَـخـفِـي گـوهَـرِي،[9] قـول ڪَـلامُ الله آ.

ڪُلِّ شَئٍ[10] قُربَ سان، مُحمَّدِي مَعراجُ تيو،
اَحُمَدُ "مُحمّد" مَظهِري،[11] ڪَلمو ڪمالُ الله آ.

---

(1) چوليون هڻندڙ، (2) مُترڪَن، (3) زور - سختي، (4) جذبو - پَڙڪو، (5) نالي وارو - مشهور، (6) زبردست - طاقتور، (7) الله سان ڳالهائيندڙ - حضرت موسيٰ ع جو لقب، (8) "سڀ شاعر سچا آهن"، (9) هيرن جواهرن وارو، (10) هر شئي، (11) ظاهر ظهورو - پڌرو.

(سُر بِباسُ)

ڪافي-386

دل ۾ درياھ وَھندا سارا، ڪوئِي ڪھاتُو[1] گھِردا[2] ھئي.

لک لک لَھريان اوتَر[3] آون، ڦيرَ اِنھِين وچ ڦِردا ھئي.

وِير اِنھِين وچ جوئي آوي، ڪُن ڪَپر وچ ڪِردا ھئي.

اُڏمان[4] اوَجَ دَرياھِي دَھشت، ڏِيل[5] اِنھِين وچ ڏَردا ھئي.

سِڌا سِير سَموئي[6] ثابت، ويا نہ ڪوئي وَردا ھئي.

ھمت ھادي ساڻ ھردم - "مُحمّد" تارُو تَردا ھئي.

---

(1) ٽوٻو – غوط خور، (2) گھِڙدا= گھڙي ٿو، (3) سخت تيز واءُ، (4) جوش – تيزي، (5) بدن – جسم،
(6)سَموھي=سَنواري-ترتيب ڏئي، تيار ڪري.

ڪافي-387

(سُر پَهاڙِي)

بَحر عشق جِي لَهرَ، عَيان[1] آبُ[2] ٿو هلي،
گِرداب[3] گَنجُ مَخفِي، دَر حُباب[4] ٿو هلي.

تُبِي هٽي تون ڏس، ڪَنڌِي ڪِنار ناهي،
اُونهي منجهان ٿي ٻاهر، سر سيلابُ ٿو هلي.

ذاتي صِفاتِ شاغل، هِڪُ ٿِي حسابَ ۾،
رڳ رڳ رَلِي ويو، رُوحِي رَبابُ[5] ٿو هلي.

رنگ رُوپُ آهي رَنگِي، بالا بلند بَياضُ،[6]
باطِن بَقائِي بيحد، بِره بابُ ٿو هلي.

"مُحمّد" پريم پياسِي، سُرڪِيءَ جو آهي سائِلُ،[7]
پِير مُغان جي محفل، شاهِي شرابُ ٿو هلي.

---

(1) ظاهر (2) پاڻي، (3) ڪُنُ – پاڻيءَ جو چَڪَر، (4) پاڻيءَ جو ڦوٽو جنهن ۾ صرف هوا ڀريل هوندي آهي، (5) سارنگيءَ جهڙو ساز، (6) سُفيدي – شعرن يا ياداشتون لکڻ واري ڪاپي، (7) طلبگار.

ڪافي-388

وحدت جي درياءَ ۾، غازِن ڪيا گهيرا.

دَهِليا[1] نا درياءَ ڪئون، دُرسُ[2] لاتائون ديرا.

سمجهي ڪو سُجاڻُ[3] تي، وَرَ وَڪَڙَ ويرا.[4]

سِڪَ وارن ڪي سِيرَ ۾، ساهڙ جا سيرا.[5]

سُرڪَ پِي صاف ٿيا، خُمارِيَل[6] ڪيرا.[7]

”مُحمّد“ پَرتا ميهار ڪي، مَندا[8] ۽ ميرا.[9]

---

(1) ڊنا - هَٻڪيا، (2) دُرست - صحيح، (3) سُڄاڻُ -هوشيار، (4) ڦيرا - وَڪڙَ، (5) سِرڪائڻ - ريڙهڻ واٺون - لنگهڻ جاگَس، (6) خُمار ۾ - نشي ۾، (7) ساٽا ٿيل - بي حس ٿيل، موڳا ٿيل، (8) گهَٽ - بُرا، (9)خراب - گندا.

داستان: ديدون - نيڻ - اڪيون

ڪافي-389

(سُر تلنگ)

ڊِيدان دل ڪَسيندِيان. ڪَسِ دِليان نُون نَسيندِيان.[1]
هِجر وصال ڏَسيندِيان. وڃ وَلاڪي وَسيندِيان.

ديدان دَم دَم دِيد لاوَن، شورِيدي[2] شهباز آوَن.
مُشتاقان دا ماسُ کاوَن. نال فَڪَل[3] دي ڦَسيندِيان.

ڊِيدان دا دستور ويڪو. ڪَيفِي ڪَيفُ ڪَلور ويڪو.
سُولِي اُتي منصور ويڪو. راهَ اِنهِين ۾ رَسيندِيان.

ڊِيدان دا جِس دامُ پيا. ٻَج ڪفر اسلام گيا.
لاغرضي دا پا لِيئا.[4] آپ ڪُون آپ پَسيندِيان.

"مُحمّدُ" منسب دار[5] اڪيـان. روز اَزلِـي ٻـئِـي ٻڪيان.
رمز رَفاقت[6] نال رَسيان. گُر گوهر[7] ٿِي تہ گَسيندِيان.

---

(1) پاسو ڪن ٿيون – پڇن ٿيون، (2) چِرِيَل، مَچِريَل، (3) ٽڳي، دوڪو (4) لِيئو جهاتِي، (5) مان مرتبي واريون، (6) سات – همراهي – دوستي، (7) سچو موتي.

(سُر تلنگ)

ڪافي-390

بيٺو دُرس[1] دوناليون هٽي، نِسنگ[2] نيٽن واري ناز سان.

گهُورَ نيٽن جي جن ڪيءِ گهايو، طرف نہ ہي ڪنهن تَٽي،
اُهو سالم سؤز گُدازَ سان

زوران زوري زور زياده، خيال ڪَسيُون پيو ڪٽي،
شور پَريل شهباز سان

حاصل حال حقيقت ڪهڙو، بار بِره جو بَٽي،
باقي بيخود واري بَياض سان

”مُحمّد“ ڪي مستان ڪيائين، محبت واري مَٽي،[3]
موهيائين ڪنهن نہ مجاز سان

---

(1) صحيح، دُرست، (2) ظاهر ظهور، بي خوف، (3) ماٽي —ناز.

(سُر تلنگ)

ڪافي-391

ڪَجليُون ڪانَ هٽن تيون، ڪَيفِي[1] ڪَتاريُون وو،

اچن اُمالَڪَ وو، ڪَستَ[2] مئون ڪاهِيُون وو،
ٻارِن ٻَئي وو، ٻره جون ٻاهيون وو،
عاشق وچن تيون آزاريون وو،

شاهي شور پريون وو، چوهي[3] جان ڇُٽن تيون وو،
دُرس دلين جا وو، مُلڪَ لُٽِن تيون وو،
ايهي ڏاڙي خاطر، تو ڏاريون وو،

روز ازل ڪئون وو، اِهي اڪيون وو،
"مُحمّد" ساڻ اچي وو، ٻيئي ٻَڪيون وو،
رهبر رمزن واريون وو،

---

(1) خُماريل – نشي واريون، (2) ڪاوڙ، جوش، (3) تيز هوا، طوفان.

ڪافي-392

(سُرپيهُ)

گهَتيا دِليان نون دامُ، نَينان والي ناز نظاري.

جَهٽ پَٽ جَهنڪي جهام[1] جِهڙڪ[2] دي، عشق نِيتا[3] آرام،
اؤج اندر وچ مار اوتاري.

سِڪ واليان نون پَرِيَر سُهٽيان، جُنگ پِلاوَن جام،
عاشق ڦِرندا مست خُماري.

پوشيديان پرواز ڪَريندِيان، ڪَل نہ ڏيوَن عام،
چشمان آوَن چوري چاري.[4]

غَمزي[5] نال گَنوائن سارا، خارج خطرا خام[6]،
ويڪو عَينان[7] دي اُلٽ اِشاري.

"مُحمّد" مُول[8] ڪَڏان نا مُڙسَن، آنديان نِي صبح شام،
همدم چائِسَن وِڪ واڏاري.

---

(1) اُلَـرَ ڪرڻ، (2) تَنبيهہ ڪرڻ- نِندَڻ، (3) نِيو - ڪڍي ويو (4) بَهاني - حِيلي، (5) اک مارڻ - اک جو اشارو (6) ڪَچا - اجايا، (7) اکين، (8) مُورُ - هرگز.

ڪافي-393

(سُر پِيمُ)

تُنهنجي عَينن جو انصاف ڪيم، مشتاق هزارين مارِن تيون،
اُنهي ڪاتَ قديمي ڪُهڻ سان، ماري پوءِ جِيارِن تيون.

عَينان عَينَن ۾ جڏهن اَڙجِي ويون، قابو قرب اُنهِيءَ ۾ ڪَڙجِي ويون،
مستومست خُماري ڪڙجِي ويون، چَؤرنگ چشما چست چانگارِن[1] تيون.

عَينان عَينَن کي ارشاد ڪَرِن، اعليٰ عشق عجب امداد ڪَرِن،
ديدان دَست بِدستِي دل شاد ڪَرِن، محض مُلڪان مُلڪ سڌارن تيون،

انهن ديدن جو دستور اِهو، قائم ڪَيفِي[2] ڪَلالِي[3] ڪَلُور[4] اِهو،
بارِي بره سدا پرپور اِهو، جلدي جامُ پريمي پِيارِن تيون.

عينان شوريون اچن شهباز چوري، لائن لُونءَ[5] اندر لَٹُون[6] لاتِ لورِي،
"مُحمّد" زابر زوران زورُ زوري، اوتَر[7] اُلا[8] خوب اُتارِن تيون.

---

(1) لاٽيون ڪن ٿيون، (2) نشي وارو، (3) شراب ڏاهيندڙ ساقيءَ جو، (4) ظلم - زيادتي، (5) جسم - وارَ وارَ، (6) ٻيان، (7) گهٽو واءُ، (8) باهه جا شعلا.

ڪافي-394

اکين جي آرَ[1] اُلفت جو، عوشاقن تي اثر آهي،
محبوبي راز رنــگ روشـــن، بَـقا بِـالله[2] بَـصر[3] آهي.

چـشم چمڪار چھچـٽو، چَـمن ۾ خُـوب تَـر کُليـو،
شـمع بـجلي شرمـساري، نهـايت پُـر نـظر آهــي.

محبت مـــامَ مِـيثاقِـي، مشتاقن مَه لَقا[4] آهي،
مشاهدو ميم مُيسّر، مُحڪم مليو مَندر آهي.

نزاڪت ناز نيڻن نيو، وجي منجھ بحر اُونھي پيو،
يَڪايَڪ يار ۾ گم ٿيو، بِلاشڪ بي خطر آهي.

وصل وحدت عنايت اَحد، "بِلا مِيمٍ آنَا اَحْمَدُ"،
مُنور مِيم "مُحمّد"، مٿان ڪُل تاجوَر[5] آهي.

---

(1) ڪشش، (2) الله سان باقي رهڻ- اللهؑ سان هڪ ٿي وڃڻ، (3) ڏسڻ – نظر، (4) چنڊ جهڙو، (5) تاج وارو- سرتاج.

(سُر ڪسوري) ڪافي-395

عوشاقن تي آٽي اَويـڙي، دُرس دُنالِي دِيدَ اَڙائن.

اچن اُمالڪَ تي اَڙينگِي،[1] صاف سيني ۾ سَيفَ[2] سَٽِڪائِن.[3]

عَينَن جو احوال اَلستِي، لائِن لاشڪ توڙُ نيائِن.

سُڪَن جو سامان سَٽِن تيون، سُورن سان سَوين ساتَ گَنوائِن.

ڪَل ڪَنهين کي ڪِين ڏين تيون، چورِي چِشمان چاشَ چَکائِن.

شور شَهاني شوق منجهارئون، "مُحمّد" مست ميدان مَلهائِن.

---

(1) بي پرواهه – سرڪش – ضدي، (2) ترارين، (3) هڻن – سَٽڪوڪن.

كافي-396

(سُر بلاولي)

کيئي مُشتاق مَرينديان، مِڪ هَڏان دي چَرينديان.

شاه حُسن ديان نـِوي،[1] فوجان چڙهينديان اَلو،
عاشق قتل ڪرينديان.

اُلٽيان پُلٽيان نِوي، آنديان نِي عَينان[2] اَلو،
وچ اَڙاه ٻرينديان.

سُرڪِي بيخود نِوي، يَر يَر ڏينديان اَلو،
وحدت وِير وَرينديان.

"مُحمّد" دِيدان نِوي، هادي واليان اَلو،
تَهدل تار تَرينديان.

(1) آهي – آهن، (2) اکيون.

(سُر پهاڙي)

ڪافي-397

ڏسي چِشمن سندِي چالِي، عجب هِيءَ رمز پاتِـــي سي.

ڪيوسي سَير سُبحاني، ڏٺوسي نُور نُوراني،
مـــليـــو آ دل انـــــدر جانِي، لاثانِـــي لَـــئون لاتِـــي سي.

وٺي سِر موُج سانوڻ جي، مناسب آ مرڻ تائين،
وساريان ڪِينَ ڪِي وسري، ساڳِي صورت سُڃاتِـــي سي.

عجائب عَين اَحْمَدْ جا، عوشاقن لَئہ اَثر آهن،
شـــفايـــابِـــي مـــريـــضن جي، اَلستي ڄـــانَ ڄـــاتِي سي.

قرب جي قيد ۾ قابُـــو، "مُحمّدْ" عاشق سدا سَرهو،[1]
مَلامت لوڪَ ساري جِي، ڇِمِي سِـــرَ يارَ ڇـــاتِـــي سي.[2]

(1) خوش، (2) ڪَنئِين سُون.

ڪافي-398

(سُر پيلو)

اُلٽو عَينَن جو اَزلِي آرُ[1] آ. نشو نينهن وارو خُمر[2] خُمارُ[3] آ.

"يُجاهِدُونَ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ"[4] ڏِسُ، تابُ عاشق اُتي تِکو تلوارُ آ.

گهايَل گهائجن وري پيا وَڍجَن، محبوبي مُشتاقن متائون مارُ آ.

تِيرَ تُفَنگِي[5] تَجمّل[6] توفانُ[7]،دونالِي دلبر والِي سيني سَنڪارُ[8] آ.

حُسن حقيقي "يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ"[9] اَطهَر[10] اَنور[11] عالم ۾ اِظهارُ آ.

يٰـسٓ - طٰــهٰ - تَبَارَ- مُــزَّمِلُ"[12] شـــــان "مُحمّد" شاه هَسوارُ آ.

---

(1) چِڪَ - اُڪِيرَ - ڪشش، (2) شراب، (3) نشو، (4) "الله جي راه ۾ جهاد ڪن ٿا"، (5) بَندوق - توپ، (6) شان شوڪت، (7) توف يا توب جو جَمعُ، (8) سَنڪو - ڏَڪَ لڳڻ، (9) "احسان ڪرڻ وارن کي پسند ڪندڙ"، (10) پاڪ، (11) گهڻو چَمڪندڙ، گهڻو روشن، خوبصورت، (12) قرآن شريف جي آيتن جا نالا، يٰسٓ، طٰهٰ، مُزَّمِلُ= حضور پاڪ جا نالا بہ آهن.

كافي-399 (سُر سورٺ)

مست اکيان تيڏيان يار، عاشق مارِ شڪار ڪرينديان.

آوَن چوٽ چَلاوَن جَنهن نُون، بارِي اُٿاوَن بار،
لحظي وچ لاچار ڪرينديان.

شور ڪَرِن شهبازان وانگر، تيز تِکيان تاروتار،
باوِلي[1] وچ بيمار ڪرينديان.

ماسَ هَڏان تُون رَهڻ سَٽينديان، جيرا ٻُکيان ڪَنُون ڳار،
قِقُڙ قَراني[2] ڏار ڪرينديان.

فالَمُ[3] فئِر[4] تي فئِر چڏينديان، "مُحمّد" ماروماز،
نِينهُن نَينان نروار ڪرينديان.

---

(1) چريائپ، چِتائي، (2) پاسِرئِن ڪان، (3) تيار – چُستُ، (4) فائر (بندوق جو).

ڪافي-400

(سُر صُبحِي)

اکيون اَڙيون اَلستِي عجيبن[1] سان، دل رِيڌَل ناهين رَقِيبَن[2] سان.

وايون سيئي وسري وڃن تيون، هِيئُون لڳو تہ حَبِيبَن سان.

لوڪَ لاڳاپا ٺَهڪي[3] ٺَٺِي پيا، ناتو نينهن نَجِيبَن[4] سان.

زَخمَ جگرِي چاڪَ[5] چِڪَن[6] تا، تاءِ[7] ڇڏن نہ طَبِيبَن سان.

وارُ وِٺي يانيان نا هِڪَ جِي، "مُحمّد" مست مُجِيبَن[8] سان.

---

(1) محبوبن، (2) حَرِيفن – عشق ۾ ٻن عاشقن جو هڪ ئي محبوب تي عاشق ٿيڻ – اُهي ٻئي هڪ ٻئي جا رَقِيبَ سڏبا آهن، (3) جوش، اُٻارَ – ٺَسڪي، (4) نَجِيبَ جو جَمعُ، ڀلا انسان، (5) زخم، (6) ڦٽن مان گند وَهڻ، زخمن جو خراب ٿيڻ، (7) تپش – ساڙو، (8) قبول ڪندڙ ۽ جواب ڏيندڙ – مُجِيبَ – الله ؑ جو نالو آهي.

كافي-401

(سُر ڳلنگڙو)

اکيان سُهڻيان رنگ پريان، شورِي[1] ڪَرِن شڪار سائيان،[2]
مشتاقان نُون مست ڪرينديان، بارِي اُٺاوَن بار سائيان.

فالم[3] فوجان فوج چَڙهينديان، طالبان تڪرار سائيان،
تَرسُ[4] تِنهان نُون مُول[5] نہ آوي، ڪَن قتل دِي ڪارِ سائيان.

غَمزي بـاز[6] غَمازِي ڦِرنديان، هر هنڌ هَٽ بازار سائيان،
حشمت نال ڪرينديان حملا، نازنين نروار سائيان.

نظر نيڻان دي نِهوڙيا[7] ڪيئي، لاکُون لک هزار سائيان،
عيش اُنهان نُون آرام نہ آوي، بيشَڪ هِن بيدار[8] سائيان.

"مُحمّد" دِيدان دِيد رَلاوَن،[9] پهچائينديان ڏُوپار[10] سائيان،
غازي هو ڪَر غور سي ويکَن، اِلاهِي اِسرار سائيان.

---

(1) شوريل – مَچريل، (2) اي سائين، (3) تيار، (4) رحم – ڪَهَل، (5) مُورَ – هرگز، (6) ناز ڪندڙ – اشارا ڪندڙ، (7) برباد ڪيا، ناس ڪيا، (8) سجاڳ – هوشيار، (9) مِلائِين، (10) سِڌو پارِ – اڻ موٽ.

كافي-402 (سُر گلنگڙو)

اِنهان اِکيان اَسان نُون آتش لائِي، روزئُون روز سَوائِي واه واه،
دل اَسان ڏِي قرار نہ کاوي، جذبي جوش جَلائِي واه واه.

اکيان اکيان وچ اَڙيان اَلستِي، خُون کريندِيان جائِي واه واه،
ڪَمُ اُنهان نُون ڪارِ اِهائي، رُڳِي وڙهڻ دِي وائي واه واه.

عَزم[1] نال اُمارا[2] ڪَرڪي، رَيفَل[3] رمز رَلائِي واه واه،
اکيان جِنهان نُون چوٽ چَلائِي، سُدِ تِنهان نُون سَيائِي واه واه.

ڏيکڻ نال ڏِهاڙِي ڏينديان، فَيضُ فَهمُ فنائِي واه واه،
بعد فنا دي فڪر رکين، بيشڪ بحر بقائِي واه واه.

دامر اکيان وچ اوئِي آوي، صوفي مرد صفائِي واه واه،
لک مبارڪ "مُحمّد" ڏيندا، وِرِهُ[4] واليان واڌائِي[5] واه واه.

---

(1) پڪو ارادو، (2) سانپاهو - تياري، (3) رائفل - بندوق، (4) بِرهُ - عشق، (5) مبارڪباد.

ڪافي-403

اکين جي ڏسڻ سان بِرهَ باه ٻري،
ڏاڍي تابَ تکي سان ڪڏهن ڪِينَ ٺري.

پلا سهڻا جاني حُسن جواني ماڻي،[1]
تنهنجي درد فراقن مون کي ڪيو فانِـي،
وصل واڳَ واري، وَهلو[2] وِيُر وَري.

مارِن مشتاقن کي، نازڪ ناز تُنهنجا،
ڪولي گھُونگَهٽُ، ٻئي ڪڻ تون نيڻ پنهنجا،
ڏسڻ رِيءَ تنهنجي، ماندِي هيءَ مفت مري.

ساڙيو حُسن تنهنجي، جلد جسم سارو،
ڪوري ماسُ هڏن، ڪيو ڪرنگهه[3] ڪارو،
جگر جيرو جَليو، پئي جان ڳري.

قدم قرب وارو، ڪوهيارل ڪَکين،[4]
ڪٽي آ پرت وارن جي، پيارا پَکين،[5]
”مُحمّد“ ساڻ مل تون، ڪامل قرب ڪري.

---

(1) ماڻين (2) [illegible] (4) [illegible] ڪکن ۾ -گھرن ۾، (5) پَکن ۾ - جھوپڙين ۾ -گھرن ۾.

ڪافي-404

دم دِيد[1] جي خريد سان، ڪيئي ملڪ تو مُريد ڪيا،
گُذر[2] تَنِي ہي گوڙ ڪان، اُهي يگانا[3] يُريد[4] ٿيا.

شاه حَسن واقعه، بَر حُسين ڪربَلا،
منصور شمس شائق، شاهي شوق ۾ شهيد ٿيا.

عطار حافظ رومي جامي، رمز رهبر رِند ڪيا،
سَرمست سَرمَد شاه بُلها، اِنهيءَ فڪر ۾ فريد ٿيا.

پيوَند پيچ پائبند[5] ٿيا، توحيد طلب تنهنجي،
وَنَحْنُ[6] وِٽِي نہ يانئن، اُهي حَبْلِ الْوَرِيْدِ[7] ٿيا.

مَوج حُسن "مُحمّد" مستان ٿيا مُدامِي،
"اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا"[8] اُهي "هَلْ مِنْ مَّزِيْدِ"[9] ٿيا.

---

(1) نظر نگاه. (2) ڇڏي ڏنائون، گذري ويا. (3) نرالا- بيمثل، اڪيلا. (4) ارادو ڪندڙ. (5) ٻَڌل، قيد ٿيل (6) ۽ (7) "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" يعني "آئون توهان کي ساھ جي رڳن کان بہ ويجهو آهيان" (الله جو ارشاد) (8) "بيشڪ اسان فتح ڪري ڏنو توهان لاءِ ۽ اِها کُليل فتح آهي" (ق.ش ۾ فتح مڪہ جو ذڪر). (9) "ڇا اڃا بہ وڌيڪ".

ڪافي-405 (سُر جوڳُ)

اکيون مينگهه ملهار، مشتاقن کي ماري مِليُون.

قيد ڪَرِن ڪَجليُون ڪَيفَ[1] ڪَڪوريون،[2] شهبازن جان اچن ٿيون شوريون،[3]
تَرسُ[4] نه ڪن تڪرار، دَستِ دِليريُون ڪن ٿيون دِليُون.

نازن سان ڪيئي ناتَ نِوائن، سورن سان سَوين ساتَ گنوائن،
مُحڪَم مست خُمار، نُورَ[5] عجائب واهه جِي ٽِليُون.[6]

جوش جَڳائن جذبئون جائِي، تُنهنجِي واڪاڻِ وڻ ٽِڻَ وائِي،
چوٽرفين چوڌار، مَلهِي[7] بِيٺيُون ڳوٺَ ڳَليُون.

روز اَزلي اڄ ڪلهه ناهِن، نينهن پريون ٿيون ناتو نبائن،
مُحمّد سان مُختيار، رهبر واريون آنِي[8] رَليُون.[9]

---

(1) نشو (2) سُرخي مائل- ڳاڙهيون، (3) مچريل- سخت ڪاوڙيل، (4) رحم، (5) هلڻي-هلت- نمونو (6) نازنخري سان هليون، (7) سَرسِبي ڪري، (8) اَچي، (9) مِليئون.

ڪافي-406

(سُرپُوريا)

تُنهنجي دِيدَن ڪيو درويشُ، دؤر دَرُونِي دائم دلبر.

فوج فراقن مون ڪي ڦٽيو، رڳَ رڳَ ۾ تيو ريشُ.[1]

جُنبِي[2] هَنيڙءِ جان ۾، نِينهَن جو تِکڙو نيشُ.[3]

اوڙو پاڙو وسريل سَيڪِي، نڪا خواهش خَويشُ.[4]

لُونءَ لُونءَ[5] ۾ واه لاتِيئِہ لورِي، بِره بِلاشڪ بيشُ.[6]

”مُحمّد“ جو مطلوبُ مُدامِي، پارَسُ[7] پِرين تون پيشُ.[8]

---

(1) پُونءِ وارو زخم، (2) حرڪت ڪري- مشغول ٿي، (3) ڏَنگ- تيز ڏَند، (4) پنهنجو ويجهو عزيز، (5) وارَ وارَ ۾، (6) تمام گهڻو، (7) اهو پٿر جنهن کي لوهہ تي لڳائجي تہ سون ٿي پوي، (8) پيشُ سونُ- نجُ سونُ.

ڪافي-407

عينن جي ڪُتل کي چا خَنجَر وَهائجي،
ڪاتيُون ڪُسِي ويون چا سُوريَل سَهائجي.

دل ۾ دُکَن دُونهان، محبت مچائجي،
پِرتئُون پرِيَن جو پُورُ، پَلپَل پَچائجي.

سڪ جي سوغات ثابت سيني سَمائجي،
راضِگي رِندِي رمز، رهبر رَهائجي.

هر دم هِيئين[1] حيرت، هيجَئُون[2] هلائجي،
قُربئُون قريب ڪَهٽِي،[3] ڪامل ڪَهائجي.

خطرا خيال خامِي، وَهم وچائجي،
سالڪ گُذارِ سچ تي، ٿاهه نه ٿَهائجي.

هر حال ۾ هِڪُ تِي، ڪنهن کي سَتائجي،
”مُحمّد“ مُقِيم ماهر، لاحد لَهائجي.[4]

---

(1) ڊڄ، (2) [illegible] (3) ڳالهه ٻولهه – چوٽي، (4) ڳولجي- حاصل ڪجي.

ڪافي-408

(سُر توڙي)

اکڙِن جو انصافُ، ڪنهن کي ڪرڻ ۾ ڪِينَ اچي ٿو.

اکيون اکين ۾ اَٽِي[1] اَٽڪائن، سڀ مَلُولَن[2] معافُ،

مچ مدامي مست مچي ٿو،

شمع حُسن جو شُعاع[3] شِتابِي،[4] غفلت کولي غلافُ،[5]

پتنگ وانگي پاڻ پچي ٿو،

ويهڻ واڪَ[6] تَنهنجي وِيَڙِي، ڪاٽي ڪشالو ڪافُ،[7]

رمز اِنهِيءَ ۾ يار رَچي ٿو،

"مُحمّد" جنهن تي نظر هاديءَ جي، تِيَڙو صافَن صافُ،

نينهن ۾ نازل نانگو نچي ٿو،

---

(1) ڇِهنبَ-نوڪَ، (2) ڏُکن-غمن، (3) روشني، (4) تيز-تکو، (5) پردو، (6) سَگَهه-زور، (7) سَخ-بيابان-جبل

ڪافي-409

(سُر بَنسُ)

مشتاقن تي مُرڪِي مورَ،[1] روز ازل کان آيون اکيون.

اُتليُون عوشاقن تي اُمالڪ آيون، ڪَيفِي[2] ڪن ٿيون ڪَڪورَ،[3]
بازن وانگي اچن ٿيون ٻَڪيُون.

سَتَ ڏئي ٿيون سالڪ سيڏِن[4]، شاهنشاه شَهزورَ،
ٻاڻَ[5] هٽي اچي ٻَئِي ٻَڪيُون.

ڪنهن کي لَکَڻَ[6] ۾ ڪِينَ اچن ٿيون، چال رکيائون چورَ،
عامَ کان اولي ڍولڻَ[7] ڍَڪِيُون.

"مُحمّد" لائِن توڙ نِڀائِن، اَحديَتَ جي اورَ،[8]
يارِي رکن ٿيون اُهي يَڪيُون.

(1) سُهڻيون-خوبصورت (مورَ جهڙيون)، (2) نَشيليون، (3) ڳاڙهاڻ (نشي واري)، (4) تابع ڪَن-دَٻائن-مِيسائن، (5) تِيرَ، (6) سمجهڻ-محسوس ڪرڻ، (7) محبوب، (8) طرف-ڏانهن-مندِ -اَصَل.

(سُر بَسنتُ)

ڪافي-410

عوشاقان دي اندر وچ هويا، خاص خيال خُمارِي[1] وي.

نگاهہ نال سِيني وچ هوئي، سُرت سَراسَر سارِي وي.

مشتاقان نُون مَست جو ڪِيتا، نَينان دِي نروارِي وي.

عَينان[2] دا عروج اَلستِي، آنِ ڪِيتي اِظهارِي وي.

"مُحمّد" باغ بهار سدا هووي، صوفيان دِي سردارِي وي.

---

(1) نشي وارو، (2) اکيون- اکيُن

داستان: حُسن حقيقي-جمالِ يار

ڪافي-411

(سُر تلنگ)

موج حُسن وِچ مَتيان، رنگ هادي دي رَتيان رَتيان.

شَمس و قَمر شرمنده هوئي، ڪُرمِش[1] وچ هِڻ ڪَتيان ڪَتيان.

ظاهر ظُلماتيان[2] هويان سڀ، بره ديان پِڙڪَن بَتيان بَتيان.

ڪَڏهان اُنهان نُون قرار نہ آوي، تابش عشق دي تَتيان تَتيان.

هَستِي هوڏ هَوس حرص ڪَنُون، لاَ دِيان مارِن لَتيان لَتيان.

"مُحمّد" مُلڪ اُنهِين دا مائِل، ڪاهوڙِي نانُ ڪَتيان ڪَتيان.[3]

---

(1) اوسيئڙو، انتظار-پريشاني، عاجزِي (2) اونداهيون (3) ڪَتڻُ = ڪاتي يا ڪَنڌي ۾ چاڙهڻ- (يعني= ڪاهوڙين جي ڪاتي ۾ نالو شامل ٿي ويو).

ڪافي-412

(سُر ٽلنگ)

حُسن شَمع تِجلاتِ اُتي، ظاهر ذات صِفاتِ اُتي،
صورت دي سُرساتِ[1] اُتي، ڏيوَن ڪَتِ ڪَنڌ ڪاتِ اُتي.

ويک حُسن نان هَٽيا بِي، محض[2] مُوران[3] نهين مَٽيا بِي،
سوز انهيءَ وچ سَٽيا بِي، قرب والي ڪَلماتِ اُتي.

موهيا حُسن دي ماڻي بِي، عاشق نِت وِڪاڻي بِي،
آپ پِيڙيا وچ گهاڻي بِي، باطُوني هڪ بات اُتي.

چوٽ حُسن دي چڙهيا بِي، لاهوتي نہ لَڙيا[4] بِي،
شهر حُسن وچ وَڙيا[5] بِي، تحقيقي تَسلاتِ[6] اُتي.

شاه حُسن دا شور بِي، اعليٰ اَحسَن[7] اوُر بِي،
"مُحمّد" دا تيا غَور بِي، محبوبِي مَحلاتِ اُتي.

---

(1) سامان، (2) فقط. (3) هرگز، (4) مُڙيو موٽيو، (5) پيرياتو-داخل ٿيو (6) تَسلِي-دلجاءِ (7) سُٺو- سهڻو

كافي-413

(سُر تلنگ)

حُسن بازار ۾ هردم، ادا واجِبُ وڃڻ گُهرجي،
سِرُ پنهنجو سدا سِڪَ ۾، سَڄڻ اڳيئون سَٽڻ گهُرجي.

لاڳاپا لوڪَ جا لاهي، کُوپا ويندا اُتي ڪاهي،
مُڙَڻُ ڪم مرد جو ناهي، ڪَنڌُ قُربئون ڪَٽڻ گهرجي.

ملامت هارُ ڳَل پائي، خواري خلق جِي چائي.[1]
سَڌڙِيَن سُڌِ اِها ناهي، مُورَئُون[2] مُنهن نہ مَٽڻ گهرجي.

"مُحمّد" عاشق اُداسِي، شمع لئہ تيا پتنگ پياسي،
ڇڏي سڀ عَيش عياشِي، پرواني جان پَڇڻ گهرجي.

---

(1) ڪٽي (2) هرگز

ڪافي-414

ويـڪ حُسن حيـران ٿـيـاسـي، جَـذَبُ جَـلالُ الله بَقاباِلله دا.

هر دم ساڏي هِردي اندر، صفت صَفِي الله[1] نَجِي الله[2] دا.

دم دم وچ ديدار ويکيوسي، حُسن حَبِيبُ الله[3] شَفِي الله[4] دا.

سوز گُـداز دَوامِـي[5] دلبر، وهـم وَلِـي الله[6] وَجْهُ الله[7] دا.

”مُحمّد“ کُون ول عين عطا ٿيا، عِلم عَلِيمُ الله[8] بَصِيرُ الله[9] دا.

---

(1) حضرت آدم عليه السلام جو لقب- پاڪ- خالص (2) حضرت نوح عليه السلام جو لقب، (3) حضرت محمّد ﷺ جو لقب، (4) حضرت محمّد ﷺ جو لقب- شَفاعَت ڪندڙ، (5) هميشه وارو، (6) الله جو دوست، (7) الله ج جو رُخ مبارڪ، (8) علم وارو، ڄاڻ رکندڙ، اِلاهي علم رکندڙ، (9) ڏسڻ وارو- اِلاهي نظر رکندڙ.

ڪافي- 415

(سُر پيِروي)

واهُ حُسن دِي چاش چَکيندِي هان،
سڀ رِيتيان رَسمان سَٽيندِي هان.

حُسن هَلان ڪر مئن گهر آيا، جوڙ جسماتِي سڀ گنوايا،
اَلُعِشُقُ نارٌ مَچ مچايا، مئن سوز اِنهين ۾ سَڙيندي هان.

جَڏهان حسن ڪريندا گهورُ وي، هردم سانُون حُضورُ وي،
مشتاق ٻهوُن[1] مخمور وي، بَن قيرِي دار قِرِيندي هان.

حسن دي ڏاڍِي بي پرواهي، شور ڪريندا شاهنشاهي،
زور گهَتيندا زلف دِي قاهِي، مئن سورِيُون[2] سِرڙو ڏيندي هان.

"مُحمّد" اوُر ڪَنون بيگانا، 'ياهُو'[3] سان ٿيا يَڪ يَگانا.
محض[4] پروڙي مخفي معنيٰ، هوڪا حق دا هُليندي هان.

---

(1) وڌيڪ، زياده، (2) سوري- اڳتي ڪري ڏيڻ، (3) [ياهوُ= اَلله هُو= الله]، (4) فقط-رڳو.

ڪافي-416

ڪمال حُسن جو بيان بارِي، مان زبان سان ڪهڙي پَچار ڪَيان.

مثل مورَ ٻِچِي منٺار مٺئُون، سُهڻي ٽورَ[1] ڪَبڪَ[2] رفتار مٺئُون،
لَبِّ لعل شَڪَر گُفتار مٺئُون، سِرُ صَدق صَدق سؤ وار ڪيان.

نَينَ نواب نيشان چُٽِن، اَبرُو[3] مزگانُ،[4] لا تہ حجاب لُٽِن،
گهايل گهوتَ گهورن ساڻ گهُٽِن، عُظم[5] عَينن جو اظهار ڪيان.

صِفَ سُهڻن جِي سِينگار ڏنم، واهُ جوڙ عجب جنسار ڏنم،
اُتي عاشق ٿي اقرار ڪَيُم، ايهو وندر ۾ واپار ڪيان.

جنهن طوِمار[6] اکين ۾ تَجلات ڏِٺِي، دائم درد فراق جِي واچِئين چِٺِي،
"مُحمّد" بُوند بِرهَہ برسات وُٺِي، ويهي ڪهڙو تنهنجو ويچار ڪيان.

---

(1) هَلڻِي، چال، (2) چَڪور پکي، (3) ڀرون، (4) اکين جا ڇِپَر، پَلڪَ، (5) بزرگي- وڏائي، (6) مبالغہ آرائي ڪندڙ، ڊگهو قصو ڇيڙيندڙ- ٺَٺاڪِي.

ڪافي-417

هلي هن تہ حُسن جو حال پُڇو، ساري عالم جو اَرباب[1] چوان.

گلشن گلدستو گلزار آ گل، ٽانگَر ٽَهڪي چَنبيلِي مثال نہ مُلهہ،
رِيحان[2] سَمنَ[3] سِر سُوسَن[4] سُنبُل،[5] رابيلُ[6] سدا گلابُ چوان.

ڪُنديون ڪَجليون ڪَڪوريون بادام بَڪن،[7] تکي تاب واريون ٽيون مشعل ٻرن،
لکين لاتَڪَ[8] تي پروانا سَڙن، ڪُٺيل قِيمُون تنهن کي ڪبابُ چوان.

ناز غَماز[9] ۽ غمزن[10] سان، دل ريهيُون[11] وتن ٽيون رَمزن سان،
طالب تڪڙا ڪن ٽيون طرزن سان، جادو جوڙ جَمع لاجوابُ چوان.

حُسن حقيقي حسابُ نہ حَدَ، بيان ڪرڻ ۾ آهي بيحد،
عذاب عتابُ نہ محض "مُحمّد"، سِڪَ وارن کي ثوابُ چوان.

---

(1) ڏيهہ ڌڻي، حاڪم، مالڪ. (2) نازبُو گل. (3) چنبيليءَ جو گل. (4) آسماني رنگ جو هڪ گل. (5) هڪ خوشبودار گاهہ ۽ ان جو گل. (6) موتئي جو گل. (7) چَمڪن، ٻَرن. (8) تَڪَ نہ ڪندڙ- بي پرواهَ. (9) اکين سان اشارو ڪندڙ. (10) اک جي اشارن سان، نازن سان. (11) ڏُتارِيو وتن- هِر ڪايو وَتن.
نوٽ: ٽانگَر بہ هڪ قسم جو گل آهي- چنبيليءَ کي بہ چوندا آهن.

كافي-418

كعبو حُسن كيو مون، كعبو نہ ٻيو كو ڀانيان،
صورت ۾ سَير سارو، صورت سيني سَمايان.

كري طواف تَن ۾، مَن ۾ مُحبّ مؤلا،
اندر ٻاهر هِكوئي، سجدي ۾ سِر نِوايان.

خطرا خيال خارج، كوري كَڍيَم قلب مئون،
وَهمَ وجودي وَيَڙا،[1] باقي نہ تو بَچايان.

قاضي قَضا ڇڏي، راضي رهون رَضا تي،
ڏُكڙو ڏهاڳُ سُکُ، نينهَن سان نيايان.

خوشحال خلق ۾، خُوبان[2] خيال تيو،
مامَ كي "مُحمّد"، مَردانُ تي مَلهايان.

---

(1) هليا ويا، (2) خُوب – سُٺو.

شاهَ حُسن جي شان جو بيان ڪهڙو مان ڪيان،
زبان کي طاقت ناهين، عَيان[1] ڪهڙو مان ڪيان.

لَب لَعل گُل گلابي، سُرخِي سُنبُل[2] نايابي،
دَندان دُرِنَجَفُ،[3] نِيشان ڪهڙو مان ڪيان.

بيشڪ بَناءُ[4] بِيني،[5] پاڪُ آ پرينءَ پيشانِي،[6]
مزگانَ[7] مارِن اَبرو،[8] پَيڪانُ[9] ڪهڙو مان ڪيان.

عَينان ڏين اشارا، ڪن ناز سان نظارا،
جذبو جَمال جَنگِي، جَولانُ[10] ڪهڙو مان ڪيان.

ڏِسُ ديد جي دُوَنالِي، لاشڪ آ لاُابالِي،[11]
بيحد بَڃي ٿِي بَرڇِي،[12] سامان ڪهڙو مان ڪيان.

"مُحمّد" موهيو مَٽياري،[13] ڪيو قُرب آ ڪوهياري،
گُفتارَ[14] شَڪَرَ[15] شِيرين،[16] شايانُ[17] ڪهڙو مان ڪيان.

---

(1) ظاهر-پڌرو. (2) سُرهي مُرَ-بالڇڙ-هڪ خوشبودار گاه. (3) هڪ قيمتي پٿرجو نالو. (4) بِيهَڪ. (5) نَڪُ. (6) نِراڙ. (7) اکين جا پِنبڻ-پَلڪ. (8) ڀِرون. (9) تير-ڀالو، ڪنهن کي تِير سمجهان. (10) جوش-جذبو-ٽپڻ ڪُڏڻ. (11) بي پرواه. شوخ. (12) تير-ڀالو (13) حسين- جلوي دار. (14) گفتگو-ڳالهائڻ. (15) ڪَنڊُ. (16) مِٺو. (17) برابر- شان جي برابر.

نوٽ: دَندان= ڏَندَ

ڪافي-420

(سُر ڪسوري)

يار آيا سِينگار ڪَرڪي، ويکو ماهِي دي ناز پَرڪي.

اکيان ماهي ديان مثل آهُو[1] دي، ڏيندي نِي ديدان دي داب دَڙڪي.

يار مليا مَيخاني مالڪ، ڏيندي شراب دي جامُ پَرڪي.

”مُحمّد“ ويڙهي[2] وحدت دي، آندي نِي صوفي صاف بَڻ ڪي.

---

(1) هَرڻ، (2) پاڙي ۾ - گهر ۾.

ڪافي-421

(سُر بِلاولي)

حُسن جو تابُ هِي تَجلو، ڏسي ڪيائون فرق سڀ فانِي،
اِلاهِي راز جا واقف، ٿياهِنَ[1] مَردَ لاثانِي.

حُسن جو پيو جِڙنُ شُعلو، پڳو تِنِ پئو سَيو پولو،
پَهرِيندي عشق جو چولو، ڪيائون سَيرُ سُبحانِي.

"نَصرٌ مِّنَ اللهِ"[2] جو نعرو، هٽي هِتڙئون هليا هاتِڪَ،[3]
لنگهي حد ڪئون ويا لاحد، اِها اَتَو رمز رِندانِي.

وصالي جام وحدت جو، پيتائون پُر ڪري پِرتئون،
ماٺيائون مؤج مَحوِيتَ،[4] "مُحمّد" مَخمُور[5] مَيخاني.

---

(1) ٿيا آهن، (2) "الله جي مدد سان". (3) هوشيارَ، (4) خيال ۾ گم ٿيڻ، (5) خُمار ۾ - نشي ۾.

ڪافي-422

(سُر پهاڙي)

حُسن هَلان ڪَرِ آيا، رَڪِ رايا،
ڪِيتُس رَد رَسمات نُون

مَئِن سِر آيا حملا ڪرڪي، باه ڀِڙ ڀڙڪايا،
جَلايا جِسمات نُون،

ناز نزاڪت نَينان والي، جوشئون جوش جَڳايا،
سَوايا دن رات نُون،

دَم دَم داتا دُولَهه دَرسَن،[1] وچ وجود وِڪايا،
سَمايا سُرساتِ[2] نُون،

هوئِي هدايت هادي حق دي، ”مُحمّد“ مَنصَب پايا،
سَجايا سُخناتِ[3] نُون،

---

(1) درشن-ديدار، (2) سَمَر- توشو- سامان، (3) قَوَلَن.

ڪافي-423

واهُ واهُ حُسن تنهنجي حيرت ۾، مَستُ رهن تا مُدامُ ميان.

بـــي مثل بـــي چُون بـــحر ۾، غازي تـــيا گُمنام مـــيان.

عَبديَت جو ڀولُ ڀڳائون، اَحديتَ اِنعامُ ميان.

اصل اُنهن کي عرشئون آيا، پَلپَل جا پيغامَ ميان.

"مُحمّد" مُوتُوا[1] مامَ[2] مَرَمَ[3] ۾، ڪامل تيا قَتلامُ ميان.

---

[1] "موت کان اڳ مرڻ" — يعني نفس کي مارڻ، (2) راز، (3) لَڄ-شرم.

ڪافي-424

(سُر جوڳُ)

حُسن ٻَڌِي هٿيارَ، ڪنهن کان ڪِينَ ٽَري ٿو.

حُسن کي هردم هاڄَ[1] اِهائي، تيز جهلي تلوار،
سَٽَ ڏِئي سِرُ ڏَري ٿو.

هَيبت ناڪُ هَڪَل سان هڪدم، حسن آيو هموار،
کَستئون[2] ڪانُ پَري ٿو.

سڪ وارن کي سوز ۾ ساڙي، تَرسُ[3] ناهين تَڪرار،
ماسُ هڏن تئون ڇَري ٿو.

"مُحمّد" بَشرِي بيڪُ بنائي، عدم کان ٿيو اِظهار،
هتِ سلطاني سَير ڪري ٿو.

---

(1) ڪَمُ. (2) جوش مثون، (3) رحم-ڪَهَل.

(سُر ڪَلنگڙو)

ڪافي-425

شاه حُسَن شهبازُ تون، مشتاقن کي ماري مَنائِين،[1]
پرتئون ڪري پرواز تون، چوڙِي چَنبن ۾ کيئِي چائِين.[2]

در تنهنجي تي لکين لِيلائن، ٻاجهه مِهر لئہ پيا ٻاڏائِن،
نِرتئون ناز غَمازُ تون، نازڪ ناتو نِينهُن نِيائِين.

ڪيئِي حيرانا ڪيئِي مستانا، دانَهہ[3] ڪَيَڙءِ ڪيئِي ديوانا،
مُحبُّ مامَ مَجازُ تون، حقيقت ڏي يارَ هلائِين.

جَهڙي تَهڙي جو ڪم نہ آهي، سِر جو سانگو جوئِي لاهي،
سُورِي سينگاري سازُ تون، سِڪَ وارن جا سِرَ سَلائِين.[4]

وِڪَ وڌائي ڪِينَ هٽائي، جذبو جاني جوش جَڳائي،
آهين اَلستِي آواز تون، "قَالُوْا بَلىٰ" جو قُرب ڪَمائِين.

مامَ سڃاڻي "مُحمّد" مَر تون، وحدت ڪٿون وِيرَ نہ وَرُ تون،
بيشڪ بي اَندازُ تون، ڪُوپَن[5] وانگي قدم ڪُڏائِين.

---

(1) مَڃائين (2)

(سُر ڪلنگڙو)

ڪافي-426

بيشڪ آهي بقاءُ،[1] ڪامل حُسن قديمي تُنهنجو،
لاهوتِي آ لَقاءُ،[2] قادر حُسن ڪَرِيمِي تُنهنجو.

گُهورَ[3] حُسن جي ڪيئي گهايا، رمز رِنداني رُوحِي رايا،
فرق نہ آڻ فَناءُ، رهبر حُسن رَحيمِي تنهنجو.

هاڪَ حُسن جي هاتِڪَ[4] هليا، پتنگن جا سِرَ ڪيئي جليا،
ڏسي شمع جو شُعاعُ،[5] پَروَر حُسن پريمي تنهنجو.

شاهہ حُسن جو شَملو[6] شاهِي، بيرنگ بالا بي پرواهِي،
اَصلِي عَينُ اُپاءُ، فائق[7] حُسن فَهِيمِي تنهنجو.

ظاهر باطن اول آخر، جَلوو تُنهنجو اندر ٻاهر،
حاضر آ هر جاءِ، قائم حُسن ڪَلِيمِي[8] تنهنجو.

”مُحمّد“ صافِي صاف سڃاتو، فَيضَ اِلاهِي تڏهين پاتو،
تنهن ۾ نا اَتِڪاءُ، هادي حُسن حَليمِي[9] تنهنجو.

---

(1) قائم - هميشہ رهڻ وارو، (2) ديدار، (3) تکِي نظر سان ڏسڻ، (4) سياڻا- هوشيار، (5) روشني، (6) ٻگ جوڙرو، (7) مٿاهون- اعليٰ، (8) ڪلام ڪندڙ-ڳالهائيندڙ، (9) نرم مزاج- برداشت ڪرڻ وارو.

ڪافي-427 (سُر ڪانرو)

حُسن هاديءَ جو حاضر ناظر، يا تہ وصلِ آبُ چوان، شوق شرابُ چوان،
نرگس نَينَ نُورِي ڪَن پرت پُورِي، اِهي نامِيا[1] نايابُ[2] چوان، بي حسابُ چوان.

حُسن شمع تي شائق شامل، پتنگن پَرتابُ[3] چوان، شير شبابُ[4] چوان،
مست منگهن مَخمُوري محفل، سُرت وارا سيرابُ[5] چوان، روح رَبابُ[6] چوان.

لڪَ لڪَ لَهريُون وِڪَ وِڪَ وِيريُون، گوهر گم گِردابُ[7] چوان، نہ حُبابُ[8] چوان،
محبوب مشاهدو ڪن پيا جاني، عاشق مثل ڪبابُ چوان، بيتابُ چوان.

سَٽيون صاف سَٽي قيرِيدارُ قَٽي، بحرِي عَينُ عُقابُ چوان، شور شِتابُ[9] چوان،
سو تہ سالڪن سِرَ پنهنجي سَٽو، عاشقن عذابُ چوان، خاص خطابُ[10] چوان.

دم دم آهي دلبر تو سان، اِلاهِي اَلقابُ[11] چوان، آفتابُ[12] چوان،
مؤج انهيءَ ۾ ”مُحمّدؐ“ مَحڪَم،[13] بيچُونِي[14] بابُ چوان، نِينهُن نَوابُ چوان.

---

(1) نالي وارا-مشهور، (2) اَٽلپ-قيمتي، (3) روشن-جلويدار، (4) جواني، (5) تَروتازه-پرپُور، (6) سارَنگِي-سازجو نالو، (7) پاڻيءَ جو ڪُنُ، (8) پاڻيءَ جو قوٽو، (9) تڪڙو-تين، (10) لقب، (11) لقب جو جمع، (12) سِجُ، (13) مضبوط-بقائو، (14) جنهن جو خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي.

(سُر پيِروي)

ڪافي-428

شُعلي شاه حُسن دي، نازُ نِيتا، مِکُ ماهُ هَڏان دِي رَتُ پِيتا.

شاهه حُسُن شهباز مثل، پرواز ڪَريندا باهه مثل،
عاشقن لَئِہ تہ آڙاه مثل، هڪ پَلڪ پِٽي[1] پاهُ[2] ڪِيتا.

مَستِي حال هويا منصور ڪَنُون، مَئي جامُ قَدح[3] مَخمُور[4] ڪَنُون،
حاصل حال حَقِي حُضُور ڪَنُون، سِرّ سُولِي سارا ساهه سِيتا.

اَنَاالحَقُ آواز اِلاهِي دا، واه موج مُدامِي ماهِي دا،
بيخود بالا بيپرواهِي دا، جوش جذبو دو جڳ جالُ جِيتا.

پئيمان[5] پريمي پاڪ مليا، عَين[6] اندروني خُوب کُليا،
”مُحمّدؒ“ هَر جا هوڪا هُليا، پئو پول پَرمُ[7] پاڳِ پِيتا.[8]

---

(1) مٽي-دَزَ-خاڪ، (2) ڳاري- ساڙو ڪري، (3) پيالو (4) نشي وارو (5) جام -ساگر (6) اکيون، (7) لَڄ- شرم، حجاب، (8) پڄي ويو.

ڪافي-429

(سُر توڙي)

شاھ حُسُن شهبازَ سُهڻي جو، سالم سِرُ سِينگارُ عجب.

حملي حُسن حيران ڪيا، بانڪا[1] بَر ۾ بَيران[2] ڪيا،
نانگا نَر نِيشان ڪيا، ٿيو دَرسَن[3] دم ديدارُ عجب.

شاهي ماري وينو شامانو،[4] يڪدل يارن ساڻ يگانو،[5]
پُر پياري پاڪ پئمانو،[6] خالص خُمر[7] خُمارُ[8] عجب.

قامَتَ[9] قرب ڪرامت ڪُل، مينگهه ملهاران اکيون اَمُل،[10]
اَبرُو[11] مِزگانُ[12] ٻارِن مَشعل،[13] رانول[14] رنگ رُخسارُ[15] عجب.

لاشڪ لَبَ[16] لاثان لَعلِي،[17] موتي دَندان[18] بي تہ مثالِي،
خون ڪرڻ ڪان ناهِن خالي، "مُحمّد" دُر[19] دَستارُ[20] عجبُ.

(1) بهادر، (2) ويران-تباهہ، (3) درشن-ديدار، (4) شاميانو-تنبو-تڪاڻو (5) اڪيلو-لاثاني، (6) جامُ،
(7)شراب، (8) نشو، (9) جسم جي بيهَڪ، (10) اَملهہ- قيمتي، (11) ڀرون، (12) اکين جا ڇپر- پَلڪ،
(13) روشني- ڪپڙي مان ناهيل ٿلهِي ٻَتِي جيڪا تيز روشني ڏيندي آهي، (14) راوَل-پِرين- محبوب
راجا-سردار، (15) ڳَلَ، (16)چِپَ، (17) ڳاڙها، (18) ڏَندَ، (19) موتي، (20) پَڳَ.

(سُرويهاڳ)

ڪافي-430

شـــاهِ جَهان جَـــلوه گَـــرُ،[1] جادو جَمالُ تو.
قابو قَفس قَيدِ حُسُن، هادي ڪَمالُ تو.

شمسُ[2] شَرمسارو[3] ڪيو، جاه[4] و جَلالُ[5] تو.
ڪَون و مَڪان[6] ڪِينڪي، ماهُ مِثالُ تو.

اَطهَر[7] نُورُ اَنورُ،[8] خالص خيالُ تو.
رُخَ متئون رَنگِي رُوان،[9] خُونِي خالُ[10] تو.

لالِي لَبن جِي لاشڪ، لُطف لَعلُ تو.
زُلفَ[11] جو زَنجِيرُ، ڪاڪُل[12] ڪَلالُ[13] تو.

حاصل تيو آ هَرجا، واحد وِصالُ تو.
پِيرِمُغان[14] "مُحمّد"، دائم دَلالُ[15] تو.

---

(1) ديدار ڪرائيندڙ-نُور جي تجلي ڏيکاريندڙ. (2) سج. (3) شرمنده- لَڄي. (4) عزت-مرتبو. (5) بزرگي وڏائي. (6) سَنسار-دنيا-ڪائنات. (7) پاڪ. (8) روشن. (9) سنهڙا وارَ. (10) تِرُ. (11) وارَ ميرَ ﻫ
(12)محبوب جي متي جا وار. (13) [illegible]

حُسن صورت سِينگارُ هُجي، موج مَستِي دل بَهارُ هُجي.

”فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ“[1] وَصَل وجود ”وَفِيْ اَنْفُسَكُمْ“،[2]
آواز ”اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ“،[3] ”قَالُوْا بَلٰى“[4] اقرار هجي.

مَئي[5] قَدح[6] محبوب مِثل، بيرنگ بالا بي مِثل،
اَحديَت آثارَ اَصُل، نئون نينهن سندو نروار هجي.

چُپ نہ ڪر چَپَ ڪول پرين، محبت مِنڙي ٻول پرين،
گهُونگَهٽُ گهُنڊڙا ڪول پرين، عاشقَ اڳيئون اظهار هُجي.

ڀَنڌُ اِهو وَٽُ رَندُ[7] سَدا، طلب تَنوارَ جِي تَندُ سَدا،
پيچ پريمي پيوَند سَدا، وِٿِ[8] نہ هڪڙي وارَ هُجي.

رِيءَ حُسن ٻيو راهُ ناهين، ملڻ مَحال ڪو ٿاهُ ناهين،
اَلْاِنْسُ[9] سِرُ اَللهُ ناهين، ”مُحمّدؐ“ سِر مَهندار[10] هجي.

---

(1) الله ج فرمائي ٿو تہ: ”تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي“. (2) الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ: ”آئون توهان جي نفسن يعني جان ۾ آهيان“. (3) روزِ ميثاق الله ج روحن کان پڇيو هو تہ: ”ڇا آئون توهان جو رب آهيان؟“. (4) روحن جواب ڏنو تہ: هائو، تون اسان جو رب آهين“ (5) شراب. (6) شراب جو پيالو. (7) راهہ-رستو. (8) وِٿِي- مفاصلو (9)انسان جو. (10) اڳواڻ-رهبر.

(سُر پيرڀاتي)

ڪافي-432

ڪُليو راز رُوحِي راڳ رَقص،[1] جاني جوتِ[2] جَمال[3] جو عَينُ عَڪسُ.[4]

آفتاب[5] روشن اِظهار اَثر، اَنوار[6] عَيان[7] بَهار بَدَرُ،[8]
شعلو شاهنشاهِي شبِ قَدرُ، ورڻ وِير اُنهين ڪان آهن عَبثُ.[9]

تيز تِڪِي تاباَن تَجلِي، باه بيرنگِي بيان بجلِي،
طُورُ جبل ويو سارو جَلِي، وس ڪان ٿيو مُوسيٰ بيوس.

حَقِي حُسن حيران ڪيو، هَردو جَهان ڪان هَٽُ ڪنيو،
پڪو پُور پريمي پيچ پيو، هليو هِردي منجهان ويو حِرصُ[10] هَوسُ.[11]

عدم ڪان پري قدم آيو، اَلاِنسانِي پوشُ پايو،
"مُحمّد" صورت منجهه سَمايو، قِسمتَ قَيدُالمَآءِ[12] قَفَسُ.[13]

---

(1) ناچُ-نچڻ، (2) روشنِي، (3) حُسن، (4) پاڇو-تصوير، (5) سِجُ، (6) انور جو جَمعُ-تيز روشنائي-تمام گهڻي چَمڪَ، (7) ظاهر، (8) چوڏهين رات جو چنڊ، (9) بيفائدي-بيڪار، (10) لالچ-خواهش، (11) آرزو-ڪُوڙو عشق-شهوت، (12) داڻي پاڻيءَ جو قيد- هِن جهان جي حياتي، (13) پِڃرو-جِسم.

(سُر ڪوهياري)

ڪافي-433

دائم اسان جي دل ۾، هُو دَمُ هردم حالُ.

ويٺو آهي وجود ۾، خاص الُخاصِ[1] خيالُ.

جاڳيو آهي جِيءَ ۾، جذبو جوش جَلالُ.[2]

پَسَڻ[3] ۾ پڌرو ٿيو، هَرجا حُسن ڪَمالُ.

جوڙي جادُو، مُون هَٽي، جانِيءَ جو تہ جَمالُ.[4]

"مُحمّد" جو مَحبوبُ آ، بيرنگ بي تہ مثالُ.

(1) تمام خاص، (2) رُعب-وڏائي، (3) ڏِسڻ، (4) حُسن.

كافي-434

(سُرجوڳ)

مُشتاقَ جِي مَحبُوبَ جي، رُخسارَ[1] تي نَظَر،
روزِاَزل کان وٺي، رفتار تي نَظَر.

وحدت وائِي وِصالَت،[2] خوبَئُون[3] خاصِي خِصالَتَ،[4]
بـي مِـثِلي[5] مِـثالَـتَ،[6] گُـفـتار[7] تـي نـظر.

الف وارِي اوٽَ جي، ڳُجَهہ ڳُجهارَت ڳوٽَ[8] جي،
چشمَن وارِي چوٽَ جي، چمڪارَ تي نظر.

ڳُٽَن سَندِي ڳالهہ آ، واہ عجائب چال آ،
جِيءَ اندر ۾ جال[9] آ، جَهلڪارَ تي نظر.

"كُنْ فَيَكُوْنِ"[10] كُنْ[11] جي، عشق ۾ اَنَ جي،
حَيرَتِي حُسن جي، سردار تي نظر.

اَصُلَئُون اَللہ اَحَد جِي، آس آ اَحْمَد جِي،
مُدامِي "مُحَمّد" جِي، مَنَنار تي نظر.

---

(1) ڳَلَ، (2) ميلاپ، (3) سُٺـي کان سُٺي، (4) سُٺي عادت، (5) بنا هڪجهڙائيءَ جي، (6) وانگر-هڪ جهڙائي، (7) ڳالهائڻ، (8) ڇوڪِرَ راند جي ساري، (9) گهٽِي-بي اَنتُ، (10) تخليق ڪائنات وقت اللہ فرمايو تہ: "ٿي پَئُہ تہ ڪائنات وجود ۾ اچي وئي، (11) ٿي پَئُہ.

داستان: عشقِ اِلاهي-ٻِرهُ ٻهادر

ڪافي-435

(سُر تِلنگُ)

باقي ٻِــرهُ آيم ٻِسم الله پَڙهيَم، دل ٻيوَس تي اِلاَالله اَڙيُم.

بات ٻره جي سمجھڻ مشڪل، درد بنا ٻي ڪنهن ڪي نہ ڪَلَ،
ذات صِفاتِ هِــڪا تِي رَل مِل،[1] جِنسارُ جوڳي جِندُ جانِ جَڙيُم.

بيچُون منجهان تيو آواز اَٿر، نابِينَ منجهان تيو بِينا[2] بَصَر،[3]
تيو صاف صَفا سِرُ سارو صَدَرُ،[4] لاشَڪ لُدنيءَ[5] وارِي لُغات[6] لَڙيُم.

رَسماتِ رِندِيءَ جو راهُ وَرتُم، پائي پيچ پريت جو، پـرَ ڪي پَرتُم،
رهبر رمز رَنگين رَنگَ ۾ رَتُم، مُحڪَم مام محبت منجهہ، مَنَ جيَ مَڙهيُم.

جذبو جوش جَلالُ الله جاري، بيرَنگ بَحر بَــقابِالله بارِي،
مُنوَر[7] مِيم "مُحمّد" موجَ مارِي، چمڪار چَمن چوُڌار چَڙهيُم.

---

(1) مليل-ميلاپ، (2) ڏِسڻ وارو، ڏِسِي سگھندڙ، (3) ڏِسڻ، قوتِ بينائي، (4) سِينو-ڇاتي-قلب، (5) ڳُجھو علم، الهامي علم، (6) ٻوليون [illegible]

(سُر تلنگ)

ڪافي-436

ڪفر اسلام جون اوري، پَچاران ٿيون پَون پَل پَل،
عشاقن کي عجيبن جون، هُونگاران ٿيون ملن هَلَ هَلَ.

مُدامِي مؤج مستيءَ ۾، ڇَلائن چوٽ دم ڇَڻنچل،
هليا هوشيار ٿي همدم، جَهليا سي ڪِين ڪِي جَهل جَهل.

سُورهيه سَندرو ٻڌي ثابت، گهڙيا گهر گهوٽ جي گهايَل،
وَڍيا سي ڪِين وِهن ٿا، سَنگهارن ساڻ ٿيا سَلُ سَلُ.

شريعت شان شاهي آ، طريقت طؤر ماهِي آ،
حقيقت هيڪڙائي آ، معرفت مات آ رَل مِل.

سجاڻي "ثَمَّ وَجهُ الله"،[1] وَحدَهٗ ٿيا واصل بِاللهِ،
"مُحمّد" واه عشق آهي اعليٰ، زُهد سي زير ٿيا زَلُ زَلُ.[2]

---

(1) هر طرف الله جو رُخ آهي، (2) لُڏِي وڃڻ- تباه ٿيڻ.

كافي-437 (سُر تلنگ)

توڙي لوڪُ چوي توکي چَريو چَريو، تہ بہ مُنهن نہ موڙج مُحبّ کان.

باهہ بره جي ڏي تي پَڙڪا،مچُ محبت جو ٻَريو ٻَريو.

پرت واري پنڌ ڪرڻ ۾، ويو سو ڪونہ ڪو وَريو وَريو.

همت هادي رهبر جي سان، ڪڻ قدم تون پَريو پَريو.

وحدت جي درياءَ ۾ ميان، توڙئون[1] طالب تَريو تَريو.

"مُحمّد" جن کي آ عشق اِلاهِي، ڪونہ ٻَڌوسي ڪَريو ڪَريو.

---

[1] اصل ڪان- مُنڍ کان.

ڪافي-438

(سُر تلنگ)

عشقَ اللهَ بِن سمجھ صَحِي، ٻيا هُنر سيئي تِي هَلاڪِي.[1]

وڙي لھ تون پاڻ ۾ پيھي، ڪول اندر جي تاڪِي.

فڪر فاني فعل فنا ڪر، بيرنگ بالا باقي.

دُوربِينِي رک دِيد ۾ دلبر، عاشق تي اِدراڪِي.[2]

آلُوده[3] اَلوهِيَت[4] ۾، اعليٰ اِسۡتِغَراقِي.[5]

مؤجود معنيٰ مِيمُ مُقَيّد،[6] "مُحمّد" ناڙهِ مَذاقِي.

---

(1) موت، تباهي. (2) سمجھ وارو. (3) مِليل-لَتِ پَتِ. (4) الله جي وحدت. (5) ٻُڏل، مَحو-غرق. (6) پابند، قيد.

ڪافي-439

(سُر تلنگ)

بره دا ويکو بيان، تالان[1] طُول[2] ڪريندا تَجمل.[3]

عشق دي مڪتب اوئِي ويندا، علم عقل نُون ترڪ جو ڏيندا،
دِيد ڪيتا دِيوانُ، سُرت ڪُلِي تئي ضايع زلزَل.

غَيبُ الغَيب وچ غوطا مَريندا، تخت تڪبر غرق ڪريندا،
محبت دا ميدان، مرد مَلهائن مُرڪِي مَل مَل.

ساقي ڏيندا قرب وصالي، ڪَيف[4] ڪَلال[5] قَدح[6] ڪَمالِي،
پُر پيوين پَيمانُ، سُرڪِي صاف صفا مَئِي[7] سَل سَل.[8]

"مُحمّد" موءِج مُحَقِق[9] مَستِي، واصل وِيءِ[10] وَحدت وستِي،[11]
ماڻِ اوئِي مئيخان، عاشق آندا جاندا وَل وَل.[12]

---

(1) ناز نخرا- انداز، (2) ڊگها- زياده (3) شان شوڪت، آرائش، زيبائش، سينگار، (4) نشو- سُرور، (5)موڪي- شراب ڏيندڙ، (6) شراب جو پيالو (7) شراب، (8) مٺو- خوش ذائقه- صاف پاڻي، (9) تحقيق ڪندڙ، کوجنا ڪندڙ، (10)زمين جو سر سبز ٽڪرو-چراگاه- ٻي معنيٰ- نفعي وارو وکريا سؤدو، (11)آبادي، بَستي، (12) وري وري.

(سُر پيروي)

ڪافي-440

يلي عشق اسان ڪَني آيا هي، جِس دؤر درونِي پڙهايا هي.

ذڪر فڪر سڀ هويا فاني، جاءِ جوڙي ہيٺا آٺي جاني،
سَير ڪِيتاسي سِر سُبحاني، عالِي مَنصَبُ پايا هي.

حق دي ہولي حق دي چالِي، حق ڪَنون دم رهندا نہ خالي،
وِسرڳئي سڀ قِيل مَقالِي، حَسبِي[1] حرف سمايا هي.

سالڪَ سوئي ڪم ڪَرِيجي، دم وچ دم دا ڌيان ڌَرِيجي،
”مُوتُوا قَبلَ“ ماڳ مَريجي، ايوين رَباني رايا هي.

”مُحمّد“ بِره دا بَردا[2] هئي، ڏڪ ڏونگر ڪَنُون نہ ڏَردا[3] هئي،
قربئون قدم ڌَردا[4] هئي، بَرسِر بار ايهو مئين چايا هي.

---

(1) منهنجي لاءِ ڪافي آهي (حَسبِي رَبي= منهنجي لاءِ الله ڪافي آهي)، (2) غلام قيدي، (3) ڊڄي
(4) رکي ٿو.

كافي-441 (سُر پيرو‌ي)

لڳو لاغَرضَ[1] سان ٻِـتَ ٻِـتَ[2] ٻلهاڙو.[3]
چَون پيا تَنهن کي سَتَ کُتَ ساڙو.

پَسائي[4] پَسڻُ[5] پوءِ، وڃڻ وايون ڪن پيا.
تاڙي تاڪَ[6] تِنهِن[7] جا، ٿي گَهٽَ گَهٽَ[8] گهاڙو.[9]

همت حال همدم، قدم ڪوڏَ[10] قائم.
هٽائڻ نہ هرگز، ٿي هَٽَ هَٽَ[11] هاڙو.[12]

ٻري پاڻ کي رک نہ، ٻرين جي پاڙي.
بَغل گِيرُ[13] بانڪا ٿي، جَهٽَ جَهٽَ[14] جهاڙو.[15]

سچائي صفائي، ٻيائِي ٻوڙي چڏ.
"مُحمّدَ" مُنهن مؤلا، نہ مَٽِ مَٽِ[16] ماڙو.[17]

---

(1) بي پرواه. (2) گڏوگڏِ. (3) ملهہ جو هڪ قِسم. (4) ڏيکاري. (5) ديدار. (6) رهڻ جا هنڌ. (7) اُنهن. (8)رستي- لنگهہ-دَرَ دَرَ. (9) رستو ڏسندڙ- پير سُڃاڻندڙ. (10) شوق-پيار. (11) هرهنڌ- هر جاءِ- دُڪان. (12)هوشيار(13) [illegible] (14) [illegible] (15) تاڙيندڙ. (16) متاءِ-ڦيراءِ. (17) گهٽ- ٿورڙو بہ.

ڪافي-442

قربِ بنا ڪَل[1] ڪِينَ، وو ڪنهن کي پوي ٿي ڪڏهين.

آڏوتِيءَ[2] تہ اندر ۾، برهَ وڃائِن بِينَ.

محويت جي موُج ۾، مري ٿيا مسڪِينَ.

هَر ٻولي هَر راز کي، عاشق ڪن آمِينُ.[3]

لَهر ۾ لوڙهي ڇڏيا، دُرسُ[4] دنيا ۽ دِينُ.

"مُحمّدُ" جِي واهر ڪندين، اُمت جا تون اَمِينَ.[5]

---

(1) خبر (2) تارِڪَ فقير- سَنياسِي فقير (3) قبول ڪن (4) سَچ پَچ (5) امانت رکندڙ- حفاظت ڪندڙ

ڪافي-443

(سُر پيروي)

ڪيو مست اَلستِي خيال ميان، باقي بره بهادر بَحال ميان.

پنهنجو پاڻ ۾ دِيدان پايون تا، اسان رَمزان روحِي رَلايون تا،
بئي ڪنهن کي ڪِينَ ٻڌايون تا، اِها گُجَه اندر جي ڳالهه ميان.

ڪيو شور حُسن شَهباز اچي، ويو مَچُ اندر ۾ آڙاهه مَچي،
رَتُسِ رنگَ انهيءَ ۾ راسُ رَچي، همت هاديءَ جي هر حال ميان.

دائم دم قدم ديدار تيو، خَفِي[1] خواب منجهان بيدار ڪيو،
ڪُوڙو وَهمُ سڀ ويچار ويو، ويڙهي وڃ وِهُون تا وصال ميان.

"مُحمّد" مؤج اِنهيءَ مَسرُور سدا، جِيئين سُورِيءَ تي منصور سدا،
مَستُ مَگهَن مَخمُور سدا، نوبَتَ نِينهَن وَڳي نِهالُ[2] ميان.

(1) الڪا...

ڪافي-444

(سُر پيروي)

تنهنجي عشق اندر ۾ اوقاتَ[1] وڏا، تڏهن سُورن جا مان سامان ڳِڏا.

نظر جڏهن نروار سَٽيئہ، غير غرور جي پاڙَ پَٽيئہ،
هڪ ديد سان دلبر دلڙي ڦَٽيئہ، ڪوڙيئہ خوب سيني ۾ سَيفَ[2] سِڏا.

سُکَ سَهجَ سَيئي سِينگارَ سَٽيم، تي گولِي گُر سان خيال گَڏيم،
باري بارَ بره جا سِرَ تي لَڏيم، دائم درد هجر آهيون ڏکَن ڏَڏا.[3]

لوڪَ لاڳاپا لالچ لذتون، ڪِينَ سِيبائِنِ[4] وَٽانُ[5] وَستُون،[6]
رهبر راهہ ۾ آني[7] رَسُ تون، پارِ پِرين قؤلَ ٻولَ ٻَڌا.

قبول ڪيم جيڪي تو ٻِي چيا، سي تہ پِيتِ پِريتِ سان پالڻ پيا،
”مُحمّد“ حَرفَ حسابَ حِجابَ ويا، هَسِي[8] هڪ تي هوت سان لاڳَ لڏا.[9]

---

(1) پُورَ-خيال، (2) ترار-تلوارون، (3) ستايل، (4) مناسب لڳن، وڻن، (5) وَتَ ڪرڻ، نيون شيون چڪڻ (6)شيون، (7) آڻي-اچي، (8) کِلِي- خوش ٿي، (9) ناتو جوڙيو- ميندي لڳائي، انعام مليا.

ڪافي-445

پهري عشق زُنّارُ،[1] تَسبِي[2] تَهجُد ترڪ ڪَريندا.

صومَ[3] صَلواتان[4] تقويٰ[5] طاعت،[6] بره ڪيتا بيڪار،
عاشق اُلٽا قدم ڌَريندا.

آتش عشق دي وچ جو آوي، دين ڪُفر ڪَنون ڌار،
اَنَاالحَقُ دا دَم ڀَريندا.

وچ ٻيلي دي شير گَجيندا، شورِي ڪريندا شڪار،
مِڪُ هَڏان دِي ماسُ چَريندا.

بيگانگِي وچ يَگانگِي هئي، قُلزم ڪِينَ ڪِنار،
غائب غوطا خوب مَريندا.

قادر پير مڪمل ڪامل، "مُحمّد" دا مَهندار،[7]
تهدل توڙئون تار تَريندا.

---

(1) جٽيُو-اهو ڌاڳو جيڪو هندو گلي ۾ ۽ مَجُوسِي چيلهه ۾ پائيندا آهن. (2) تسبيح. (3) روزو. (4) نمازون.
(5) پرهيزگاري ...

(سُر آسا)

ڪافي-446

بارِي بِرهَ جا بارَ، مرد مَلامتَ مِهٽا سِر تي.

طعنا تُهمت ساڻ خوشيءَ جي، ڪڻ تون لوڪَ مَيارَ،

ڳَل ڳِچي ڳَهٽا[1] سِر تي.

سُڪن واري سيج وساري، گهَرِيون گُوندر[2] گهارِ،

سور سدائين سَهٽا سِر تي.

تو ڪان سوا ٻيو ڪونہ ڪو ڀانيان، آهيان تو آڌارَ،

رمز رَبُوبِي رَهٽا سِر تي.

هِتِ هُتِ آهين يار پيارا، "مُحمّد" جا مَهندار،

لاهِ لُطف سان لَهٽا[3] سِر تي.

(1) زيور، (2) غم، (3) قرض- ميارون.

كافي-447 (سُر آسا)

عشق لڳو اَڪسِير،[1] صحبت لَئي پَئي سخت گُذاري.

ساھَڙ سُهڻي اَلستؤن پيتا، خاصا خُوشِيَؤُن ڪِيرَ،
نينهُن نِڌَر[2] ڪي نَديون تاري.

رانجهي خاطر هئي ديواني، جهنگَ سِيالڻ هِيرَ،
محبت مئون تي مَنجهِيان[3] چاري.

سَسِئي شودِي[4] ڪاڻ ڪيچين جي، جبل گهُمي جهنگ جِهيرَ،
باھ ٻنيور ڪي ڏي تي ٻاري.

"مُحمّد" توکي ساري سدائين، ڏي تون ساهَ سُڌِيرَ،[5]
دلڙي وئين تون يار ڏُتاري.

(1) هڪ نِڪَ دوا- ٽامي کي سون بڻائيندڙ. (2) بي سَهارِي. (3) مينهُون. (4) هن لفظ جون ٻه معنائون آهن- هڪ بلمعاش ۽ ٻي نياڳي. هن شعر ۾ "نياڳي" سمجهڻ گهرجي. (5) دلاسو-آٿت.

(سُر آسا)

ڪافي-448

عشق ٻڌي اِحرامُ، پڙهيو حج حقيقت جو.

ڪري طواف توحيدي تن ۾، مَڪو منجهه مُدامُ،
سارو شهر شريعت جو.

عشق وارن ڪي اوُج اَلستِي، من اندر ماتامُ،
رهبر رمز رَفِيقَت[1] جو.

ڪولي صاف صُراحِي[2] ساقي، جُنگَ[3] پيارو جامُ،
مست قَدَحُ[4] مَحويَت[5] جو.

"مُحمّد" صاف صحِي سُجاتِي، مرشد واري مامَ،
سارو رنگ رَبُوبيَت[6] جو.

---

(1)ساٿ، (2) پاڻي يا شراب رکڻ جو برتن- گهُگهِي، (3) وڏي-بهادرَ. (4) جام -شراب جو پيالو. (5) ذات ۾ گم ٿيڻ، (6) خُدائِي- پروردگاري.

(سُر آسا)

ڪافي-449

عشق سندو اسرار، واقف ٿيو وڻجارن کي.

ثابت سؤدو سِر جو، عاشق کي اختيار.

دَم درُونِي[1] دؤر رکي، سالڪَ تون سُڌار.

صورت مرشد معنيٰ الله، عين ٿيو اظهار.

مرشد توکي جو چيو، آڻج تون اعتبار.

درست آهي دارَينَ[2] ۾، "مُحمّد" سِر مَهندار.[3]

---

(1) اندروني-خَفِي، (2) ٻنهي جهانن، (3) رهبر-اڳواڻ.

ڪافي-450

(سُر آسا)

عشق ٿيو اُستادُ، وَهمَ وجودي تنهن وڃايا.

پاڙيون پاڙن پرت وارا، اَلستِي اِرشادُ،[1]
قالُو بَليٰ جي قولَ ڪَنبايا.[2]

هَتِ ڪيائون حال هِيئين ۾، باطُوني[3] بُنيادُ،
ظاهر جا تِنهِن ويس مَٽايا.

پتنگ جان پرواز ڪَرن تا، شورِيدَه[4] شِتابُ،[5]
شوقَـئُون شمع تي سِرَ جَلايا.

عاشق اَڏِيءَ تي اُمالڪَ آيا، ڪُسِي ٿيا ڪَباب،
گهائِل سدائين گهُورَ گهايا.

جاءِ نه سپ ڪَنهِين جي اُتاهِين، نينهن ڪيا نوابَ،
"مُحمّدُ" تن ميدان مَلهايا.

---

(1) حُڪم، (2) ڊيڄاريا، (3) ڳُجهو – لڪل، (4) مَچريل-ڪاوڙيل، (5) جلدي.

(سُر آسا)

ڪافي-451

بنا عشق الله جي، غازِن ڪونهي غَمُ.

ويهه نہ وڃ تي ويسلا،[1] راهَہ رِنداني رَمُ.[2]

روح رَلي[3] چڏ رانجهن سان، ڪيڙا يانئج خَمُ.[4]

ظاهر زيبُ زبانِي ڪهڙو، مارِ دَرُونِي[5] دَمُ.

جسم هِي تہ جنجال ٿِي، اِسمَ ساڻ بَسمُ.[6]

قرب واري ڪات سان ڪورِج لِڱَ لَحمُ.[7]

"مُحمّدؐ" هٿ ڪر خيال تون، "فَاذْكُرُ"[8] وارو فَهمُ.[9]

---

(1) اي غافل، (2) هَلُ، (3) ملائي، (4) ڏنگا-ٽيڙا، (5) اندروني، (6) ڀَسم-خاڪ، (7) بدن جو گوشت، (9) الله جو ذکر (9) سَمجهَ - هوشياري.

ڪافي-452

بره بنا برباد، جو دَمُ وقت حياتي تُنهنجو،

سِڪَ صَداقت ساڻ صفا رکُ، عَينُ[1] اندر آباد.

نينهن وارن کي نزاڪت وارو، اَشْرَفُل[2] اِرشاد.[3]

دنيا عقبيٰ[4] دَستُ[5] ڪٿي ڇڏ، مَنَ[6] رکين مِيعاد.[7]

علم عقل جون ڦِرُتيُون ڦاهيُون، عشق اَتِي اُستاد.

"مُحمّد" سان محبوب مُدامِي، اعليٰ ڪيو اِمداد.[8]

---

(1) ذاتِ حق، (2) شرف وارو، عزت وارو، (3) حُڪم، (4) آخري جهان، (5) هَٿ، (6) دل ۾، (7) مقرر وقت، وعدي جو مقرر وقت، (8) مدد.

ڪافي-453

تُنهنجِي پِرتِ پرين پيوَند ڪيو، دم ڏار نہ هڪڙو گهاريان آءٌ،
لاشڪ "لاَمَقصُودُ فِي الدَّارَيْنِ"،[1] روز هَنجُون رت هاريان آءٌ

روز الستي اِلهامُ[2] ڪَيُئَہ، منهنجي من اندر ماتام وِڌُءِ،
قالوُ بَليٰ جي قولَ ٻُڌُءِ، سو تہ سبق سورن جو سنڀاريان آءٌ

عيش آرام نہ اوُر اٿر، محبوب ملڻ لئي مُنتظر،
برباد ٿيو ڪُلِي خام خطر، رڳي طلب تُنهنجي پيو تَنواريان آءٌ

بار بَديون بَدنامِي بارِي، سِرَ تي سَنڙِيَم خلق جي خواري،
مون تي نظر ڪر مهر واري، پلپل پَرِ[3] ۾ پُڪاريان آءٌ

دم دم دلبر دانهن ديهِي،[4] "مُحمّدؐ" جي پَکي[5] آءُ پيهِي،[6]
سينگِن[7] سَرتين ساڻ ويهي، سُهڻي ساجن کي تہ سينگاريان آءٌ[8]

---

[1] هنهي جهانن کان لامقصد ٿيڻ، هنهي جهانن جي طلب ڇڏڻ، (2) اللهؔ جي طرفان دل ۾ ڪنهن ڳالهہ جو اشارو ٿيڻ، (3) پَريِتِ- غيرموجودگيءَ ۾، (4) جسم -جان، (5) گهر-جهوپڙيءَ، (6) اندر داخل ٿيڻ، (7) سگ وارين-سهيلين- مائٽياڻين، (8) آنءُ= آئون، مان.

(سُر ياڳيسري)

ڪافي-454

دل يار ڪٿون جدا، ڪارِگر نہ ٿِي،
غافل نہ تون گُذارِ، بيزارُ نہ ٿِي.

نازڪ نشي نينهن ۾، نادارُ نہ ٿي،
محبت جي ميدان ۾، لاچارُ نہ ٿي.

اَلستي اقرار ۾، اِنڪارُ نہ ٿي،
"قَالُوٓا" قولَ ڪَيل ۾، ويسارُ نہ ٿي.

بره جي بازار ۾، تڪرارُ نہ ٿي،
يگانگي يار ۾، مَيارُ نہ ٿي.

قرب وارِي ڪارِ ۾، بيڪارُ نہ ٿي،
اَلوهِيَت[1] اِسرار ۾، آزارُ نہ ٿي.

"مُحمّدؐ" هستي حال ۾ هوشيارُ نہ ٿي،
طالبن تعداد ۾، مُختيارُ نہ ٿي.

---

(1) خُدائي ـ خداوندي

جڏهن حق آيو تڏهن شڪ ويا، ٻيا ٻولا سڀ ڀڳاسي.

عشق اسان ڏي اَمِينُ ٿي آيو، لَنئون[1] انهيءَ ۾ لڳاسي.

ٻاسي ڪيا سي ڪوڙَ حِجابَن، وِرهَ اِنَهِيءَ ۾ وَڳاسي.

”مُحمّد“ رمزان برهَ جون رِيهون، ٿاهَ انهيءَ ۾ ٿڳياسي.

ڪافي-456 (سُر ڪسوري)

عشق ناهين ڪا اَٽڪل بازِي، بارِي ڪٽندا بيشڪ بارُ.

فَقر سَڏاوَڻ، فاني ٿِيوَڻ، جيئري پيالو موت جو پِيوَڻ،
ٻنهي جَهانين جائِي جِيوَڻ، اِها رمز سِکي ڪو يارُ.

نماز روزا پَڙهه پَڙهه ٿَڪن، عيب ٻين جا چو تا تَڪن،
سَڙيا سمجهه اِها نَٿا رَکن، صاحب آهي رَبُّ سَتارُ.

قرآن حَدِيثان حق ٿو ڄاڻان، غير خيال اَصل نه آڻيان،
طرفِ توڪَل جي ٿو تاڻِيان،[1] سِيرَ ٿِپائي نِيندو پار.

”مُحمّد“ مرشد ٻَهگُڻ[2] مِليو، بخت اسان جو بيحد کُليو،
هَر جاءِ هوڪو اِهو هُليو،[3] موڳَن جو آ سو مَهندارُ.[4]

(1) عشق-محبت

(1) ڇِڪَ ڪيان، (2) گهڻن گُڻن وارو- سياڻو- داناءُ، (3) مشهور ٿيو-پڌريو، (4) اڳواڻ -رهبر.

ڪافي-457

(سُر ڪسوري)

تَڪِ پَڪِ سؤدو، عشق جو تَهِ پَهِ،
رمز اها وري ڪير پَڇاڻي.

عالم فاضل علم جا عامِل، رَهن شَرعُ تي پورا شامل،
ڪَنزَ قَدُورِي[1] ڪافِيا[2] ڪامِل، بارِي منزلَ بِرهُ اُماڻي.

بيخود بازي برهَ جي آهي، عام اِها ڪَل ڪنهن کي ناهي،
مرد اچي ڪو سِرُ بہ لاهي، اَصُل اَصُول سيوئي ڄاڻي.

"مُحمّد" سُنِي تِيوَڻ سؤڪو، بار برهَ جو چاوَڻ اؤکو،
هن ۾ آهي دردن دوکو، سُورهيہ تي ڪو سِرُ ڏي آڻي.

---

(1) فِقهَ ۽ شريعت جا ڪتاب. (2) علم نَحُو (گرامر) جو عربي ڪتاب.

(سُر ڪسوري) ڪافي-458

هُوَاللّٰهُ جو هُل مَچايُم، جِيءَ جُسي ۾ جارِي، ٿِي نِروارِي.

"مُوتُوْاقَبْلَ اَنْ تَمُوتُوْا"[1] مرڻو هِڪڙِي وارِي، ڪر تيارِي.

"وَنَحْنُ اَقْرَبُ"[2] قول قرآني، مِيمُ اَلِفَ مُختيارِي، ناهين اِنڪارِي.

بره بهادر بيشڪ آيو، بازُ ڇِڙو جيئن بَحرِي، هَٿئون شڪارِي.

"مُحمّدؐ" سانگو سِر جو لاٿي، سُورهيہ ڪندا سارِي،[3] بنا هتيارِي.

---

(1) "مرو اڳي توهان جي موت کان" يعني جيئري مرڻ- اصطلاحًا معنيٰ "پنهنجي نفس کي جيئري ئي ماريو"

(2) "انسان جي ويجهو آهي". (3) سوڀ- راند کٽڻ.

ڪافي-459

(سُر ڪسوري)

عشق اڱڻ جن جي آيو، خيال ڇڏيائون تہ هَوائِي.

عشق وارن جي اِها چالِي، ڦرن سدائين مست موالِي،
لائِيون وَتن تا نيڻن لالِي، ٻي ڪاڻ نہ رکن ڪائِي.

نِسَنگَ[1] هٽي تون نينهن جو نعرو، وحدت جو تون ڪر نہ وِسارو،
ڪوٽ دُوئيءَ جو پيچ تون سارو، رک سيني اندر صفائي.

"مُحمّد" عشق اجا توکي ناهين، تاهُہ اجايو چوڻو تاهين،
صوفي سالڪُ تڏهين سڏائين، جڏهين ڏِسين تون نُور اِلاهي.

---

(1) ظاهر-پڌرو

ڪافي-460

(سُر ڪسوري)

برہ وڏو بدنام يارو، بَرڇيون[1] بانَ[2] بَچائي تو.

عشق جون خَبران عاشق ڄاڻن، مرد سدائين موجان ماڻن،
طرف اُهي ٻي ڪنهن نا تاڻِن، رمزن سان ريجهائي تو.

'ذڪريا' کي منجهہ ڪَرتَ چِيرائي، 'شاهہ بِلاول' گهاڻي پِيڙائي،
مُلن ڪئون 'مُنصور' مارائي، سوريءَ سِر چاڙهائي تو.

عاشق شودا[3] وَسِ نہ تيڙا، مَڃَ اِنهيءَ ۾ آٽي پيڙا،
جان جلايائون جُسا[4] جيئڙا، پتنگَ جُوانَ پَچائي تو.

"مُحمّد" برهہ بِلاشڪ اهڙو آهي، غير شَرع جا ڪم ڪرائي،
ڏُڪَڙ طَبلا واڄَ وَڄائي، ناچُو نينهن نَچائي تو.

---

(1) ڀالا. (2) تِيرَ- ٻاڻَ، (3) بي چَيا، نامراد، ويچارا. (4) جسم -بدن.

ڪافي-461

(سُر ڪسوري)

آدم ہاجھون اوُر نہ ڪوئِي، بار برہ دا چاوي ڪَوڻ.

اَفلاڪانْ[1] نُون آچ ڪَـڙا تا، سوز اِهين ڪُون سَماوي ڪَوڻ.

جِن مَلڪ دِي جاءِ نہ ڪائِي، اَيسا رُتِبا[2] پاوي ڪَوڻ.

ڳُجھہ ڳُجھاندر ڳالهہ اِنهين ڪُون، لاوي توڙ نِياوي ڪَوڻ.

سَنگت صوفي صاف ڪَنُون، خام خودي نُون ڪاوي ڪَوڻ.

”مُحمّد“ خاصان دِي مَجلس وچ، عام اُتاهِين آوي ڪَوڻ.

---

(1) آسمانن کي- اَفلاڪ=آسمانَ. (2) رُتبو- عزت- درجو.

ڪافي-462

(سُر ڪسوري)

علم لدنِي[1] اَفضل اعليٰ، عَينَ عطا تي اوڏاهُون آيو.

دل ۾ دائم عشقَ آرانِيي،[2] باه پِيئُ، بيشڪ پَرڪايو.

اَتڪل بازي ڪِينَ هلي تي، سچ صفا جَنهن سيني سَمايو.

جِن لڳي آ ڪَل تِنهِين کي، فَهم فَنائِي فيض بِي پايو.

وهم وجودي وافِر[3] وائِڙو، وحدت وِرهَ وفائِي وِڃايو.

"مُحمّد" جو مَهندار[4] مُنور،[5] رهبر سائين رنگ رَسايو.

(1) اللهءَ طرفان ڏنل مخفي علم، (2) باهه جو اُلو-شعلو (3) گهڻو (4) اڳواڻ-رهبر (5) پُر نُور- روشن.

ڪافي-463 (سُر ڪُھوري)

عشق اصل ڪئون ماري مَنائي،[1] اَرڏا[2] جوان اَميرَ ڪيئِي.

بادشاهيون تَرڪ ڪري، فائق[3] تيا سي فَقِيرَ ڪيئي.

روئڻَ رَڙڻَ ڪئون ناهِن واندا، زُهد زارِيءَ ۾ ظَهيرَ[4] ڪيئي.

پِير، پيغمبر، پابند ٿيڙا، عشق اَري ۾ اَسِيرَ[5] ڪيئي.

بيوس بيڪَ اِنهي ۾ آيا، ديوانا دلگِيرَ ڪيئي.

رنگَ اِنهي ۾ روشن راضي، ”مُحمّد“ مردَ مُنِيرَ[6] ڪيئي.

---

(1)مجائي، (2) زوراور-ضدي، (3) مٿئين مقام وارا- فضيلت وارا، (4) ڪمزور- لاچار- بيوس، (5)گرفتار- قاتل، (6) روشن.

(سُر ڪسوري) ڪافي-464

دِينَ ڪُفر ڪٿون دُور ٿياسي، عشق اسان وٽ ازلي آيو.

ورد وظيفا وسري وِيَڙا، گهُورَ سجڻ جي گهايل گهايو.

من اندر محبوب ملڻ جو، صاف سيني ۾ ساجُهر سَعيو.[1]

اِڇي پيو اُهجاڻُ الستي، راز رِنداني رُوحِي رايو.

ناز پريو نروار نِهانِي،[2] گيانَ گُروُءَ جو گيت بِي ڳايو.

"مُحمّد" سان ڪر مِهر يَلائي، درَ تُنهنجي جو دِلبرَ دايو.[3]

---

(1) ڪوشش [illegible]

ڪافي-465

جاتي حد نہ آهي حسابُ، اُتي عشق لاحجابُ.

مُلان مَسلا[1] مُصلا اوري، ڪونهي ڏوهُ ثوابُ.

لامذهب لاثاني آهي، ڪهڙو سوال جوابُ.

تَن مَن اندر وڃن تَرانا، رَبُوبِي[2] تہ رَبابُ.[3]

مرشد هادي مِهر مَنجهارئون، ڪاٽيو ڪُوڙُ ڪَذابُ.[4]

”مُحمّد“ ساقي مست مِيثاقي، ڏنو شَوقَ شَرابُ.

---

(1) مسئلا، (2) اللهؐ جا - ربّ جا - رَبانيت جا، (3) سازجو قسم، (4) ڪُوڙ- ڪُوڙو.

ڪافي-466

بره بادشاه تِي، بالا، لڪين بازيون بنائيندو،
عقل عرفان عالم جو، اچي اَعظم اُڏائيندو.

وجودي وِيُر وَڏَ وافِر،[1] وهم سارا وڃائيندو،
قَديمِي ڪُفر جا قِلعا، ڀيري هڪ سان ڀڃائيندو.

غروري غير کي غازي، همت وارو هَٽائيندو،
صفائي سَيرَ جي سُرڪِي، پِياسَن کي پيارِيندو.

حق هموار حِرفَت[2] سان، وره وارا ورائيندو،
نادر ڪَنڌَ نوابن جا، نيزي اُتي نِوائيندو.

دَرُونِي درد جا دُونهانُ، دل اندر دُکائيندو،
مُدامِي، مَڄ محبت جو، مُغان پِيري[3] مَچائيندو.

اُمالڪ عشق وارن جا، اَڌِيءَ تي سِـرَ اُڏائيندو،
مُحابي[4] مُحبَ جي مقرر، ”مُحمّد“ ميدان مَلهائيندو.

---

(1) ڪِهٽا. (2) اٽڪل. (3) پِيرِ مُغان- ساقي- مرشد. (4) صدقي- واسطي.

ڪافي-467

گُـرَ رِيءَ گوهر جي، نتو گذاريان مان،
گَهُرَ تنهنجي گُهرَ* ۾، سدا سينگاريان مان.

"فَاذۡكُرُونِيٓ أَذۡكُرۡكُمۡ"[1]، فيضيابِي فهم ٿيو،
هُو وساري ڪِينَ ڪِي، نتو وساريان مان.

دل ۾ ديرو دوست جو، دائمي ديدار آ،
عَينن جي انصاف سان، اَندرُ اُجارِيان مان.

صاف سُرڪِي سَيرَ ۾، مست آنءُ مدهوش ٿيس،
مَئي ڪَشِي جِي موج سان، پلپل پُڪاريان مان.

"مُحمّد" حق موجود ٿِي، يَڪتار[2] يَڪتا[3] يار سان،
توحيد جي طلب سان، تَهدل[4] تَنواريان[5] مان.

---

(1) "تون ياد ڪر مون کي تہ مان ياد ڪريان توکي" (الله ج). (2) هڪ تار سان- هڪ ڏُن سان. (3) اڪيلو-واحد يعني (الله ج). (4) دل جي گهَراين سان. (5) پُڪاريان. * گُهرَ=طلب، چاهَت.

ڪافي-468 (سُر بلاولي)

بيراهن سان رهبري، راهِ رِسالت عشق جِي،
قُربداري قادري، عين عنايت عشق جِي.

ڏِيل[1] پنهنجي ۾ ڏس تون، سچي صداقت عشق جِي،
درد وارن سان ڻ دائم، عالِي عدالت عشق جِي.

جن ملي هاديءَ هَٿارئون، اِها اَمانت عشق جِي،
پاڻ ڪئون پاسي ٿيا سي، خاصِي خِصالَت[2] عشق جِي.

جوش مئون جذبو جَلالَتَ، جائِي جماعت عشق جِي،
وَرُ ڏيئي وائڙن وَرائي، قائم ڪَمالتَ عشق جِي.

دَهمانَ دُوئِي دُور سڀ، واحد وِصالتَ[3] عشق جِي،
سُرت سان سالِڪَ سمجهه تون، ”مُحمّد“ مِثالتَ[4] عشق جِي،

---

(1) جسم-جان، (2) خصلت=عادت، (3) وصال-ميلاپ، (4) مثال- هڪجهڙائي

ڪافي-469

عشق بازي ۾ اڇڻ، ڪم ڪنهين مَردانَ جو،
لاڏَڙڪ لاغرض ايندو، مُنصِفي[1] ميدانَ جو.

عشق بازي ۾ عجائب، سِلسِلو سامانَ جو،
درد جا ڏُونهان دُکائي، روح ۾ رِندانَ جو.

جوش وارن کي جلائي، جذبو هِن جولاَنَ[2] جو،
عشق جي آتش اندر ۾، سِرُ پَچي پَروانَ جو.

نِينهن جو نعرو لڳو آ، پڙَ مٿي پَهلوانَ جو،
شوق مئون شائق[3] شتابِي،[4] شَرفَ[5] سان شادانَ[6] جو.

رَهنُمائِي آ رَفاقَت، راز ٿيو رَحمانَ جو،
ويا مٽِيئِي پولا پيي، يَڪِرَنگو[7] يَڪسانَ[8] جو.

حال محرم آ هميشه، "مُحمّد" مَئِي مَستانَ جو،
پِرت مَئون پيالو پياري، پُر ڪري پَيمانَ[9] جو.

---

(1) انصاف وارو-عدل وارو، (2) جوش- تيزي، (3) شوق وارو، (4) تڪڙو، تيز، (5) عزت-مان، (6) خوش،
(7) هڪ رنگ وارو، (8) هڪجهڙو، (9) وعدي جو - عهد جو- شراب جو پيالو

ڪافي-470 (سُر پَهاڙِي)

ذَوق گهنِيجي[1] ذاتِي، پاڪي جهاتِي،
دم دم ديـــــدار دا.

اصل عُشاقان دِي، روز اَزل ڪَنُون،
بولِي اِيوين باتِي، هر ذاتِي.

بَحر بَـقاءُ دِيان، لَهرِيان آوَن،
چُلڪيندِي هئي چاتِي، ڏينهان راتِي.

گُفتا گُم ڪَريندا هي ڪامل،
بيهُودا بَڪواتِي،[2] طِلسماتِي.[3]

رهبر والِي، نال رمز دي،
"مُحمّد" مام سُجاتِي، اَثباتِي.

---

[1]وِنج ... (3) جادُوئي - تماشي وارو.

ڪافي-471

(سُر پهاڙي)

علم عشق وارا ٿيا بَردارَ[1] بَرسَر،[2]
نِگران[3] نامِي[4] نِروار[5] نادِرَ.[6]

قدم ڪوڏَ قائم، رکڻ راز رِندِي،
حَلاجِي هَٿيءَ تي، هوشيار هَر هَر.

جَذبُ جوش جَولانُ، جَبَر جوڙ جَنگِي،
طَبل تاج طُولانُ،[7] تڪرار تصَـوُر.

مُڙيا ڪِينَ مَنصورَ، ميدانَ مانجهي،
گهِڙيا گهوٽ چڙهيا چوٽَ، اَڻ موٽَ اَڪثر.

وَٽن وِيـــر وَحدت، رَمِي[8] راهَ رهبَرَ،
"مُحمّدُ" مَهندار،[9] مُختيار[10] مُقرر.

---

(1) ميوي دار- ڪٽندڙ، (2) مٿي تي، (3) نگهبان- محافظ- ڏِسڻ وارا، (4) نالي وارا-مشهور، (5) پڌرا، (6)ناياب- عمدا، (7) ٽيڙ-سامان سَڙو، (8) هَلِي- روانا ٿي، (9) اڳواڻ، (10) اختيار رکندڙ- طاقت رکندڙ.

(سُر پهاڙي)

ڪافي-472

عـجـب عشـق اَحـسَن،[1] اَزلِـي اَزلِــي،
ڪُليو راز روشن، خَفِي[2] جَلِي جَلِي.[3]

مِلِي مست مَيخاني، سَراسَر صُراحِي،
سَـوائِــي سُــرڪَ، يَـلِـي يَـلِـي.

جَـذبدارُ جـوشِـي، دائم دَلــقُ پـوشِـي،[4]
اچـي نـا خـاموشِـي، رمـز رَلِـي رَلِــي.

مزي مَوجَ مالڪُ، خاوند خاص خالقُ،
صوفي صاف سالِڪُ، اَوَّلِي اَوَّلِي.[5]

اچن ڪَستَؤن[6] ڪاهِيون، سورهيہ سِر نِوايون،[7]
ڪُلهَن ڪٿون ڪَپايون، "مُحمّد" مَلهِي مَلهِي.[8]

---

(1) سنو-خوبصورت، (2) گُجهو-لڪل، (3) ظاهر پڌرو، (4) فقيري گودڙي پائڻ، (5) اصلي-شروعاتي-پهريون، (6) جوش [illegible] سُر خرو ٿي.

ڪافي-473

اسان جي عشق بازِيءَ جِي، اوهان کي ڪَل نہ ڪا آهي،
جيڪر سمجهو اوهان سِرَ کي، وڃو ڪَستئون اوڏَهن ڪاهي.

نمازون نفل ۽ روزا، رکو تا نفس لَئہ ناحق،
وساري وِردَ وَظائِفَ، سبق سِڪَ جو پڙهو ساهي.[1]

اسان جي حال جو محرم، لَيي ڪَوڙِن[2] مَنجهئون ڪاتي،
اُجايَل عشق جو آهيان، ڪائِي غرض مون ناهي.

توڙي جي لوڪَ جا طَعنا، ڏين تُهمَت مون تي ڪيڏي،
اَثر هن عشق جو اهڙو، مَلامَت مون اڳيئون چاهي.

اصل آهيان اَلستِي مان، وَڪوڙِيَلُ وِرهَ ۾ واصل،
"مُحمّد" کي مِهر مئون مَهدِي،ڏنو آ ڏَس اِهو ڏاهي.

(1) زور ڏئي-چڪي، (2) ڪِروڙن – بيشمار انسانن.

(سُر جهنگلو)

ڪافي-474

بار بره جو بيحد بارِي، يار جُمِي سِر چايوسي.

لوڪَ چوڻ سان ڪِينَ مُڙياسي، قُربئون ڪنڌ نِوايوسي.

هادي راهُ هدايت وارو، صاف صَحِي هَٿِ آيوسي.

تيز تِکي تلوار اُنهيءَ سان، دشمن کي دَٻايوسي.

"مُحمّد" مرشد شَمسُ الُعارف،[1] اِهو هار ڳچي ڳَل پايوسي.

---

(1) عارفن جو سِجُ

(سُر جَهنگلو)

ڪافي-475

بنا عشق اَللہ جي، روح نٿو رَلجي.

ڳُجهَہ اندر جي ڳالهڙِي، سُور نٿو سَلجي.

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، پُورُ نٿو پَلجي.

رِندن وارِي راهَ ۾، چال عجب چَلجي.

لُونءَ[1] اندر لاتِيَٽہ لورِي،[2] جهورِي[3] نا جَهلجي.

هر دم هِيئين[4] سان هوت ڏي، هيَرڪُ تِي هَلجي.

آڙاهَ آتش عشق ۾، جِيءَ جُسي[5] جَلجي.

مَحويتَ مَيخانَ ۾، "مُحمّد" تِي مَلهجي.[6]

---

(1) جسم - جان- وارَ وارَ. (2) سِڪَ-محبت-ڳٽتي، (3) سِڪَ- اُڪَندَ-ڳٽتي، (4) دل، (5) جسم، (6) سرخرو ٿجي- ڪامياب ٿجي- سَرسِي ڪجي.

(سُر پيلو)

ڪافي-476

ظاهر ڏٺو سي علم جو، تڪرار عشق سان،
خَلق جي خوارِيءَ سندو، آزار عشق سان.

مَڪَر جا مَٽڪا پڙهي، ڇو خَلق ۾ ٿِين مُعتبر،[1]
صوفي صفائيءَ ساڻ رکُ، واپار عشق سان.

عشق وارن سان اَجايو، ڇو مچايو هُل حشر،
ايئن مناسب ناهِ ادا، ڪيو ويچار عشق سان.

موڳا سمجهن ڪِينڪِي، اِها مامَ سارِي سَر بَسر،
"مُحمّد" جو مِيثاق ڪئون، وَهنوار عشق سان.

(1) اعتبار...

(سُر پِيلو)

ڪافي-477

ڏِس عشق جو اَنڌير، سوين مرد تو مارائي،
آڙاه ۾ اَڙائـــي، بـــي تَـرسُ تـــــو سـڏائي.

ٻَڌو عشق جي ميان ڳالهہ، دل جان سان هَنيائي،[1]
زهر ڏئي حَسَن کي، حُسينُ تو کُهائي.

عشق وارن کئون پڇو، هن حال جي ساري خبر،
نِسورِي عشقُ آتشِ، جيئَري چِڙي جَلائي.

"مُحمّد" اِنهيءَ ميدان ۾، ڪي ڪُويا[2] ايندا ڪاهي،
سَچا رکن سَچائِي، اتي ڪم ڪَچَن جو ناهي.

---

(1) عمل ڪري- دل ۾ تپاس ڪري، (2) بهادر

كافي-478

(سُر پِيلو)

عشق اَلستِي عين عُقابُ آ.
نادر نَر نانگو نينهُن نوابُ آ.

پئُو پَرمُ[1] ويو، لَجَ شَرمُ ويو،
بره بِلاشڪ بي حجابُ آ.

ڪُسڻ قديمي، ڪرم ڪَريمِي،
روز ميثاقِي، اَڏِي اَلقابُ[2] آ.

بَحر پَرپوري، مَئي مَخمُورِي،
شوق شرابي، شورِيَل[3] شِتابُ[4] آ.

ظاهر ذاتي، پائي ڏس جهاتِي،
"مُحمّد" مَنصَبُ،[5] مِيمُ مَهتابُ[6] آ.

---

(1) ساڳ-لَجَ-شرم، (2) لقب جو جَمعُ- لقب- خطاب- نالو ملڻ، (3) مَچريل، (4) تڪڙو-تيز، (5) عُهدو،
(6) [illegible]

ڪافي-479

(سُر پيلو)

سِڪَ سيني ۾ صاف صفائي، پوءِ ڪيڏين تون درد ڏَمال،
اِسم اِلاهِي اورِ[1] اندر ۾، جسم اَتئي، جوکو[2] جَنجالُ.[3]

هِردي هردم حق سڃاڻج، حاصل ڪر تون حُسن ڪمالُ،
جهاتِي پائي پاڻ ۾ پيهِي، پرت سان ڪر تون پاڻُ پائمالُ.[4]

پِرت منجهارئون پُر ڪري ڏي، ڪَيفَ[5] پريو قَدَحُ[6] ڪَلالُ،[7]
جوش منجهارئون جوتِ جاڳائي، جائِي ڏسي تو جانِي جَمالُ.

دَمُ سچو رک ياد هميشہ، ڪوتَهُ[8] ڪر تون ڪُوڙو قالُ،[9]
هٿ ايندو توکي سارو سَراسَر، هِيئين حقيقت وارو حالُ.

"مُحمّد" تي آ مِهر مُدامِي، يلي ڪئي يَلائِي يالُ،
روح منهنجي تي راتيون ڏينهان، واءُ گهُليو آ وَصُل وِصالُ.[10]

---

(1) ياد ڪر، (2) نقصان، (3) مصيبت، (4) نيست نابود ڪرڻ، (5) نشو (6) پيالو-جام، (7) شراب
وڪڻندڙ-ساقي

ڪافي-480

(سُر پَٽ پِجري)

جاتي دين ڏرمَ جي جاءِ نہ ڪا، اُتي عشق اچي خيما کوڙيا.

علم عقل حَياءُ ٿيئِي، پڄي بره ڪئون بيزار ٿيا،
نينهَن نادِرَ نامــوَرَ، سڀ وِيَرَ وَحدتَ لوڙِهيا،

جيڪي عشقَ سندي اوقاتَ[1] ۾، تنهن مُنهُن نہ ٻي مَسلاتِ[2] ۾،
باطن بَهارِي برسات ۾، ظاهر ٽَڳا[3] تنهن ٽوڙِيا.

زُهد طاعَتَ ۽ عبادت، محض مَحّويت[4] مَناعَ،[5]
حق حاصل تن ٿيو، جن ٻولَ ٻيائِي جا ٻوڙيا

ظُلماتِ[6] کي زائل[7] ڪري، منظور ٿيو "مُحمّدؐ" مُدامُ،
رِيءَ اعليٰ عشق امام جي، ٻيا واهر وسيلا سڀ ڇوڙيا.

---

(1) خيال، پُورَ، (2) مسئلا، (3) وَٽيل سڳو-(ٽڳا ٽوڙڻ=لاڳاپا لاهڻ)، (4) خيال ۾ گم ٿيڻ (يعني روحاني خيال ۾ گم ٿيڻ)، (5) تمام گهڻو منع ڪندڙ- گهڻو روڪڻ وارو، (6) اونداهيون، (7) ختم ڪري.

ڪافي-481

مِيثاقئُون اڳي آهي لڳي، قرب جي قابُون[1] ڪَڙي.

ان ڏينهن ڪئُون آهيان آزاريل، عشق تُنهنجي ۾ عَلِيل،[2]
در تُنهنجي تي پيو ٻاڏايان، جانبَ تو سان جِيءَ جَڙِي.

وِٽِي ناهين هڪ وارَ جِي، ساه ڪي ساجن سَنيارَ جِي،
ٻيا مزا ٿو زهر ڀانيان، عَينَ عَينَن منجهه اَڙي.

درد جو دارُون نہ ڪو، تو ڪئُون سوا ٻيو طبيبُ،
مرض منهنجي کي سڃاڻي، ڏي اڃي تَهدل تَڙي.

هِتِڙي اصل ڪِينَ ڪِي، "مُحمّد" جو آهي ماڳ مَڙهي،
هِن ڪَمياڻِي[3] جي ڪَکين، چانگل[4] تي آءُ تون چَڙهي.

---

(1) قابو (2) بيمار، (3) ڪَم واري- حاجتمند، (4) چانگو-اُٺُ.

ڪافي-482

(سُر پَٽ مجري)

بــره جــو بَــهرو[1] مليو، هاديءَ هَتارئون هُو سَندو.

انتظارِي آ اکين کي، مُحبّ جي ميلاپ جي،
راتيون ڏينهان بي قراري، سِڪَ نہ ڏي مُورئون سَنڌو.[2]

رَڳَ رَڳَ پُڪاري ربّ سچو، ہي واتِ وائِي ڪانَڪا،
ذڪر ذاتِي ڪئون سِوا، ڪِينَ ڪيان ٿو ہيو ڏَنڌو.

اَبرُو[3] جي محرابَ ۾، ديد لايان دَمبَدم،
حد حجابن جِي پيچي، تاڻيان[4] نہ ہيو ڪوئِي تَندو.*

"مُحمّد" منگي ٿو مِهر مهدي، سِڪَ سِرُ توڪئون سائين،
اَجهي اوهان جي آهيان، جهڙو تهڙو ميرو مَندو.[5]

---

(1) ڀاڱو-حصو-وَنڊ، (2) وِٿي-ڇيڙو-دَنگ، (3) ڀِرون، (4) ڇِڪيان، (5) گهٽ.
* تَندو تاڻڻ=ڳالهه ...

ڪافي-483

(سُر پَٽ مجري)

مون سان مُحبَّ ميثاقِي پيار اَتم، تنهن ڏينهن لاڪُون[1] قرار اَتم.

پِرت مئون پيالو پِري، هادِيءَ هَتارئون پُر ڪري،
زياده ذوق هميشہ ذَري ذَري، مَستِي حال ۾ مِقدار[2] اَتم.

وَجدُ[3] وُجودِي پيو هلي، جان جُسو جِيءُ تو جلي،
ٻيو چارو ڪوئي ڪونہَ چلي، شُغُل شاهِي شُمار اَتم.

ٻِي وائي مون کي ڪانہَ وڻي، حالُ حقيقت هامَ هٽي،
طرفَ توحيدِي ڏي تو تَٽي،[4] هڪ وحدت جو واپار اَتم.

قِيل قالَ اِنهي ۾ ڪم آهي، لوڪَ لاڳاپا ڇڏيم لاهي،
قُربَ منجهارئون ايندو ڪاهي، "مُحمّد" جو مُختيار[5] اَتم.

مشتاقان دي مارڻ ڪِيتي، جَهت پَٽ جادُون لايا هئي.

آدم حوا ڏي گَندم بهانا، بِهشتئون چا لوڏايا هئي.

ابراهيم خَليل ڪُون آگ چڙهاڪَر، ڦِر گُلزار بنايا هئي.

مثل زُليخا صورت بَن ڪر، يوسف مصر وِڪايا هئي.

ڪَربَل وچ حُسين ڪُهاڪي، زهر شاه حَسن پِلايا هئي.

شاهه منصور حَلاج حُسينِي، سُورِي سِر سَلايا هئي.

تَبريزِي شاه شَمسُ الحَق، ڪِيوين ڪِل ڪي ڪَل ڪَلايا هئي.

شاهه صُنعانَ يَهُودِڻ ڪِيتي، سِڪ وچ سُوئر چَرايا هئي.

ڏي ڏِڪالِي لَيلان والي، مَجنُون ڪَرنگهُ[1] سُڪايا هئي.

"مُحمّد" جيهي لکين هزارين، گوهر[2] گهوٽ گَنوايا هئي.

(سُر كلياڻ)

كافي-385

بارِي بـــره جـو بارُ، آدم سِـــرَ تـي چاهَئون چايــو.

قربئون قدم كٺي هِت آيو، باغ برهَ جو تنهن بَرسايو،
چئو طرفين چوڌارُ، وڻ ٽِڻَ تي آني وِرهُ وَسايو.

چُپ چُپاتِي مئون اَثباتِي، ظاهر ٿيڙو ظهورو ذاتِي،
بيحد بي تہ شُمارُ، ڪِينَ عقل ۾ ڪنهن کي آيو.

شاهَ منصور حَلاج حُسينِي، هَنئين آ حق جِي دَم زَنِي،[1]
واهُ تبريزي تَكرارُ، "قُمْ بِاِذْنِیْ"[2] قرب وڌايو.

"اَنَا اَحْمَدُ بِلامِيمِ"[3] رهبر ٿيو آ رازُ رَحِيمِي،
قادر كُلِي كَردِگارُ،[4] "مُحمّدُ" تي اچي حكم هلايو.

---

(1) نعرو هڻڻ. (2) "اُٿِي منهنجي حڪم سان." شمس تبريز پنهنجي حڪم سان مردي کي جياريو هو.
(3) "آئون احمد آهيان بنا ..."

ڪافي-486

(سُر ڪلياڻ)

تَن مَن ۾ آ تـارَ، تَندُ طلب جي واهُ وَڄي ٿِي.

هوت سان هڪ ٿي رهان هيڪاندو،[1] ڌُرئِڻُون نہ آهيان ڌارِ،
ٻُلَ بَغاوت ڪُل ٻَجي ٿي.

دل منهنجيءَ ۾ دائم آهي، دردن جِي ڌَڌِڪارَ،
ٻَلپَل ٻُورَ اِنهي ۾ ٻَڄي[2] ٿي.

مُئِي دل محبوبَ سَچي جي، جوشَ جاڳائِي جارَ*،
رمز رِندانِي راز رَڄي[3] ٿي.

لُونءَ لُونءَ ۾ آهي لات لطيفي، ساجن جي تہ سَنيارَ،
خَفِيءَ واري خيال ڪَڄي[4] ٿي.

لکين لائق لُطفَ ڪيائين، "مُحمّد" سان مهندارَ،
قُربَ قديمي قولَ ڪَڄي[5] ٿي.

---

(1) مليل-گڏ، (2) سَڙي ٿي، (3) ڀرجي ٿي- ڀُر ٿئي- آسُودي ٿئي ٿي، (4) متي ٿئي ٿي- ترقي ڪري ٿي، (5) پردي پوش ۾ رهي ٿي- ڍَڪيل رهي ٿي.

* جار= جذبي- جوشَ.

ڪافي-487

(سُر ڪلياڻ)

دم دم درد ڏَمالَ، رَڳَ رَڳَ پئي رَبّ پُڪاري.

نفسِي حال نابُود نَفِي ٿيا، خارج خام خيال،
عشق چِڏيو آ اندر اوجاري.[1]

بِرھ بھادر جنھن گھر آيو، وِسرِي قِيل مَقال،[2]
ساھَ پَساھَ ۾ ساجن ساري.

وِرهَ وَڪوڙِيَل آهيان اَزلي، جذبي جوتِ جمال،
نازڪ ناتي نُورَ نظاري.

واعدي وَصُلَ ويراڳِي ڪَيَڙو، اصل اَلستَ اَنجام،
پِـرتِ وَنـدو آ پِـيَل پَـناري.

رمز رِنداڻِي روز رهي ٿو، "مُحمّد" وَصُل وِصال،
گھايَل ويٺو گھَڙيون گھاري.

---

(1) صاف ڪري، (2) ڳالھ ٻولھ- بحث مباحثو.

ڪافي-488

(سُر ڏَناسِري)

عشق آيا آفاتِ اِلاهِي، ذاتِ ڪُذاتِ[1] نہ پُڇدا هئي.

جس گهر آيا عشق حقيقي، راهان پيان گُم ڪَريندا هئي.

بادشاه وزير غريب اَميران، سڀ ڪُون مارِ مَنئيندا[2] هئي.

شاه منصور حَلّاجُ حُسينِي، سُورِي صاف سَٽيندا هئي.

سامِي جوڳِي آديسِي آڏُوتِي، دَر دَر اَلَکُ جَڳائيندا هئي.

"مُحمّد" نال مُدامِي هوڪَر، زوران زور لَڙيندا هئي.

---

(1) خراب ذات- خراب نَسُل. (2) مچائي ٿو

ڪافي-489

(سُر ڌناسِري)

بره جو بادل وَسي وَسي ميان، سِڪَ وارن تي سَرتيون.

زوران زوري ساڻ زَبَر جي، ديوَ دَيُوثَ[1] کي دَسي دَسي ميان.

اَزغَيبِي اَڻَ چاڻَ اَبوجَهن، ڏاڍ[2] اِهو تو ڏَسي ڏَسي ميان.

ساعت هڪ ۾ سونُ ڪري ٿو، لوهَ سان پارسُ گَسي گَسي ميان.

بيخود بَحر بهادر بانڪو، خام خودِيءَ کي کَسي کَسي ميان.

"مُحمّد" موٴج مَدهوشِي مَستِي، راز رهبر تي رَسي رَسي ميان.

---

(1) بي غَيرتُ، نفس ڏانهن اِشارو آهي، (2) اَٽڪل.

ڪافي-490

(سُر ڌَناسِري)

ڪُلِي بِرهَ بازار وي ميان، سوداگر تي سؤدو وَٺين.

سؤدي هن جي قيمت بارِي،[1] ٻئي جهان وِسارِ وي ميان.

هستيءَ وارا حجابَ هٽائي، مَئي[2] پَنهنجِيءَ ڪي مارِ وي ميان.

سُکَ سيئي ساڙي چڏ تون، گهَڙيون گُوندرَ[3] گهارِ وي ميان.

هِڪَ تاڙِيءَ سان چڏيَم تَڙائي، وئي اُڏامِي جهارِ[4] وي ميان.

پِرتئون پنهنجي هِردي[5] اندر، مَچُ مُدامِي ٻارِ وي ميان.

"مُحمّد" هوندين هردم حق سان، دوستاڻِي درٻارِ وي ميان.

---

[1] ٻارِي-ٻَرِي، (2) مَئين-خودِي، (3) غم ۾، (4) پَکِي، جيڪي فصل جي ٻوٽَن تي ويهي داڻا کائيندا آهن ۽ فصل جو نقصان ڪندا آهن- (اصطلاحًا= نفساني خواهشون)، (5) دل- قلب.

كافي-491

(سُر جوڳُ)

عشق سندو اَحوالُ، معلوم ٿيو آ مَردن کي.

ذَوقَ وارن پاڻئُون پيهِي پَسيو، هر دم حُسن ڪَمالُ.

سِرُ ڏيئي سؤدو صاف ڪيوسي، ٿيڙو بِرهُ بقّالُ.[1]

عشق وارن کي علم عطا ٿيو، لدنِي[2] لازَوالُ.

"مُحمّد" رَنگ نہ ڍَنگ نَمونُو، بيشڪ بي مِثالُ.

(1) ريزڪي سامان وڪڻڻ وارو- سَبزِي فروش، (اصطلاحًا: عشق جو سؤدو ڏيندڙ)، (2) اِلهامِي-قدرتِي.

ڪافي-492

(سُر جوڳ)

عاشقن لئہ عيد ٿِي، چيٽ توڙي ڪَتِي.

دل منهنجي اِها دائِما، وَنگي وِرهَ وَتِي.[1]

پيالو پِريَن پياريو، مَستِي موَج مَتِي.

وحدت ساڻ وجود ۾، ٻارِي ٻرهَ ٻَتِي.

جنهن نہ سَمجهو راز ڪي، تَنهنجِي گَڏهِ گَتِي.[2]

غازِي گُم ڪر غَيرَ کي، لاَ جِي ماري لَتِي.[3]

"مُحمّد" خاطِر[4] خيال ۾، رَنگَ رَهبرَ رَتِي.[5]

---

(1) وَرتي. (2) گڏهہ گَتِي=معنيٰ — مصيبت ۾ پيو- ڦاٿو (3) لَتَ. (4) دل. (5) لال ٿِي.

ڪافي-493

اَڻ ٻُڏيُون ٻُڏجَن، ٻره بادشاهَ جُون.

چوليون اچن چوهَ[1] مَئون، لهريون لَس وَهن،
سِڪائِتا ٻہ سَهن، دَردانَ* هن درياهَ جون.

وچ تي وِيُرون وَڏاڻ[2] پيا بيحد ٻـلائُن،
باڳُن[3] ڪئُون ٻہ ٻچن، ٽڳيون ڇڏيائون ٿاهَ جون.

اوپارا عوشاق پيا، طالب تارَ ترَن،
پَرِين پَرِ پهچن، اُميدانَ ارواحَ جون.

ڪيئي موٽيا ڪُنَ ڏَهُون،[4] گُهمري گُهورَ[5] نہ ڪن،
سچا سِيرانَ ٽپن، ڪارُونيارَ[6] ڪُلاهَ[7] جون.

اُونهي هن اَواگَهہ[8] ۾، لاڏَڙڪ تا لنگهن،
"مُحمّدَ" ڪي تيون ملن، مَهميزانَ[9] ملاحَ جون.

---

(1) تيزي، (2) مُترڪا-لهرن ۽ وِيُرن جون سختيون، (3) واڳُن، (4) ڪان-طرفان، (5) تَڪَ ڪرڻ-غور سان جانچڻ، (6)نهايت اونداهو- تمام گهڻو- ڪارو گهاٽو جُهڙ، (7) ڊگهي مخروطي ٽوپي-بادشاهي تاج، (8)اٿانگو-مشڪل، (9) چُونگُون ڏيڻ-هوشيار ڪرڻ لاءِ ڏَڪُ هڻڻ.

ڪافي-494

(سُر بَسنتُ)

عشق شهنشاهُ ڪِتِ نهين ڇُپِدا، هَر جا حاضر هوندا هئي.

ڪِتان سُنِي ڪِتان شيعا، ڪِتان صوفي سڏائيندا هئي.

ڪتان مُفِتي ڪتان قاضي، ڪتان سُورِي[1] چَڙهيندا هئي.

ڪتان چُپ چُپاتِي هويا، ڪتان ٻوليان ٻوليندا هئي.

ڪتان تِلڪ لڳا ڪر ڦِردا، ڪتان ناچ نَچيندا هئي.

"مُحمّدُ" بيڪُ[2] بره دا سارا، آپ ۾ آپ سَمائيندا هئي.

---

(1) ڦاسِي–ڦاهِي، (2) ٻَهرُوپ-نمونو.

ڪافي-495

(سُر سنڌي ڪونسيو)

عشق اَحسن[1] اوج[2] اعظم،[3] فَهم[4] فَضِيلتَ،
دؤر دائم قرب قائم، وِرھ وَصِيَّتَ.

مُدامِي مَيخانُ پُر پَيمانُ،[5] جامُ جَمعِيَّتَ،[6]
شوقَ شَرابُ پِيءُ شِتابُ،[7] مست مَحوِيَّت.[8]

لُدنِي لاتِ[9] برھ باتِ، حِلمُ[10] حَلِيمَت،[11]
بيرنگ بياض[12] روحي راز، ناز نَصِيحَت.

عشق اِمامُ دين اسلام، شان شَرِيعَت،
سَيرُ سَماءُ[13] تيو عطاءُ، علم عَظِيمَت.[14]

حقيقت حال "مُحمّد" مَقال،[15] بِيناءُ[16] بَصِيرَت،[17]
عَينُ اِظهار سِر اِسرار، اصل اَحدِيَت.[18]

---

(1) سٺو-خوبصورت، (2) بلندي- عروج-ترقي، (3) تمام وڏو (4) سمجھ، (5) شراب جو جام، (6) آٿت-دلجاءِ، (7) جلدي، (8) خيال ۾ گم ٿيڻ، (9) ٻولِي، (10) نرمي- بُردبارِي، (11) نرم مزاجِي، (12) سفيدي-شعرن جي ڪاپي يا ڪتاب، (13) آسمان جو (14) وڏائي- وڏو رُتبو (15) ڳالھ ٻولھ، (16) ڏسندڙ-عقلمند، (17) بينائي-دل جي روشني، (18) هيڪڙائي-وحدت.

ڪافي-496

(سُر ڪونسيو)

برھ جو بقال[1] ٿي، صاف سؤدو ڪر سَچو،
تي پڪو پريم سان، ڪِينَ ايندو ڪَرِ ڪَچو.

عشق وارن ڪي ٿا آڇن، اوج اُلفت سان اڇو،
تَرڪُ طمع[2] تَعبيدارِي،[3] ڏُور ڏَمَر[4] جو ڏَچو.[5]

شمع واري شُعاعَ[6] تي، پتنگَ پرواني جانُ پَچو،
فائق[7] يارُ فَقر جو، بيشڪ باھِن ڪان بَچو.

خودي خاص خَلاُص[8] ڪر، خامَ[9] خَلل[10] جو خَچو،[11]
مَحويَت جي موج ۾، مَردَ مُحڪَم ٿي مَچو.

"مُحمّد" سِرُ مَدھوش ٿي، رمز رِنديءَ ۾ رَچو،
پِيرمُغان جي پيشتر،[12] نيھَ[13] جانُ نانگا نَچو.

---

(1) ريزڪي دوڪاندار-سبزي فروش، (اصطلاحًا – عشق جو سؤدو ڪندڙ)، (2) لالچ، (3) حڪم مڃڻ، (4) ڪاوڙ، (5) مصيبت، (6) روشني، (7) مٿانهون-اعليٰ، (8) ختم، (9) ڪچو، (10) خرابي، (11) خچر ٻانگي-ڦل بڪيڙو، (12) اڳيان-روبرو، (13) نيھِي-نيھَ ۾ وهندڙ ڏڍي وانگر مضبوط- سچو عاشق.

ڪافي-497

(سُر بلاولي)

عشق جو اسرار اَعليٰ، بَردارَ[1] تي بَرسِي آيو،
آدم نہ تيو پئدا هُيو، اِقرارَ تي بَرسِي آيو.

عشق مَئون پيدا الله ڪيو، مُحمّد مَهندارَ[2] ڪي،
شوق مَئون شِيدا[3] تيو شائق،[4] اَنوارَ[5] تي برسي آيو.

ڪربلا ۾ قرب تيو، حُسينڻ هَسوار تي،
مرد تيو مُحڪم، قَتل جِي ڪارِ تي برسي آيو.

حال سان حَلاجُ تيو، منصوري مامَ تي،
ڪوڏ مئون ڪُڏندو، اڏيءَ جي آرَ[6] تي برسي آيو.

شَمسَ جهڙي شائق، ڪَل ڪَلائِي خُلقَ[7] سان،
سَرمست سَرمَد شاه بُلها، عَطار تي برسي آيو.

هَمرازُ ٿِي هادي هدايت، قرب سان ڪامِلَ ڪَئِي،
موج سان ماهر "مُحمّد" مُختيار[8] تي برسي آيو.

---

(1) ميوي دار- ميوو ڏيندڙ، وزن ڪٽي سگهندڙ، (2) اڳواڻ-سردار، (3) ديوانو-عاشق، (4) شوقين-مشتاق-عاشق، (5) نُور جو جمع-روشني، (6) شوق- ڪشش، (7) مُروَت-سٺو اخلاق، (8) اختيار رکندڙ-حڪم جي طاقت رکندڙ

ڪافي-498

(سُر درگاهو)

عشق ازلي ٿو ٿاسائي، درد واري دامَ ۾،
ٿي نِسَنگ[1] نانگو نهايت، ڪيئي نهوڙي[2] نامَ ۾.

عشق اَرڏو[3] ٿو گُذاري، موج مَخفِي[4] مامَ[5] ۾،
خاص خاصن جانِ خُماريل،[6] ڪِينَ اَڙجي عامَ ۾.

فڪر ۾ فاني ٿئي، غازي سدائين گامَ[7] ۾،
يار سان يڪدل يڪانو،[8] رِيڌو وَتي ٿو رامَ ۾.

مُنهِن جنهن جي ٿو پوي، جَهتَ ڏئي ٿو جهامَ[9] ۾،
ٿو جاڳائي جُهدَ[10] مَنُون، صبح توڙي شامَ ۾.

ٿو رهي پُورو سدائين، "مُحمّد" قرب ڪلامَ ۾،
ڏي پِري ساقي سچو ٿو، جُنگ[11] جلدي جامَ ۾.

---

(1) بيخوف-ظاهر ظهور. (2) ناس ڪري. (3) زوراور-ضدي. (4) ڳجهو. (5) راز. (6) نشي ۾ (عشق جي).
(7) قدم-وِکَ. (8) بي مثل-اڪيلو. (9) اُلر-چِڪَ. (10) ڪوشش. (11) وڏو-بهادر.

ڪافي-499

(سُر سارنگ)

عِشقَ اسان جِي آهِ، اُن ڏينهن لاڪُون آشنائِي.[1]

چِٽنگَ چُئاتِي[2] لاشڪ لاتِي، بره برابر باهہ،
جوشئُون ساري جان جلائِي.

"ڪُنۡ فَيَكُوۡنُ"[3] رنگ رَنگونِي، نَڪا مظهر ماهہ،[4]
پِرين پِريمي مامَ پُرِحهائِي.

سِرِ جي ڏيندين سُرڪَ پِيئندين، تڏهن تَهندُئِي تاهُ،
اگڻ عجيبن اُها آئِي.

تِــرُ نہ تَرسَڻ پَنڌِ پوڻ، "مُحمّد" ڪاهيون ڪاهِ،
جوڳِن پنهنجِي جُوءِ وَسائِي.

---

(1) جاڻ سُڃاڻ-واقفيت، (2) برندڙ ڪاتي، (3) اللهؔ ڪائنات جي پيدا ڪرڻ وقت فرمايو: "ٿي پئُو ۽ اُها ٿِي پئي (پيدا)"، (4) چَندُ.

(سُر سورٺ)

ڪافي-500

عشق جو آ بحر اُونِهُون، ڪي گهِڙن گهيڙا اچي،
ماري ٽُٻي تِڪَ[1] تار مئُون، پاڙهي ڪندا سارِي سَچِي.

جي لُڙهيا هن لهر ۾، پيو تنين ڪَنين آواز،
جن ٻُڌو ٻَهڳُڻَ[2] ٻَنگيا،[3] رمز ۾ وِيَڙا رَچِي.

دردَ هِن جيڪي دڳيا،[4] تن پئي ساري خبر،
سَربَسر احوال جي، ڪانہ ڪندا سي ڪَچِي.

شمع شُعلي ڪي ڏسي، تَهدِلئُون تيار ٿيا،
ويا اُمالڪ اوڏِهِين، پتنگ پروانا پَچِي.

لاغَرضَ لاشڪ ويا لنگهي، ڪِينَ ڪِي موٽيا ڪڏهن،
تا گذارن دَمُبَدَم، مَچ محبت ۾ مَچِي.

پِيرِ مُغان سان پرت وارا، موج ڪن "مُحمّد" مُدام،[5]
تا نيائن نيڪُ نِيَتَ، نينهن جا نانگا نَچِي.

---

(1) پاڻيءَ جي وهڪري جي تيزي، (2) ستو گُڻ رکندڙ-داناءَ، (3) ونگيا-درياءَ جي وَر ۾ قابو ٿيا، (4) جن تي قبضو ڪ

ڪافي-501

(سُر آسا)

عشق ڪيو آزاد، خطري خوف خَلَل کئون خالِي.

ذاتي ذڪِر جي ذَوق سان، اَندرُ ٿيو آباد،
راز لُدني،[1] لاوَبالِي[2]

فڪر منجهہ فاني ٿياسي، بَقا جو بُنياد،
بيرنگ بحر، بيمثالي

راضي رهي ٿِي هر راز ۾، دائم آ دلشاد،[3]
مُحڪم آهي، مست خيالِي

آيو بار بره جو بارِي، بيحد بي تَعداد،
جذبي دار، جوش جَلالِي

حَقَ هدايت هادي ڪيو آ، "مُحمّد" سان مِيعاد،[4]
وعدو وصل جو، واهُہ وِصالِي[5]

(1) قدرتي عطا ٿيل، (2) بناسختيءَ جي، (3) خوش، (4) وعدي جو وقت مقرر، (5) ميلاپ وارو.

ڪافي-502

قيد ڪيو تِي يار اسان ڪي، دامَ دُوالِي[1] دَست درازِي.

قاتل آهيان قَتڪَڻ ڪيهو،[2] روح مُنهنجي ڪي ڏنو تِي ريهو،
جيهو[3] آهيان مان تُنهنجو تيهو،[4] راز رهبر جي سدائين راضِي.

آرَ[5] اِنهي ۾ ڪيئي آيا، تَرڪُ مَڏيون[6] مِلڪَ[7] مايا،[8]
ساجُهر سامِن ڪَيَڙا سعيا،[9] تيز تڪا ويا تُرتُ تازِي.*

شوق شرابي ڪن تا نوشِي،[10] مَدَ[11] پيئڻ سان مَئي مدهوشِي،
خيال اِنهيءَ ڪيا خاموشِي، ڪِينَ چاڻن تا قَبُل و ماضِي.[12]

موج مُدامِي "مُحمّد" مُحڪم، "مَا سِويٰ الله"[13] هيو نہ ڪو غم،
ويو وجودي ڪُل خطرو خَم،[14] در هادِيءَ جي عجز آزِي.

---

(1) پکين کي قابو ۾ رکڻ لاءِ پير ۾ ٻڌل رَسي يا ڏورِي، خاص ڪري بازن کي ٻڌندا آهن، (2) کهڙو، (3)جهڙو (4) تهڙو، (5) چِڪَ-ڪشش، (6) ساز سامان- مال ملڪيت، (7) ملڪيت، (8) دولت، (9)تياريون، (10) پيئڻ، (11) شراب، (12) اڳتي پوئتي، (13) الله کان سواءِ، (14) ڏِنگائي -لاڙو.

* تازِي =تکو ڊوڙندڙ.

(سُر جوڳ)

ڪافي-503

ماريــو آ عشق آزار، آيون سمجهائڻ سڀ سَهيليُون.

اوُج رکي اڇن ٽيون ٽوليُون، لکين هزارين ٻولِن ٻوليُون،
سَهجَـُون ڪري سينگار، لاڏَ ڪن ٽيون لاڏ ڳهيليُون.[1]

حد حجاب جي ڪُل هَٽي وئي، دم درازِي ٻيائي ٻٽِي[2] وئي،
لاهـي لوڪَ مَـيارَ، سِـرَ تي ٻَـڌيون سي سَڳا سيلِهيُون.[3]

قرب جو ڪُندو وڌائين ڦاسائي، خيال سڄو ئي ڇڏيائين ڦيرائي،
سدا سارَ سَنيارَ، مامَ محبوبي مَن سان ميليُون.

"مُحمّد" ور ڏئي واهُ جي واجهائن، گهُورَن سان ڪيئي گهوٽ گهائن،
چَشمان[4] ڏئي چمڪار، اکيون اکِن سان اَڙيون اَربيليُون.[5]

---

(1)ٻاليون ڀوليون-ساديون، (2) ٻٽِي=ٻيڻ (ڪثرت)، (3)ريشمي ڏور جيڪا اڪثر فقير مٿي تي ٻڌندا آهن،
(4) اکيون-اکين سان، (5) لاڏليون-نازنخري واريون.

ڪافي-504

(سُر پيرُوي)

جُهلِي[1] آيو ٿَم جهولِي، عشق شَهنشاهَه روز اَلستِي.

سِڪَ ته سانول يار جي، راهه مِڙئي سڀ رولِي،
حاصل ٿي آ حق جي هَستِي.

وحدت جي درياهه جِي، ڇولِ[2] ڇُلِي آ ڇولِي،
موج مهراڻ جِي ماڻِي مَستِي.

پِيرِ مُغان پنهنجي پرت سان، دل جي دَرِي آ کولِي،
واصل وِيءُ[3] ولايت وَستِي.[4]

"مُحمّد" ڪَنين ڪَڙواءُ[5] پئي، ٻاروچل جي ٻولِي،
ڏي سِرُ سؤدو دَستِ بِدستِي.[6]

---

(1) جهوليءَ جُلهڻ=پاڻ ٺي هنج ۾ پوڻ، (2) وڏي ڇولي-وڏي لهر، (3) سر سبز ٽڪرو- چراگاه، (4) بستي-آبادي، (5) آواز- پڙاڏو، (6) هتو هَٿِ.

ڪافي-505

(سُر پيرُو)

سِر شاهي شَملا[1] پاوِندا، عشق ڳَلِي ڳَلِي ڳاوِندا.

علم عقل زيرِ[2] ڪَرا هُڻ، ناچو نينهُن نَچاوِندا.

نفل نمازان وِرد وَظيفي، پول اِهين پَلاوِندا.

اَزغَيبِي عوشاقان نُون، رمزان خُوب رَلاوِندا.

زوران زوري نال زَبردي[3] اَنَاالْحَقُ اَلاوِندا.

شاهہ منصور شتابِي[4] شائق،[5] سُوري[6] سِرَ سَلاوِندا.[7]

”مُحمّد“ مَحضُ[8] مَـهمِيران[9] نُون، ماري مارِ مَناوِندا.[10]

---

(1) پٽڪي جو چيڙو-ڦُرو-پَڳ، (2) هيٺ، (3) زوريءَ-زبردستيءَ، (4) تَڪڙو-جوشيلو، (5) شوقين-شوق رکندڙ، (6) ڦاسِيءَ جو قسم، (7) سوراخ ڪيرائي ٿو- ڪِليون هڻائي ٿو، (8) فقط، رُڳو، (9) دليرن- بهادرن، (10) مڃائي ٿو.

ڪافي-506

(سُر تلنگ)

چاڳهنُ فَـقر دي حال ڪَـنُون، ٻي ڇوڙين قِيل مَقال[1] ڪَنُون.

ٻوڙِ ٻيائِي اَپڻِي سارِي، نينهن ۾ نازل تي نروار،
بيخودي وچ باغ بهاري، هَٽُ خام خودي دي خيال ڪَنُون.

قرب اِهِين قاصد رهين، عين عبادت عابد رهين،
هر ساعت وچ ساجِد رهين، جانب دي تہ جَمال ڪَنُون.

"ز-هہ-تي-د"[2] نُون دُور ڪرين، "ل-د-تي-ن"[3] ڪُون ياد ڪرين،
"ق-ل-تي-ب"[4] نُون آباد ڪرين، "ع-ش-تي-ق"[5] ڪمال ڪَنُون.

جامُ هَٿارئون ساقي پِيوين، "مُوْتوْاقَبْلَ"[6] مري تون جِيوين،
"مُحمّد" واقف واصل ٿِيوين، پِڇي[7] اَحديَت[8] احوال ڪَنُون.

---

(1) ڳالهہ ٻولهہ، (2) ز-هہ-د-زُهد= پرهيزگاري، (3) ل-د-ن= لَدُن= قدرتي عنايت ٿيل، (4) ق-ل-ب= قلب=دل، (5) ع-ش-ق=عشق، (6) "پنهنجي موت کان اڳ مرڻ "يعني نفس کي فنا ڪرڻ"، (7) پوءِ، (8) اڪيلائي - الله جي وحدانيت.

ڪافي-507

(سُر تلنگ)

عشق تنهنجي ۾ آهيان اِمراضِي،[1] ڇا ڪندا مون کي مُلان ۽ قاضِي.

ڳُجهو مرض ڳُجهي، ڳُجهہ وارو، سمجهڻ ناهين سُتِرو سارو،
نَبض شَناسِي نينهن نظارو، ڪَلَ تہ ٻِيَن توڙئون ناهين تازِي.

راهہ رِندانِي رهبر ڪولِي، راتيون ڏِينهان ٻاروچَلَ ٻولِي،
عِشقُ اَزلِي جُهلِيُم جهولي،[2] ڪِينَ پُڇَن اُتي پاڪُ نمازِي.

سِرَ سانگو لاهي سُورهيہ ايندا، ساڻ سَچائي سِرڙو ڏيندا،
ناتو نينهَن نيائي نِيندا، گوءِ ڪٽِي ويا گوهر غازِي.

راز جا مالڪ آهن اَصُلِي، تُرت تنين کي تَهدل تَسلي،
"مُحمّد" وِيءَ[3] وَحدانِي وَصُلِي،[4] ڪير ڪري تو دَست درازِي.[4]

---

(1) بيمار-مريض، (2) جهوليءَ جُلهڻ= خودبخود حاصل ٿي وڃڻ بنا ڪنهن ڪوشش جي، (3) وکر-سامان-سر سبز علائقو، (4) واصل-مليل-پُهتل، (5) مداخلت-هَٿَ چُراند.

ڪافي-508

(سُرپيبروي)

ڏس پيارا پريم نگر جي ڳَلِي، يَلِي يَلِي آ يَلِي يَلِي.

پريم نگر جي پُوڄا پارَس، سڀ ڇڏي ڏي اوڳا[1] آرَس،[2]
واهر تيندُءِ والِي وارثُ، عين عطا اِسرار عَلِي.

جي ٿئين تون ڪافر ڪارو، بيشڪ هڻ تون نينهن جو نَعرو،
سانگَ سُوريءَ تي سدا سوڀارو، آءُ اَڏِيءَ هِڪَ وارُ هَلِي.

سڪ وارن ڪي سولو آهي، قرب منجهارئون ايندو ڪاهي،
سينوسيني سان لائيندو ساهي،[3] 'خَيرُالوَريٰ'[4] تي خَفِي[5] جَلِي.[6]

هل همت سان تون هامَ هٽي، بيخود بانڪا بازُ بٽي،
دم قدم ڪي وڏاءِ ڪٽي، "مُحمّد" مَردَ ميدانَ مَلِهي.

---

(1) اي موڳا، (2) سُستي، (3) ڇڪي-تاڻي، (4) انسانذات ۾ ڀلارو انسان (حضور پاڪ ﷺ جو لقب)، (5) ڳُجهو-اندروني، (6) پڌرو-ظاهر، (7) سُرخرو ٿي- ڪامياب ٿي.

(سُر پيلو)

ڪافي-509

رِيءَ ملڻ محبوب، ٻيا سينگارَ سُرما چا ڪَبا.
عشق جي آثارَ، ٻيا گهَر ٻارَ گُهربا چا ڪَبا.

درد جي دَوُرانَ ۾، دائم آهي قائم قدم،
وِرهَ جي ويچارَ، ٻيا واپارَ وَرڙا چا ڪبا.

عيش عشرت زهر سيِ، هڪ جي سوا ٻي گهُرجَ نانُهِن،
بره جي بيمارَ، ٻيا ديدارَ دَلبا [1] چا ڪبا.

زُهدَ زاريون ذوق ڪُل، زابر[2] اچي سي زير[3] ڪيا،
اندر جي آزار، ٻيا آزارَ عَذبا[4] چا ڪبا.

تعريف جي طاقت ناهين، شاهي حُسن جي شان ۾،
"مُحمّد" جي مهندارَ[5] ٻيا مُختيارَ[6] مُرَبّا[7] چا ڪبا.

---

(1) لالچ ڏئي دوکو ڏيڻ-ٺَلها آسرا، (2) طاقتور، (3) هيڻان ڪيا، (4) عذاب جو جمع، (5) اڳواڻ-سردار،
(6)اختيار رکندڙ-طاقت رکندڙ، (7) مُربِي-پاليندڙ-سرپرست.

کافي-510 (سُر پَٽ مُجِري)

جن عشق جو ڪَيَڙو سفر، تن ڪي پيو سارو قدر.

عشق جي مَڪتب وڃي، سُورَن سندو جوڙيائون شهر،
پيا گهُمن گهَٽَ گهيڙ ڳَليُون، ڪونہ ڪو پائن ضَرَرُ.[1]

مست مئيخانو ڪري ٿيا، مرد مُحڪُم[2] مَعنوِي،[3]
موج سان ماهر مُقَيّد،[4] عشق جو اعليٰ اثَر.

مقصد چِنِي مقصُود ڪي، موجود ڪن پيا پاڻ ۾،
پنهنجي پَسڻ ۾ پُر ٿيا، پنهنجِي ڪَرِن نِرتئون[5] نظر.

عــارف بِـالله عُشاقَ ٿـيا، اَحسَن[6] طـريقي طلب ســان،
چا ڪري تعريف تن جِي، مَحو ٿيو "مُحمّد" مگر.

---

(1)نقصان [illegible] (3)معنيٰ سمجهندڙ، (4)قيدي-پابند، (5)ڌيان سان، (6)سٺو-سهڻو.

كافي-511 (سُر پَٽ مُجرِي)

بِــره بهادر ٻَٽندا، وٽندا مئيڪون وٽندا.

زوران زوري نال زَبردي،[1] عرش اُماٺي ڪَٽندا.

راتيان ڏيهان روح ميڏي ﻳ ﺡ. طلب توحيدِي تَٽندا.[2]

روز اَزل دي ٻولِي چالِي، چاڻ اِهوئِـي ڇَٽندا.

ڏوهہ ثَوابان حد حِجابان، چوه[3] اِهِين ۾ ڇَٽندا.

اَول آخر ظاهر باطن، ڳاٺُو[4] تِي پيا ڳَٽندا.

”مُحمّدؐ“ مستي حال دي وچ، هامَ حقيقي هَٽندا.

---

(1) زبردستي-زور سان، (2) ڪشش ڪري ٿو، ڇڪ ڪري ٿو، (3) تيزي، (4) ڳَنڍَ ڪرڻ وارو-خيال ڪرڻ وارو.

كافي-512 (سُر كوهيارِي)

عشق جو جُهوڻو جَهتِ تون، ہوڻو ہيائِيءَ جو پَٽِ تون.

بيخود وڃ تون بَحر اُونهي ۾، خام خودِيءَ کي سَٽِ تون.

ظاهر ٻُوٽِ[1] ٻَئِي تون اکڙيون، اندروني اک پَٽِ تون.

سُرکِي صاف هَٿارَئُون ساقِي، چاش اِلاهِي چَٽِ تون.

هَر حقيقت وارو هِردي، ٻَجُ ٻَنِيءَ ۾ ڇَٽِ تون.

پِندَ[2] پَسارِي[3] توکي پنهنجا، ڇو وڃين ٻي هَٽِ تون.

"مُحمّد" پنهنجي مؤج سان، لاڳاپا سڀ لَٽِ تون.

---

(1) بند ڪر (2) پاڻ ۾ ـ ڄاڻ ۾ (3) دوا ڏيڻ وارا-وکر ڏيڻ وارا.

(سُر ڪوهياري)

ڪافي-513

ڇَڏُ عشق ناهين آسانِي، جِندُ جان ڪرڻ قربانِي.

عشق زليخا ڪِينَ ڪيو، جوڀَن[1] وِيَڙُس جوانِي.

يوسف ڪي منجهہ کوُهَ وڌائون، ذوقَ ڏِنس زندانِي.[2]

مَجنُون مست لَيليٰ جي لاري،[3] لِنوَ[4] لڳس لاثانِي.

حَسَن حُسين شهادت پاتي، مُحب سَندِي مهمانِي.

شاهہ عنايت شوُق مَنجهارئُون، سِرُ ڏنو سُلطانِي.

شيخ صَنعان يَهُودڻ خاطر، واه وڌي ڳَلِ[5] ڳانِي.

عشق وارن سان اِها حالت، ناز پري نيشانِي.

"مُحمّد" کي محبوب موچارا، پاڪ پَساءِ پيشانِي.

---

(1) جواني، (2) قَيدُ، (3) محبت-لاڙو، (4) محبت-عشق، (5) گلي ۾.

ڪافي-514

(سُرڪوهيارِي)

عشق نہ سمجھو گَجِراڻ،[1] ڪائِي خوش تي وِھندَءُ،
پارُوتِيُون ڪِي سَجِراڻ،[2] رَھڙِي راضي تِيندَءُ

سِرَ جو سانگو سُورھيہ لاھي، پير ميدان ۾ پائيندَءُ،
ساري جَڳَ جا جھيڙا جُتيُون، سِرَ تي سُھما[3] سَھندَءُ

سَڌڙِيَن ڪي ڪا سُڌِ نہ ڏيو، جي چوري چوري ايندَءُ،
عاشق ھن اسرار سجي جي، ڪَلَ تڏھن پوءِ پَوندَءُ

مردانا تي مجلس ۾، رمز رِنداني رَھندَءُ،
سُونھارا[4] پوءِ سَڏ ڪري، سوري[5] سيني لائيندَءُ

ڪثرت جي ڪا ڪاڻِ نہ رکو، وحدت ڏي جِيءُ وَھندَءُ،
راتيون ڏينھان روح پنھنجي ۾، ڪامِلُ ڪَھڻِي[6] ڪَھندَءُ

ڳالھ اِنھيءَ ڪي ڳولي قولي، ڪاھوڙِي[7] تي ڪَھندَءُ،[8]
"مُحمّد" پِيرِ مُغان جي اڳيؤن، ناهَ وڏي سان نَھندَءُ

[1] گَجِڙون، (2) سَجَر- تازيون، (3) طعنا، (4) سُونھن وارا-محبوبَ، (5) ريڙھي-ڇِڪي ويجھو ڪري،
[6] چَوڙي-ڳالھ ...

(سُرجوڳ)

ڪافي- 515

علم عقل جي ناهين بات، عشق اَويڙو[1] يارَ هلي ٿو.

عِلمَ عقُلَ ۾ ڪِينَ اَڙي ٿو، ذاتي اِسمَ کي زور پڙهي ٿو،
تَـن ۾ توحيدي تاتِ، سُور نہ ڪنهن سان يار سَلي ٿو.

عشق اوپارو اُلٽو آهي، سِيرَ مَنجهارئون، سِرَ پَرِ ڪاهي،
ڏينهن هجي توڙي رات، ڪنهن جي جَهلڻ سان ڪِينَ جَهلي ٿو.

ڪنهن کي لَکَڻ[2] ۾ ڪِينَ اچي ٿو، مَچُ مُدامِي مَنجهہ مَچي ٿو،
لُونءَ اندر ۾ لاتِ، جوش اِنهيءَ ۾ جُوان جَلي ٿو.

غير غرور وڃائي وافِـر،[3] عشق اَلستيءَ ۾ آهي ڪافِر،
ڏاهي ڏِنس اِها ڏاتِ، پاڻِي پُختو پاڻُ پَلي ٿو.

'فَاذۡكُرُونِيۡ'[4] فَهم[5] رکائي، "مُحمّد" موج اِلاهي پائي،
وائِي نہ بِي ڪا واتِ، چال عجائب چوُڪِي[6] چَلي ٿو.

---

(1) ڏکيو-ڏنگو (2) سمجهڻ- محسوس ڪرڻ، (3) گهڻو، (4) "تون ياد ڪر مون کي"... تہ آئون ياد ڪريان توکي-(ارشاد رباني) (5) سَمجهہ (6) ...

ڪافي-516

(سُر بَنسُ)

رمز اِنهين دِي ڪَل ڪَنهِين ڪُون، عشق دا راه اَويڙا[1] هي.

راز ڳُجهي نُون عام نہ ڄاڻن، جِيءَ اندر دا جهيڙا هي.

مَئن رانجهن دِي رانجهن مَيڏا، ڪيڙا ساڏا ٻيـَڙا هي.

ڪثرت دِي هي ڪاڻ نہ ڪائي، وحدت والا ويڙها[2] هي.

اَنگ اَزلِي نَهِين ميٽڻ دا، پيچ پريمي پَيَڙا هي.

"مُحمّد" هادي هڪ ٿيوسي، محبت دا وَل ميڙا[3] هي.

(1) ڏکيو-ڏنگو، (2) پاڙو، (3) ميلو-ميلاپ.

ڪافي-517

(سُرجوڳ)

اَلف اندر ۾ اورِ،[1] چاهئون چَرخو چورِ.

دُئيءَ[2] جي ديوار کي، پجي ڪر تون پورَ.[3]

پيهي[4] پنهنجي پاڻ ۾، سڪ جو سَگِڙو سورِ.[5]

هادي هِردي[6] حق جي، تو اِها وِڌي ٿي ڏورِ.

قرب واري ڪات سان، قلبَ جي ڪارَنهِن[7] ڪورِ.[8]

دردن جي دؤرانَ[9] سان، جِيءَ پنهنجي کي جهورِ.[10]

سِرِ صداقت[11] ساڻ تون، "مُحمّد" گهوريون گهورِ.[12]

---

(1) ياد ڪر. (2) ٻيائي-ڪثرت. (3) ذرا ذرا. (4) گهِڙي-داخل ٿي. (5) سَگِڙو سورڻ= ياد ڪرڻ. (6) دل ۾ قلب ۾. (7) ڪارڻ-خرابي-بُرائي. (8) وڍي ڇڏ. (9) گردش-چڪر. (10) گِهٽي ڪر- ڏک ۾ (11)سچائي. (12) [illegible]

ڪافي-518

(سُرجوڳ)

عشق ديان ڳالهيان اوُر، علم عقل دي بات نہ ڪائِي.

عشق اَويڙا[1] هَلچَل هادي، شوق اِنهيَن وچ شائق شادي،
شاهي ڪَريندا شورُ، وچ سيني دي صاف صفائِي.

عشق اَويڙا جنهن گهر آوي، دين ڪفر دا گيان[2] گَنوائي،
زهر پيالا زورُ، جان جگر نُون ويندا ڪائِي.

وِنــر وحدت وچ عاشق ويندا، لوڏ لَهر دي سالڪ سَهندا،
يَنِ[3] دَئِي ڪر پور، هر دم رهندا حق هيڪڙائِي.

رِند رِندي وچ رهندا راضي، "مُحمّد" پڙهندا فڪر فياضِي،[4]
دَمُ دَرُونِي[5] دوُر، پِيــرِمُـغـان مــامَ پُــرجـهائِــي.[6]

---

(1) ڏکيو-ڏنگو (2) علم، (3) يَجي، (4) سخاوت-سخاوت وارو، فيض وارو (5) اندروني-خَفِي،
(6)

ڪافي-519

(سُر پيروي)

گُهونگَهٽ ڇوڙڪي جارِي تيڙا، نانگا نِينهَن نِسَنگ.[1]

حاصل حال حقيقت هوئي، دَوڙِي پَتيا دُئِي[2] دَنگ.

تئي نَفِي نابُود[3] وڃون، عين اَثباتِي[4] اَنگ.

وحدت والي وچ وِچالي، چورِن[5] هيتا چَنگ.[6]

پيوَند[7] پيچ پريمي هويا، سامِن والا سَنگ.[8]

"مُحمّد" ڪُون وَتِ[9] روز اَزلِي، مليا مست مَلنگ.

---

(1) ظاهر-پڌرو، (2) ٻيائِي-دُوئِي، (3) نہ هئڻ- عدم، (4) ثابت- هُئڻ، (5) چورِين-وَڄائين، (6) هڪ ساز جيڪو وات ۾ رکي آگُرسان وڄائبو آهي، (7) پيچ-وَڪڙ، (8) ساٿ، (9) وَرِي.

كافي-520 (سُر تِلنگ)

مون نماڻيءَ کي نِشانبرَ،[1] نِينهَن ڪيو نازڪ نَرمُ،
سِرُ صَحِي ئي مون سڃاتو، پولُ ويو سارو پَرمُ.[2]

تي نِسنگَ[3] نانگو نهايت، وِرهَ ۾ وَهلُور[4] تيس،
نَينَ نَينَن ۾ اَڙيا، گوهَرِي[5] گهَرا گَرمُ.

سڪ مان ساقي ڏئي تو، سُرڪَ ساغَر[6] ۾ سَڏي،
مَئي مَتِي مدهوش معنيٰ، چاڻُ ويو ڇَٽِي[7] ڇَرمُ.[8]

مون ڇڏيو اسلام اوري، بِرهَ جو بَخرو[9] وٺي،
ڪفر جي ڪِيميا ڪَرامت، دين دائم ويو دَرَمُ.

گيانَ گُرؤَ جو گيت ڳايان، نا سَري هڪڙي گهَڙِي،
وصل جي ويساهَ سان، قرب ڪيو قادر ڪَرَمُ.

اَنهَدِي[10] ازلي اشارو، سمجھ سالڪَ تون صَحِي،
مامَ سان ماري ڇڏي، "مُحمّد" مُغان جوئي مَرَمُ.[11]

---

(1) ظاهر-پڌرو (2) شرم-حجاب، (3) ظاهر (4) اداس-ويڳاڻو (5) موتين جهڙا، (6) جام-پيالو
(7) [illegible] (10) اندروني-روحاني، (11) حيا-شرم.

كافي-521 (سُر تِلنگ)

عشق جي ڳالھ تِي اُچي،[1] مُحڪُم عقل ايمان ڪئون.

رِندَن واري راهَ ۾ راهِي، وچ تي ڪَڏُ تون ڪِينڪِي ساهِي،
رَندَ اِنهِين وچ رُچي،[2]

پير پَڪو پيرادُو[3] ڪڻ تون، همت واري هامَ هڻ تون،
خيال اِنهِين وچ ڪُچي،[4]

دنيا دؤر دُرنگِي[5] دَلبو،[6] غافِلَ غِفلتَ جو تِي غَلبو،[7]
لاشڪ آهي سا لُچي،[8]

طالب تي تون اَهلِ فڪر جو، قرب واري ڪَيفَ ڪَڪَر جو،
"مُحمّد" ماڻج مَچي،[9]

---

(1) مٿاهين —اعليٰ، (2) رَنگجِي-خوش ٿي، (3) پيرِي- پير ڪٽندڙ، (4) ڪُپِي-مضبوط ٿي، (5) ٻن رنگن واري-ٻهُروپي-ٺڳ، (6) ٺڳي —فريب، (7) زيادتي-دباءُ، (8) بدمعاش، (9) ٻهادر ٿي-همت وارو ٿي.

ڪافي-522

(سُر بَنسُ)

"تارِڪُ الدُّنُيَا"(1) تَوڪَل،(2) تصوير عشق جِي،
ڪولي ٻڌايان خالص، تقرير عشق جِي.

تي تون نِسَنگ نانگو، حَدان حجاب ٽوڙي،
گم تي گيانَ گُرَ ۾، تَدبِير(3) عشق جِي.

جيڪي اَڏِيءَ تي آيا، موٽيا نہ سي ڪڏهن بہ،
تَهدل وُڙهِي تَنين تي، تَڪبِير عشق جِي.

جلاد جُنگَ(4) جوڳِي، جذبي جاڳايا جَوشوَرَ،(5)
واه وِرهَ ۾ وڪوڙي، وحدت وِيرَ عشق جِي.

قاضِي قَضا(6) جا ڪاتِبَ،(7) مَسلي(8) مُنجهايا مُعلم،(9)
هَردوجَهانُ هلي پئي، تَحرِير(10) عشق جِي.

هر حال ۾ حمايت، هادي حَقِيق(11) حيرت،
"مُحمّد" مَنگِي(12) آ مُحڪم، ظَهِيرَ(13) عشق جِي.

(1) دنيا کي تَرڪ ڪرڻ وارو يا ڇڏي ڏيڻ وارو. (2) الله ج تي ڀروسو رکڻ. (3) اٽڪل. (4) وڏا – بهادر. (5)جوشيلا. (6)فيصلو- تقدير- خدائي حڪم. (7) لکندڙ. (8) مَسئلي. (9) پڙهائيندڙ. (10) لِکٽِي- لِکت. (11)لائق...

523-ڪافي (سُر پيروي)

پنهنجو وَسُ ناهين، جنهن کي يارُ گهُري،
چاهئُون چِتَ منجهان، پوءِ جَرخو جُري.

تارَ طلب جي واه وَڃي، خاصو خيال خرابي ڏانهُون[1] ڪَڇي،
هستي هوڏ واري بيشڪ پِٽِ پڇي، سَهجَئُون[2] سڪ وارو پيو سَگِهڙو سُري.

سور بنا سجاڳِي ناهين، پوءِ لُٽين اول پوڪين راهين،[3]
صاف ڪري پيو ٿاهِيُون ٿاهين، اڳيئُون سراسر تورو تُري.

هاديءَ قرب ڪيو قرار ويو، پلپل پُورَ پَريو پيچ پيو،
ڪَيل قولَ جهوري[4] جُهورُ[5] ڪيو، جائِي[6] تو جِيءُ جُهري.

سَري ساعت هڪڙي ڪانه گهَڙِي، جوڙِي جادو جادوگر جانِ جَڙِي،[7]
"مُحمّد" قرب واري آ قيد ڪَڙِي، سوگهو ساه ڪري ويو دل ڦُري.

---

(1) ڪان-وڻان، (2) آسانيءَ سان، (3) پوکين، (4) ڳاري-پَچي، (5) پوڙهو-ڪمزور، (6) سچ پچ، (7) قابو ڪئي

كافي-524 (سُرويهاڳ)

يادگيري يار جِي، نـــا وِسارڻ عَـينَ[1] آ،
غمزده غور سان، غم ۾ گذارڻ عَينَ آ.

"فَاذْكُرُونِيْ"[2] فَهم[3] رک، فرمان فائق[4] جو فَضل،
دؤر دَروني دائِمي، دم کي سَنيارڻ عين آ.

پَلکَ پاسي تِي پرين کان، سمجھ سالِکَ سالَ مَتَ،[5]
رک صداقت صاف سيني، سِر نِوائڻ عين آ.

پُر پيالو پِي پريمي، خُمر[6] ۾ مَخمُور[7] رَهُ،
نِينهَن جي ناياب شيءِ کي، سڃاڻڻ عين آ.

محبت جي ميدان ۾، مست "مُحمّد" ڪر مَقال،[8]
محبوبي مَئيخانَ مُنصِفُ[9] تي، مَلهائڻ عين آ.

---

(1) خاص-هُوبَهُو (2) اللهﷻ فرمائي ٿو تہ "تون مون کي ياد ڪر"، (3) سَمجهہَ، (4) مٿاهون (يعني اللهﷻ)،
(5) [illegible]

ڪافي-525

وجڻ وارا ويھہ نہ وچ تي، ڪوڏَ[1] مَنجھارئون وچ تون ڪاھي.

طَعنا تُھمَت مِھڻا مَلامَت، ڏاجُ عاشقن جو اَصُلِي آھي.

غفلت غَيرُ گُم ڪر غازي، سِڪَ جو وچ تون سَگِڙو ساھي.[2]

باقي تي ھَل يار يگانو، لوڪَ لاڳاپا ڇڏ تون لاھي.

ھستيءَ واري ھَولَ[3] حَولَ[4] جا، ڏَبَ سيئي ڇڏ تون ڊاھي.

دَر ھادِيءَ جي لکين لِيلائن، "مُحمّد" عاجز ھِڪڙو ڇاھي.

ڪافي-526 (سُر پِيلو)

دَمَ گُذارج دائم دَمَ سان، دردن جي دؤرانَ[1] ۾.

ذڪر فڪر ذوق ذاتِي جارو،[2] فَيضُ فَقر فَرمانَ ۾.

اُونهي ۾ رَه اُوهو آهين، غازي غَيبُ[3] غَرقانَ[4] ۾.

نَـر نِشانبر[5] نانگو تِي نَـجُ، عشق سَندي ايوانَ ۾.

صورت وارو صاف صَحن[6] تِي، فائق[7] فَن فُرقانَ[8] ۾.

”مُحمّد“ مِير مُغان[9] سان مُحڪم،[10] داتا جي دامانَ[11] ۾.

---

(1) گردش-چَڪر- وقت، زمانو (2) جارِي- چالُو (3) غائب. (4) گَهرِي سوچ ۾ ٻڏلَ، (5) پڌرو- ظاهر، (6) اڱڻ، (7) مٿاهُون، (8) قرآن شريف، (9) ساقي- مرشد، (10) قائم-مضبُوط، (11) دامن-جهولي

ڪافي-527

(سُر پيلو)

عشق اَعظم اچي خِيما کوڙيا، دل دَرُوني[1] ديسَ ۾.

عَزمُ[2] رکي اُمالڪ آيو، واهُ گُـرُو جي ويسَ ۾.

ڪِينَ لَکَڻ ۾ ڪنهن کي آيو، لاثاني ته لَبيسَ[3] ۾.

گُم نامُ تي گُفتگو گوهر گِياني،[4] گُوناگُوني[5] گيسَ ۾.

قائم قيد ڪَمَندَ[6] ۾ قابُو، قرب واري ڪيسَ[7] ۾.

"مُحمّد" معنيٰ ۾ تيو ماهِر، آذُوتي آبيسَ[8] ۾.

---

(1) اندرُوني، (2) ارادو، (3) لباس-ڏيکاءُ، (4) روحاني علم وارو، (5) طرح طرح جو، قِسمين قِسمين، (6) ڦندو-رَسِي، (7) ڍِگها وارَ (محبوب جا)، (8) سخت چاهُ- محبت يا جُنُون.

(سُر پِيلو)

ڪافي-528

تيـڙو عشق اِمــامُ، ڪاٿيــو ڪُــل ڪِــامُ.[1]

حال حقيقي حاصل ٿيڙو، ٿُنو دُئِيءَ[2] جو دامُ.[3]

هَتئُون هاديءَ جي پُر پيتوسي، جُنگَ[4] مليو آ جامُ.

خاصُ الُخاص خيال منجهارئُون، ڪين ڄاڻن تا عامُ.

همدم هادي هِردي آيو، عربي اَحمّد ڄامُ ﷺ.

رِندِي راه هدايت وارو، خَلق چوي پئي خامُ.[5]

”مُحمّد“ جَپيو[6] جاڳائي، نِينهن نِسورو[7] نامُ.[8]

---

(1) پڪڙيل تَڙ تَپڙ، گهٽي مشغولي، (2) ٻيائي، (3) ڦندو، ڄار، (4) تمام وڏو، (5) ڪچو، (6) ياد ڪيو، ذڪر ڪيو، (7) سمورو، نِجُ، (8) نالو (اللهﷻ جو)

ڪافي-529

(سُر تِلنگُ)

اِسلامِي اَسبابَ،[1] عشق وڄايا پَهرَ پَلڪَ ۾.

ڪَنز،[2] قَدُورِي،[3] ڪافِيا[4] ڪَمِ[5] ٿيا، ڪاٽيا ڪُل ئِي ڪتابَ.

صَرفَ نَحوَ[6] جا صِيغا[7] سَٽيائون، رُوحِي وڄائي رَبابَ.[8]

لاَحَدَ ۾ سي لَعلَ لَهِي پيا، لنگهِي حَد حِجابَ.

وحدت ڪان ٿيا وارُ نہ واندا، ڇڏي حَرفَ حسابَ.

"مُحمّد" روز اَزل ڪان اڳي، بِرهَ پڙهيائون بابَ.

---

(1) طريقا-وَسيلا، (2) خزانو- فِقِهَ جو هڪ ڪتاب، (3) شريعت ۽ فِقِهَ جو هڪ ڪتاب، (4) علم نَحُوَ (گرامر) جي عربي ڪتاب جو نالو، (5) گهَٽِ، (6) صَرف نَحو= گرامر جا قاعدا، (7) سانچا-فعل جو گردانُ، (8)سارنگِيءَ جي قسم جو هڪ ساز.

ڪافي-530

مَغُرور عشق اعليٰ، دانَهَ[1] ڪيئي دَٻائي،
ظاهر زُغو[2] هٽي، لاغَرَض لَڪَ لنگهائي.

وِردَ وظيفا وافِـر،[3] وَهم و خيال خاطر،
باقي بَقاءُ[4] بيسِر، بازِي صَحِي بنائي.

آڙاهُ اندر ٻاري، ڳَٽتِن ۾ خُوب ڳاري،
گهُوران[5] ڏئي تو گهاري،[6] گهَر گهَر پيو گهُمائي.

اَري[7] عشق ۾ جو آيو، دِين ۽ ڌَرم گَوايو،[8]
ڳَل ۾ زُنارُ[9] پايو، وِڪَ وَحدتِي وَڌائي.

سَرمَد جو سِرُ سَلي تو، شَمس جِي کَل کَلي تو،
چاليُون عجب چلي تو، منصور کي مارائي.

”مُحمّد“ مُغان تِي مَرڪي، پيرا ڏئي تو پَرڪي،
تَقويٰ[10] ۽ زُهد[11] تَرڪي، محبت جو مَچُ مَچائي.

---

(1) داناءُ- سياڻا، (2) زُگو-ٻناڪ، (3) گهڻا، (4) جٽاءُ- هئڻ- هستي، (5) گهورُون- تيز نظر وجهڻ، (6)گُذاري-رهي، (7) وَڪَڙ، (8) وڃايو، (9) مذهبي ڌاڳو يا زنجير جيڪو هندو ۽ يهودي ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن (10)

ڪافي-531

(سُرپيروي)

اَلَهتُ[1] عشق وارو جڏهن بِي چڙهي ٿو.
سبق سُورَ وارو تڏهن هِي پڙهي ٿو.

ڪَنبائي ڪيئي ٿو وِرهَ ۾ وَڪوڙي،
ڪُنڊي[2] قرب واري ۾ قابو ڪَڙي[3] ٿو.

فُرقَتَ[4] ۾ فَرحت وٺي ڪِينَڪِي ٿو،
وَصُل لَئِہ ويچارو رِيهان ڪَيُون رَڙي ٿو.

جَذبدارُ جوشِي قاسائي فَڪَل[5] سان،
لاغَرضُ لاشَڪ لاهُوتِي لَڙي[6] ٿو.

اچي ٿو اُمالڪَ بحرِي بازَ وانگي،
ڪري شورُ شاهِي ڪَنهن ۾ نا اَڙي[7] ٿو.

دُئِيءَ[8] جون ڊِيوارُون ڀڃي ٿو يَرمَ[9] سان،
مڃائي "مُحمّد" وحدت ۾ وَڙي[10] ٿو.

---

(1) نشو-خُمارُ. (2) زنجير جي ڪَڙِي. (3) ٻَڌي. (4) جدائي. (5) نِڳِيءَ، فريب. (6) وِڙهي ٿو-لاڙو ڪري ٿو. (7) قاسي. (8) ٻيائِيءَ. (9) نامُوس سان—ساک سان. (10) اندر داخل ٿئي ٿو.

ڪافي-532

پيشوا[1] پَڳدارُ منهنجو، اَزل کان ئي عشق آ.
ساقي سردار منهنجو، اَزل کان ئي عشق آ.

مَئي ڪَشِي[2] جي محفل، پُر پَيمان[3] بِي مليو،
خوش خُمارُ منهنجو، ازل کان ئي عشق آ.

مَنصوري مُلڪَ جو، سَراسَر سَيُر آهي،
سِــرُ بَـردار[4] مـنهنجو، ازل ڪان ئــي عــشــق آ.

”اَلَـسْـتُ بِـرَبِّـكُـمْ“[5] ”قَـالُـوْا بَـلىٰ“[6] جـــو،
اِهو اقرار منهنجو، ازل کان ئي عشق آ.

جَنگِي سامان جوڙي، جوش مان ٿيو جابِر،[7]
سِپَهه سالارُ منهنجو، ازل کان ئي عشق آ.

پُٺيءَ لڳس جنهن جي، ڇو ڇڏيان مان تَنهن کي،
”مُحمّد“ مهندار منهنجو، ازل کان ئي عشق آ.

---

(1) اڳواڻ-رهبر (2) شراب پيئڻ (3) جامُ، (4) سِرِبُردارُ=سر قلم ڪندڙ-وڍيندڙ- (يا سِرُ بَردارُ=سِرُ ڪٽندڙ)،
(5) ”ڇا آئون توهان جو رب آهيان؟“ (اللهؔ روزِ ميثاق روحن کان پڇيو هو. (6) ”چيائون-هائو“ روحن وراڻيو،
(7) زبردست...

ڪافي-533 (سُرڪوهياري)

جوش جاڳايو جَنِ ميان، تيان قربان تَنِ تئُون.

هِردي هَتِيڪو هڪ آ، ٻيو ڏيان مون ٻَنِ[1] ميان.

راتيون ڏينهان روح ۾، طَلبَ تِڪيرِي تَنِ ميان.

آهي روز اَلست کان، ڪُوڪَ قديمي ڪَنِ ميان.

گُذرَ منهنجو گيانَ[2] ۾، فقيراڻي فَنِ ميان.

وسري ڪِينَ وُجودَ مان "مُحمّد" مُحبت مَنِ ميان.

---

(1) ڪَنَ ۾. (2) روحاني علم.

ڪافي-534

(سُر پيروي)

سُڌِ سيني منجھ پيَڙِي سارِي، دِينَ ڪُفر کئون ٿياسي عارِي.[1]

نِينهَن نماز پڙهان تو نِسرِي،[2] وِرد وَظائف وِيَڙا وسرِي،
سَيرُ سُبحانِي اعليٰ اِسرِي،[3] جامُ پِيتوسي جوشئون جارِي.

روزو روز اَزل کان آهي، دبَ چِڏياسي سَيئِي داهي،
ڏَس ڏنوَ آ اِهو ڏاهي، بارُ بِرهَ جو بيحد بارِي.

بارُ مَلامَت سِرَ تي آيو، ساڻ خوشيءَ جي چاهَئون چايو،[4]
رهبر جو اِهو رايو، گھوٽ نہ وجهندو مُورَئون[5] گهارِي.[6]

جوڙَڻ سان هي ڪِينَ ڇُٽي تو، گهُوران ڏئِي پيو گهوٽ گهُٽي تو،
لَحظي هڪ ۾ لالَ لُٽي تو، ڳَل ڳِچيءَ ۾ پئي آ ڳارِي.[7]

"مُحمّد" عاشق ڪِينَ مُڙي تو، جوڙَ اِنهي ۾ جائِي جُڙي تو،
سِڪَ سَڳو وري ڪِينَ ٽُڙي[8] تو، ياوَر[9] سان آهي يَڪِي يارِي.

---

(1) خالي-آزاد، (2) نڪري- ظاهر ٿي، (3) اسرار وارو- ڳُجهو (4) ڪنيو، (5) هرگز، (6) جدائي، (7) نوڙي-
زبي-ڦاهو (8) ٽُٽي ...

ڪافي-535

(سُر جوڳ)

آباد عشق اَفضَل،[1] وِيرانُ گَهرَ ڪري ٿو،
روز ازل کان آيو، نِيشانُ نَـرَ ڪري ٿو.

دَمَ جي دَمالَ دَرِيَت،[2] وَهُ واهُ وجي وُجودِي،
دائم دلير دل ۾، دِيوانُ[3] دَرَ ڪري ٿو.

سِڪَ کي وڌائي ثابت، سيني صفائي سُهٽل،
سالارُ[4] سَيفَ[5] جَنگِي، سامان سِرَ ڪري ٿو.

حڪمت هلائي هادي، هَردوجَهان ۾ هاتِڪ،[6]
حملو حُسن هَزارِي، حيران هَـرَ ڪري ٿو.

جاڳائي جوش جلدي، جِيـرَتَ[7] نہ جائِي ڏي ٿو،
جُملي جفا جِي جابِرُ، جولانُ[8] جَرَ[9] ڪري ٿو.

مَهمِيرَ[10] مرد مانجهِي، مَهميزُ[11] سان مَچائي،
موڪي[12] مُڪائي[13] "مُحمّد"، ميدان مَرُ[14] ڪري ٿو.

---

(1) وڏو-بزرگ-بَرتَر، (2) دَرِيَد-اُتر هندستان (پنجاب) جِي هڪ راڳڻي، (3) شاهي دربار-خزاني جو وڏو عملدار-وزير، (4) سپهہ سالار-فوج جو اڳواڻ، (5) تلوار، (6) سِياڻو-سَمجُهو، (7) جَتاءُ- تَرسڻُ، (8) جوش، (9) ڪشش، (10) پهلوان، (11) چُونگ ڏيڻ هوشيار ڪرڻ، (12) پاڻُ مَلهائي، (13) نبيري- ختم ڪري،

ڪافي-536 (سُر جوڳُ)

وَٺ عشق جي اَٽِي،[1] ٻيا خيال ڇڏ ڪٽي.

سُورَ سَرسُ[2] جي اچن، ٻرهَ واري بيڪَ[3] ۾،
رَهَ رَضا متي راضِي، اَتئِي، بابُ[4] جا بَٽِي.

منصوري ميدان ڪي، بانڪا[5] تون بحال ڪر،
سُورِيءَ واري سيجَ تي، وڃ هامَ[6] تون هٽي.

راڳُ رَڳُن ۾ رُوحِي، شَب روز هلي شوق سان،
منجهه وجود وڄاءِ تون، تَندُ توحيدي تَٽِي.[7]

واري وسيلا ٻيا سَيئِي، هڪ وسيلو جي وٺين،
هادي هَردوجَهانَ جي، پاڪُ پيرن جِي پَٽِي.[8]

"مُحمّدُ" مَستِي موج ۾، گم سدائين تون رهين،
تَرڪُ تَسبِيءَ[9] جو ڪري، پاءِ ڳَل ۾ جَٽِي.[10]

---

(1) جُهنبَ-نوڪَ- اشارو (2) گهڻا-وڌيڪ، (3) ٻهرُوپَ- نموني، (4) معاملو- مقصد، (5) بهادر، (6) دعويٰ ڪرڻ، (7)سِڪَ-تمنا-چِڪَ، (8) خاڪ- دَزَ (9) تسبيح، (10) جَٽِيو- زُنارُ-هندو ۽ يهودي گلي ۾ مذهبي نشانيءَ طور ڏاگي [illegible]

ڪافي-537

(سُر ڪامول)

تو ۾ طلبَ تَنوارَ، تُونهِين تون جِي تارَ.

تو ڪان جدا ڪِينڪِي، وِٿِ[1] نه آهي وارَ.

"فَاذۡكُرُونِيٓ أَذۡكُرۡكُمۡ"[2] سدا سارَ سَنيارَ.

اَصُل روز اَلست ڪان، عشق سَندا آثارَ.[3]

جائِي[4] آهن جِيءَ ۾، جاڳڻ سَندا جارَ.[5]

وَنگي وِرهَ وَقُوفَ[6] سان، چامَ وڏا هِن[7] چارَ.

"مُحمّدؐ" ڪي محبوب ڏانهن، موٽڻ آهِ مَيارَ.

---

(1) وِٿِي- تفاوت- مفاصلو. (2) "تون مون کي ياد ڪر ته آئون توکي ياد ڪريان" (ق-ش) ۾ اَللهﷻ فرمايو آهي، (3)نشانيون. (4) سچ پچ. (5) فڪر- ڪوشش. (6) هوشياريءَ سان — واقفيت سان. (7) آهن.

(سُر آسا)

ڪافي-538

عشق ڪيا انصاف اڇڻ جا، محبت واري مَچ مَچڻ جا.

شمع واري شُعاع[1] تي، پرواني ڪيا پَهَ پَچڻ جا.

ڪِينَ واري ڪُنَ ۾ ڪاهي، روحاني رَنگَ راز رَچڻ جا.

بِرهَ پَڙڪي باهه ۾، بِلا[2] ناهِن باتِ بَچڻ جا.

"مُحمّد" مَرڪِي[3] مامَ محبت، نانگن ڪيا تِي ناز نَچڻ جا.

(1) روشني، (2) حِيلا- اُپاءَ- تدبيرون، (3) فخر ڪري- فخر سان.

ڪافي-539 (سُر تلنگ)

عشق ڪيا اچي اَوَجَ اَلستِي، مامَ ملي مَحبُوبِي مَستِي.

حاصل حال حقيقت ٿِيَڙو، وِيءُ[1] وِلايَت وَحدت وَستِي.[2]

پُر پريمي پيالي پيئڻ سان، هالِڪُ[3] ٿِيَڙي هامَ[4] هَستِي.

"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"[5]، پارَس ڪئي آ پاسي پَستِي.[6]

هَتئُون هادي جي مُحڪُم ملي وئي، سِرَ ڏيڻ ۾ سُرڪِي سَستِي.

"مُحمّد" سان مَحبُوبَ مِني جو، سودو ٿِيَڙو دَستِ بِدَستِي.[7]

---

(1) چراگاهُ-نفعي وارو ڏَنڊو، (2) وَسَندِي-آبادِي، (3) هلاڪُ ٿي، نيست و نابود ٿي، (4) دعويٰ ڪرڻ-ٻٽاڪ، (5) "مَرو پنهنجي موت کان اڳ ۾" يعني پنهنجي نفس کي ماريو، (6) هيڻائين-ڪمزوري، (7) هَٿو هَٿ.

كافي-540

(سُر ڪوهياري)

ڏُکاين کي ڏنگ، لڳو روز اَزل کان.

ويهي پنهنجي وجود ۾، چورن ويٺا چَنگ.[1]

وِچ تي ويٺا ڪِينڪِي، ڏؤڙي[2] ٽپيا سي ڏنگ.[3]

ڏمُ جدائي ڪِينڪِي، صُوفِن سان آهي سَنگ.[4]

ڇِنِي ڇَڏيندا ڪِينڪِي، نڀائيندا سي ننگ.[5]

رهبر واري رمز جو، رُوحاني آهي رَنگ.

"مُحمَّد" نانهِ ڇِنَڻ جو، اَڙجي وِيَڙو اَنگ.[6]

(1) هڪ ننڍڙو ساز جيڪو ڇَپن ۾ آڱر سان وڄائبو آهي، (2) ڊوڙي، (3) حد، (4) ساٿُ، (5) عزت- لَڄ،
(6) ...

ڪافي-541 (سُر تِلنگ)

ٻي ڪي ڏئي ڇڏ ٻُڙي، هڪ اَلفُ ڪر اختيار ميان.

پِيرِ مُغان جي دَستئُون دلبر، پِرت وٺي پِيءُ پُڙي،
ٻيو ڪِينَ ايندءِ آزار ميان.

"فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ"[1] جُهدَئُون[2] ٻيھ تون جُڙي،
ڪَيَل قول "قَالُوْا"، اِقرار ميان.

جَلدِي جَلدِي جوش مئُون، خَرَ[3] کي هڻ تون کُڙي،
سڪ سيني سينگار ميان.

هلي پَـنُـھ تون هوت ڏي، "مُحمّدؐ" وِج نا مُڙي،
ماري مُحبَ جو مَيارُ ميان.

---

(1) اَللهؐ فرمائي ٿو تہ: "تون ياد ڪرمون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي"، (2) ڪوشش سان، (3) گَڏَھَ (نفس) کي.

(سُر جوڳُ)   ڪافي-542

عشق امانت آهي اُنهن کي، تَرڪُ ڪيو آ جَن سَڀ ڪُجهہ،
ڳُجَهہ جي ڳالهہ هِڪائِي ڳولِن، سي ماڻِن تا سارو ڳُجهُ.

شان شَريعت صَحِي سڃاڻي، طَورُ طَريقت پِرتِ پَڇاڻي،[1]
ماڳ معرفت مؤجان ماڻي، حالَ حقيقت ۾ تون هُجُ.

ظاهر جا تون ٽَڳا[2] ٽوڙِج، ٻولَ ٻيائِي وارا ٻوڙِج،
خيال هِڪوئي هِڪَ ۾ ڪوڙِج، رمز رِندانِي ۾ تون رُجهُ.[3]

اندروني تون اکيون ڏارِ، هُوندي زُبان گُونگو گُذارِ،
ٻاهريان ڪَن ڪرين بيڪارِ، ٻولِي اِنهين جو تِي تون ٻُجهہ.[4]

"مُحمّد" تون ٻولي ٻُڌاءِ، راز اِهوئي ڪولي ٻُڌاءِ،
لوڪَن کئون تون ڪِينَ لِڪاءِ، مامَ[5] اِنهين ۾ نا تُون مُنجهہ.[6]

---

(1) سُڃاڻي، (2) ڌاڳا-سَڳا- واسطا، (3) مشغول ٿي — مصروف ٿي، (4) ٻُجهندڙ-ڄاڻُو (5) راز، (6) ڦلجَڻ-
ڦاسڻ...

ڪافي-543

عشق جَنين وٽ اعليٰ ايندو ڪوري ماهُ[1] لڱنِ[2] تَئون نِيندو.

سِري ميدان ۾ سِرَ جي بازِي، گهيڙ ۾ گهِڙندا ڪي ڪي غازِي،
اَصُل اُنهن وٽ آزِي نيازِي، اَجها اوڏاهِين سو اَڏِيندو.

نِينهَن جا نانگا سَٽِن سانگا،[3] بره جا بانگا اَصل اَٽانگا،[4]
لاحد وارا لنگهي لانگها،[5] سُورِيءَ سِرڙو سَٽِيندو.

نِسَنگ نعرو هڻن نيهِي،[6] پُورَبَ[7] ۾ ويا پِرتَئون پيهِي،
وجي واهيرو ڪيائون ويهي، ڏوڙا[8] ڏاڻَ[9] تَنِين ڏيندو.

جَن لڳِي آ سيئي ڄاڻِن، طرف اُهي ٻي نـا تاڻِن،[10]
"مُحمّد" موج سدائين ماڻِن، هادي مُنهُن نہ مَٽِـيندو.

---

(1) ماس، گوشت، (2) بدن، (3) سبب-بهانا، (4) ڏکيا، (5) گهَٽَ-رستا- لنگهڻ جون جايون، (6) سچا عاشق، (7)اوپر طرف- جوڳين جي منزل، (8) ٻيٽا- گهٽا، (9) ڏانَ-دانَ - بخشش، (10) ڇڪَ ڪن.

كافي-544

(سُر پيروي)

عشق سچڻ آرام جاتُم، موج مَستِي پُر جام جاتُم.

عشق تنهنجي بَهاري آ، هردم دل کي قَرارِي آ،
بي کابِي کانہ مُونجهاري آ، هِردي[1] حَرفُ هَر نامُ[2] جاتُم.

دَمَ قَدمَ رِيءَ کَمُ ناهين، بِرهَ نُما[3] بيو بَمُ ناهين،
خوش حال سدا کو غَمُ ناهين، کامل قرب سندو کامُ[4] جاتُم.

اَنَاالحَق جو نعرو ماري، سُرتِ سِيني ثابت سَنياري،
غَير خيال دل تئون گُذاري، سيجَ سُوري سَر انجامُ[5] جاتُم.

وحدت جو درياءُ وَهي، ڪڏهن چاڙهِي چڙهي ڪڏهن لاهَ[6] لَهي،
وِيرَ[7] وَڏاڻ[8] کو صَدما سَهي، اُتي "مُحمّد" مست مُدامُ[9] جاتُم.

---

(1) دل-مَنُ، (2) الله ج- يڳوان، (3) وانگر-ڏسڻ ۾ ايندڙ، (4) ڪم-خواهش، (5) بندوبست-آخرڪار، (6) هيٺاهِين، (7) لَهرَ-ڇولِي، (8) وڏو مُترڪو، (9) هميشہ- سدائين.

ڪافي-545

(سُر جوڳ)

عشق جي ايوان ۾، عاشق سَچو تي آ وري،
پير پوئتي نا هَٽائج، مـامَ[1] مُوْتُوْ[2] وج مَرِي.

ويهي نہ رھہ تون واٽ تي، تار مئون ويندين تَري،
شوق جو شَهبازُ تي، پرواز[3] ڪر تون پَروَرِي.[4]

هيڪڙائِي هڪ ڪري، بيشڪ پيجي چڏ ٻُلَ ٻَري،
دُئِيءَ ڏٻايا ڪيترا، بيزار ٿيا بَرسَر[5] بَري.[6]

جَن چَکِي آ چاش ڇَهرِي، ذوق جي زياده ذَرِي،
مَڇُ محبت جو مُدامِي، باه برهين وئي ٻَري.

"مُحمّد" اَڏِيءَ جي آرَ[7] تي، سالِڪَ ڏين سوري[8] سِري،[9]
موٽڻ تَن مَيارَ ٿيو، خاصِي خبر خاصَن ڪَرِي.[10]

---

(1) راز. (2) "مري وڃو" (موت کان اڳ ۾ مرڻ يعني نفس کي فنا ڪرڻ). (3) اُڏامَ. (4) پالڻهار وارو-الاهي.
(5) مٿي تي-مُقرر. (6) آزاد- ڇُٽل. (7) شوق-چِڪَ. (8) ريڙهي - اڳتي وڌائي. (9) سِسِي-سِرُ. (10) سَچي.

ڪافي-546 (سُر ڪوهياري)

علم عقل جي پاڙ پَٽي، عاشق عشق ڪَمائين چونہ؟

عشق بازِي ۾ عاشق اچ تون، نينهن جو نانگو ناچو نَچ تون،
مَچ مُحبتَ پتنگَ پَچُ تون، جوشئون جِيءُ جَلائين چونہَ؟

وِردَ وَظيفا تَرڪُ ڪري ڇڏ، غَيبَ ۾ غازِي غرق ڪري ڇڏ،
دَمَ قَدَمَ جو دَرَڪُ[1] ڪري ڇڏ، نوبَتَ[2] نينهن وڄائين چونہَ؟

بي رِيائِي بَحر بَقائِي، هر دم ڪر تون ڳالھ هِڪائِي،
لُونءَ لُونءَ[3] رڪ تون لاتِ لَقائِي،[4] هوڪو حق جو هلائين چونہَ؟

"مُحمّد" مامَ اِنهين موجود، وهم وساري واڻ وُجود،
پنهنجو پاڻ کي ڪر سَجُودُ، خطرا خامَ کَپائين چونہَ؟

---

(1)ڄاڻ-پَروڙَ. علم. (2) نغارو-واڄو. (3) جسم جي وار وار- ذري ذري. () ڏسڻ وارِي- ديدار وارِي.

ڪافي-547

(سُر ڪوهياري)

دردَ بنا دَمُ هڪڙو، گُذارڻ مُشڪل.

بِنا دردَ اَللہ جي، پيو اَجايو هُلُ.

برہ جي بازار ۾، بانڪا ڏي تون بُلُ.[1]

يارِي رک يقين سان، پولَ نہ ٻي ڪنهن پُلُ.

ويجهو ڏِسُ وُجود ۾، راهَ نہ ٻِي ڪنهن رُلُ.

”مُحمّد“ جي هاديءَ جيهو[2] ڪونهي ڪوئِي تُلُ.[3]

(1) ٽِپو-ٽِپُ، (2) جَهڙو، (3) مَٽُ-برابر.

كافي-548 (سُر بَنسُ)

يار اَسانڌا يَـقِينُ، جهولِي پاڪي آپي جَهليَم.

روز اَزلِي راز رندانِي، عشق اَسانڌا اَمِينُ،
پلپل پريمي پُور پَليَم.

دؤر دَرُونِي[1] ديهي[2] دائم،[3] داوَرُ[4] دَم دَم دِينُ،
رَڳ رَڳ وچ رهبر رَليَم.[5]

هيت متي هَر جاءِ حاضر، مَعنيٰ ماهُ[6] مُبِينُ،[7]
سُورُ نہ ڪنهن سان ڪوئي سَليَم.[8]

"مُحمّد" مُحڪم مامَ اِنهِيءَ ۾، اَعليٰ عَرش بَرِينُ.[9]
مَردانو ميدان مَلهيَم.[10]

---

(1) اندرونِي، (2) جسم، (3) هميشہ- سدائين، (4) حاڪم- مُنصِفَ- خدا تعاليٰ، (5) مِليَم-گڏيَم، (6) چَنڊُ، (7) روشن-ظاهر، (8) ٻڌايَم، (9) اُوچو-بلند، (10) مَلهايَم-سَرسِي حاصل ڪَيَم.

كافي-549 (سُر کوهياري)

عشق جَڏهن آيو، خطرا ڪُلَ ٿِي خامَ[1] ويا.

سَڄڻ پنهنجي سِرَ تي، بارُ بِرهَ چايو.[2]

هردم هادي پاڪَ جو، سَدا تَن سايو.[3]

اَصل روز اَلست ڪَئُون، روح سَندو رايو.

کهڙو تَن قرار آ، گُهورُن سان گهايو.

ويهي ڪيئَن وساري، چاڻَ اِنهي چايو.

"مُحمّد" آ محبُوبَ جي، در سَندو دايو.[4]

---

(1) ڪَچا-ڪُوڙا، (2) ڪَنيو، (3) چانوَ-پاڇو، (4) نوڪر-خدمتگار

ڪافي-550

(سُر توڙِي)

عشق جِسمَ جو جَلادُ،[1] ماسُ هَڏن تَئون ڪَپي ڪوري.

وَڏانڱ[2] وجود ۾ واڪا ڪري، فَيضَ وارو تہ فولادُ،

پيرو ڇڏي ٿو پَچِي پوري.

روز اَزلي رهبر سان ڪيائين، مَعنوِي تہ مِيعادُ،[3]

گهورِيُون سِرڙو پنهنجو گهوري.

دائم دم قدم سان ديهي، اَندرُ ڪري آبادُ،

سِڪَ مَنجهانـرَئُون سَڳڙو سوري،[4]

”مُحمّد“ مِهر مُغان جي مُحڪم، اَڙِڳَـڙ[5] ڪئون آزادُ،

چاهَ[6] منجهارئون چَرخو چوري.

---

(1) قتل ڪندڙ، (2) وڏو مُترڪو، (3) وعدو، (4) ياد ڪري، (5) گَڙٻَڙ-مُونجهارو، (6) شوق.

ڪافي-551

(سُر جوڳُ)

برهَ سَندو بارانُ،[1] سدا وَسي پيو سِرَ منهنجي تي.

هيڪڙائِيءَ ۾ هڪ هميشہ، ٿوڙي ڏئِي[2] دامانُ،[3]
هلي چلي پيو خيال پنهنجي تي.

وِردَ وَظيفي ۾ عُمِر وڃائي، نِينهَن بنا نادانُ،
ڪڏهن نہ ايندو گهيرَ[4] سَنهِنجي[5] تي.

ذڪر ذاتي ذوق منجهارئون، لاهُوتِي لاثانُ،[6]
اوڙڪُ[7] نہ ايندو اَوڪَ[8] اَهِنجي[9] تي.

پَرتل آهي پِيرِمُغان سان، "مُحمّد" سو مَردانُ،[10]
قائم ناهين قولَ ڪَنهن جي تي.

---

(1) مِينهُن-برسات، (2) ٻيائِي، (3) دامَن- پَلئُہ، (4) گهيڙ، (5) سؤلي-آسان، (6) لاثاني- جنهن جو ڪو مَٽُ نہ هُجي، (7) ڇيهہ تائين-پڇاڙيءَ تائين- بِنهہ-هرگز، (8) اَوکائِي-ڏکيائِي، (9) ڏُکئي، (10) دلير-بهادر.

ڪافي-552

(سُر ڪوهياري)

علم عقل جي جاءِ ناهين، عشق جو پنڌ نِرالو ٿِي.

علم رکي ٿو سِرَ جو سانگو، عقل چوي ملي سَودو سَهانگو،
محبت وارو مُلهه مَهانگو، بِرهُ بَڃائيندڙُ ڀالو ٿِي.

پنڌ اِنهي ۾ جيڪي آيا، لوڪَ سڄي جي طَعنَن تايا،(1)
بارُ مَلامَت سِرَ تي چايا، نينهن وارن جو نالو ٿِي.

عابد زاهد ڪيئي ڀُلائي، مامَ سان ماري مَتيُون مُنجهائي،
سِڪَ وارن کي سُتَتُ(2) ٻُڃائي، تيز هلي تيرَنهُه تالو(3) ٿِي.

"مُحمّد" ڳالهه ڪي سالڪَ سَمجهن، ويا وَرڻ ڪئُون ڪِينَ وَرن،
دَمَ قَدَم تي قابُو رَهن، سُرتِ وارن جو سَنڀالو(4) ٿِي.

(1) تپايا-تنگ ڪيا (2) جلدي (3) نهايت چالاڪ (4) نگهبانُ-نگراني ڪندڙ.

داستان: عاشق حقيقي- صوفي سَرمست

ڪافي-553

(سُر ڪلياڻ)

ڄاڻي سُڄاڻي ڄاڻَ، مرد مُدامِي محبوبي مندر ۾.

ڄاڏي جُوءِ جانب جي آهي، تاڏي ڪَرِن تا تاڻَ،[1]
اُڻ تُڻ اور[2] اِهائي اندر ۾.

لاڳاپا لاهي لاتَڪَ[3] تيڙا، اوتَ نہ رڪن ڀي ڪا آڻَ،[4]
بانڪا[5] بِلاشڪ بره بندر ۾.

شوقَ شمع جي ۾ تيا شاغل،[6] پِرت وَندا سي پاڻَ،
پَروانا پِـڙَ مَلهن پَڏر ۾.

"مُحمّد" مست قِرن مستانا، مُحڪم مَئي مهراڻَ،
صاف صفا جي سَمندر ۾.

---

(1) ڇِڪَ، (2) يادگيري، (3) تَڪَ نہ رڪندڙ- بي ڊپا-بي پرواهَ، (4) مجتا-تابعداري، رَنڊڪ، (5) بهادر، (6)مصروف.

ڪافي-554

(سُر ڪوهياري)

عاشق ٻاري ويھ اندر ۾، محبت وارو مَچُ ميان.

شوق شمع جي ۾ تي شاغِلُ،[1] پتنگ وانگي پَچُ ميان.

سُورِيءَ وارو سَير سدائين، سالڪَ ياڻئج سَچُ ميان.

محبت جي ميدان ۾ پيھِي، نانگا بيٺو نَچُ ميان.

”مُحمّد“ مَخفِي[2] مامَ[3] پَروڙي،[4] رمزانھيءَ ۾ رَچُ[5] ميان.

---

(1) مشغول-رُڌل، (2) ڳُجھي- لِڪَل، (3) راز، (4) سَمجھِي، (5) رڱجي وڃ.

ڪافي-555

(سُر باگيسري)

عاشق اُونهي ۾ آيا، ازلي اَنا[1] اِشاري،
مَستان مَحويَت،[2] مانجهِي[3] مَگهن[4] موچاري.

عاشق وجن اوپارا، مرد مَيا مَتارا،
سُورِهَ سدا سوپارا، نِيشان تيا نظاري.

ڪُوپا قدم ڪُڏائن، هاتِڪَ[5] نتا هَڻائن،
نانگا تا نينهن نيائن، سردار سِرُ سينگاري.

گُر گِيان گوهر غازي،. رِندانَ رَمز راضي،
بيحد بيان بازي، وينا نہ سي وساري.

دفتر دِلِي دَلِيلان، ذِلتَ زَبُون ذَلِيلان،
خَلوَتَ[6] خَفِي[7] خَلِيلان،[8] اَندَرُ رهيا اُجاري.

صوفي سچارَ سَلسَل،[9] روحي رفتار رَلمِل،[10]
پِيرِ مُغان سان پَلپَل، ”مُحمّد“ موهيا مَـٽياري.[11]

---

(1) آئون-پنهنجي هستي ظاهر ڪرڻ، (2) خيال ۾ گم ٿيڻ، (3) اڳواڻ-سورهيہ-سردار، (4) مست-بيخود-نشي ۾ ٻڏل، (5) هوشيار-ڏاها، (6) اڪيلائي، تنهائي، (7) لِڪل، (8) دوستَن سان، (9) صاف پاڻي، ...

كافي-556 (سُر بلاولي)

عاشق اَلستِي اَوَجَ اعليٰ، اِبتدا اِسرار جي،
پيچَ ۾ پيچِيد[1] تيا، پارس پرين پڳدار جي.

يار سان تيا يگانا، بيگانا تيا بازار ۾،
مرد مُورَئُون "مَاسِويٰ الله"،[2] ڪِينَ ہي ڪنهن ڪار جي.

تَسلِيمَ جي تَحقِيقَ تي، طالب تيارِي تارَ ۾،
صِدق مَئُون ثابت سراسر، سُڌِ نہ تن سَنسارَ جي.

عاشق اَلهُوٽيا عين اُلفت، اَحسن[3] اِقرار ۾،
ڪوڏَ مَئُون ڪاهِن تا ڪُوپا، دَم زَني[4] سان دارَ[5] جي.

مُحبَّ جو ميلو مُيسر، "مُحمّد" مينگهَہ مَلهارَ ۾،
بره جون بُوندان وَسَن، بيحد باغ بَهارَ جي.

---

(1) ويڙهجي ويا-ملي ويا، (2) "الله کان سواءِ"، (3) سُٺو-سهڻو (4) دم هڻڻ يعني اَنا الحق چوڻ، (5) تختو-ڦاهي ڏيڻ

(سُر پهاڙِي)

ڪافي-557

عاشقن انعام ٿِـي، وَحدتَ وارِي ڪا وَستِي.[1]

هڪ الف جي آذار ٿيا، بي کان پَڇي بيزار ٿيا،
نِينهَن ڪٺي نروار ڪيا، تڏهين ماٺيائون مؤج مَستِي.

”فَاذْكُرُونِي“[2] فَرمان ۾، ظاهر سَچي زبانَ ۾،
فرمايائين فُرقانَ ۾، ايهو آواز اَلستِي.

”مُحمّد“ عاشق قربان ٿيو، برهَ بَنديخانُ[3] ڪِيو،
ڪُل مشڪل آسان ڪِيو، هَٿايو حيواني هَستِي.

(1) وَسندي-آبادي- بَستِي، (2) ”مون کي ياد ڪيو“، (3) قيدي-قيد.

ڪافي-558 (سُر جَهنگلو)

نيائنَ نِينهُن راتيون ڏينهن، مُحبتَ مِينهَن مارِي[1] تيا،
نظاري نوڪَ مَحبُوبِي موڪَ، چَشم جي چوڪَ[2] چارِي[3] تيا.

دلـفَـريـبُ[4] غَـيـبُ الُغَيبُ،[5] لاريـبُ[6] لاثـانِـي،[7]
نُـــورُ حـــضورُ مـــاهُ مُـنِـيـــر،[8] پَـلٽيو پُـــورُ پيشانِي،
طُورَ[9] تَجلِي ٻَري بجلِي، قائم ڪَجلِي[10] آ قُربانِي،
عاشق اَزلي فائق فَضلِي، ”لَمۡ يَزۡلِ“[11] جي لاري[12] تيا.

---

(1) شڪارِي-شڪار تيا، (2) اِشارو، (3) مددگار-پهريدار-جاسُوس، (4) دل کي موهيندڙ-سُهڻو، (5) تمام ڳجهو (6) بناشڪ جي، (7) بيمثال-لاجواب، (8) روشن چنڊ، (9) جبل طُور-جنهن تي رب پاڪ پنهنجي تجلي وڌي-حضرت موسيٰ عليه السلام بيهوش ٿي ويا، (10) ڪجل پائيندڙ عورت-خوبصورت، (11) هميشه رهڻ واري سان، (12) ان سان تعلق ۾ پيار- رکيائون،

دائم دلير شوريَل شيرَ چَلن چؤڦير چوڏارِي،
وڏائن وِکَ تيزابِي تِکَ، لِکئي مئون لکَ لکَ وارِي،
پتنگ پرواز شاهِي شهباز، ڪَرِن آواز اِظهارِي،
رکن نا رِيءُ[13] جَلائِن جِيءُ، وجودئون هِي وِسارِي ٿيا.

عاشقَ آڙاهَ ڪاهو ڪاهَ، سِرُ ۽ ساهُ سَٽيائون،
نَفِي نابُود حق مَوجودُ، سِڪَ سَجُودُ نہ مَٽيائون،
مَخفِي مؤج فالمر فوجَ، اَلستِي اوجَ جَهٽيائون،
مينگهَہ مَلهارَ باغَ بَهارَ، گُل گُلزارَ گُلزارِي[14] ٿيا.

اَڏيءَ جي آرَ[15] تِکَ تَلوارَ، مٿي بَردارَ[16] بَرسِي ويا،
سَٽي سانگا لنگهي لانگها، بِرهَ بانگا نہ تَرسِي[17] ويا،
مُڙنُ مشڪل بانڪا بِلڪُل، سچا سَلسَل[18] ٿي سَرسِي ويا،
"مُحمّد" مِنتَن مليا مُحبَن، ڪَنا[19] قُربَن ڪِناري ٿيا.

ڪافي-559 (سُر جَهنگلو)

نانگَن نازُ غَمزي بازُ[(1)] غَرَضُ[(2)] غَمازُ[(3)] پرتئون پيو،
خيال خوابُ سُوالُ جوابُ، حدَ حِجابُ هِردي[(4)] ويو.

سالِم سَيرُ گهاتُو[(5)] گهيرُ،[(6)] ڪُپيرِيءَ[(7)] پيرُ پُر جِهي[(8)] ويا،
مِلِي تن مامَ عشق امامُ، قُربَ ڪِمامَ[(9)] ڪَرِجِي[(10)] ويا،
وصل وَعِيدَ[(11)] شوقَ شَهِيدَ، تارَ توحيد تَرِجي ويا،
عطا اِسرارُ پُرانوارُ[(12)] دمُ ديدارُ دائم ٿيو.

---

(1) اک جو اشارو ڪندڙ- ناز ڪندڙ، (2) ڪم، حاجت-خواهش، (3) اک جو اشارو ڪندڙ، ناز ڪندڙ، (4) دل مان، (5) شڪاري-مڇيءَ جو سمنڊ ۾ شڪار ڪندڙ، (6) گهيرڙ-پاڻيءَ ۾ لهڻ جي جاءِ، (7) بدبخت (دنيا)، (8) سمجهي- سُڃاڻِي، (9) اَڻ ڪُٽ ڪم- گهڻي مشغولي، (10) ٻَڏجي- سوگها ٿِي، (11) وعدو- سزا جو وعدو، (12) نُوراني

بِـره باطُون[13] تيا مَفتُون،[14] كُنْ فَيَكُوْنَ[15] كان اڳ ۾،
چڱِي چالِن پِرتِ پالِن، جوڳِي جالِن سدا جَڳَ ۾،
حَـيـرت نـاڪ اِسْتِغَراقُ،[16] دهـشت نـاڪ پـيـا ڏڳَ ۾،
وحــدت واسُ خاصُ الْخاص، رهـبــر راسُ رمـــز ڪـيو.

اَڻ لَکَ آڻَ[17] ڀَهڳُڻَ[18] ڀاڻَ،[19] محبتَ ماڻَ[20] مُشتاقَن،
بَرسر بار گَرد غُبارَ،[21] تيا اِظهارَ عوشاقَن،
مشاهدو مُورُ ٿيو مَشهُورُ، مَنگهَن مخمُورُ محبوبَن،
سَيفَ[22] سُهاڳَ ڀلو ڀاڳَ، ماڻِن ماڳَ اَڻ مَيو.[23]

اَمُر اِرشادُ[24] عجب اِمدادُ، عَين آبادُ عَجِيبَن،
اوُج عَظِيمُ پُرتَسلِيمُ،[25] قربُ قَدِيمُ قَرِيبَن،
جوش جَلالُ، ڪَيفُ[26] ڪَمالُ، هَتِ حَوالُ حَبِيبَن،
هادي همراهُ "مُحمّدُ" ماهُ،[27] نظر نِگاهَ نيڻَن نِيو.

---

(13) ڳُجهو، (14) ديوانا، (15) الله ج فرمايو: "ٿِي پَئُ- ٿِي پَئِي" ڪائنات پيدا ڪرڻ ڏانهن اشارو آهي، (16) خيال ۾ ٻُڏي وڃڻ، (17) حڪم-تابعداري – مڃتا، روڪَ-اَٽڪَ (18) سياڻو- گهڻن گُڻن وارو، (19) ٿِيَرُ- ٿِيَن (20) ماڻُو-ناز، (21) مٽي-دَزَ- رَنجَ، (22) تلوار، (23) بي حساب، (24) حڪم- هدايت، (25) قبوليت وارو، (26) نشو، (27) چنڊ.

ڪافي-560 (سُر پورٻي ڪلياڻ)

صاف صفا تي صوفي ثابت، دُرسُ ڪَرِن تا دَمُ ديدارُ.

اڱڻ عَجيبُ جِنِن جي آيو، سَرسُ ڪري آيو سو سينگارُ.

جلوو جوش جَلالِي جن تي، عَينُ تي آيو سو اِظهارُ.

سِرُ ڏين تا سُورهيه سَٽَ[1] ۾، نينهَن ڪيا سي نانگا نروارُ

"مُحمّدُ" دامَ دُئِيءَ جا ٽوڙي، وحدت جو ڪيائين واهُ واپارُ.

---

(1) نذرانو- نياز- وَڏِ ڪَٽ- سودو.

(سُر ڪامول)

ڪافي-561

عوشاقن کي اَلست ڪئون، تنهنجي نازَ نِوايو.[1]

سِرُ صَدق سئو وار ڪيائون، گهُورَ حُسن جي گهايو.[2]

عين اَڏيءَ تي اُمالڪ آيا، ڪُوِيَن[3] ڪنڌ ڪَپايو.

سچا سر جي دعويٰ سَٽِيندا، ڪُوڙَن قدم هَٽايو.

مشتاقن کي محبت ۾، عيش آرام نہ آيو.

مِهر مَهدِي مَنتارَ مُنّورَ، "مُحمّد" مَنصب[4] پايو.

---

(3) بهادرن، (4) رُتبو-عهدو.

ڪافي-562

(سُر صُبحِي)

سُڌِ سَڌَرِيَن کي اِها ڪيئن پوي، عاشقن جي تہ اندر جِي.

عاشق وِيَـــڙا اوڏَهِين، جاتي بُوءِ ناهين تہ بَشَرَ[1] جِي.

"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"[2] ڪـــاڻِ رکـن نہ قــبـر جِي.

اچڻ وڃڻ اَندروني اُنهن جو، پَچر ڇڏيائون پَڌَر[3] جِي.

"مُحمّد" لامَقصُودُ سدائين، اُتي حاجَت ناهين حَشَر[4] جِي.

---

(1) انسان، (2) "مرو پنهنجي موت کان اڳ ۾" يعني نفس کي فنا ڪريو، (3) ظاهر، (4) قيامت.

ڪافي-563

(سُر صُبحِي)

تون عاشق ڇو نہ اَللہ ڪرين، ڇڏ غافِلَ غفلت ڏيان ڏَرِين.

دَمُ دَرُونِي دؤر پڙهڻ سان، "مُوُتُوا قَبْلَ"[1] ماڳ مرين.

غير کي تَرڪي حق هادي ڏِسُ، محبت مَچ ميدان ٻَرين.

ڪَثرت ڪوٽ ڪيرائي ڇڏ تون، وِڪَ وحدت ڏي وِيرَ[2] وَرين.

بيخود پيالو پُر ڪري پِيءُ، خام خودِيءَ جو خيال ڇَرين.

"مُحمّد" مرد مَيخانَ مُغان جي، طلب توحيدي تار تَرين.

---

(1) "موت کان اڳ مرڻ" - يعني نفس کي فنا ڪرڻ (2)

ڪافي-564

(سُر ساموندي)

شوق واري شَمشيرَ[1] وو مارِن تا مَردُود[2] کي.

دٻائن تا دَيُوثَ[3] کي، دانئہ[4] دُرس دِليرَ.

نانگا نظر تا سَتن، چـوَ طرفين چوُڦيرَ.

هر طرحين هوشيار تي، گهاڙِن[5] گهَتيون گهيرَ.[6]

سچا صافَن صاف تيا، مَن مئون ڪڍيائون ميرَ.[7]

ڪامِل ايندا ڪي اتي، ”مُحمّد“ مرد مَتيرَ.[8]

---

(1) ترارِ (2) رد ٿيل- شيطان-نفس اَماره. (3) بيغيرتَ. (4) داناءَ. (5) گهَڙِين- ٿاهين. (6) گهيڙ. لنگهڻ جا رستا. (7) ميرائي- خرابي. (8) دلير - بهادر.

(سُر ساموندي)

ڪافي-565

اُونڌي ڪَنڌِ اورِينِ، وو عاشق پيهِي پاڻ ۾.

مالهان پــڙهن تا مَــن ۾، سِــڪَ سَــڳا سورِين.[1]

ڪاڏي نِهارِن ڪِين ڪِي، چرخو چِتَ[2] چورِين.

وساري وايون سَيئِي، تَندُ طلبَ تورِينِ.

مَنجهيئِي ڪن موجودگِي، ڏُونگر نا ڏورِينِ.

"مُحمّد" سارو ساهُ سِرُ، گهوٽَ مٿان گهورِينِ.

---

(1) سڳا سورڻ = ياد ڪرڻ. (2) دل ۾

ڪافي-566

(سُر ڀاسُ)

نانهِ نهايت نينهن کي ميان، بيحد بي پاياڻ.[1]

پڙهي پڙهيائون ڪيترو ميان، دردن جو داستاڻ.

پِرتِ واري پنڌ ۾ ميان، گاندُو تيا غَلطاڻ.[2]

توڙَئون طالبَ حق جا ميان، تَرِي ويا طوفاڻ.

جوڳِي آيا پنهنجي جُوءِ مئون ميان، اُتي ڪيائون آشياڻ.[3]

مَـــرِدَن جانِ مضبُوط تي ميان، مَلهِيائون[4] ميداڻ.

"مُحمّد" جي مشڪل مڙيئي، آرِيءَ[5] ڪئي آساڻ.

---

(1) نہ ختم ٿيڻ واري- بي انت، (2) ڦاٿل- چڪرايل- گم، (3) آستان- ٽڪاڻو- آشيانو (4) ڪاميابي
حاصل ڪ...

ڪافي-567

صوفي سدا سَرمست سالِڪَ، دمر جي وڃائن ڏمال،
سيني اندر سڪ سوزَ مان، سازن سَنڌِي ڪَڙ ڪمال.

ظاهر زبانِي ڪي چِڏي، باطن ۾ ٿيا آهن بيمثال،
منجهہ وجودئون تا وڃن، ڳولي لڏائون ڳُجَهہ ڳالهہ.

وِرد وظائف تَرڪُ تن، جن تي حقيقت حال آ،
واصُل بِالله[1] وحدت وَنگيا،[2] تن ۾ نہ آهي قِيل قال.[3]

اَڻ لَڪُ عوشاقن جي رمز، رِيءَ مامَر جي سمجهڻ محال،
جيڪي گهِڙيا هِنَ گهيڙ ۾، تن هٿ ڪئي آهي چال.

منجهہ فنائِي جي بَقا ٿيا، بيرنِگي بانڪا[4] بَحال،
"مُحمّد" مُدامِي موج ۾، لاشڪ ٿيا سي لاوَبال.[5]

---

(1) الله سان واصل، الله سان مليل، (2) وَنگ پِيَن- قابُو ٿيا، (3) ڳالهہ ٻولهہ، (4) بهادر، (5) بنا سختيءَ يا عذاب جي.

ڪافي-568

(سُر راڻو)

عاشق رهن اَسِير،[1] مُدامِي[2] محبوب ۾.

شاهه گـداگر شير بهادر، اَربيلا[3] ته اَمِير.

گُهوڙن گهايا سورن سَتـايا، فَـنا فِـي الله فـقـير.

سِر جَلائن ڪنڌ ڪَپائن، پروانا ته پَذِير.[4]

پيو سپ وسريو آفتاب[5] اُڀريو، طلبَ سندي تاثِير.[6]

اَٺموتَ ايندا ميدان ملهائيندا، "مُحمّد" ڪي مَهمِير.[7]

(1) قيد ۾، (2) هميشه، (3) ناز نخري وارا- لاڏلا، (4) قبول ڪرڻ وارا، مجڻ وارا، (5) سج، (6) اثر، (7)دلير- بهادر.

ڪافي-569

شَبِ خِيزِي[1] شائِقَن،[2] شور شامل آ شتابُ،[3]
بيدارَ[4] بَرسيا[5] تا وتن، خارج[6] ڪيائون خيال خَوابُ.[7]

ڪِينَ واجهائن تا ڪاڏي، قرب ۾ ڪامل ڪَبابُ،
ويهي وجودي تا وڃائن، رمز سان رِندِي رَبابُ.[8]

غازي غائب غيب ۾، غور سان غَرقِي[9] غُرابُ،[10]
لهر لوڏي وِيرَ وحدت، پرت سان پاڻي حُبابُ.[11]

جسم ڪان جائِي جدائي، تيز ويو تَهدل تُرابُ،[12]
حق حال سان هميشگِي، عاشقن ڪونهي عذابُ.

طمع تالان[13] طئي تَمامِي،[14] تَرڪَ تعصب ڏوهه ثَوابُ،
موج سان "مُحمّدؐ" مليو، نِينهُن نادر نَر نَوابُ.

---

(1) رات جو اُٿڻ- جاڳڻ، (2) شوق وارن- سڪ وارن، (3) تڪڙو-تيز، (4) سجاڳ- جاڳيل، (5) آباد ٿيا، (6)ڪيي ڇڏيائون، (7) ننڊ-سمهڻ، (8)سُرندي وانگر هڪ سازُ، (9) ٻڏل- غرق ٿيل، (10) غورابُ- پاڻيءَ تي هلندڙ وڏو ٻيڙو- بحري جهاز، (11) پاڻيءَ جو ڦوڙو جنهن ۾ صرف هوا هوندي آهي. (12) مٽي-خاڪ، (13) ڍونگ-نخرا، (14)سيئي ختم.

ڪافي-570

(سُر بَنسُ)

رمز اُنهان ڏِي ڪؤن پَڇاڻي،[1] رِند رهن سَرجوشِي.[2]

پِي پيالا محبت والا، مرد هووَن مَدهوشِي.[3]

ياد اُنهان نُون يار ديان ڳالهيان، فارغ[4] هَنِ فراموشِي.[5]

"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"[6] گُفتا[7] گوشان گوشِي.[8]

"وَنَحْنُ"[9] وِتِ[10] نہ وارُ اُنهان نُون، دُور ڪڏهان نا دوشِي.[11]

نانُهِن وچون نروار ٿيا هُڻ، پرواز پَرده پوشِي.[12]

"مُحمّد" مام اِنهِيءَ وچ ماهر، خَلق اڳُون خاموشِي.

---

(1) سُڃاڻي- سمجهي، (2) جوشيلا، (3) مستيءَ ۾، خُمار ۾- نشي ۾، (4) ڇُٽل- آزاد، (5) ويسَر- ڀُلَ،
(6) "مري پئو پنهنجي موت کان اڳ ۾". يعني پنهنجي نفس کي جيئري ماري ڇڏيو، (7) چَيَل ڳالهہ،
(8) ڪَنان ڪَنِ، ڪَنَ ۾، (9) "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" جو مخفف آهي. "يعني آئون توهان کي ساهہ
جي رڳن کان بہ ويجهو آهيان" - الله ج، (10) وِٿِي- تفاوت، (11) مَيارِي- ڏوهِي، (12) پردي ۾ لِڪل.

كافي-571 (سُر بَنسُ)

عَينَ[1] كٺي اعتبار جا عاشق، برهہ جي ڏس تون بَؤلِي.[2]

سِڪَ سَسُئِيءَ کي سيني اندر، ٻاروچل جِي ٻولِي.

شاهَ صَنعانَ ڪانِ يهودڻ، چاڪُ[3] ڪئي آ چولِي.[4]

بُسطامِيءَ جي بات ايئن جيئن، موج درياهہ جي ڇولِي.

ڪَربَل جي ميدان وِچالي، هئي هئي حشر هولِي.

روز ازل کان اڳ اسان جي، "مُحمّد" جُهلِيو جهولِي.[5]

---

(1) اکيون، (2) باوَلِي-اَنڪل، حرفت، بولاٽِي کيل، (3) چيرڻ-ڦاڙڻ، (4) چولو- دامن، (5) جهوليءَ جُهلڻ= جهوليءَ ۾ پوڻ- خود بَخُود حاصل ٿي وڃڻ.

ڪافي-572

(سُر ڪانرو)

عجب عشق وارن جي اُلفت ڏِٺي سي،
بنا مُحبّ جي ڪانه محبت ڏٺِي سي.

راتيون ڏِينهان تانگهِن تا طالب تَمامِي،[1]
سدا سوز سجڻن جي ڪامل قَوامِي،[2]
سيني سڪ تن جي، ثابت ڏٺِي سي.

سچا سِرَ جِي دعويٰ رکن ڪانه ڪائي،
قديمي ڪُسڻ جي اٿن وات وائي،
سُورِي سيجَ سمجهڻ، صداقت[3] ڏٺِي سي.

هجر ۽ وصل ۾ گذارن تا غازي،
رضا يار جي ۾ سدائين تيا راضي،
لُطف دار لاشَڪ، لياقت ڏٺِي سي.

"مُحمّد" مُقَيّد[4] زُلفَ[5] تارَ قابُون،[6]
خَللَ خوف خارج خطرا خَرابُون،[7]
عطا عَين اَحمد، عنايت ڏٺِي سي.

---

[1] [illegible]

(سُر ويهاڳُ)

ڪافي-573

پوشيده[1] پَڳدار، عاشق اِندِرنَگر[2] ۾.

پَرَمَ نَگر[3] جي پُوڄا پارس، غيبي ڪن گُفتار.

ڪوڙ منجهارئون ڪُوپا[4] ڪاهِن، شائق شاهسوار.

سِرُ نِوائن ساڻ صداقت، سُوريءَ تي سردار.

واقف وِيءَ ولايت[5] واصل، عين عطا اِسرار.

راه حقيقت رِندِي رهبر، "مُحمّد" تيا مَهندار.[6]

---

(1) لِڪَل. (2) اَنتَ يا چيڙي واري نگرِي. (3) اُوچو-اعليٰ مُلڪ. (4) بهادر. (5) سوداگريءَ واري بَستِي. (6)اڳواڻ.

ڪافي-574 (سُر درٻاري ڪانرو)

اصل عاشقن کي، واھُ برھ بَهارِي،
ھِردي ۾ حاصل ڪيائون، حق حُسن هَزاري.

حقيقت حَلاج ڪئي، متي سُورِيءَ هَسوارِي،
ڪاهي هليو ڪوڏَ مئون، تِيَسِ موتڻ مَيارِي.

مَجني کي مستان ڪيو، ڪنهن لالچ لاچارِي،
لَيليٰ منجهئون لال ٿيو، تنهن ڏِنس ڏيڪارِي.

سَسُئِيءَ سوز فراق ۾، ڪئي ٻَنيورَ بيزارِي،
ڪاهي هلي ڪيچ ڏي، پُنِيءَ پنهل پيارِي.

رانجهن رمز لڳي وئي، ڪيائين تخت ڇڏي تيارِي،
جَهنگ سِيال جهاڳيائين سارو، هلي هِيرَ ئي هيڪارِي.

مُورئون هڻ مسڪين کي، تُنهنجِي تڳا تارِي،[1]
پِيرِمُغان جي مِهرَ سان، وئي "مُحمّد" مُونجهارِي.

---

(1) سهارو-آسرو

كافي-575

(سُر كانرو)

وَل ڇَل[1] ۾ ڪيئي، واه جـي وَڪـوڙيا،
ناتي نِينهَن نـِزاڪَتَ،[2] نانگا نِهوڙيا.[3]

اَرڙا[4] اَٽانگا اِنهيءَ آرَ[5] آيا. ڪُڏِي ڪنڌ ڪُوہَن پنهنجا وَڍايا،
پرت جي پَساري،[6] پيوَند پَتوڙيا.[7]

سُرڪي سَوائِي سِڪَ جي رکن ٿا. پلپل پريمي پِڪَ بِي پيئـن ٿا،
مَستن مَئِيءَ تئون، مُنهَن ڪِينَ موڙيا.

وِسُوڙَل[8] ويچارا ٻاڏايون ٻاڏائن، ويٺا وِرهَ ۾ وَرَ لئہ واجهائن،
ويتر سِپ وَتاٽا، وِندُر ۾ وَؤڙيا.[9]

دفتر دِروني پڙهيائون پرت سان، "مُحمّدؐ" لڳا ويا قديمي ڪِرت[10] سان،
ويـڙهي ورق سارا، ٻيائيءَ جا ٻوڙيا.

---

(1) تالَ-ناز نخرا-سهڻن وارن جا وَر وَڪڙ، (2) سُهڻائي- ناز و ادا، (3) عاشق ڪيا- موهيا، (4) زوراوَر، (5)ڇِڪَ- اُڪِيرَ، (6) نظاري، (7) گِهِلَ ۾ پيا- ڪَشالن ۾ پيا، (8) ٻالا ڀولا-سادا- صاف دل، (9) ڳوليا، (10) ڪَمُ- ڌنڌو.

ڪافي-576 (سُر بَنسُ)

دَبِ جَهلين تان دير ڪرين ڇـو، عاشقُ نامُ سَڏاءِ پوءِ.

ڪُلفتَ[1] ڪِينو ڪَٽِ ڀئي تون، محبت مَڄ مَچاءِ پوءِ.

مُڙسِي پانوَرُ[2] تو ۾ ناهين، جَڳَ جِي جوءِ سَڏاءِ پوءِ.

ظاهر جا تون ٽَڳا[3] ٽوڙين، باطِنُ[4] کي بَناءِ پوءِ.

تَقوي[5] طاعَت[6] تَرڪُ ڪري ڇڏ، بره جي بانگ ٻُڌاءِ پوءِ.

حق هاديءَ سان هڪ ٿي وڃ تون، غافل غير وڃاءِ پوءِ.

"مُحمّد" دل رک حاضر ناظر، غازي گامُ[7] وَڌاءِ پوءِ.

---

(1)نفرت، (2) پاوَر-طاقت، (3) لاڳاپا- واسطا، (4) اندر- ڳُجهه- دل، (5) پرهيزگاري، (6) فرمانبرداري،
(7)قد

ڪافي-577 (سُر تِلنگُ)

عشق وارا اَٽموٽَ، موٽڻ تن کي مَيارُ ٿيو.

ڪُويا[1] ڪاهِن ڪَستَ[2] منجهارئون، چَنچَلُ[3] ڏٿي ٿو چوٽَ،
برهه برابر بارُ ٿيو.

گهيرَ اِنهيءَ ۾ گهاتُو گهِريا، گيڙُو ٻَڏِي سي گهوٽَ،
جُنگَن[4] جُهدَئون[5] جارُ[6] ٿيو.

"مُحمَّد" مانجهِي ڪِينَ مُڙن ٿا، آنَ[7] رکيائون نہ اوٽَ،[8]
نِينهُن سندن نروار ٿيو.

---

(1) بهادر، (2) جوش، (3) چِلولو-دادلو-البيلو (4) پهلوانن، (5) ڪوشش سان، (6) جوش-جذبو، (7) مڃتا -اَتڪَ-رَنڊڪَ، (8) پردو - لِڪَ.

ڪافي-578

(سُر ٻَنسُ)

ٻيان سڀ ڳالهيان مُڪِ[1] ڳِيان هِن،[2] ڳالهه هِڪا هُڻ هِردي[3] هئي.

سِر دا سانگا جوئي لاهي، واقف اوئِي ڏُردي[4] هئي،
اِتان آوي ڪوئي عاشق، گهيڙ اِهين وچ گهِڙدي هئي.

ڳالهه اِهين ڪُون جوئي ڄاڻي، تُرمِيزان[5] وچ تُردي هئي،
شمع اُتي پرواني وانگُون، قير اِهين وچ قِردي هئي.

گِردانُ گِـرد[6] غُبار ۾ غازِي، صاف صفا تي سُردي[7] هئي،
ڪَنڌِي جنهن ڪُون ڪِنار نهين، ڪِين ولايت ڪِردي هئي.

همت والا هَردَم هادي، چُست چالاڪي چُردي[8] هئي،
”مُحمّد“ ڪُون رڳ رڳ دي وچ، نام اُهِيندا وِردي[9] هئي.

---

(1) ختم، (2) آهن، (3) دل، (4) ڏريان – شروع ڪان، (5) ترازُو- ساهمِي، (6) چوڌارِي- هر طرف، (7) سَرَن ٿا- هلن ٿا، (8) چُرن ٿا- هلن ٿا، (9) وِرد-ذڪر.

نوٽ: مُڪِ ڳِيان هِن - معنيٰ= ختم ٿي ويون آهن.

ڪافي-579

(سُر پيرو)

مُــڙ نہ مَلامَت ڪئون، عاشق تي سِرويچُ.[1]

اصل روز اَلستَ ڪئون، پيو پِريمِي پيچُ.

همدم هادي حق سان، تي تون هاڙِهِي[2] پيچُ.[3]

پنيورئون بيزار تي، ڪاهي ماڻج ڪيچُ.

در تنهنجي تي لکين لِيلائِن،[4] "مُحمّد" بِي آهيچُ.[5]

---

(1)سرجوسانگو نہ ڪندڙ- بهادر. (2)راند جو اڳواڻ. (3)ساٿي رانديگر. (4)آزيون نيازيون ڪن. (5) گَهٽ - ادني.

ڪافي-580

(سُر پَٽ مُجرِي)

برهه ۾ بانڪا بَهاريا، موج مستي تا ماڻِن.

بحر اُونهي منجهه پيا، وجي يار سان يَڪ رَنگ ٿيا،
لاَ نَفِيءَ ڪئون لنگهي ويا، اوُج اَثباتي آڻِن.

سانگ صفاتيءَ جو ڪري، منجهه عشق جي آيا اَري،[1]
زياده ذَوق ذري ذري، ڄاڻَ پنهنجي ڪي ڄاڻِن.

پنهنجو پاڻ ۾ وينا ڳولِن، ٻولي نہ ٻِي ڪائِي ٻولِن،
راهَ اَڄايا روڳِي[2] رولِن، ڪونہ ٻيو تَندو تاڻِن.[3]

خيال سان خيال مِلائي، حق ڪي هَرجا هَلائي،
غير جو قطرو وڃائي، لُوڻ پاڻيءَ مئُون ڇاڻِن.

مِيمَ سان "مُحمّد" مَتا، اِسرار اندروني عطا،
رمز رهبر جي رَتا،[4] وِرهَ ۾ واصُلَ واٽِن.[5]

---

(5) گُتجَن- گَنڍِجن.

كافي-581

(سُر تِلنگ)

بِرهين والا بارُ، جيهي تيهي نون چاوَڻ اؤکا.[1]

سِردا سانگا سَتِ ڪراهين، عاشق نا ڪر عارُ[2]
بارُ مَلامَت پاوين چؤکا.[3]

قدم هَتاوَڻ کم کُوڙان دا، جاگڻ دا رک جارُ[4]
سالڪ ٻهندا ثابت سؤکا.[5]

مُسلم مُورُ نہ آهيان مَئن، ذوق دا پهري زُنارُ[6]
دم دم دَردان دا هي دوکا.

پاڪَر جهاتي پاڻ ۾ پيهي، نِرتئون[7] نظر نِهارِ
مُحڪَم ماهر مَن وچ موکا.[8]

"مُحمّد" پاتا نال پِريت دي، هادي گِل وچ هارُ
وحدت وچ رَهندا وؤکا.[9]

(1) ڏکيو (2) شرم- حجاب، (3) سُٺو (4) فڪر- ڳڻتي، (5) سؤلو (6) مذهبي ڌاڳو جيڪو هندو ۽ يهودي پائيندا آهن، (7) ڏيان سان، (8) آزاد (9) [illegible]

ڪافي-582 (سُر پِيلو)

عُشاقان دِيان عام نہ چاٹن، اُلٹیان پُلٹیان ہولیان.

موج دریاہ ھئي لاھیان چاڑھیان، چوہُ[1] ڇَڏیندیان چولیان.

شَھنشاہ شَھباز شِتابِي،[2] باطن ڪانوِندا بولیان.[3]

ڇَشمان دي چمڪار چَنبيلي، دِید دَرُونِي[4] ڪولیان.

"اَنَاالْحَقُّ" آواز اِلاھي، لاشڪ ڏیندا لولیان.

سِر مال تي جِند جان سیوئي، نام تیڏي تُون گھولیان.[5]

"مُحمَّد" جیھان[6] لکین ھزارین، در ھادي دي گولیان.[7]

---

(1) تیزي- طوفان، (2) تیز-تکڙو، (3) بولاٽیون-ڇڪَر، (4) اندروني، (5) گھوریان- صدقو کریان، (6) جھڙیون، (7) ٻانھیون- غلام.

ڪافي-583

(سُر ويهاڳُ)

دوستائـــي ڏَبَ سان، اچا اِينڏءِ پيڙ، اچا ايـنڏءِ پـيـڙ،[1]
عاشق آهين اچ تون، جَهلِ جَهپيڙ جَهلِ جَهپيڙ.[2]

عاشقن کي اِمداد ٿي، اندر ۾ اُڪير، اندر ۾ اُڪير،[3]
وچ تي وينا ڪِين ڪِي، اِها سمجهائون سيڙهَ، اها سمجهاؤن سيڙهَ.[4]

خوشي تن کئون خواب ويو، نيشَن[5] وَهايائون نيرَ، نيشَن وهايائون نيرَ،[6]
راتيون ڏينهان روح ۾، رَڳُن رِيهان رِيڙهَ، رَڳُن رِيهان[7] رِيڙهَ.

گهڙا ڪٽي گهِڙي پيا، سچا ٽِپَن سِيرَ، سچا ٽپن سِيرَ،
ڪامل ڪارُونيار[8] ۾، چڳي لڏائون چِيڙهَ، چڳي لڏائون چِيڙهَ.[9]

تن لهر لوڏي ڪِينڪِي، نڪا لَنجَهه لِيڙَ، نڪا لَنجَهه[10] لِيڙَ،
ٻوٽاڙي ٻُڏَل کي، ٻِنِي ڏنائون ٻيڙَ، ٻِنِي ڏنائون ٻيڙَ.[11]

"تَرْكُ الدُّنْيَا واجِبٌ"،[12] طالـبـن تــقديـر، طالبن تـقـديـر،
هيڪاندا[13] وجي هڪ ٿيا، "مُحمّد" مُغان مِيرَ، "مُحمّد" مُغان مِيرَ.

---

(1) دٻاءُ-سختي، (2) جَهپيٽَ- ڏَڪَ- ڏَنگ، (3) سِڪَ، (4) سِيڙهَپ- وقت جو زيان، (5) زخمن- ڏَنگن، (6)ڀاڻي، (7) رڙيون-دانهون، (8) اُونڌَهه وارو جُهڙ- بيشمار گهرائي، (9) موتي- مَٽيو، (10) بيماري، (11)ٻيڙِي، وڻن جي ٻن ٽارن جي وچ ۾ سهارو، (12)"دنياکي ترڪ ڪرڻ ضروري آهي"، (13) ميلاپ

ڪافي-584

(سُر ڪسوري)

عشق ڄُهلي جن سِرَ تي آيو، ناتو نينهن نڀائن، قدم وڌائن.

آرَ[1] اَڏِيءَ تي اُمالڪ آيا، ڪامل ڪنڌ ڪپائن، نتا موٽائن.

عاشق اَڙٻنگَ[2] اصل اَويڙا،[3] ڳُجهي ڳالهہ ڳالهائن، ٻي نہ ٻڌائن.

اَنَاالُحَق آواز ڪَرِن ٿا، هرجا حق هُلائن، ڪِينَ لِڪائن.

بيخود بانڪا بِينَ وڄائن، خام خودِيءَ کي کائن، سِيسَ[4] نِوائن.[5]

محبت جي ميدان کي مانجهي ”مُحمّدؐ“ مرد مَلهائن، وِرهُ وَسائن.

---

(1) چاهَہ-ڪشش، (2) بي پرواهَہ - سَرڪَش، (3) ڏکيا- ڏِنگا، (4) سِرِ، (5) جُهڪائن.

ڪافي-585 (سُر ڪوهياري)

سُـــمـــرَڻيُون[1] نا سـورِ،[2] ويئو تون بِي اورِ،[3]
عاشق پنهنجي اندر ۾.

جوڳِي تُنهنجي جِيءَ ۾، ڏاهي وڏي آ ڏورِ.

ويهي وقت وڃاءِ نا، چاهئون چَرخو چورِ.

صافِي صاف صَرافُ[4] تي، تُرمِيزانَ[5] ۾ تورِ.

قرب واري ڪاتَ سان، قلب جي ڪارَنهِن[6] ڪورِ.[7]

ڪاهي پَئُ قُلزم[8] ۾، "مُحمّد" زوران زورِ.

---

(1) تَسبِيحون- تَسبيُون، (2) چورِ- ريڙهه- هلاءِ، (3) ياد ڪر، (4) سونارو، (5) ساهمِي- تَرازُو، (6) ڪاراڻ، (7) وَڍِ، (8)وڏو بحر.

ڪافي-586 (سُر پيروي)

جنهن پاڻ ۾ پيهي يار ڏٺو، تَنهنجي نِندَڙي وئي آرام ڦِٽو.

سالڪ سَنجهيئِي[1] سُجاڳ رهن، جُهدَ[2] منجهارئون جوان جاڳن،
هِي ڪَلَ ڪنهن کي ڪانه ڏين، جن جي مَن وسي تو مُحبُ مِٺو.

ويا وَرڻ ڪئون ڪِينَ وَرن، هلي همت وارا هامَ هڻن،
ڪاهِيُون ڪوڏ[3] منجهارئون قدم ڪڻن، ڏسي چشم سندو چمڪار چِٽو.

جُپ جُپاتِي چال چوراڻِي، پِيتِ[4] پِريتِ پالِن پُراڻِي،
جاڻَ وينا اُوهي اصلي جاڻِي، سُور سدا تن سِر تي سَٺو.

"مُحمّد" محبوبن سان سدا، هِڪُ دَمُ نہ آهي تن کئون جدا،
جِندُ جان ڪري تو سِر فدا، ڪيائون قُربَ قَدِيمِي ساڻ ڪَٺو.[5]

---

(1) سج لٿي کان ئي-رات جي شروعات کان ئي، (2) ڪوشش، (3) شوق- لاڏ، (4) پِريت- محبت، (5) گڏ.

ڪافي-587

(سُر ڀِهاڙِي)

رِيءَ عشق جي ڄاڻن نتا، عالِمَ عَقُلَ اَنڌيرَ جا،
حاصل نہ ٿيو حق تَنِين، غافل ڳَتا[1] آهن غَيرَ جا.

ظاهر چوان باطن چوان، اول چوان آخر چوان،
ويٺو ڏسان رَنگَ نَوان، سانول سندي سَيرَ جا.

هن حال جِي پِرتئون پَڇَر، جن کي لڳي تن کي خبر،
لُـڙَلاٽَ[2] جي ڏسي لَهرَ، گهاتُو[3] گهيڙا[4] تنهن گهيڙَ[5] جا.

وِيا پاڻ ۾ ٽُبِي ڏئِي، وسري ويا تن کئون ٻئِي،
سُڌِ سِيرَ جي تَن کي پئي، پانَهَ[6] پَڪا تنهن پيرَ جا.

هستي هَٽِي هوشيار ٿيا، مَستِيءَ جِي مَئِي خُمارَ ڪِيا،
لوڪَئون لڪِي پائن لِيا، پولا پَڳن ڀَوَ[7] پيرَ[8] جا.

صاف صافِي ٿيا صوفِي سَبِرَ[9] هنيائون خَرَ[10] کي ڪوڙي خَنجَر،
پَٽي پاڙ کان ڳانڍُوَ جا گَهرَ، "مُحمّد" مَدائِي[11] ميرَ[12] جا.

---

(1) ڳَتل-قاتل، (2) درياءَ جو ميرو پاڻي، (3) ٽوبا- شڪاري، (4) گِهڙندڙ، (5) پاڻيءَ مان لنگهڻ جو رستو،
(6)لائق-بهادر، (7) خوف، (8) نمونو، (9) سگهارا-طاقتور، (10) گڏهه (اصطلاحًا نفس)، (11) بُرائي،
(12) ميراڻ-خرابي.

كافي-588 (سُر كوهياري)

جن لڳِي چاڻن اُوهي، سِڪائتا بِي سِڪَن وو.

رِندَ رهن تا رُجَ ۾، جاتي آهُو[1] اُجَ مَرن وو.

اُونهي ئي عُمِيقَ[2] مئون، سُرڪِي صاف چَکَن وو.

راتيون ڏينهان روح ۾، وينا رَبُ گُهرَن وو.

ٻولي ٻاروچل جِي، ڪنهن کي ڪِينَ چَون وو.

وائِي سَدائِي[3] وات ۾، "مُحمّدا" محبوبَن وو.

---

(1) [illegible]

ڪافي-589

شوق ڪيا تہ شَهِيدَ، ٻِي شهادت ڪِينَ ڪِي.

ديدن ڪُٺا ديدار ۾، عَينُ تَنِن جِي عِيدَ.

شب روز شائق[1] شوق ۾، محبت منجهہ مَزِيدَ.[2]

اَصُل روز اَلست کان، جِنَ، مَلڪَ[3] مُرِيدَ.

سالڪ ويجها ساهہ کان، حاصل "حَبْلِ الْوَرِيْدِ".[4]

"مُحمّد" مانجِهي مامَ سان، وَرتل سي وَعِيدَ.[5]

---

(1) شوق رکندڙ- شوقين، (2) وڌيڪ، (3) ملائڪ، فرشتا، (4) نڙيءَ واريون ساهہ جون رڳون، (5) وعدي (قالوبلىٰ واري).

ڪافي-590

مستي ڪن تا مَقال،[1] هستي وارو حال هَضَمُ.

سالڪ سيني سَيرُ ڪَرِن تا، گوهر غازي گامُ[2] پَرِن تا،
ثابت سُرتِ سَنيال، خالي خطرن خيال خَتمُ.

لِڪي لوڪَئُون لِيئا پائن، هيڏي هوڏي ڪِينَ واجهائن،
دائم دَمَ دَمال، تَن مَن تُونهِين تارَ وَڳم.

آرَ[3] اَڏِيءَ تي جيڪي آيا، قربئُون ڪيئن ڪنڌ ڪَپايا،
موٽڻ تين مَحال، بيشڪ بانڪا تِيَڙا بَسمُ.[4]

"مُحمّد" مانجهي ڪِينَ مُڙن تا، جُهدئُون جوڳي جُنگَ جُڙن تا،
لوچي لذائون لَعل، اعليٰ اَفضل عَينُ اِسمُ.

---

(1) گفتگو- ڳالهه ٻولهه. (2) قدم. (3) شوق- ڪشش، ڪارائي يا ڪَرتُ. (4) بَسَمُ-خاڪ

(سُر پيلو)

ڪافي-591

عشق وارن ڪي اصلِي، قبر قيامت ڪِينَ آهي،
ڳالهہ ڳُجھي ڪي جو نا جاڻي، اُها نظر نابِين[1] آهي.

منجهہ وجود جي واهُ وَڄائن، بالا بيحد بِينَ آهي،
تارَ طلب توحيدي تڪڙي، ڪُفر نا منجهہ دِينَ آهي.

هڪ تيا وڃي هڪو جاڻن، ٻولِي تِنهِنَ ڪي ٻِي نہ آهي،
رمز رِنداني راه اَوِيڙِي،[2] زابر[3] زيبا[4] زَينَ[5] آهي.

جُوءِ اِنهيءَ ۾ جادِي[6] جاڳن، ڇَرِيَن اِهائِي چَينُ[7] آهي،
سڪ وارن ڪي سُڌِ سَيائِي، "مُحمّد" عشق اَمينُ آهي.

---

(1) اَنڌِي – نہ ڏِسي سگهندڙ، (2) ڏکِي – ڏِنگِي، (3) زبردست- طاقتور، (4) خوبصورت (5) سينگار- سجاوٽ، (6)جوڳِي فقير جيڪي جادَ يعني وارن جي ڏکِي چوٽي رکرائن، (7) سڪُون- آرام

ڪافي-592

غَير غُرور جي پاڙ پَٽي، صوفي صافَن صاف ٿيا،
آڏوتِي اَٿموتَ اصل ڪان، ويا وَرڻ ڪان ڪِين وَريا.

لاهُوتِي لاحَد ۾ پائن، لاثانِي لاشڪ لِيئا،[1]
پُر پيالي پريمي، خُمَرَ[2] خُمارَن[3] منجهه ڪِيئا.[4]

سَيُر سَيو تين عَينُ[5] عَيان،[6] "مُوتُوا قَبۡلَ"[7] مَري جِيئا،
راتيون ڏينهان ويٺا ٻاري، ڏِيلَ[8] پنهنجي منجهه ڏِيئا.

هَرجا هوڪو حَقَ هلائن، ڪِينَ رکن ٿا رِندَ رِيا،
ٻول اُنهن ڪي ٻاهر جيڪي، ٻُڏل ٻيائيءَ منجهه ٻيا.

"مُحمّد" موٽيا ڪِينڪِي، مانجهِي نازڪ ناتي نِينهَن نيا،
بي رِيائي بيخود بَندر،[9] وِيرَ وَحدت وَهلُور[10] ڪِيا.

---

(1) جهاتيون، (2) شراب، (3) نَشَن، (4) خوش-مست، (5) هُوبَهُو-ٺِيڪُ، (6) ظاهر، (7) "پنهنجي موت کان اڳ مرڻ"- يعني: پنهنجي نفس کي مارڻ، (8) جسم، (9) بندرگاه، (10) ويڳاڻا- اُداس.

ڪافي-593

(سُر جوڳُ)

دنيا عُقبيٰ[1] ڪئون بيزار، عاشق لا مَقصُود[2] رهن تا.

ذاتي ذوق زياده زابر،[3] رَڱ رَڱ رَليو[4] رَهبر،
ازلي عشق سندو آزار، سَنڌَ سَنڌَ سور سَهن تا.

وِرد وظيفا ڇڏيائون وساري، نفل نمازان روزا گُذاري،
طلب توحيدي تَن ۾ تارَ، پلپل پُورَ پون تا.

قبر قيامت هُل حَشَر جو، بهشتَ دوزخَ ڏوهَ ڏَمَرَ[5] جو،
وهم نہ آڻن ڪو ويچار، لُونءَ لُونءَ[6] لالُ لَهن تا.

بَحر بيچُوني[7] جيڪي گِهريا،[8] پائي پيرِ پوئتي نا ڦِريا،
"مُحمّد" مينگهہ مَلهار، وحدت وِيرَ وَهن تا.

---

(1) ايندڙ جهان، (2) بنا مقصد يا لالچ جي، (3) زبردست-ڏاڍو، (4) مليو، (5) ڪاوڙ، (6) وارَ وارَ، (7) جنهن جي خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي، (8) گهڙيا.

ڪافي-594 (سُر جوڳُ)

هِڪُ ٿيا وڃي سي هِڪَ ۾، خطرا وڃائي خامِي،[1]
”قَالُوٓا بَلٰى“ تــي قائــم، اَلــست ڪــان اَنــجامِي.

مَئي[2] ڪيا مَيامَتارا[3]، خالص خُمارَ خُماريا،
بانڪا وتن بَهاريا، مستي مَگهَن[4] مُدامِي.

ڏِيدانَ رکن تا دم ۾، دم رِيءَ نہ ٻي ڪم ۾،
غازي رهن تا غم ۾، بِره ٻي آرامِي.

ڪاڏي نتا واجهائن، اڪثريون اَکن ۾ پائن،
ناتو سي نِينهَن نيائن، نانگا نِسَنگَ[5] نامِي.[6]

”مُحمّد“ مَهيسِي[7] مَڃَ تي، سالڪ سَٽن تا سچ تي،
رهبر سندي رَچَ[8] تي، سُورهيہ سَباجها سامِي.

---

(1) ڪَچائِي-خرابي، (2) شراب، (3) ٻاجهہ ڀريا، (4) مست – خوش، (5) ظاهر-پڌرا، (6) نالي وارا- مشهور،
(7)جوڳين جو هڪ فرقو، (8) رَچائڻ- ڳاڙهو ڪرڻ- سونَ جو پاڻي ڏيڻ.

ڪافي-595

عاشق اَرڏا[1] اُلٽ اَويڙا،[2] ڪنهن ڪي لَڪَڻ[3] ۾ ڪِينَ اچن تا.

گُم ٿي گِيانَ ۾ گوهر غازي، جَنگِ چِڙيائون جَهڻا جهيڙا،
ڪنهن سان اُهي ڪِينَ ڪُڇَن تا

رانجهن رمز چَڪائِي تن کي، خارج پائِن خامِي[4] کيڙا،
رنگ اِنهي ۾ راسُ[5] رَچن تا.

سِرَ ڏين تا آرَ[6] اَڏيءَ تي، محبت وارا ڪَن تا ميڙا،
بانڪا[7] بيسِر ڪِينَ بَچن تا.

"مُحمّد" معنيٰ سمجهي سارِي، "نَحُنُ اَقرَبُ"[8] تيڙا نيڙا،[9]
نِينهَن ۾ نانگا ناتَ[10] نَچن تا.

---

(1) زوراوَر- ضِدِي، (2) ڏکيا- ڏنگا، (3) سمجهڻ، (4) ڪَچائي- عَيبُ، خرابي، (5) مڪمل-پورا-ٺِيڪُ، (6)شوقَ، ڪارائي-ڪرڻ (7) بهادر، (8) "(الله ج)اسان جي ويجهو آهي"، (ساه جي رَڳُن ڪان بہ)، (9) ويجها-قريب، (10)وڏا جوڳي.

ڪافي-596 (سُر تِلنگ)

عاشق مست عَلِيلَ،[1] گُمر رهن تا گوهَر غازِي.

دانَهَ[2] وِيَڙا ديس اُنهي ۾، دَوُڙائي تہ دَلِيلَ،[3]
رمز رضا ۾ تيڙا راضِي.

محبت جي ميدان اچن تا، ڪوڙِن[4] منجهہ قَلِيلَ،[5]
بانڪا ڪيڏن بره جِي بازِي.

حَد حِجابَن هِيٺا ڪَيَڙا، زورئُون زور ذَلِيلَ،
مامَ[6] نہ ڄاڻن مُلاَّ قاضِي.

دَستُ ڪنيائون دارين[7] ڪئون، جُڙيا[8] رَب جَلِيلَ،[9]
طلب تِنِن ڪي آهي تازِي.

"مُحمّد" مانجهِي مرد مُڪمِل، خالق خُلق[10] خَلِيلَ،[11]
هرصورت سان ڪن پيا آزِي.[12]

---

[1] بيمار، (2) سياڻا، (3) خيال-گُمان، (4) ڪِروڙن- حساب کان ٻاهر، (5) ٿورڙا، (6) راز، (7) ٻنهي جهانَن،(8)مليا-ڳنڍيا، (9)بُزرگ-وڏو، (10)سٺي عادت- مُروَتَ (11)سچو دوست- حضرت ابراهيم عليه السلام جولَقبُ،(12) التجا- منتَ- انڪساري- نوڙت.

كافي-597 (سُر پيروي)

مَحبُوباڻِي مامَ،[1] سالِڪَ سمجهن تا سِڪَ ۾.

خاص خبر خاصَن کي، ڪَلَ[2] نہ آهي عامَ،
ڀَئي[3] ڀَڃِي تيا ڀِڪَ[4] ۾.

عاشق شودا[5] وڃي اوچتو، دوستَ ڦاسايا دامَ،
لَعلُ لَڏائون لِڪَ ۾.

هاديءَ هتارئُون هوتَ جي، جُنگَ پيتائون جامَ،
پُر تيا سي پِڪَ ۾.

اَصُل روز اَزل کان، نانگا نِهوڙيا[6] نامَ،
نازڪ ناتو نِڪَ[7] ۾.

وارُ وِڃِي نہ هڪڙو، "مُحمّدُ" مرد مُدامَ،
هِڪُ تيا سي هِڪَ ۾.

---

(1) راز – ڳُجھہ، (2) خبر، (3) ڀَئُو-خوف، (4) ڀَرِ- ڪَنڌِي-ويجهو، (5) حرڪتي- لُچا، (6) ناسُ ڪيا- نابود

ڪافي-598 (سُر تِلنگُ)

عاشقَ اُلَٽُ[1] عُمِيق،[2] سِرَ پِرِ سامهون سَيُر ڪَرِنِ[3] ٿا.

اصل سچاڻي اَمينَ ٿيا، رهبر ساڻ رَفِيقَ،[4]
ويا ويراڳي ڪِينَ وَرن ٿا.

اَڻَلَڪَ آهن عاشق اَزلِي، ديوانا تہ دَقِيقَ،[5]
"مُوتُوا قَبۡلَ"[6] ماڳ مرن ٿا.

حرف هدايت هَٿِ ڪيائون، حق سان ٿيڙا حَقِيقَ،[7]
محبت واري مَچ ٻرن ٿا.

"مُحمّد" مانجهِي مست ٿيا هِن[8]، شائق شوق شَفِيقَ،[9]
دَرِ هاديءَ جي دَستُ[10] ڌَرِنِ[11] ٿا.

---

(1) اُبتو-اُبتا، (2) گهَرو پاڻي- وڏو سمند، (3) ڪَن ٿا، (4) ساٿِي، (5) مشڪل- ڏکيا-بارِيڪ، (6) "مرڻ کان اڳ مرڻ يعني نفس کي فنا ڪرڻ"، (7) لائق- قابل، (8) آهن، (9) مهربان- پيار ڪندڙ-رحم ڪندڙ، (10) هَٿُ، (11) رکن ٿا، [نوٽ: دَست ڌَرڻ= هَٿَ ٻڌي عرض ڪرڻ].

ڪافي-599

(سُر تورِي)

دل ڦُري وجي دَستِ(1) ڪَيئِي، تون بِيٺين ڪَس(2) ڪوهَ(3) تي،
ڪَلَ اِها مون کي ڪانہ پئي، ڊاءُ(4) ڏئي وئين ڊوهَ(5) تي.

دل مُئِيءَ کي وئين جياري، ناز مئون ڪَيَڙءِ نظر،
گاس(6) ڪَيئِي گَهڪا ڏئي. پارس لڳو آ لوهَ تي.

جي گهِڙيا هن گهيڙَ ۾، تن پئي سارِي خبر،
لَهَر جا لوڏا ڏئِي، ڇوليُون اڇن تيون ڇوهَ(7) تي.

ڪُونڌَ(8) ڪُويا(9) ڪوڏَ(10) مئون، ڪاهي هليا ڪا ڪِيُون(11) قَصَر،(12)
وَسَنوَ(13) نہ ويجها ويا، رِڻَ چڙهيا رِندَ روهَ(14) تي.

وِرهَ واري واٽ تي، سِڪَ جو ڪنيائون سَمَرُ،(15)
محبتي "مُحمّد" مَلهاريا،(16) موج مِلَتِ(17) موهَ(18) تي.

---

(1)هَٿ ۾، (2) هٿ ڇُراند- ڪَئونس، (3) پَٽِ پَٽان ڪرڻ- حرڪت ڪرڻ، (4) ڊِپ- خوف، (5) ٺڳي-فريب، (6) گَسَڻُ- رَڳَڙ- ميلاپ، (7) تيزي- طوفان، (8) بهادر-پهلوان- سگهارا، (9) بهادر، (10) شوق، (11)ڪاڪِ جو جمع- ماڙيون، (12) مَحلات، (13) آبادي، (14) جبل، (15) راه جو سِيڌو سامان، (16)باغ بهار ٿيا- برسات جي موسم جو مزو ورتائون، (17) ميلاپُ، (18) دل کي وٽڻ- عشق- لالچ.

ڪافي-600 (سُر تِلنگ)

عاشق تِي اُٿموٽُ، ڪوٽِ چڙي ڏي، ڪاھوڙِي تِي.

بَنِي بره جي ڀاري بَرسَر،[1] پَچِي تي تون روٽُ.[2]

همت سان هوشيار تي، سُستِي چڙي تي سوٽُ.[3]

چڙه چوڏيلَ[4] پريم جي عاشق، چاھَئون چَلپَل[5] چوٽَ.[6]

"مُحمّد" مرد ميدان ۾ اچ تون، گيڙُو پَهري[7] گهوٽَ.

---

(1) متي تي، (2) ٿلهِي ماني-سوڪَ ماني- مِنِي ماني، (3) سخت-چِڪيَل- مضبوط، (4) وڏي ڏولِي- وڏي پِينگهَ، (5) جَهٽِ پَٽِ- يڪدم، (6) متاهِينءَ تي، (7) پائي.

(سُر سُهڻِي)

ڪافي-601

ذات ۾ جي ضَبُطُ[1] تيا، سي دَستُ[2] ڪڻن دارَيُن.[3]

ڪڏهن رهن ڪِينڪِي، ڪامل منجهه ڪَونَيُن.[4]

هڪ تيا وجي حق سان، جيئن قابَ قَوسَيُن.[5]

"فَاذۡكُرُونِيۡ اَذۡكُرۡكُمۡ"[6] دانهون ڪن دارَيُن.[7]

لاَمَڪانِي لاثانِي، لاهُوتِن جي لَيُن.[8]

"مُحمّد" مُڙيا ڪِينڪِي، عَينَ[9] اَڙائي عَيُن.[10]

---

(1) نگرانيءَ ۾ آيا- پابنديءَ ۾ آيا- قبضي ۾ آيا، (2) هَٿُ، (3) ٻنهي جهَانَن ڪان، (4) دين ۽ دنيا- ٻنهي جَهانَ، (5) ٻن ڪَمانن جي وچ وارو مفاصلو، (6) اللهﷻ فرمائي ٿو تہ: "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي" (7) ٻنهي جَهانَ، (8) صف- قطار- لِيڪَ- رستو، (9) اکيون، (10) حق سان.

ڪافي-602 (سُر آسا)

مَحبُوبَن جو ماڻُ،[1] عاشق سِرَ تي صاف سَهَن ٿا.

گُم تي گوهَر[2] گِيانَ[3] گُرون[4] ۾، وچئون ڪڍي پنهنجو پاڻُ،
لَعلُ لاثاني لاشَڪ لَهن ٿا.

لڳَڙن روز اَزلِي ريهو،[5] پاروچَل جو پاڻُ،[6]
رمز رِندانِي راز رَهن ٿا.

"فَذۡ کُرۡ"[7] وارو فَهمُ[8] فَياضِي،[9] ڄاڻِي خود اِهو ڄاڻُ،
قول قديمي ڪَلامُ ڪَهَن[10] ٿا.

"مُحمّدؐ" مُحڪم مامَ اِنهي ۾، سَيّد ڪي ڪري ساڻُ،
وحدت واري واتَ وَهَن[11] ٿا.

---

(1) ماڻُو-ناز نخرو، اَنگَلُ- وَزن، (2) سچا موتي، (3) روحاني علم، (4) گُرُؤَ-مُرشدَ، (5) ريهُہ- ٽانڪو- ميلاپ، (6)تِيرُ، (7) "فَذۡ کُرُونِيۡ اَذۡ کُرۡ کُمۡ " يعني: "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي" ارشادِ رَباني، (8) ڄاڻَ، (9)فَيضَ وارو، (10) چَون ٿا، (11) هَلن ٿا، وڃن ٿا.

(سُر راڻو)

ڪافي-603

عاشق رهن عَلِيلَ،[1] مست مُدامِي موجَ ماڻِن ٿا.

يــادگيري يــار جي، دوڙائي تہ دلِيل،[2]
آبُ[3] اَکِن ۾ اَلستِي آڻِن ٿا.

رِندَ رَمزَ سان راهِي روانا، جارِي رَبَّ جَلِيل،[4]
طرف نہ ٻي ڪنهن تاڻِن[5] ٿا.

اَڻَ لَکَ عاشق آهن اَرڏا، ڪوڙِن[6] منجهہ قَلِيل،[7]
وحدت واصل وِيــرَ واڻِن ٿا.

"مُحمّد" بانڪا بي پَرواه ٿيا، زِيرَڪَ[8] ناهِن ذَلِيل،
جانِّ اِهوئِي چولِ[9] چاڻِن ٿا.

---

(1) بيمار. (2) خيال- گُمان- وِيچارُ ڪري. (3) پاڻي- ڳوڙها. (4) بُزرگ - وڏو. (5) لَڙن ٿا- ڇڪجَن ٿا. (6)ڪِروڙَن- بي شُمار. (7) ٿورڙا. (8) ذَهِين- هوشيار. (9) هَلتِ- چالِ.

ڪافي-604 (سُر ويهاڳُ)

محبت جي ميدان ۾، عاشق ٿِي ڪو اچي،
نِينهَن جو نقاب کولي، نانگو ٿي ڪو نَچي.

اَنــدرُوني آءُ[1] تـــي، وَحـــدتِي واءُ تـــي،
شَمعُ جي شُعاعَ[2] تي، پَتنگ ٿي ڪو پَچي.

اَڏِيءَ سندي آرَ[3] تي، تيز تِکِي تَلوارَ تي،
پورو پَهرين وارَ تي، رِندُ ٿي ڪو رَچي.[4]

حقيقي حَوال ڪان، برهَ بَحال ڪان،
غازِي غَيرَ خيال ڪان، بانڪو[5] ٿي ڪو بَچي.

پِياسَ[6] پَرمُ[7] پُورِي، سِڪَ سدائين سُورِي،
ڪامَڻ[8] سَندِي ڪُورِي، ٿاهَرُ[9] ٿي ڪو ٿَچي.[10]

آڏاڻا[11] اوڏهِين اَڏي، گوهَر سان دل گَڏي،
هَستِيءَ جي حد ڇڏي، هِيٺو ٿي ڪو هَچي.[12]

هاديءَ جي هدايت، شاهِي آ شَفاعَتَ،[13]
"مُحمّد" مَحويَت،[14] مَستُ ٿي ڪو مَچي.

---

(1) سَڏ. (2) روشني، (3) چِڪَ-شوق. (4) رنگ ۾ رَڱجڻ- لالُ ٿئي. (5) بهادر. (6) اُڃَ- عشق جِي سِڪَ. (7) اعليٰ- اُتم، بَرتَر. (8) سَرَڻ- پَچڻ. (9) ٿَهندَڙُ- ڏجي پَجندَڙُ. (10) ٿهڪي- اُبِري. (11) ڪپڙي اُٺَڻ جو اَڏو يا ماندڻ. (12) دل سان لڳائي- پسند ڪري. (13) ڇوٽڪارو- گناهن جي معافيءَ لاءِ سفارش. [رسولِ ڪريم ﷺ ڪرڻ فرمائيندا]. (14) خيال ۾ گُم ٿيڻ.

ڪافي-605

اِشارا اَکن جا، عوشاقَن اَچن ٿا،
مَنجِهه ئِي مَچ مُحبتَ، مُدامِي مَچن ٿا.

عاشق اَصل اَٽانگا، پاڻ گلا جا گهانگها،[1]
نادر نينهن جا نانگا، نازڪ ناٿَ[2] نَچن ٿا.

نِينهَن نِيشان ڪوڙيا، ٻولَ ٻيائِيءَ ٻوڙيا،
وحدت وِرهَ وَڪوڙيا، بانڪا[3] ڪِينَ بَچن ٿا.

ڪُوپا[4] قدم ڪُڏائِن، پير نہ پوئتي هَٽائِن،
واه جو وکَ وَڌائن، گانڊُو[5] گَپَ گَچن ٿا.

عشق جي آڙاهَ ۾، رهبر سَندِي راهَ ۾،
ڪامل ڪاهو ڪاهَ ۾، پَتنگَ جُوان پَچن ٿا.

"مُحمّد" مُغان جي مامَ سان، غازِي گوهر[6] جي گامَ[7] سان،
اَچن وَجن آرام سان، رمز رِندانِي رَچن[8] ٿا.

---

(1) پڳل نڪر جي ٿانوَ جي ڳچيءَ وارو حصو [گِلا جا گهانگها= پنهنجي بدنامي ڪٽندڙ]. (2) وڏا جوڳي،
... (5) بزدل- بي همت. (6) سچا موتي. (7) قدمَ. (8) رڱجن ٿا- لال ٿين ٿا.

داستان: سَوزِ عشق

ڪافي-606 (سُر تلنگ)

نازِ وارن سان نماڻا، ڪِينَ ڪِي ڪُڇَندا ڪَڏهِن،
جوش جذبي دار آيو، تابَ ڪئون بيتابُ تَڏهِن.

زُلفَ جي زنجير ۾، قيد ٿيا ڪُوِيا[1] ڪيئي،
هوش مَئون حيران ٿيڙا، جان ڪئون بيجان جَڏهِن.

اِنتظارِي عاشقن ڪي، دوست جي ديدار جِي،
دُور ٿيا دارَينَ[2] ڪئون، هَٿيا حُسن ڪئون نا هَڏهِن.[3]

قياس ڪئون بيقياسُ ٿيا نا، نِينهَن وارن جو نِياءُ،[4]
مست "مُحمّد" ڪي ڪري ويا، ڪامَڻَ[5] لَئِہ ڪُوري ڪَڏهِن.[6]

---

[1] بهادر- سُورهيہ، (2) ٻنهي جَهانَن، (3) هرگز، (4) انصاف- فيصلو، (5) سَرَڻ- پَچَڻ، (6) ڪَڏ ۾.

(سُر تلنگ)

ڪافي-607

ذوق زياده زور، شور مچائي شهباز تي.

ڪَپي ٽُڪي ڪَهڪاءِ ڏي ميان، مَنجهانئُون ماس خور.

ڳُجهو وڙهي تو ڳُجهَ ۾ ميان، چالاڪِيءَ سان چور.

موجان موج وَڏاڻ[1] وِيربون ميان، جيئن درياه ڪي دوُر.

شُعاعَ شمع پروانو ڪيو ميان، فدا فوراًفور.

آتش عشق اُجهامي ڪِين ميان، ”مُحمّد“ اوُران اوُر.

---

(1) وڏيون وِيرون، لوهارن جي وڏي مُترڪي کي بہ وڏاڻ چئبو آهي.

(سُر پيروي)

ڪافي-608

جي تون چُڻين پيارا، نِيشان مان بِي آهيان،
جي تون شمع شِتابِي،[1] پَروان[2] مان بِي آهيان.

تُنهنجي عشق ۾ اُداسِي، بيجان تو قِران مان،
هِي سِر وَئين تون سهڻا، نَذرانُ مان بِي آهيان.

بيرنگ بنائي بازي، کَٽندين تون گوءِ غازي،
فُٿ بال جي هُجين تون، مَيدان مان بِي آهيان.

عَينَن جا ڏئي اِشارا، حيران ڪَيءِ هزارين،
ڪولين اڪيون تون سهڻا، خَواهانُ[3] مان بِي آهيان.

"مُحمّد" مُدام مؤلا، طالب طلب اوهان جو،
سُلطان جي هجين تون، دربان مان بِي آهيان.

---

[1] تيزتجليءِ واري، (2) پروانو پتنگ، (3) چاهيندڙ.

(سُر پيروي)

ڪافي-609

اعليٰ عشق ڪري آيو اوُجَ[1] عَزمُ،[2]
گُــرَ گِيانَ ۾ تي ويو گهُونگَهٽُ گُم.

لَئون بره آني واه جِي لائِي، تي وئي سَراسَر نُور صفائي،
ظُلماتِ[3] مَنجهئون جانيءَ جوت جاڳائي، هوشيار بيدار تي ڪِينَ سُتُم.

نفل نمازان تَقويٰ طاعَتَ، زُهدَ ذِڪر يانيان ضَعفُ ذِلتَ،
معاف مڙيئي ڪيائين موهُ[4] مِلتَ، امداد عطا تيو عين اُتم.

پــڙهه سوزَ بــرهَ جو ساري سبق، غيــر نہ آٽين چاٽــي حَقُ الْحَقُ،
"اَلْعِشْقُ نــارٌ يُّحْرِقُ"[5]، جــذبو جــوش، جَنگِي جــولانُ[6] جُتُم*.

ٻنهِين هَٿين هنيائين ٻاڻُ[7] ٻَنگي،[8] وڌائين وِيرَ وَحدتَ واري ۾ وَنگي،
مؤجَ "مُحمّد" مهر مَنگي، ڳُڻَ ڳالهه اِنهيءَ ۾ يارَ ڳُتُم.

---

(1) بلندي- مٿاهون، (2) ارادو، (3) اونداهِي، (4) لالچ، (5) "عشق ساڙيندڙ باهه آهي"، (6) وِلولو- جذبو
(7) تِير، (8) قابو ڪري، ٻَڪُ وجهي- ڦاسائي، * جُتم = ڳنديُم- لڳُم.

(سُر پيروي) • ڪافي-610

ڪر شور شاهنشاه شؤق آيا، بَن ذاتي والا ذَوُق آيا.

جَڏان مَخفِي ٿيا اسرار عَيان،[1] باطن بيحد بيرنگ بيان،
تِس[2] طالب ديان تَپايان تَيان، ايهو نينان والا نوُڪَ آيا.

تجلي تاب حُسن بيتاب ڪِيتا، ساڏا هوش عقل سڀ حواس نِيتا،
هُڻ محض مشتاق نہ مَرتا جِيتا، ايهو چٽنچل دا ڪوئِي چوڪَ آيا.

ڪَڏان ڪفر دا ڪم ڪريندا هئي، ڪَڏان مذهب ڪُون نہ مَجيندا هئي،
ڪَڏان مسلم پاڪ سَڏَئيندا هئي، ڪَڏان اَمرنَهِي[3] ڪَنُون فَوقُ[4] آيا.

جِتان سُورِي ڪُون سَرانجام ويکَن، اُتان غازي پَرڪي گام[5] آوَن،
"مُحمّد" گيت آنَاالُحَقُ سي ڳاوَن، ايهو ڳَل مَلامت طوقُ[6] آيا.

---

(1) ظاهر (2) تنهن، (3) اَمر= حڪم - نَهِي= منع ٿيل، اللهﷻ طرفان ڪن ڪمن ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ڪن شين ڪان منع ٿيل آهي، (4) مٿاهون، (5) پير، قدم، (6) ڳلي جوهار يا پَٽو.

كافي 611 (سُر آسا)

رَڳان مڙيئي تِي رَبابُ[1] وي، وحدت ساڻ ويراڳي وَڄائين.

"اَلعِشْقُ نَارٌ"[2] مَڃ مَتل تِي، ڪُڏِي تِيءَ تون ڪَبابُ،
جان جگر جِيءَ جسم جَلائين.

ڪڍي ڇڏ تون وجود پنهنجي مَنُون، دُوئِي دغا دولابُ،[3]
هَرجا حق موجود هَلائين.

ڪر خُلاصِگِي[4] خيال خوديءَ ڪئون، بيخودي پڙهه بابُ،
مرد منصوري ميدان مَلهائين.

"مُحمّد" هِن جَڳَ منجهه تِي جِيوَڻ، بنا عشق عذابُ،
جي تون سُرتِ[5] سَرِيرَ[6] سَمائين.

---

(1) ساز جو هڪ قسم، (2) "عشق باهه آهي"، (3) دوڪو-ٺڳي، (4) آزادي- عليحدگي، (5) هوشياري، (6) جسم.

ڪافي-612 (سُر آسا)

بِرهَ لائِي آ بَهِيرَ،[1] دم دم دردمندن جي دل تي.

ڦَٽَ ڦُوهَن[2] تا چاڪَ[3] چِڪَن[4] تا، جان جگر منجهه جِهيرَ.[5]

مَحويتَ[6] مٺخاني مَٽَ تَئُون، سُرڪَ پِيَن اَڪسِير.[7]

اصلي آدُوتِي عشقَ اَلهُوتيا،[8] فيراقِي تہ فقير.

لاشَڪ لاغَرضن ڪئُون لڳڙا، تيز تِڪا تن تِيرَ.

سُورِہ ايندا سِرُ سَٽيندا، "مُحمّدؐ" ڪي مَهِير.[9]

---

(1) لشڪرڪَشِي- حملو (2) تازا ٿين ٿا، (3) چِيرَ- زخم، (4) تازا ٿين ٿا، (5) وَڍَ- چَهڪَ، (6) خيال ۾ گم ٿيڻ، (7) هِڪَ ٻِڪَ دوا، (8) نشي ۾ ٻُب ٿيا، (9) دلير- بهادر.

ڪافي-613

(سُرپيم)

شَربتي وَصل وَحدَةَ، ويچار عاشقن کي،
شب روز شوق شاهي، انتظار عاشقن کي.

عاشق سودائي سخت، امداد عجيبن،
ناسُور ناتو نينهن جو، نروار عاشقن کي.

قــابُو قَفَـسَ[1] قَيــدُ بَـنـدُ دَوامِي،[2]
زنجير زُلفَ[3] ضابطو، زُنّارُ[4] عاشقن کي.

سِرَ ڀِرِ سَرَڻ سُورِيءَ سَوادُ سالِڪَن،
موتَ مَحض مُحبَتِن، مَيارُ عاشقن کي.

قول تي قدم رکي، "مُحمّد" مُقيم[5] ٿيا،
مَطلُوب تن موجود آ، ديدار عاشقن کي.

---

(1) پِڃرو، پڃري ۾. (2) هميشه جو. (3) وارَ. (4) جَڻيو ڌاڳو- هندو گلي ۾ پائيندا آهن ۽ مَجوسِي چيله ۾ ٻڌندا آهن- هڪ مذهبي رسم اٿن. (5) قائم رهڻ.

ڪافي-614 (سُر ﭘﻴﺒﻢ)

عشق ٿِيُم اُستاد، سُورن جو جنهن سبق پڙهايو.

سُکَ سِيبائن عيش نہ عشرت، بره بنا برباد،
لَهر لطيفي لُڙَ ۾ لوڙهايو.

اڄ ڪَلهہ نانُهِنَ اَلستِي مليو، عوشاقن اِرشاد،
سُورِيءَ تي تن سِر چڙهايو.

خَرَ[1] کي خَنجَرَ خَفِي[2] کوڙي، ماري ڪيائين ماڊُ[3]،
تَکبر تَهدل توڙئون تَڙايو.

سڪ سيني ۾ صاف سچائي، عين سدا آباد،
جانب سان جنهن جِيءَ جَڙايو.

"مُحمّد" هِردي حاصل ٿيڙو، باطُونِي بنياد،
هادي همدم خيال اَڙايو.

---

(1) گَڏَهُ- نفس ڏانهن اشارو آهي، (2) ڳُجهو (3) خوشي ملهايائين.

ڪافي-615 (سُر پِيم)

دردن جي ڏمَ ڏامَ،[1] آهي اندر ۾ اَوَجَ اَلستِي.

راتيون ڏينهان روئڻ راڙو، مَن اندر ماتامُ،
هِردي[2] هلي وئي ساري هَستِي.

مامَ ملائي خيال اَڙائي، گهڙي ڪٺان تو گامَ،[3]
واصل وحدت واري وَستِي.[4]

تَهدِل[5] تَنواريان[6] پلپل پڪاريان، آهيان نِهوڙيل[7] نامَ،[8]
سؤدو صفائي دَستِ بِدَستِي.[9]

خاص حقيقت خاصا ڄاڻن، ڪَل نہ آهي عامَ،
رمز رنداني ناهين سَستِي.

"مُحمّد" ڪي آ هادِي مَهدِي، جُنگَ[10] پياريو جامُ،
مؤج مدامي معنيٰ مَستِي.

---

(1) ڏومَ ڏام = جشن- خوشي، رونق، (2) دل- قلب، (3) قدم، (4) بستِي- آبادي، (5) دل جي گهرائيءَ سان، (6)ٻوليان-اَلاپيان، (7) ناس ڪيل- غرق ڪيل، (8) الله جي اِسم ۾، (9) هَٿوهَٿ، (10) وڏي- بهادُر.

كافي-616 (سُر پيبم)

آزار عشق جو، ديدارَ ساڻ ويندو،
دل جو زخم ڪَيَل، وڏي پيارَ ساڻ ويندو.

دل جي دوا اي دلبرَ، تو کان سواءِ نہ ملندي،
تُنهنجي مَلم پـٽيءَ، آڌارَ[1] ساڻ ويندو.

آيا طبيبَ ڪيئِي، بيمار جي ڏِسَڻ لئہ،
واقف ناهِن مرض جا، ويچارَ ساڻ ويندو.

حالت ڏِسي هِيءَ منهنجِي، لُقمانُ بيٺو لَرزي،[2]
پُٺتي وراڻي پُڙيُون، لاچارَ ساڻ ويندو.

خطرا خيال ڏاهي، هڪ خيال ياد ڪيائين،
مُشتاق آهي "مُحمّد". منٺارَ ساڻ ويندو.

---

(1) آسري- اميد، (2) ڏَڪي -دجي.

(سُر ڪسوري)

ڪافي-617

بره جي بازي سمجهڻ مشڪل، اُلٽي چال چَليندا هئي.

ڪَڏان وَت[1] جهگڙا جهيڙا جهيڙيندي، ڪَڏان وَت يارَڻ يار سَڏيندي،
ڪَڏان وَت روئڻ نال ريهيندي، ڪَڏان وَت ڪِل اَليندا هئي.

ڪَڏان وَت پَڙڪا باهه ٻَريندي، ڪَڏان وَت اندر ٺار ٺَريندي،
ڪَڏان وَت مُشتاقان نُون مَريندي، ڪَڏان وَت جگر جَليندا هئي.

"مُحمّد" ويڪو عشق اِشارا، دَستِ بِدستِي[2] سؤدا سارا،
ڪَرِگهِن[3] سيگهُه سولا وارا، صَحِي نه بات ٻَتَيندا هئي.

---

(1) وري، (2) هٿوهٿ، (3) ڪري وٺ.

ڪافي-618 (سُر ڪسوري)

بَرسَر بِره بهادر آيا، يُليان بيهُوديان باتيان نِي.

جَڏان آواز اَلَسۡتُ سُڻيائون، قَالُو بَلىٰ جو قُرب لَڌائون،
فَاذۡكُرۡ فرض فنا پڙهيائون، لُونءَ لُونءَ[1] دي وچ لاتيان نِي.

جَلوه جوش جَلالي آيا، دُرس ديدار دا ڏُم مَچايا،
همدم هوش حواس گَنوايا، لڳيان قرب واليان ڪاتيان نِي.

نوبَت نِينهن نغارا وَڳڙا، ڪوٽ ڪُفر دا بيشڪ ڀَڳڙا،
تن من اندر تاران وَڳڙيان، سوز واليان سُرساتِيان* نِي.

”مُحمّد“ مؤج مُدامِي مُحڪُم، رهبر سائين رنگ رَسايُم،
پلپل پيش پِريان دي آيُم، سِڪ واليان سَوغاتِيان[2] نِي.

---

(1) وارَ وارَ. (2) سُوکڙيون- تحفا.

* سازسامان.

كافي-619 (سُر ڪسوري)

بنا ديدار دلبر جي، دل منهنجي آ ديواني،
جيتر دنيا ۾ هوندس مان، ڇڏيان ڪينَ حرص حيراني.

اڳڻ منهنجي پرين ايندا، سِڪايل کي سيني لائيندا،
وڇوڙي جا وَرهيه ويندا، لحظي منجهه لُطف لاثاني.

وساري مُور نا وِهندس، سبق سورن جا پڙهندس،
صنم جي سوز ۾ سڙندس، ڪئي آ شوقَ شاداني.[1]

ڪندا شل قُرب مون سان ڪُل، حُسن جي باغ وارو گُل،
ڇِـنِـي ڏيندا بـيشڪ بـي مُلهه، ڪـري ڪامل قَـدرُداني.[2]

"مُحمّد" بيوس ڪري دانهون، نهاري روز تو راهون،
سُٺِي عاشق سنديون آهون، ڪندا مشڪل جي آساني.

---

(1) خوشي، (2) قدر سڃاڻي.

ڪافي-620 (سُر ڪسوري)

عاشق نامُ سَڏائڻ سؤکو، سوز اِنهيءَ ۾ سَڙُ تہ صَحِي يَلا.

عشق جي مَڪتب موج مستي سان، پِرت پَنا اچي پڙهہ تہ صحي يلا.

حال حَلاجِي[1] هِردي هردم، صاف سُوريءَ تي چَڙهہ تہ صحي يلا.

محبت دي ميدان وِچالي، لاهوتي تون لَڙُ[2] تہ صحي يلا.

پيرُ پرين جو پيراڏو[3] پاڳِي،[4] رَندَ[5] وٺي اُهي رِڙه تہ صحي يلا.

دامُ دُوئيءَ جو دُور ڪري ڇڏ، وِيرَ وَحدت ۾ وَڙُ[6] تہ صحي يلا.

"محمّد" مردَ محال مُڙڻ ٿِي، آءُ اَلفَ سان اَڙُ[7] تہ صحي يلا.

---

(1) منصور حَلاج وارو، جنهن اَنَاالْحَق جو نعرو هنيو هو. (2) لاڙو ڪر، جُهڪاءُ ڪر- اوڏاهين وڃ. (3) پير ڪڍندڙ پيرِي. (4) پيرِي. (5) رستا. (6) پيرُ وِجهہ- اندر وڃ. (7) ڦاسُ- ناتو ڳنڍ.

ڪافي-621

(سُر ڪسوري)

قرب جي قَطري قرار وڃايو، سِڪَ اوهان جي سُمهڻ نہ ڏي ٿِي.

ڪاڪَ[1] ڪَشالا[2] ڪاٽيم ڪيئي، باھ برہ جي بيهڻ نہ ڏي ٿي.

بيوس آهيان وَس ۾ ناهيان، جهورِي[3] اوهان جي جَهلڻ نہ ڏي ٿي.

جيڏِن سَرتِن جهيڙا جِهٽڪان،[4] سُور ٻي ڪنهن سان سَلڻُ نہ ڏي ٿي.

زُهد عبادت تَقويٰ[5] طاعَتَ،[6] رنگَ اِنهيءَ ۾ رهڻ نہ ڏي ٿي.

ڇِٽنگ ڇِنانتِي[7] لالَڻ لاتِي، عشق جا اُلا اُجهڻ[8] نہ ڏي ٿي.

"مُحمّد" جي دل دلبر تو سان، ٻي در ڪاڏي وڃڻ نہ ڏي ٿي.

---

(1) ڃبل-ويرانا. (2) تڪليفون. (3) ڳڻتي- سِڪَ. (4) دڙڪا. (5) پرهيزگاري. (6) فرمانبرداري. (7) ٻرندڙ سنهي ڪاٺي. (8) وسامڻ.

ڪافي-622

(سُر بِلاولي)

جِنن سان قرب قادر ڪيو، اُهي ٻي ڳالهہ ڄاڻن ڇا؟
اَڙائي اَحد ۾ اڪڙيون، اِلاهِي مؤج ماڻِن پيا.

لڳيون جن ٻره جون باهيون، وَظائِف تن ويا وسري،
پڙهيائون سبق سُورن جو، اکين ۾ آب آڻِن پيا.

"اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ"[1] وٺن ٿا مرد سي مُحڪم،[2]
سِڌا ويا "صِرَاطَ الَّذِيْنَ"،[3] آهُون عرشين اُماڻن ٿا.

سدائين حَمْدَ جا هيرَڪَ "قُلْ هُوَ اللّٰهُ"[4] ڪيائون قابُو،
"مُحمّد" ٿيا مَحْوَ[5] محبت ۾، تُرتُ تَسبِيح تاڻِن ٿا.

---

(1) "ڏِکاري ڇڏيو اسان کي سڌو رستو" ق.ش، (2) مضبوطيءَ سان، (3) "اُنهن ماڻهن جو رستو" (جن تي نعمت ٿي). ق.ش، (4) "ٻُڌايو اُنهن کي تہ الله (هڪ) آهي" ق-ش. (5) گم-غرق.

(سُر پهاڙِي)

ڪافي-623

عشق وارا وَس نہ پنهنجي، سوز ۾ سَڙندا وَتن،
مُنهَن ڏِسڻَ مَحبُوبَ لَئہ، راتيون ڏينهان رڙندا وَتن.

جن ڪئون جانب تي جدا ويو، سُکُ اُهيئِي نا سُمهَن،
سبق درد فراق جا، پِرت مئون پڙهندا وَتن.

بَـرَ بَحرَ ڳوٽَ ڳَليُون، پندَ پيرا تا پُڇَن،
روهَ جبل تي يقيناً، چَرين جان چڙهندا وَتن.

"مُحمّد" سالِڪَ سِڪَ مئون، طالب تِي تَڻندا[1] وَتن،
ٻولي اُنهن کي ناه ڪا ٻِي، قرب لَئہ ڪَڙهندا وَتن.

---

(1) سِڪندا- چِڪبا.

ڪافي-624

عشق جو اولانيو،[1] مِثل باه جان ٻَرڪي،
تِــڪ تِــڪو[2] مَــچي، اَنــدرُ ٻـاڦ ۾ ٻـَرڪي.

شورَ مئون شهباز تي، ڦيرا ڏَئِي ڦَرڪي،
منجهہ ڪائي ويو مِڪُ هڏن جي، ماسُ ٿو رَڙڪي.[3]

جُنگن ڪي جَولانَ[4] سان، دبائي دَڙڪي،
قياس ڪري ٿو ڪِينڪِي، ڪَنبائي ڪَڙڪي.

سَڏُ ٻُڌِي سُورهيہ هليا، ڪاهوڙِي ڪَڙڪي،[5]
سالِڪَن جو صاف سُورِيءَ، سِرُ ٿو لَڙڪي.

ڪڏهن ويا ڪِينَ ڪِي، ناهَہ جي ٺَڙڪي،[6]
"مُحمّد" پنهنجي موج سان، سوز ۾ سَڙڪي.[7]

---

(1) اُلو-شعلو، (2) ڪِروڌ-جهيڙو، (3) ڪُرڻي ڪائي، (4) جوش، (5) آواز تي، (6) آواز تي، (7) ڏَڪي-سَڙي.

ڪافي-625

عشق جو آزار ڏاڍو، ڏک ڏئي ٿو ڏُکيو،
عاشقن جو ڪِينَ ٿِي، سِرُ سدا سُکيو.

دلربا جي درد جي، دُود(1) آ [illegible]يو،
محبت [illegible]را مَچ مَچِي ويا، جيرو جگر جُکيو

طالبن تي تابَ جو، تيزُ آ تِکو،
اچي اُمالڪ اوچتو، بازَ جانُ ٻُکيو.

اندروني احوال آخر، روح ۾ رَکيو،
مُور نہ وساري وِهون، خيال ۾ کُکِيو.(3)

پاڙيُون پاڙِيان پِرت سان، لُونءَ اندر لِکيو،
"مُحمّد" مزو تا ماڻيون، چاهَ مَئون چَکيو.

---

(1) دُونهون، (2) جَليو- سَڙيو، (3) خبر پئي، محسوس ٿيو.

(سُر پهاڙي)   ڪافي-626

عشق جون خَبران پُڇو، عشق وارن ڪئون اَڇي،
ڏيندا اُهي هِڻ حال جي، سُڌِ اِها سارِي سَچِي.

راهه حقيقت رِندَ رَهبر، رمز ۾ وِيَڙا رَچِي،
شمع واري شُعاعَ[1] تي، پتنگَ سِر پنهنجي پَچِي.

نَرناتَ[2] سان نِهالَ[3] تِي، مَچَ محبت ۾ مَچِي،
بيخودي بَـرحال سان، نِـينهَن جا نانگا نَچِي.

مُنهَن نہ ڪن محبوب ڏي، گوڙَ ۾ پِيَڙا گَـڇِي،
هاريل بازي تن جي آهي، ڪارِ سڀ ڪُوڙِي ڪَچِي.

"مُحمّد" مُڙيا ڪِينڪِي، حال حيرت ۾ هَچِي،[4]
بِرهَ ۾ بانڪا[5] بَهاريا، باهه بُڇڙِيءَ ڪئون بَچِي.

---

(1) روشني-تجلي، (2) مالڪ- وڏو جوڳي، (3) خوش، (4) دل سان لڳڻ- وٽڻ، (5) بهادر.

(سُر جَهنگلو) 627-ڪافي

دردُ لڳو آ دلبر، نينڻ ڪٽي نهاريو.

حال ڏکن جو اديون، ڪنهن سان مان بِي اوريان،
تَرسُ نہ آيئِي تِـرَ جو، مُنڙِيءَ ڪي نہ ماريو.

توکئون جدا دَمُ جالَڻ،[1] وَرهيہ وڇوڙو پانيان،
اِنهيءَ تہ جيئڻ ڪئون جاني، پُڙِي وني ڪا پياريو.

”مُحمّد“ عاشق جو هِي، عرض اَگهائين مؤلا،
ڪي تہ چَون سودائِي، ڪي تہ چَون آزاريو.[2]

---

(1) گذارڻ، (2) ڏُکايل.

(سُر جهنگلو)

ڪافي-628

واڳَ وَصَلَ واري، اڳڻِ ايندا منهنجي ڪڏهين.

سانگِن ڪي سَرتيون پيو، ساهُ سدا ساري.

ويا منهنجي اندر ۾، باهِ ٻِيَڻ ٻاري.

دائم درد فراق ۾، گهَڙيُون گُوندرَ[1] گهاري.

"مُحمّد" مِيثاقَئون اڳي، لالڻَ تو لاري.[2]

---

(1) غم-ڏک. (2) محبت-تعلق.

(سُر پِيلو)

ڪافي-629

اهڙو ناهي ٻيو سور، جهڙو سور عشق جو،
پلپل پوي ٿو پُورُ، مان کي پُور عشق جو.

دَردَن جون آهن لکَ دوائون، مريضَ سَــوَ ڇُٽن،
وِسامجي ٿو ڪِينڪِي، ناسُور عشق جو.

مَستِي نشو شراب جو، ڪلاڪَ پَلَ پَهرَ،
وِسامجي ٿو ڪِينڪِي، مَخمُور[1] عشق جو.

"مُحمّد" اِها مامَ، ڪي سالڪَ سڃاڻن،
ظاهر ڏِنوسي ذَوق مئون، مَذڪُور[2] عشق جو.

---

(1) نشي ۾ چور. (2) ذڪر- ڳالهه.

ڪافي-630 (سُر پيلو)

سُورُ ڏي ناسُورُ ڏي، پُورُ ڏي پرپُور ڏي.

سُکَ سِيبائِن[1] ڪِينڪِي، رَهبَر تون رَنجُورُ[2] ڏي.

بيهُودِي بَڪواتَ[3] ڪان، صاحبَ تون صَبُورُ[4] ڏي.

سِڪايَل ڪي سَيّدا، هر دم تون حضُورُ[5] ڏي.

قَدَحُ[6] ڪَوثَر آبَ[7] جو، "مُحمّدَ" ڪي مَخمُور[8] ڏي.

---

(1) وڻن- پسند اچن. (2) رَنج- ڏک. (3) بڪواس. (4) صَبر. (5) حاضري- ملاقات. (6) پيالو- جامُ.
(7)جنت جي حوض ڪوثر جو پاڻي. (8) نشي سان پرپور.

(سُر پيلو) 631-كافي

عيش آرام ڦِٽايو اَٿِي، بِرهُ بازُ بيشڪ بَچايو اَٿِي.

سِڏيُون سيني ۾ نِشانُ بَر[1] نُمايان،[2] اِنهي ڪَيف[3] ڪَجِلِن[4] ڪَنبايو اَٿِي.

نظر ساڻ هڪدم ڪَيئِي نِيم بِسمِل،[5] لاَخَوف خنجر وَهايو اَٿِي.

سهڻا تنهنجي سِڪَ ۾ نانگو نهايت، ڪري نينهَن ناچُو نَچايو اَٿِي.

مَيخاني مُحڪَم مرد مُدامِي، مَندَلُ موُج "مُحمّد" مچايو اَٿِي.

---

(1) ظاهر- نروار، (2) ظاهر-مشهور، (3) نشو، (4) ڪَجل وارين اکين-يعني خوبصورت اکين، (5) اَڌ ڪُٺَل.

ڪافي-632

تِير تيز لڳا ماهِي يار والا،
هُڻ بَس نهين اِهين بات ڪَنُون.

رونِدي روحُ ٿَلان[1] وچ، آڪِ[2] اڪيلِي،
ڪوئي ڏَرُ[3] نَهِين ڏينهن رات ڪَنُون.

نَسَڻُ[4] نِينهن والِيان دا ڪَمُ نَهِين،
ويک ڪَربَل والي، ڪاتَ ڪَنُون.

ديدار تيا، جِند جُتِ پِيوسي،
بيهُودِي بَڪواتَ ڪَنُون.

خاڪِي تِي ڪر، خاڪ رَليوسي،[5]
دُور ڪِيتُم، درجاتِ ڪَنُون.

ڪَڏان "مُحمّد"، ڪَڏان اَحد تي اَحْمَدُ،
اِيوين هِڪو هڪڙِي، ذاتِ ڪَنُون.

---

(1) ٿَرن بَرن- يعني دنيا، (2) آڪي-اِڃي، (3) ڊپ-خوف، (4) ڀَڄِي وڃڻ، (5) مِلياسِين.

(سُر پيلو)

ڪافي-633

عشق شَهنشاهُ، اندر آڳ اُٿاري، مچ ٿو ٻاري.

شوقَ شمع جي ۾ ٿيا پروانا پيارا، جلدي جَليا سارا،
تَجلاتِ ۾ تابانَ[1] ۾ ويا، پاڻُ وساري، مچ ٿو ٻاري.

زُهد[2] تَقويٰ[3] طاعَتَ[4] تَرڪُ ڪرائي، واهُ بانَ[5] ٻَجائي،
دَهشتَ دِليرَ دَٻِدٻي ٿي، ڏِڱَ[6] ڏُتاري، مچ ٿو ٻاري.

ڪاهو ڪاهَ ڪُويا ڪنڌ ڪپائِن تا ڪَنارِي، اصلئون ٿيا نہ عارِي،[7]
انصاف سان اَڻ موتَ ويا، عَينَن جي اشاري، مچ ٿو ٻاري.

ڪَيفِي[8] قَدح[9] ڪَلالُ[10] پرتئون ٿو پياري، 'مُوتُوا' ٿو جِياري،
"مُحمّد" مُدام موُج، مَيخاني گُذاري، مچ ٿو ٻاري.

---

(1) چمڪدار-روشن، (2) پرهيزگاري، (3) پرهيزگارِي (4) الله جِي فرمانبرداري، (5) ٻاڻَ- تِيرَ، (6) ٺلها متارا- پهلوان- ڏاڍا مڙس، (7) لَڄي- شرمنده، (8) نشي وارو، (9) پيالو- جام، (10) ساقي- مرشد.

ڪافي-634 (سُر پيلو)

حُبَ حَقِيقي ۾ هلان ٿو، هيو نہ چارو[1] ڪوئي چَلان ٿو.

دل جي دل ۾ دانهن لڳي پئي، سُورَ نہ ٻي ڪنهن سان سَلان[2] ٿو.

ڪِينَ اچي قرار ٿو ڪڏهين، جوش اِنهي ۾ يارَ جَلان ٿو.

سِڪَ سَنڌو ئي ڪِينَ ڏئي ٿي، پيچ پريمِي پُورَ پَلان[3] ٿو.

دمَ دمَ ۾ ناهين يار جدائي، رمز رَبُوبِي راهَ رَلان[4] ٿو.

سچ سدائين سيني اندر، عالَمَ اڳِتَئون آئون اَلان[5] ٿو.

ماڳَ اِنهي ۾ مُحڪَم "مُحمّد"، محبت جي ميدان مَلهان[6] ٿو.

---

(1) رستو (2) سَليان ٿو- ٻُڌايان ٿو (3) پَلجان ٿو (4) هلان ٿو- ملان ٿو (5) چوان ٿو (6) ڪاميابي حاصل ڪريان ٿو.

(سُر پَٽ مجري)

ڪافي-635

جن کي لڳي چاڻن اُهي، ہي کي خبر نہ پئي ھِن حال جي.

سوين سُور سوراخا[1] ڪَرِن، سَنڌَ سَنڌَ اندر پيا تا ڇُپن،
سڪ وارا تا سَهجَئون[2] ساندِن، ہِي گُهرج نہ تن مِلڪَ مال جي.

دل پنهنجي ۾ دم دم اورِن، ڇُپ ڇُپاتِي، ڇَپَ نہ چورِن،
گهورِيُون سِرَڙو گهوٽ تئُون گهورِن، سُرتِ سامِن کي سنڀال جي.

دردن جي چا ڳالهہ چوان، پُورَ اِنهين پاتارِ پَوان،
لُونءَ لُونءَ اندر لاتِ لَنوان، هڪ ساعت پانيان سال جي.

”مُحمّد“ مُونجهہ اِنهين ۾ مري، آيو اَلستي عشق اَري،[3]
هر ويلي تـڏِي آهَ پري، گهَڙِي نہ گهاري خوش خيال جي.

---

(1) سوراخ، (2) آسانيءَ سان، (3) پيچَ- وَڪڙ.

(سُر پَٽ مجري)

ڪافي-636

واندا وِرهَ ڪئون نا وِهــن، پَلپَل پِرين جي پُورَ ۾.

تَن مَنَ ۾ آ تارَ تن ڪي، ماٺِ نا هڪ منت ڪن،
قَتيا قَٽَ فراق ۾، گهايل سدائين گهُورَ[1] ۾.

سالڪَ سدائين تا رهن، حاضر حَقَ حضور ۾،
ٻي طرف اُهي نا واجهائن، تن جِي نظر آهي نُورَ ۾.

پاڻ کي سمجهن هميشہ، قرب جي تہ قصور ۾،
ڪامل مِڙئِي ڪَنبندا ويا، سُورهيہ سَمايل سُورَ ۾.

بِهشتَ باغِيچا ڪِينَ پائِن، قاتَل ناهيان حُورَ ۾،
"لَاَمَقْصُودُ فِيْ الدَّارَيْنَ"[2] آهيان، "مُحمّد" مَئي مَخمُورَ ۾.

---

[1] تکِي نظر (2) "ٻنهي جهانن ۾ ڪو مقصد ڪونهي".

ڪافي-637 (سُر ڪلياڻ)

يَڪا يَڪ يار ۾ گم ٿيا، رهيا هوشيار هيڪاندا،[1]
مُدامِي مَحويتَ محفل، ناهِن سي وِرهَ ڪٿون واندا.

بره جو باب بيچُونِي، پڙهن ٿا خوش عجب خُواندا،[2]
جُزِي ڪُلِي جَذبُ جَوشِي، ازل ڪان عشق هِت آندا.

خَفِي جي خيال ۾ آهن، سدائين سُور پيا سَهَندا،
سَمُر سُورَن سندو سِرَ تي، ڪٽي سي ڪِينَ ڪِي رَهندا.

"مُحمّد" مَچ محبوبي، عاشق آڙاهَ ۾ پَوندا،
جلائي سِرُ صِدقَ[3] وارا، ٻين کي ڇا وري ڇَوندا.

---

(1) مِليل-گڏيل-يَڪا، (2) پڙهيل، (3) سچائيءَ

ڪافي-638 (سُر ڪلياڻ)

ٻِي ٻُلِي وئي باتِ، عشق لڳو آ روز مِيثاقِي.

عشق وارن کي سوزَ ۾ ساڙي، عشق اعليٰ آفاتِ،
خون جگر جو آهي خوراڪِي.[1]

لحظي هڪ ۾ لَعل ڪري ٿو، تن من سڀ تجلاتِ،
جنهن سان ٿئي ٿو يار مُلاقِي.

قرب جَنهِين سان پاڻ ڪري ٿو، ڪانہ پُڇي ٿو ذاتِ،
برہَ بيخود آهي باقِي.

زوران زورِي اِچي پوي ٿو، اندر منجهہ اوقاتُ،[2]
ياور[3] يقين يَڪو آ ياڪِي.[4]

هن جي آهي هردم حَقِي، ”مُحمّد“ سان ملاقاتِ،
سَير ڪرائي ٿو اَچِي ساقِي.

---

(1) ڪائيندڙ (2) ٻُڌِ-خيال (3) مددگار (4) يڪو-اڪيلو.

ڪافي-639 (سُر ڪلياڻ)

شَوقَ مچايو شورُ، اندر منجهه اُڌِمانُ[1] ڏئِي.

اُونهي هِن اِسرار جي، ڪَل نہ لهندو ڪورُ،[2]
سُڌِ سَرلَن[3] کي اِها پئِي.

ماريُون ماري ماسُ پَٽي ٿو، چالاڪِيءَ سان چورُ،
چا ٻڌايان ٻيو مان چَئِي.

لَهريُون لوڏا اچن وِيريُون، جيئَن درياهِي دوُرُ،
چڏي لوڙهائي لَس لَئِي.[4]

برهُ برابر غير کي ساڙي، پَچِي ڪري ٿو پورُ،
واهُ تَپائي تيز تَئِي.

مال مَڏيُون محبوب تئون، سِر ڪيائين گهورُ،
دل هَٿارَئُون ٻيوس وَئِي.

"مُحمّد" آهي مست مِيثاقِي، فدا فَوراً فَورُ،[5]
راهَ اَجايا ٿيڙا رَئِي.

---

(1) اُچلَ-ٻَرڪو- جوش، (2) اَنڌو، (3) صاف ٻڌندڙن-سچن، (4) سڌو- بنا رنڊڪ، (5) جَهٽ پَٽ-جلدي.

کافي-640 (سُر ڏَناسرِي)

ميري جان جو شان وڄ جَلدِي هئي،
جَڏان باه بره والِي ٻَلدِي هئي.

بيوس بَحر اِنهين وڄ پئي هئي، وَلي[1] کِسي نا وَلدِي هئي.

رمز رَبوبِي اِيوين پاوِين، جِيوين تيز هوائِي چَلدِي هئي.

ڳُجهيان ڳالهيان رهبر واليان، اوُر ڪسي کُون نہ سَلدِي[2] هئي.

”مُحمّد“ روز ازل ڪَنون اَڙيا، لوڪ پاوَن[3] اج ڪَل دِي هئي.

(1) موٽائي- ورائي، (2) ٻُڌائي، (3) سمجهن.

ڪافي-641

(سُر ڌَناسرِي)

تابَ حُسن جي تايا تايا،[1] عيش آرام اُنهن کي ناهين.

اَٽِڪيل عين اَلستِي عاشق، آرَ[2] اِنهين منجهہ آيا آيا.

شُعاعَ شمع تي شِتابِي شائق، جوشئون جِيءَ جَلايا جَلايا.

پِجرو پُرزا پُرزا پَٽِي[3] تيو، ڪائي چِڏيائون ڪايا ڪايا.[4]

سِر سچڻ تئون گهورَ ڪيائون، مال مَڏيون ڪُل مايا مايا.[5]

”مُحمّد“ مرد ميدان اِنهين ۾، گهوٽَ هزارين گهايا گهايا.[6]

---

(1) تپايا. () ڪشش-ڇڪَ. (3) مِٽي-خاڪ. (4) جسم - جان. (5) ڌن دولت. (6) زخمي ٿيا.

كافي-642 (سُرجوڳُ)

چو وَجين مُنهُن مَنيُون مَنيُون،
تنهنجي درد فراقن مارِي آهيان.

ڪائڻ پيئڻ خواهش خوشيون،
ياڻيان وِهَ سَنديُون وَٽيُون وَٽيُون.

تابَ حُسن جِي تامَش[1] تڪڙِي،
بِرهَ ٻاريُون ڪي ٻَنيُون ٻَنيُون.

"مُحمّد" جا تون نانءَ مؤلا جي،
وچ ڪَشالا ڪَٽيُون ڪَٽيُون.

---

(1)گرمي- جوش- تابش- تپش.

(سُر جوڳ)

ڪافي-643

اڄ اديون ڪنهن ڪي چوان، ڳُجھ اندر جي ڳالهڙي،
سُهڻي صنم جي سِڪَ ۾، روئندي گذاريم سالَ ڙِي.

چو تا پُڇو مون ڪئون سُور جي، محبت سَندي مَذڪُورَ جي،
پلپل پِرين جي پُورَ جي، سيني اندر سَنيال ڙِي.

رُخ[1] مبارڪ يار جي، ڪَيفِي[2] ڪَجل جي دارَ جي،
مثل ڪُنڍي تلوار جي، ڏِسُ منجھ سِياهِيءَ[3] جي لالڙي.[4]

جن جو آهين تن جو ٿيندين، پيالو شوق جو دَم دَم پيندين،[5]
ناتو نينهَن سان نيائيندين، نہ تہ ڪيئي دَبايا دالَ[6] ڙِي.

رمز رهبر جي رَکيَئي، خاصي خيال سان "مُحمّد" ٻڌيَئِي،
پِرين تڏهن پنهنجو ڪَندُئِي، جڏهن اڪ هوندي تُنهنجي آلڙِي.[7]

---

(1)چهرو- مُنهَن، (2) نشي وارو، (3) ڪاراڻ، (4) ڳاڙهاڻ- سُرخِي، (5) پيئندين، (6) دنيا، دليل ڏيندڙن-
ڏَسيندَڙن، (7) آلي- پُسيل-ڳوڙها ڳاڙيندڙ.

(سُر جوڳُ) کافي-644

دل اوچتي قاتِي اچي، هن درد واري دامَ ۾،
ساخوشيءَ سان ڪيئن گذاري، مارجي پئي مامَ ۾.

وئي ورڻ ڪان نانُهن وَردِي، قابو قيد ڪِمامَ[1] ۾،
اڄ نہ سمجهو آ وَڪوڙِيَل، اَلستِي اَنجامَ ۾.

راتيون ڏينهان بي قرارِي، ڪيئن اچي آرام ۾،
نِيسْت نازڪ تي نَفِي، ناتي نيائڻ نامَ ۾.

وِهڻ تنهن کي وِهُہ تيو، گُذَرُ سدائين گامَ[2] ۾،
واسطا ئي گم ڪري، رِيجهي وَتي تِي رامَ ۾.

موجود مَخفِي آ مُدامِي، "مُحمّد" قُربَ ڪَلامَ ۾،
مست مَخمُورِي مَگهَن،[3] جاودانِي[4] جامَ ۾.

---

(1) اَڻ کُٽَ ڪم ۾ مشغول، (2) قدم کڻڻ- هلڻ، (3) مست- خوش، (4) سدائين هجڻ- هَميشگي.

ڪافي-645

برہ ڪان بيزار ناھيان، طعنہ ڏئي توڙي لوڪُ ٻِي،
علم عقل اوجُھون[1] ٿيو، ويو اُڏامي فَوقُ[2] ٻِي.

عشق جو آرانيِي[3] لائِي، جسم سارو ويو جَلِي،
اِسمُ سِرُ اَثبات ٿيو، ظاهر ظُھُورو ذَوقُ ٻِي.

مٿي فنا فڪرات ڪان، آزاد ٿيس آزادگِي،
عشق مون استاد ٿيو، ڳَل ۾ توحيدِي طوقُ[4] ٻِي.

عشقَ اَنَاالْحَقُ چيو، سُورِي مٿي سوار ٻِي،
مامَ سان منصور جي، نيزي نظر آ نوڪَ ٻِي.

"مُحمّدؐ" مرد ميدان ۾، جھانگِي ھٽن تا جھوڪَ[5] ٻِي،
ورہ وارن جي مٿان، مَرُ[6] پيا وَسَن مِينھَن موڪَ[7] ٻِي.

---

(1) اوجِھَل- غائب، (2) وڏائي، (3) شُعلو-ڄِڀِي-ڀَڀڙ، (4) پَٽو-زنجير، (5) ويھڻ جي جاءِ- بيٺڪ،
(6)سدائين- ھميشہ-يلي، (7) جامَ- جُڙيو- گھٽو.

ڪافي- 646 (سُر سورٺ)

تَئِي طَبل[1] توحيد تُرمانُ،[2] نينهَن جِي نوبَتَ[3] وَڄاءِ،
سوز سيني سارنگِي، تارَ تَندُن جِي تَپاءِ.

راڳ روحي راز جو، هِردي اندر هردم هلاءِ،
ڪَلَ پَوئِي تان قرب جي، ڪامِلَ قديمي تون ڪَماءِ.

گهاءُ ڏي تون پاڻ کي، گهايَلَن کي گهوٽ گهاءِ،
جوڳ ڪر تون جاڳ جائِي، نند نيڻن جي ڦِٽاءِ.

"فَاذۡكُرُونِيٓ"[4] فَهمُ[5] فائِقُ،[6] فڪر جي ڦَرهِي ڦيراءِ،
وصل وائِي وات ۾، وِيرَ وحدت کي وَساءِ.

بار بارِي بره جو، عارفن وانگي اُٺاءِ،
ڇوڙ مَستِي چاق چُستِي، چوٽ سان چَئنچل چَلاءِ.

پَهه پتنگن وارو پلپل، پَڄ پَچَڻ کي تون پَچاءِ،
دم قدم اڳتي وڌڻ، اِنهيءَ موج کي "مُحمّدؐ" مَچاءِ.

---

(1) وڏو ڍُهل-نَقارو (2) تُرم - هڪ قسم جو باجو- بِگل، (3) نَقارو ڍُهل، (4) "منهنجو ذڪر ڪر- مون کي ياد ڪر"، (5) سَمجهه- ڄاڻ، (6) مٿاهون، اعليٰ.

ڪافي-647

جهُوٽي عشق جي جَهٽيا، سانگو لاٿائون ساهَ ڪَنؤُن.[1]

جن ڪي ناوَڪ[2] نينهن جي، سُکَ تَني سَٽيا،
مُورئون نا مَٽيا، رِندَ انهيءَ راهَ ڪئون.

لوڪَ ملامت سِر تي، هرگز نا هَٽيا،
وَحداني وَٽيا، شَرفُ مليو تن شاهَ ڪئون.

مانجهي مرد ميدان ۾، ڪُوڀَن ڪنڌ ڪَٽيا،
فيراقي ڦَٽيا، وصل تين ويساهَ ڪئون.

رڙهِي هليا سي رنج ڏي، پلنگ پير پَٽيا،
لاڳاپا لَٽيا، سڄڻ جي ساجاه ڪئون.

"مُحمّد" مست مُقِيم تيا، گُهورَ نہ سي گهَٽيا،
ڪيٽُ[3] ڪٽي ڪَٽيا، اَمُر تين اَللهَ ڪئون.

---

(1) ڪان-ڪئون، (2) نيزي جي چُهنب- تِيرُ، (3) ڪيٽ- فصل- ٻَني [پير پَٽيا = پاڙُون پَٽيل- پڄايل].

ڪافي-648

آڙاهہَ آتــش عشق جي ۾، بـيشڪ تي بِـريـانُ.[1]

سِڪَ تہ سُهڻل يار جي ۾، عاشق تي عُريانُ.[2]

خوشي خواهش ڪِلڻ خواري، گوش[3] رکين گِريانُ.[4]

نِسرِي نادر نينهن ۾ ميان، نانگا تِي نِيشانُ.[5]

”فَاذْكُرُونِيۤ اَذْكُرْكُمْ“[6] مــيان، فيض اَتِــي فَــرمــانُ.

”مَاسِوىٰ الْمَحْبُوبَ“[7] جي ميان، دارُون[8] نہ ٻيو دَرمانُ.[9]

”مُحمّد“ انهِيءَ موج ۾ ميان، غازي ڪر گُذرانُ.

---

[1] پَچڻ-ٻَچڻ، (2) اگهاڙو-ظاهر، (3) ڪَنَ، (4) روئڻ، (5) هدف-علامت، (6) اللهﷻ فرمائي ٿو تہ: ”تون ياد ڪريو [illegible]“ (7) ”محبوب کان سواءِ“ (8) دوا، (9) علاج.

ڪافي-649

(سُر ٻِباسُ)

عشق جي آتش جان جلائي، سوز سَمائي ايهو ڪيُر؟

غَير غرور جي پاڙ پَٽي[1] ٿِي، صاف صفائي سارو سَيرُ.

ڪُپيرِيءَ جو ڪامل ڪاهي، پُرجهي[2] لهندا پاڀِي[3] پيرُ.

پنهنجي ۾ پورا رهيا جي، ڪنهن سان ناهين تن جو ويرُ.

آهي اُنهن سان روز ازلي، شوق شِتابِي[4] شامل شيرُ.

علم عقل ايمان جو اوڏَهِن، "مُحمّد" اُيرُ نہ پيرُ.[5]

---

(1) ختم ٿي ڪري، (2) سمجهي-سجاڻي، (3) دليرَ-هوشيارَ-پيرِي- پير کڻندڙ، (4) تيز-تکو، (5) واسطو-تعلق

کافي-650

(سُر ٻِباسُ)

دردن جو داستان کوليان ٿو، اَنتُ نہ کوئِي تَنهنجو شُمارُ.

سوين سوراخا[1] ساهہ مُنهنجي کي، وِٿِي ناهين کوهکڙو وارُ.

اچي پيو آ ساري بدن تي، بارِي بِرهَ جو بارُ.

ڪڏهن مُون کئُون ڪِينَ ويندو، عشق سندو آزارُ.

وَسُ ناهين منهنجو بيوس آهيان، قرب وڃايو آهي قَرارُ.

ڇا ڪيان ڀيو ڇا چوان مان، "مُحمّد" ماري مَرمُ[2] مَيارُ.

---

(1) اُهنج-تڪليفون. (2) لحاظ-حيا- پشيماني.

(سُر بَسنتُ)

ڪافي-651

عشق لڳا آرام ڦِٽا هُڻ، نيڻن نند نہ آوي جِي.

اَلت پَلت دي اُلنبي[1] آون، سوز سيني نہ سماوي جِي.

لڳي جِنهان نُون سُڌ تِنهان نُون، يہ مزا اور نہ پاوي جِي.

جسم ڪريندا فاني فِي الله، مِڪ هَڏان دِي ڪاوي جِي.

مرد آوي ميدان اِنهِين وچ، سِردا سانگا چاوي جِي.

"مُحمّد" ڪڏهان مُول نہ مُڙندا، ڪُڏ ڪُڏ ڪَنڌ ڪَپاوي جِي.

---

(1) شعلا-جوش.

(سُر راڻو)

ڪافي-652

پِرتئون پارِ پرين ڏي پيرين، وِکَ وڌائي وڃان.

سِڪَ گهٽي آ ساهَ منهنجي ڪي، اُڄ بُکَ اَتم اَڃا.

پري ساٿَ سورن جا، سِر پنهنجي تي سَڃان.[1]

اديون عجيبن ڏانهن، پيرو ڀري ڪيئن پڃان.

"مُحمّد" محبوبن جا، مِنُهَنُ[2] مڙيئي مَڃان.

---

[1] آڇيان-نذرانو ڏيان. (2) بَهانا- عُذر- دعوائون.

ڪافي-653

(سُر راڻو)

تُنهنجي قرب ڪيو ڪُراڙو،[1] نہ تہ آهيان جُنگ[2] جوان.

سرتيون منهنجي ساهہ ڪي، سَوزُ سدا ساڙو.

لُونءَ لُونءَ[3] ۾ آ لطف سان، لالڻ تو لاڙو.[4]

اصل روز اَلست ڪان، ڪيو عشق اُگهاڙو.

ويتر تُنهنجي وِرهَ ۾، وحدت جو واڙو.[5]

”مُحمّد“ سان محبوب تون، ہولِ نہ ڪو ٻاڙو.[6]

---

(1) پوڙهو-جُهونو. (2) تمام وڏو- بهادر. (3) وارَ وارَ-ذَري ذَري ۾. (4) ڪشش-رُغبت- جُهڪاءُ. (5) رهڻ جي جاءِ- پاڙو- قابو ڪرڻ جي جاءِ. (6) ٻاڙو ٻولڻ= ڪَهرو يا ڪَڙو ڳالهائڻ.

ڪافي-654 (سُر درگاهو)

عشق جو عذاب ڏاڍو، جن چَکيو تن کي خَبَر،
درد وارن کئون سِوا ٻيو، ڪِينڪِي ڪندو پَچَر.

عشق جي قبضي ۾ آيا خامَ،[1] تن مچايو هُل حَشر،
وِرهَ ۾ جيڪي وَڪوڙيا، تن پيو سارو قَدُر.

سوز جن سيني سمايو، خامَ ويا خارج خَطر،
عاشقن لئه عيد ٿي، غم ويا کُلَ ٿِي گُوندَر.[2]

مِهر مَهدِيءَ جي مُدامِي، عَينُ اندروني اَثَر،
ظاهر زُغا[3] ظُلماتِ[4] جا، معاف ٿيا، "مُحمّد" مگر.

(1) ڪچا-ڪُتا (2) [illegible] (3) ڏاڙهون-ڀڳاڪون-زُگا، (4) انڌيرو- اونده.

ڪافي-655

(سُر سورٺ)

عشق جي آڙاھ[1] ۾، پتنگ سِر پنهنجي پَچن،
موٽڻ تنين ميارَ ٿيو، مانجهِي مُدامِي تا مَرن.

يار جي حُب ۾ رهن، ورد وظائف تَرڪُ تن،
آزاد منزل عاشقن، هڪ جي سِواءِ ٻِي نا ٻُڌن.

حُسن واري باغ ۾، سَيرُ صفائي تا ڪَرِن،[2]
هَر ڪَلِي خوشبوءِ جو، واسُ وينائي وٽن.

هر رنگ ۽ رُوپَ ۾، لاشڪ لِڪا ئِي تا وتن،
ڪنهن جي لَکَڻ[3] ۾ نا اچي، رمز رهڻي جا رِندن.

پَيَڙُ ٻاري ٻِره جو، سينو صفا پنهنجو ساڙِن،
رَڳُن ۾ رِيهاڻُ[4] پيو، ڪنهن ڳالھ ۾ ڳوڙها ڳاڙِن.

"مُحمّد" تون موجود ٿي، سِينگارجِي صِفَ سالِڪَن،
عاشق ڪي اصل ڪئون، عارفُ اڳيئي تا چَون.

---

(1) باھ جو وڏو مَچ، (2) ڪَنِ، (3) سمجهڻ- محسوس ٿيڻ، (4) وڏي رڙ-دانهن.

ڪافي-656

عشق اَرڏو[1] آ اَصل کئون، جوان جُنگِي تو جلائي،
وَڇيرَن[2] کي وَنگَ وجهي، قير ۾ ڪيئي قاسائي.

جوش مئون جُنگن کي جائِي، وَر ڏئي وَهلو[3] وَرائي،
قرب ۾ قابُون ڪَڙي تو، مامَ سان مُورَئُون مچائي.

منصور جهڙي مرد جو، سِرِ سُوليءَ تي سَلائي،
شور مئون شاھ شمس جِي، کَل جيئري تو کَلائي.

عطار جهڙي عاشقن جو، سَٿَ ڏئي سِر تو وڍائي،
شاھ بِلاول پِيرَ ڏئي، گُهورَ سان گهاڻي پِيڙائي.

عشق شاهنشاھ جنهن ۾، اوُج سان اک تو اَڙائي،
تو وجائي غَيرُ سڀ، توڙ کئون تهدل تڙائي.

محبتي ميدانُ مانجهِي، مؤج سان "مُحمّد" ملهائي،
رمز ۾ آ روزُ شَب، دم قدم کي نا هٽائي.

---

(1) زوراور-اَڙٻنگ، (2) گهوڙي جي نَر نوجوان ٻچن کي، جيڪي تيز هوندا آهن (اصطلاحًا-اهڙا تيز جوان جيڪي قابو ۾ نه ايندا هجن)، (3) تڪڙو- جَهٽ پَٽ.

ڪافي-657

(سُر پُوريا)

عشق لڳو آفاتِ، سَنڌَ سَنڌَ ۾ سور سَمايو.

ازغَيبي غَيبَ منجهارئون، ظاهر ٿيڙي ذاتِ،
سانگ صِفاتِي بيکُ بنايو.

"فَاذۡكُرُونِيٓ اَذۡكُرۡكُمۡ"[1] وائـي نـ ٻـي ڪـا واتِ،
روزئون روز سُور سَوايو.

عَزمُ رکي اوڏاهون آيو، ٿُرت ڪري تَجلاتِ،[2]
گهورُن سان اچي گوهَر[3] گهايو.

"مُحمّد" وينو ڪري واهيرو،[4] جهاتِ ۾ پائي جهاتِ،
مامَ محبوبي مَنصَبُ[5] پايو.

---

(1) اللهؔ فرمائي ٿو تہ : "اي بندا تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي". (2) روشني-تجليون،
(3) سچو موتي، (4) آستانو، (5) عهدو- مان مرتبو.

ڪافي-658 (سُر تِلنگ)

عشق ڏيندا سؤ ڦيريان ڦيريان، پاڪَرِ پيرين چيريان چيريان.

جسم جان جَلاڪر سارا، جگر ڏيندا جهيريان جهيريان.[1]

اَنگَ[2] پَپوتُ[3] رَماڪي[4] جوڳِي، مَل مَليندا ڪيريان ڪيريان.[5]

پي ڪر سُرڪ سَوائِي سالڪ، مست مئيخاني ڪيريان ڪيريان.[6]

سيج پَلنگ دي سُرت نہ ڪائي، خاڪِ وَساوِندا ديريان ديريان.[7]

لاحِجابُ لاثانِي لاشَڪ، گُهمندا گهَٽيان گهيريان گهيريان.[8]

هَر ويلي هَر وقت هادي نُون، "مُحمّد" پَرتِيان ميريان ميريان.[9]

---

(1) چِيرَ-زخم، (2) جسم، (3) ڌوڙِ-دَز، (4) لڳائي- ناهي، (5) رَڪَ-چارُ، (6) ساٽو- بي حس، (7) آستانا-

(سُر پِيم)

ڪافي-659

شاهَ حُسن جي شوق ۾ ويهي، چونہ روئان مان،
وَس مَنجهئُون بيوس ٿي وري، چونہ روئان مان.

خواب غفلت ۾ گُذاريم، ڪَلَ نہ پئي اِسرار جي،
دم دم ۾ ياد ڪري پوءِ، چو نہ روئان مان.

وصل جي ويچار ۾ ويٺو، واڻَ نِهاريان،
"اَلْفِراقُ اَشَدُّ مِنَ الْمَوْتِ"[1] ڏِسِي، چو نہ روئان مان.

سَنگتِي ساٿي نہ سُورَ جو، دل وٺڻ وارو نہ ڀيو،
پَلپَل اِنهي پُورَ ۾ پيو، چو نہ روئان مان.

جن لڳي آ تن خبر، بيخَبرَ بيزار ٿيا،
"مُحمّد" اِنهيءَ مُونجهَہ ۾ مَري، چو نہ روئان مان.

---

(1) "جدائي موت کان وڌيڪ سخت آهي".

كافي-660 (سُر پيلو)

بَردو[1] آهيان بِرهہ جو، روز اَزل اُداسِي،
واهُہ تِشنَگِي* تَپايَلُ، پيالي پِريم پياسِي.

تُنهنجي ملڻ سِوا هِتِ، حيران ٿيس هميشہ،
جيئن باغ ۾ آ بُلبُل، خوشبُوء گل جو واسِي.

مَٽُ[2] مُحِبّ مون نہ ڄاڻان، دارَين[3] ۾ ڪو دلبَـر،
هردم هِيئين[4] ۾ حاصل، هادي آ حَقّ شَناسِي.[5]

شب روز يادگيري، هڪ دَمُ وِسارَ ناهين،
غمگين غمر ۾ آهيان، خِلعَتَ[6] وَتِي[7] خُلاصِي.[8]

پلپل پُڪاري ساقي، توکي وينو سَتايان،
پُر ڪري پِيارج، "مُحمّد" آ مَئي[9] مهواسِي.[10]

---

(1) غلام. (2) برابر. (3) ٻنهي جهانن. (4) دل- قلب. (5) حق سڃاڻڻ وارو، حق جي سُڃاڻپ. (6) انعام يا بخشش ۾ مليل پوشاڪ- عزت افزائي طور مليل لباس. (7) ورتي- ورتي آ. (8) نِجُ- منفرد-خاص. (9) شراب. (10) طلبگار- ڪيمياگر- هَوسَ رکندڙ- [*اُڃَ-پِياسَ].

ڪافي-661

بِرهين بار اُٺايا، مَئِينُون قَسم اَللّٰه دا.

آگ اندر وچ پَڙڪا لاوي، جگر جان جَلايا.

عشق اندر وچ خِيما کوڙيا، دين ڪفر دَٻايا.

سَنڌ سَنڌ وچ نا سُولان[1] ساهِي،[2] روزَئُون روز سَوايا.

راتيان ڏينهان روح ميڏي وچ، دردان ڏُم مَچايا.

هِردي[3] هَردم هادي سائين، رهبر رنگ رَسايا.

"مُحمّد" عاشق روز ميثاقِي، مَري مَنصبُ[4] پايا.

---

(1) سُورَن، (2) وِٿِي- فرصت-وقفو، (3) دل ۾، (4) مرتبو درجو.

ڪافي-662 (سُر پَٽ مُجِري)

ڇا ڪريان وس ۾ ناهيان، بيوس ٿيس لَڄَ ٻِي لاهي.

تُنهنجي وڏو دردن دڳي،[1] سوگهو آهيان سِڪَ جي سَڳي،
روز اَزل ڪان ٻِي اڳي، لِنوَڙِي[2] تو سان لالڻ آهي.

ويهڻ مون کي وِهُ ٿيو، تورِيءَ وسيلو ناهين ٻيو،
تُنهنجي قُربَ اڇي قابُو ڪيو، تُنهنجي تـڏي آيس ڪاهي.

تون سُرڪَ ڏي، ساقي پِيان، دو جَڳان جانب جِيان،
تو مٿان لکَ سِر ڏيان، هڪڙو ڏينڻ مون کي ڇاهي.

تُنهنجي بِرهَہ جون بُوندان وَسن، ڏيهہ پيا بيشڪ ڏسن،
هڪڙا کُنا ٻيا ٻِي کُسن، اِهو ٿاهُ بِـيـئين تون ٿاهي.

انگَ ازلي پاڙِ تون، گهَٽَ گهيڙ گهاتُو[3] گهاڙِ[4] تون،
"مُحمّد" ڪَندَءِ اڇي ماڙِ[5] تون، ڊاءَ[6] ڪُل ڊَپڙا ڊاهي.

---

(1) تابع ڪري- داغي- ساڙي، (2) محبت – پيار، (3) شڪاري-غواص- ٽوبو (4) گَهڙِ- ٿاهِ، (5) مِهر-

ڪافي-663

سِڪنديُون وَتن سُهاڳَ ڪانَ،[1] جانب لَئي جائِي.[2]

"فَاذۡكُرُونِيٓ اَذۡكُرۡكُمۡ"[3]، وات اَتــــن وائِــــي.

"اَلۡعِشۡقُ نَارٌ يُّحۡرِقُ"،[4] رَڳَ رَڳَ ۾ رائِي.[5]

بيخودي بَــرحال ڪيائون، خام خودي ڪائِي.

اُنهن ڪي عجيب لَئہ، طلب تِڪِي تائِي.[6]

"مُحمّد" پَــرتِــي پِــرَ[7] ڪي، لَنجِي[8] هُجي لائِي.[9]

---

(1) لاءِ-واسطي، (2) سچ پچ، (3) "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي" (اللّٰهؔ جو ارشاد آ)، (4) "عشق ساڙيندڙ باهہ آهي"، (5) داڳ- ساڙ، (6) گرمي-آزار، (7) پرينءَ- محبوب، (8) اوباش عورت-رَنڊِي-ڇڙواڳَ- بيوه، (9) يَلِي-چڱي-[لائِي لَنجِي=چڱي يا بُرِي].

ڪافي-664 (سُر تِلنگ)

هِينئين[1] حقيقت حاصل حاليُون،
معاف ٿيون سڀ ماضِي ڳالهيُون.

ياد سدائين، ڪِينَ ٿيون وسرن، چڱيون سيڪاريون چؤڪيون[2] چاليون.

خون ڪرڻ لَئِہ آيون اکيون، پرِت منجهارئون تو ڪيئن پاليون.

بس روئڻ ڪان ڪين اچي ٿي، عُشاقن جون اکيون آليون.

دم قدم رِيءَ رِيت نہ آهي، جان جَمعيّت[3] وينا جاليون.[4]

عشق اسان کي ازلي آهي، نِينهَن وَهن ٿيون نازل ناليون.

"مُحمّد" رَمزان غمزانُ[5] غازِن، نازڪ نوڪانُ ناز نِراليون.

---

(1) دل، (2) سُنيُون، (3) تَسلِي- اطمينان، (4) گذاريون، (5) اک جا اشارا، ناز-پيار.

ڪافي-665

(سُر پيرڀاتي)

پلپل پون تا پُورَ، سُورَ سَڄڻَن جا سَرتيُون.

وِٽِ[1] ناهين هڪ وارَ جِي، گهايو تُنهنجِي گهُورَ،[2]
اَيريون سَيريون پِـرَ[3] کي پَرتيُون.

دردن ليکو نانهه ڪو، جهورِيءَ[4] ڪيو آ جُهورُ،[5]
باهه ٻِره جي بالا ٻَرتيُون.[6]

روئڻ ڏاران روح کي، ڪيائين ڇِڪناچُورُ،[7]
آب اکِن ۾ آگَم[8] اَرتيُون.[9]

فضل سان فراق ۾، "مُحمّد" ٿيو مَعمُور،[10]
واهر وسيلا ويندا وَرتيُون.[11]

---

(1) وِٿي-تفاوت، (2) تِکِي نظر- غور سان ڏسڻ، (3) پرين-محبوب، (4) سِڪَ- ڳَڻتي، (5) زَبُون- پوڙهو، (6) پرتيون- مُيسر هئڻ- پُورائِي، (7) ذرا ذرا، (8) جُهڙ-مِينهن کان اڳ واري گهُٽَ، (9) رَتايل- رت جهڙو، (10) پرپُورَ-پُر، (11) وَنِي- وَنيو.

(سُر پيروي)

ڪافي-666

دردن وڏِي دلڙِي ڏکِي،[1] سوين سور سوراخا[2] ڪَرِن.

سک جي گهڙِي گذري نٿِي، لڪين بار آيا مون مَٿي،
وينو سَهان سِرَ تي سَيِي، اڄ عشق اويارا اڄن.

سُورَ يائِي ڪونَڪو، سُڪَ جا ڪيئي سَنگتِي بيٺا ڏسن،
جن کي لڳي تن کي خبر، ڪَلَ ڪِينڪي ڪنهن کي ڏين.

پَلپَل پرِيَن جي پُورَ جي، سُڌِ سالڪن آهي سدا،
پنهنجي ڏِيلَ ۾ ڏُونگَر ڏوري، اُهي وِرهَ ڪئون نہ واندا وِهن.

تنهنجي عشق ۾ آيا جيڪي، موٽيا نہ "مُحمّد" سي ڪڏهن،
ويا ڪاهيندا ڪيچ ڏي، رِندَ رهبر کي رَسن.

---

(1) داڳي-ساڙي- تابع ڪري، (2) سوراخ-تُنگَ.

ڪافي-667

سَرتيون مون سان ڪانہ هلي ٿي، سورن واري سَيڪا،
گهر پنهنجي گهاري ويٺي، هامَ[1] هٽي ٿي هَرڪا.

هِڪَ ڄِٽِي مان هيڪَل[2] هَلندس، تَرڪُ ڪري تَرڪا،[3]
جيڏيون ويا هِن جيءَ منهنجي مُون، فرق مٽيئي فَرقا.

راتيون ڏينهان روح منهنجي ۾، ٻَر ٻَر[4] آ ٻَرڪا،[5]
ويجهو منهنجي ڪانہَ اچي ٿِي، پيڻ وٺي پَرِڪا.

ڪِينَ اچي قرار مون کي، ڦَر ڦَر[6] جا ڦَرڪا،[7]
دم دم ۾ پئي ساريان دلبر، ڇاڻ وڏا ڄَرڪا.[8]

ڳَل ڳِچي ۾ پاتا مون هِن،[9] خوف وارا خِرقا،[10]
"مُحَمَّد" جي محبوب موچارا، والِي ڪر تون وَرڪا.[11]

---

(1) دعويٰ ڪرڻ. (2) هيڪلي-اڪيلي. (3) وَرثي ۾ مليل جائداد. (4) ساڙُ-ٻرڻ. (5) ٻڙڪڻ – تَسڪڻ-سڙڻ. (6) پکين جو هوا ۾ اُڏامڻ لاءِ ڦَڙ ڦَڙ ڪرڻ- پَـرَ هٽڻ. (7) ڦڙڪا- اُڏامڻ لاءِ پَر هٽڻ. (8) تابش-سيڪُ-لَهَس- باه لڳڻ- جلڻ. (9) آهن. (10) لباس- فقيري لباس. (11) وَرُ-ڀلائي- احسان-بخشش-سارَ.

ڪافي-668 (سُر ڪوهيارِي)

يَڳو اُهو يَڳو، جنهن کي ڍورُ نہ آهي ڏَڳو.

راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾، سوري وينو سَڳو.[1]

ساعت هڪڙِي ڪِينَ سَري ٿي، توريءَ ناهين تَڳو.[2]

سَنڌُ سَنڌُ ساري سُور سڄڻ جو، دردن لاتو ڏڳو.[3]

ويهڻ تنهن کي وِهُ ٿيو آ، ويـرَ[4] وَحدتَ جو وَڳو.[5]

"مُحمّد" بِي[6] آ روزِ[7] مِيثاقي،[8] لَئُون[9] هاديءَ جي لڳو.

---

[1] سڳو سورَڻُ = ياد ڪرڻ، (2) تڳڻُ- جِيئڻ، (3) حڪم- قبضو، (4) ويلَ- وقت، (5) وَڄِيو، (6) بہ، (7)ڏينهن، (8)اَزل جي، (9) محبت –پيار، ["ويرَ وَحدت جو وَڳو" = وحدت جي وقت جو گهَڙيال وَڄيو، محبوب سان هيڪڙائيءَ جو وقت ٿيو].

ڪافي-669

چو نہ ڪيان پيو دانُهَن ميان، آيس عشق اَويڙ[1] ۾.

وار وِتي هڪ جِي ناهين، رِيهُن جي تہ رَويڙَ ۾.

عشق اچي ويو اوچتو، جَهپجِي پيس جَهپيڙَ[2] ۾.

چتَ منجهارئون چَرخو چُري ٿو، غم گُوندرَ جي گيڙَ[3] ۾.

ڦاٿو آهيان ڦتڪان نٿو، وَرَ وَڪڙَ جي ويڙَ[4] ۾.

پيو پَچان پَچران[5] پِرين لَئِہ، تابش[6] تِڪَ[7] تَڙَپيڙَ[8] ۾.

”مُحمّدؐ“ جي موٽي پيا، تَڪا سدائين تيڙَ[9] ۾.

---

(1) وَڪڙ- ڦيرو-سختي، (2) جَهپيتَ-جَهڙپَ- دَڪُ، (3) چَڪُر-خيال-پُورَ، (4) جَهنگَ، (5) سَڙان، (6)گرمي، (7)تيزِي، (8) سوڙَهہ-سختي- تنگِي، (9) ٿاڦو-ٺوڪر-کُوڙو دلاسو

ڪافي-670 (سُر تِلنگ)

درد لائِي ڏَڏِڪارَ،[1] صبر سَڪُونَت ڪيئن ڪجي.

دائم پنهنجي دوست ڪان، دَمُ نہ رڪجي ڏارَ،
نِينهُن نهايت نيازُ نِجي.[2]

جُوءِ انهِيءَ ۾ پاتم جهاتِي، گدڙ ٿيو آ گارُ،[3]
وچ ٻيلي ۾ شيرُ گَجي.

رَڳَ رَڳَ ۾ رَلجِي ويو، وِٿِ[4] نہ آهي وارَ،
ڏِيل پنهنجي ۾ پيو ڏِسجي.

سُڪَ وڃائي صاف ٿيس مان، عشق سندي آڌارَ،[5]
پيو وَسِيلو ڪونہ سُجهي.

"مُحمّد" جي مِيثاقَ ڪئون، سَيّد ڪئي سَنيارَ،
سِرُ سِينگاري چو نہ ڏجي.

---

[1] زوردار آواز-گَجَڻُ، (2) ڪٽي وڃجي، (3) گُم، (4) وِٿِي-مفاصلو، (5) سهاري-آسري.

كافي-671

(سُر ويهاڳُ)

عشق جي لا ري[1] لڳيون سي، ڪيئن وِهَن وانديُون اُهي،
پَوَ[2] پولَ کان بيشڪ پَڳيون، مُحبَ لَئہ مانديُون[3] اُهي.

پرتِ وارا پُورَ[4] پلپل، پاڻ ۾ پَهَ[5] تيون پَچائِن،
يادگيري يار جِيءَ ۾، حق سان هيڪانڊِيُون[6] اُهي.

سُورَ جي سُرڪِي چَکِي، مست موجان تيون وَتن،
پيوَندَ[7] پابَندُ پيچَ تيون، بِرهَ ۾ بانديُون[8] اُهي.

پَچِي حجابَن جون حَدانَ،[9] پَڌر تيون پاڻهي اچي،
محبت جي ميدان ڪيڏن، رمز سان رانديُون اُهي.

"مُحمّد" جيڪي مامَ موهِيُون،[10] سي وجن ڪاڏي ڪِينَ ڪِي،
پِيرِمُغانَ پنهنجي مِهر سان، اَزلَ کان آنديُون اُهي.

---

(1) محبت-تعلق-لاڙو. (2) ڏپ. (3) بيقرار. (4) خيال. (5) خيال-ارادا. (6) مليل-ميلاپ ۾. (7) جوڙ-ميلاپ.
(8) قيدي. (9) حَدُون. (10) عاشق تيون.

(سُر لوڙائُو)

ڪافي-672

دردن ڏکيو[1] آ ڏڳَ[2] ۾، وينو سُور سَهان وو يارَ.

راتيون ڏينهان روح ۾، قرب ڪَهاٽِي ڪَهان[3] وو يارَ.

واندِ ناهين هڪ وارَ جِي، وحدت ڏي پيو وَهان وو يارَ.

پنهنجو پُرجِهي[4] پاڻ ۾، ڪاهوڙِي[5] ٿي ڪَهان[6] وو يارَ.

سَچ صَفائِي سَيرَ[7] ۾، ٿاهَ نہ ٻي ڪنهن ٿَهان وو يارَ.

"مُحمّد" پنهنجي من ۾، ووڙي[8] لالَڻُ[9] لَهان وو يارَ.

---

(1) قبضو ڪيو-حڪم هلايو، (2) رستي ۾، (3) چوان-ٻڌايان، (4) سَمجهِي، (5) جوڳي فقير، (6) لِڪايان، (7)سَفَر، (8) ڳولي، (9) محبوب.

(سُر پيبروي)

ڪافي-673

سُورائِتن[1] سان سُورُ، اورڻ[2] آهي عجيب جو.

درد وارن جي دل ۾، دؤر اِهو دَستُورُ.[3]

بنا درد اَللهُ جي، ماڻي نا هَنڌُ مُورُ.[4]

سُک سُمهِي پهتِي ڪينڪِي، دائم رهندي دُورُ.

سچن کي سؤلو آهي، هردم پاڪُ حُضُورُ.

ڳُجهي ڳُجهَ جي ڳالهڙي، مَعنيٰ ۾ مَنظُورُ.

متان تون ماندو تئين، "مُحمّدُ" ملندو مُورُ.[5]

(1) سُور وارن-سُور وارين، (2) ڏک سک جو احوال ڪرڻ، (3) قاعدو-اصُول، (4) هرگز-بِنهه، (5) ضرور.

كافي-674 (سُر توڙِي)

نا رَهندا روح ٽِڪاڻي[1] يارَ، ڪَئِي وَرهيه ٿيا وِڪاڻي يارَ.

روز اَزل دِي ياڃِي آئي، سُولانُ[2] والِي سَرِسُ سَوائِي،
عاشقان نالِ خوشي دي چائِي، ڳَلِ[3] مَلامت ڳَهڻي[4] يارَ.

جُوءِ اِنهِين وچ جوئي آوي، موج اِنهِين دا مزا پاوي،
جوش والِي جوتِ جَڳاوي، جِيءَ اندر جهوراڻي[5] يارَ.

آرامِي وچ بي آرامِي، حِرص حَوا دي ڪِيتي خامِي،
بهشت وچون چا بَدنامِي، غَرض گَندم داڻي يارَ.

اَلُوهِيَتَ اِسرار اَحَدُ، بِلاميمِي اَنَا اَحْمَدُ،
مَعنيٰ مَحضُ[6] موج ”مُحمّد“، ماريا مُحِبّ دي ماڻي يارَ.

---

(1) ٽِڪڻ جي جاءِ-ٽڪاڻو- هندن جي پوڄا جي جاءِ. (2) سُورَن. (3) ڳچيءَ. (4) زيور. (5) ڳڻتي-ڏک سُور. (6) فقط-رُڳو.

ڪافي-675

بره لڳو پَرپُور، سُور سَمايو صاف سِيني ۾.

اَز غيبي عين اندر ۾، عشق ڪڍيو تہ اَنگُورُ،[1]
ڪورُ[2] قلبَ جِي ڪاٽَ ڪِيني ۾.

حرف حقيقي حال هدايت، فنا ڪيو تہ فَتُورُ،[3]
پيالو پريمي پُر پِيني[4] ۾.

خيال خَفِي[5] جو نينهن نَفِي[6] ۾، هردم حَجُ حضُورُ،
مرڻ پُجاڻا[7] پوءِ جِيني[8] ۾.

دائم دَرسَن[9] در هادي جي، "مُحمّد" تيو مَنظُورُ،
ڪِينَ ڪندو ڪڏهن ڇِيني[10] ۾.

---

(1) زخم جو ڦٽڻ-هوٽي جو ڦٽڻ، (2) وَڏَ نُڪَ، (3) خرابي، (4) پيئڻ، (5) مخفي-لِڪَل، (6) ظاهري وجود ڪان انڪار-نفس جو انڪارِي ٿيڻ، (7) ڪان پوءِ، (8) جِيئڻ، (9) درشن-ديدار، (10) جدا -ڌار.

ڏاڍو درد دَقِيقُ،[1] درد بنا دَمُ ڪِينَ ٿو گُذري.

راه هدايت رمز رکيائين، هِردي[2] درد حَقِيقُ،[3]
ناز منجهارئون نازڪ نڪري.

دائم درد ديوانا ڪَيَڙا، روئڻ راز رَفِيقُ،[4]
ياد سَدائِي ڪِينَ ٿو وسري.

روزَئون روز سَوايو سُريُر، شائق شوق شَفِيقُ،[5]
ڪِينَ اندر مان اُلٽو اُيري.

سَڌڙِيَن سارَ اِها نا پِيَڙي، اُونهو بحر عُمِيقُ،[6]
سِرَ کان جُدائِي، پوءِ گهِري.[7]

"مُحمّد" سُودِي سَيرُ ڪرائي، تَجمّل[8] سان تَحقِيق،[9]
تَوڪَل تُرهي تارَ تَري.

---

[1] مشڪل، (2) قلب-دل، (3) لائق-سزا وار، (4) ساٿي، (5) مهربان، (6) گَهرو، (7) گهڙي، (8) شان شوڪت-دٻدٻو (9) يقين-اعتبار-تصديق.

كافي-677 (سُر تِلنگ)

سوز بِره ڊِيان سُرڪِيان يار، جنهن پِيتيان تنهن ڪُون حَبران.

حُسن ڪمال جنهين سِر آيا، محض[1] مشتاقان مزا پايا،
موج اِهِين وچ مُرڪيان يار، تيز تِنهان ڊِيان تَبران.[2]

عشق ديان ڳالهيان هَرجا هُليان، علم عقل ديان باتيان ڀُليان،
جهامَ[3] جهورِي[4] وچ جُهرِيان[5] يار، مَڪ ڳِيان[6] زيران زَبران.

اُدمانَ[7] اُلٽَ اَوِيڙِيان[8] آون، ماسُ هڏان دا "مُحمّد" ڪاوَن،
لُونءَ لُونءَ[9] دي وچ لُرڪِيان[10] يار، ساعت گهَڙِي نا صَبُران.[11]

ڳِي (2) ڪُهاڙِيُون، (3) اُلَر-جَهٽَ هٽڻ، (4) سِڪَ-ڳِٽتي، (5) زبُون ٿيون- ڀَڄِي ڀُري پيون،
ٿيون-ختم ٿيون، (7) جوش-جذبو، (8) ڏُکيون (9) وارَ وارَ، (10) گهٽي سڪ- تانگهَ،
ڪن.

ڪافي-678 (سُر توڙي)

درد دلبر جو آ دائم، چَين[1] هُون بي چَين[2] هُون،
دل لڳي دلدار سان، ڏِن[3] رَيْنِ[4] هون ڏِن رَيْنِ هُون.

ذڪر ذاتِيءَ جو فڪر، وِرهَ ۾ وَصُلِي هِجُر،[5]
يار ۾ آ يَڪ نظر، چَين هون بيچين هُون.

ڪَنيم مَلامت سِرَ متي، راز رحمت سِرَ متي،
بِرہ بِشارَتَ[6] سر متي، چَين هُون بي چَين هُون.

بيقراري بارُ پيو، نند نيڻن قرار ويو،
سُرت[7] سان بي سُرت ٿيو، چَين هُون بي چَين هُون.

حال هاديءَ جو سدا، گهورَ آ سِــرڙو سدا،
"مُحمّد" مُدامِي آ نِدا،[8] چَين هُون بي چَين هُون.

---

(1) آرام-سڪُون، (2) بيقرار، (3) ڏينهن، (4) راتِ، (5) جُدائِي، (6) خوشخبري- اِلهامُ، (7) هوشياري، (8) سَڏ-آواز.

ڪافي-679

(سُر جَهنگلو)

جن لڳي آ جان ۾، سُورَ ساماڻا،
ويٺي ساريان، ڪين وساريان، اَديون اَباڻا.

روز اَزل ڏنا آهن، آيـــلِ[1] اوراڻــا،[2]
راتيون ڏينهان، رِيهان ڪِيهان،[3] جِيءَ ۾ جهوراڻا.[4]

سُورَ تيا هِن سَنگِتي، ساه کي سِيباڻا،[5]
پيڪَن[6] مون کي ڏاج ڳڻايو، ڳِچيءَ ۾ ڳَهڻا.[7]

ڏِسَن پنهنجي ڏيهه ڏي، نيڻ نماڻا،
برهَ جي بَيرانُ[8] ڪيا، وَتن ويڳاڻا.[9]

"مُحمّد" جيها[10] دَر هاديءَ جي، لکين وڪاڻا،
ٻاجهه ڪندا هِنَ ٻانهي تي، مُحبَ چِڏي ماڻا.

---

(1) ماءُ، (2) لوليُون، (3) رڙيون-ڪُوڪُون، (4) سِڪَ-ڳِڻتي، (5) وٽيا-ياڻءِ پيا، (6) مائٽن، (7) ڳَهه-زيور،

ڪافي-680 (سُر جوڳُ)

عشق جنين وٽ آيو، سي ڪيئن سُک سمهن،
روز ازل ڪان اَڙيا، نانگا ننڊ نہ ڪَن.

جِيءَ اندر جهوراٽا،[1] جهورِيءَ[2] منجهہ جِهجَن،[3]
راتيون ڏينهان روئن، ٻُوندان بيحد ٻَرسن.

وِرهَ ڪيا ويراڳي، ويساهِي[4] پيا وِهسَن،[5]
لِنُوَ[6] لڳي لاهوتن، لُونءَ لُونءَ[7] لالَ لُڇَن.[8]

پُورٻَ پنڌ پيا، پلپل پاڪُ پَسن،
آڌُوتي پيا اورِن،[9] ڪَلَ[10] نہ ڪنهن کي ڏِيَن.

آهي وات وائي، "مُحمّدُ" محبوبن،
قربئون قدم ڪٽن، پِرين سَل پنهنجو ڪَن.

---

(1) سِڪَ-ڳِٽتي، (2) ڳِٽتي-سِڪَ، (3) اندرئي اندر ڳَرن-غم ۾ تڙپن، (4) ويساهَ وارا-يقين وارا، (5) خوش ٿين، (6)لَئون- پريت-پيار، (7) وارَ وارَ- رَڳَ رَڳَ، (8) ڦٿڪن- بيقرار ٿين، (9) ياد ڪن- ذڪر ڪن، (10)خبر-حالَ

ڪافي-681

(سُر سامُوندي)

دَم دَم منهنجي دل ۾، دردن جا ديرا.[1]

وِره وارِي واٽَ ڪي، وَرَ وَڪَڙَ ويرا.[2]

ڪٽندس ساڻ خوشيءَ جي، پرين جا پيرا.

پَرتَل آهن پِيرَ ڪي، مَندا[3] ۽ ميرا.[4]

جَلايَم مان جوش ۾، جان جگر جيرا.

"مُحمّد" جا مَنتارَ تون، پَلا ڪر پيرا.[5]

---

(1) ماڳَ-مڪان-جاءِ. (2) وَڪَڙ- ڦيرا. (3) خراب-بڇڙا. (4) گَدلا- خراب (5) يادگيري-وارو ڦيرو-ملاقات.

ڪافي-682

مَستِي موُجَ مَتاسي، ڳُوڙِهي[1] رَنگَ رَتاسي.[2]

مَنجهہ ڪُوري[3] جي ڪامَڻَ[4] خَبران، تَوَڻِ[5] عشق تَتاسي.

سُڪَن وارِي سِڪَ پَلِي وئي، غَمن منجهہ ڳَتاسي.

ذڪر ذاتِي، زوران زورِي، اِنهيءَ خيال ڪُتاسي.

”مُحمّد“ روز ازل ڪان رَهبَر، وَنگي[6] وِرهَ وَتاسي.[7]

---

[1] گهاٽي، (2) رنگياسِين، (3) وڏي مچ- بَنِيءَ، (4) سَڙڻ، (5) گرمي-تپش، (6) وَنگ هٽي قابو ڪرڻ،
[7] وَرتاسُون- وَنجِي پياسُون.

ڪافي-683

اَري[1] عشق جي آيا هُون، صورت منجهہ سَمايا هُون.

هَرجا حُسن حقيقي حاضر، جاڻَ اِنهي ۾ ڇايا هُون.

باهہ بِرهَ ڀڙڪي تي بدن ۾، تابَش[2] عشق تَپايا هُون.

پتنگَ جانِ پروازِي[3] مَچ تي، جوشَئون جِيءَ جَلايا هُون.

آر[4] اَڏِيءَ تي اُمالڪَ اڪٿ، قُربئون قدم سَوايا[5] هُون.

محبوبي معراج "مُحمّدؐ"، نازڪ ناز نِوايا[6] هُون.

---

(1) وَڪَڙ ۾ ڦاسڻ، (2) گرمي، (3) پرواز ڪندڙ-اُڏامندڙ، (4) شوق- ڪشش، (5) وڌيڪ، (6) جُهڪايو.

ڪافي-684 (سُر پيرُو)

هِردي[1] وچ هَرنامُ،[2] رامُ رِيجهاوِين رامُ رِيجهاوِين.

آتش عشق آڙاهُ[3] پيا ٻَلدا، فوج ڪُوري[4] دِي ڪامُ،[5]
جان جَلاوِين جان جَلاوِين.

هوڪا ڏيوين حقيقت والا، نوڙ دُئي[6] دا دامُ،[7]
حق سَماوِين حق سَماوين.

وچ سيني دي سبق سَنيالِين، 'مُوتُوا قَبلَ'[8] مُدامُ،[9]
آپ گَنواوِين آپ گَنواوِين.[10]

قلب وِچُون چا ڪورِين ڪَڍِين، خطرا خارج خامُ،[11]
وَهم وِچاوِين وَهم وِچاوِين.

"مُحمّد" معنيٰ وچ موجودِي، عربي اَحمَد جامُ،
اَحد اَلاوِين اَحد اَلاوِين.[12]

---

(1) دل-قلب، (2) هَرِي- الله ج- رامُ- (3) وڏو مَچ، (4) وڏو مَچ — ٻَنِي، (5) سَڙڻ، (6) ٻيائِي، (7) ڦاسائڻ واري ڄارِ، (8) "موت کان اڳ مرڻ" يعني نفس کي مارڻ، (9) سدائين، (10) وِڃائِين، (11) ڪچو-خراب-ناقص، (12) ٻولين- چوين- ذڪر ڪرين.

ڪافي-685 (سُر ڪوهيارِي)

سُورائِتن سان سُورُ، اوريندِيُون اڃي عشق واريُون.

جَڙ[1] لڳي جن جان ۾، جهوراٽي[2] ڪَيُن جُهورُ.[3]

وارُ نہ واندِيُون هڪڙو، پلپل پيو تن پُورُ.

ڦُوهان[4] ڏئي ڦَٽڙا چِڪَن،[5] چاڪَن[6] ڪيو تن چُورُ.

هٿ ڪيائون هاديءَ وٽان، محبت وارو مُورُ.[7]

سمجهڻ ناهين سُترو،[8] "مُحمّد" هِي مَذڪُورُ.[9]

---

(1) لَنئون لڳي- پيار ٿيو. (2) ڳِٽُتيءَ. (3) زَبُون- تمام ڪمزور-پوڙهو. (4) تازا ٿي- اوجَ سان-پوري زور سان. (5)پُونءِ سان ڀرجن. (6) زخمن. (7) اصل رقم-سرمايو. (8) سؤلو-آسان. (9) ذڪر-گفتگو.

ڪافي-686 (سُر تِلنگَ)

ڏکن ڏَڏَلُ[1] مُون[2] آهيان، تُنهنجي رَمزَ ڪيو رَنجُورُ.[3]

وارُ نہ واندو هڪڙو، پلپل پوي تو پُورُ.[4]

قَتيَلُ فراقن آهيان، حاصل تئي تہ حُضُورُ.

راتيون ڏِينهان آهن ڪِيهان، جهوراٽي[5] ڪيو جُهورُ.[6]

حقيقتَ جي حال ۾، مَردَ ڪيو مَنظُورُ.

"مُحمّد" کي مَحض[7] ملڻ جو، دوست ڏسيو دَستُورُ.[8]

---

(1) ڏُکويَل-هِيڻو، (2) مان-آئون، (3) رَنج-ڏکويَل، (4) خيال، (5) ڳِٽتِيءَ، (6) ڪمزور-زَبُون- پوڙهو، (7) فقط-رڳو-نِــجُ-خالص، (8) رسم-طريقو-قانون-قائدو.

ڪافي-687

نينهَن وَهن تيون نِڪانُ نِڪانُ،[1]
بَس ڪَرِن تيون ڪِينَ ڪِي.

اصل روز ازل ڪئون، پِرِيَن پيارِيُون پِڪانُ پِڪانُ.[2]

ڦَڦِڙِيا[3] ڦَٽَ فراق جا، چاڪَ چِڪَن تا چِڪانُ چِڪانُ.

ياد ڪريان پيو يار کي، ڪِينَ لَهن تيون سِڪانُ سِڪانُ.

محبت جي ميدان ۾، دُڦُ[4] دَڙِيُون تيون دِڪانُ دِڪانُ.[5]

پِڏرو ڪيو پڳدار اچي، لوڪَئُون ڪيئَن مان لِڪانُ لِڪانُ.

"مُحمّد" مُنهُن محبوب ڏي، ڪيئَن وري مان ٽِڪانُ ٽِڪانُ.[6]

---

(1) ناليُون-پاٹيءَ جون ڪَسيُون، (2) پِڪُون-لُعابِ دَهَن- وات جِي رَس. اصطلاحاً - اِلاهِي عشق جو رَس، (3) سُجِي پيا، (4) هوا جي زور تي اُڏاٽل ڌُوڙِ، (5) دِڪا- رڪاوَٽون، (6) تَرسان-رهي پوان.

(سُر پِيلو) ڪافي-688

دائم قائم درد، ديھِي[1] دم دَرازُ[2] ٿيو.

اچي ٿي اندر ۾، آهَ عشق سَرد،
اِمدادِي[3] اِمراض[4] ٿيو.

رَتُ سَڙِي رَڪَ ٿِي، رُوءِ[5] رَنگَ زَرد،[6]
سِينو صاف سَرازُ[7] ٿيو.

”مُحمّد“ کي مُدامِي مليو، مُرشد مُغان مَرد،
رمز وارو رازُ ٿيو.

---

[1] جسم، (2) ڏِگھو، (3) مدد-بخشش، (4) مرض جو جمعُ آهي- بيماري، (5) مُنھُن-چِھرو، (6) ڦِڪو-پيلو (7)سونَ ۽ چانديءَ جو پَرتُ ڪندڙ.

داستان: جامِ عشق

ڪافي-689 (سُر ڪوهياري)

ٿيو وَجد[1] وجود ۾ واصُل، سارو حال حقيقت حاصُل.

مليو قَدَحُ[2] قَوِي[3] ڪَلالِي،[4] جاڳيو جابر جوش جَلالِي،
رِندِي رُتبو خاصو خاصُل.

هَتئون جامُ هاديءَ جنهن پيتو، ’مُوْتُوْا قَبْلَ‘[5] مَري سو جِيتو،
اعليٰ عين ٿيو آ سو اَفضَل.

سيني سَوُزُ سَدائين سَوايو، پَڙڪو باه پِيَڙُ جنهن لايو،
نادر نينهن ٿيو خود نازِلُ.

عَين غَين هِڪائِي صورتَ، نُقطو نانُهِ ڪيائين پوءِ پُورَت،
وَڳو تار توحيديءَ وارو طَبَلُ.

اَحَدَ مَنجهارئون ٿيو اَحمَد، بِي مِيمَ ملائڻ سان ٿيو ”مُحمَّد“،
رهيو رمز اِنهيءَ ۾ سو رَل مِل.[6]

---

(1) وَجدُ= بيخودي. (2) قَدح= پيالو-جامُ. (3) قوي= طاقتور. (4) ڪَلال= موڪي-شراب ڏاهيندڙ-ساقي-
[illegible] (5) ”مُوْتُوْا قَبْلَ“= موت کان اڳي مرڻ يعني نفس کي فنا ڪري ڇڏڻ. (6) مليل-واصل.

(سُر تلنگ)

ڪافي-690

مَست ۽ مَدهوش ٿِيڙُم، شَوقَئون مليو شيشو شَرابُ،
تي نِسنگ نانگو نهايت، نِينهَن کي پائُيم نَوابُ.

غير جو ٽَڳو[1] ٽوڙيم، وحدتِي وَڳو پَهريُم،
تي گدا گر سَير ڪَيڙُم، لوڪَ ۾ لاهي حِجابُ.

علم ۽ اعمال جو، ويو فڪر گهَرَ بالَ جو،
همدم حقيقِي حال جو، قُربئون پڙهيم ڪَيفِي[2] ڪِتابُ.

"مُحمّد" سُچاڻج حق بِي، بِيو شِرڪَ نه آڻج شَڪُ بِي،
غازي سدائين غرق بِي، تن حرف ناهي ڪو حِسابُ.

---

(1) وَٽيل سڳو-فقيراڻو ڳانو- ڳچيءَ ۾ پيل سڳو (2) نشي وارو.

[نوٽ: "ٽَڳا ٽوڙڻ"=واسطا ختم ڪرڻ.]

ڪافي-691

(سُر تلنگ)

ڏي سِرَ سِرڪِي،[1] وٺ تون سُرڪِي،[2] ساقي ڪَيفَ[3] قُربَ ڪَلالَ[4] ڪئون.

عاشق اڄ تون آرَ[5] اَڏِيءَ تي، مُحڪَم معنيٰ موج مَڏِيءَ[6] تي،
وڃ نا ڪُرڪِي،[7] مَٿَ تي مُرڪِي، حاصل ڪر حَقَ حَوالَ[8] ڪئون.

وِڪَ وَڌائي ويھ نہ وڃ تي، سالِڪَ سُرتِيا[9] رَہ تون سڄ تي،
هَلُ تون هِرڪِي[10] چانگَلَ[11] چُرڪِي،[12] واقف ٿِي تون جوتِ[13] جَمال[14] ڪئون.

ڪاهي آيا ڪُويا[15] ڪيئي، ڪَلَ[16] تَنين کي پِرتَئُون پيئي،
لُونءَ لُونءَ[17] لُرڪِي[18] ڏيان ۾ ڏُرڪِي،[19] بازي بيرنگ بي تہ مثال ڪئون.

برهَ بهارِي بَرسَر بالا، عاشق ماڻج عشق اَتالا،[20]
نينهَن جي نُرڪِي[21] پِيءُ تون پُرڪِي،[22] "مُحمّد" مُڙُ نہ مُونجهہ مَلال ڪئون.

---

(1) رِڙهِي-اڳتي وڌي، (2) جامَ جو ڍُڪَ، (3) نشو-سُرورُ، (4) شراب ٺاهيندڙ، (5) شوق، آريءَ (6) مُوڙِي-ملڪيت، (7)رَنج ٿي، (8) معلومات ڏيندڙ، (9) سُرت وارا- هوشيار، (10) هِرڪِي-موهجي-سِڪَ سان، (11)اي بهادُرَ-(اُت کي بہ چوندا آهن)، (12) چُرِي-هَلِي، (13) روشني، (14) سُونهن، (15) بهادر، (16)خبر، (17) وارَ وارَ-جسم جي ذري ذري، (18) تيزِي، (19) اَصل ڪان، (20) گهڻو سامان، (21)چَمڪَ، (22)پَرنُور.

(سُر توڙي) كافي-692

رکين شؤق شراب دي پيوڻ دا،
"مُوْتُوْا قَبْلَ مُوْتُـوْا" تِـي جِـيـوڻ دا.

پُر پيوڻ سي برخِيز[1] تيوين، اُٿان عاشق وڃ آميز[2] تيوين،
عطا عين عروج اَنگيز[3] تيوين، نُقطي نِينهن نهايت نِـيـوَڻ[4] دا.

هستي حال هَمہ کُون تَرڪ ڪرين، وڃ غيب دي غازي غرق ڪرين،
وحدت وڃ وجودي ورق ڪرين، ٻولي ٻـوڙ ٻيائي ٻيوَڻ[5] دا.

شير دلير تي پِڙ ۾ آوين، سِـر دا سانگا ثابت چاوين،
کُڏ کُڏ کُويا قدم اُٺاوِين، اَنَاالْحَق آوازي تِـيوَڻ دا.

"مُحمّد" طلب دي تند رکين، قيد قَفس[6] کَمَند[7] رکين،
پيچ پريت پيوَند رکين، صوفي صاف صفا تي سِيوَڻ[8] دا.

---

(1) اُٿڻ، (2) مِلين-ميلاپ ڪرين، (3) اُڀرڻ- اُٿڻ، (4) نِيَڻ-توڙ پُڄائڻ، (5) ٻِيڻ- گهٽائي- ڪثرت،

ڪافي-693

(سُر ڪسوري)

هتئون هاديءَ جي جامُ مليو، سڀ غير گمان بہ گهٽ ڪِياسي.

مَستِي مَئي مخمور اسان کي، عشق اَلهُوتَ[1] ۾ اَتِڪياسي.

ڪاهي پياسي ڪُنَ انهيءَ ۾، چوهَٺُون[2] چولِن چُتِڪياسي.[3]

خلق جي خواري توبَہ زارِي، هِرسَ[4] اِنهيءَ نہ هَتِڪياسي.[5]

"مُحمّد" راتيان ڏينهان رِيهان، سوز اِنهيءَ ۾ سَتِڪياسي.[6]

---

(1) نشو (2) چوهہ سان-تيزيءَ سان، (3) چولين ۾ پياسين، (4) خوف-هتي هراس جي مخفف طور استعمال ٿيل آهي، (5) گهبراياسين، (6) ڏَڪياسين-وڙهياسين.

(سُر ويهاڳُ) ڪافي-694

خُمر[1] جو خوراڪي آ خُمار[2] مست، مَئي محويت جو آ مختيار مست.

حَلاجي حقيقت ۾ هوشيار مست، نانگو ناتُ[3] نَر نيهي[4] نروار مست.

زُهد زيرِ پائي،[5] ڳَل ۾ زُنار[6] مست، ڪفر عشق جي ۾ آ قرار مست.

ميدان ملهائي تو مؤجدار مست، اَلوهِيت آر اسرار مست.

علي عين احمد ٿيو اظهار مست، "مُحمّد" مِڙني آ مهندار[7] مست.

---

(1) شراب، (2) نشو، (3) مالڪ-وڏو جوڳي، (4) سچو عاشق، (5) پيرن هيٺان، (6) جَٽيُون-هندن جو مذهبي ڌاڳو، (7) اڳواڻ-رهبر.

(سُر ڪانرو)

ڪافي-695

جنهن تہ پياريو جوش منجهارئون، مست قَدَحُ[1] مَخمُور[2] اسان کي.

پيڻ سان ڪُلِي پيا پردا، ظاهر باطن ظَهُور اسان کي.

مئيخاني جي مَٽَ منجهارئون، بيشڪ ڪيائين پرپور اسان کي.

هِردي اندر هادِيءَ وارِي، تَجلِي تابش[3] طُورُ اسان کي.

هڪ نگاهہ سان نِرتئون[4] نِرمَل،[5] ناطِقُ[6] ڪَيَڙو نُور اسان کي.

پيهِي پِرتَئون پاڻ چيائون، "مُحمّد" سِرُ منظور اسان کي.

---

(1) پيالو-جامُ، (2) خمار وارو-نشي وارو، (3) چمڪ-روشني-گرمي، (4) نظر سان-ڏيان سان، (5) پاڪ صاف، (6) ڳالهائيندڙ.

(سُر آسا)

ڪافي-696

مَئي دي مهراڻ وچون، پَرپَر پِيوَن جام ڪَنُون،
سُرڪِي صاف ڪِيتا هي سِينا، چِٽي دُئِي دي دامَ ڪَنُون.

فرش ڪنون لنگهہ عرش اُڏامن، خيال اُنهان خاصان دا وي،
خاصُ الخاصِ طريقت جاوَن، اَنتُ نہ ڏيوَن عام ڪَنُون.

ڳالهہ ڳُجهِي نُون ڳولن ڦولِن، راه حقيقي رِندا[1] وي،
گهِن پيغام تيا هِن پڌرا، عربي اَحمَدَ جام ڪَنُون.

دَم دِي دوڙ دَوامِي[2] دل ڪُون، وار نہ هڪ واندا وي،
تيا آزاد اُهي عاشق، خالي خطري خام ڪَنُون.

جسم ڪَنُون تيا جاهل جائِي، خون جگر دا ڪاندا وي،
”مُحمّد“ مُحڪَم ماهر ٿيوَن، مرشد والِي مامَ[3] ڪَنُون.

---

(1) رِندَ-سچا عاشق، (2) هميشہ-سدائين، (3) راز.

ڪافي-697

ٿي واقف حقيقي حال ڪَنُون، عَينُ اَحديت[1] احوال ڪَنُون.

پِي پريم دا پُرڪر پيالا، مست رهين مدهوش متوالا،
سُرتِ سَراسَر رکين سَنيالا، سَٽِ خام خودي دي خيال ڪنون.

مَئي مَٽ وچون جن سُرڪِي پيتِي، نينهن نماز قضا نہ ڪِيتِي،
رَسم تِنهان دي رِندِي رِيتي، جذبي دار جَلال ڪنون.

اِهِين اَڏِي تي عاشق آوَن، ڪُڏ ڪُڏ ڪُويا ڪنڏ ڪَپاوَن،
سُورهيہ سِردا سانگا چاوَن، ڇُٽ پئي جسم جَنجال ڪنون.

"مُحمّد" مانجهي ڪڏهان نہ مُڙسَن، قدم اَڳون تي واه جو ڏَرسَن،
پلپل پيش پِريان دي پَئوسَن،[2] جانب دي تہ جَمال ڪنون.

---

(1) وحدانيت-هيڪڙائي، (2) پوندا.

ڪافي-698 (سُر پيرُو)

جن پيتو آ جامُ، مست رهن تا مرد مُدامِي.[1]

"اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ"[2] ياد تَنين کي، قَالُوۡا[3] قولُ، ڪَلامُ،
عاشق عشق ۾ ٿيا آرامِي.

"فَاذۡكُرُوۡنِيۡۤ اَذۡكُرۡكُمۡ"[4] جو دل انــدر آ دامُ،
خطرا خارج ويا اُڏامِي.

هردم رهه تون حال سان، قال[5] ڪُلِي ڇڏ ڪامَ،[6]
سِڪَ سيني ۾ سانڍِج سامِي.

ويسَر جو تون وهم وڃائي، نِسَنگَ[7] وٺ تون نامُ،
خالي خيال ڇڏي ڏي خامِي.[8]

"مُحمّد" لائِـج لِيئو پائي، دَمَ وارِي دُمَ ڌامَ،[9]
هادي تو سان هردم حامِي.[10]

---

(1) سدائين. (2) "آئون توهان جو رَبُ آهيان؟" روزِ ميثاق تي اللهؔ روحن کان پڇيو هو. (3) روحن جواب ڏنو ته "قَالُو بَلٰيٓ= ها تون اسان جو رب آهين". (4) رب پاڪ فرمائي ٿو ته: تون ياد ڪر مون کي ته آئون ياد ڪريان توکي". (5) ڳالهه ٻولهه. (6) خواهش-ڪَمَ. (7) ظاهر-پڌرو. (8) خرابي-ڪَچائِي. (9) زور شور سان.
(10)

داستان: مامَ مَنصُوري

(سُر پيروي)

كافي-699

اصل عشق وارن جو سُورِي سَمَر آ. نيزي نِينهَن جي تي نيشان سِرَ آ.

سوريءَ واري سڌ تي سدا تن سفر آ. هَڪل ساڻ همدم ترسڻ نہ تِر آ.

مَلهيا[1] ميرمانجهِي[2] وَڏجو[3] تن وَڪَر آ. ڏنئون ڪاتَ جي ڪَنڌُ ثابت تن صبر آ.

فتح فوج فالم فَهم فيض فَقر آ. "جُهْدُ فِيْ سَبِيْ"[4] هِي اَلستِي اَمُر آ.

عدم ڪان اندر ۾ اِلاهي اَثر آ. "مُحمّدُ" موج مَستِي مُدامِي مَندر آ.

---

(1) سوڀارا ٿيا، ڪامياب ٿيا، (2) پهلوان، سردار، سورهيہ، (3) واپار ڪيو، سؤدو ڪيو، (4) "جُهْدُ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ" جو مُخفف آهي-يعني "الله جي راهہ ۾ جهاد يا ڪوشش ڪرڻ".

(سُر پيرُو)

ڪافي-700

عاشق اَڏِيءَ تي آوِندي ني، ڪُڏ ڪُڏ ڪَنڌُ ڪَپاوِندي نِي.

جوش جِنهانُ نُون جوت جڳاوي، سوز تِنهانُ نُون، سُور سَماوي،
ڪوئي اُنهانُ دا پيد نہ پاوي، اُلٽان اُلٽ اَلاوِندي نِي.

وِچ وجود دَباون ديرا، هانءُ ڦقڙ جَلاوَن جيرا،
هَر رڳ هَر پوٽيان پيرا،[1] مِڪَ هڏان دِي ڪاوِندي نِي.

راز نِهانِي[2] موج معانِي، فرق فَتُور[3] ڪَريندا فاني،
جِتِ ڪِتِ جاني سِر سُبحاني، پولُ نہ پيا ڪوئي پاوِندي نِي.

ڪُوپا آوَن قدم ڪُڏاوَن، ثابت سِر دا سانگا چاوَن،
"مُحمّد" مرد ميدان ملهاوَن، لاکي توڙ نياوِندي نِي.

---

[1] گوشت جائي ڪر (2) لڪل [illegible] (3) خرابي

كافي-701 (سُر توڙي)

جيڪي عاشق نام سڏائن تا، اُهي پلپل پاڻ پچائن تا.

راتيون ڏينهان ڪن رِندَ رِيهان، دوستن جي در وينتِيُون[1] وِيهان،
قرار نہ تن ڪُوڪارَ[2] ڪِيهان،[3] جوڳي جُهدَئُون[4] اَلڪُ[5] جَڳائن تا.

عاشقَ اَڏِيءَ جي آرَ تي، ڏَڙُ سِرُ رکيائون ڏارَ تي،
تِڪَ تِڪَ[6] ٿين تلوار تي، ڪيئي ڪُويا[7] ڪنڌ ڪَپائن تا.

حُسن جنين هموار ڏٺو ڪائڻ پيئڻ تِنهين ڪِينَ مِٺو،
لوڪ جي سُهمَن[8] صدمو سَٺو، اِنهيءَ جوش ۾ جِيءُ جلائن تا.

عشق وارا قربان ٿيا، نيزي سِر نيشان ٿيا،
دارينَ[9] ۾ عين عَيان[10] ٿيا، ”مُحمّد“ ساهَ سِيبائِن[11] تا.

---

(1) عرضَ- عاجزيون- منٿون، (2) سَڏ-رڙيون، (3) دانهون، (4) ڪوشش سان، (5) جنهن کي لَکي نہ سگهجي-محسوس نہ ڪري سگهجي (يعني الله)، (6) ٻوٽِـي ٻوٽِـي-ذرا ذرا، (7) بهادر، (8) طعنن، (9) [illegible] (10) ظاهر [illegible] (11) [illegible]

ڪافي-702 (سُر آسا)

بِرهِ بقائِي لاتِ لَقائِي، لاهوتي لاثانُ،[1] دائم آ دردمَندن دَرمانُ.[2]

ڪَپي ڪوري جِيءَ ڪي جهوري، رَڳان[3] ڪري تو رَبابُ،[4]
نادر نَـرُ نِينهن سَدائِي نواب، جوت جَڳائي وهم وڃائي،
بره وَسي بارانُ،[5] اَلستي عرش متئون آشيانُ.[6]

اندر چولي ٻَهڪڻ[7] ٻولي، اَنَاالْحَقُ آواز،
شهنشاه شور پريو شهباز، سُورِي سَلائي ماڳ رَسائي،
نيزي سِر نيشان، ڪَشي تو قرب سندوئي ڪانُ.

ڪُويا[8] قائم دُولَهه[9] دائم، اَڏِيءَ تي اِرشاد،[10]
ڪيائون عين اچي آباد، سِر جي بازي سرفرازي،[11]
"مُحمّد" نا اِمڪان، ملهائي مرد ڪوئي مَيدانُ.

---

[1] جنهنجو ڪو مَٽ يا ثاني نہ هجي، (2) علاج، (3) رڳون-نَسون، (4) ساز جو هڪ قِسم، (5) بارش، [6] آستانو-آشيانو-آڪيرو، (7) گهٽڻ گُٽڻ وارو-خوش اخلاق، (8) بهادر، (9) گهوٽ-سخي – ڏاتار، [10] رهنمائي-نيڪ هدايت، (11) سربلندي – وڏائپ- متاهون مقام.

ڪافي-703 (سُر آسا)

وڃ وِچالي وحدت والي، ثابت سَير ڪريندا هُون،
اَنَاالْحَقُ آواز اِلاهِي، دائم دم مَريندا هُون.

مَذهب مِلت معاف مڙيئي، عاشق عشق ڪمائيندا هون،
بي سِر بي پا[1] تي ڪر بانڪا،[2] اُلٽا قدم ڌَريندا هون.

تي منصور ميدان وچ محڪم، سُورِيءَ سِرَ سَٽيندا هون،
مُکُ[3] مَعراج محبوب مُنور،[4] تار اِنْهين تَريندا هون.

قُمْ بِـاِذْنِي[5] ماري نعرا، آپي کَل کَليندا هون،
آپ وِچون چا آپ لَڌوسي، دُرس[6] دُوئي نُون ڀَريندا هون.

همت هادي حاضر ناظر، رِندِي رمز چَليندا هون،
"مُحمّد" مست مُدامِي هوڪي، اوُرکَنون نہ ڏَريندا هون.

---

(1) بنا پيرن جي، (2) بهادر، (3) مُنهن-چِهرو، (4) روشن، (5) 'اُٿِي منهنجي حڪم سان'- شمس تبريزيءَ فرمايو هو، (6) سچ پچ.

ڪافي-704

آرُ[1] رک اَڏِيءَ جي اَيوانَ، اَچين چو نَتو،
مُتَّ نہ مَلامت ڪئون مَردانَ، مَچين چو نَتو.

نامر کي نفي ڪر، گُم نامر ٿيءُ تون غَمزي،[2]
رنگ راز روحي رِنُدانَ،[3] رَچين چو نَتو.

شائِق شِتابُ[4] شاغِل،[5] شهنشاهي شمع تي،
پرواز پَڏر پئو پروانَ[6] پَچين چو نَتو.

سِرَ کي سَماءِ سِرَ ۾، سِرَ ڪئون سواءِ سِرُ ناهين،
بَڪوات بيهُودگِي بَيرانَ،[7] بَچين چو نَتو.

مَيخانَ ۾ "مُحمّد"، مُحڪم مُدامر رهہ تون،
محفل محبوب ماهر نِيشانَ، نَچين چو نَتو.

---

(1) ڪَشش-اُڪِيرَ پيار- حُبَ، (2)اک جي اشاري ۾، (3) اي رِندَا!، (4) جلدي، (5) مشغول-مصروف،

ڪافي-705 (سُر ڪسوري)

بي سِر ٿي ڪو ڪيڏي خانُ، عشق جي راند اَٽانگِي آ.

ڏاجَ ڏکن جا ڏي ٿو ڏوڙا،[1] سورن جو سامانُ.

رڳَ رڳَ ۾ آ راز اِلاهي، ساروئِي سُبحانُ.

هردم رک تون چِتَ ۾ چاهَئون، گُرؤَ وارو گيانُ.[2]

"مُحمّد" سمجهي مامَ اِهائي، جُنگ هجي ڪو جوانُ.

---

(1) ٻيٽا- ٻنا، (2) روحاني علم

ڪافي-706 (سُر ڪسوري)

آءُ ميان عاشق سِر ڏي سُوريءَ، نيزي تي نروار ميان.

مردانو تي مامَ پَچاڻج، پولو ٻيو تون ڪونہ ڪو پائج،
گيتُ سدائين اِهو ڳائج، صوفي سُخن سچار ميان.

علم شَرع سان تُنهنجو چاهي، لاڳاپا سڀ ڇڏ تون لاهي،
جوش مَنجهارئون جوت جاڳائي، ڏِسُ تماشو يارَ ميان.

”مُحمّد“ شُڪر ڪئِي سي شادِي، حرف پڙهايو هِڪو هادِي،
سَير ڪيوسي يار سَوادِي،[1] لَتڙا غَمَ غُبار[2] ميان.

ڏُنڌُ-اَنڌيرو-رنجَ.

ڪافي-707

مان نتو ٻوليان يار تو ٻولي، اَزغَيبي آواز اچي.

ڪنهن کي لَکڻ[1] ۾ ڪِينَ ڪِي آيو، رمزپنهنجي ۾ راسُ[2] رَچي.[3]

محبت وارو مَچ مچائي، پُختو ٿي، پَروانُ[4] پَچي.

لاشَڪ لِڪَ لِڪوتِي لاهي، نِسنگ نانگو ناٿُ نَچي.

پکو ٿي پرواز ڪري ٿو، هِتڙي ڪم نہ آهي ڪَچي.

اُونهي مَئُون اظهارِي ڪَيڙِي، سُخن سچاري سَيّد سَچي.

هادِيءَ هٿارئون دَست بِدستِي، "مُحمّد" باهِن ڪئُون ٿو بچي.

---

(1) محسوس ڪرڻ-سمجهڻ، (2) ٺيڪ- مڪمل پورو، (3) پَچي-رنگ ۾ رڱجي، (4) پروانو-پتنگ.

كافي-708 (سُر پهاڙي)

سِر دا سانگا چوڙِين، منهن نہ موڙِين،
مَئي منصوري مامَ نُون.

ڳاپا سَگ سِياپا،[1] ٺَهڪي[2] پهرين ٺوڙِين، جنگ جوڙِين.

وپا[3] گُم ڪَراهين، وحدت نُون چا وؤڙين، بيائِي ٻوڙِين.

وين پِڇي نہ هَٺاوين، دُرس دلاور دؤڙين، خيما ڪوڙِين.

امي مؤج "مُحمّد"، عيش اِلاهِي لوڙِين،[4] چُست چوڙِين.[5]

جوش-اُڀرڻ- جلڻ، (3) عزت وارو وڳو-خلعت (يعني وڏائيءَ وارو وڳو)، (4) نتيجو
عمال ڪرين، عيش ڪرين.

(سُر پهاڙي)

ڪافي 709

اسان مدهوش مَستِيءَ ۾، اَنَاالْحَق بِي اَلايون تا.
خودي پنهنجيءَ ۾ خود بڻجي، ٻيو نا ٻولُ ٻانيون تا.

ڪڏهن گُمنام هُون غَرقِي، ڪڏهن تارڪُ رهون تَرڪِي،
ڪڏهن غَربِي[1] ڪڏهن شَرقِي،[2] سَيئي چاليون ڇَلايون تا.

ڪڏهن طالب ڪڏهن مَطلُوب،[3] ڪڏهن غالب[4] ڪڏهن مَغلُوب،[5]
ڪڏهن ساجد[6] ڪڏهن مَسجُود،[7] سُڄاڻي سِر نِوايُون تا.

ڪڏهن راضي رضا تي هُون، ڪڏهن قاضي قَضا[8] تي هُون،
ڪڏهن پورا شَرع تي هُون، حقيقت حق هلايون تا.

ڪڏهن مَحڪُوم[9] هُون حاڪم،[10] ڪڏهن مرحوم[11] هُون راحِم،[12]
ڪڏهن مَيدان کي مُحڪُم، مري "مُحمّل" مَلهايون تا.

---

(1) اولهه وارو يعني غروب ٿيندڙ، لَهندڙ. (2) اوڀر وارو- اُڀرندڙ. (3) جنهنجي طلب يا گهُر هجي، (4) زبردست- فتح ڪندڙ. (5) هارايل-هِيسيَل. (6) سجدو ڪندڙ. (7) جنهن کي سجدو ڪجي، (8) خدا جو حڪم- قسمت. (9) تابع-هٺ هيٺ-رعيت. (10) حڪم هلائيندڙ-بادشاهه. (11) رحمت ڪيل-بخشيل، (12) رحم ڪندڙ.

(سُر جَهنگلو

ڪافي-710

مرد آيا ميدانَ محبت، ڪُوپا[1] ڪَستَئون[2] ڪاهي وو.

مَحبُوباڻِي مَجلس ۾ ويا، پير پِرتئون پائي وو.

پُر پيالو پِي ڪري ويئا، نِينهُن سچڻ سان لائي وو.

گوبَرَ[3] بنجي گُم جو ٿيڙا، نانءُ نيشان وڃائي وو.

"مُحمّد" آ تون سِر ڏي سُورِيءَ، ڏَپَ سيئي ڌاهي وو.

---

(1) بهادر، (2) جوش مَئون، (3) پاڻُ- خاڪ- چيٽو- يعني فنا ٿي وڃڻ

كافي-711

(سُر پِيلو)

سِرُ[1] تون سارو سمجهي سالڪَ، ڏي سِينگاري يارَ کي.

محبتي ميدان ۾، وِڪَ وِيرَ تون پنهنجي وَڌاءِ،
لاَ جي خنجر ساڻ هڪدم، مارِ تون مُردارَ کي.

"فَاذْڪُرُونِيْ"[2] فيض وٺ تون، خيال رک هردم اِهو،
چو وساري وقت ويٺين، ياد ڪر اِقرارَ کي.

"مُحمّد" مزو چَکُ موت جو، تون جان پنهنجِي کي جَلاءِ،
هڻ ٽُبِي تون بَحر ۾، عاشق پَسِين[3] اِسرارَ کي.

... "تون ياد ڪر مون کي" (فرمانِ الاهي)، (3) ڏِسين.

ڪافي-712

جيڪي ڪُسَڻ جا ڪوڏِيا،[1] ڪنڌ ڪاتَ ڪٺون سي ڪيئن ڪَڍِن.

لاَ سَندِي تلوار سان، اعليٰ عَينَن جي اِسرار سان،
ٿيا ذَبحُ[2] هڪ وارَ سان، مشتاقن کي مَـرحانُ[3] وَڍِن.[4]

رِند راهَ اِنهي ۾ روانا ٿيا، جوڳِي جُهدئون جُنگَ جوانا ٿيا،
شوقئون شمع تي پروانا ٿيا، جولاَنَ ۾ جوشئون جَلن.

دارَ دَمُ ديدار ٿيو، حَلاَجُ هلي هَسوار ٿيو،
موتِڻ تَنهِين کي مَيار ٿيو، سُورهيه سدا سِرُ تا ڏين.

"يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ"،[5] يانئِن تا حَسْبِي،[6]
"مُحمّد" ڪانہ سَمجهئون ڪا ڪَس بِي، ميدان تي مَرڪِي[7] مَلهِن.[8]

---

(1) شوقين، (2) ڪُسڻ، (3) يَلي-بيشڪ، (4) وَڍِين، (5) "الله جي راهَ ۾ جهاد ڪَن ٿا" (6) سٺي حسب نسب وارا-خانداني ماڻهو بي معنيٰ: "حَسبِيَ الله" يعني جيڪي سمجهن ٿا تہ "اسان لاءِ الله ڪافي آهي"، (7)فخرسان، (8) سُرخرو ٿين- ڪامياب ٿين- سَرسِي ڪَن.

ڪافي-713 (سُر پَٽ مجرِي)

عاشق اَڏِيءَ تي آيا اُمالڪ، مرد نا مُوَرئون مُڙيا.

ويا ورڻ ڪئون ڪِينَ وَرندا، لاڪِيُون[1] لاشڪ لنگهيا،
ڪُل آسرا اڌ ۾ ڇڏي، وڃي جُوءِ جانب جي جُڙيا.

قرب واري قيد ۾، قابُو ٿيا ڪَوڙين ڪيئي،
ويا زُغا[2] ظاهر سندا، ٿَهڪي[3] پهرئين ٽَڳا ٽُڙيا.[4]

ناتو نيائن نياز سان، سِڪَ سيني منجهه سچي،
ٻولَ ٻهڳُڻ[5] جي ٻَڌا، ٻيو ڇا ڪَرِن ڇوهَئون[6] ڇُڙيا.

اُونهي بَحر عُميقَ ۾، گُهوران ڏئي "مُحمّد" گهڙيا،
مؤج ڏسي مهراڻ جِي، لَهرَ ۾ لائقَ لُڙهيا.

(1) جبل جا لَڪَ، (2) زُگا (سنڌي)=ڊاڙون-ٻناڪُون، (3) جوش-اُٻارَ، (4) لاڳاپا لَٽا- تَعلقَ ٽُٽا، (5) گهڻن

ڪافي-714 (سُر پَٽ مجرِي)

جوڳِي جُنگَ بيٺا جَنگِ ڏَئِي، پڙَ مَلهِي[1] پهلوان ٿيا.

ڪاهي وجن ٿا ڪوڏَ مَئون، ڪُوپا قديمِي ڪاڪِ تي،
ڪڏهن مُرَيا سي ڪِينڪِي، سُورهيه سدا سلطان ٿيا.

ڪَربَل جي مَيدان ۾، سِر ڏنائون سَهجَ[2] مئون،
ساجُهر چڙهيا وجي سانگَ[3] تي، نيزي مٿي نِيشان ٿيا.

سِرَ ڪٺون جدا ڪن پاڻ ڪي، ٻِي غرض ڪنهن جي نا ڪِين،
هڪ ٿيا وجي سي حق سان، دَرَ تَنهين دربان ٿيا.

نڳِي ناهَه جو تَڙڪو[4] نَپِي،[5] سالڪَ رهن سج تي سدا،
مامَ ڪي "مُحمّدؐ" سڃاڻي، شوقَ اِنهين شادان[6] ٿيا.

---

(1) سَرسِي ڪري- سُرخُرو ٿي، (2) آسانيءَ سان، (3) نيزي- ڀالي، (4) آواز، (5) بند ڪري، (6) خوش.

ڪافي-715

عشق وارن کي عِتابُ،[1] دم قدم هنڻ ۾ آهي.

مرد سدا ميدان مَلهائن، شور پريا تہ شِتابُ،[2]
ڪُويا اڇن ڪَستَئُون ڪاهي.

موءِ جِ انهيءَ منصوري درجو، خاصُ الْخاص خِطابُ،[3]
جوئي سانگو سِرَ جو لاهي.

پَڙهيُون پڙهن تا پرت وارا، قَلبَ اندر ڪِتابُ،
سڪ صفائيءَ جو سَگِڙو ساهي.[4]

"مُحمّدُ" مرشد واري مِهر سان، کولي نِيڻنهَن نِقابُ،[5]
دَبَ سِيئي داءَ[6] داهي.

---

(1) غصو-ملامت، (2) جلدي، (3) لقبُ-نالو، (4) ڇڪي- تاڻي، (5) مُنهن جو پردو، (6) خوفَ.

(سُر ڏَناسرِي)

ڪافي-716

سِرَ جِي دَعويٰ سَنّي سَنّي ميان، مَردُ اچي مَيدانَ ۾.

سِرَڪٺون سِوا سِرُ(1) ڪِينَ ملي ٿو، هرگز قدم نہ هَٽي هَٽي ميان.

پائي ڏس تون پاڻ ۾ جهاتِي، عاشقَ اڪرِيون پَٽي پَٽي ميان.

اچي اُمالڪَ آرَ اَڏِيءَ تي، ڪنڌ ڪاتِيءَ سان ڪَٽي ڪَٽي ميان.

شهنشاهُ شهباز شڪارِي، جهامَ(2) ڏَئِي ٿو جَهٽي جَهٽي ميان.

شَمسَ عَطارَ مَنصُورَ مُقابِل،(3) بره جي بازِي ڪَٽي ڪَٽي ميان.

عشقَ اِمامَ حقَ هادِيءَ ڪٺون، "مُحمّد" مُنهُن نا مَٽي مَٽي ميان.

---

(1) راز (2) اُلَڙ حملو (3) مقابِلي ۾ - وانگر.

(سُر جوڳُ) کافي-717

سُرڪِي سِـر دا ڪر واپار، مرد آوين ميدان وِچالي.

سَرسِي اِنهين سُرڪِي ڏيندا، پيوڻ سِيتي مَرڪِي[1] ويندا،
مَرڻ ڪَنُون پِڇي تيا اِظهار، آوَڻ جاوَڻ دي رک اَتالي.[2]

گُفتا سُٺي گُونا گُوني،[3] اکيان ڪول صفا اندروني،
عاشق آوين ڪر عِتبار،[4] باتيان بيحد بي مِثالي.

جوئي آوي سِر ڪَپاوي، راز نِهاني[5] بيشڪ پاوي،
واقف والي تيا اِسرار، پِيتِ پرِيت پياري پالي.

"مُحمّد" خاصا خيال رکين، لاهُوتيان دِي لاتِ لَکِين،[6]
چُمِي چِشمان چاوِين يار، مَحبُوبان دي ناز نِرالي.

---

(1) سرسِي ڪرڻ، (2) سامان-تَيِپُرِ، (3) قسمين قسمين، (4) اعتبار- ڀروسو، (5) ڳُجهو، (6) محسوس ڪرين- سُجاڻين.

ڪافي-718 (سُر جوڳُ)

اڄ عجيبن ڪئون آيون آيون، سي تہ اڳ نہ ٻُڌيون سي اهڙيون.

ماري مُئِيءَ جو ماسُ پَچائن، روح اندر ڏين رايُون رايُون.[1]

تَرسُ[2] نہ آٽن تِرَ جو ميان، بيحد بي پَرواهِيُون واهيُون.

سَڌِڙيَن اِها سارَ نہ پيَڙي، ڪاملَ ايندا ڪاهيُون ڪاهيُون.

عاشق آءُ تون هِنَ اَڏِيءَ تي، لاڳاپا سيِ لاهيُون لاهيُون.

”مُحمّد“ سان محبوبَ ملڻ جو، ٿاهُ اچن ٿا ٿاهيُون ٿاهيُون.

(1) ٻوڙَ ڪي داغ ڏيڻ، اصطلاحاً: تيز پچائڻ، ساڙڻ، (2) رحم.

ڪافي-719

سالم سِرُ اَڏِيءَ تي، سَٽيان ٿو سَٽيان ٿو،
ڦريئون ڪَنڌ پنهنجو، ڪَٽيان ٿو ڪَٽيان ٿو.

سُورِيءَ اڇان ٿو سامهون، منصوري ميدان ۾،
دائم دم قدم، نہ هَٽان ٿو هَٽان ٿو.

مَئي مُرڪِي صاف سُرڪِي، پرين پيارِي پِرت سان،
مُحڪُم مُنهن مَٽي، نہ مَٽيان ٿو مَٽيان ٿو.

چڙهي چوڏيل[1] پريم جي، نِسَنگ[2] نروار ٿيس،
جُهوٽو عشق وارو، جَهٽيان ٿو جهٽيان ٿو.

روحي راڳَ آ رهبر، رڳَ رڳَ ۾ رَهنُماءُ[3]
وِرهَ ويڙَهہ[4] وحدت جِي، وَٽيان ٿو وَٽيان ٿو.

”مُحمّد“ راز رِندِي، رهبر ڏنو آ رمز سان،
بازي برهہ وارِي مان، کَٽان ٿو کَٽان ٿو.

---

(2) ظاهر (3) رهبر- رستو ڏيکاريندڙ (4) سَٽ جو ڍيرو، ڍيرِي.

(سُر ويهاڳُ)

ڪافي-720

اَڏِيءَ تــي اچــڻ عاشقن عــارُ[1] ڪهــڙو، قــتل بِــن قــتل گاهَ قــرار ڪهــڙو.

دلبرن قدم دم دشوار ڪهڙو، مرڻ مرد ميدان مَيارُ ڪهڙو.

شمع تي پتنگ جَلُ پوءِ انڪار ڪهڙو، جلڻ رِيءَ جانِــيءَ جو جنسار ڪهڙو.

حَلاجِي[2] همت ناهه سو هوشيارڪهڙو، سُوريءَ سيج ثابت شاهسوار ڪهڙو.

"مُحمّد" مامَ سمجهڻ بنا بيدار[3] ڪهڙو، خَفِي[4] خيال ٻاجهئون[5] اظهار ڪهڙو.

---

(1) شرم-لَڄ-حجاب، (2) منصور حَلاج وارِي، (3) سجاڳ- هوشيار، (4) ڳُجهو، (5) ڪانسواءِ

ڪافي-721

(سُر ويهاڳُ)

نٿو سر ڏِئين تان بره ڪان ٻَڇي وڃ،
خالي خيال خاطر خامِيءَ ڪان ڪَچي وڃ.

”صِرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ“[1] سمجھ تون اشارو،
ڪَڀي ڪان ٻري ٿِي سراسر سَچي وڃ،

رَمز اِنهيءَ راز جي اُلٽي اَويڙي،[2]
هِمٿ حال هادي هدايت هَچي[3] وڃ.

بره جي بحر ۾ گهِڙي پَئو تون گهيڙا،[4]
وِرهَ وِيرَ وحدت وفا ۾ وَڃي وڃ.

”مُحمّد“ مُنقَطع[5] ڪر تون مقصد مڙيئي،
رِندانِي رَهِتِ[6] بـي رِيا ۾ رَچي[7] وڃ.

---

(1) ”سڌو رستو“، (2) ڏُکِي-مشڪل، (3) ڪشالا ڪڍ-تڪليف سَهُه- وزن ڪڻ، (4) درياھ ۾ گهڙندڙ-تارو،
(5)ٽوڙڻ-ختم ڪرڻ، (6) عادت-رهڻي ڪهڻي-چال چلت، (7) خوش ٿي- آسودو ٿي.

(سُر ويهاڳُ)

ڪافي-722

ڪيئي ڪَپِي ويا خانَ وي ميان، عَينن[1] جي تہ اَثر سان.

دَوَڙِي عاشق هِن اَڏِيءَ تي، سر ڏين سُلطانَ.

سُورِيءَ تي منصور جانُ ڏس، نيزي تيا نِيشانَ.[2]

تابَ حُسن جي تيز تجلي، جَلايا تہ جُوانَ.

شُعاعَ[3] شمع تي آيا شِتابِي،[4] پاڪيزهَ[5] پَروانَ.[6]

مَظهرَ[7] نُورَ جَمالَ مُطَهَّرَ،[8] "مُحمّد" ڪيا مَستانَ.

---

(1) اکين، (2) هدف-نشانِي-نِشانو، (3) روشني-تجلي، (4) تيزيءَ سان، (5) پاڪ-صاف، (6) پروانا-پتنگ، (7) نظارو-ڏيکاءُ، (8) پاڪ.

ڪافي-723 (سُر ويهاڳُ)

مرد ٿي ميدان ۾، سانگو سِر جو لاهِ تون،
ڪوڏ مان ڪنڌ ڪات تي، ڪُويا[1] وجي ڪَپاءِ تون.

سر جي بازي سَرفِرازِي،[2] گوءِ ڪٽندا ڪي ڪي غازي،
دَرِ هاديءَ نِوڙَت نيازِي، هوشَ وَرُ[3] هلاءِ تون.

برهُ باري بيقراري، خيال جي همدم هوشياري،
جوش جَلنڊِي جوتِ جاري، جسم ۾ جاڳاءِ تون.

راهه رِنڊِي چُست چِنڊِي،[4] سَتِ غرور جي غافل گِنڊِي،[5]
هر ہولي سمجهڻ سنڌي هندي، صاف سيني ۾ سماءِ تون.

عالِي اَثر نَظم و نَثر، گفتگو ٿي پئي پَڌر،
حال "مُحمّد" سَربَسر، لوڪَئون نہ لِڪاءِ تون.

---

(1) اي بهادر!، (2) بلندي- مانُ مَرتبو (3) هوشيار، (4) خالص-سچو (5) رِلِي-مٽان اوڇڻ واري.

ڪافي-724 (سُر سارنگ)

جي چوين عاشق تہ، سانگو سِر پنهنجي جو آني[1] لاھہ،
گھُورَ[2] سان هڪدم گھِري[3] پئُو، پير پوئتي نا هَٽاءِ.

مَوجَ مَستيءَ جِي هٽي تون، حال هَستيءَ جو وڃاءِ،
دَمَ دلاوَرَ[4] مارِ تون، سِرُ صاف سُوريءَ تي سَٽاءِ.

غير جو قطرو وڃائي، حق کي هَرجاءِ هلاءِ،
هيڪڙائيءَ ۾ سدا هُج، ٻَنِ[5] ٻيائيءَ کي تون لاءِ.

"مُحمّد" بيشڪ ڪيڏ تون، اِها راند پنهنجي نا ڦِٽاءِ،
بازي بهادر ويا ڪٽي، توکي اڃا ناهي سَماءُ[6]

(1) آڻي-اڇي، (2) [illegible] (3) گھڙي [illegible] (4) بهادر، (5) کُوھَ-ڪَڏ، (6) خبر-ڄاڻ-نظر.

ڪافي-725 (سُر بَنسُ)

ناتو سو نينهن نياوَڻ، پير نہ پِڇتي[1] پاوَڻ.

بيخود هوڪي اَلو بحر اِهِين وچ ميان،
جوڳي تي جَذبَئون جاوَڻ.

غير وجود اَلو وِيرَ وهم سڀ وڃاڪي،
صاف صفا تِي ڪي آوَڻ.

موج منصوري وچ اَلو عاشق آوَن اَلاميان،
سُورِي سِر چڙهاوَڻ.

"مُحمّد" سِر سُوري[2] هُو ساڳوئي تُونهِين تون ميان،
گيت اَنااَلحَقُ ڳاوَڻ.

(1) پوئتي، (2) ڦاسِي.

ڪافي-726 (سُر ويهاڳُ)

حُسن شهباز جي شائق،[1] بِلاشڪ بَرتَري[2] بيزِي،[3]
وڍِي سِر عاشقن ڪيئِي، خَصالَت[4] خاص خونريزي.[5]

سُوري سينگار ٿيو ثابت، حَلاجِي[6] حال وارن لئہ،
مُحبَّ منصور سان مقرر، اچي ڪيائين آميزِي.[7]

قدم اُلٽو شريعت جو، نہ شامل شوق وارن جو،
ڪَليائون ڪَل تَنهِين جيئري، شهنشاهہ شَمس تَبريزِي.

صفت ۾ بشر جو جامُو آيو پَهري پِرتِ وَنَدو،
ناهي جو حال جو واقف، تُرت سمجهو تُخم حَيضِي.[8]

گُذارج ڪِينَ غفلت ۾، "مُحمّد" محبوب سان مُحڪم،
هوشياري خيال جي همدم، بهادر ٿي تون بَرخيزِي.[9]

---

(1) شوقين-خواهشمند. (2) بلندي- مٿاهون مقام، (3) خوشبو، (4) عادت-خوبي، (5) رت وهائڻ، (6)منصور حَلاج واري، (7) ملاوت- ٻن شين جو ملي هڪ ٿي وڃڻ، (8) حَيضَ جي پيدائش- حَيضَ ۽ مَنيءَ مان پيدا ٿيل، (9)اُٿيل- سجاڳ- جوش وارو.

ڪافي-727

(سُر ڪانرو)

اَڏِيءَ تي اُمالڪ، ڪي عاشق بِي ايندا،
وڍِي سِرڙو سُورهيہ، سچائيءَ سان ڏيندا.

مَٽِيءَ تي سي مُرڪِي، ويندا ڪَستئون[1] ڪاهي،
ساقي هٿارئون سُرڪِي، پياسِي تي پِيندا.[2]

هَستِي سي هلائي، مَستِي مؤج مُحڪَم،
بقادار باقي، مري مرد جِيندا.[3]

"مُحمّد" ڪِينَ مُـرَنـدا، اَٿمـوتَ اَرڏا،
نيازِي تي ناتو، نيائي پوءِ نِيندا.[4]

---

(1) جوش سان، (2) پِيئندا، (3) جِيئندا، (4) وٺي ويندا.

ڪافي-728

(سُر پُوريا)

چَل چَل چَونِ چَريو آن، چئو رنگِي چوگانَ[1] ۾،
حاصل نہ تو ڪيو آ، اوڳا[2] اِنهيءَ ايوانَ ۾.

مُنهنجي مِلڻ جي محبت، عاشق رکين ٿو اڪثر،
سِر ڪان سواءِ سُرڪِي، پِيئندين نہ تون پيمانَ[3] ۾.

قاتل تي اِنهيءَ ڪاتَ سان، گهات[4] ڪَيَم لکين هزارين،
واهُ گُهورَ جن ڪي گهايو، واقف ٿيا ويرانَ ۾.

عاشق اَڏِيءَ تي آيا، قربئون قدم ڪُڏائي،
موتِڻ مُدا[5] محال[6] تن، نانگا نِسَنگ[7] نِيشانَ ۾.

اَٿموتَ آرَ[8] اَرڏا،[9] پِيرِ مُغان سان پَلپل،
مانجِهي مَيا متارا، "مُحمّد" مَتا مَئيخانَ ۾.

---

(1) راند جو ميدان، (2) اي موڳا!، (3) جامُ، (4) مارڻ-قتل، (5) هميشہ، (6) ڏکيو (7) ظاهر، (8) لئون وارا- عشق وارا، (9) زوراوَر.

(سُر پيرُو)

ڪافي-729

سِــر دي ٻاجُھون[1] سهڻا سائين، يار ملڻ دَستُور[2] نهين.

ظاهر ويک ظَهُورا ذاتي، مُحبّ مُدا مَستُور[3] نهين.

سڪ سيني وچ جوئي سمائي، دوست اُنهان نُون دُور نهين.

پُر پيالي پيوڻ ٻاجهون، مست اوئِي مَخمُور[4] نهين.

”مَن خُدايَم“[5] ٻولي ٻاجهون، مرد سوئي منصور نهين.

فاني ٻاجُھون ٿيوڻ اَپڻي، حاصل حال حضور نهين.

جيستائين مِهر ٿِيوي نا هادي، ”مُحمّد“ اوئِي منظور نهين.

---

(1) سواءِ، (2) قانون، (3) لِڪَل، (4) خُماريل- نشي ۾ (عشق جي)، (5) آئون خدا آهيان“.

ڪافي-730

(سُر توڙي)

جي دَرسَن[1] جِي درڪار[2] اَٿِي، ڏيوڻ سِرُ اڳيئن سَرڪار اَٿِي.

وهم وجودي وسار ڪٽي، عَينان[3] عَينن ۾ اَتڪاءِ ڪٽي،
همت هل تون هامَ[4] هٽي، ٻيا ڪم سيئي بيڪار اَٿِي.

پنڌ پوين تان پير نہ مَٽِ تون، بره جي بازي بيشڪ ڪَٽُ تون،
هرگز هاديءَ ڏانهن نہ هَٽُ تون، ساجن جِي تہ سَنيارَ اَٿِي.

ويا وجھ ڪي ڪِينَ وَريا، تَوڪَل تُرهي سان تار تَريا،
ڏک ڏولاوَن[5] ڪئون نہ ڏَريا،[6] تن موتڻ مردَ مَيارَ اَٿِي.

چِڏ غفلت غازي غم نہ ڪر، عشقَ اللہَ ٻيو ڪم نہ ڪر،
ان طلب تَمامِي[7] تَمُ[8] نہ ڪر، مِهر "مُحمّد" تو مَهندارَ اَٿِي.

---

(1) درشن-ديدار، (2) گھُرج-ضرورت، (3) اکيون، (4) دعويٰ سان- زور سان پنهنجي ڳالهہ چوڻ،
(5)تڪليفن، (6)ڊنا (7) ... (8) ...

ڪافي-731

(سُر ڪامود)

هر ڪو پنهنجي خيال جو مالڪ، تنهن ۾ ڪهڙي رِيسَ.

محبوباڻي مامَ سان، طوق [1] پاتو اِبليسَ.[2]

ڪهڙي اٽڪل سان آڏُوتِي، بهشت ماڻيو اِدرِيسَ.

عشق اچي انصاف ڪيا، ڪربلا ۾ ڪِيسَ.[3]

سَرمَد پنهنجو سِرُ وَڍايو، جَفائِي جَرجِيسَ.[4]

سُوريءَ تي منصور نہ مُڙيو، اچي نِوايئين سِيسَ.[5]

شَمسُ الحَقِ جي کَل کَلائي، ڪانہ تيس ڪا هِيسَ.[6]

شاهہ بِلاول شور منجهارئون، گهاڻي تيڙي پِيسَ.[7]

"مُحمّد" رک تون صاف صفائي، ڪڍي خامُ[8] خَبِيثُ.[9]

---

(1) گَلي ۾ پَٽو- هارُ، (2) شيطان، (3) ظلم- قتل و غارت، (4) هڪ پيغمبر جو نالو، (5) ڪنڌ-سِسِي،
[illegible] (9) پَليتُ-ناپاڪ- (نفس اَماره).

ڪافي-732

(سُر پيرُو)

ڪيئي برهه پَچايا، لکن مان ڪو هڪڙو لَيندو.

شوق رکي شتابي[1] شائق،[2] آر[3] اَڏيءَ تي آيا، بانڪو[4] بيسِر ڪو بيهندو.

منصور پارا موج اِنهيءَ ۾، گهورَ حُسن جي گهايا، مرد اچي ميدان مَلهندو.[5]

سُورن جا سامان ڪٺي هِت، طلب تِکيري تايا،[6] سُورَ صدما سوئي سَهندو.

عشق وارن کي اوٽَ نہ ڪائي، پير پَڌَرِ جن پايا، سالڪ صوفي سِرڙو ڏيندو.

"مُحمّد" مانجهي مِير محبت ۾، دائم دَمَ گنوايا،[7] اگهڻ عجيب تَنين جي ايندو.

---

(1) تيز-تکڙا، (2) شوق رکندڙ، (3) ڇڪَ-عشق-شوق، (4) بهادر، (5) ملهائيندو-سُرخرو ٿيندو، (6) تپايا-تڪليف ۾ وڌا، (7) کپايا- خرچ ڪيا-وڃايا.

ڪافي-733 (سُر جوڳُ)

سِرُ ڏيوَڻ سُوري چڙهڻ، عشق جو آ ڪَمُ،
پيرَ[1] ۾ پاڙِي پگا، جيکي هَٽن تا بَمُ.[2]

عشق جن ڏي آيو، ماسُ ڪائي هَڏَ چَمُ،
قياسُ ڪري تو ڪِينڪِي، لَهسي[3] چِڏي لَحَمُ.[4]

سڪ جنين سيني سَمائِي، تن گَڏيو گُوندَرُ[5] غَمُ،
خيال مئون خوشي وئي، دل اندر آ دَمُ.

نانگا نِسَنگ نِيشان تِيا، خوف ٿيو تن جو خَتم،
غازي گُسَن ڪِينَ ڪِي، قائم ڪيائون پنهنجو قَدمُ.

گُجهو گالهائن گُجهَ ۾، تالَ تَسبِيءَ[6] جا تِيا تَمُ،[7]
حال سان هِيٽَن کي، فڪر فانِيءَ جو فَهمُ.[8]

"مُحمّد" ماري مُحبَ جو، مَردن کي مَـرمُ،[9]
فَضُل سان فقيرُ شَل، رکي لَجَ شَرمُ.

---

(1) رش - سوڙهه-تنگي، (2) ڪوڙي دعويٰ، (3) ساڙي، (4) گوشت، (5) ڏک، (6) تسبيح-مالها،

ڪافي-734

(سُر پيلو)

نهايت نينهن ۾ نانگا، ٿيا نروار نَر نيارا،
حلاجِي حال سان همدم، اَنَاالْحَقّ جا هڻن نعرا.

هُئڻ هستي هَٽِي ويو هُل، مَگهن[1] مستي مڪمل ڪُل،
ڏين بانڪا[2] بيحد سي بُل،[3] وجي ڪن عرش اوتارا.

"مُوْتُوْا قَبْلَ"[4] مري جِيئا، خُماريل[5] ڪيپَ[6] ۾ ڪِيئا،[7]
لاحد پائي وينا لِيئا،[8] هلن سي اُلَٽ اوپارا.

لَڪڻَ ۾ ڪِينَ ڪنهن آيا، پريمي پير جن پايا،
رَنگارَنگِي رکي رايا، سَراسَر سِرَ سوپارا.

ڪُسَڻ جي ڪارِ[9] تي قائل،[10] "مُحمّد" موج ۾ مائل،[11]
سوريءَ جي سيج تي سائل،[12] ڪُڏِي ڏين ڪنڌ ڪاپارا.[13]

---

(1) مست-بيخود-خوش، (2) بهادر، (3) ٽِپو-ٽِپُ، (4) "موت کان اڳ مرڻ"-يعني نفس کي مارڻ، (5) نشي ۾ مست، (6) نشو (7) مدهوش-مست-خوش، (8) جهاتيون پائڻ، (9) ڪم، (10) مڃڻ وارا، (11) شوق رکندڙ- خواهش رکندڙ، (12) ...

ڪافي-735

(سُر آسا)

ڪُويا[1] ڪَستئون[2] قدم ڪُڏائي، بيخود بره جي بازي ڪر،
منصوري ميدان ملهائي، گهُورَ[3] گهِرَڻَ[4] جي غازي ڪر.

وِڪَ وڌائي ويهہ نہ وچ تي، تُرت تياري تازي ڪر،
لاڳاپا تون لوڪ جا لاهي، رمز رِندِي منجهہ راضي ڪر.

دؤر دَروني دائم دم سان، جانب جان گُدازِي[5] ڪر،
هستيءَ وارو حال هٽائي، نينهن نهايت نيازِي ڪر.

فرق ڪڍي تون فارغ[6] ٿي، فَهم فڪر جي فَياضِي[7] ڪر،
حال حقيقي هردم حاصل، قَبْلُ[8] نا تون ماضِي[9] ڪر.

خام خوديءَ جا خطرا خارج، نا تون دَست دَرازِي[10] ڪر،
پِير مُغان سان پير پري، "مُحمّد" عاشق آزِي[11] ڪر.

---

(1) اي بهادر!، (2) جوش مان، (3) تِکِي نظر سان ڏسڻ، (4) گهِرَڻ، (5) جان کي ڳارِ، (6) واندو-آزاد،
(7)سخاوت، (8)مُستقبل- ايندڙ زمانو، (9) گذريل زمانو، (10) هَٿ ُڊ[illegible]

كافي-736 (سُر لوڙائُو)

سانگا سبِ ڇڏي، ويا لَعل لَڏي، ٿيا بِره بهادر جي بِلي.*

اَري[1] عشق اچڻ، باقي نانهِنِ بچڻ، ڪاتيءَ سانڻ ڪُسَڻ،
مَردن نانُهِنِ مُرَڻ، وِکَ اڳتي وڌڻ، پِرَ[2] کي پَهچڻ،
متان مُحبَ سَندِي مَيار مِلي.

ويا ڪِينَ وَريا، ڪيا چاش چريا، ڪنهن ڪٿون ڪِينَ ڏَريا،[3]
وڃي مَڇَ ٻَريا، گهاتُو[4] گهيرَ[5] گهِريا،[6] تَوڪَل تارَ تَريا،
نازڪ ناتو نيائن نامَ نِلي.[7]

شاهي شوق شغل، هادي هُو هُو هُل، اعليٰ عَينُ اَصُل،
تنهن نانهِنُ ڪو مُلهه، گُونا گوَنِي[8] گُل، "مُحمّد" ڪُل،
ٽورَ[9] عجائب پيو ٽِلي.[10]

---

*بِلي = حوالي.
(1) وَڪڙِ قاسڻ، (2) پرين-محبوب، (3) ڊنا، (4) ٽوٻا-غواصَ، (5) گهيڙَ-گهِرڻ جي جاءِ، (6) گهِڙيا-داخل ٿيا، (7) فقط [illegible] (9) چال-هَلڻي، (10) ناز سان هلڻ.

ڪافي-737 (سُر ڀيروي)

پاڻَ ۾ آهي پَڪَ، لاهي سڀ شَڪَ، صَحِي سچ ٻڌايان،
لنگهي لاشَڪ لَڪَ، حَقُ مليو آ حقَ، لوڪَئُون ڪيئن لڪايان.

هلان پنهنجي حال تي، چڙي بيهُودِي ٻَڪَ،
پَـــيِـــي دَڙَدِڪَ،[1] وحـــدت وِڪَ وَڌايـــان.

پري جامُ جَمِعيّتَ،[2] پِرتئون پيئان پِڪَ،
نِينهَن سَندِي نِڪَ،[3] وِيرِيُون[4] ڏئي وَهايان.

بيخودي برحال سان، خُودِي خامُ تَرڪُ،
فنا تيو فَرقُ، اَنَاالُحَقُ اَلايان.

راهَ رِندِيءَ ۾ رهان، تقويٰ تي تِڪَ تِڪَ،[5]
ڏُوتِيءَ کي هَٽِي ڏَڪَ، "مُحمّد" ماڳُ مَلهايان.

---

(1) دَڙَيُون ۽ دِڪا-رڪاوَٽون، (2) تَسلِي- اطمينان، (3) اَڏَ-نالِي، (4) ننڍيون ڪُوهيون يا ڪَـڏُون، (5) ٽَڪرا ٽُڪرا- ڀاڱا ڀاڱا.

ڪافي-738 (سُر تِلنگُ)

سُورِيءَ تي هَسوارُ، عاشق اَٽموٽَ اَصُل ڪان.

ڪوڏَ[1] مَئُون ڪُويا[2] ڪَستَئُون[3] ڪاهِن، رِندَن جِي رَفتارَ.

حد حجاب جِي ڊاهي ڊوڙيا، نانگا ٿيا نِروارُ.

”قَالُوْابَلٰيٰ“ جـو قـول سُـچـاڻِـي، اَلستِي اِقـرارُ.

چاهَئُون سِرَ تي چُمِي چائن،[4] بارِي بِرهَ جو بارُ.

شوقَئُون شاهي شَملو[5] سِرَ تي، دُرَ[6] ٻَڌِي دَستارَ.[7]

”مُحمّد“ مانجهِي ماهر ٿيڙا، دوستاڻِي دربارِ.

---

(1) شوق، (2) بهادر، (3) شوق سان-جذبي سان، (4) کڻن، (5) ڦري وارو پٽڪو، (6) سچو موتي، (7) پڳ-پٽڪو.

(سُر پُوريا)

ڪافي-739

عشق بازِي ۾ آءُ، مونِٽ مَردَ مَيارُ اَٿِي.

عشقبازِي ۾ عاشق ايندا، سُورِيءَ سِرڙو سُورهيہ ڏيندا،
تيز ڪري تِکو تاءُ،[1] بارِي[2] بِرہَ جو بارُ اَٿِي.

ڪُوڏَ[3] منجهارئون ڪُويا[4] ڪاهِن، ثابت سانگو سِرَ جو لاهِن،
ڪُسَڻَ جو ڪَهڪاءُ،[5] اَڏِي تَن جو آرُ[6] اَٿِي.

جَهڙي تَهڙي جي جاءِ نہ آهي، سِينو تنهن سان ڪير پيو ساهي،
گُهورَن[7] سان جَهلي گهاءُ،[8] سُورِيءَ مَٿي سُوارُ اَٿِي.

"مُحمّد" مُحڪُم ميدان ملهائي، مهڻا مَلامَت سِرَ تي چائي،
بيرَنگِي نہ بَناءُ،[9] ڪامِلَن ڪي قَرارُ اَٿِي.

---

(1) سيڪُ، گرمائش، (2) ڀارِي-ڳرو، (3) شَوق، (4) بهادر-سُورهيہ، (5) ايذاءِ-تڪليف، (6) لاڙو-ڪشش-شوق، (7) تيز نظــرن، (8) زخم، (9) مانداڻ- جوڙجَڪ- سيٽِ اَپَ،

نوٽ: سِينو ساهي= بَرابري ڪري- مقابلو ڪري.

ڪافي-740 (سُر تِلنگُ)

وَسِي پيا وُجُودي، بِرهَ جا باراں،[1]
لتا ڪِينَ لحظو،[2] عوشاقَن اَرمانَ.

ڪئي منصور سَرسِي، بيٺو بيخود بَرسِي،
تِرُ[3] نہ هڪ تَرسِي، مَلهِيو[4] منجهہ ميدانَ.

شاهي ماري نَغارو، عاشق هليو اوڀارو،
لاحَدَ رکي لارو،[5] نَرُ تيو نِيشانُ.[6]

سَرمَد سِرَ وڍايو، حَقِي حڪم هلايو،
رمز رِنداني رايو، شاهي وَڏَيس شانُ.

شَمسُ الحَقَ شُنوائِي، کِلِي کَلَ ڏنائين،
ڪيائين عشق اَدائِي، ڦِريو نہ فَرمانَ.

"مُحمّد" مرد ٿي تون، رُڳو درد ٿي تون،
رُوءِ زَرد[7] ٿي تون، هَردوئِي جَهان.[8]

---

(1) بَرساتون-مِينهَن، (2) پَلُ-گَهڙِي، (3) ذرو، (4) ڪاميابي حاصل ڪيائين، (5) لاڙو-رُغبتَ-پيار،
(6) نشانو-هَدفُ، (7) ڦِڪي رنگ واري مُنهَن وارو يعني ڪمزور-عشق ۾ ڪُوماڻل، (8) ٻنهي جَهانن ۾.

داستان: فَنائي هَستِي وَنفس

ڪافي-741

(سُر پيروي)

سمجهي هل تون سَير صفا ۾، طالب ترِڪَڻ بازِي اَٿِي.

هستيءَ وارو حال هٽائج، محويت ڏانهن مُنهن نہ مٽائج،
اَڳيئون عجيبن آزِي اَٿِي.

لُونءَ لُونءَ رَڪُ تون لاتِ لَطيفي، ضايع ڪر تون ذات ضَعِيفِي،
طلب تِڪيرِي تازِي اَٿِي.

هٿ ڪر پنهنجو خيال خَفِي تون، رَهُ هميشہ نابود نَفِي تون،
قلبَ اندر مُفتِي قاضي اَٿِي.

دعويٰ سِرَ جي دُور دَوامِي،[1] آرُ اَڍِي موجود مُدامِي،
غرض غَزا[2] غازِن غازِي اَٿِي.

"مُحمّد" جي تون مِيرِ مُغان سان، قَولِ اَلستِي "قَالُوْابَلىٰ" سان،
رهبر توسان راضي اَٿِي.

---

(1) هميشہ لاءِ، (2) جهاد ڪرڻ.

ڪافي-742 (سُر آسا)

بُتُ پَچِي ڪر پورا پورا، عاشق سمجھ اشارو تِي،
"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"[1] وهم اِنهين نہ وِسارو تِي.

سُورهِيہ تي ٻَڌُ سَندرو ساهي، بار بره جو بارو تِي،
سِرَ پَرِ سامهون سِيرَ ٽپي، هَلُ تون اُلتِ اوپارو تِي.

جسم جَلائي خيال ملائي، مامَ اِنهيءَ موچارو تِي،
پاڻ نہ آٽي سِرُ سُڃاڻي، پوءِ اَنَاالْحَقُ[2] نعرو تِي.

پِرت واري اڄ پنڌ ڪرڻ جو، وِيرَ وَڃائج وارو تِي،
خُفيہ[3] خيال رکين تون خاصو، لوڪَ لَڪَڻ[4] مان نيارو تِي.

ظاهر حال حقيقت جو ڏس، "مُحمّد" ڪيھو[5] مُونجهارو تِي،
جي تون سَمجهين سِـرُ[6] هِي سارو، قربئون ڪافر ڪارو تِي.

---

[1] "مرو موت کان اڳ ۾" يعني جيئري نفس ماريو. (2) آئون حَقُ يعني الله آهيان. (منصوري نعرو)،
[3] لِڪَل (4) ...

(سُر آسا) کافي-743

پاڻَ ڪرين پائِمال،[1] پوءِ تون قرب ڪمال تِيءُ

پاڻَ وڃئون ڪَڍُ پانُهِنجو، پَس حقيقت حال.

ظاهر خيال وجودي تَرڪي،[2] باطِن ڪر تون بحال.

خيال ٻاجَهئون خَفِي خيال نہ ايندو. ديهِيءَ[3] منجهہ دلال.[4]

خودِي کَپائي خود ٿِيوَڻ، منصوري تہ مثال.

"مُحمّد" صورت سَي ۾، جانيءَ جو تہ جمال.

---

(1) پيرن ۾ لتاڙيل-تباهہ نيست ونابود. (2) تَرڪَ ڪري- ڇڏي. (3) جسم. (4) دليل ڏيندڙ-سمجهائيندڙ.

خام خودي نُون كاوَڻ، بيخود طَبل وڄاوَڻ.

سَهسين سُهمان نِوي،[1] سِرَ سَهين تون اَلو،
بار ملامت چاوَڻ.

راه هدايت نِوي، رهبر والا اَلو،
وڃ گُمراهِي گَنواوَڻ.

دم دم ديهِي نوِي، دؤر دَرُوني اَلو،
وحدت وِره وَساوَڻ.

ڪُڏ ڪُڏ ڪُويا نِوي، ڪنڌ ڪَپاوين اَلو،
آر اَڏِي دي آوَڻ.

لاشڪ لَهريان نِوي، اولَڙ[2] اُڏمان[3] اَلو،
موج دريا هي سانوَڻ.

دائم دَرِ نِوي، پِيرِمُغان دي اَلو،
”مُحمّد“ ناچ نَچاوَڻ.

(1) آهن-اَٽڻ (2) [illegible] (3) اُڏَم [illegible] (اُڏمان-اُڏَم جو جمع آهي)

ڪافي-745 (سُر صُبحي)

پڙهه سبق پهرين فنائِيءَ جو، پوءِ ماڻين مُلڪ بَقائِيءَ جو.

پوڙي پيائِي پاهر ڪر تون، وحدت وِردُ وَفائِيءَ جو.

سؤدو سِرَ جو آهي سراسر، عاشقَ عشقَ اَدائِيءَ جو.

اَٽڪل بازِي ڪِينَ هلي تي، صوفي سَيرُ صفائِيءَ جو.

ماڻِ مزو محبوبي من ۾، رهبر رنگ رَسائِيءَ جو.

رِندِي راز رَبُوبِي[1] رَليو،[2] "مُحمّد" مِهر يِلائِيءَ جو.

---

(1) رباني-اِلاهِي، (2) مليو-گڏيو

ڪافي-746

وهم وجودي سارا وساري، اُونهي ۾ اُوهي آيا.

"تَرڪُ دُنيا واجِبٌ"[1] ڪيائون، مال مَڏيُون ڪُل مايا.[2]

ماسُ هڏيون رَتُ ۽ رَڳان،[3] ڪائي چِڏيائون ڪايا.[4]

خيالَ هِنَ ڪي وساري چِڏيائون، سَيرَ اُنهِيءَ سَعيا.[5]

سامِن سَهجَئُون[6] سِرَ پنهنجي تي، بِرهين بارَ اُٺايا.

اَحديَت اسرار اَصل جا، "مُحمّد" ماڳَ مَلهايا.

---

(1) "دنيا کي تَرڪ ڪرڻ واجب آهي"، (2) ڌن دولت، (3) رَڳون، (4) جسم، (5) ارادا، ڪوشش، (6) آسانيءَ سان.

(سُر بِباسُ)

ڪافي-747

حال حقيقي حاصل ڪر تون، غير وجودي وَهم وڃاءِ.

ٿَهڪي[1] ڀَهرين لاَ جِي لَتَ سان، هووَڻ هَستِي ڀِتِ ڀَڃاءِ.

ذوق منجهارئون ظاهر ڪر تون، ڳالهہ ڳُجهِي تون نہ لڪاءِ.

نفل نمازان وِردَ وَظيفا، دائم دَمُ دَرُونِي ڪماءِ.

زُهد تَقويٰ تَرڪ ڪري ڇڏ، تَهجُد پڙهجي ڇاجي لاءِ.

"مُحمّد" رِياءُ رَد سَيو ڪر، سچ سچائِي ساڻ ٻَڌاءِ.

---

(1) جوش-اُبارَ.

(سُر پُوريا)

ڪافي-748

گُم تيڻ ۾ نُور نظارو. نازل ٿيو نِيشانُ.

گُم ٿياسي وئي گُمراهِي. رُتبو مليو شاهنشاهِي.
افضل اعليٰ شانُ.

سِرَ ڏيوَڻ ۾ سُرڪِي ڏي ٿو. نشو نينهن جو تڏهن ٿي ٿو.
بيرنگ بات بيانُ.

هَستِيءَ وارو ڪِينَ هلي ٿو. جوش اِنهيءَ ۾ جوُان جَلي ٿو.
پَتنگ سو پَروانُ.[1]

لوڪُ سڄوئي ويو لَهوارو. عاشق وِيَڙو اُلٽ اوڀارو.
سُورَ ڪٿي سامانُ.

"مُحمّد" مليو معنيٰ مالِڪُ. پرور[2] پيارو پارَس پالِڪُ،[3]
هادي فيض رَسانُ.[4]

---

(1) پروانو-پتنگ، (2) پاليندڙ، (3) پاليندڙ، (4) فَيض پهچائيندڙ.

كافي-749

(سُر پُوريا)

مَرين جي تون اڄ مري ڏس، پوءِ مرڻ مَهڻو.

مري جيڪي جيئرا ٿيڙا، هِتِ هُتِ سيئي حيات هُيڙا،
رمز رِندِي رَهڻو.

سُکَ سيئي تون سَتِ ڪٽي، ٿي هوشيار تون هامَ[1] هٽي،
سُور صداقت[2] سَهڻو.

بار مَلامَت مَردن چاتو،[3] ساڻ خُوشيءَ جي پِرين پاتو،
ڳِلِ ڳِچيءَ ڳَهڻو.[4]

تُرت طمع کي تَرکُ ڪري ڇڏ، خيال پنهنجي کي گوهر[5] سان گَڏِ،
تاهُ عجب نَهڻو.

ڪثرت جو ڇڏ ڪوٽُ ڪيرائي، "مُحمّد" پنهنجو مُنهن ڦيرائي،
وِيرَ وحدت وَهڻو.

(معنيٰ مرشد).

(سُر تِلنگ) كافي-750

خُودي ڪر تون خَلاصُ،[1] بيخُود وڃ تون بَحر اُونهي ۾.

بيرَنگِيءَ جو بُرقعو پائي، رَنگَ اِنهِيءَ تِي راسُ.[2]

پاڻ ڪي پَس تون پاڻ وڃائي، داسَن[3] جو تِي داسُ.[4]

عام جو اولو[5] پڇي ڪر پورا، خاصَن جانُ تِي خاصُ.

تِي خوراڪِي ڪاءُ تون پنهنجو، مَڙهِيءَ[6] اندر ماسُ.

"مُحمّد" ٻولَ ٻيائِي ٻوڙي، وحدت وٽ تون واسُ.[7]

(1) ختم. (2) موافق-نيڪ-مُڪمل – پورو. (3) ٻانَهَن. (4) ٻانِهُو- غلام. (5) اَڙَ-پردو. (6) اصطلاحاً-

كافي-751 (سُر جوڳ)

اَربَع[1] عناصر[2] ويا هَلِي، باقي رهيو هڪ خيال بِي،
خيال گُم ٿيو خيال ۾، حاصل حَقِيقِي حال بِي.

قالُ[3] قائم نا رهيو، وهم خطرو خارج ٿيو،
پولَ وارو پَئو ويو، برهُ بَرحق بَحال بِي.

هِنَ حال کي ڄاڻڻ ڏُکيو، ڄاڻَ وارو ٿيو سُکيو،
بيخَبرُ بيشڪ بُکيو، ڪيئن لَهندو لَعلُ بِي.

پنهنجو ڏسڻ پنهنجو پَسَڻ، پنهنجو روئڻ پنهنجو کِلڻ،
رمز رِنديءَ ۾ رهڻ، "مُوْتُوْا"[4] بنا مَحالُ[5] بِي.

بيرنگَ مان رَنگَ ٿيو، ڍولي عجب هلي ڍَنگَ ٿيو،
اَنَا اَحْمَد اَڙبَنگَ[6] ٿيو، "مُحمّد" معنيٰ مثال بِي.

---

(1) چار، (2) جزا-(چار عناصر يا جزا=مٽي، پاڻي، هوا ۽ باهه- جن مان آدم جو بُت ٺهيو)، (3) ڳالهه ٻولهه، (4) "مرو" (پنهنجي موت کان اڳ مرڻ يعني نفس کي فنا ڪرڻ)، (5) ڏکيو، (6) بيپرواهه.

ڪافي-752 (سُر پيلو)

ڪَپُ[1] سَري تہ ڪَلَ پوئي، اِسرار جي توکي عَيانُ،
تئي عطا اَمواج[2] اَظهَر،[3] بيحَد و باطُون[4] بَيانُ.

لَارَيْبَ[5] جي لاري[6] لڳي، لُطف لاثاني لاوجود،
"لَافَتْحَ اِلَاعَلِي،[7] لَاسَيْفَ اِلاَ اِمتِحانُ".[8]

"قَبْلَ مُوْتُوْا"[9] جي تيا، سي "اَنْ تَمُوْتُوْا"[10] ڄاڻجو،*
لاَخَوفُ لاشَڪ تي ويا، منجهہ بَحر اُونهي بي پايانُ.[11]

"يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ"[12] فُرقان[13] جو فَرمُودُ[14] ڏِس،
جي سُجاڻِي سَيرُ سِرُ، دل تي رکج هِي تون ڏِيانُ.

"نَصْرٌ مِّنَ اللّٰه"[15] جي نظاري، ناتَ[16] نَر نِروارُ تيا،
سي نہ موٽيا مَحض[17] "مُحمّدؐ"، جي نِينهَن جي ناتي نِيانُ.

---

(1) ڪوپُ-يعني شراب عِشق جو جامُ، (2) مؤجَ جو جَمع- مؤجون، (3) واضح-روشن، (4) مَخفِي-لِڪَل، (5) بنا شڪ جي- (يعني رب پاڪ)، (6) پيار، (7) "عليؑ کان سواءِ فتح ناهي"، (8) "تلوار امتحان کان خالي ناهي"، (9) "اڳ ۾ مرڻ موت کان"، (10) "تون مري پَئہ"، (11) جنهنجو ڪنارو نہ هجي، (12) "الله جي راهہ ۾ جهاد ڪن ٿا"، (13) قرآن شريف، (14) فرمان-حڪم، (15) "الله جي مدد سان"، (16) وڏا جوڳي- مالڪَ، (17) هرگز.

* جن موت کان اڳ ۾ ... نفساني خواهشون ماريون تن کي نفس کان آزاد (مثل) ڄاڻجو.

كافي-753 (سُر پيرُو)

ماٺ ڪري تون مارِ مَن ڪي، ٻَڪَر جان نہ ٻيڪُ.[1]

گھُنو ڏئي تون گھيتو گھُتج، چو تو چِڏين چيڪُ.[2]

عشق سندي آڙاهَ ۾ وڃ، ٻَلي اچي تو ٻِي سيڪُ.[3]

وڃ ٻيلي ۾ شير ڳجي ٿو، ڦيڪارِي[4] نہ ڦيڪُ.[5]

شور ٻريو شهباز شڪاري، ٻِلِي ٿِي نہ ميڪُ.[6]

”مُحمّد“ چِڏ تون ٻوڙي ٻيائي، اکر پَڙهج ايڪُ.[7]

---

(1) ٻڪر جو آواز-ٻي ٻي ڪرڻ، (2) چِڙواڳ-ڪليل-آزاد، (3) تئو-تپش، (4) لُومڙِيءَ جي قسم جو جانور-لومڙِي، (5) لومڙِي يا گدڙ جي اُونائِي-رڙ، (6) ٻليءَ جي مياڻون مياڻون ڪرڻ وارو آواز، (7) هِڪُ.

ڪافي-754 (سُر تِلنگ)

پنهنجو مِرون[1] ڪٺي مارِ، ٻي مارڻ مئون هَٽ چا ايندو.

هِردي اندر هُدِڪارَ[2] ڪري ٿو، تَرڙي ڪي تون ٽارِ.

ڳاهَٽ[3] عشق جي ڳاهلِي[4] ڳالهيون، ڳُڻن[5] سان تون ڳارِ.

سُرتِ رکي هل سيني ثابت، ساجَن ڪي تون سارِ.

اِسمَ اِلاهِي اوُج سان، اندر ڪي تون اوجارِ.[6]

"مُحمّد" تون موجود ٿي، گهوٽَ پنهنجي سان گهارِ.[7]

---

(1) جانور-يعني نفس، (2) مِرونءَ جي ٻولڻ جو آواز، (3) سوڙهه- رَش-اَنبوهُ، (4) اٽجاٽائي-سُستِيءَ واريون، بي خيالي، پورڙائي، (5) سُٺيُن خوبين-نيڪ اعمالن، (6) صاف ڪر- روشن ڪر، (7) گذار-گڏ رَهُ.

داستان: بقائي هَستِي

ڪافي-755

(سُر پيروي)

ماڻيو مَردن مُلڪ بقاءُ، فاني هِن جو چڏي اٽڪاءُ

جن پڙهيو آ برهَ بابُ، فارغ ٿيا سي ذوهَ ثواب،
پيچي چڏيائون حد حجاب، لاحد وارو تن ٿيو لقاءُ[1]

محڪم ٿيا اچي مَوج مَڏِيءَ تي، ثابت سالڪ سِڪَ سَڏِيءَ[2] تي،
سر ڏنائون عشق اَڏِيءَ تي، آيَن ڪونہ ڪُني ڪَهڪاءُ[3]

حُسن شمع نوراني جلوو، سُبحانِي اَعظم شانِي جلوو،
لاشڪ لعل لاثاني جلوو، دائم قائم شَهُود[4] شُعاعُ[5]

"مُحمّد" معنيٰ مامَ مُيَسِر،[6] يَنْطِقُ[7] ياوَر[8] يَسْمَعُ[9] يُبْصِرُ،[10]
اعليٰ علم عياني[11] اڪثر، ياوَر يقين يُريد[12] يَڪاءُ[13]

---

(1) نظارو، (2) سَڏ-ڪوڪَ، (3) ايذاءُ، تڪليف، (4) حاضر ڏسڻ، گواهي ڏيڻ، (5) چمڪ، روشني، (6)موجود، آسان، (7) ڳالهائي ٿو، بيان ڪري ٿو (8) مددگار، (9) هُو ٻڌي ٿو، (10) هُو ڏسي ٿو (11)ظاهر، (12) ارادو ڪري ٿو، گهُري ٿو (13) يَڪو.

ڪافي-756

فڪر فنا دا نہ ڪر قبول، رک بقا دا خيال بِي.

فڪر اِنهين ڪَنُون فارغ ٿِيوين، دونُون جڳ وچ تڏهن تون جِيوين،
مرد هووِين تون محض[1] مَلُول،[2] جذبو جوش جَلالُ[3] بِي.

عين وِچون چا عين ويکين وَل، غير غرور چا دُور ڏِڪِين دل،
دُئِي دَغا وچ نہ ڪَر دَخُول،[4] خُلقُ رکين خوشحال بِي.

"اَلْاِنْسَانُ سِرِّیْ"[5] آصفائِي، ظاهر زيبُ باطن بَقائِي،
"کُلِّ شَیْءٍ يَّرْجِعُ اِلیٰ اَصْلِه"[6] اَصُول، قائم قرب ڪَمالُ بِي.

ڪَعبہ ڪَونَينِ[7] دا تون هِين والِي، بيرَنگ رَنگان وچ بيمثالِي،
هر معنيٰ دا تون هِين مُولُ،[8] "مُحمّد" ڪَيف[9] ڪَلال[10] بِي.

---

(1) بِالڪُل-صرف، خالص، (2) غمگين- درد رکندڙ، (3) بزرگيءَ وارو- رعبدار، (4) داخل ٿيڻ- رسائِي حاصل ڪرڻ، (5) "انسان الله جو راز آهي"، (6) "هر شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽندي"، (7) ٻنِي جَهانَ،
(8)[illegible] (9) [illegible] (10) [illegible]-ساقي —مرشد.

ڪافي- 757

سجاڻين تون سِرَ ڪي، مُورَئُون نا مَماتِي،[1] اَصل اَثباتِي.[2]

پيالو بيخود پِيءُ، وٺ وحدت وِيءُ،[3]
مري دوجَڳ جِيءُ، هردم حياتِي.

ڏِسُ تون ڏِسَڻ ڪي، پنهنجي پَسَڻ ڪي،
گُرَ سان گَسَڻ ڪي، رِندِي رمز پاتِي.

ڪُڏِي قدم ڪڻ، هَنسِي[4] هامَ[5] هڻ،
ڪاڏي ڪِينَ تَڻُ،[6] جهاتيءَ منجهئُون جهاتِي.

بيحد بيک بازي، سدا رهہ تون راضي،
ڪٽي گامَ[7] غازي، چِڏج نا چاتِي.[8]

وَصُل وِصالِي، جَلالِي جَمالِي،
"مُحمّد" بي مِثالي، هاديءَ لَنئُون[9] لاتِي.

---

(1) مرڻ واڙو، (2) ثابت-قائم، (3) وَڪَرَ-سؤدو، (4) ڪِلِي، (5) ذميواريءَ جي دعويٰ ڪرڻ، (6) چِڪ ڪر-
لاتي ڪي، (7) قدم - وکَ، (8) همت- بهادري، (9) عشق- محبت.

ڪافي-758 (سُر تورِڙي)

مرڻ مُنڌائُون نانهہ، اُونهي ملڪ انهيءَ ۾.

جائِي هَل تون جُوءِ اُنهي ۾، هِتڙي تُنهنجو ڇاهِہ.

ديسَ اُنهِيءَ جو دِلبر سائين، اوڏَهن ڪاهيون ڪاهِ.

ڪاهِلُ تي چو ڪيچ وِسارِيُئہ، ڏي پنيور کي باهِ.

ويهُہ مَ[1] ويرَمَ[2] وِڪَ وَڌائج، سِڪَ سَڳوئي ساهِہ.[3]

”مُحمّد“ مُحڪم مَئيخاني تِي، لاڳاپا سڀ لاهِہ.

---

(1) نہ، (2) ڪا ويرَ، تورڙي گهَڙِي، (3) چِڪِ- تاڻِ-سورِ، [سِڪَ جو سڳو ساهِڻ= هر وقت سڪ ۾ ياد ڪرڻ]

داستان: دنيا دورَنگي

ڪافي-759

(سُر بِلاولي)

بِلاشَڪ وئي آ باغن مئون، ادا رونق روحانِي اڄ،
گُلن جي واسَ وڻڻ جي، اَتوَ قيمت گِرانِي[1] اڄ.

گُلن جي بُوءِ جي ڏاران، بيشڪ ٿيا بُلبُلا بيتاب،
ڏسن جي گُل ڪٿي هيڪر، پريشاني وجي تِنهِنَ اڄ.

اِهو جي وَکَر جن وٽجو[2] سوداگر سي ٿيا سَرها،
اِنهي سؤدي منجهئون سالڪ، ٿيا اُهي شير شاهانِي اڄ.

اَجا بِي گُل گُلابَن جا، سدا هوندا زماني ۾،
"مُحمّد" مَخفِي[3] نظر ڪئون ٿيا، وتن رابيلَ[4] روحانِي اڄ.

---

(1) مهانِگي، (2) خريد ڪيو- واپار ڪيو، (3) لِڪل، (4) موتئي جا گل.

ڪافي-760

جَنجالُ[1] سمجھ عاشق، دنيا آهي دورَنگِي.

صُورت ڏسڻ ۾ سُهڻي، جيئن ڪنوار مَن کي موهڻِي،[2]
وجهي دامُ تي دليرن، آهي نِسنگ[3] نَنگِي.

فَڪَل[4] ڪَيُون قاسائي، داناءَ ڪيئي دَسائي،
اِها بيوفا آهي بِلڪُل، آهي اَصل ڏِنگِي.[5]

"مُحمّد" گُهري تو سُرڪِي، ڏي مُحبَّ يار مُرڪِي،
وڃ نا تون يار ڏُرڪِي،[6] رَنگڙو رَساءِ رَنگِي.

---

(1) مُصِيبت- وڏي تڪليف. (2) موهيندڙ-وڻندڙ. (3) ظاهر ظهور. (4) دوکو-ٺڳي. (5) ڏِنگ ڪندڙ- اٽڪل ڪندڙ. (6) هيڻو يا سُست ٿيڻ.

(سُر پِيلو)

ڪافي-761

جيئن دنيا دوُرُ ڦِري ٿو، تِيئن عاشق اندر گِهري[1] ٿو.

دنيا ڏُوتِي دُرَنگِي، ڪنهن سان ڪري وفا نا،
جيڪو ڦاسي مَڪَر ۾، ڪاڏي نہ سو چُري ٿو.

دنيا ڪيئي ڪيرايا، موٽڻ مَحالُ تن جو،
وائڙا آيا وَڪَڙ ۾، تورو[2] اڳيؤن تُري ٿو.

طالب ٿيا جي تارِڪَ، تڪڙو ويا تَري سي،
ويجها ويا وَصُل ڪي، سِڪَ جو سَڳو سُري ٿو.

"مُحمّد" مَنجهيئِي ماڻِن، محبوب جِي مُلاقِي،
واندا ناهن وِرہَ ڪئون، جِيءُ جوش ۾ جُهري[3] ٿو.

---

(1) گهِڙي، (2) اعمالن جي حساب ڪتاب جو تَرازُو (3) زَبُون ٿئي.

كافي-762 (سُر تِلنگ)

كُتِيءَ کي ڪر ڪُور ڪُور،[1] ٻؤنڪَڻ ڪان بَس ڪِينَ ڪري ٿي.

ٽُڪَر بنا ٿِي ٽَئونڪي[2] ٽيڏِي، سَڙِيءَ کي آ سُور سُور.

اُلران[3] ڪري ٿي اوتَر[4] اُڌمان،[5] پلپل پوندو اَٿس پُور پُور.

تَڙِيلَ ڏنو آ تَــنُ تپائي، لُندِي[6] ڪري ٿي لُور لُور.[7]

اُٿَڻ ويهڻ ڪان لاغَر[8] ليڙِي،[9] جهورِيءَ[10] ۾ ٿي جُهور جُهور.[11]

”مُحمّد“ ڪيو آ مِنتَ هِڪَ ۾، چَندِيءَ کي چَڪِچُور[12] چُور.

---

(1) ڪتيءَ کي سَڏڻ جو آواز- چُچڪارَ. (2) هڪلي آواز سان ٻَئونڪي، (3) اُلرون- حملا. (4) گهڻو واءُ- گهڻو گوڙ. (5)ٻَڙڪو-اُٻَل-جوش. (6) ٻِڄ ڪَنيل ڪُتِي، (7) اَجائِي نُوس نُوس ڪرڻ-رُلڻ. (8) هِيڻِي – ڪمزور. (9) ڪمزور-ڍَرِي- سُست. (10) ٻُڍَتيءَ. (11) پوڙهِي-زبون. (12) زخمِي- گهايل.

نوٽ: هتي ڪُتِيءَ کي نفس اَماره طور ۽ دنياوي حرص و هَوا طور استعمال ڪيو ويو آهي.

داستان: ملان قاضِي

ڪافي-763

(سُر توڙي)

ماتِ ڪر تون موڳا مُلا، توکي وهم هِي ڪيئن پيو،
عشق وارن سان اَجايو، جهيڙو جَهڳڙو ڪِينَ ڪيو.

علم لدني جن پڙهيو، تن کي پڙهڻ بيو علم ڇا،
قَلبِي ڪتابن جو مُطالع، [1] روزِ اَزل کان هي ٿيو.

لوڪَئُون لڪِي جن پاڻ ۾، لاشَڪ پاتو لاَ جو لِيو، [2]
اَللّٰه سان اَثبات [3] ٿيا، تن کي نَظر ناهين بيو.

هِن صراحِي [4] مئون پِين، سُرڪَ هِڪَ شوقِ شراب،
مَسلا، [5] مُصَلا، تَرڪُ تَسبِي، [6] وَتِين [7] خُمارَنِ [8] منجهه ڪِيو. [9]

صوفي صفائي صاف ٿيا، رَد ڪن روڳِي [10] رِيئو، [11]
غرق ڪن ٿا غَير کي، حق جو ٻاري ڏِيئو.

"مُحمّد" سو مَردان آ، "مُوْتُوْا قَبْلَ" [12] مري جِيئو،
موٽڻ تن کي محال ٿيو، وري ورڻ کان بِي ويو.

---

(1) پڙهڻ، (2) جهاتِي، (3) ثابت، (4) گهُگهِي-شراب رکڻ جو برتن، (5) مسئلا (ديني) (6) تسبيح، (7) هُجِين، (8) نَشَن، (9) خوش-مست، (10) بيماريءَ وارو، (11) روجَ-غم، (12) "موت کان اڳ مرڻ":

ڪافي-764 (سُر ڪَنياتِ)

مَسلي[1] والِي ڳالھہ، قاضي ڪِيُون ڪَريندَئِين.

طُولُ[2] تَجمّل[3] نا تَڙيوئي، حرف حقيقي نا پڙھيوئي،
چوڙ چُھڙاٽِي[4] چالِ، وحدت ڏي نا وِڪَ پَريندَئِين.

مَعنيٰ دا هِين مُنڪر مُوڙي، مُڙ پِڇتي ڏيندَئِين پُوڙي،[5]
پِرت پريمي پالِ، مرڻ ڪَنُون نا اڳ مَريندَئِين.

ظاهر زور پَريندا ياڙي، مَتا مُناڪي[6] ڊِگهي ڏاڙهي،
وِچ جَمعيّت[7] جالِ،[8] ڏوھ ڪَنُون وَل نا ڏَريندَئِين.

"مُحمّد" ميڏا مرشد مؤلا، راه رِنداني ڪَردا سؤلا،
هادي ساڏي نالِ، محبت والا مَچ ٻَريندَئِين.

---

(1) مسئلي (ديني)، (2) اجائي ڊيگهہ- دنيا جو حرص، (3) شان شوڪت، (4) چُهڙا-هندن جي هڪ گهٽ ذات- چُهڙَن وارو رويو (5) لَتَ هٽڻ (گڏهہ يا گهوڙي وانگر)-ٺِڪَ، (6) ڪوڙائي، (7) تسلِي- اطمينان، (8)گُذارِ-رَہَ.

ڪافي-765 (سُر آسا)

توڙي ماڻهو سمجهن گهٽ ڳالهہ ميان،
اسان چڱي رکي سي چال ميان.

نالِ فَقَر جي لڳي آ لڙائي، مُلان مَلوانڙَ* ڪَرن چڙهائي،
حڪم هاديءَ جي سان ٿيندا تَوائِي، بڇڙا بَد اَفعال ميان.

نِينهَن سَندا نِيشان ڏسو، محبت جا مڪان ڏسو،
اوهان پنهنجا ايمان ڏسو، هِتِ خدا جو خيال ميان.

رِندِي جامُ ڏنو آ رهبر، درد پريا پڙهياسي دفتر،
ڪُليا عشق اِلاهِي دَرَ، بيرنگي بيّ مثال ميان.

”مُحمّد“ کي مَخمُور[1] ڪيو، وحدت ۾ وَهلُور[2] ڪيو،
مُحبَ مٺا منظور ڪيو، هيٺو اسان جو حال ميان.

---

(1) خماريل، نشي ۾ (عشق جي)، (2) ويڳاڻو- اُداس،

ڪافي-766 (سُر ڪسوري)

واهُ بِرهَ بنائِي آ بازي، اِها گوءِ کڻن کي غازِي.

جاڏي ڪاڏي حَقُ سُجاڻج، مسجد مندر هِڪو ڄاڻج،
ڳالهه اِنهيءَ ۾ شڪ نہ آڻج، توڙي ڪُفر سمجهن قاضِي.

مُلان مُوڙها[1] وَتندا آهن، وَڏيون ڪِتابانُ سِرَ تي چائِن،[2]
خيال خوديءَ جو ڪِينَ ڪِي ڪائن، واعظ ڪن پيا واعظِي.

"مُحمّد" جام الستي پيئن تا، اُهي مرد هميشہ جِيئن تا،
وجي گُم وحدت ۾ ٿين تا، آهي رَبُّ تنن تي راضِي.

---

(1) [illegible] (2) [illegible]

ڪافي-767

رمز اُلٽي عوشاقن جي، نٿا سمجهن پيٽو پاڙي،
مَڪر وارا پڙهي مَٽڪا، ڏَڪائن تا وينا ڏاڙهي.

حقيقي حال جا واقــف، نــاهن ســي ويسلا[1] وئڙا،
تِنن کي ڪَل ڪيهِي قُلزمَ، ڪُوڙيل جنهن جي آهي ڪِياڙِي.

دؤڙن تا دَعوَتِي دائم، ڪُتن جان ڏُوندَ تي ڪاهِيون،
لائي ڪَڌَ لوڌِ[2] پنهنجي کي، نُوسِي[3] ڪَن نورَ جان ناڙي.

رکن نا غَرضَ ڪا غازي، ڪڏهن جنت يا دوزخ جي،
مَلامت مئون مِليَن مولا، جسم ۽ جان جن ساڙِي.

اُڏائي خيال کي عرشين، ڪيون تا سَير سُبحاني،
"مُحمّد" سان واه مِنِي مرشد، پِرتِ پورِي اِها پاڙي.

---

(1) غافل-ويسارا، (2) لشڪر- جماعت، (3) نُوس نُوس ڪندڙ-لُوسِي.

حُورن جا هيراکَ

ڪافي-768

(سُر پيروي)

حُورُن جا هيراڪَ حِرصِي، شودپَڻ ڏي تون چِڏي،
مُنهن موڙي محبوب کان، چو پئين تون هِن ڦَڏي.

تالَ تَسبِيح جا ڪري تون، لوڪَ جي لاري[1] لڳين،
مَڪَر جا مٽڪا پڙهي، جان وَيَئِہ ڪم ۾ جَڏي.

نَفسِي نمازان ٿو پڙهين، ناحق وڃائين عمر تون،
بهشت جي دَلبي[2] دِلاسي، چار وينين تون اَڏي.

روزو رِندانِي جي رکين، رُتبو[3] رُوحِي تو رنگ رَسي،
خاصُ خاصَن جي اڳيان، گامُ[4] گوهر سان گَڏي.

دُئِيءَ جي ديوار پَچُ، پُرزا ڪري پهرين پَهر،
ڪِينَ سمجهين تون اجا، حيران ڪَيُئِہ هَئي هَئي هَڏي.

هِي حقيقت حال هٿ ڪر، مُڙ نہ "مُحمّد" تون ڪڏهن،
ڪيئِي ويا هادي هليا، هِتائون ويا لاهُوتِي لَڏي.

---

(1) آسري، (2) فريب- ٺڳي، (3) مانُ-عزت، (4) قدم- ڳوٺ.

داستان: عاجزي

ڪافي-769 (سُر جَهنگلو)

آهيان مُون عيبن هاڻِي، ننگُ نيائڻ توتي نَنگِي.

وَهائيندِس واهُڙ جان، پِنبِڻَن مئون پاڻي،
جوش جاري ٿيو جولانَ[1] جَنگِي.

حال هجر حَقِير[2] جو، چاٽيندڙ تون چاڻِي،
عِشقَ تُنهنجي آهيان اصل اَنگِي.*

سُکَ سِيبائن ڪِينڪي، سورن ڪئي هانَ ساڻِي،
ويتر وِرهَ تنهنجي ۾ وَنگِي.[3]

پارِئِهِ مچ مدام منجهيئي، کُوري آهيان ڪاڻِي،[4]
پرت پرواز پَروانہ پَتنگِي.

"مُحمّد" سان هر دوجَهانَ ۾، سَيّد ٿِيندُم ساڻِي،
رهبر آهي سدائين رَنگِي.

---

(1) جذبو-جوش، (2) گهٽ درجي وارو، (3) ڦاٿي، (4) سَڙي

* اَنگِي = نصيب ۾ لکيل- اَنڪيَل

ڪافي-770 (سُر مانجهہ)

اَجـهي[1] جــن جــي آهيان، اڱــڻ منهنجي ايندا،
ڇِنِــي نــا ڇــڏيندا.

سُونهان ٿيا سور، پلپل پون پُورَ، گهايل آهيان گهُورَ،
پِـــرِيـــن پرچائيندا.

سِڪَ وارن سارَ، لهندا اچي يارَ، پورِيءَ جا پوتارَ،
نَنگِي نَنگَ پاليندا.

وِيني ٿي واجهايان، ٻَڌِي پئي ٻاڏايان، نيهِي نِينهُن نيايان،
گوليءَ کي گڏيندا.

"مُحمّد" مُونجهہَ معافي، ٿيو مرشد شافِي، هِتِ هُتِ ڪافِي،
هِيئين[2] ساڻ لائِيندا.

(1) بناهہ

ڪافي-771 (سُر پيروي)

واهَرَ[1] وِلهن[2] جِي ٿيندين، چورِن ڪي نہ ڇَڏِيندين.

هِن نماڻِيءَ جي نِجهِري،[3] اَجها[4] پاڻ اَڏِيندين.

بيواهن جو وسيلو تي، آڌَرَ[5] اَچِي تون ڏِيندين.

عيبن پري مُون[6] آهيان، ڪامل تون تہ ڪَڇِيندين.[7]

سَيّد پنهنجي ساڻ سان، گولِيءَ ڪي تہ گَڏِيندين.

"مُحمّد" جي ميرا[8] ڪيا، ڌوبِي ٿي تون ڌوئِيندين.

---

(1) مدد، (2) ڪمزورن-بيوسن، (3) گهر-جُهوپڙِي-بَستِي، (4) گهر، (5) ٽيڪ-جَهل-مدد، (6) مان-آئون، (7) ماپَ ڪندين- حساب ڪندين، (گناهن جو-عيبن جو)، (8) خراب-بُراڪَرَ.

ڪافي-772 (سُر ڪوهياري)

ٻُڌ هيڏي جو حالُ تون، لَعل لَطِيفي لالُ تون.

منجهه وجود واهيرو[1] تنهنجو، خاصُ الُخاص خيالُ تون.

ساهُ پَساهُ سدائين سائين، جانب جان جَمالُ[2] تون.

جابرِ[3] جنگي ڪَيفَ[4] ڪَلالِي،[5] جذبو جوش جَلالُ[6] تون.

اول آخر ظاهر باطن، هَرجا حُسن ڪَمالُ تون.

اندر ٻاهر هيٺ مَٿائين، "مُحمّد" جو تہ مِثالُ تون.

---

(1) آستان-تڪاڻو (2) حُسن-خوبصورتي، (3) خود سَر-جبر ڪندڙ (4) نشو (5) شراب ڏيندڙ وارو-ساقيءَ وارو (6)بزرگي-رعب.

كافي-773 (سُر پيروي)

نَنگَ سُجاڻِيندا، پاڻَ پالِيندا، حُجَتَ جِي نانُءِ جاءِ،
ناتو نِـيائِـيندا، مون وٽ جالِيندا،[1] سِڪان تِي جَنهن ساءِ.[2]

آسَروَندِي[3] آسري، ڳَهلِي[4] ڳَلِ لائيندا، وِڪَ وَڏائيندا، وحدت وَٽائي واءِ،
قربدار ڪڏهن مُنهن نہ مٽائيندا، ماڳ رَسائيندا، رهبر پنهنجي راءِ.

مرشد پنهنجي مهر سان، پَرَ ڏي پهچائيندا، صَحِي سمجهائيندا، حيرت وارِي هاءِ،
بيخوديءَ جي بحر مئون، بِرهُ بَچائيندا، رَنگ رَچائيندا، ڳُڻَ هاديءَ جا ڳاءِ.

"مُحمّد" هِن مشتاق کي، پنهنجو پاڻُ پَسائيندا، لِڪُ نہ لِڪائيندا، لِيلايان جَن لاءِ،
ويا جُدائِيءَ ڏِينهَڙا، وِرهُ وَسائيندا، هوتَ هَنسائيندا،[5] لاهُوتِي لَقاءِ.[6]

---

(1) گذاريندا-رهندا، (2) ساءَ-لذت-مزو، (3) آسرو رکندڙ- اميد رکندڙ، (4) پورڙي-اڻجاڻ، (5) کِلائيندا-خوش ڪندا، (6)ديدار

محبوب آيا

کافي-774 (سُر پهاڙي)

اڄ اسان جي اڱڻ تي، محبوب ڦيرا پايا،
ڏُکَ مڙيئي دور ٿيا، بيحد بَخت سَوايا.

ڏولائي[1] جا ڏينهن ويا، ڪيا ساجن سَجايا،
وصل وارا ويجهڙا، وري والِيءَ وَرايا.

انتظارِي وئي هلي، قربئون قدم گهُمايا،
صَدقُ[2] وڃان تنهن سَيّد تئون، جنهن ويڙها وَسايا.

مشڪل ڪُشا، مِهر مئون، محبت مڇ مَچايا،
دل اندر دِيدارَ داتا، پارسَ پاڻَ پَسايا.[3]

"مُحمّد" تنهن محبوب جا، گُڻَ هزارين ڳايا،
راضي رهبر رَهنما، ٿيا روحاني رايا.

---

(1) ڏک-تڪليف، (2) قُربان- گهورَ، (3) ڏيکاريا.

داستان: بِرهَ بَھارِي

(سُر آسا)

ڪافي-775

تَجلو تابُ تِڪيرو آيو، سُرتِ هلي وئي سارِي سارِي.

هَرجا حق ڏسڻ ۾ آيو، نُورِي هجي توڙِي نارِي نارِي.

عاشق ڪي تہ اَلست ڪئون، بره لائِي بَھارِي بَھاري.

تقويٰ ترڪ ڪري سي هليا، زُهدَن ڪئون ڪَيئُون زارِي زارِي.

اَتڪل منجھہ اَڙيل بِي ناهيون، نِينهَن جي ڳالھہ نيارِي نيارِي.

"مُحمّد" سان مُدامِي مليو، گھوٽ نہ وجھي تو گھارِي گھارِي.[1]

---

(1) جُدائي- وقفو.

ڪافي-776

(سُر بَسنتُ)

سِر ميڏي تي سُنو ري سَيان، بِره اُنيان برساتيان وي.

چَڙهنديان لَهنديان وَڏاڻان وِيريان،[1] لُڙ لَهريان دِن راتيان وي.

بِره بحر وچ غوطا کاوي، سمجهي سوئِي سُرساتِيان[2] وي.

پلپل پار پرين ديان آنديان، سِڪ واليان سَوغاتِيان[3] وي.

”مُحمّد“ اَنذُوڪار ڳيا ڪُل، پِرهَ[4] ڦَٽيان پرياتِيان[5] وي.

---

(1) وڏيون لهرون- وِيرُن جا متڙڪي وانگر ڏَڪَ. (2) سُوساٽَ- تيز آواز. (3) سوکڙيون- تحفا. (4) فجر-اَسُر. (5) فجرويل.

ڪافي-778 (سُر ڪامول)

هِردي [1] هَري [2] هَرنام [3] ديکا جب، باهر ڪَب وه ديکي گا،

ڪاشِي دُوارا دَسوا تيرٿ، گنگا مُول نہ جاوي گا.

بُت خاني ڪِي پوُجا ڪرڪي، ڪَيسا مقصد پاوي گا.

پٿر، جَل [4] ڪِي آشا [5] اَگني [6]، صاحب ڪَون سماوي گا.

ديکا جِس ني آپ ڪي اندر، دين ڪفر اُڏاوي گا.

دونون جَڳ وچ نام سَتِي [7] هئي، اُلٽا قدم اُٺاوي گا.

"مُحمّد" مَنشا [8] موج مَهراج [9]، رَل مِل رام رِيجهاوي گا.

---

(1) دل، (2) خدا- ڀڳوان، اِيشور، (3) ڀڳوان، خدا، (4) پاڻي، (5) خواهش، اميد، (6) باهہ، (7) سچو (8) خواهش، ارادو (9) مرشد.

نوٽ: ڪاشي [illegible] هندن جون مقدس زيارتون آهن.

ڪلام - 779

(سر پيلو)

سمجھ لیو تم سارا سادھو، اور نہیں کوئی دُوجھا[1] رام،
اپنے آپ کو ڈھونڈھا کریئے، اور کا ڈُھونڈھن کیسا کام۔

دیکھ لینو تم دیہی[2] داتا، دور کرو اب دُوئی[3] دام،
ایکو ایک سماویں سینے، خارج خوف خطر ہے خام[4]۔

ہمت نال ہوشیاری ہمدم، ہیبت ناک ہکل دی ہام[5]،
خاصاں خُوب خماری ہوئی، اَنت[6] نہ کوئی اوراں[7] عام۔

مخفی موج مُدامی معنیٰ، غازی غیبُ گذر کے گام[8]،
ناطق[9] نور نمایاں نرمل[10]، ناہِ نہایت اُس کے نام۔

"محمد" کو ملا روز اَلستی، جابر[11] جنگُ[12] جاجم[13] جام،
حاصل ہوئی حقیقت ساری، مرشد مہر مغان[14] کی مام[15]۔

---

(1) ٻيو (2) جسم ۾ - اندر ۾، (3) ٻيائي، (4) ڪچو- ڪُوڙو (5) دعويٰ ڪرڻ، (6) ڳُجھه – راز، (7) ٻين کي، (8) قدم، ڳوٺ، (9) ڳالهائيندڙ، (10) پاڪ، (11) زبردست، (12) وڏو (14) پَرِيُورُ، (14) مرشد، (15) راز- رمز- اشارو.

داستان: کلام اردو

کلام-780

(سرکوری)

تیرے حسُن کا نظارہ، جابجا[1] ہوا ہے،
خورشید[2] خجل[3]، ماہ[4] ستارا ہوا ہے۔

مۓ کشی[5] کی محفل، مدام[6] ہے مغاں[7] سے،
پیمان[8] پُر قدح[9] سے، خمار ہوا ہے۔

مشتاق حسن تیرے، ملک و فلک[10] زمیں،
حوراں پریاں حیرانی، نہ قرار ہوا ہے۔

جن و بشر[11]، بہائم[12]، دیدار کے پیاسی،
کون و مکاں[13] میں قائم، اظہار ہوا ہے۔

دامن تمہاری کھینچے، شب و روز "محمّد"،
دونوں جگ میں کوئی نہ، سہارا ہوا ہے۔

---

(1) هرهنَد، (2) سج، (3) شرمسار – ڦِڪو، (4) چند، (6) شراب پيئڻ، (6) هميش، (7) ساقي- مرشد، [illegible] (10) آسمان، (11) انسان، (12) حيوانَ، (13) سَنسارَ- ڪائنات.

ڪلام-781 (سر بھیروی)

آفتاب[1] شاہِ عالم[2]، رُخ تیرا ہے اَنوری[3]،
کیا مجال[4] پیش تیرے، ماہتابِ[5] اَختری[6]۔

حال میرا کون جانے، یا شَفِیعُ[7] خیرالبشر[8]،
واسطے باللہ دیویں، آ[9] شتابی[10] دلبری۔

ہم نہ جانا کوئی مثال، یار تیری شان سے،
خاص عنداللہ[11] تینوں، یا جنابِ سروری۔

"محمّد" ہے دیدار پیاسی، اب روتا ہے دَمبدم[12]،
عاشقاں اِلاّاللہ[13] کھولیں، یا نِقابِ[14] مکھ[15] بَری[16]۔

---

(1) سِجُ- (2) دنيا جا بادشاهہ. (3) نُوراني. (4) طاقت- وَس. (5) چَندُ. (6) سِتارَن وارو. (7) شَفاعَت ڪندڙ- چوٽڪارو ڏياريندڙ. (حضور پاڪ جو لقب). (8) سيني انسانن کان بهتر. (9) اَچي. (10) جَلدي. (11) اَلله ۽ جو قُرب ۾ ويجهڙائي. (12) هر گهَڙِي. (13) "سواءِ الله جي"- واسطي الله. (14). پردو (15) رُخ- چهرو. (16) آزاد- حِتل- قَلُ ڏيندڙ.

کلام-782

صورت اللہ محمّد ایک ہے،
جونہ جانے- وہ بڑا بدنیک[1] ہے۔

شبِ معراج گیا، اَحمد عرش پر،
اُدھر پردے کے اندر، دیکھو تو ایک ہے۔

"مَنْ رانِیْ فَقَدْ راٴَ الْحَق،"[2]
اظہار رمز رہبر، رَہنما کی ایک ہے۔

"اَنَا عَرَبٌ بِلا عَیْنِیْ"،[3] اِرشاد[4] عطا[5]،
فرق نہیں کوئی دونوں میں، اَزلی ایک ہے،

لدنی راز کا واقف، جو کوئی ہوتا ہے،
اَنا اَحمد بِلا مِیمِی،[6] "محمد" ایک ہے۔

---

(1) بُرو (2) جنهن مون کي ڏٺو تنهن تحقيق حق کي ڏٺو، (3) آئون عرب آهيان بِنا عَين جي- يعني "رَب"
... (6) "آئون اَحمد آهيان بِنا ميمَ جي-يعني-اَحد (الله)"

ڪلام-784 (سر ڀيم)

رندوں سے زاہدا، تیرا کہنا کیا ہے،
تجھہ کو خبر نہیں، میرا فسانہ کیا ہے۔

ساقی ساغر دیا، مدہوش[1] ہو رہا ہوں،
ایک پیالہ مست کیتا[2] پر[3] پیمانہ[4] کیا ہے۔

غیر سے فراغت[5]، حق کی ہدایت،
اور کوئی نہ دیکھتا، سارا زمانہ کیا ہے۔

وِرد وَظائف پڑھتے ہو، خوف سے نہ ڈرتے ہو،
باطن[6] کی خبر نہیں، ظاہر کانا کیا ہے،

مسجدوں میں کون تھا، مندر مڑھیوں میں کون تھا،
کعبہ گنگا میں کون تھا، "محمّد" میخانہ کیا ہے۔

(1) نشي ۾، (2) ڪَيو (3) پَريل، (4) شراب جو جامُ (5) فارغ ٿيڻ -بي فڪري، فُرصَت، (6) اندر جي- ڳجهه جي

(سرپہاڑی)

کلام-785

دیکھنے تیرے سوا، ہم ہو تا ہوں اِضطراب،[1]
مجبور ہوں مظلوم ہوں، ہم ہو تا ہوں اضطراب۔

یا جنابِ غوث اعظم، غور کر میری شتاب،[2]
طلب ملنے کی مدامی، ہم ہوتا ہوں اِضطرا ب۔

معجزے لاکھوں مناقب،[3] عین اعلیٰ اَلقاب،[4]
ایک میرے کو دکھاوَ، ہم ہوتا ہوں اِضطراب۔

عاجزوں اور بر[5] یتیموں کو، ملا خاصل خطاب،
تیری شفقت شاہِ میراں، ہم ہوتا ہوں اِضطراب۔

مرشدی پیرِ مغاں، نر نادری نیہی[6] نواب،
قربداری قادری، ہم ہوتا ہوں اِضطراب۔

مانگتا ''محمدؐ'' مشاہدہ،[7] لازَوالی[8] لاجواب،
وصل کی ہو وے عنایت، ہم ہو تا ہوں اِضطراب۔

---

(1) پريشاني-بيقراري-بيچيني، (2) جلدي، (3) تعريفون، (4) لَقَب، (5) تي، (6) نيائڻ وارو-وفادار،

کلام-786 (سرپہاڑی)

بن عشق ہے شرمندگی، افسوس صد افسوس ہے،
ایسی نہ بہتر زندگی، افسوس صد افسوس ہے۔

دم یار سے غافل ہوا، بیگانگی[1] باطل[2] ہوا،
بیہودگی[3] بس بندگی، افسوس صد افسوس ہے۔

بیدار رہنا بے خطر، موجود مخفی[4] باخبر،
آمیزگی[5] افتندگی،[6] افسوس صد افسوس ہے۔

مےَ جامِ وحدت پینا[7] کر، محبوب صورت سینہ کر،
آزادگی[8] دَرندگی،[9] اِفسوس صد افسوس ہے۔

مستقل "محمد" مُقَیَّد،[10] باہمت ہوشیار بیحد،
آلودگی[11] اَنگیزگی،[12] افسوس صد افسوس ہے۔

---

(1) غير ڪري ڄاڻڻ، (2) ڪُوڙ-ڪُوڙو، (3) نالائقي-بي ڍَنگائِي، (4) ڳُجهو- لِڪل، (5) ميل ميلاپ،
(6) ڪِرَڻ-ڪِري پوڻ، (7) پِيئَندو ڪر، (8) آزادي-ڪليل ڇُوٽِ، (9) حيوانيت، (10) پابند، (11) ناپاڪِي،
(12) اُٿڻ –اُڀارَ.

طریق[1] عشق میں، عاشق کوئی آرام نہیں،
معنیٰ میں ماسویٰ اللہ،[2] کوئی ماتام نہیں۔

رِندوں[3] کو پیشوا[4] پکڑ، تم جلدی سے،
اُلوہیت[5] احوال[6] میں، کوئی اَیام[7] نہیں۔

حق کو حق سے ثابت، کردو بالیقین،[8]
دُوئی[9] کا دخل[10] کرنا، کوئی دَوام[11] نہیں۔

زاہد کو کیا خبر ہے، عشق کے اسرار کی،
مےَ کشی کی محفل، حکم[12] کوئی حرام نہیں،

اس راہ میں رَفاقت،[13] رہنما رفیق کی،
مدہوش مست ''محمد''، کوئی ملام[14] نہیں۔

---

(1) رستو-راهَه. (2) الله کان سواءِ- ٻيائي. (3) مذهب کان آزاد- مست درويش. (4) رهبر- اڳواڻ. (5)خُدائي-خُداوَندِي. (6) حالت-ڪيفيت. (7) زمانو-وقت. (8) يقين سان- پَڪ سان. (9) ٻيائي. (10) پُهچَ-رسائي.
(11)هميشگي-سدائين [illegible] (12) فيصلو. (13) ساٿ- گڏ هئڻ. (14) مَلامَت-[illegible]

کلام-788

(سرپیلو)

عاشقوں کا اپنے دل میں، آستانہ بنادے،
مخمور [1] منزل [2] محفل، میخانہ بنادے۔

مجبور ہوں میلاپ تیرے، رات دن بے چین ہوں،
اپنے حسن کی شمع پر، پروانہ بنادے۔

نظر اُلفت کی کرو، دَرمان[3] داتا دلیر،
دونوں جہان گذر سے، بیگانہ[4] بنادے۔

خیالِ خاطر[5] ہے مری،[6] منظور ہوجا مَہ‌لَقا،[7]
دلربا اے درد کا، داستاں بنادے۔

التجا[8] ہے آرزو، درگاہِ عالی اے جناب،
معروف[9] محض[10] ''محمدؔ'' مستانہ بنادے۔

(1) نشي ۾، (2) محفل – نظارو، (3) علاج-دوا دارُون، (4) بيپرواهُ، (5) دل، (6) منهنجي، (7) چنڊ جهڙو خوبصورت، (8) عرض، (9) مشهور-ظاهر، (10) خالص-سراسر- بِالڪُل.

كلام-789 (سرپيلو)

شوقِ حسن شمع میں، جسم جلانا جسم جلانا،
چشموں کی چاش تم، چشم چلانا چشم چلانا۔

مجروح[1] دل کو کرنا، دلدار کے درشن[2] میں،
جان و مال بھی ان کو، دل بھی دلانا دل بھی دلانا۔

حلاج حال پایا، تیری تجلی[3] تابش،[4]
منصور سولی[5] اوپر، سر[6] بھی سلانا[7] سر بھی سلانا۔

اس حال میں رہنا، ہوشیار بھی ہمدم،
"اَنَا مَعَكَ وَاَنْتَ مَعِيَ"[8] رمز رلانا[9] رمز رلانا۔

موجودگی مَعَ اللّٰه،[10] محویت[11] "محمد"،
فَاذْکُرُ[12] اشارہ اَذْکُرْ،[13] جوت[14] جگانا جوت جگانا۔

---

(1) زخمي، (2) ديدار-ڏسڻ، (3) نُورَ جي جَهلڪ- چَمڪ، (4) گرمي-تپش، (5) ڦاسِي، (6) سِرُ-مٿو (7)ڦاسِيءَ جي تختي تي سِر ۾ سوراخ ڪرائڻ- قبول ڪرڻ، (8) "مان توسان گڏ آهيان ۽ تون مون سان گڏ آهين"، (9) مِلائجان، (10)اَللہ سان گڏ، (11) خيال ۾ گم ٿيڻ، (12) مون کي ياد ڪر، (13) توکي ياد ڪريان، (14) روشني.

كلام-790

(سردرگاہو)

عشق شاہنشاہ شافی،[1] ہر دو جہاں میں ہوا ہے،
سر صنم[2] دیدار کافی، ہر دو جہاں میں ہوا ہے۔

قاضی تم نے کیوں، مجھ کو بھلا دیا ہے،
میرا صحیح سردار صافی،[3] ہر دو جہاں میں ہوا ہے۔

عشق کے چنگل[4] میں ، جوئی آپڑے گا،
اور دارومدار[5] معافی، ہر دو جہاں میں ہوا ہے۔

اِسم "محمد" عین اظہار ہویا،
نسنگ[6] نروار نافعی،[7] ہردو جہاں میں ہوا ہے۔

(1) شفا ڏيندڙ- بِلڪُل- بِنهہ. (2) پٿر جو بُت- يعني مَحبُوبُ. (3) بي عَيبَ- بي رِيا. (4) مُٺِ ۾. هَٿ ۾- جنبي ۾. (5) [illegible] (6) ظاهر. (7) نفعو ڏيندڙ-فائديمند.

کلام-791

(سردرگاہو)

عشق کی تکبیر،[1] یینوں[2] ذبح[3] کیا ہے،
"کُلِّ شَیءٍ قَدِیرٌ"[4]، یینوں ذبح کیا ہے۔

قتل کی کیا ضرورت ہے، عاشقوں کو،
برہٗ بے نظیر، یینوں ذبح کیا ہے۔

تیری یک نظر سے، ہم بسم[5] ہوگیا،
دل ھدف[6] ہے تیر، یینوں ذبح کیا ہے۔

منور[7] "محمّد"، دارَین[8] دَوامی،[9]
رُخ روشن ضمیر[10]، یینوں ذبح کیا ہے۔

---

(1) اَللہ اَکبر چوڻ- کُھڻ وقت اَللہ اکبر چوڻ، (2) مون کي، (3) کُھَڻ- کُٺو (4) "هر شئي تي قدرت يا طاقت رکندڙ-" يعني رَبُ پاڪ، (5) بِسَمُ-خاڪ- رَکَ، (6) نشانو (7) روشن، (8) ٻئي جَهانَ-ٻنهي جَهانن ۾، (9) هميشہ لاءِ- سدائين، (10) روشن خيال- روشن دل.

دیدار دلربا کا، معراج کی مثال ہے،
مشتاق حسن ہادی، جلوہ گر[1] جمال[2] ہے۔

عوشاق ہوں میں اَزلی، فراق[3] فوقُ[4] فضلی،[5]
ارشاد[6] عطا اصلی، جوشور[7] جلال[8] ہے۔

شہنشاہ شوق شافی،[9] صدق[10] صدر[11] صافی،[12]
قائم قدح[13] کافی، کیف ور[14] کلال[15] ہے۔

نروار نام نوری، حاصل حیات حضوری،
دم دم نہیں دُوری، بالا بحر بحال[16] ہے۔

ملکاں بلک منادی،[17] شادان[18] شرف[19] شادی،
"مُحمّد" مہر مہدی، قربدار کمال ہے۔

---

(1) تَجلِي ڏيندڙ- نظارو ڪرائيندڙ، (2) حُسن-سُونهن، (3) فڪر-خيال-جدائي، (4) متان- مَتاهُون، (5) بَرتَر-بزرگيءَ وارو، (6) نيڪ هدايت- رهنمائي، (7) جوش وارو، (8) رُعب- بزرگي، (9) شفا ڏيندڙ، (10) سچائي، (11) سِينو (12) صاف- بي عيب، (13) پيالو- جامُ، (14) نشو آڻيندڙ، (15) شراب رکندڙ، (16) مقرر- قائم، (17) اعلان- پڙهو ڏيڻ، (18) خوشيءَ واري، (19) بزرگي- خُوبِي.

(سر بھیروی)

کلام-793

عشق کے رستے میں بس، وَاللہ[1] کیا مزا ہے،
دونوں جہاں گذر بس، وَاللہ کیا مزا ہے۔

برہ کی بھرپوری بس، نزدیکی نا دُوری بس،
مے[2] قدح[3] مخموری[4] بس، وَاللہ کیا مزا ہے۔

نشہ تو شاہنشاہی بس، بیحد بے پرواہی بس،
ہر صورتِ سپاہی بس، وَاللہ کیا مزا ہے،

گروجی گم نام بس، رام نا آرام بس،
کس سے کیسا کام بس، وَاللہ کیا مزا ہے۔

اَنہد[5] بین بجا بس، اِدھر اُدھر نا جا بس۔
خیال خوف و رِجا[6] بس، وَاللہ کیا مزا ہے۔

منجھ[7] ہی منجھ موجود بس، سر بسر[8] سجود بس،
معنیٰ میں معبود[9] بس، وَاللہ کیا مزا ہے۔

غیر کو نہ جان بس، اپنا آپ پہچان بس،
"محمد" کو مان بس، وَاللہ کیا مزا ہے۔

---

(1) الله جو قسم، (2) شراب، (3) پيالو- جام، (4) نشو، (5) اندر جو آواز، (6) اُميد، (7) اندر، (8) پُورو پُورو، (9)جنهن جي عبادت ڪجي- يعني اللهؒ

کلام فارسی

کلام -794 (غزل-1) (سرویہاگ)

من غریبم[1] غوثِ اعظم، داد[2]کن اے داد کن،
عیبِ مارا پردہ پوشی، داد کن اے داد کن۔

فریاد زاری دَرِ توئَی، ہر حال می کردم تمام،
تو شنو اے شاہِ میراں، داد کن اے داد کن۔

اِضطرابی[3] دُور کن ہم، خیال کن یکجانشین،[4]
رازدانی[5] اے گیلانی، داد کن اے داد کن۔

سینہ "محمّد" کشف[6] کن، روز شب روشن ضمیر،
ہم آرزو برپا[7] کند، داد کن اے داد کن۔

(1) غريب آهيان، (2) انصاف- بخشش مِهرَ (3) پريشاني، (4) هڪ هنڌ بيهارڻ، (5) راز يا حال ڄاڻڻ وارو،
(6) کلي (7) قائم [illegible]

فارسي غزل (1) (ترجمو)

غريب هانُ[1] مان غوثِ اعظم، مِهرَ[2] ڪر تون مِهرَ ڪر،
عَيبَ منهنجا شَل ڍَڪِين، مهر ڪر تون مهر ڪر.

فرياد زارِي تُنهنجي در تي، هر حال ۾ ڪئي تَمِ تمام،
تون ٻُڌُ اي شاهِ مِيران، مهر ڪر تون مهر ڪر.

پريشاني ڪر پري، خيال مُون هڪ هنڌ ٽِڪاءِ،
رازُ ڄاڻين اي گيلاني، مهر ڪر تون مهر ڪر.

"مُحمّد" جو سِينو کول تون، رات ڏِينهان روشن ضَمِيرَ،
مون آسَ آ قائم ڪئي، مهر ڪر تون مهر ڪر.

---

(1) آهيان، (2) مهرباني- بخشش

کلام -795 (غزل-2)

(سروپهاڳ)

اے طالبا گویم ترا، تسکین کن تسکین[1] کن،
با ہیچ کس گفتہ مکن، تسکین کن تسکین کن۔

این سخنِ مارا بدان، گوشہَ دل[2] باشنید،
خاموش کردن در زباں، تسکین کن تسکین کن۔

ماسویٰ اللہ[3] کار سازی، ترک کن جملہَ،[4]
راہِ رِنداں راست رَو، تسکین کن تسکین کن۔

سوز و گداز دار "محمدؐ"، یک دمے غافل مشو،
در بغل پیرِ مغان، تسکین کن تسکین کن۔

(1) تسلي- دلجاءِ (2) دل جي گهرائيءَ سان (3) اَلله کان سواءِ (4) سڀ

فارسي غزل (2) (ترجمو)

اي طالبا! توکي چوان، دلجاءِ ڪر، دلجاءِ ڪر،
ڪنهن سان نہ ڪر ذڪر، دلجاءِ ڪر، دلجاءِ ڪر.

سخن مُون سَمجُهہ هِي، تَهدِلئُون[1] تون ٻُڌِي،
زبان کي خاموش ڪر، دلجاءِ ڪر، دلجاءِ ڪر.

ڪم ڪار سواءِ الله جي، ڪُل ئي ڪَر تَرڪُ،
هل سڌو راهَ رِندَن، دلجاءِ ڪر، دلجاءِ ڪر.

سوزُ ڳارو رک "مُحمّد"، هڪ گهَڙِي غافل نہ ٿِي،
مرشد جي آغوش[2] ۾، دلجاءِ ڪر، دلجاءِ ڪر.

---

(1) دل جي گَهرائيءَ سان، (2) ٻَغل ۾ - ڀاڪُر ۾.

کلام -796 (غزل-3) (سرويهاڳ)

هر زماں اے عاشقا! ہوشیار باش ہوشیار باش،
کوتہ[1] مکن قدم دم، ہوشیار باش ہوشیار باش۔

داغِ دَرونی[2] پردہ پوشی، ریش[3] دل کن زُود تر،[4]
دُور بیند یک نظر، ہوشیار باش ہوشیار باش۔

عمر بربادی مکن، درخوابِ غفلت نیستی،
بیدار[5] باید بہتری، ہوشیار باش ہوشیار باش۔

بحر وحدت موج "محمّد"، بے پایاں[6] بسیار[7] شد،
دَریں[8] غوطہ[9] دہد، ہوشیار باش ہوشیار باش۔

---

(1) گهٽ، (2) اندر جو داغ، (3) زخمي، (4) جلدي، (5) جاڳيل-هوشيار، (6) بيحد- جنهن جو ڪنارو ئي نہ مجي، (7) تمام گهڻو، (8) اِن ۾، (9) ٽٻي.

فارسي غزل (3) (ترجمو)

هر گهڙيءِ اي عاشقا! هوشيار رَهُ هوشيار رَهُ،
گهٽ نه ڪر قدم دم، هوشيار ره هوشيار ره.

داغ اندروني لِڪائي، زخمي دل ڪر جَلد تَر،[1]
پري ڏنو هڪ نظر، هوشيار ره هوشيار ره.

عمر بربادي نه ڪر، غفلت جي ننڊ ۽ نيستيءِ،[2]
جاڳِي رهڻ آ بهتري،[3] هوشيار ره هوشيار ره.

بَحرِ وَحدت جي موج "مُحمّد"، بيحد تِي گهٽي،
اِن اندر غوطو ڏنو، هوشيار ره هوشيار ره.

---

(1) تمام جلدي- فوراً، (2) فَنائِي- بدبختي- تباهي، (3) سُنائِي.

ڪلام-797 (غزل-4) (سر سورٺ)

من ترا بسیار[1] خواہم،[2] اے صنم سردارِ من،
دور یک دَم ناشوی، میشود آزار من۔

شب روز مارا است، دردِ ہجر فراقِ تو،
ہمدم طلبِ وصال[3] وحدت، برہ را بیمار من۔

شمع را یکبار دیدم، شدہ اَم پروانۂ تو،
بیخودی در آدمم، حیرت حسن بازار من۔

دائمی اے دلربا، آہ و نالہ[4] کردہ اَم،
پیشوائے[5] رہنما، "مُحمّدم" مہندار[6] من۔

---

(1) تمام گهڻو (2) چاهيان ٿو (3) ميلاپ جي طلب. (4) آهون ۽ دانهون. (5) اڳواڻ-رهبر (6) اڳواڻ.

فارسي غزل (4) (ترجمو)

مان توکي چاهيان گهڻو، اي صنم، سردارَ مون،[1]
هڪ پل تي نا پري، تو تئي آزارُ مون.[2]

رات ڏينهان مون کي آ، دردِ جدائي تُنهنجو فراق،
يارَ طلبَ آ وصالِ وَحدتَ، بِره جو بيمار مون.[3]

شمع ڏِٺم تو اوچتو، تُنهنجو پروانو تي پيس،
مست ۽ مدهوش ٿيس، حيرت حُسنَ بازار مون.[4]

دائمي اي دلربا، آهُون دانهون تو کيان،
پيشوا ۽ رهنما، "مُحمّد" آهين مَهندارُ مون.[5]

(1) منهنجا، (2) مون کي، (3) آئون، (4) آئون، (5) منهنجو.

کلام -798 (غزل-5) (سر بلاولی)

منم اسرار می بودم، دراین وحدت[1] بحر[2] موجم،
کنارا نے پایاں[3] اُورا، درایں رحمت بحر موجم۔

کشیدم خیال خودانم، وجودے با خودی جانم،
کہ کلی[4] کار می سازم، درایں عظمت[5] بحر موجم۔

شرابِ شوق پر اِلاّ،[6] نوشیدم نور با اِلاّ،
دہد ساقی بسم اللہ، درایں شفقت[7] بحر موجم۔

"محمدؐ" نام من دارم،[8] بہر[9] مظہر[10] گذارم،
بہر کوچہ[11] بازارم، درایں ملت[12] بحر موجم۔

---

[1] اللهﷻ جي هيڪڙائي، (2) وڏو سمند، (3) پڇاڙي- حد، (4) ڪُل ئِي، سيئِي- سَڀ، (5) وڏائي- شان، [6]مگر – کان سواءِ، هتي اصطلاحاً: (غير) کان سواءِ- يعني وحدانيت، (7) مهرباني- پيار، (8) رکان ٿو- اَثرِ- ڌاريان، (9) هَر ڪَنهن، (10) نظارو- ڏيک، (11) ڳَلِي- گهِٽِي، (12) ميلاپ- پَنٿُ- ڌَرم- مذهب.
نوٽ: با = سان- کان.

فارسي غزل (5) (ترجمو)

مان آهيان اِسرار[1] هڪ، هِن بَحرِ وَحدت ۾ موجزَن[2] آهيان،
نہ ڪنارو نہ حد اُن جِي، هِن بحرِ رحمت ۾ موجزَن آهيان.

ڇِڪي خيال خُود ڇاتُم، خُوديءَ سان خُود کي سُڃاتُم،
تہ سڀ ڪم پاڻ تو ناهيان، هِن بَحرِ عَظمتَ[3] ۾ موجزن آهيان.

شرابِ شوق پُر وَحدت،[4] پيتُم نوشِ[5] نُورُ ڪان اَحديت،[6]
ڏنو ساقيءَ بِسم الله، هِن بحرِ شَفقتَ[7] ۾ موجزن آهيان.

"مُحمّدؐ" نانءُ تو ڌاريان،[8] هَر مَظهر[9] ۾ تو گذاريان،
هر گِلِي بازار ۾ آهيان، هِن بحرِ مِلتَ[10] ۾ موجزن آهيان.

---

(1) راز. (2) موجون ڪندڙ- لَهرون هڻندڙ. (3) وڏائي- شان. (4) الله ﷻ جي هيڪڙائي. (5) جام- پيئڻ جي مزيدار شئي. (6) هيڪڙائي. (7) مِهر- پيار- رحم. (8) رکان ٿو- اَٿم. (9) نظاري- ڏيک. (10) ميلاپ- پَنٿ- مذهب- راهَ.

فارسي شعر

(1)

مئے پرستی من بہ کردم، ایں طریقۂ رمز رنداں،
از کفر مارا پسندے، ایں طریقۂ رمز رنداں،
دور شدم ز راہِ شریعت، ایں طریقۂ رمز رنداں،
در فنائے پس بقائے، ایں طریقۂ رمز رنداں،
مغاں مہدی مہر "محمد"، ایں طریقۂ رمز رنداں۔

[مَئي پَرستِي مون ڪئي، هِي آ طريقو رَمز رِنداني،
ڪفر کان مون کي پسند، هِي آ طريقو رمز رنداني،
پري ٿيس راهِ شربعت کان، هي آ طريقو رمز رنداني،
آهي فَنا کان پوءِ بَقا، هي آ طريقو رمز رنداني،
مَهدِي مُغان جي مِهر "مُحمّد"، هي آ طريقو رمز رنداني].

(2)

باخودی در بے خودی، باخبر پوشیدنم،
بادل بہاراں برق باراں، برسات بر پوشیدنم،
گنجہ غنچہ غیب گفتہ، گونِ گل پوشیدنم،
عشق ازلی لمٗ یزلی، حال ہمہ پوشیدنم،
راز "محمّد" موج معنیٰ، پرشدہ پوشیدنم۔

[خوديءَ سان بيخوديءَ ۾، باخبر آهيان لِڪَلُ،
بادل بَهارُن بجلي بارش، برسات ۾ آهيان لڪل،
گَنجَ مُڪڙِي غَيبَ گُفتي، گُلَ رَنگَ ۾ آهيان لڪل،
عشق اَزلِي لازَوالِي، هر حال ۾ آهيان لڪل،
"مُحمّد" رازَ معنيٰ مَوجَ ۾، پَربو پَرپُور آهيان لڪل]

مَدحَ حضرت سيّد عبدالقادر جيلاني
غوث اعظم - بادشاه پير دستگير رح

ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير،
توڪئون سوا وارث وَلِي، ناهين نمائي بينظير.[1]

يا سَيّدي سَرتاج عالم، عاجزن امداد ڪر،
بيڪَسَن[2] جو پَرَجهلو[3] تون، دائما[4] دلشاد[5] ڪر،
هِن وِلهي[6] ويران گهر، آقا اچي آباد ڪر،
ٿو مَنگي مَنگتو اوهان ڪئون، عشق جو اِرشاد[7] ڪر،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوث اعظم دستگير.

ٻُڏِڙِيءَ سَندو ٻيڙو تارِيُئِہ، ٻاجھ سان ڀَڳُڻَ[8] اچي،
رمز سان رُئندِيءَ رَهايُئِہ،[9] مرد مُحڪَم تون مَڃي،
سال جو ٻيڙو ٻُڏل، ڪيئن بَحر مَئون آيو بَچي،
مُلڪ ۾ مشهور ٿي، اِها ڳالھ سَيّد جي سَچي،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

سَنيِري[10] هِتئون معراج تي، مِير مُرسَل جي هليو،
تو قَدمُ قُربانَ ٿِي، پاڪ حضرت (ص) جو جَهليو،
تنهنجو قدم ڪُل پِير تي، چاهئون چَوَڻَ سان ٿي چَليو،
جسم جي ناهين جدائي، روح رهبر سان رَليو[11]
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوث اعظم دستگير.

دانهن دلبر مان تو دَرِ، وينو کيان راتيون ڏينهان،
ڪَنِ پون قادر اڳيئون، هِن ڪَمياڻيءَ[12] جون ڪِيهان،
بس ڪيان تو ڪِينڪِي، رڳ رڳ اندر راڙيُون[13] رِيهان،
سُڻ سُخَن تون سيگهه ۾، هِي وينتِيُون[14] والِي وِيهان،[15]
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوث اعظم دستگير.

صاف سِينو غير کئون ڪر، قَلب جِي ڪارَنهِن[16] وڃاءِ،
خيال خطرا وَهمَ وائڙا، حال سان هادي هَٽاءِ،
نِينهَن جو نازڪ نشو ڏي، نند نيڻن جِي ڦِٽاءِ،
بره جِي بانڪا بَتِي تون، جوش مئون جلدي جاڳاءِ،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوث اعظم دستگير.

ٻولَ ڪيئن ٻڪرار سان، پاڙِيو اچي تو پَهر ۾،
وِيرَ تون وَهلو[17] آئين، قُربَ سان ئي قبر ۾،
چوه[18] مئون تنهن کي ڇڏائِيءِ، هو ويچارو قَهر ۾،
جيڪي هئا ميرا مَندا[19]، لوڙهي ڇڏيا تو لَهر ۾،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوث اعظم دستگير.

روزِ اَزل آهين مِٺا، مَحبُوبُ رَبُّ الُعالِمِين،
وارَ جِي ڪا وِٿِ[20] ناهين، واصَل بِاللهُ[21] تون واصلِين،[22]
مَٺُ نہ آهي ڪو تُنهنجو، اَحسن[23] اَعليٰ تون عارفِين،[24]
دارَينَ ۾ ٻيو ڪونہ ڀانيان، سَيّد سچا تو سالڪِين،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

دَستُ[27] مون آهي سدا، دوست تو دامانَ[28] ۾،
رک شَرمُ تون شيرَ لَجَ، مون کي رکج اَمانَ ۾،
توکي نٿا جيکي ڄاڻن، غافل رهن گُمانَ ۾
تو ڏانهن جيکي آهن سچا، فائق[29] رکين فَرمانَ[30] ۾،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

شَرفُ[31] تنهنجو شان شاهِي، اعليٰ آهي اَفلاڪَ[32] تي،
مَنجِهه مِرن ۽ پَکِن ۾، خاص خَلقَتَ خاڪِ تي،
ديوَ مَلڪَ، حُوران، پَريُون، حيران ٿيا ڪُل هاڪَ[33] تي،
نالو نِشانبَر[34] آ نُمايان، لائق سڄي لولاڪَ[35] تي،
ڪر مدد منهنجي اچي يا غوثِ اعظم دستگير.

سُوالَ جي سُوالِي ڪٿي، تو دَرَ مٿي داتا اچن،
ڪِينَ ڪِي خالي ڪڏهن، مُفت سي موٽيا وڃن،
هَرهَر اچن ٿا هيڄَ[36] مَئون، هرگز ڪڏهن نا هَٽن،
فَيضيابِي فَضُل سان، جيڪا گهُرَن سا ٿا لَهن،
ڪر مدد منهنجي اچي يا غوثِ اعظم دستگير.

تو سَدا ساريان، وِساريان نا تو جيلاني جُوانَ،
سِرُ صَدق[37] ڪيان مال مَڏيون، جِسم تو تَئون جِيءُ جان،
هِن ڏُکِيءَ کي تون ڏيارِج، دوست داتا ڌِرو[38] دانُ،[39]
ڪر ڪَرمُ ڪامل اچي، ٿئي مشڪل منهنجي آسانُ،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

مِهر مَٺون تو مُعجزا، لکين کيا اظهار بِي،
عالَم سڄي ۾ عِبرَتانُ، نادِر نِسَنگ نروار بِي،
طالبن تو سان کيو، کيڏو کٽي تکرار بِي،
صُنعانَ جهڙي سالکَن، پاتو ڳچيءَ زُنارُ[40] بِي،
کر مدد منهنجي اچي يا غوثِ اعظم دستگير.

حاتم سَخا ۾ چا لڳي، تنهنجي اڳيان کجهہ بِي ناهين،
نوشيروان عدالت، اصل سا اَبتر[41] آهي،
طالِيس، اَفلاطون، لُقمان، بُقراط، بس کَمتر[42] آهي،
تنهنجو قدم کُل جي مٿان، بالا بلند بَرتَر[43] آهي،
کر مدد منهنجي اچي، ياغوثِ اعظم دستگير.

تُرتُ کيان طَوافُ توکي، کعبو سمجهي مان کَٺر،[44]
مان بہ هکڙو ناهيان، کيئِي کندا بندا بَشر،[45]
نانگَ تو نِوائيا، تُنهنجي شوق ۾ شائق شَجَر،[46]
هر جنس تي سجدا کري، شان کي شام و سَحَر،[47]
کر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

مؤلا سَندي مَذکُورَ[48] جو، اِسرار توکي سڀ عَيانُ،[49]
بيرنگي بالا بِشارَتَ،[50] باطُون[51] بيحد بي بَيانُ،
تعريف جي طاقت ناهين، کَهڙِي کري کَهڙِي کَيانُ،
لُونءَ اندر ۾ لُطفَ سان، لاتِ لاشَک پيو لَنوانُ،
کر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

شَمس[52] و قَمَر[53] قربان ٿيا، تارا ڪَتيُون تابش[54] حُسن،
تيز تَجلِي آ تَنين ڪئون، جيئن ہَري بجلي بَتِن،
اوڙَڪ[55] زمين اَفلاڪ تي، رنگ راز رونق روشن،
مُشاهدي[56] مَحبُوبَ جي، دَهشتَ وڌِي دَرِ عَدن،[57]
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

مون مِٺي مَحبُوبَ جا، نيڻ نازڪ جن ڏٺا،
ڪندِ، مصري، ڪير، ماڪيءَ ڪئون، آهن بيشڪ مِٺا،
سي سِڌا سامهون اچي، دؤڙ سان دڳَ تي بيٺا،
سِڪَ وارن ڪي سڏي، چاهَ مئون ڏِنِ[58] ٿا چِٺا،[59]
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

رُستَم جهڙا رِندَ ڪيئي، دَرَ تي گَدائِي پيا ڪَرِن،
بهرام بانڪا ڪن پيا واڪا، دارا توڙي سڪندر هُجِن،
شَب و روز زاري ذوق سان، سِر نِوايُون پيا نِوَن،[60]
ياڳَ تن جا ٿيا ڀَلا، ديدار ۾ دِيدان[61] رَکِن،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

هر حال ۾ حاضر آهي، هِيڻن مٿان هَٿڙا رکي،
دير دَمُ هڪڙو ناهي، پيهِي[62] اچي پانَهُ[63] پَڪي،
ڏي سَڏي سُرڪِي تو ساقي، چاش چاهَئُون جو چَکي،
ٿيا مِـڙئِي مَقصُودَ تَنهنجا، لاتِ لالَڻَ جي لَڪي،[64]
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

تون پيرَ ڏي پاڪَرَ[65] مون کي، قُربئون اچي ڪامِلَ ڪَهِي،[66]
سَيرُ سُبحانَ الّذِيٓ،[67] ثابت ڪيان سارو صَحِي،
تو سان هجان گڏ گُفتگو، رمز ۾ رهبر رَهِي،
وِڪَ وَڏِي اڳتي وجان، مان وِيرَ وحدت ڏي وَهِي،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

ننگَ پالُ آن، لَجَ پالُ آن، راهَ ۾ رهبر رَسِين،
سَڏڙا سُڻِين سڀ جا سائين، بغداد ۾ وارث وَسِين،
تون رُلِيَن جو رَهنما، پارَس پرِين پَنڌڙا ڏَسِين،
آءُ سِڱهو وَرنَهَ[68] وري، دَيُوثَ[69] کي دلبر دَسِين،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

پرتِ جو پيالو پِري ڏي، مَئِي سَندو مَخمُورُ ڪر،
ڏي نِينهَن جو نايابُ نَشو، برِهَ ۾ پَرپُورُ ڪر،
موُج مَستِي حال سان، ماهِ لَقا[70] مَسرُورُ[71] ڪر،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

وَحدتِي ويساهَ سان، والِي وِلايَتَ وِيرُ تون،
روزِ اَزل کئون تون آهين، پارَس پيارو پِيرُ تون،
ڏي سَچائِي ڪَڏُ ڪَچائِي، ثابت رکين شَل سِيرُ[72] تون،
آهين اَبوجهن آسرو، دانَهَ[73] سدا دِلڏِيرُ[74] تون،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

دَفترِي دِيوانُ[75] تون، مَهندارُ[76] آن مُختيارُ[77] آن،
ڪُل پِيرَن جو پِيرُ تون، يا پَروَرَ[78] پَڳدارُ آن،
تون دلبري داتا دلاوَرَ، دل سندو دلدارُ آن،
تُنهنجي مثل ناهي ڪو بيو، سُونهَن پريو سَردارُ آن،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

سُورَ جو آهيان سَتايل، غَمگِينَ جا غمڙا ڪَٽِين،
ڏي خوشي تون خَيرَ سان، اندر جِي اَڪڙِي پَٽِين،
ڪر نظر تون هِن نِماڻي، مَحبُوبَ مُنهن نا مَٽِين،
عيبَ مون لکين ڪيا، تون لُطفَ سان لالَڻ لَٽِين،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

درد جو دارُون نہ بيو، تو بنا ڪونهي طَبِيبُ،
هن منهنجي حال جو، هادي حافظ[79] تون حَبِيبُ،
اَحديَتَ[80] اِملاڪَ[81] جو، عَينُ[82] اَفضَلُ[83] تون عَجِيبُ،
تو جهڙو جنهن پِيرُ آ، تَنهنجو سدائين خُوش[84] نَصيبُ،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

تعريف جي طاقت ناهين، ڇا ڪريان ظاهر زبان،
ڇا لکي مان ڇا لِکان، بيحد بالا ٿيو بَيانُ،
قَلمَ سارا شَجَرَ ڪيان، مَس ڪيان ڪَون و مَڪانُ،[85]
اَنتَ[86] مئُون بي اَنتُ[87] اَحسَن،[88] شَرفُ اعلي شاهِي شانُ،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

تنگدستيِ لاهِ سپ، بند دروازا تون کولِ،
پاڻ کئون پاسي نہ ڪر دَمُ. رک سدا پنهنجي تون کولِ،[89]
اوجَهڙِ[90] اَوِيڙِي[91] راهَ کئون، چاڻَ پنهنجي سان تون چولِ،[92]
رَہُ سدا هِردي ۾ هردم، ٻَهگُڻَ مِٺِي ٻولِي تون ٻولِ،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

شُڪُر ٿيو هي خيال پورو، خير سان ٿيڙو خَتمُ،
هِن دنيا ۾ ڪيترو، رهڻو آهي هِتڙي دَمُ،
صابُ[93] پئي سائينءَ اڳيئون، هِن نِڪاري[94] جو نَظَمُ،
لک اُميدان تو رکان، قائم ڪندو قادر ڪَرمُ،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

منظور ڪر مقبول ڪر، هِيءَ ثَناگَرَ[95] جي ثَنا،[96]
سپ محتاجي لاهِ تون، بره جي بازِي بَناءِ،
"مُحمّد" مَداحِي[97] تُنهنجو، پارِ تنهن کي تون پَهچاءِ،
ڪوڏَ[98] مئون ڪَلمي سان هادي، همت ڪر هِتڙئون هَلاءِ،
ڪر مدد منهنجي اچي، يا غوثِ اعظم دستگير.

(470 چار سؤ سَتَرِ هو سالُ جڏهن،
تولَدُ ٿيو آ لَعلُ تڏهن،
خالي نہ ٿيندو خيالُ ڪڏهن.)
(سَنِ پيدائش، باد شاه پير دستگير 470 هہ)

"معنائون مَدحَ شريف"

- مَدحَ = ثَنا – تعريف.

(1) بينظير = بيمثال – لاجواب

(2) بيڪَسَن = بي سَهارَن- بيوَسَن

(3) پَرجَهلو = سَهارو- آڌار، حمايتي

(4) دائما = سدائين- هميشہ

(5) دلشاد = خوش

(6) وِلهي = سُڃي – ويران

(7) اِرشادُ = رَهنُمائِي- نيڪ هدايت

(8) ڀَهڳُڻُ = سُئن ڳُڻَن وارو.

(9) رَهائِڻ = نِڀائِڻ

(10) سَنيِرِي = تيار ٿِي

(11) رَليو = مِليو

(12) ڪَمياڻِي = ڪَم وارِي- حاجَ وارِي- ضرورتمَند- پورهيَتِ.

(13) راڙِيُون = رَڙِيُون.

(14) وينتيُون = مِنٿُون- التجائون-عاجزيون

(15) وِيهان= وِيهُون ڪرڻ- چيهُ- حَدَ دَرجي

(16) ڪارَنهن= ڪارڻ- ڪَٺُ- خُوارِي.

(17) وَهِلو = تڪڙو- جلدي.

(18) چوه = تيزي- طُوفان.

(19) ميرا مَندا = بُرا بُڇڙا – گهَٽِ.

(20) وِٿِ = وِڇوٽِي- مفاصلو- فرق- وِٿِي.

(21) واصِل بِالله = الله سان مليل.

(22) واصِلين = الله سان مليل- محبوب سان مليل.

(23) اَحُسَن = سُٺو- سُهڻو.

(24) عارِفِينُ =عارف – معرفت وارو.

(25) دارَين = ٻئي جَهانَ.

(26) سالِڪِينُ = سالِڪُ- سلوڪ وارو.

(27) دَستُ = هَٿُ.

(28) دامانُ = دامَن – پَلئُ.

(29) فائق = مٿاهون – بلند مرتبہ.

(30) فَرمانَ ۾ = حُڪُم ۾- تابع.

(31) شَرفُ = بزرگِي- خُوبي – برَترِي.

(32) اَفلاڪَ = آسمانَ.

(33) هاڪَ = مشهوري-نيڪ نامِي.

(34) نِشانُبَرُ = ظاهر – پڌرو.

(35) لولاڪَ = "جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ هِي آسمانَ بہ نہ خلقيان ها" رسول الله ﷺ جي شان ۾ الله ؏ فرمايو- (حديث قدسي)

(36) هيجَ = چاهَ- شوق- پيار- لاڏ.

(37) صَدقُ = صَدقو- گهورَ ڪرڻ

(38) ڏهِرو = ٻيٽُو.

(39) دانُ = خيرات – بخشش.

(40) زُنارُ =مذهبي نشاني طور ڳچيءَ ۾ هارُ يا ڌاڳو- هندو ۽ يهودي پائيندا آهن.

(41) اَبتَر = خراب – تباهُ- بيوس.

(42) ڪَمتَر = گهٽ- اَدنيٰ.

(43) بَرتَر = تمام سُٺو – اعليٰ- اُوچو.

(44) ڪَٿَر = وڏيڪ – فائدو.

(45) بَشَرَ = انسانَ

(46) شَجَر = وڻ ٽِڻ.

(47)سَحَر = پرهَ ڦُٽي — فَجر- اَسُر.

(48) مَذڪُورُ = ذڪر- بيان.

(49) عَيانُ = ظاهر.

(50) بِشارتَ= خوشخبري.

(51) باطُون = باطِن- ڳُجهہ — اَندرُ.

(52) شَمس = سِجُ.

(53)قَمَر = چَنڊ.

(54) تابش = گرمي — تَپش.

(55) اوڙَڪ = ڇيهُہ- حَد.

(56)مُشاهدي= ديدار — ڏسڻ.

(57) دَرِ عَدَن = عَدَن بِهشت ۾ .

(58) ڏِن = ڏِيَن.

(59) چِنا = چِنيُون-خط- خُوشخَبريُون.

(60) نِــوَن = نِمن- جُهڪَن-نوڙَن.

(61) ڏِيدان = ڏِيڏُون- اکيون.

(62) پيهِي = اَندر اچي.

(63) پانَهَہ = لائق — سُورهيہ- پَهلوانُ.

(64) لَکي = محسوس ڪري- سمجهي.

(65) پاڪَر = زِرهَ- مرشد کان مليل وڳو- خِرقو.

(66) ڪَهِي= پنڌ ڪري- سفر ڪري.

(67) سُبۡحَانَ الَّذِیۡ= اُن پاڪ ذات.

(68)وَرنَهَ = سُونهَن سو پيا وارو.

(69) دَيوثُ (ع) = دَئُوسُ- بيغيرت.

(70) ماهِ لَقا= چنڊ جهڙو خوبصورت.

(71) مَسرُورُ = خُوش.

(72) سِيــرُ= پاڪُدامنِي- سَـتُ.

(73)دانَہَ = داناءُ- سياڻو- ڄاڻُو.

(74)دِلڏِيرُ = دِلا سو- ڏَڍُ.

(75) دِيوانُ = پَڙهيل ڪَڙهيل-خزانچي، اعليٰ عملدار.

(76)مَهندارُ = اڳواڻ — رَهنُما.

(77) مُختيار =اِختيار وارو-سَربراه.

(78) پَروَرُ= پاليندڙ.

(79)حافِظُ= حفاظت ڪندڙ.

(80) اَحديَتَ= وحدانيت- اڪيلائي.

(81) اِملا ڪَ= ملڪيت- سَرمايو.

(82)عَينُ= هُوبَهُو-ساڳيو.

(83) اَفضل = بُزرگ- وڏو — بَرتَر.

(84) خُوش=سُٺو-سُهڻو.

(85) ڪَون و مڪانُ= دُنيا — سَنسارُ.

(86) اَنتُ = پڇاڙِي- خاتمو.

(87)بي اَنتَ= ختم نہ ٿيڻ وارو.

(88) اَحسَن= سُٺو — سُهڻو.

(89) ڪولِ= ويجهو — پاڻ وَٽِ.

(90) اَوَجهڙ= ڏکي واٽَ- اَٽانگو رستو.

(91)اويڙي = ڏُکي- وَر وَڪَڙ واري.

(92) چولَ= چال- هَلڻِي- ٽورَ.

(93) صابُ = سَجايو- قبول.

(94) نِڪارو = بي ڪَمُو-اجايو-بيڪار.

(95) ثَناگَــرُ= تعريف ڪندڙ.

(96) ثَنا= ساراه- تعريف.

(97) مَداحِي= ساراهَ ڪندڙ.

(98) ڪوڏَ = شوق- پيار- لاڏ.

PDF Made By
Israr Ali Khan
Ghoto